


منزل نہ ڪو ماڳُ، اسين آديسيئڙا،
پري پنڌ اجهاڳ، آکيرا آکاس ۾.

(قمر شهباز)

# آڪيرا آڪاس ۾

(آتم ڪهاڻي)

رام بخشاڻي

قمر شهباز

سچائي اشاعت گهر

2014ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (116) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”آڪيرا آڪاس ۾“** آتم ڪٿا يا آتم ڪهاڻي آهي دبئي ۾ رهندڙ سنڌي اديب ۽ بزنس مين **شري رام بخشاڻيءَ** جي جنهن جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي قمر شهباز. هي ڪتاب پهريون ڀيرو 2003ع ۾ TAKING THE HIGH ROAD جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ڇپيو هو. جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو مرحوم قمر شهباز ڪيو، جيڪو 2005ع ۾ سنڌي اڪيڊمي دهليءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪتاب انگريزي توڙي سنڌيءَ ۾ گهڻو پسند ڪيو ويو. ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ٻيو ڇاپو 2013ع ۾ سڌارن ۽ ڪجهه بابن جي واڌاري سان ڇپيو. ڪتاب سنڌيءَ کانسواءِ هندي، گجراتي، مراٺي، مليالم ۽ اردوءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي ڇپجي چُڪو آهي.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر ڏڙو** پاران 2014ع ۾ ڇاپيو ويو ۽ مهورت ڪراچيءَ ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ شري رام بخشاڻي خصوصي طور شريڪ ٿيو. اسان ٿورائتا آهيون ليکڪ ۽ پياري دوست يوسف سنڌيءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

## اسٽاڪسٽ

- پڻائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد.
Cell#0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد.
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد.
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد.
- سنڌيڪا بڪ شاپ گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي.
- مهراڻ ڪتاب گهر گهنٽي ڦاٽڪ نيئر سپنا لان لاڙڪاڻو.
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو.

## سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر- 107

### حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : آکيرا آڪاس ۾
موضوع : آتم ڪهاڻي
ليکڪ : رام بخشاڻي
مترجم : قمر شهباز
سهڪار : ڊاڪٽر قادر سرڪي
ڇاپو : پهريون، (سنڌ ۾) اپريل 2014ع
ٽائيٽل ڊزائين : مور ساگر
ڪمپوزنگ : جهانزيب علي جوڻيجو
ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گهر_ دڙو فون: 0301-3640468
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650

قيمت: 600 روپيا

# ارپنا

مان پنهنجو هيءُ ڪتاب پنهنجي **امڙ ايشوريا بائي جي بخشاڻي** جي ساهه سڌير ساروڻين کي ارپيان ٿو. جنهن پنهنجي جيون جي ڏکين گهڙين مان مونکي اِهو سيکاريو تہ ماڻهوءَ جي ڏکين حالتن کي سمجهڻ ئي اصل مهانتا آهي.

هن مونکي اڏولپڻي سان اُپاريو پر افسوس جو مونکي جيڪا ڪاميابي ملي آهي، اها ڏسڻ جي لاءِ هوءَ موجود نہ آهي، مون هن جي زندگي جي تجربي مان ڪيترائي ڪارائتا سبق پرايا آهن.

هوءَ روشني جو ڪِرڻون هئي، ۽ سندس هر هڪ ياد منهنجي لاءِ روشن راهہ جي حيثيت رکي ٿي.

**رام بخشاڻي**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • پنهنجي پاران | يوسف سنڌي | 08 |
| • پيش لفظ | جي.پي واسواڻي | 09 |
| • خوبصورت سنڌ جي سپني جي ساپيان ڏيڻ جو رستو | نصير ميمڻ | 11 |
| • مهاڳ (پهرينءَ ڇاپي جو) | رام بخشاڻي | 16 |
| • ٻي ڇاپي جو مهاڳ | رام بخشاڻي | 21 |

**1. باب پهريون**

نئون ڏينهن نئين شروعات 25

**2. باب ٻيون**

نڊيپڻ 39

**3. باب ٽيو**

ٻڙودا ۾ پرورش 56

**4. باب چوٿون**

تاريخي شخصيتون 66

**5. باب پنجون**

درجي بندي 81

**6. باب ڇهون**

عربن سان تعلق 90

**7. باب ستون**

موتين جي ڳولها لاءِ غوطا 95

**8. باب اٺون**

انگريزي ڇاپ 105

**9. باب نائون**

نئين دور ۾ پهريون قدم 113

10. باب ڏهون
جيڪو ڏاڍو سوگابو 132
11. باب يارهون
جڏهن وهنوار ساک ۾ ڪارپٽ تي هلندو هو. 142
12. باب ٻارهون
زمانو ڪيترو به بدلجي حالتون ساڳيون ٿيو رهن 161
13. باب تيرهون
پنهنجي پسند جو سوال 179
14. باب چوڏهون
ڇا، سنڌين کي ڪو خطرو آهي يا سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي؟ 195
15. باب پندرهون
تبديليءَ جي ڪا منزل ناهي 206
16. باب سورهون
لاوارث پرواسي 228
17. باب سترهون
نئين پيڙهي نئين اميد 245
18. باب ارڙهون
ڪراڙوءِ وڏيڪ ڏاهو 260
19. پڇاڙي 270

- شڪرگذاري جا لفظ 275
- مختلف رايا 277
- پڙهندڙن جا خط 279
- جستجو جو روح ۾ روايتن کي فتح ڪندڙ: رام بخشاڻي — ايلين جيڪوب 280
- هڪ ڪامياب سنڌيءَ جي ڳٿا — يوسف سنڌي 283

# پنهنجي پاران

شري رام بخشاڻي جي آتم ڪهاڻي "آڪيرا آڪاس ۾" اوهانجي هٿن ۾ آهي. جيڪا پهريون ڀيرو 2003ع ۾ TAKING THE HIGH ROAD جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ڇپي هئي. جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو مرحوم قمر شهباز ڪيو جيڪو 2005ع سنڌي اڪادمي دهليءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪتاب انگريزي توڙي سنڌيءَ ۾ گهڻو پسند ڪيو ويو. ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ٻيو ڇاپو 2013ع ۾ سڌارن ۽ ڪجهه بابن جي واڌاري سان ڇپيو. ڪتاب سنڌيءَ ڪانسواءِ هندي، گجراتي، مراٺي، مليالم ۽ اردوءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي ڇپجي چُڪو آهي.

شري رام بخشاڻيءَ جي هيءَ آتم ڪهاڻي سندس زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙ آهي. ۽ مونکي جڏهن مانواري دوست نصير ميمڻ پڙهڻ جي لاءِ موڪلي ته مونکي بي حد وڻي ۽ منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته هي ڪتاب هر سنڌي نوجوان پڙهي. مون جڏهن اهڙو اظهار نصير ميمڻ سان ڪيو ته سندس به اهڙي ئي راءِ هئي. نصير منهنجي ان خواهش جو اظهار ڊاڪٽر قادر سرڪيءَ سان ڪيو جنهن شري رام بخشاڻيءَ سان ڪتاب جي سنڌ ۾ ڇپجڻ جي ڳالهه ڪئي. ايئن ڊاڪٽر قادر سرڪي به اسان سان اُن خواهش ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي ويو ۽ سچي ڳالهه اِها آهي ته جي ڊاڪٽر قادر سرڪيءَ جو ساٿ ۽ سهڪار نه هجي ها ته هي ڪتاب شايد سنڌ ۾ ڇپجي نه سگهي ها.

هن ڪتاب ۾ 2013ع واري ڇپيل انگريزي ايڊيشن ۾ جن بابن جو واڌارو ڪيو ويو هو انهن جو ۽ مختلف اخباري تبصرن ۽ ڪجهه وڌايل پئراگرافس جو سنڌي ترجمو نئين ٿيهءَ جي ليکڪ محترم اياز عليءَ ڪيو آهي. جنهن لاءِ آئون سندس دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان. ايئن اهو چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي ته سنڌ ۾ هن ڪتاب جي ڇپجڻ جو ڪريڊٽ ڊاڪٽر قادر سرڪي، نصير ميمڻ ۽ اياز عليءَ ڏانهن وڃي ٿو.

**يوسف سنڌي**

حيدرآباد

8 مارچ 2014ع

# پيش لفظ

ورلي ڪو اهڙو سنڌي ملندو، جنهن رام بخشاڻيءَ کي نہ ڏٺو هجي يا سندس نالو نہ ٻُڌو هجي. جيڪي ڪيس سڃاڻن، تن مان گهڻن جي نظرن ۾ هو هڪ عجيب طلسماتي شخصيت جو مالڪ آهي. منجهس سيپيتا ۽ سياءَ جا انيڪ گُڻ آهن. اٽل ارادو، وشواس، همٿ ۽ همدردي، نئڙت ۽ نياز، ميٺاج ۽ مضبوطي تہ منجهس آهي ئي آهي، پرسپ ڪان اُتم آهي سندس نماڻائي ۽ پاڻ ارپڻ جو جذبو. زندگي ۾ ان جي مشڪل مسئلن کي هو هميشہ مرڪ تي منهن ڏيڻ جو قائل آهي. سندس مُک تي سدائين مرڪ مرڪندي نظر ايندي، ساٿس ملڻ کٽي ڪير بہ اچي، هو ڪيس بہ ٻول پيار ۽ همٿ افزائيءَ جا ضرور چوندو. ڪيس ان ڳالھ ۾ پڪو وشواس آهي تہ انسان جي سچي دولت هن جنم ۾ ڪيل سندس چڱا ڪم ئي آهن.

رام بخشاڻيءَ جي آتم ڪٿا سنڌي جاتيءَ جي اڻٿڪ محنت، لگن ۽ اورچائيءَ جو انوکو داستان آهي. جيئن جيئن هو پنهنجي حياتيءَ جو حال ٿو اوري تہ لڳي ٿو تہ هو بي شمار سنڌي ڪٽنبن جي ويڙهاند جي تاريخ پيو بيان ڪري. پنهنجي جنم ڀوميءَ ۽ گذاريل ٻالڪپڻي جي سُرهن ڏينهن کان وٺي ورهاڱي جي وحشت تائين، جنهن ڪيترن ئي خاندانن جي خوشي ۽ خوشحالي کسي ورتي، ۽ شرنارٿي ڪئمپن ۾ گذاريل پيڙا جي پهاڙ جيڏن ڏينهن کان ويندي غربت جي انهن گهڙين تائين جو سربستو احوال ٿو ٻڌائي، جيڪي سنڌين پنهنجي سِرَ تي سهايون ۽ پوءِ پنهنجي اجهل ارادي، بهادريءَ ۽ همت سان اهو ڪجھ ڪري ڏيکاريو جو ماڻهن کي چوڻو پيو تہ هيءَ قوم پيدا ئي ڪاميابين لاءِ ٿي آهي.

سنڌ جي تاريخ ڏاڍي قديم آهي. سنڌو سڀيتا جي باري ۾ خيال آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ست هزار سال پراڻي آهي. سنڌي تمام گهڻا سڌريل ۽ تهذيب يافتہ ماڻهو آهن. هو جاکوڙي محنتي ۽ هنرمند آهن، ۽ منجهن همٿ، لگن ۽ وشواس جي کوٽ بنھ ڪانہ آهي. اڄ سنڌي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هڪ اعليٰ جاتي آهن، جن جات پات، رنگ، نسل ۽ مذهب ۽ ڌرم ٽوڙي قوميت جا سمورا ٻنڌڻ ٽوڙي پاڻ کي هرطرح آجو ڪري ڇڏيو آهي. توهان جتي بہ ويندا توهان کي ڪو نہ ڪو سنڌي ضرور ملندو، جيڪو هڪدم پيار ۽ پائيچاريءَ جو هٿ وڌائي توهان کي ڀليڪار چوندو. رام بخشاڻيءَ پنهنجي هن ڪتاب ۾ سنڌين جي انهن خوبين کي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ايشيا جي ٻاهرئين پاسي ٻڌل ٻن اهم ملڪن، دبئي ۽ جپان کي پڻ مڃتا ڏني وئي آهي. ليکڪ انهن ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ واڌاري جي تاريخ بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌين جي مُهم جوئيءَ

۽ جدوجهد جون ڪڙيون پڻ انهن ملڪن سان ملائڻ جي ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ ڪوشش ڪئي آهي.

سنڌين جي واپاري سُڌ بُڌ ۽ ديالوڪمن واري جذبي جي واکاڻ ڪندي، رام بخشاڻيءَ ڪي اهڙا اهم نُڪتا پڻ بحث هيٺ آندا آهن، جيڪي سنڌين جي آئندي لاءِ ڏاڍا ضروري آهن. ڇا، سنڌي دنيا پر ۾ ڦهلجي وڃڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ وڃائي ويهندا؟ سنڌين جي منڙي ٻولي، سنڌي هنر، ساهت، سڀيتا ۽ لوڪ ورثي جو ڇا ٿيندو؟ هن ڪي پڪ آهي تہ سنڌين جي نئين پيڙهي جيڪا خوشحاليءَ ۽ مالي سلامتيءَ واري ماحول ۾ پلي ۽ نپني آهي ۽ جي بدقسمتيءَ سان اهي ٻئي نعمتون سندن وڏن کي ڀاڳ ۾ نہ مليون هيون. انهن مسئلن کي منڙس تي منهن ڏيڻ جي قابليت رکي ٿي.

هن ڪتاب ۾ سنڌي عورتن جي پڻ دل کولي واکاڻ ڪئي وئي آهي ۽ کين مناسب مڃتا ڏني وئي آهي، جو تہ مايوسي ۽ نااميدي جي گهڙين ۾ اهي سنڌي عورتون ئي هيون، جن پنهنجن مردن کي جذباتي ساٿ ڏنو ۽ سنڌين جي تهذيبي سڃاڻپ کي زنده رکڻ ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو. سندن سهڪار کان سواءِ ننڍي کنڊ ۾ سنڌي ثقافت جي پاڙن کي پختو رکڻ ناممڪن ٿي پوي ها.

ڪابہ قوم اوتري ئي ترقي ڪري سگهندي، جيتري سگهہ ان جي ماڻهن ۾ اخلاقي قدرن جي بلنديءَ ۽ مقصد سان سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ سادگيءَ، پاڪيزگيءَ ۽ ڀڳتيءَ، همدرديءَ ۽ خدمت جي هوندي. ماڻهن جي سچي خوشي ”(Halibutus) هيليبسٽس چيو هو“، سندن ڪردار تي مدار ٿي رکي، سندن طرز حڪومت تي نہ ۽ ڪردار جون جڙون دل منجهان ڦٽي نڪرنديون آهن.“

شل اسان جي نئين پيڙهي پنهنجي چرتر کي سگهارو ڪرڻ جون خوبيون سکي ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان صدق جو سڳ ڳنڍي ۽ ان سنڌي سڀيتا تي فخر ڪري، جيڪا اسان کي وڏڙن کان وراثت ۾ ملي آهي. ائين ڪرڻ سان اهڙو آئيندو پائي سگهنداسين جنهن ۾ اميد هوندي ۽ اسان جي عظيم سرواڻن جي جدوجهد جو روح هوندو. اهڙي طرح ئي اسين اهي ماڳ ماڻي سگهنداسين، جن لاءِ اسان جي پياري جاتيءَ تواريخ جا دل ڏاڙيندڙ ڏاڍ ۽ صدما سنا آهن.

**جي. پي. واسواڻي**

ساڌو واسواڻي مشن، 2003ع

# خوبصورت سنڌ جي سپني کي ساپيا ڏيڻ جو رستو

ماناتتي سائين رام بخشاڻيءَ جو ڪتاب ”آڪيرا آڪاس ۾“ ذري گهٽ مُني صديءَ جي اتهاس جي ڪٿا آهي. دبئي ۾ جڏهن دوست قادر سرڪي اهو ڪتاب منهنجي حوالي ڪيو ته پنهنجي مصروفيتن کي ذهن ۾ رکندي سوچيو هئم ته تمام تڪڙو به پڙهيم تڏهن به مهينو ڪن لڳي ويندو. پر هي ڪتاب ايڏو ته موهيندڙ آهي جو سمورين مصروفيتن جي باوجود ان کي ڏيڍ، ٻن هفتن ۾ ئي پورو ڪري ورتم. هن دلچسپ ۽ نهايت جاڻ-ڀرئي ڪتاب کي هڪ ڀيرو شروع ڪرڻ کان پوءِ ڇڏڻ اوکو آهي. ڪتاب جيئن ته اصل ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو مرحوم قمر شهباز ڪيو آهي. سنڌي ترجمو ايڏو ته سلوڻو ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن سان گُٿيل آهي جو لڳي ٿو ڄڻ ته ڪتاب لکيو ئي سنڌي ۾ ويو آهي.

هي ڪتاب نه رڳو دبئي جي اوسر جي هڪ اکين ڏٺي گواهه پاران لکيل ڪهاڻي آهي پر ساڳي وقت سنڌي سماج جي ان دور جي ڪيترن ئي سگهارن ۽ اُتساهيندڙ پاسن کي رڪارڊ تي آڻڻ جي به هڪ شاناتتي ڪوشش آهي. اجوڪو سنڌي سماج جيڪو نراسيت جي هٿان نپوڙجي رهيو آهي، اُتي اتهاس جا هي اتساهيندڙ حوالا هڪ خوبصورت آئيندي کي جوڙڻ جو ڏس به ڏين ٿا.بدقسمتيءَ سان ورهاڱي وقت لکن جي ڳاڻيٽي ۾ سنڌي هندن جي لڏپلاڻ سان سنڌي سماج ۾ هڪ اهڙو ته پوائتو سماجي خال پيدا ٿيو. جنهن کان سنڌي سماج اڄ ڏينهن تائين جان آجي نه ڪري سگهيو آهي. رام بخشاڻيءَ جي هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿئي ٿو ته سنڌي هندو ڪيئن نه سنڌي سماج لاءِ معاشي طور ڪرنگهي جي هڏي بڻيل هئا. سندن اورچائي، ڏکين حالتن ۾ معاشي پاڻ ڀرائي لاءِ جاکوڙ جو جذبو ڏيساور جي لهه وچڙ، ڪاروبار ۽ وڻج واپار جي رمزن جي ڄاڻ ۽ مٽيءَ کي سون بنائڻ واري صلاحيت جيڪڏهن سنڌي ۾ موجود رهي آهي ته اهي اجوڪي سنڌ کي دبئي، سينگاپور، هانگ ڪانگ ۽ ڪوريا جي ٽڪر جو ملڪ بنائي پئي سگهيا. هي ڪتاب پڙهي اندازو ٿئي ٿو ته درحقيقت اجوڪي چمڪات ڏيندڙ جديد دبئي جا باني ته سنڌين هندو هئا، جن اتي جديد بنيادن تي ڪاروبار ۽ وڻج واپار جا بنياد رکيا. سنڌي هندن جون اهي سموريون صلاحيتون، خاص طور تي سندن اڻ ٿڪ پورهيي جا وچور پڙهي اندازو ٿئي ٿو ته

جيڪڏهن ورهاڱي وقت کين وطن جا وڻ نہ ڇڏڻا پون ها تہ سندن موجودگيءَ سان اڄوڪي سنڌ هڪ بنهہ مختلف ڏيک ڏيندڙ سماج هجي ها. ڊسمبر 1947ع جي پڇاڙڪن ڏهاڙن ۽ جنوري 1948ع جي شرعاتي ڏهاڙن جي ڳالهہ آهي، ڪراچي رت ۾ ٻڏل هئو سرحد پار کان آيل ڪلمي گوپائرن کي ان ڳالهہ تي ڪاوڙ هئي تہ سنڌ جو وڏو وزير ايوب کهڙو وڏيڪ پناهگيرن کي سنڌ ۾ ورسائڻ جي مخالفت ڇو ڪري رهيو آهي. قصو ايترو وڏي ڇڪو هئو جو ڏهين جنوري تي سنڌ سرڪار هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو تہ ڊسمبر ۾ 64 سکن کي قتل ڪرڻ واري وڳوڙ دوران مسلمان مهاجرن هندن جي جن دڪانن ۽ گهرن تي قبضا ڪيا آهن، تن کي اتان ڪڍي جائيدادون واپس هندن حوالي ڪيون وڃن. پر ڪو فرق نہ پيو ۽ ڏهن ٻارنهن ڏينهن ۾ 18 هزار وڌيڪ هندو ملڪ ڇڏي هليا ويا. تن ڏينهن ۾ ايوب کهڙي ڊان اخبار ۾ لکيل هڪ مضمون ۾ شهر جي صورتحال هن ريت ڄاڻائي: "جڏهن وڳوڙ ٿيو تہ ڪاروباري هندن جو هڪ ڊنل وفد يارهين وڳي ڌاري منهنجي آفيس پهتو. مون ان ئي مهل سپرنٽينڊنٽ پوليس شريف خان کي فون ڪئي ۽ ڪيس هدايت ڪيم تہ موقعي تي پهچي امن امان بحال ڪري. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ هندو دڪاندار وري مون وٽ پهتا ۽ ٻڌايائون تہ پوليس، وڳوڙ ختم ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ڪارروائي نہ پئي ڪري، مارا ماري ۽ ڦرلٽ جو سلسلو جاري آهي. تنهنڪري آئون صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ پاڻ موقعي تي پهتس. مون اتي ڏٺو تہ سپرنٽينڊنٽ پوليس صرف ڏهن ماڻهن سان 500 ڄڻن جي هجوم اڳيان بيٺو هئو. مون ڪراچيءَ جي آءِ جي کي فون ڪئي پر ان جو ڪٿي بہ ڏس پتو نہ مليو."

ورهاڱي وقت اٽڪل ساڍا چار لک آباديءَ واري ڪراچي شهر ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ 61 سيڪڙو هئا، جڏهن تہ اردو ڳالهائيندڙ صرف 6 سيڪڙو هئا. ڌارين جي آيل يلغار جي نتيجي ۾ چند سالن اندر اهي انگ اکر ابتا ٿي ويا ۽ 1951ع جي آدمشماريءَ موجب اردو ڳالهائيندڙ 50 سيڪڙو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي صرف 6.8 سيڪڙو هئي. سنڌي ڳالهائيندڙ هندو جيڪي ورهاڱي کان اڳ ڪراچي جي آباديءَ جو 51 سيڪڙو هئا، تن جو تعداد 1951ع ۾ صرف 2 سيڪڙو وڃي بچيو باقي سڀ لڏ پلاڻ تي مجبور ٿي ويا. ائين ڪراچيءَ ۾ سنڌين جون باقي بچيل علامتون بہ ختم ٿيڻ لڳيون. مقامي ماڻهن کي متروڪ ملڪيتن خريدڻ جي حق کان محروم ڪري ۽ سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪري، ڪجھ سالن اندر هن شهر جي سنڌي شبيهہ کي مڪمل طور بدلايو ويو. ننڍا وڏا ڪاروبار بہ ٻاهرين جي حوالي ٿي ويا، ڪوڙين سچين ڊگرين تي نوڪريون بہ سندن حوالي ٿي ويون. خصوصي فنڊن وسيلي قائم ڪيل صنعتون بہ سندن "هنرمند" هٿن حوالي ٿي ويون ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن کي ڏکي ٻهراڙين ۾ اڄگر جيان وات ڦاڙي ويٺل وڏيرڪي نظام ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

اڄوڪو سنڌي سماج ڪاهلي، نااهلي، شارٽ ڪٽ، مدي خارج وڏيرڪي روين، رشوت ۽ هٻچ جي

حوالن سان سُجاڳجي رهيو آهي. رام بخشاڻيءَ جي ڪتاب ۾ تڏهوڪي دور جي سنڌين بابت پڙهي اندازو ٿئي ٿو تہ سنڌي ڪيڏا نہ جاکوڙي ۽ همت ڀريا هئا. رام بخشاڻيءَ پنهنجي ڪتاب جي باب چوٿين ۾ لکي ٿو تہ ”ڪنهن بہ غير سنڌي آڏو سنڌيءَ جو لفظ اُچاربو مس تہ سندس ذهن ۾ هڪدم جيڪو پهريون خيال ايندو سو هي تہ هي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي سخت پورهيو ڪري، ڏک سک سهي، ڏينهن رات جاڳي، ڪاروبار وسيلي ڪنهن اُوچي پد تي پهچندا آهن.“

ليکڪ جا هي جملا سنڌي قوم جي اُن سجاڳپ جي عڪاسي ڪن ٿا جن کي اسان گذريل اڌ صديءَ دوران تيزيءَ سان وڃايو آهي.

هن ڪتاب مان هڪ ٻيو نتيجو چٽيءَ طرح ڪري سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ملڪ جا حڪمران دوررس سوچ رکندڙ سچا، وطن پرست، عوام دوست ۽ روشن خيال هجن تہ اهي پنهنجي ڏاهپ سان اهڙيون پاليسيون جوڙي سگهن ٿا جيڪي ڪجهہ ڏهاڪن اندر ملڪ ۽ عوام جي تقدير بدلائي سگهن ٿيون. دبئي جي حڪمرانن جي ان ڏاهپ ۽ وطن دوستيءَ جا اهڙا ڪيئي حوالا هن ڪتاب ۾ نظر اچن ٿا.

رام بخشاڻي ڪتاب جي باب ائين ۾ ان پسمنظر ۾ لکي ٿو تہ ” ڪي ٻيون بہ ڳالهيون هيون، جن دبئي جو شان وڌائڻ ۾ مدد ڏني. سڀ کان پهرين ۽ ضروري ڳالهہ هئي دبئي جي حڪمرانن جي کُلي ۽ سلجهيل سوچ ۽ دورانديشي. دبئي جي حاڪمن نون ايندڙن کي مفت زمين، ٽئڪسن کان ڇوٽڪارو ۽ جان ۽ مال جي حفاظت جهڙيون سهولتون آڇي سندن من موهي وڌو. ڪتاب جي نائين باب ۾ ليکڪ وڌيڪ تفصيل سان دبئي جي حڪمرانن شيخ راشد ۽ شيخ مڪتوم پاران انفرااسٽرڪچر جي اڏاوتن جا حوالا ڏنا آهن، جن جديد دبئي کي رِيس جهڙو ملڪ بڻائي ڇڏيو. ساڳي وقت دبئي جي هڪ اسلامي ملڪ هجڻ جي باوجود هر مذهب ۽ سوچ کي مان ڏيڻ واري سندن سگهہ کي بہ ليکڪ سندن ڪاميابي جو هڪ اهم ڪارڻ قرار ڏنو آهي. شيخ راشد جي ان رخ جي حوالي سان ليکڪ لکي ٿو تہ ”دبئي انهن ٿورين جڳهين مان هڪ آهي، جتي مسجد ۽ مندر هڪ ٻئي کان چند قدمن جي مفاصلي تي جُڙيل نظر ايندا. حاڪم جي سهپ ۽ ڪشاده دليءَ جو ان کان وڌيڪ سٺو مثال ٻيو ڪهڙو ملندو تہ مندر جوڙڻ لاءِ زمين خود واليءَ پاڻ دان ڪئي.“

بدقسمتيءَ سان اسان جي حڪمرانن کي جڏهن وڏا اسٽرڪچر ناهڻا هوندا آهن تہ وڏي خوشيءَ سان ان لاءِ دبئيءَ جا حوالا ڏيندا آهن. ڪين اهو پتو ناهي هوندو تہ دبئي جي ترقي جو راز اهي اڏاوتون نہ پر اهي عوام دوست پاليسيون ۽ ترقي پسند سوچ آهي. اهي اڏاوتون تہ ان سوچ ۽ بهتر رٿابنديءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيون آهن.

هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ دبئي جي حڪمرانن ڪيئن نہ عوام دوست

حڪمرانيءَ وسيلي هن ملڪ کي ترقيءَ جي نين منزلن تي پهچايو. جيتوڻيڪ دبئي جي ترقيءَ واري ماڊل تي سوال به اٿاري سگهجن ٿا. پر هتي اهم حوالو حڪمرانن جي عوام دوست سوچ ۽ ان تي سندن عمل آهي. اندازو ڪريو ته دبئي جي ميونسپالٽي 1958ع ۾ وجود ۾ آئي آهي ۽ دبئي جو انٽرنيشنل هوائي اڏو 1980ع ۾ ٺهيو آهي. ساڳي طرح دبئي جو سامونڊي پورٽ به 1958ع ۾ وڏن جهازن جي لنگر جوڳو ٿيو آهي. اڄوڪي سنڌ ۾ اهڙو انفرااسٽرڪچر ان کان ڪيئي سال اڳي موجود هئو. ڪراچيءَ جو سامونڊي اڏو 1854ع ۾ کليو آهي ۽ هوائي اڏو 1930ع جي ڏهاڪي ۾ اُڏامن لاءِ ڪتب ايندو هو. ان لحاظ کان اڄوڪي سنڌ کي ته دبئي کان سئو سال اڳتي هجڻ گهرجي ها. جيڪا ان جي ابتڙ دبئي کان سئو سال پٺتي نظر اچي ٿي. فرق رڳو عوام دوست حڪمرانيءَ جو آهي، جيڪا ورهاڱي کان پوءِ سنڌ لاءِ چڻ ته هڪ خواب بڻجي وئي آهي.

پيو ته دبئي جهڙين اڏاوتن جا حوالا ڏيندڙ حڪمران اهو وساري ويهندا آهن ته دبئي جي ڏٽين ڪيئن نه پنهنجي اصلوڪن رهواسين جي تاريخي حقن ۽ مفادن جي رکوالي ڪئي آهي. آباديءَ جو 71 فيصد حصو پرڏيهين تي ٻڌل هجڻ جي باوجود دبئي جي اصلوڪن رهواسين جو دبئي تي پهريون حق چٽيءَ ريت مڃيل آهي. ڏهاڪن کان رهندڙ ملڪي معيشيت جي ڪرنگهي جي هڏي هجڻ جي باوجود انهن لکين ماڻهن کي شهريت جو حق ناهي ڏنو ويو. ڪاروبار، تعليم، علاج، ڇپر ۽ زندگيءَ جي سمورين سهولتن ۾ اصلوڪن رهواسين کي رياست جي مڪمل سرپرستي حاصل آهي، جيڪا ڪنهن به پرڏيهيءَ جي تصور کان به ٻاهر آهي. ان جي اُبتڙ سنڌ عالمي يتيم خانو آهي، جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيئي مِلين غير قانوني پرڏيهي نه رڳو ترسيل آهن بلڪ کين مقامي شهريت به حاصل آهي ۽ اهي سنڌ جي اصلوڪن وارثن جي پيٽ ۾ هزار پيرا سکيو جيون گهارين ٿا. پاڪستاني وفاقي ڍانچو رياستي نظام ۽ حڪومتي طور طريقا اصلوڪن سنڌ واسين جي حقن جي چوويهه ڪلاڪ لتاڙ ڪن ٿا ۽ ان کي قومي مفاد ۽ اسلام جو نالو ڏين ٿا. دبئي ۾ مسلمان حڪمران جو ملڪ آهي، پر اتي اسلام جي نالي ۾ اصلوڪن رهواسين جي حقن جي اهڙي لتاڙ ناممڪن آهي.

سائين رام بخشاڻيءَ جي هن ڪتاب جو پيهر ڇپجڻ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي پڙهندڙن تائين پهچڻ تمام وقتائتو قدم آهي. اڄوڪي نراس ۽ سماجي ٽوڙي سياسي گهوٽالن ۾ گهيريل سنڌ جي نوجوانن لاءِ هي ڪتاب نهايت اُتساهه جو ڪارڻ بڻجندو. هيءَ ڪا سوين سال اڳ جي سنڌين جي ڪهاڻي ناهي، جنهن کي پراڻو ماضي چئي نظرانداز ڪري سگهجي. هيءَ ته رڳو ڪجهه ڏهاڪا اڳ جي سنڌين ۽ ان کان به گهٽ ڄمار واري دبئي جي اوسر جون حقيقتون آهن، جيڪي همعصر دور جي انهن سچاين ۽ حقيقتن جو حصو آهن، جنهن ۾ اسان اڄ به ساهه کڻون ٿا. اڄوڪي سنڌ جي نوجوانن،شاگردن،سياسي

ڪارڪنن، سماجي شعبي جي ورڪرن ۽ پاليسيون ٺاهيندڙن لاءِ هي ڪتاب رهنمائي ۽ اُتساهه جو وسيلو بڻجندو. هن وقت سنڌ کي اٿاهه نراسائيءَ مان ڪڍڻ جي لاءِ هن قسم جي ترقي پسند خيالن ۽ مواد جي ضرورت آهي، جيڪو سگهٽي نعريبازي يا سنڌپرستيءَ جي هٺرادي ماتم بدران اهڙن نوس حوالن ۾ جيئڻ جاڳندڙ مثالن سان سٽيل آهي. جنهن سان سنڌ جي آئيندي جون راهون ڳولهي سگهجن ٿيون.

اميد تہ سائين رام بخشاڻيءَ جي هيءَ ڪاوش هڪ خوبصورت سنڌ جا سپنا سجائيندڙ ۽ انهن کي ساڀيا ڏيڻ لاءِ جاکوڙيندڙ ۾ هر سنڌ واسي لاءِ اتساهه ۽ رهنمائيءَ جو ڪم ڏيندي.

**نصير ميمڻ**

اسلام آباد

آڪٽومبر 2013

# مهاڳ

**جيون ۾ ههڙو لقاءُ ڪڏهن نہ ڏٺم مسافر ايندا ٿا رهن پر ٽرين تہ ڪڏهوڪو ڇُٽي وئي.**

**جيمس بالڊون**

منهنجي ٽرين اڃا نہ ڇُٽي آهي نہ ئي پنهنجيءَ آخري اسٽيشن جو پليٽفارم ڪٿي نظر ٿو اچيم. ويجهو پوندو وڃي ٿو. اها پڪ اٿم، هر گذرندڙ اسٽيشن خوشيءَ جي ان احساس ۾ اضافو ڪندي ٿي وڃي تہ ڏکي سفر جو اهو حصو بہ گهٽ ٿيو.

ورهين کان اهڙي هر اسٽيشن تي مسافر ريل مان لهندا رهندا آهن ۽ ٻيا سندن جاءِ والارڻ لاءِ گاڏي تي سوار ٿيندا رهندا آهن. دل گهريا دوست، اجنبي ۽ پيارا. منهنجي حياتيءَ جا حصا، ڪي ويجها ڪي ڏور، ڪي گهرا ڪي ڇڊا، ڪن جيءَ ۾ جايون جوڙي ڇڏيون، ڪي ڪوريئڙي جي تند کان بہ سنها ۽ نازڪ. آيا ۽ پل ۾ اکين کان اوجهل ٿي ويا. ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا! اُن هوندي بہ اهي سڀ ڪُل جا جُز آهن. منهنجي زندگي جي ڪٿن مٺن تجربن جي سلسلي جي اڻ ڪٽ ڏور آهن.

ذهن جي پردي تي يادون، سڙڪ ڪناري ڪُتل ميل جي پٿرن جيان پنٽي ڊوڙنديون ٿيون وڃن. ماڻهن، جڳهين، اميدن ۽ مايوسين جا رنگين چٽ آهن، جي رنگ بدلائيندا ٿا رهن. زندگي تہ هڪ ڏکو سبق آهي. جيڪو سچ پُڇو تہ ڪنهن کي زباني ياد ئي ڪونہ ٿيو هوندو. پل توهان اعتبار ۽ ڀروسي جون ٽوٽيون ٽنيا هر بار آزمائيندا رهو پر پوءِ بہ من گهريون مرادون ڪٿي ٿيون ملن؟ جتي اڪثر پيار ۽ پنهنجائپ، آشا ۽ اميد جي بدلي ڏک ۽ نراشا پلئہ پوي، اُتي لاچار سوچڻو ٿو پوي تہ ڇا دک ۽ دوکي جا هي ڏنپ وقت بہ ڇٽائي سگهندو يا نہ؟

ههڙن موقعن تي جڏهن سچ لهي چڪو آهي ۽ رات ڏوڪيندي پئي اچي، جڏهن پاڻ کي بيحد اڪيلا، اباڻڪا ۽ اپالا محسوس ٿا ڪريون، جڏهن ڪنهن جي لڳايل چوٽ پرم ۾ پوري ڇڏيو آهي، تڏهن اهو سوچڻ تي مجبور ٿا ٿيون تہ رشتن جي هن پڳل پريل ڍير جا اسان ڪيتري قدر ذميدار آهيون.

پر پل تہ اسان دل ئي دل ۾ انهن سيني ڳالهين کي مجون ۽ سٺي توڙي مٺي سان ناهہ ڪرڻ لا تيار بہ ٿي وڃون، اسان هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيون ٿا، جيڪو نہ فقط وڏيڪ مانو آهي، بلڪ دلي سڪون ۽ شانتي جو فرحت جهڙو احساس ڏياريندڙ پڻ آهي. ائين، جيئڻ سڀ جذبات تڏا تي چڪا هجن ۽ اسان

گوڙيلي هجوم کان پرپور ٿي، ٻاهر کان اندر جهاتي پائي ڏسڻ جي قابل ٿي ويا هجون. اهو عمل پنهنجي پاڻ ۾ پيهي پاڻ سڃاڻڻ جو آهي. هڪ دفعو سچ جي ساڃاهه اچي دل ۾ ديرو ڪيو ته پوءِ حياتيءَ ڪي ان جي اثر مان ڪيڻ محال ٿيو پوي.

اها انساني وس جي ڳالهه ناهي، اندر ۾ اُهاءُ اوچتو ٿيندو آهي. ڪنهن خاص وقت، جڳهه يا ماحول جو محتاج نه هوندو آهي. هڪڙي ڪيفيت آهي، جيڪا اسان جي وجود تي ڇانئبي ويندي آهي، ۽ هڪ ڏهاڙي اوچتو بنا ڪنهن وجهه جي، ساڃهه جو سوجهرو روح ۾ واسو ڪري ويندو آهي ۽ لڳندو آهي ته اسان پنهنجي حياتيءَ لاءِ جيڪي ماپا ۽ ماڻ مقرر ڪيا آهن ۽ جن ڪي اسان روزمره جو وهنوار ڇئون ٿا، يا مقبول محاوري ۾ سڌريل طرز زندگي سڏيون ٿا، سا ناڪافي آهي.

اهو احساس ايندي ئي بي آرامي، بي چيني، ٿڪاوٽ ۽ بيزاري جا بادل من تي مُونجهه بڻجي ڇانئجي ويندا آهن، پر هڪ دفعو ان مرحلي مان گذري وياسين ته پوءِ زندگي جي معنيٰ ئي بدلجي ويندي. ٻاهريون ڏيک ويک ڪوڙو ۽ ڪسارو پائنبو. دنيا جي چمڪ ڌمڪ جي ڪا اهميت نه رهندي. اندر ڇا آهي، اهو ئي سڀ ڪجهه ڀاسندو. پنهنجي ۽ دولت جي وچ ۾ فاصلو وڌندو نظر ايندو. دولت سان ڇا ڇا خريدي سگهجي ٿو ان جي حيثيت ئي نه رهندي. اهي قيمتي شيون جيڪي اسان وڏي شوق منجهان خريديون، اهي ڪاميابيون جي اسان وڏي جاکوڙ کان پوءِ حاصل ڪيون ۽ اهي سماجي درجا جيڪي اسان وڏي محنت سان ۽ وٺ وٺان ڪانپوءِ ماڻيا، سي سڀ اجايا، ڪوڪلا ۽ بيڪار لڳندا. نئين اُجالي اچڻ ڪانپوءِ انهن سيني شين سان نه پيار رهندو ۽ نه مٿن فخر ٿيندو. مان جڏهن پنهنجي اوسي پاسي نهاريندو آهيان، تڏهن ڏاڍي حيرت لڳندي اٿم ۽ ڏٽيءَ جيڪوڪجهه ڏنو آهي، ان تي سندس ٿورا مڃيندو آهيان. پالڻهار مون تي مهر جي نظر ڪري، پنهنجي ديا ۽ سخا سان مونکي ڏاڍو نوازيو آهي، پر سماجي رتبي جون شيون مون ڪي گهٽو ليائي نه سگهنديون آهن. مون اڪثر ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته زندگيءَ جي ڪنهن خاص درجي تي پهچڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي دل ڏن دولت ۽ شان شوڪت کان کَٽي ٿي ويندي آهي ۽ پاڻ وٽائڻ ۽ پڏائڻ جي گهرج باقي نه رهندي آهي. دلي آنند تڏهن ملندو آهي، جڏهن ڪابه تمنا نه رهي ۽ نه وري ڪا ڳڻ ڳوت يا پچار ئي رهي.

مٿين ڳالهين مان اهو مطلب نه ونجي ته ڪو اسان ناشڪرا آهيون يا وڏ ماڻهپي جي احساس ۾ وڪوڙجي ويا آهيون. دراصل اسان ڪي وقت جي اهميت، قدر ۽ قيمت جو صحيح احساس ٿيڻ لڳو آهي، ان ڪري ان ڪي اجايو وڃائڻ نٿا چاهيون.

جڏهن مان هي شروعاتي سٽون لکي رهيو آهيان، تڏهن منهنجي دل ۾ اها خواهش ڪَرَ موڙي جاڳي پئي آهي ته ڇو نه پنهنجي زندگيءَ جا تجربا لکي توهان ڪي به انهن ۾ ڀائيوار ڪريان ۽ ان ڪهاڻيءَ جو

تاجي پيتو اُٽي، تصوير ناهي ڏيکاريان تہ مون لاءِ پنهنجي گود ورتل ملڪ، دبئيءَ (گڏيل عرب اَمارات) سان گڏ اُيرڻ ۽ اُسرڻ، ۽ سندس ترقي واري جدوجهد ۾ سندس اَڻٿڪ حصو ٻڌجي رهڻ ڪيڏو نہ ڪنن ڪم هو.

منهنجي هن ڪتاب جو مقصد اهو ئي آهي. هڪ اهڙي سفر جو احوال، جو ڌرتيءَ جي گولي جي چوڌاري جاري آهي، پر سندس پاڙون پنهنجي وطن جي زمين ۾ پختيون آهن. اداڪار پال ايبنگٽن جا لفظ ٿا ياد اچنم. ڪنهن ڪانئس پڇيو تہ مئي پُڄاڻان توکي ڪهڙن لفظن سان ياد ڪيو وڃي جو توکي چڱو لڳي؟

وراڻيائين، ”اهڙو شخص، جنهن گهٽ هاڃو رسايو.“ مون کي ان ڪان وڌيڪ مناسب لفظ نہ ٿا سُجهن جن جي وسيلي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري سگهان. جيڪڏهن هي ڪتاب منهنجي باري ۾ ڪا ان قسم جي گواهي ڏئي سگهي ٿو تہ مون ماڻهن کي ڏک گهٽ ۽ سُک وڌيڪ پهچايو آهي تہ پوءِ مان خوشي سان چئي سگهندس تہ منهنجو پورهيو سجايو ٿيو.

مالڪ مون تي وڏي مهر ڪئي آهي. مادي طور مان ڏاڍو ڀاڳوان آهيان جو خوشحالي ۽ هوند جي ان ڏاڪي تائين پهتو آهيان، جتي هاڻي ڪنهن ٻي شي جي گهرج باقي نہ رهي اٿم. ٻين کي ڀل تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪاميابي جو اهڃاڻ لڳي، پر منهنجي لاءِ اهو منهنجي اڻٿڪ محنت جو اجورو آهي. مان پنهنجي خوشبختيءَ کي نہ تہ ڏڪار جي نظر سان ٿو ڏسان ۽ نہ وري ڪيس نظر انداز ٿو ڪريان، پر اندر جي اُڄ جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي، سا هنن معمولي شين سان اُجهائي نٿو سگهان. پوءِ ڀل تہ اهي ڪيتريون ئي قيمتي يا اڻلڀ چو نہ هجن.

جڏهن پنهنجي ڪٽنب تي نظر وجهندو آهيان، تڏهن پاڻ کي ڏاڍو بختاور ڀائيندو آهيان. منهنجي گهرواري پهاڙجيان سگهاري آهي ۽ منهنجا ٻار جوان ۽ پاڻ ڀرا، سمجهو ۽ دورانديش آهن. ڪين ڀليءَ پت چاڻ آهي تہ هنن کي پنهنجي زندگي ڪهڙيءَ ريت گهارڻ گهرجي. اسان لاءِ اها ئي ثابتي ڪافي آهي تہ ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت ۾ اسان پنهنجا فرض ضرور پوري طرح نڀايا آهن ۽ کين چڱي تربيت ڏني آهي. ان سڀ ڪجهہ هوندي بہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڪا اڻ جاتي بي آرامي آهي جا من کي ولوڙي پئي ۽ جيءَ کي جهنجوڙي پئي. ڪنهن اڻ ڏٺي اڻ جاتي جي تلاش آهي، جنهن کي اجا تائين ڪو نانءُ ڪو روپ، ڪا شڪل شبيهہ ڏئي نہ سگهيو آهيان.

مون هاڻي اهي ڏنڌلا، اڻچٽا اولڙا ڏسڻ شروع ڪيا آهن، جيڪي مون کي منهنجي ماڳ جي اڻ لکي سڃاڻ ڏين ٿا. ڪنهن ڏاهہ جو ڏس، سڪون جي تمنا، ڌرم ۾ پناهہ ڳولڻ جي چاهت منهنجي وجود کي وڪوڙيندي پئي وڃي. من اندر ڪا تار پئي تنواري تہ سرچاءُ ڪريان. پنهنجي پاڻ سان، ساري دنيا سان

۽ پنهنجي پالڻهار سان.

جيڪڏهن هن عمر ۾ ڪو پڇتاءُ اٿم تہ صرف اهو تہ سکڻ ۽ سمجهڻ، پڙهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ اڃا گهڻو ڪجهہ موجود آهي، پر وقت تمام ٿورو وڃي بچيو آهي. جوانيءَ ۾ وقت جهڙي قيمتي وِٿ کي اسين ڪيئن نہ بي درديءَ سان وڃائي ٿا ڇڏيون ۽ هاڻي جڏهن پوين پهر اچي پهتو آهي ۽ پل هيئان گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي، تڏهن هر پل ڏاڍو قيمتي ٿو لڳي.

منهنجي هيءَ ڳالهہ ڪجهہ قدر سوداين جهڙي تہ ضرور لڳندي، پر اهو سچ آهي تہ صبح جي سير ۾ مون کي نيون معنائون ۽ نوان مطلب نظر اچڻ لڳا آهن. پکين جي وڻندڙ مني لات، سج جا پهريان اُجلا ڪرڻا، لهندڙ سج جون پکڙيل ٽامي جهڙيون جهلمل لامون، وڻن مان ڇڻي ڳهُلندڙ سگند پري هير ۽ ڪارو مخملي آڪاش ۽ ان ۾ ٽاڪيل جرڪندڙ هيرا مون کي ڪو نئون الستي نياپو ڏيڻ لڳا آهن.

سچ تہ جڏهن منهنجو صبح پوڄا ۽ پرارٿنا، ذڪر ۽ فڪر سان شروع ٿئي ٿو ۽ منهنجو ذهن ڏاهپ جا سوين ويچار ڳڱر جيان ڇُهي ٿو، تڏهن مان ملول ٿي سوچيان ٿو تہ هيترا سارا سال مون آخر ڪيئن بيڪار ۽ بيسود ڳالهين ۾ برباد ڪري ڇڏيا؟ ڪو اهڙو ڪارائتو ڪم نہ ڪيم، جنهن تي اڄ ناز ڪري سگهان. بس، ڪچهريون، گوڙ شور ۽ يارن جي هجوم ۾ وقت وڃائي ڇڏيم. هر روز ساڳيون ڳالهيون، ساڳيا جملا، ساڳيا ماڻهو ساڳيو ماحول، ائين جيئن بجلي تي هلندڙ ڪسرت واري پٽي تي ماڻهو لڳاتار هلندو رهي پر ڪٿي بہ پهچي نہ سگهي.

ٻاهرئين ڏيک ويک جي متوالي ۽ مادي خوشين جي ڳولائو دنيا پنهنجيءَ جستجو ۾ مگن آهي. ماڻهو ڪاميابيءَ جا گُر ۽ هُنر ائين ٿا تلاش ڪن، جيئن ننڍڙا ٻار سمنڊ ڪناري ڪوڏ ۽ سپون ميڙيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي آسري ۾ رکڻ ڏاڍو سولو ڪم آهي.

مونکي The Sound of the Music (سنگيت جو آواز) جو هڪ گيت ٿو ياد پوي، جنهن ۾ شاعر ڪجهہ هن ريت چيو آهي:

”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ يا ننڍپڻ ۾، ڪڏهن ڪنهن هنڌ، ڪنهن سان ضرور ڪا ڀلائي ڪئي هوندي، جنهن جي بدلي ۾ مون کي هيتريون ساريون خوشيون نصيب ٿيون آهن.“

مان ان سان ملندڙ جلندڙ هڪ ديسي چوڻيءَ ۾ ڀروسو رکان ٿو تہ جيتوڻيڪ ڪرٽي پرٽي آهي، پر جيڪڏهن توهانجي دل ۽ ضمير صاف آهي تہ پوءِ حاسدن جي بري نظر توهان جو وار بہ ونگو ڪري نہ سگهندي. ڀلائيءَ جو ڪو معمولي ڪم، پوءِ ڪٽي اوهان بي ڌيانيءَ ۾ ئي ڇو نہ ڪيو هجي، زمين ۾ ڇٽيل ٻجَ سمان آهي، جنهن مان آخرڪار ڀلو فصل ئي لهندو. مون هميشہ ڪوشش ڪئي آهي تہ هٿ کليو رکان، پر ايترو جو احمق نہ لڳان؛ حساس ٿيان، پر ايترو بہ نہ جو ڪو ٻيو ان مان ناجائز فائدو وٺي وڃي، ۽

منهنجي اها به هر ممڪن ڪوشش رهي آهي ته ڏاهپ جي نڪتن ڪي عملي جامو پهرايان. انهن ڪوشش جا هر پيري دل گهريا نتيجا ملڻ ته ممڪن ناهن, ان هوندي به مون سدائين پنهنجي نيت صاف رکي آهي. جيڪڏهن فيصلي واري ڏهاڙي توريندڙ صرافن جي ساهمي جو چڱائيءَ وارو پُڙ ذرو به ڳرو نڪتو ته سمجهندس ته منهنجي زندگي سڦل ٿي.

۽ هاڻي جڏهن پنهنجون سموريون سوچون سهيڙي انهن مڙني سالن کي ياد ٿو ڪريان جيڪي گذري ويا, تڏهن ان سچائيءَ جو احساس ڪندي ڪجهه قدر جذباتي ٿي ٿو وڃان ته اهو سمورو سَمو ڪيئن نه پَرَ ڪري اُڏامي ويو. ڪتي ڪتي يادگيرين جو قافلو پٽڪي ٿو وڃي ۽ ذهن ۾ ڪي اونداها خال رهجي ٿا وڃن. ائين جيئن ڪنهن شرير ٻار چاٽي ٻجهي يادن جي ڪينواس کي هنڌان هنڌان اڪيلي ڦاڙي ڇڏيو هجي. نالا ۽ جڳهيون ياد ڪرڻ لاءِ ذهن تي ڏاڍو زور ڏيڻو ٿو پوي. چهرا پر مان لنگهي ٿا وڃن ۽ دور ڌُنڌ ۾ وڃائجي ٿا وڃن. واقعا ياد ڪريان ٿو پر انهن جو سلسلو برقرار رکي نٿو سگهان, ۽ جڏهن سمجهان ٿو ته وڏي جاکوڙ کان پوءِ پُرزو پنهنجي جاءِ تي نهڪي بيٺو آهي, تڏهن اوچتو ئي اوچتو پوري ڪهاڻي تاس جي گهر جيان ٻيهر اچي ٿي پٽ پوي. ها, البت ڪي واقعا, ڪي گهٽنائون, ڪي ڳالهيون ذهن جي ڪنڊن مان جيئن جو تيئن, صاف شفاف ۽ چٽيون, ڪوتي ڪڍي ٿو وٺان. هڪ هڪ گهڙي, هڪ هڪ پل, هڪ هڪ لمحو دماغ جي در ۽ ديوار تي ائين اڪوريل ٿو لڳي, جو حيرت ٿي ٿئي ته وقت جي دزا نهن يادن کي چوچهي نه سگهي آهي.

اهي ئي يادون, اهي ئي ڪهاڻيون, اهي ئي پل گڏ ڪري, ميڙي, چنڊي ڦوڪي مون هن ڪتاب جي پنن تي ڦهلائي ڇڏيا آهن. جيڪڏهن ڪي اهڙا پيارا جن منهنجي روح کي ڇهيو آهي ۽ جيءُ ۾ جاءِ جوڙي آهي ۽وجود تي وڙ ڪيو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ جا حقدار آهن, پر منهنجي ڪنهن ڪوتاهيءَ سبب رهجي ويا آهن, سي منهنجي ياداشت جي ڪمزوريءَ کي منهنجي مجبوري سمجهي مون کي معاف ڪري ڇڏين.

جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان تڏهن شام گهري ٿيڻ لڳي آهي. مون کي فقط اها ئي آس آهي ته هي پنا پڙهندي جڏهن توهان منهنجي حياتيءَ جا وٽندڙ توڙي گهٽ وٽندڙ واقعا پڙهو تڏهن جيون جي انهن اڻ وسرندڙ تجربن کي مون جيان محسوس ڪريو ۽ ان سموري سفر ۾ مون سان ساڻ رهو.

**رام بخشاڻي**

دبئي

# بي چاپي جو مهاڳ

**ڪجھ ڳالهين کي جلدي ۾ سکي ۽ سمجهي ناهي سگهبو. انهن کي سکڻ تورڙي سمجھڻ لاءِ گهڻو ڪجھ ڏيڻو پوي ٿو. اهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي ساديون بہ هجن ٿيون. پر بهرحال، ماڻهو اُن جي گهربل پروڙ حاصل ڪرڻ لاءِ عمر گذاري ڇڏي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو اهي ڳالهيون ڄاڻي وٺي ٿو تہ پوءِ اهي ڳالهيون ئي هن جي ڪُل زندگي جو اثاثو بڻجيو وڃن ٿيون.**

**ارنيسٽ هيمنگوي**

ويهين صديءَ جو عظيم اديب ارنيسٽ هيمنگوي (جنهن جي چاهيندڙن سندس مرڻ پُڄاڻان سندس ڪيترائي ڪتاب ڳولهي هٿ ڪري ورتا آهن) جو خيال آهي تہ وقت پيسي کان وڌيڪ معنيٰ خيز ئي هجي ٿو. نوبل پرائيز ۽ پوليزز پرائيز حاصل ڪندڙ هيمنگوي ائين بہ چئي ٿو تہ صرف وقت جي معرفت ئي زندگي جي اصل قدر ۽ ڪارج کي سمجهي سگهجي ٿو.

ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي مقصدن کي ڄاڻي سچي زندگي گذاريو ڇڏين ٿا. زندگي جي مقصد مان هڪ ڳالھ انتهائي معنيٰ خيز هجي ٿي. سوال آهي تہ زندگيءَ جي اها معنيٰ خيزي ڇا هجي ٿي؟اوهان ، زندگي جي مختلف ڏاڪن تہ هجڻ سببان، انهيءَ سوال جا ڪيترائي جواب ڏئي سگهون ٿا. جيتوڻيڪ زندگي جي اها معنيٰ خيزي ماڻهوءَ جي مذهبي عقيدي جي بنيادن تي تبديل ٿي سگهي ٿي. ڪلچر تورڙي اخلاقيات بہ انهي جواب ۾ فيصلاڪنتو ڪردار ادا ڪن ٿا. پر بهرحال، مان پنهنجي زندگي جي وڏي حصي گذارڻ ڪانپوءِ ائين پڪي ويساھ سان چئي سگهان ٿو تہ ڪو بہ ماڻهو پنهنجي زندگي معنيٰ خيز انداز ۾ تڏهن ئي گذاري سگهي ٿو. جڏهن اها پنهنجي پسند سان گذارڻ چاهي ۽ اها اوهان جي پسند ئي هجي ٿي.

بين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي تہ زندگي سواءِ پسند ۽ نتيجن ڪانسواءِ بيو ڪجھ بہ ناهي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ان لاءِ پاڻ هندستان جي هڪ تاريخي رزميہ ڪهاڻي مهاڀارت جو مثال پڻ وٺي سگهون ٿا. جنهن ۾ هڪ اهڙو منظر ڏيکاريو ويو آهي. جنهن ۾ پاڻ ۾ جنگ ڪندڙ ٻن ڌرين پنداواس(Pandavas) ۽ ڪارواس (Kauravas) کي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي. ٻئي ڌريون ڪرشنا وٽ پهچي، الڳ الڳ ماڻهن جي چونڊ ڪن ٿيون. پندواس ارجنا جي چونڊ ڪري ٿو. جڏهن تہ ڪارواس وري دريودهايا جي چونڊ

ڪري ٿو.

ڪرشنا انهن کي چونڊ ڪرڻ جي کلي دعوت ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ هي اُن لاءِ پاڻ کي بہ پيش ڪري ٿو. پر هن جو شرط آهي تہ ويڙهہ دوران ڪو بہ هٿيار وغيرهہ نہ کڻندو. قطع نظر ان جي، ڪير کٽندو ڪير هارائيندو. ان ڪانسواءِ هو ڏرين کي يڏوا جنگجو وارن جي بٽالين (Battalion of Yadava ) جي بہ آڇ ڪري ٿو. ارجنا کي ڪا هبڪ هٿڪ نہ ٿي. هن ڪرشنا جي چونڊ ڪري ورتي. جنهن کي جنگ جي ميدان ۾ ارجنا جي جنگي گاڏي / رٿ هلائڻي هئي. هوڏانهن دريودهانا (Duryodhana) يڏوا جي جنگجو وارن جي چونڊ ڪري وڏي خوشي محسوس ٿي ڪئي. تنهن ڪانسواءِ هن جو اهو بہ خيال هو تہ ارجنا ڪرشنا جي چونڊ ڪري ڪل جوڳو ڪم ڪيو آهي، جو ڪرشنا امڪاني طور تي ڇا ڪري سگهندو. جيڪڏهن هن جو ويڙهہ وڙهڻ جو ڪو ارادو ئي نہ هوندو.

بهرحال، اسان سڀني کي انهي ويڙهہ جي نتيجي جي چڱي طرح سان پروڙ آهي. ارجنا جنگ کٽي ورتي ۽ دريودهانا پنهنجي قبيلي، خاندان ۽ بادشاهي جي تباهي واري نتيجي سميت جنگ هارائي ويو.

اسانکي بہ بلڪل ائين ئي، ڏينهون ڏينهن پسند ۽ چونڊ ڪرڻ واري مرحلي مان گذرڻو پوي ٿو. هر چونڊ توڙي پسند هڪ خاص نتيجي جي نشاندهي ڪري ٿي. ان ڪري، ماڻهو ڪئين ۽ ڪهڙي طرح جي چونڊ ڪري؟ مان سمجهان ٿو تہ ان جو بهترين طريقو اهو آهي تہ ڪهڙي چونڊ اوهان کي ڪهڙي بهتر نتيجي ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي. ائين ئي، دراصل، مان پنهنجي سڄي زندگي ۾ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مان پنهنجي زندگي جي ڪنهن ڏاڪي تي چونڊ ڪرڻ ۾ اڪيچار غلطيون بہ ڪيون هونديون. پر هڪ ڳالهہ مان پڪي ويساهہ سان چوندس تہ انهن غلطين بہ منهنجي ذهن ۾ سٺن نتيجن کي ئي پيدا ڪيو آهي.

ايئن چونڊ ۽ نتيجا ڪٺي، اوهان پنهنجي زندگي ڏانهن ذميوار رويو رکي سگهون ٿا. مان پنهنجي زندگي جي ارڙهن سالن جي عمر ۾ دبئي آيو هوس. منهنجي هن پسند ۽ چونڊ (جنهن مون کي دبئي جهڙي شهر ۾ آندو. جيڪو تن ڏينهن اڃا ٻاهرين دنيا ۾ ايڏو مشهور نہ هو) منهنجي سڄي زندگي کي مادي توڙي روحاني لحاظ کان بنهہ تبديل ڪري ڇڏيو.

زندگي جو هڪ ٻيو پاسو ۽ پهلو جيڪو مان زندگي جي هن ڊگهي سفر دوران حاصل ڪيو. اهو هي آهي تہ دنيا ۾ هر ماڻهو خاص طور تي اهو جيڪو ٻين جي قربت ۾ اڳتي وڌندڙ ۽ اُڀرندڙ هجي، ٻي کي متاثر ڪري ٿو. اها سوچ تہ ماڻهو نہ رڳو پاڻ پر ٻين ڏانهن بہ ذميوار هجي، زندگيءَ جي ذميداري جو بنهہ گهٽ ئي احساس اُجاڳر ڪري ٿي. بهرحال، اهڙي سوچ مون کي پنهنجي زندگي جي مقصدن توڙي ٻين ماڻهن سان تعلق واري ڳالهہ کي نئين سر سمجهڻ ۾ وڏي مدد مهيا ڪئي. مان صرف ائين ئي پانيان ٿو تہ

مان صرف الاهي طاقت جي هٿن جو هڪ اوزار ئي آهيان.

اهو سقراط ئي هو. جنهن چيو هو ته زندگي جو اهو موضوع ناهي ته اها رهڻ جوڳي ناهي. ڪيترو نه سچ چيو آهي سقراط. ان ڪريو اوهان صرف پنهنجي ذات جي امتحان جي ذريعي ئي پنهنجي حياتيءَ جو هڪ پرپور ڪردار ادا ڪري سگهو ٿا ۽ مان سمجهان ٿو ته پنهنجي ذات جي امتحان ڏيڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي ته اسان مان هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي لکي. اُن ڪهاڻي ۾ لکجندڙ هر هڪ لفظ اوهان جي زندگي جي امتحان جو ساک پريندڙ ئي هوندو.

اهو منهنجي لاءِ 2003 ع واري سال ۾ سچ پچ ته نهايت ڏکيو ۽ پيچيده ڪم هو جو مون پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي "(Taking the High road) لکڻ جو فيصلو ڪيو. منهنجي ويجهڻ رهڻ وارن مڙني ماڻهن جو خيال هو ته مون کي پنهنجي ڪهاڻي لکي اُن کي پڙهندڙن سان ضرور ونڊڻ گهرجي. انهي ڪم ۾ غلطان رهندي، مان خاص طور کي هندستان جي آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ واري، پنهنجي سنڌي جاتي جي ڪربناڪ تجربن(Harrowing experiences) کي به ڏنو. بهرحال، هي ڪتاب دبئي جي باري ۾ پڙهندڙن کي جهجهي چاڻ ئي آچي ٿو. ان ڪري، هن ڪتاب کي صرف ڪنهن هڪڙي فرد جي ڪهاڻي نه ٿو چئي سگهجي، بلڪ اهو ڪتاب انهن سيني ماڻهن جي ڪهاڻيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. جيڪي پنهنجي ترقي، اُپار ۽ ڪاميابي جي اڪيچار ڏاڪن تان گذري پهتا آهن.

هن ڪتاب جي حوالي سان نه صرف هتي جي واپاري برادري پر هندستان مان به مون کي توقع کان وڌيڪ ريسپانس مليو.تعليمي ادارن پڻ منهنجي ڪتاب کي اهميت جي نظر سان ڏٺو. جڏهن هندستان توڙي پاڪستان جي اڪيچار پبلشرن مون سان رابطو ڪري، اها ڳالهه رکي ته جيڪڏهن ڪتاب کي مقامي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ڇپرايو ويو ته ان کي گهٽي کان گهٽا ماڻهو پڙهي سگهندا.ائين سنڌي، گجراتي، مراٺي، اردو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ترجما مارڪيٽ ۾ اچي ويا آهن. ڪتاب جو مليالم ٻولي ۾ ٿيندڙ ترجمو تياري جي مرحلي ۾ آهي.

بهرحال، اهو منهنجي ڪتاب جو وڏي گرمجوشي سان ٿيل آڌرڀاءُ ئي هو. جنهن مون کي ڪتاب جي نئين ايڊيشن جي باري ۾ سوچڻ تي مجبور ڪيو. جيتوڻيڪ ڪتاب جي هن نئين ايڊيشن ۾ ڪي وڏيون تبديليون ته ناهن آنديون ويون. پر ڪن ضروري ڳالهين ۽ ويچارن کي جاءِ ضرور ڏني وئي آهي. اهو اڻ ٽر هو. چاڪاڻ ته ڪتاب جو نئون ڇاپو لڳ ڀڳ ڏهن سالن جي وٿيءَ ڪانپوءِ ظاهر ٿي رهيو آهي. ان وچ واري عرصي ۾ ڪيترين ئي شيون تبديل ٿي ويون آهن. هتي جي حڪومتي توڙي انتظامي نظام پڻ تبديل ٿي ويو آهي.

جڏهن ذاتي ۽ گهريلو حوالي سان پڻ ڪتاب ۾ ڪجهه تبديليون آنديون آهن. اُن دوران منهنجو پياءُ

هوتو گذاري ويو. جنهن پنهنجي جواني واري ڏهاڙن کان. منهنجي خاندان تي آيل ڏکين ڏينهن ۾ وڏيون اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن ڪتاب جي پهرين ايڊيشن اچڻ وقت منهنجي سڀ کان وڏي ۽ پياري ڌيءُ ريکا ننيڙي هئي. اها هاڻي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ جي ماءُ بڻجي وئي آهي ۽ پنهنجي واپاري مڙس سان تازو ئي گرينڊ ڪيمين آئليند (Grand Cayman Island) ڏانهن وڃي اُتي ئي رهائش اختيار ڪئي آهي. هاڻي هوءَ هڪ ماءُ ۽ هڪ زال جي ذميوارين سان منهن ڏيڻ سان گڏ پنهنجي تعليمي مقصدن کي حاصل ڪرڻ واري سوچ ۾ آهي. هڪ بيو واڌارو بہ ڪيو ويو آهي ۽ اهو منهنجي پي ايچ ڊي جي ڊگري_جيڪا واشنگٽن انٽرنيشنل يونيورسٽي آف آمريڪا وارن ڏني آهي. مان ائين چوندس تہ مان پنهنجي زندگيءَ جي يونيورسٽي مان ئي سبق سکيا آهن.

مان پنهنجي سمورن دوستن ۽ خيرخواهن جو ٿورائتو آهيان. جن مون کي پنهنجن نيڪ صلاحن سان همٿايو. ڪتاب جي هن نئين ڇاپي ۾ هڪ ٻي تبديلي ڏسڻ ۾ ايندي. اها هيءَ تہ ڪتاب جي هرباب ۾ ان جو موضوع سان ٺهڪندڙ ڪوٽيشن بہ ڏنا ويا آهن.

ڪتاب جي پهرين ڇاپي اچڻ کانپوءِ مونکي عالمي سطح جي سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ جون دعوتون پڻ ملنديون رهيون. اهڙي ئي هڪ دعوت مونکي ممبئي يونيورسٽي طرفان ڪرايل هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي ملي. جتي مون کي يونيورسٽي جي ڪيترن شاگردن, اُستادن ۽ والدين سان گڏ دانشورن ۽ اسڪالرن جي موجودگيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ پنهنجي خيالن جي اظهار جو موقعو مليو. مون جهڙي ماڻهو (جنهن ڪن مجبورين جي ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ وارو موقعو وڃائي ڇڏيو هجي) لاءِ اهو سچ پچ هڪ وڏو تجربو ئي آهي.

بهرحال, مان پنهنجي هن ڪتاب جو نئون ايڊيشن دبئي ۾ رهندڙن ماڻهن کي ئي ارپيان ٿو. جن کي وڏو فائدو اهوئي آهي, جو اهي دبئي جهڙي حيران ڪن شهر ۾ رهن ٿا.

## باب پهريون

# نئون ڏينهن، نئين شروعات

**اسان مان ڪي هر روز حالتن کي اهڙوئي ڏسندا آهن، جهڙيون ڪالهه ڇڏيون هئائون ۽ پڇندا آهن، ڇو؟ ٻيا حالتن کي ساڳيون نه ڏسندا آهن ۽ پڇندا آهن، ڇو نه؟**

رابرٽ ڪينيڊي

وقت يادگيرين جو چور آهي.

ماڻهو وقت جي واريءَ تي ماضي جي پيرن جا نشان ڏسندا آهن. اهڙيءَ طرح جيئن تصوير ۾ هر شيءِ صاف ۽ چٽي نظر ايندي آهي. پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ هوندي آهي. وقت کي يادگيرين سان مذاق ڪرڻ جي عادت آهي. چار ڏهاڪا اڳ جيڪو واقعو ٿي گذريو ان کي هوبهو جيئن جو تيئن ياد ڪرڻ سولو ڪم ناهي، ڏاڍو اوکو آهي. ماضيءَ جي چٽائي، چنچلتا، رنگ ۽ روپ، وقت جي ڪوهيڙي ۾ ڏنڌلا ٿي ويندا آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اوچتو ئي اوچتو ڪنهن پل ذهن ۾ ڪا ياد ترندي تڙگندي، لهرن ۾ لڙهندي، ڪلندي ڪڏندي، متاچري تي اُڀري ايندي آهي، پر ان ۾ اها تازگي، اها زندگي، اها گرمي نه هوندي آهي. بس، گذريل واقعي جي هڪ اڌ چٽي ۽ ٻي جان تصوير بنجي رهجي ويندي آهي، پاڇولي ۽ پڙلاءَ جيان.

ها، ماضيءَ جي يادن کي نئين سر جيئارڻ سولو ناهي. ان هوندي به يادون ڏاڍيون پياريون هونديون آهن ۽ انهن سان فرق پوي ٿو ڇو ته اهي ئي آئيندي جو رخ موڙڻ ۽ نئين سر جوڙڻ جي شڪتي بخشين ٿيون.

جڏهن مون پهريون پيرو دبئي جي ڌرتيءَ تي پير ڌريو تڏهن الائي ڇو پڪ ٿي ويم ته هتان موٽي واپس وڃي ڪونه سگهندس. بس، اهو ائين ئي هو جيئن اڪثر ٿي ويندو آهي. اتفاقي، اوچتو پل ڪن ۾ ڪن ڪيميائي جُزن جو پاڻ ۾ ملي وڃڻ. توهان کي ڪو ملڪ وڻي وڃي ۽ ان چاهت جو اوهان وٽ ڪو سبب نه هجي. شايد اهڙين جاين، ماڳن ۽ مڪانن کي پنهنجي هڪ آتما ٿيندي آهي، جيڪا توهان جي روح کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي آهي.

ها، دبئي اهڙو ئي شهر آهي جنهن کي پنهنجي آتما آهي، روح آهي، جسم آهي، جان آهي، حُسن آهي، جمال آهي.

انهن ڏينهن ۾ دبئي ۾ رَسڻ جو سڀ کان سولو ذريعو سمنڊ هوندو هو. زندگي جو اهو پهريون سفر مون پنجن ڏينهن ۾ طئي ڪيو. اسان جو جهاز سمنڊ ۾ پنج ڪلوميٽر پري لنگر انداز ٿيو ڇو ته ڪريڪ

(چاڙ) جو منهن سوڙهو هو ۽ اهو اندر اچي نٿي سگهيو.

وير چڙهيل هئي. تيز سامونڊي هوا پاڻيءَ ۾ هلچل مچائي رهي هئي. ڪناري ڪان هڪ عملدار اسان جا پاسپورٽ جمع ڪرڻ لاءِ جهاز تي مٿي چڙهي آيو. جن کي اُتي لهڻو هو انهن کي ٻڌايو ويو ته ڪين ڊاڪڻ وسيلي هيٺ بيٺل ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪناري تائين وڃڻو پوندو.

اهڙيءَ تيز هوا ۾ جيئن ٿي ٻيڙيءَ کي جهاز جي ويجهو آندو ويو ته اها سچي پئي لڏي ۽ لمي. اسان کي ڊاڪڻ رستي ان ڦٽڪندڙ ٻيڙيءَ ۾ لهڻو هو. سچ پڇو ته اهڙا پهلوانيءَ جاڪرتب ڏيکارڻ ڪان منهنجو ساهه پئي نڪتو. ڊپ پئي ٿيم ته جي ڪا معمولي غلطي ڪري وينس يا پير ترڪي ويم ته ڏو وڃي سمنڊ ۾ ڪرندس. سڀ ڪان وڌيڪ خوف مون کي پنهنجي سگهاري قدبت ڪان پئي ٿيو. انهن ڏينهن ۾ منهنجو وزن 125 ڪلوگرام هوندو هو جيڪو هاڻي40 ڪلوگرام گهٽجي ويو آهي. مٿان وري سون تي سهاڳو اهو ته سنو تارو به ڪونه هوس. اهي سڀ خيال ايندي ئي بدن کي ڪنبڻي وٺي ٿي وئي.

ڪريڪ انهن ڏينهن ۾ نه ايتري آباد هئي ۽ نه سڌريل. جيتري هاڻي آهي. وڏا سفيد رنگ جا ٻگهلا پکي سمنڊ جي لهرن تي پئي جهوليا. رکي رکي ڪوڪون ڪندا، پر ڦهلائي وٺي تي اڏاميا ۽ ڏاڍي وڻندڙ انداز ۾ لامارا ڏئي پنهنجي شڪار ڏانهن ٿي جهپٽيا. مختلف سائيز جون دنگيون ۽ ڊونڊيون، هوڙا ۽ ٻتيلا، ڪي سفيد ڪي رنگين، چاڙجي نيري سائي پاڻيءَ ۾ پوپٽن جيان پئي چلڪيا، چمڪيا ۽ تلڪيا. ڪن کي وري ناڪئن ڪنڌيءَ جي چڪ تي چڪي، پاهرڪيڊي ٻيهاري ڇڏيو هو.

۽ نانگن جيان وروڪڙ ڪائيندڙ ڪريڪ جي ٻنهي پاسي اڏيل هئي دبئي. گلف جي وينس. شهر تي جيڪا پهرين نظر پئي، ان جو عڪس منهنجي ذهن تي هميشه لاءِ اُڪرجي ويو. پري ڪان ڪنارو ائين پئي لڳو ڄڻ ڪنهن ڪاريگر چترڪارجي ناهيل امر تصوير هجي. مون کي هڪ گهڙيءَ لاءِ به محسوس نه ٿيو ته مان ڪنهن صحرائي ديس ۾ آهيان. خاص ڪري ان گهڙيءَ، جڏهن ٿڌڙي هوا پئي لڳي ۽ موسم وڻندڙ پئي لڳي.

ابرا (ٻيڙيون) سڄي ڪريڪ ۾ دوردور تائين ڦهليا پيا هئا، جن جا ملاح ڪين عجيب مڌرتا سان هوريان هوريان هاڪاري رهيا هئا ۽ مسافرن لاءِ واجهائي رهيا هئا ته اجهي ٿا ڪنهن سوق (مارڪيٽ) مان نڪرن، اڪثر سوق (بازاريون/مارڪيٽون) سڌين چٽين ۽ منگهن وارن گهرن جي پويان ٺهيل هئا. ان زماني ۾ ٻيڙين ۾ اجا موٽرن لڳائڻ جو رواج ڪونه پيو هو.

جڏهن لهر تي اُتي، تڏهن ڪناري تي جڙيل بلڊنگون، رهائشي عمارتون ۽ ڪچن گهرن جون قطارون ائين تي لڳيون ڄڻ پاڻيءَ ۾ پير پسائي رهيون هجن. عمارتون ڪي ايڏيون اوچيون به ڪونه هيون، پر ان جڳهه ۾ ڪا اهڙي ڪشش هئي جو ڏسندڙ کي ڪن ۾ هرڪائي تي وڌائون. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي خوشيءَ

جي تہ ڪا انتها ڪانہ هئي. مان ان زمين تي پهريون پيرو پير رکي رهيو هوس، جيڪا اڳتي هلي منهنجو ٻيو گهر ٻڻجڻ واري هئي. اهڙو گهر، جنهن منهنجي زندگي ۽ قسمت کي نئين سر جوڙيو. نئين راهہ ڏني، جنهن مون کي اهڙا موقعا مُهيا ڪري ڏنا، جن جي وسيلي مون پنهنجي لاءِ ڪامياب واپار جو بنياد وڌو.

اسان ان پتڻ تي لٿاسين، جنهن کي اڄڪلهہ ديوان اميريءَ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. تن ڏينهن ۾ اتي ڪسٽم وارن جون آفيسون هونديون هيون ۽ دبئي جو اڳوڻو حاڪم هزهائينس شيخ راشد بن سعيد المڪتوم مجلس لڳائيندو هو. اسان جو سامان دنگين وسيلي ساڳئي پتڻ تي آندو ويو. جنهن آفيسر اسان جا پاسپورٽ جمع ڪيا هئا، سو اڳ ئي ڪسٽم هائوس ۾ پهچي چڪو هو. پاسپورٽ تي ٺپا بہ پاڻ هڻندو هو.

تن ڏينهن ۾ دبئي تمام ننڍڙي جڳهہ هئي. ٻاهريان ماڻهو گهٽ ايندا هئا، ان ڪري ڪاغذي ڪارروائي بہ نالي ماتر ٿيندي هئي ۽ مسافرن کي جلدي اُڪلايو ويندو هو. ماحول ۾ هاڻي جهڙي ڇڪتاڻ ۽ ڇتڪتائي ڪانہ هئي ۽ غير رسمي وايومنڊل ۾ ڪم ڪار ڏاڍي فرحت سان ٿيندو هو. ٺپڻ لڳائڻ ۾ بہ دير ڪونہ ڪندا هئا. انتظار جو تہ نالو ئي ڪونہ هو. ان ڪري اسان کي سُتت ئي سامان سوڌو گهر وڃڻ جي اجازت ملي وئي، ۽ چيائون تہ پاسپورٽ تي ٺپو تمام ضروري هو ڇو تہ ان وسيلي ملڪ ۾ اسان جي موجودگي جي ثابتي ملندي هئي. باقي ٻيا ڪي فارم وغيره ڀرڻا ڪونہ پوندا هئا ۽ نہ وري ڪي ڪاغذ پٽ ڏيڻا پوندا هئا. ها، البت نئپو مسافرن جي پنهنجي سهوليت لاءِ تمام ضروري سمجهيو ويندو هو. ڪسٽم وارا سامان پڻ چيڪ ڪونہ ڪندا هئا. ڳورو سامان کڻڻ لاءِ حمال هوندا هئا، جيڪي گهڻو ڪري بلوچ هئا. اهي حمال سامان ڍوئي گهرن تائين پهچائي ايندا هئا.

جلد ئي مون کي انهن سخت جسم وارن مزورن جي اهميت جو اندازو ٿي ويو. هو ڳورا بار پنهنجي مٿي يا پناڙن تي کڻي هڪ جڳهہ کان ٻئي جڳهہ تائين پهچائيندا هئا. ائين کڻي چئو تہ هو ساهہ واريون ڪرينون يا فورڪ لفٽر هئا، جن جي ڪري بازارن ۾ سامان جي اچ وڃ جاري رهندي هئي. مون کي اڄا تائين دروڳي نالي هڪ ڪلمڪ حمال جو چهرو ياد آهي جو پنهنجي هنر ۽ چرچائي طبيعت سبب دوڪاندارن ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويندو هو. اصل نالو تہ الائي ڇا هوس، پر سڀئي سڏيندا هئس دروڳي. دروغ بلوچ زبان ۾ ڪوڙ کي چئبو آهي ۽ دروغي ٿيو ڪوڙو. مذاق ۾ نالو پئجي ويس ڪوڙو. هر ڪو پيار ۾ چويس، اڙي ڪوڙا، دروڳي، خوش تہ آهين نہ؟ اڙي دورڳي، هو سامان تہ منهنجي هٽ تي پهچائي اچ. هو خوشيءَ خوشيءَ، کلندي ڪڏندي، اهو ڪم ڪري ايندو هو.

بلوچي ٽوپي ۽ ڳوڻ پائيندو هو. صبح جو سوير جيئن ئي مارڪيٽ کلي، دروڳي اڳ ۾ ئي موجود. جيتوڻيڪ سندس ساٿي حمال توڙي ٻيا مٿس ٺٺوليون ڪندا هئا، تنهن هوندي بہ هو مٿن ڪاوڙ ڪونہ

ڪندو هو. بلڪ مرڪي پنهنجي ڪم ڪي جُنبي ويندو هو. هن جي ان محنتي طبيعت سبب هو واپارين ۾ ڏاڍو مقبول هو. اڳتي هلي اهو ڪلٽو رلٽو ملٽو ماڻهو حمالن جو ليڊر بڻيو. ڪنهن جي محنت اجائي نه ويندي آهي.

ولفريڊ ٿيسيگر Wilfred Thesiger، صحرا جي مها ڄاڻو ليکڪ ۽ کوجيءَ، پنهنجي 1945، 1950ع دوران ڪيل عربستان جي سفرن بابت لکندي، دبئي جي دلڪشيءَ، مارڪيٽ ۽ چاڙ جو ذڪر تمام سهڻي انداز ۾ ڪيو آهي. هن اگهاڙن پارن کي جهڳين پاهران رلندو ڏٺو. دنگين کي يا مقامي ٻوليءَ ۾ ’ابرن‘ کي مسافرن جي ڳولا ۾ سرگردان ڏٺو. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن اوچن پراون گهرن جي وچان لنگهندڙ سوڙهين گهٽين مان نڪري ٻاهر ايندا هئا. اهڙن گهرن جي مٿان چوڪنڊا بادگير چڙهيل هوندا هئا. گهرن جي پويان ڍَڪَ بازارون هونديون هيون. دوڪاندار پنهنجي وکر جي سامهون دِڪيءَ تي پلٿي ماري ويهندا هئا. اهڙي قسم جي رنگارنگي تهذيب ٿيسيگر کي موهي وڌو هو. ڪيس دبئي جا ماڻهو ڏاڍا نهٺا ۽ نياز وارا لڳا هئا، جن ۾ عرب شهري، هٿياربند بدو بلوچ، پري کان پڌرا، اوني ٽوپين وارا ايراني، هندستاني، ڪاشگري، قبيلائي ۽ سومالي شامل هئا. اهي ماڻهو وقت جو قدر ڪندا هئا ۽ گفتگو پڻ مختصر ڪندا هئا. ڪين مزي سان ڀرپور زندگي گذاريندي ڏٺو ويو.

رات ٿيندي ئي مارڪيٽ بند ٿي ويندا هئا. اها اڪيلي گهٽي سنسان ٿي ويندي هئي ۽ جڳهه جڳهه تي گاسليٽ جا فانوس روشن ٿي ويندا هئا. لهرن جي لولي ماحول کي ننڊاکڙو ڪري ڇڏيندي هئي.

انهن ڏينهن ۾ ڏوهه جو نالو نه ڇڻ ڪنهن ٻڌو ئي ڪونه هو. صرف هڪ پاڪستاني پوليس وارو، گُل سعيد نالي، ڊيوٽي تي رهندو هو. سعيد جا وار ۽ ڏاڙهي مينديءَ رتي هوندي هئي ۽ رات جو پنهنجي لٺ کٽڪائيندو چوڪيداري ڪندو هو ته جيئن ماڻهن کي خبر هجي ته هو ڊيوٽيءَ تي موجود آهي.

مجان ٿو ته جڏهن مان دبئي پهتس، تڏهن ذهني طور ڪافي پريشان ۽ مُنجهيل هوس، ڇو ته دنيا جي هن حصي ۾ اهو منهنجو پهريون سفر هو. هتي نه ڪو ساٿي نه سنگتي ۽ نه ئي وري ڪو قريبي رشتيدار هو. پر هتان جو دوستاڻو ماحول منهنجي لاءِ وڏي ڏڍ جو باعث بڻيو. آءِ.ٽي.ايل. ڪمپني، جنهن مون کي نوڪري ڏني هئي، تنهن پنهنجي هڪ عيوضي چيلارام ساجناڻيءَ کي مون سان ملڻ لاءِ ڪسٽم آفيس تي ڏياري موڪليو هو. پنهنجي هم زبان ۽ هم وطن کي ڏسي منهنجا ته سڀ ڏک دور ٿي ويا. سامان ڪنيوسين. سامان ڇا هو بس ٻن ٽن ٻين شين کان سواءِ هڪ جوڙو ڏاريدار پاجامن جو ۽ امڙ جي هٿ جي ٺاهيل منائي، جيڪا هن خاص منهنجي لاءِ ٺاهي هئي.

آفيس پري ڪانه هئي، ان ڪري چيلارام ۽ مان پنڌ روانا ٿياسين. هاٽوڪي ابرا اسٽيشن (ٻيڙين جو پتڻ) جي ڀرسان، بَر دبئي ڪناري تي آءِ.ٽي.ايل. ڪمپنيءَ جي آفيس هئي. بر دبئي ۾ فقط هڪ گهٽي

هئي، جنهن ۾ عرب، ايراني، هندستاني ۽ پاڪستاني رهندا هئا. سامان يا تہ هٿ گاڏن تي ڍوئبو هو يا وري سگهارا بلوچ پنهنجي پٺيءَ تي ئي کڻندا هئا. گڏهہ گاڏا پاڻيءَ جا ٽين کٽي پيا گهٽيءَ ۾ هلندا هئا. سندن ٽلين جا سريلا آواز ۽ مالڪن جون هڪلون، هٿ گاڏن جي کڙکڙ ۽ مزورن کي ٽڪڙو هلڻ جا تاڪيد، اهي سڀ آواز گڏجي هڪ عجيب ماحول پيدا ڪندا هئا.

اهو سڀ ڪجهہ هو پر اجائي گپا گيهہ ڪانہ ڪئي. گهٽي چا هئي، ڄڻ تہ هڪ ڏکڻي بازار هئي، جنهن ۾ هر شيءِ پيئي هوريان هوريان چرندي هئي. ائين لڳندو هو ڄڻ الف ليليٰ جو ڪو خيالي ڏيکاءُ آهي، جو اصل جو روپ ڌاري زمين تي لهي آيو آهي.

اسان جي رهائش اجا ٿورو پريرو هئي، ان ڪري پهرين آفيس ۾ اچي لٿاسين. رستي ۾ ڏٺم تہ ماڻهن چيلارام کي بيهاري سلام دعا پئي ڪئي ۽ منهنجي باري ۾ پئي پڇيائون. لڳي پيو تہ شهر جا ماڻهو هڪ ٻئي کي چڱي طرح سڃاڻن پيا. منجهن ڏاڍي نياز نئڙت ۽ پنهنجائپ هئي ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ آتا پئي ڏٺا. اها هئي منهنجي پهرين راءِ هن شهر جي باري ۾.

شام تائين شهر جي هر ماڻهوءَ، خاص طور هندستانين کي منهنجي اچڻ جي ڄاڻ پئجي وئي. ننڍڙو شهر هو. خبر کي ڦهلجڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ لڳي. پلا شهر ۾ ڪو اجنبي اچي ۽ ماڻهن کي ڪل ئي نہ پوي؟ ڪوڙو ئي نٿي لڳو.

سچا سارا پنج ڏهاڙا جهاز ۾ واڙيل رهڻ ڪانپوءِ ٽڪ ۽ سستيءَ ڪان منهنجو بُرو حال هو ان ڪري سوچيم تہ هتي آفيس ۾ ئي ڪٽي ٿورو آرام ڪري وٺان، گهر پوءِ ويندس. مٿو پئي ڦريم ۽ جيئن اڪثر ڪنهن نئين ملڪ ۾ وڃڻ وقت ٿيندو آهي، ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيم. ويچاري چيلارام کي لک شابس هجي، چيائين تہ هل تہ ٻاهران ڪجهہ کائي اچون. بک بہ لهنديءَ ۽ طبيعت بہ وندري ويندءِ. دراصل چيلارام کي سگنو مل عدناڻيءَ، جيڪو ماڊرن ٽريڊنگ ڪارپوريشن نالي ڪپڙي جي واپاري جو مئنيجر هو ۽ جنهن ڪمپنيءَ جو مالڪ ڪشنچند عدناڻي هو تنهن اڳ ئي ڊنر جي دعوت ڏئي ڇڏي هئي. ان ڪري چيلارام مون تي زور پريو تہ مان بہ ضرور هلان ۽ هلي پنهنجي ڪمپنيءَ جي ماڻهن ساڻ ملان. سگنو مل دبئيءَ جو پڪو پختو مجيل واپاري ليکيو ويندو هو.

ڊنر کان اڳ خوب شراب واپرايو ويو. مهمانن جاني واڪر، ريڊ ليبل جا ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا. ڪيترا تہ هوش مان ئي نڪري ويا. مون پيتو ڪونہ، ٻين کي پيئندي ويٺي ڏٺم. جيڪي ڏيک اڳ فلمن ۾ ڏٺا هئم، يا ڪتابن ۾ پڙهيا هئم، سي هاڻي سچا پچا، جيئرا جاڳندا، اکين سان پي ڏٺم.

ڊنر ڪا خاص ڪانہ هئي. چڙن چانورن جي گڏاري جهڙو کاڌو هو. گوشت جي ٻوڙ جو ڪُنو هو ۽ عام رواجي روٽيون، جن کي خبوس پئي چيائون. نہ چمچا، نہ پليٽون. ديگچيءَ جي چوڌاري گول ٿاهي ويهي

رهياسين. روٽي پچندا، ڳُني مان پوڙيندا، ڪائيندا پئي وياسين. ائين گڏجي آڱرين سان کائڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو. منهنجي لاءِ سچ پڇو ته اهو منظر ڏاڍو عجيب هو ڇو ته ان کان اڳ مون ڪڏهن به ائين نه کاڌو هو. بڌايائون ته اهڙيءَ طرح گڏجي کائڻ هتان جي ماڻهن جي روايت آهي. ائين ڪرڻ سان محبت، دوستي ۽ ڀائيچارو وڌندو آهي. هھڙي ماحول ۾، ڏکين حالتن ۾ ۽ پرديس ۾ جتي لڳاتار موسم جي سختين سان جنگ جوٽڻي پوي، اتي هن طرح گڏجي رهڻ، کائڻ، کلڻ ۽ ڳالهائڻ سان دل کي وڏو دلاسو پئي مليو. مون کي اها رات اج به ياد آهي جنهن ۾ هڪ ٻئي تي پروسي، پيار ۽ برابريءَ جو عجيب نظارو ڏٺو هيم. پنهنجن پيارن ۽ گھروارن کان سوين ڪوهه پري، هن دوردراز ڏيهه ۾، هنن يارن مون کي اڪيلو ۽ ڌاريون محسوس ٿيڻ ئي ڪونه ڏنو.

مون کي اهڙي ئي سهاري جي ضرورت هئي. ان ماحول لاءِ ته مون واجهايو پئي، ڇو ته مان اجا ارڙهن سالن جو ڇڪيرو جوان هوس. پر گڏو گڏ نين ڏورانهين جي ڪري مون کي وڏن جيان ورتاءُ ڪرڻ جي به ضرورت هئي. منهنجي سر تي پنهنجي ڪٽنب جو وڏو بار هو ۽ ان فرض کي نباهڻ لاءِ پنهنجو ديس ڇڏي هيترو دور هليو آيو هوس.

دبئيءَ جي بلڊنگن جي هيٺئن حصي ۾ گهڻو ڪري دوڪان هئا ۽ مٿي وارو حصو رهائش لاءِ ڪم ايندو هو. دوڪان اڪثر چورس شڪل جا هئا. واپاري پلٿي ماري ويهندا هئا ۽ وڪر سندن چوڌاري هڪ ٻئي مٿان سٽيل هوندو هو. ڪي پاٽيا وري خالي ڪوڪن کي ٽيبل يا بينچ طور به استعمال ڪندا هئا. وڏو ڪوڪو ٽيبل ۽ ننڍو ڪوڪو اسٽول جو ڪم ڏيندو هو. بس، رڳو گاديلي رکڻ جي دير هوندي هئي، ڪوڪي مان ڏاڍو آرام وارو ڪوچ ٺهي پوندو هو. جيڪڏهن ڪوڪي جو مٿيون تختو ڪڍي ڇڏجي ته ڪٻٽ جو ڪم ڏيندو هو. جنهن ۾ وهي کاتا ۽ پيو سامان به رکي سگهبو هو. اڪثر دوڪانن مان گاسليٽ تي ٻرندڙ ٻتين، پسار ۽ وکر سان گڏ مصالحن جي ڪِسِمري ۽ پگهر جي تيز بوءِ پئي ايندي هئي.

مون کي بازار جي پر ۾ هڪ بلڊنگ جو مٿئين حصي ۾ رهڻ لاءِ ڪمرو ڏنو ويو جنهن ۾ فرنيچر بس نالي ماتر هو. سنان جاءِ ڪمري سان گڏ ڪونه هئي، ٻاهر سيڙهي جي لاءِ هڪ گڏيل باٿروم ٺهيل هو جنهن تي روز لائين لڳندي هئي. اٽئچڊ باٿ روم سهولت نه، عياشي سمجهيو ويندو هو جيڪا اسان جهڙن ننڍن ماڻهن جي نصيب ۾ ڪانه هئي.

پاڻيءَ جي روزاني ڪوٽا بدوئن کان يا ٻين نيڪيدارن وٽان ملندي هئي. اهو پاڻي جميره جي کوهن مان ڪڍي، گاسليٽ جي وڏن ڪنسترن ۾ وجهي، گڏهن جي پٺيءَ تي يا گاڏن تي کٽي گهر پهچائي ويندا هئا. گڏهه وڏ ۾ وڏ ٻه ڊبا کٽي سگهندو هو. جڏهن ته گاڏڙن ۾ ان کان گهڻو وڌيڪ سمائجي سگهندو هو. صفائيءَ جو پاڻي اسان پنهنجن ڪمرن جي ٻرسان رکيل ٽانڪين ۾ جمع ڪري ڇڏيندا هئاسين ۽ پوءِ

هئنڊپمپ ذريعي اهو پاڻي ڇت تي رکيل وڏي ٽانڪي تي چاڙهي ڇڏيندا هئاسين. ان زماني ۾ ڪو اهڙو طريقو ڪونه هوندو هو جنهن وسيلي خبر پئي ته مٿينءَ ٽانڪي ۾ باقي ڪيترو پاڻي بچيل آهي، ان ڪري اڪثر سنان ڪندي پاڻي ڪٽي ويندو هو ۽ ڏاڍي پريشاني ٿيندي هئي.

کوهن جو پاڻي سُڪي ويو ته بدو، پاسي وارن ہيٽن تي وڃي پاڻي وڏن پيپن ۾ ڀريندا هئا ۽ ڀيڙين رستي شهر ۾ پهچائيندا هئا. گهٽو ڪري ڇئن يا پنجن ڪنسترن مان هڪ وچولي ڪٽنب جو ڪم هلي ويندو هو. دبئي جي آبادي 1950ع جي آخري ڏهاڪي ۾ اٽڪل ٽيهه هزار هئي ۽ ڪين هر روز ٻارهن هزار ٽن پاڻيءَ جي ضرورت پوندي هئي. پاڻيءَ جي کوٽ سبب اسان لاءِ هڪ هڪ ڦڙو قيمتي هوندو هو ۽ ان جي بچت به اهڙي ئي ڪفايت سان ڪندا هئاسين.

بدو پاڻي کهڙي نموني هٿ ڪند اهئا، ان جا قصا هو اڪثر اسان کي ڏاڍي مزي سان ٻڌائيندا هئا. جڏهن مينهوڳي جي موسم ايندي هئي، تڏهن هو سڙهه جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا. بارش پوندي هئي ته پاڻي اوهيرا ڪري سڙهه تان ترڪندو سوراخ مان هيٺ وهڻ لڳندو هو. بدو ان پاڻيءَ کي جمع ڪندا ويندا هئا. ڪن خاص مهينن ۾ قبائلي ماڻهو صحرا ۾ پنهنجا لتا ڪپڙا يا ڪپڙن جون ليڙون وڻن ۽ ٻوٽن تي رات جو کولي وڇائي ڇڏيندا هئا. صبح جو اهي لتا ماڪَ ۾ ڀڄي ويندا هئا ته ڪين نپوڙي منجهائنئن پاڻي ڪڍي ڪنهن ٿانوَ ۾ سانڍي رکندا هئا.

بدو صفائيءَ جي پاڻي لاءِ هڪ دٻي جا چار آنا وٺندا هئا. ان زماني ۾ هڪ روپئي ۾ سورنهن آنا ٿيندا هئا. ظاهر آهي ته اهو پاڻي کارو هوندو هو. پيئڻ جي پاڻيءَ جا اٺ آنا وٺندا هئا. حالانڪ اهو به لوڻيانو هوندو هو پر وري به پيئڻ لائق هوندو هو. اها جدا ڳالهه آهي ته ان پاڻيءَ ۾ به مٿل مکيون، تڏا ۽ گپ مليل هوندي هئي، ان ڪري اسين ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڀرين ته ان پاڻيءَ کي خوب اوٻاريندا هئاسين ۽ پوءِ چڱي طرح ڇاڻي پيئڻ لائق ٺاهيندا هئاسين. بجلي به ڪانه هوندي هئي. برٽش بئنڪ آف دي مڊل ايسٽ ۽ ٻين يورپي ڪمپنين کي البت پنهنجا جنريٽر هوندا هئا. اِڳتي هلي ڪجهه ڪمپنين گڏجي بجلي سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم پاڻ تي کنيو. آءِ.ٽي.ايل. جنهن جو مان ملازم هوس، اها پڻ انهن ڀائيوارن مان هڪ هئي. ساڻس گڏ ٻيا ڀاڱيدار هئا: عريبين ٽريڊنگ ايجنسي، شورفا اسٽورس، محمد صالح ڪمالپور ۽ ڀڳواني واڌيي. هڪ پراڻو جنريٽر گري ميڪنزي وارن کان خريد ڪيو ويو ۽ بجلي جي سپلاءِ شروع ٿي، پر اها صرف ڀائيوارن پاڻ تائين محدود رکي. ان کان پوءِ اها حد وڌائي هڪ سئو دوڪانن ۽ رهائشي ڪوارٽرن تائين ڪئي وئي. ناصر عبداللطيف نالي هڪ مقامي واپاريءَ وري ديرا پاسي بجلي سپلاءِ ڪرڻ شروع ڪئي.

اسان لاءِ بجليءَ جا وقت مقرر هئا، صبح جو اٺين وڳي کان هڪ وڳي تائين ۽ شام جو ڇئين وڳي کان

اڌ رات تائين. جنريٽر ويچارو اڳ ئي پراڻو هو. مٿان پوندو هوس بار. سو گهڻو ڪري ڏتو پيو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ان جا پرزا لنڊن مان گهرائبا هئا. لنڊن ۽ دبئي جي وچ ۾ هوائي جهازن جي اچ وڃ شروع ڪانہ ٿي هئي. ان ڪري گهمي ڦري پهچڻ ۾ جيڪڏهن هفتا نہ تہ بہ ڏينهن ضرور لڳي ويندا هئا. منهنجي ڪمري ۾ هڪ پنکو ۽ هڪ ٽيوب لائيٽ لڳل هوندي هئي. ايتري گهٽي بجلي هوندي ئي ڪانہ هئي جو ايئرڪنڊيشنر هلائي سگهجن. مارڪيٽ ۾ گاسليٽ تي هلڻ وارا فرج ملندا هئا. بجليءَ کي تہ وڏي عياشي سمجهيو ويندو هو. جيڪا ڪي تمام ٿورا ماڻهو ماڻي سگهندا هئا. گهڻي ڀاڱي ماڻهو گاسليٽ ۽ ميڻ بتين تي گذارو ڪندا هئا. اونهاري ۾ جڏهن گرمي جوبن تي هوندي هئي ۽ پارو پنجاهہ سينٽي گريڊ تائين پهچي ويندو هو تڏهن ماڻهن جي حالت ڏسڻ جوڳي هوندي هئي. رڳو تصور ئي ڪٽي ڪريو تہ اسين ڪيئن سخت گرم ۽ گهميل گرمي ۾ بنا پنکي جي رهندا هونداسين. بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي تہ ماڻهو اهي سخت گرم مهينا ڪيئن گذاريندا هوندا. رات ٿيندي ئي گهڻا ماڻهو يا تہ پاڻيءَ جي ڪناري تي يا وري ڇت تي وڃي پناهہ وٺندا هئا.

اسان کي منجهند جا ٽي ڪلاڪ ساهيءَ جا ملندا هئا. پر اهي ٽي ڪلاڪ رحمت بجاءِ زحمت ثابت ٿيندا هئا، ڇو تہ ان وقت بجلي بند رهندي هئي. لنچ جو ٽائيم گذارڻ مشڪل ٿي پوندو هو. چوندا آهن تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. سو اسان مان ڪجهہ ساٿين ان جو بہ حل ڳولي لڌو. انهن سڄڻن اهو وقت سنتو ۽ چمپا ڪرپلاڻيءَ جي گهر پناهہ وٺڻ جو بندوبست ڪري ورتو. سنتو حيدرآباد سنڌ جو عامل هو ۽ برٽش بئنڪ ۾ وڏي عهدي تي نوڪري ڪندو هو. ان بئنڪ مان پوءِ ايچ.ايس. بي.سي. ٺهي. جيئن تہ دبئي ۾ اها هڪڙي ئي بئنڪ هئي، ان ڪري بئنڪ کي توڙي اُن ۾ ڪم ڪندڙن کي نہ صرف عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو پر منجهس ڪم ڪندڙ عملي کي ڪافي سهولتون پڻ مليل هيون. ڪرپلاڻي ان بئنڪ ۾ سينيئر عملدار هو ان ڪري کيس ايئر ڪنڊيشنڊ رهائش مليل هئي. سنڌس بجلي سڌي سنئين بئنڪ جي جنريٽر مان ايندي هئي. لنچ جي ٽائيم ۾ اسين ڪجهہ ساٿي سنڌس گهر وڃي ٿڌيءَ هوا ۾ ٿورو آرام ڪري وٺندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لنچ جا ٽفن بہ سڀ ساڻ کڻي ويندا هئاسين ۽ تيستائين وينا مزا ماڻيندا هئاسين. جيستائين وڃي ٻيهر ڪم جو ٽائيم ٿئي.

مون لاءِ دبئي اچڻ هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات برابر هئي. ان ڳالهہ کي چاليهن سالن کان مٿي وقت گذري چڪو آهي. تاريخ ياد اٿم، 18 نومبر 1959ع. ان ڪري اچو تہ ڳالهہ جي شروعات بہ اتان ڪريون.

مون کي دبئيءَ ۾ نوڪريءَ لاءِ خالي جڳهہ جي جاڻ بمبئي مان ڇپجندڙ هڪ سنڌي اخبار وسيلي پئي. بمبئي کي هاڻي ممبئي سڏيندا آهن. مون کي دبئي جي باري ۾ ڪابہ معلومات بنهہ ڪانہ هئي. شهر ڪيئن هوندو، حالتون ڪهڙيون هونديون، ماڻهو ڪهڙي قسم جا هوندا، ترقيءَ جا وجهہ ڪيترا هوندا،

اهڙي ڪابہ جاڻ ڪانہ هيم. جڏهن نوڪري جي اشتهار جي جواب ۾ درخواست پئي موڪليم، تڏهن جي ڪوئي چويم ها تہ نقشي تي دبئي ڏيکار تہ ٻڌائي نہ سگهان ها. انهن ڏينهن ۾ دبئي ايتري مشهور ڪانہ هئي. نوڪريءَ سانگي بہ هت ڪي گهڻا ماڻهو ڪونہ ايندا هئا. ايل ڊورادو جيان ڏوڪڙن ڪمائڻ جهڙو شهر اجا پوءِ ٿيو. پر مون لاءِ اهو اشتهار قدرت واري جي طرفان جڻ سوڪڙي تي آيو. مون هميشہ ملڪ کان ٻاهر ڪشنچند چيلارام (جنهن بمبئي ۾ ڪي.سي. ڪاليج ٺهرايو) يا ڪي.اي.جي. چوٿرمل ائنڊ ڪمپني جهڙي ڪنهن سنڌي ڪمپني لاءِ ڪم ڪرڻ جا خواب پئي لڌا. اها اتفاقي ڳالهہ هئي تہ ڪي.اي.جي. چوٿرمل ائنڊ ڪمپني آئي. ٽي.ايل.جي بزنيس پارٽنر هئي. آئي.ٽي.ايل جي اشتهار پويان مون درخواست ڏني ۽ اڳتي هلي سندن ملازمت اختيار ڪيم.

جڏهن درخواست جو فارم پئي ڀريم تڏهن اندر جي آواز پڪ ڏنم تہ اها نوڪري مونکي ضرور ملندي. چو تہ مون ۾ گهربل سڀ لياقتون موجود هيون. تجربو بہ ڪافي هئم. پر ان کان بہ وڌيڪ اهو تہ اهو ساڳيو ڪم آفيس اسسٽنٽ طور جيوتي لمٽيڊ ۾ ڪري چڪو هوس. جيوتي لمٽيڊ گجرات جي شهر ٻڙودا ۾ انجنيئرنگ سامان ناهڻ جي ڪمپني هئي. ٻڙودا جو هاڻي نالو آهي ودودڙا.

جيڪڏهن سنڌين جي روايت تي سوچيندئو تڏهن بہ منهنجي عمر ان نوڪري لاءِ مناسب هئي. 18 سالن جي ڄمار ۾ مان بزنس جي مقابلي واري دنيا ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪرڻ لاءِ بلڪل مناسب هوس. اسان سنڌ ورڪي (حيدرآباد سنڌ جا ماڻهو) جڏهن اسڪولي تعليم پوري ڪندا آهيون يا سورهن سالن جا ٿيندا آهيون تہ پوءِ هڪدم ڏنڌي ڌاڙيءَ کي لڳي ويندا آهيون. اسان لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي. اسان جا ابا ڏاڏا، جن هندستان کان ٻاهر وڃي واپار وڙو شروع ڪيو سي هميشہ ان عمر ۾ پنهنجن ٻارن کي پرڏيهہ موڪلي ڇڏيندا هئا. سنڌ ورڪين لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هوندي هئي، ڇو جو منجهانئن ورلي ڪو وڌيڪ پڙهڻ جو چاهہ ڏيکاريندو هو. سنڌ ورڪي پنهنجن نوجوانن کي ڪچيءَ کان ئي واپاري گُرن ۾ ماهر ڪري ڇڏيندا هئا، ان ڪري هو ڌنڌي واري ماحول ۾ پلجي جوان ٿيندا هئا ۽ پنهنجن وڏن کي ڏسي اهو سيکجهہ اڻ سڌي طرح سکي وٺندا هئا. جنهن وسيلي آخرڪار هو خود خانداني بزنس کي سنڀالڻ جي لائق ٿي ويندا هئا. منهنجو گهراڻو بہ ٻين کان مختلف ڪونہ هو. منهنجو پيءُ، جيوترام گهنومل بخشاڻي، جنهن کي مان دادا ڪوٺيندو هوس، جڏهن گذر ڪري ويو تڏهن منهنجي عمر ڇهہ سال هئي. هن پڻ ڪيترائي سال ڪئنري آئلينڊ، موراڪوءِ جبرالٽر ۾ ڪم ڪيو.

مون اڃان اسڪولي تعليم پوري بہ نہ ڪئي هئي جو پنهنجن چاچن ۽ ٻين مائٽن کي هانگ ڪانگ، سينگاپور ۽ نائجيريا ۾ اطلاع ڏئي ڇڏيم تہ هاڻ مان پرڏيهہ وڃڻ لاءِ تيار آهيان. موٽ ۾ چيائون تہ انهن ملڪن جي ويزا ملڻ ڪجهہ قدر آسان آهي، ڇو تہ اهي ملڪ ڪامن ويلٿ جا ميمبر آهن. پر انهن سيني

ڳالهين مان ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو ان ڪري مون فيصلو ڪيو تہ اپٽي گهوٽ تہ نشا ٽيوئي، هاڻي پاڻ تي ڀاڙجي ۽ دبئي وڃي قسمت آزمائجي.

سنڌي ڪمپنيون جيڪي پرڏيهہ ۾ ڪم ڪنديون آهن، سي گهڻو ڪري نوڪريءَ جا اشتهار سنڌي اخبارن ۾ ئي ڇپائينديون آهن. ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهہ ناهي، پر تجربي ٻڌايو آهي تہ ائين ڪرڻ وڌيڪ ڪارگر آهي. ملازمن لاءِ چڙوهڻ وڌيڪ چڱو هوندو هو ڇو تہ ٻارن ٻچن سان گڏ پرڏيهہ ۾ تمام گهٽيون ڏکيائون هونديون هيون. ڪن ملڪن جون حالتون سخت ۽ تڪليف ڏيندڙ هيون. اهڙن ملڪن ۾ رهائش توڙي گهروارن جي سار سنڀال لهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو هو. گهڻن جاين تي تہ ملازم پنهنجن مالڪن سان گڏ رهندا هئا، ان ڪري مالڪن کي اهڙن ماڻهن کي نوڪري ڏيڻ سولو لڳندو هو جيڪي ساڻن گڏ رهي سگهن. ساڳيءَ جاتيءَ جو هجڻ تہ ٻنهي ڌرين جي لاءِ فائدي وارو هو ڇو تہ مالڪ توڙي ملازم سولائي ۽ پنهنجائپ محسوس ڪندا هئا. پرديس ۾ اهڙي قسم جون ننڍيون ننڍيون ڪمپنيون ٺهڻ سان اهو بہ فائدو ٿيندو هو تہ ڏکئي وقت ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي رهندا هئا.

جنهن اشتهار جي مون ڳالهہ پئي ڪئي، ان ۾ نہ تہ پگهار جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايل هو ۽ نہ وري ڪم ڪار جي روپ ريکا متعلق ئي ڪجهہ چيل هو. مون کي چاڪاڻ تہ ڪنهن نالي واريءَ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو ان ڪري مون انهن ڳالهين جي پرواهہ ئي ڪانہ ڪئي. مون تہ سڀ ڪان هيئنئينءَ ڏاڪي تان شروعات ڪرڻ جو سوچيو هو.

منهنجو انٽرويو ڪي.اي.جي. چوٿرمل ائنڊ ڪمپني جي مئنيجر ايس.ڊي. محبوباڻي ورتو ۽ مون کي آفيس اسسٽنٽ طور 125 روپيا ماهوار پگهار تي چونڊي ورتائين.

گلف جي گهڻن ملڪن جيان دبئي پڻ ان وقت انگريز سرڪار جي سار سنڀال هيٺ هئي. ان ڪري اتان جو چالو سڪو بہ هندستاني روپيو هو. اهو انتظام 1960ع تائين جاري رهيو. ان ڪري ڪرنسيءَ جي مٽاسٽا سان ڪو فرق ڪونہ پوندو هو بلڪ هندستاني روپيو وڌيڪ مهانگو هجڻ سبب دبئي جي 108 روپين جي بدلي ۾ 100 هندستاني روپيا ملندا هئا.

اها پگهار جيڪا مون کي آڇي وئي هئي، سا ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ڪانہ هئي، ڇو تہ سنڌ ورڪي ڪمپنيون پنهنجن ملازمن کي ڏاڍا سٺا الائونس پڻ ڏينديون هيون. پگهار کان سواءِ رهڻ لاءِ گهر، کاڌو پيتو ۽ ملڪ وڃڻ لاءِ اوٽ موٽ جو ياڙو ٽِيتو بہ ملندو هو. انهن ڳالهين کي ڳڇجي تہ منهنجي پگهار سنئين سڌي بچت هوندي هئي. مٿان وري رونگ ۾ هفتي ۾ هڪ فلم جي ٽڪيٽ، وار ڪٽائڻ ۽ ڏاڙهيءَ جو سامان، ڪپڙن جي ڌتاراڻي وغيره بہ ڪمپنيءَ جي کاتي ۾ هوندي هئي.

منهنجي سفر جو بندوبست سنڌ اورينٽل ٽوئرسٽ ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيو ويو هو جنهن کي هاڻي

ايس.او.ٽي.سي.چوندا آهن. انهيءَ ڪمپنيءَ جون شاخون سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل آهن. بمبئيءَ ۾ برٽش ڪانسليٽ (Trucial States Visa) ٽروشل اسٽيٽس ويزا جاري ڪندي هئي. يو.اي.اي. کي تن ڏينهن ٽروشل اسٽيٽس سڏيندا هئا.

سفر جون ڪارروايون تمام سنهنجيون هونديون هيون. مالڪ ڪمپني دبئيءَ ۾ پوليٽيڪل ايجنسيءَ کان نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ گهرندي هئي ۽ جڏهن اهو سرٽيفڪيٽ ملي ويندو هو تڏهن برٽش ڪانسليٽ بمبئيءَ ۾ ان ويزا کي معمولي فيءَ جي عيوض قبوليت جي مُهر هڻي ڏيندي هئي. ها، ڪن حالتن ۾ پروٽيڪٽر آف اميگريشن (پرڏيهين جي حفاظت واري کاتي) کان به اجازت وٺڻي پوندي هئي. اهو رواج اڃا تائين جاري آهي.

دبئي وڃڻ لاءِ منهنجي پارٽيءَ جي جهاز 'دارا' تي سيٽ بڪ ڪرائي. دبئي ۾ هوائي اڏو ڪونه هو ان ڪري سمنڊ رستي ئي سفر ڪرڻ وڌيڪ سولو هو ويجهي ۾ ويجهو هوائي اڏو شارجا ۾ هو پر ڪنهن به هوائي ڪمپنيءَ جا جهاز بمبئي کان سڌا شارجا اڏامون ڪونه ڪندا هئا ۽ نه وري ڪو سندن ڏينهن مقرر هو. ائين به ناهي ته ڪو هوائي اڏامون بنهه ڪونه هيون. هونديون ضرور هيون، پر سڌو سنئون اچڻ بجاءِ ڏار ڏار ملڪن مان ڦرنديون، ڏگها رستا وٺنديون پوءِ ايندڀون هيون. ڪالنگا نالي پرائيويٽ هندستاني هوائي ڪمپنيءَ جو ئي ڪٽي مثال وٺو جيڪا بمبئي کان هوائي اڏامن لاءِ ڪرائي تي پوري جا پورا جهاز وڏين وڏين ڪمپنين کي چارٽر ڪري ڏيندي هئي. ان هوائي ڪمپنيءَ کي جڏهن به ڪجھ سيٽون بچنديون هيون ته اهي ڪراچي يا شارجا جي مسافرن کي آڇيندي هئي.

پر اهڙن انتظامن تي ياڙڻ اجايو هو. سيٽون صرف ان صورت ۾ ملنديون هيون جڏهن پڪين بڌل ڪمپنين جي ماڻهن ڪٽڻ کان پوءِ ڪا جاءِ بچندي هئي. ان کان سواءِ ٽيڪنيڪل سببن ڪري ڪراچيءَ ۾ ترسڻ جو وقت وڌي به سگهيو ٿي ۽ هي ڪمپنيون باقاعدي ڪنهن پروگرام هيٺ ڪونه هلنديون هيون، ان ڪري مسافر سندن رحم ڪرم تي هوندا هئا. به ڏينهن لڳندا يا چار ڏينهن، ان جي نه خبر هوندي ڪمپني کي ۽ نه مسافرن کي. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن ميٽنگ وغيره ۾ وڃڻو هوندو هو ته اهو ويچارو وڃڻ توڙي موٽڻ جي رٿابندي اڳواٽ ڪري ئي ڪونه سگهندو هو.

ٻيو رستو اهو هو ته بي.او.اي.سي (برٽش ڪمپني) ۾ سفر ڪجي. هيءَ ايئرلائين بمبئي کان لنڊن ڏانهن جهاز اڏائيندي هئي، پر وري رستي ۾ بحرين تي به ترسندي هئي. مسئلو هي هو ته بحرين مان ڪا سهوليت واري فلائيٽ ملڻ مشڪل هوندي هئي. مسافرن کي ڪويت کان شارجا ويندڙ گلف ايوئيشن جي جهاز جو انتظار ڪرڻو پوندو هو ۽ پوءِ اهو جهاز شارجا پهچڻ کان اڳ بحرين ۾ ٻه ڏوها جا درشن به ڪرائيندو ويندو هو.

جيئن تہ هيءَ ايئرلائين هفتي ۾ بہ يا ٽي ڏينهن پنهنجا جهاز اڏائيندي هئي، ان ڪري جيڪڏهن ڪو مسافر بحرين ۾ بدقسمتيءَ سان ڪنهن غلط ڏينهن تي لهي پوي تہ سمجهو تہ سندس چڙهہ ئي نڪري وئي. گهٽ ۾ گهٽ بہ ڏينهن تہ ڪٽي پلي ڪان سُڪ تي ويو جيسين ڪا فلائيٽ اچي جان ڇڏائين.

جيڪي بختاور ڏڪا ڏوما جهلي آخرڪار اچي شارجا پهتا. انهن جي لاءِ وري شارجا ڪان دبئي پهچڻ هڪ جدا مسئلو هو. منديو پيجي ڪاهيءَ ڪان، سائي ڪاهي اڳيان. انهن ٻنهي شهرن ڪي پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ ڪو پيو رستو ڪونہ هو. وارياسو رڻ جهاڳڻ لاءِ صرف لئنڊ روور ٽئڪسيون هلنديون هيون. ڪريڪ مٿان ڪا پل نہ هئڻ ڪري بر دبئي پڄڻ لاءِ وري بہ ٻيڙين جو سهارو وٺڻو پوندو هو.

هوائي جهازن جا اهي آزار ڏسي ماڻهو ڪنن ڪي هٿ ڏيندا هئا ۽ پاڻيءَ جي سفر ڪي وڌيڪ سولو سمجهندا هئا. پاڻيءَ جي سفر ۾ ڏينهن بہ وڌيڪ ضرور لڳندا هئا، پر تڪليف گهٽ ٿيندي هئي. دي برٽش انڊيا اسٽيم نيويگيشن ڪمپني (The British India Steam Navigation Company) 1904ع ڪان وٺي باقاعدي دبئي لاءِ پنهنجي سروس چالو رکندي آئي هئي. ڪمپنيءَ جي دوراندیشي تہ ڏسو ڪين اڳواٽ ئي ڄاڻ هئي تہ امارتن جو واپار ايندڙ وقت ۾ ضرور وڌندو ۽ جي سندن پير ڪتل هوندا تہ پوءِ سندن چاندي ئي چاندي آهي.

بصري ۽ بمبئي جي وچ ۾ پنج بحري جهاز هلندا هئا. جيڪي رستي ۾ ڪراچي، گوادر (ان وقت آزاد علائقو ۽ هاڻي پاڪستان جو حصو)، مسقط، دبئي، دوها، بحرين ۽ ڪويت ۾ بيهندا هئا. پنجن ئي جهازن جي نالي جي پويان الف جو اکر هوندو هو: دارا، دوارڪا، دريسا، دمرا ۽ سرڏانا.

سر ڏانا دبئي جي مسافرن ۾ ايترو تہ مقبول ٿيو جو بر دبئي جي هڪ بلڊنگ جو نالو ئي سرڏانا رکيو ويو. اها بلڊنگ اڄ ٽيڪسٽائل مارڪيٽ ۾ موجود آهي ۽ ساڳئي ئي نالي سان سڏي ويندي آهي.

مون دارا نالي جهاز ۾ ٽوئرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ ورتي. ٽوئرسٽ ڪلاس ۾ ٻن پئسينجرن ڪي هڪ ڪئبن مليل هوندي هئي. ٽڪيٽ جي قيمت هئي 300 روپيا، جڏهن تہ ڊيڪ جي ٽڪيٽ وڌيڪ سستي هئي، يعني 100 روپيا. گهڻي ڀاڱي مسافر جيڪي يا تہ واپاري هئا يا نوڪري ڪرڻ جي ڳولا ۾ نڪتل بي روزگار يا موڪلن تان موٽندڙ عرب يا وري بمبئي مان علاج ڪرائي موٽندڙ مريض، سي سڀ ڊيڪ تي سوار هئا. جهاز هرويرو تمام گهڻي عياشيءَ وارو تہ ڪونہ هو پر آرام ۽ آسائش وارو ضرور هو. ان سفر ڪي هيترا سارا سال گذري ويا آهن، پر اڄ بہ جڏهن اهي چند ڏينهن ياد ڪندو آهيان تہ دل ڪي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي.

دبئي ڏانهن ويندي جهاز پهريون لنگر ڪراچي ۾ ڪوڙيو. ڪيترائي مسافر جهاز مان لهي سير ۽ تفريح لاءِ ڪراچي جو شهر گهمڻ ويا، پر مان ڪونہ لٿس. جهاز ۾ ويهي ماڻهن جي اچ وڃ ڏسندو رهيس. ايترو

پئسو بہ ڪونہ هئم جو سُڪيءَ تي وڃي خرچ ڪريان ۽ سچ پُڇو تہ دل بہ نہ پئي چاهي تہ جهاز ڇڏي هيٺ وڃان. اهو بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيم تہ جيڪڏهن ڪراچي ۾ ڪنهن جا مٽ مائٽ، عزيز رشتيدار يا يار دوستار آهن تہ پوءِ تہ ٺيڪ آهي، ٻيءَ حالت ۾ اميگريشن وارن جا قانون ڏاڍا سخت آهن.

ٻيو بندر هو گوادر. گوادر ۾ جهاز ڪناري کان ڪجهہ پرڀرو لنگر انداز ٿيو. مسافرن کي ڪنارو گهمائڻ لاءِ ڪيترين ئي ننڍڙين ٻيڙين جهاز کي وڪوڙي ويون. مان هتي بہ ڪونہ لٿس. جهاز ۾ ئي ويٺو رهيس. مسافريءَ جو رهيل حصو مون يا تہ ڪتاب پڙهندي گذاريو يا ٻين مسافرن سان ڪچهريون ڪندي گذاريم. مون وٽ مشهور ليکڪ ڊيل ڪارنيگي جا ٽي ڪتاب هئا. هن ليکڪ جي باري ۾ تہ سيني کي خبر هوندي تہ هو شخصيت کي سڌارڻ ۽ تقرير جي فن کي اثرائتو بنائڻ جو ماهر ليکيو ويندو آهي. مون کي ڪانئس وڌيڪ مقبول لکندڙ ڪو ٻيو نٿو سجهي، جنهن اڄ کان اڌ صدي اڳ نوجوانن کي ايترو قدر متاثر ڪيو هجي. هندستان ۾ تہ ماڻهو سنڌس ڪتابن لاءِ چِتا هوندا هئا. ڇا تہ سنڌس لکڻ جو انداز هو. ڇا تہ سولي، سڌي سنواتي سنڌس ٻولي هئي. ڇا تہ سنڌس ڏنل مثال هئا. هڪ هڪ سٽ، هڪ هڪ لفظ چڻ دل ۾ گهر ڪندو ويندو هو. سچي پچي زندگي سان نهڪي ايندڙ ننڍڙين ننڍڙين ڪهاڻين ٻڌائي جڏهن ڪو نُڪتو سمجهائيندو هو تہ پڪ سمجهو تہ پڙهندڙن کي جهٽي ورتو.

منهنجو پيڻويو چيلارام واڌواڻي جڏهن مون کان ٻڙودا جي ريلوي اسٽيشن تي موڪلائڻ آيو تڏهن هن مون کي جيڪي ڪتاب ڏنا، سي هئا

1. How to win friends and influence people.
1. دوستيون ڪيئن وڌائجن ۽ ماڻهن کي ڪيئن پنهنجو ڪجي.
2. How to stop worrying and start living.
2. ڳڻتي ڪيئن ختم ڪجي ۽ زندگي ڪيئن ماڻجي.
3. The Quick and easy way to effective speaking.
3. متاثر ڪندڙ تقرير جا سولا ۽ ڪارگر گُر.

افسوس جو جڏهن مان هي ڪتاب لکي رهيو هوس، تڏهن چيلارام واڌواڻي سرڳواسي ٿي ويو. مون سنڌس قرب وچان ڏنل اهي ڪتاب ور ور ڪري ويهي پڙهيا ۽ ان کان پوءِ بہ ڪيترن سالن تائين مان ڪين پاڻ کان ڌار ئي ڪونہ ڪندو هوس. منهنجي وجود جو ڄڻ ڪو اهم حصو بڻجي پيا اهي ڪتاب. سچ پُڇو تہ انهن ڪتابن منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي، ڇو تہ اهي مون جهڙن ماڻهن جي لاءِ ئي لکيا ويا هئا. جن ۾ ٻين ڳالهين کان سواءِ اهو ٻڌايو ويو هو تہ مشڪلاتن کي ڪيئن منهن ڏجي ۽ ڪاميابيءَ جي راهہ ڪيئن اختيار ڪجي. وڏي خوبي جيڪا هن جي لکڻين ۾ هئي، سا اها تہ هو مثال ڏئي پنهنجو نُڪتو سمجهائيندو هو. جن نوجوانن هي ڪتاب نہ پڙهيا آهن، سي پلائي ڪري پڙهي ڏسن. ڪين پنهنجن روين

۾ وڏو فرق محسوس ٿيندو.

مان ڪپڙي لٽي ۾ بيحد سادو هوندو هوس. ائين ڪٿي چئو ته بلڪل بيپرواهه بادشاهه هوندو هوس. اڇي رنگ جي قميص ۽ پٽي دار پاجامو پيو ٿيو پلو. نه گهٽي ڏيگهه نه پتلون. سولي راند سونٽي جي. ڪاڏو ڏاڍو سنو ڏيندا هئا. خاص طور سان گوشت مان نهيل تيوڻ. مون کي چانور ۽ تيوڻ ڏاڍو وڻندا آهن ۽ مڙس ٿي ڪائيندو آهيان. گهڻي عرصي کان پوءِ پتو پيم ته اهو سارو عرصو مون وڏو گوشت پئي واپرايو آهي، جيڪو مون کي کائڻ نه کپندو هو. پهريون ته ڏاڍو شرمسار ٿيس. پاڻ کي ڏوهاري به سمجهيم. پر پوءِ دل ۾ چيم ته ٻيلي گوشت ته مڙئي گوشت آهي، ننڍو هجي توڙي وڏو. جيڪڏهن سنو ٺهيل آهي ۽ مزيدار به آهي ۽ مون کي پسند به آهي ته پوءِ کائڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟ ڪجهه سال اڳ تائين به مان گوشت وڏي چاهه سان کائيندو هوس، پر پوءِ ويشنو ٿي ويس، پر اڄڪلهه مان ڪڏهن ڪڏهن مڇي کائيندو آهيان.

جهاز جي ڊيڪ تي ڪڏهن ڪڏهن آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پنهنجي چوڌاري ڦهليل وشال عربي سمنڊ کي گهوريندو هئس. سمنڊ ۾ سج لهڻ جو نظارو هونءَ ئي ڏاڍو دلڪش ۽ حسين ٿيندو آهي. منهنجي ته دل ۽ دماغ کي ولوڙي رکندو هو اهو ڏيکاءُ. انجڻ جو اڻ لکو گهرڙاٽ، اٿاهه خاموشيءَ کي اڻ کٽ ڪاٽ هڻندو رهندو هو ۽ اُن ماحول ۾ ڪوبه حساس ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ. قدرت جي فنڪاريءَ ۾ سمائجي، سموئجي، سراپجي، آسمان جي اوچي چادر کي اُفق تي ترندو ڏسي، سوچ جي سمنڊ ۾ گم ٿي وڃي، اها ڪا انوکي ۽ اڻ ٿيٽي ڳالهه ته نه چئبي. ڳاڙها، پيلا، اڇا، پورا رنگ ۽ سون ۽ چانديءَ جهڙيون چمڪندڙ چلڪندڙ جرڪندر، چِلوليون ۽ چنچل لهرون ۽ مٿن ترندڙ لڪين، ڪروڙين، اربين، پدمين ترورا ڏسي ائين لڳندو هو جڻ ڪا تصوراتي تصوير حد نگاهه تائين وڇائي پئي هجي ۽ جا حقيقي به هئي، خيالي به هئي، جلالي به هئي، جمالي به هئي. ان نظاري جي ياد، خوبصورت آسمان جو سج لهڻ تي لهندڙ اولڙو ۽ اولڙي جي چوڌاري پگهريل سون جهڙي روشني جو ڦهلاءُ اڄ به جڏهن ياد ايندو آهي ته هانءَ ۾ هٿ پئجي ويندا آهن ۽ دل سَتون کائڻ لڳندي آهي ۽ ماضيءَ جو ازغيبي آواز پاڻ ڏانهن پڪارڻ لڳندو آهي.

منهنجي سفر کان اٽڪل 18 مهينا پوءِ، 18 اپريل 1961ع تي، دارا جهاز ۾ هڪ بم ڦاٽو. باهه جون ڄڀيون به ڏينهن لاڳيتيون اُڀ ڏانهن اڏرنديون رهيون ۽ جڏهن آخرڪار اهو بدنصيب جهاز دبئي جي ڪناري ڀرسان پاڻي جي پاتال ۾ ٻيهي ويو ته پاڻ سان گڏ 238 انساني جانيون به ڪٽي ويو جن ۾ عورتون، ٻار ٻڍا ۽ نوجوان جوڙا به شامل هئا. جيڪڏهن اهو حادثو يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ ٿئي ها ته ضرور ڪا دردناڪ فلم جوڙي راس ڪن ها. امن جي زماني ۾ ڪنهن بحري حادثي ۾ مرڻ وارن جو اهو تعداد ’ٽائيٽينڪ‘ کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو.

*

## باب پيو

# ننڍپڻ

**جڏهن اوهان آخري ڀيرو پنهنجي ملڪ، گهر يا ڌرتي ڏانهن ويندا آهيو ته اوهان ان کي پنهنجي پراڻي ملڪ، گهر يا ڌرتي طور نه پر پنهنجي ٻاروتڻي واري ملڪ، گهر يا ڌرتي طور ئي ڏسنداءِ ڳولهيندا آهيون.**

**سام ايونگ**

وڏيءَ ڄمار ۾ ننڍپڻ يادگيرين جي آلبم جيان آهي.

ڪاريون ڪاپيون ۽ اڇيون ڪاپيون. ڪي ڪُندن ڪان مُڙيل، ڪي پاسن ڪان جهريل. ڪي وقت جي وارداتن هٿان ڦِڪيون ۽ ڦٽل. ٻهڪندڙ مُرڪندڙ مُشڪندڙ نوجوان چهرا هڪ هنڌ ڄميل. ائين جيئن ڪنهن باسڻ تي ڪا شوخ، شرير، شبيهه چٽيل هجي ۽ ٻيون ائين جيئن اجا ڪالهه ئي اکين آڏو گذري اڻ ڏٺي اوڙاهه ۾ گم ٿي ويون هجن ۽ وقت جي سيني تي سندن پيرا اجا ساوا ئي هجن.

وقت ائين، جيئن واريءَ تي،
ڪنهن پياري جي پيرن جا نشان،
پرين ائين، جيئن پوني تي،
ٿئي پياسي کي پاڻيءَ جو گمان.

جيون، جهڙو ساوڻ ۾
ڪو چنگ چُري ۽ ساهُه سُري،
موت ائين، جيئن موتئي جي،
ڪا شاخ سِري ۽ ماڪ ڪري.

ڪي واقعا ننڍپڻ جي علامت طور اُڀري ايندڙ آهن. سندن سارَ به ايئن ئي آهي ننڍپڻ جو اهڃاڻ. خاص طور تي اهي واقعا. جيڪي تصور جي تلاءُ ۾ اُڇليل هلڪي پٿر جيان اڻ ڪٽ لهرون پيدا ڪري ڇڏين يا جذبن کي ستار جي تار جيان ڇيڙي ڇڏين يا ذهن ۾ ڪنهن سُتل سورج کي سَٽ ڏيئي، جاڳائي ڇڏن يا ڏک ۽ سک جي وچايل ڪنهن پل کي پَرَ هڻي اُڏاري آڏو آڻي بيهارين. ڀيڙاءُ يا پرڀاءُ جي اجهاڻل

چٽنگن ڪي هوا ڏيئي پنيت بنائين، امن ۽ شانتي، اهنج ۽ سهنج جون ساروڻيون ساپيان ڪري ڏيکارين.

يادين جي واين جو ڪوئي
ڇيڙو ناهي ڇيهه الا
آءِ اسان جي ويراني ۾
ويهه گهڙي پل ويهه، الا.

خوشيءَ ۽ غم جي لڪ چپ راند سڪي جي ٻن پاسن جيان آهي. هڪ ٻئي جا اهي دائمي ضد ذهن تي اڪوريل ٿي هوندا آهن ۽ سِڪو سوچن ۾ سدائين پيو ڦرندو گهرندو، پاسا متائيندو، هوا ۾ ابدي اڏام اڏندو رهندو آهي ۽ ماڻهو آساڻين اڪين مان ڏانهنس تڪيندا رهندا آهن ته پٽ تي ڪرڻ ڪان پوءِ اکر ايندو يا مُهر، هار ٿيندي يا جيت، خوشي ملندي يا غم. ”مان پوڙهو ٿيندو ٿو وڃان، مان پوڙهو ٿيندو ٿو وڃان“، الفريڊ پروف راڪ جا اهي لفظ ٽي.ايس. ايليٽ جي شعر ۾ چيل آهن، پر مان اڃا ٻه نندپڻ جي ساٿين لاءِ واجهايان ٿو ۽ پنهنجي گهر جي يادن ڪي ساريان ٿو.

منهنجي سيني ۾ ٻه ساروڻيون چلڪي رهيون آهن، پنهنجن دوستن جون، پنهنجي گهر جون. منهنجي من ۾ يادن جي وير اٿلي پئي آهي. مان انهن راتين ڏينهن، گهڙين، پلڪن ۽ لمحن جي تصوير چٽڻ ٿو چاهيان. انهن ٿي رنگن سان، جن جي ڇانوَ ۾ منهنجو نندپڻ گذريو. منهنجي ڪهاڻي ٻه اتان ٿي جنم وٺي ٿي. ان زمين مان، انهن هوائن ۽ فضائن مان، ان سونهن ۽ سرهاڻ مان، جتي منهنجون جڙون آهن، بُڻ بڻياد آهي. محبت جون ميخون آهن، پيار جا پيچ آهن، روح جا ريلا آهن، گيت ۽ سنگيت آهن، گهاءُ ۽ ويساهه آهن، خوشبو ۽ خواب آهن. اها آهي منهنجي جند، منهنجي سنڌ مون کي جنم ڏيندڙ جياپو ڏيندڙ جيون ڏيندڙ سنڌو ڏارا جي چلڪندڙ چولين جي ڌرتي، منهنجي سپنن جي سَرتي سنڌ. فقيرن، درويشن، ساڌن ۽ سنتن جي سر زمين سنڌ. جنهن کان ڌار رهي ٻه ڌاريو نه ٿيو آهيان. ڪا هڪ گهڙي اهڙي ته ٻڌايو جڏهن ڀُلجي ٻه ڪيس پلايو هجيم. اهي ٿي پاتال ۾ کُتل پاڙون، جن منهنجو جيءَ جڙي ڇڏيو آهي، جيڪي ائفرو آمريڪن ليکڪ، اليڪس هيلي، کي هڪ وبگاڻي، وڄايل، اجايل، ڌڪاريل، سڪايل ۽ ستايل انسان مان هڪ مضبوط ادارو بڻائي ويون.

مون کي پورو يقين آهي ته پاپ ۽ پچ، ڪرٽي ۽ پرٽي، نيت ۽ مراد جو فيصلو هت دنيا اندر ٿي ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو بُرو يا ڀلو اسان ڪريون ٿا، ان جا پاڇاوان انهن نتيجن تي پون ٿا، جن کي اسين قسمت سڏيون ٿا. نه، اها قسمت ناهي، قسمت ڪان ٻه وڌ ۽ اڳتي ڪا ٻي شيءِ آهي. اسان جي ڪيل ڪرمن جي موٽ آهي. جيڪڏهن اسان کي اها ڄاڻ ناهي ته اسان ڪٿان آيا آهيون، ته پوءِ اها خبر ڪيئن پوندي ته موتي ڪٿي وڃڻو آهي؟ سڏي سنئين ڳالهه آهي ته پهرين سبب معلوم ڪريون ۽ پوءِ ان جو اثر.

مان هاڻي جڏهن پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ پَرَ سوئي رهيو آهيان، تڏهن روحانيت توڙي فطري سچائي کان ٿورو مٿيرو ٿي سوچڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. ننڍپڻ جيڪو شرير آهي، شوخ آهي، چنچل آهي، لاپرواهه آهي ۽ جيڪو هميشه جيئڻ جو تيئن زنده رهڻ وارو آهي ۽ جواني جيڪا جوشيلي آهي، ضدي آهي، اجهل آهي، اٽل آهي ۽ ڪڏهن به اَڻ مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ ان اجهل ۽ اٽل جذبن جي وچ ۾ ڪٿي ڪو ڊپ، ڪو انديشو ڪو شڪ، ڪو شبهو پڻ لڪل آهي ۽ تنهن جي تهه ۾ ڇپيل آهي انسان جي ازلي ڪمزوري. مان ان ننڍپڻ ۽ ان جوانيءَ جي ڳالهه ڪرڻ وارو آهيان.

ڪالهه، سُڀاڻ ۽ اڄ جي وچ ۾،
ماڻهوءَ جو ئي مرڻ جنم آ،
ماڻهوءَ جو ئي خيال وهم آ،
ماڻهوءَ جو ئي رنج الم آ،
ماڻهوءَ جو ئي گوندر غم آ،
هر هڪ ساعت، هر هڪ لمحي،
وقت جو ماڻهوءَ سان ئي ڪم آ،
دم دم جنهن سان دم آ قائم،
هڪڙي ماڻهوءَ جو ئي دم آ.

مان پلا نم ۽ پپر جا اهي وڻ ڪيئن ٿو وساري سگهان. جن جي ڇانوَ ۾ اسان کيڏندا، ڪُڏندا ۽ ڳائيندا هئاسين؟ وقت ته بس پاڻيءَ جو اڻ کٽ وهڪرو هو جنهن جو ڪو ماڻُ، ڪو ماپو ڪو انت، ڪو بحر ڪونه هو ۽ ها، ڪيئن ٿو وساري سگهان اهي ننڍپڻ جون رانديون؟ اها اتي ذڪر راند. جيڪا پنهنجي ڳوٺ جي ڳلين ۾ کيڏندا هئاسين؟

مان حيدرآباد سنڌ جي هڪ وچولي گهر ۾ پيدا ٿيو هوس. سنڌ ورهاڱي کان اڳ گڏيل هندستان جو هڪ سُکيو ستابو ۽ ترقي ڪندڙ صوبو هو. اسان وچ شهر ۾ هڪ وڏي گهر ۾ رهندا هئاسين. جنهن جي ڇت تي سنڌ جا روايتي منگهه يا بادگير ٺهيل هئا ۽ جن منجهان هوا گهوگهات ڪندي گهر ۾ داخل ٿيندي هئي. دبئي جا منگهه مون کي اڪثر پنهنجو اباڻو شهر ياد ڏياريندا آهن. بلڪ ائين کٽي چوان ته غلط نه ٿيندو ته دبئي جا گهر مون کي سنڌ جي پراڻن گهرن جي ياد ڏياريندا آهن.

گهر ۾ گهڙڻ سان ئي سامهون اڱڻ يا پڌر ايندو هو جنهن کان پوءِ ورانڊو هوندو هو. اسان جي گهر ۾ ننڍا وڏا ڪيترا ئي ڪمرا هوندا هئا جيڪي پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا هئا. آخري ٻن ڪمرن تائين پهچڻ لاءِ ٻن درن منجهان لنگهڻو پوندو هو جنهن کي ٻدرا سڏيندا هئا. مردن ۽ عورتن جي ويهڻ جون جايون ڌار ڌار

هونديون هيون. اهڙي طرح مهمانن کي ويهارڻ لاءِ اوطاق هوندي هئي. چڱن ڀلن گهرن جون اوطاقون سڀ ڪان وڏيڪ سينگاريل ڪمرن ۾ هونديون هيون، جن ۾ اوچي فرنيچر ۽ سجاوت جا قيمتي سامان رکيل هوندا هئا. اوطاق کي هميشه صاف سٿرو رکيو ويندو هو ۽ جي ڀُل ۾ ڪنهن ٿورو به صفائي جو خيال نه ڪيو ته سمجهو ته ان جي شامت اچي وئي. ڏاڏي جمنا ٻائي جي عقابي نظرن کان ذري جيتري گندگي به لڪي نه سگهندي هئي. ڏوهاري جا ڏوڏا ئي ڏوڏا ڪٽيندي هئي ۽ ٽڙن تي اهي ٺڦڙ وهائيندي هئي جو ڏينهن جا تارا نظر اچي ويندا هئا. ڏاڏي ڏاڍي ڪلٽي ۽ رلٽي ملٽي عورت هئي. ديسي شراب جي واهه جي شوقين هئي. ڪنجهي جي ڪٽوري مان سرڪيون به ڀريندي ويندي هئي ۽ آڪاٽي به ٻُڌائيندي ويندي هئي. ڪنجهي کي هنديءَ ۾ ڪانسي چوندا آهن جيڪا ٻن ڌاتن ملائڻ سان ٺهندي آهي. سنڌ جي نئين پيڙهي شايد ڪنجهو نه ڏٺو هجي، پر ٻهراڙين ۾ شايد اجا به ڪنجهي جون تسريون، تسروٽا ۽ وٽيون موجود هجن.

ديسي شراب گهرن ۾ پُچائڻ وارا ڪي خاص ماڻهو هوندا هئا، جي ڀيرو ڪونه پڇندا هئا ۽ ڪوت ڪٽڻ نه ڏيندا هئا. ڏاڏي ڪٽوري مان هڪ ٻه سرڪيون ڀري، حقي مان به ٽي زوردار گرڙاٽ ڪڍي وٺندي هئي ته جيئن سرور وڌي ۽ آنند ۾ اضافو ٿئي. اسان جي سماج ۾ ڪراڙين عورتن جو شراب واپرائڻ توڙي حقو يا بيڙي ڇڪڻ خراب ڳالهه ڪونه سمجهي ويندي هئي.

پنهنجي گهر جي باري ۾ منهنجي ننڍپڻ جي اتڪل ڇهن سالن جون يادون اڻ چٽيون ۽ ڌنڌليون آهن. ڀين جي واتان، خاص ڪري امڙ جي مدد سان ٻُڌل ڳالهين کي ملائي ڪي تفصيلي واقعا بيان ڪري سگهان ٿو.

مون کي اها گهٽي ياد آهي جتي اسان راند ڪندا هئاسين. مون کي اهو به ياد آهي ته اسان جي گهر پرسان بسڪوٽن ناهڻ جي هڪ فئڪٽري پڻ هئي، جنهن جي خوشبو اڄ به مون کي ياد آهي. بسڪوٽن جي وٽندڙ سڳنڌ سبب اسان ٻارن کي پيٽ ۾ ٻک جا چڪ پيا پوندا هئا، پر ڪيسي ۾ پئسو ليپي نه پائي جو ڪٽي ڊبل روٽي يا بسڪوٽ خريد ڪريون. ننڍپڻ جي ڀين اڻ پورين خواهشن جيان اهي ارمان پڻ دل جا دل ۾ ئي رهجي ويندا هئا. ها، البت اندر جي باهه ڪيڻ لاءِ فئڪٽري جي مالڪ جي پويان هٿ ڌوئي پئجي ويندا هئاسين. هيڏانهن لنگهيو ناهي، هوڏانهن هوڪرا ٿيا ناهن ته سيٺ ڙي سيٺ، تنهنجي بسڪوٽن ۾ ڏڀَ. ويچارو سيٺ بيزار ٿي، سهڪندو، پگهر ڳاڙيندو، گف وهائيندو، دانهون ڪوڪون ڪندو، اسان جي پويان مست ڏاند جيان پڇندو ڊوڙندو ايندو هو. ان وقت سندس پخال جهڙو پيٽ ڏسڻ وٽان هوندو هو. سندس چلڪندڙ پيٽ ڏسي اسان جي کل بيهندي ئي ڪانه هئي. هاڻي ٿو احساس ٿئي ته ٻار ڪيڏا نه بي رحم ٿيندا آهن. اسان به گهڻ ظالم ڪونه هئاسين.

ننڍپڻ جي ٻي ياد آهي شادي جو سرگس. شادين جي موسم ۾ اسان جي گهر اڳيان لنگهندڙ ڄڃن جي ڌم لڳي پئي هوندي هئي. دم دمار، رنگ روپ، ناچ گانا. اسان ٻارن جي ته موج ٿي ويندي هئي. ٻار اهڙن موقعن تي شرارت نه ڪن ته پوءِ ڀلا ڪڏهن ڪندا؟ گهوٽ گهوڙي تي سوار، مُنهن موڙن سان ڍڪيل، ڳلي ۾ گلن جون ڪنڌيون، پويان ڇاڃين جي لوڏ. بئنڊ چيڪلي آواز ۾ فلمي ڌن وڄائيندو وڃي، گهوٽ جا مِٽُ مائٽ جهُمر ۾ پورا. اسان ٻارن جا وات ڦاٽل. ڪڏهن گهوٽ کي ڏسون، ڪڏهن ڄاڃين کي، ڪڏهن بئنڊ باجي وارن کي. پاڙي جا ٻيا ٻار به اچيو گڏجن. ڪڏهن بود ۾ پرجي نچڻ وارن سان گڏجي جهمر هڻندا وڃون، ڪڏهن خالي نوس نوس ڪندا پنيان ئي پنيان گهٽي جي ڇيڙي تائين پڄندا وڃون. سڀ ڪان مزيدار هوندا هئا ڪدڙا. اسان ڪدڙن کي ڏسي جو خوش ٿيندا هئاسين، اها ڳالهه ئي نه پُڇو. وڏا ويڪرا گهاگهرا گهمائي جڏهن ڦيريون پائي، دهلن جي ڌن تي نچندا هئا، تڏهن مزا اچي ويندا هئا. ڦيري سان پڙا ڦوڪجي ڦوڪٽي وانگر ايترا ڦهلجي ويندا هئا جو ڀلي ته ڪو ٻار اندر گهڙي وڃي ته به خبر ڪانه پوي. انهن سيني ۾ لوڪو نالي ڪدڙو ناچ گاني جو وڏو ماهر هوندو هو. سڄي پاڙي ۾ سندس وڏي لئه هوندي هئي.

اهڙن موقعن تي سماجي برابري جا وڏا ثبوت ملندا هئا. ماڻهو هڪ ٻئي سان هڪ جهڙا ٿي گلي ملي ويندا هئا. ذات پات، دين ڌرم، ننڍ وڏائي سڀ وسري ويندي هئي.

ماڻهن جي ميل ميلاپ ۽ پت برادري ۾ ڪدڙن جو وڏو هٿ هوندو هو. اڪثر ماڻهو کين فقير به ڪوٺيندا هئا. بلڪ لفظ ڪدڙي جي ڪوڙاڻ ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هنن ويچارن ڏکويل ۽ لاچار انسانن جي دلجوئي خاطر، لفظ فقير وڌيڪ ماناٿتو لڳندو هو. ٻارن جي ڄمڻ تي خاص طور ڪدڙا فقير اهو رنگ لائيندا هئا جو وڃي ٿيا ست خيرا! اهڙن موقعن تي هو سماجي زندگي جو هڪ اهم حصو لڳندا هئا ۽ نه ڪي ڌڪيل، ڌاريا، اڻ پورا انسان.

جڏهن ڪو ٻار ڄمندو هو ته اهو رواج عام هو ته يڪدم ڪدڙن فقيرن کي گهرائي ٻارڙي جي مٿي تي دعا جو هٿ رکائجي. ائين ڪرڻ سان بلائون دور ٿينديون هيون ۽ ٻار بدنظر کان بچي ويندو هو. ڪدڙا فقير ٻاڻ ۾ گڏجي سڏجي مڙهين ۾ رهندا هئا. ڪي واپار ڪندا هئا ۽ ڪي مينهون ۽ ڳايون پاليندا هئا ۽ کير مکڻ وڪڻي گذران ڪندا هئا.

ها، سنڌ جي هر طبقي جا ماڻهو کير کنڊ تي رهندا هئا ۽ ڏاڍي پيار محبت سان گڏ رهڻ چاهيندا هئا. ننڍپڻ جو هڪ ٻيو واقعو خاص طور تي ياد ٿو اچيم. ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي، جنهن اسان جي ڪٽنب جي زندگي جو رخ موڙي ڇڏيو. ورهاڱي جا ڏينهن هئا. ڏاڍا ڀيانڪ ۽ بي يقيني جا ڏينهن، جن ۾ سياڻي ڇا ٿيندو. تنهن جي ڪا ڪل ڪانه هئي. منهنجي هڪڙي شاهوڪار ماسي ٽِڪان سوپراج، جي ڦيمتراءِ ائنڊ ڪمپني جي مالڪ سوپراج جهمٽمل جي گهرواري ٻين ڪيترن ئي هندو ڪٽنبن سان گڏجي

هندستان لڏي پئي وئي. سيني لڏيندڙن وانگر هوءَ بہ پنهنجي گهر سميت پيو بہ گهڻو ڪجهہ ڇڏي پئي وئي. سندس گهر وچ حيدرآباد جي سڪئي ۽ سلامتي واري پاڙي ۾ هو. اسان کي چيائين تہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ گهر جو خيال رکجو. انهن ڏينهن ۾ حفاظت ۽ سلامتي تي گهڻو زور هوندو هو ڇو تہ ڦرلٽ ۽ وڳوڙ عام ڳالهہ ٿي پئي هئي. اسان سندس اها آڇ ڏاڍي خوشيءَ سان مڃي ۽ سندس گهر ۾ لڏي وڃي ويناسين.

اسان جو نئين گهر ۾ تيز تاڙي ڪٽي وڃي رهڻ ڏاڍو بدسوڻ ثابت ٿيو. جلد ئي منهنجو پتا جيوترام، جنهن کي دادا ڪوٺيندو هوس، سخت بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ ڪيس مُدي جو بخار آهي. ٽائفائيڊ انهن ڏينهن ۾ ڏاڍو موذي مرض ليکيو ويندو هو. بچاءَ واريون دوائون، جهڙوڪ پينسلين ۽ ڪلورامائيسن آسانيءَ سان ڪونہ ملي سگهنديون هيون. پينسلين اڃا نئين نئين آئي هئي ۽ ڪن چند اسپتالن کان سواءِ ڪٿي بہ ڪونہ ملندي هئي. شهر ۾ وڳوڙ وارن علائقن ۾ ڪرفيو لڳل هو ان ڪري ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪري ڪونہ سگهندا هئا. ان ڪري ڊاڪٽرن سان صلاح مشورو ڪرڻ توڙي مريض کي اسپتال ڪٽي وڃڻ ناممڪن هو. گهر ۾ ڪو اهڙو وڏو ياتي بہ نہ هو جيڪو ڀڄ ڊڪ ۽ وٺ سٽ ڪري ڪو بندوبست ڪري وجهي. منهنجو وڏو ڀاءُ هوتو بخشاڻي ان وقت 13 سالن جو هو ۽ مان ڪانئس ست سال ننڍو هئس. ان بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جي حالت ۾ منهنجو دادا لاڏاڻو ڪري ويو. ان وقت سندس عمر ڇٽيهہ سال هئي. بس، ڪن ۾ ڪيل ٿي ويا. هڪ ڏينهن موجود هو ٻئي ڏينهن نہ رهيو. گهر جو وڏو ويندو رهيو ۽ اسان يتيم ۽ بي واها ٿي پياسين. ان واقعي مان مون بہ سبق پرايا. پهريون تہ ڪا بہ شئي هميشہ رهڻي ناهي ۽ ٻيو تہ ڏک درد رڳو ٻين لاءِ ناهي، اسان جي در تائين بہ پڄي سگهي ٿو. اهو موت سان مُنهان منهن ٿيڻ جو منهنجو پهريون آزمودو هو.

مئل ماڻهوءَ جي منهن ڏيکڻ ۽ شمشان ڏانهن نيڻ کان اڳ رسم هُئي تہ گهر وارن توڙي ٻارن کي سندس آخري درشن ڪرايو وڃي. خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان اها آخري ياد سندس دل ۾ سدائين زنده رهندي. ان ڪري ڏاڏيءَ مون کي ڇڪي آڻي دادا جي مڙهہ آڏو بيهاريو تہ جيئن مان چڱي ريت سندس منهن ڏسي سگهان. منهنجي عمر ان وقت فقط ڇهہ ورهيہ هئي ۽ موت جي مهما کي سمجهڻ جي سگهہ بلڪل ڪين هيم: پر تنهن هوندي بہ مون کي ايتري ڄاڻ ضرور هئي تہ ڪو دکدائڪ واقعو ٿي گذريو آهي. ان ڪري مان اُتي بيهي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيس ۽ سڏڪا ڀري روئندو رهيس. جلندڙ ڪافور جي خوشبو ۽ پوتر ڪتابن جي پاٺ ۽ ان سان گڏ منهنجي ماءُ ۽ ٻين مائٽن جي روئڻ جو آواز اڄ 60 سالن گذرڻ کان پوءِ بہ منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گونجي رهيو آهي.

خانداني مصيبت /مسئلا (Family Tragedy) ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي وارو خوف ۽ غيريقينيت سببان وڌيڪ پيچيده ۽ڏکيا بڻجي ٿي ويا. سڄي گهر کي انهي ورهاڱي جي وڳوڙن پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي

چڙهيو. مذهبي  ڌريون پاڻ تي ٿيل حملن جي رد ۾  عوام جي انبوهن جي اڳواٽي ڪندي، جوابي ڪارروائين ۾ مصروف ٿينديون ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون.

ائين سڄي ملڪ ۾ خاص طور تي راولپنڊيءَ ۾ مارچ 1947ع ۾ ٿيل خونريز وڳوڙن ڪانپوءِ پهرين لڏپلاڻ شروع ٿي.

نندي ڪنڌ جو روهاڱو هڪ انتهائي دکدائڪ الميو هو.  جنهن تاريخ جا وڏا سور ۽ زخم ڇتي ڇڏيا. انهي واقعي جي ڪري تاريخ ۾ لکين ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ لڏپلاڻ ٿي. سنڌ جي حيدرآباد ۽شڪارپور شهرن جا ڪيترائي سکيا ستابا واپاري خاندان بي يارو مددگار حالت ۾ هتان لڏي ٿي ويا. جن جي رستي ۾ بنهي حڪومتن طرفان ڪا به مالڪي نہ ٿي ڪئي وئي. جنهن سببان اهي وڏي ڏکيائين ۾ مصيبتن کي مُنهن ڏيندي انڊيا پهتا. جن مان ڪيترائي سپ کان پهريان بمبئي ويا ۽ بعد ۾ وري اتان کان دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن نڪري ٿي ويا.

گڏيل هندستان جو ورهاڱو اهڙو تہ دل ڏاريندڙ ۽ دکدائڪ واقعو هو جنهن کي ڇڙو ياد ٿو ڪجي تہ هانوَ ۾ هٿ ٿا پون. اندر اڌ ٿو ٿئي، ڏيل ڏري ٿو وڃي. اهڙا گهاءَ پلئہ پيا جي پرجي نٿا پرجن. تاريخ جي سڀ کان وڏي انساني لڏپلاڻ هئي، جنهن جاني جدا ڪري ڇڏيا.  ڌرتي ماتا جي ڇاتي سان ڇهتيل سندس معصوم ٻچڙا ڇڪي ڌار ڪري ڇڏيا. جنهن متي جنم ڏنو سا پنهنجي نہ رهي. ڪن پل ۾ ڌار ٿي وئي. گهر گهاٽ، ماڳ مڪان، روڊ رستا، گهيڙ گهٽيون، چونڪ چوراها، پنهنجا نہ رهيا، پراوا ٿي ويا. جن ڪالهہ تائين سنڌ کي امڙ سڏيو هو سي سندس چرن ڇُهي، متي ماٿي لائي، هٿ جوڙي، سيس نوائي، سڏڪي سڏڪي، ڪنهن اڻ ڄاتي آئيندي جي تلاش ۾ نڪري پيا. سڄڻ سفر هليا،ائين جيئڻ روح پنيان روهہ ۾ ڇڏي ويندا هجن.

امڙ  وڃي  آڻ،  چرخو  آتڻ  وچ  مان،
ڪتيم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

هن اوچتي لڏ پلاڻ ۾ شڪارپور ۽ حيدرآباد جا ڪيترا اهڙا ڪٽنب شامل هئا، جن پيڙهين کان پرڏيهہ وسائي ڪافي ڌن ميڙيو هو ۽ جن جي دل سنڌڙي جا وڻ ڇڏڻ لاءِ ڪنهن پر بہ راضي ڪين هئي، پر حالتن آڏو لاچار هئا. ان آس تي وطن ڇڏيائون تہ جلد ئي موٽي ماڳن تي ايندا سين.

ٽڙي  پوندا  تارئين،  جڏهن  ڳاڙها  گُل،
تڏهن ملنداسين.
جڏهن  ورنديون  ڪونجڙيون،  هر  هر  ڪري  هُل،
تڏهن ملنداسين.

ڪنهن لکي لڌو هو ته اهڙو ڪلور به ٿيندو؟ سچ پڇو ته هن قسم جي ياجڙ ۾ پنهي حڪومتن مان ڪنهن به نه سوچي هئي، نه وري ايترن سارن ماڻهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو وٽن ڪوئي پروگرام ئي هو. گهڻا ماڻهو پهريون بمبئي ڏانهن ڀڳا ۽ اُتان پوءِ هوريان هوريان، ٿورا ٿورا ٿي دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ قلجي ويا.

لڏ پلاڻ جي ٻي لهر 20 آگسٽ 1947ع تي شروع ٿي. ٻي وس بار اُتن به چڙيا، انسان ڪهڙي وٽ آهي؟ ڏيهه ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر ڀڳل ڀُريل انسان، ٽٽل دل سان پنهنجو منڙو ملڪ ڇڏڻ تي لاچار ٿي پيا. ڊنل، هيسيل، مُنجهيل ويڳاڻا ۽ ٻي وطن ماڻهو اباڻا پڪا ڇڏي اڻ ڄاتي ديس اُسهيا.

متي تر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪونه آيو، تن پنوهارن پهي،
ويڙا سي وَهي، جنب گذاريُم جن سين.

ٽين لهر جنوري 1948ع ۾ آئي. جيتوڻيڪ هن ڀيري ماڻهن جي لڏڻ ۾ ٻنهي حڪومتن جي مرضي به شامل هئي، تنهن هوندي به جن لڏيو پئي، سي پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي، ڪي ضروري شيون ساڻ ڪٽي، اوچنگارون ڏئي، روئي موڪلائي، اکين ڪان اوجهل ٿيندا ٿي ويا. هوڏانهن جڏهن نئين سر زمين تي پير ٿي پاتائون ۽ زندگي کي نئين سر سهيڙڻ جا جتن ٿي ڪيائون ۽ موٽ ۾ اتان جي حڪومت اوترا ذريعا ۽ وسيلا مهيا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ٿي ڪئي، تڏهن پاڻ کي ڏاڍي مشڪل ماڳ تي بيٺل ٿي ڏٺائون. بمبئي ۾ صوبائي حڪومت وس آهر ته گهڻو ڪجهه ئي ڪيو پر شرنارٿين جي پرمار آڏو سندن ڪوششون به ناڪام ٿي ويون.

سرڪاري رڪارڊ موجب، آڪٽوبر 1947ع تائين اٽڪل سوا لک شرنار ٿي سنڌ ڇڏي هند پهتا. 1948ع جي وچ ڌاري اهو انگ وڌي ٻارهن لک ٿي ويو. اها سموري مخلوق سنڌ ۽ بلوچستان کان آئي هئي. گهڻي ڀاڱي سنڌين کي بمبئي ۽ سوراشٽرا جي شرنار ٿي ڪئمپن ۾ رکيو ويو. گهڻن کي وري مڌيه پرديش ڏانهن موڪليو ويو. جيڪو راجستان ۾ هو ۽ مڌيه پارت ڪوٺيو ويندو هو. اجمير، جئپور ۽ جوڌپور، بڙودا ۽ احمدآباد، جيڪي بمبئي رياست جو حصو هئا، تن پڻ سنڌين کي پاڻ وٽ آباد ڪيو. پر سنڌي هڪ هنڌ ويهڻ وارا ڪونه هئا. چوطرف پکڙجي ويا، ايتري قدر جو ڪي ته مدراس تائين وڃي پهتا.

جيڪي ويچارا بي سهارا گهر گهاٽ ڇڏي آيا هئا، تن جي حياتي ڏاڍي ترس جوڳي هئي. ڪٽنب ڇڙوڇڙ ۽ ڏارون ڌار ٿي ويا. ذاتيون، پاڙا ۽ قومون، جي سنڌ ۾ سنهيءَ سُئيءَ سبيل هئا، سي هاڻي ڪٽو ڪٽو ٿي ويا هئا. خوددار، اناپرست ۽ وڏي شان وارا ماڻهو غريبي ۽ ذلت جي زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي پيا. هي ته وجود جي جنگ هئي، جيڪا انهن ماڻهن کي لڙڻي هئي، جن پنهنجو الهه تلهه پوئتي ڇڏي اچي ڪئمپون وسايون هيون ۽ نئين سر شروعات لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. ڪئمپن جي زندگي عذاب کان

گهٽ ڪونه هئي. منجهن حياتي گهارڻ جون بنيادي سهوليتون به موجود نه هيون. ماڻهن کي هڪ ٻئي مٿان ستيو تي ويو چڙ جنگي قيدي هجن. ٿوري گهڻي رازداري خاطر ماڻهن ڳوٿين جا پال ملائي، سبي، پردا ناهي تي ٽنگيا ته جيئن سندن انگ اگهاڙو نه ٿئي. ڪئمپن ۾ روڊ، رستا يا سواريءَ جو انتظام ته پري جي ڳالهه، گندي پاڻي جي نيڪال جو به بندوبست ڪونه هو. اونداهيون گليون، ڪرفتي ۽ ڏپ سبب حالتون ڏينهون ڏينهن بد کان بدتر ٿينديون ويون.

شاهوڪار زميندار، جيڪي ڪڏهن شاهاڻي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ سوين ڪُڙمي سندن سلامي هئا ۽ سندن سڏ تي ڪئي نوڪر چاڪر ڊوڙندا ايندا هئا، سي هاڻي مفت جو راشن وٺڻ لاءِ قطار ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيٺل نظر اچڻ لڳا. ماڻهن ۾ شرمندگي ۽ بي عزتي جو احساس جيئن پوءِ تيئن وڌندو پئي ويو. جوان ڇوڪريون، جن ڪڏهن نوڪر يا پيليءَ کان سواءِ گهر کان ٻاهر پير نه ڏريو هو سي هاڻي ميلن جا ميل سفر ڪري روزگار ڪمائڻ لاءِ مجبور هيون. عورتون گڏيل غلسخانن جي ٻاهران پنهنجي واري جي انتظار ۾ بيٺل، ۽ نلڪي مان پاڻي پرڻ لاءِ وڏا مفاصلا لتاڙي، ٿانوَ مٿي تي کڻي، پنڌ ئي پنڌ، ٿڙنديون ٿاٻڙنديون ۽ سهڪنديون نظر اچڻ لڳيون.

هاڻي، هيترا سارا سال گذرڻ کان پوءِ ڪيئي ڦٽ ڇُٽي ويا آهن، ڪيئي گهاءُ ميسارجي ويا آهن، ڪيئي ذلتون وقت جي رائي ۾ لتجي چڪيون آهن. پر ورهاڱي جو درد انهن کان پُڇو جن روح ۾ ڪتار لهندي محسوس ڪئي هوندي، جن ڇپرن جي ڇانوَ هيٺ سجايل سپنن جو سنسار پنهنجين اکين سان ڊهندو ڏٺو هوندو، جن جي جيءُ جي جوالا سندن وجود کي وڪوڙي، ساڙي ٻاري، رک ڪري ڇڏيو هوندو.

**محفل نه رهي، ساقي نه رهيا، پيالا نه رهيا، پياسا نه رهيا،**
**اي شمع سحر، ڇا رات اها گذري به وئي گذري به وئي؟**

ٻارن کان تعليم ڇڏائجي وئي. ويچارا معصوم وڏڙن کي سهارو ڏيڻ خاطر ڪچيءَ عمر ۾ ئي پورهيو ڪرڻ لڳا. اسڪول وڃڻ بدران ٽرينن ۾ ڪتمنڙا وڪڻڻ لڳا. عورتون پري پري ڪم ڪار تي وڃڻ لڳيون. ڪيترين ته گهر تي رڌ پچاءُ ڪري، ڪاڏي جون هلڪيون شيون تيار ڪري، در در تي هوڪو ڏئي تي وڪيون. مرد، جن اڳ پاڻ ٻين کي روزگار سان تي لڳايو سي هاڻي رومال ۽ ڇتيون وڪڻي گذران ڪرڻ لڳا. انهن دل ڏاريندڙ حالتن ۾ زنده رهڻ لاءِ بيشمار سنڌين جيڪا جدوجهد، وٽ وٺان، محنت ۽ پورهيو ڪيو، تنهن سندن زندگي کي پَڇي پوري مٽيءَ مُٺ ڪري ڇڏيو.

پر اسان بي حد خوددار انسان آهيون، عزت ۽ غيرت وارا، هنرمند، هنيلا ۽ هوڏي ماڻهو آهيون. اسان آڻ نه مڃي، نه بي حس ٿياسين نه بي وس، نه نااميدي نه مايوسي. زندگي جا پڳل پُريل ۽ جهريل ڪندرا اکين آڏو ڏسي به نه هوش وڃايوسين نه حواس. نه قسمت کي ڏوهه ڏنوسين نه حالتن کي. نه رڙٻاسين، نه رناسين، نه

ئي ڪرم ڪُٽي، ڇاتيون پٽي ماتم ڪيوسين. اهو اسان جو وڙ ئي ناهي. اسان ته پنهنجي بربادي جي ڍڳل ڍير مان ائين اٿي کڙا ٿياسين جو دنيا حيران ٿي وئي. اها همٿ، اها محنت، اها جرئت ڏيکاريسين جيڪا دنيا جي تاريخ ۾ ان کان اڳ شايد ئي ڪنهن قوم ڏيکاري هجي. اسان پنهنجي پاڻ کي ٻيهر آباد ڪيو. ٻيهر پاڻ کي ڳولي لڌو. ٻيهر پاڻ کي ڄاتو سڃاتو ۽ پنهنجو ڏس پاڻ ئي پاتو. جيئن فونيڪس پکي پنهنجي ئي رک مان ٻيهر جنم وٺندو آهي، اسان پڻ ٻيهر جي اُٿياسين. جاڳي اٿياسين. نئين عزم سان، نئين عهد سان، نئين وچن سان، نئين پرڻ سان. اسان پاڻ کي واپاري، بزنيس مئن ۽ ڪارخانيدار طور ماري مڃايو.

سِرن مٿان سوپ جون، پڳون جي پايو
مٿان وڙهندي ويڙهه ۾ پنٽي واڄهايو
لايو سڄايو نيٺ ته ٿيندو لوءِ جوا!

ڇيو ويندو هو ته بمبئي ۾ آباد ٿيل ڇئن لکن شرنار ٿين مان چاليهه سيڪڙو واپاري هئا. انهن مان گهڻا ننڍڙا دوڪاندار ۽ وکر وڪڻندڙ هئا. ٻين جلد ئي وڏين ڪمپنين سان پنهنجا پراڻا واپاري ناتا بحال ڪري ورتا. اهڙين ڪمپنين جون برانچون گڏيل هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هيون.

ذاتي طور اسان جي ڪٽنب لاءِ ورهاڱو ٻيٽيون مصيبتون کٽي آيو. گهر ٻه ويو ۽ گهر کي هلائڻ وارو به نه رهيو. منهنجي ماءُ ايشوري ٻائي 34 سالن جي عمر ۾ وڌوا ٿي پئي. ويچاريءَ کي نئين ڏيهه ۾ مشڪل حالتن هيٺ تمام ڳريون ذميداريون پنهنجن ڪمزور ڪلهن تي کڻڻيون پيون. جتي اڪيلي جيو جو جيئڻ به جنجال هجي، اُتي پنجن ننڍڙن ٻارن جي جوابداري سر تي کڻڻ لاءِ به ڪو شينهن جو جگر گهرجي. اسان ٽي ڀائر ۽ ٻه ڀينر هئاسين. امڙ اسان کي ماءُ پيءُ ٻنهجي پاليو ۽ ڪک کان شروعا ڪندي لک تائين رسايو. ڇا ڇا نه سنو هونداڻين؟ ڇا ڇا نه ڏٺو هونداڻين؟ ڇا ڇا نه ٻڌو هونداڻين؟ سندس وار وار تان صدقي ٿيڻ تي دل ٿيندي هئي. وڏي شان ۽ مان ۽ آن واري عورت هئي. بيشڪ هڪ مهان عورت هئي منهنجي جيجل منڙي ماءُ.

سوڳ جون رسمون پوريون ٿيون ته منهنجي مامي ريجهومل گوپواڻيءَ اسان کي انڊيا وڃي هلڻ جي آڇ ڪئي. اسان پنهنجا سامان سڙا، ڳهه ڳٺا، گهر جا ٿيڙ ٿاڙي ۽ سفر جو ضروري سامان ٻڌي تياري مڪمل ڪئي ۽ ريلوي اسٽيشن ڏانهن راهي ٿياسين. احمدآباد وڃڻ لاءِ ويچاريو هئوسين. اهو شهر اڳ نه ڏٺل هو نه ٻڌل. بس ڪٿي نه ڪٿي ته وڃڻو ئي هو.

قُلين جي موج ٿي پئي هئي. مسافر ويچارا وطن کان وڇڙڻ جي ڳاراٽي ۾ اڳ ئي ڳريا پيا هجن، مٿان وري بدبخت قُلين پئي دلگهريا دام ورتا. ماڻهن کي پليٽفارم تائين سامان کڻڻ کان ئي پئي روڪيائون.

جي، قُلين کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي سامان کڻڻ جي اجازت ناهي. اهڙي طرح پنهنجي مرضيءَ جا ظالماڻا اگهه زوريءَ ٻئي ورتائون. هڪ ننگ جا 100 روپيا ان زماني ۾ ڪنهن به لحاظ کان مناسب ڪونه هئا. غير انساني رويي جي به ڪا حد ٿيندي آهي. هي ته هر ليکو لنگهي نانگ تي بيٺا هئا. مون کي ڪجهه ڳالهيون هلڪيون ياد آهن، پيون امڙ کان معلوم ٿيم. سنڌ ۾ اما ئي سڏيندا هئاسين. هندستان ۾ جڏهن مدراس پهتاسين، تڏهن اتان جي رواج موجب اما مان ڦيرائي ممي ڪوٺڻ شروع ڪيوسين. منهنجو وڏو ڀاءُ ته آخر تائين ڪيس اما ئي چوندو رهيو. ها، البت ڏاڏيءَ کي منڊ کان وٺي امي سڏيندا هئاسين.

اسان اڳ ئي ٽِٽيل گاڏي ۾ سوار ٿياسين. مسافر هڪ ٻئي مٿان ٿي ڪريا. سُئي ڪيرائڻ جيتري جڳهه ڪونه هئي. چڱي طرح ياد اٿم ته ڏاڏيءَ سڄي رات بيٺي گذاري. جتي جڳهه مليس اُتي سڄي رات بيٺي رهي. پنهنجي جاءِ تان هڪ انچ به نه چُري. سندس ڏيءَ هانگ ڪانگ مان هڪڙو گهڙيال سوکڙي ڪري موڪليو هوس، ان کي سيني سان لڳائي رات گذاري ڇڏيائين. موڪري قدبت واري زائفان اهي ڪلاڪ ڪيئن گهاريا هوندا، سو فقط هن ئي ٿي ڄاتو. گهڙيال کي اهڙو چهٽي پئي جو آخر تائين نه ڪنهن ٻئي کي هٿ لائڻ ڏنائين ۽ نه ئي وري سامان رکڻ واري ڇڄهري تي هڪ پل لاءِ به ان کي رکيائين. ڏاڍي جذباتي عورت هئي منهنجي ڏاڏي. ان گهڙيال سان سندس دل جو ڳانڍاپو هو. ان کي کڻڻ لاءِ هن ڪيترين ئي قيمتي شيون پنتي رهائي ڇڏيون.

اسان مارواڙ جنڪشن تي لٿاسين ۽ احمد آباد واريءَ گاڏي ۾ سوار ٿياسين. اهو پليٽفارم اسان لاءِ توڙي اسان جهڙن ٻين سوين ماڻهن لاءِ ڪيترن ڏينهن تائين اسان جو گهر بڻيو رهيو. خيراتي ڪاتن طرفان اسان کي کائڻ لاءِ پوري ۽ ڀاڄي ملندي هئي. اڳتي هلي منهنجن مامن صورتمل ۽ ريجهومل گوپواڻي اسان کي مدراس (هاڻي چنائي) وٺي وڃڻ جو بندوبست ڪيو. جتي منهنجي ماسي رُڪي ٽڌاڻي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهندي هئي.

اهڙي طرح مدراس هندستان ۾ اسان جو پهريون گهر بڻجي ويو. مان اُتي ڪنڊر گارٽن پڙهيس. پر اتي به اسان جو رهڻ عارضي ثابت ٿيو. ڇاڪاڻ ته منهنجي چاچي لالچند بخشاڻيءَ اسان لاءِ اجا به ٻيو ڪجهه سوچيو هو. چاچو هانگ ڪانگ جي پرسان پورچوگيز ڪالونيءَ ’مڪائو‘ ۾ ڪم ڪندو هو. سندس پتني ڪشني اڳ ئي هندستان لڏي آئي هئي ۽ گجرات جي شهر بڙودا ۾ رهندي هئي. ان ڪري هن جي مرضي هئي ته اسان به وڃي ساڻس گڏ ٿيون. مدراس ۾ اٽڪل هڪ سال کان ڪجهه وڌيڪ وقت گذارڻ کان پوءِ اسان بڙودا هليا آياسين، جيڪو اسان جو نئون شهر بڻجي پيو.

اهڙي ريت آخرڪار اسان جي زندگي ۾ ڪجهه ٺهر اچي وئي. مون پنهنجي ڀيڻ راڌا ۽ ننڍي ڀاءُ روچي سان گڏجي اسڪول ۾ داخلا ورتي. پر منهنجو وڏو ڀاءُ هوتو، جيڪو چوڻ ۾ وڏو هو پر عمر اجا

ٻاراڻي هيس. تنهن اسان جي خاطر قرباني ڏني ۽ ڪجهه ۾ ئي ڪم ڪار تي لڳي ويو ته جيئن گهر جو گاڏو ڏڪي سگهجي. مردن ۾ گهر جو وڏڙو هوتو ئي هو. بار به مٿانئس ئي پيو. اسان کي سک ڏيڻ لاءِ هن پنهنجو ننڍپڻ پورهئي ۾ گذاري ڇڏيو. اسان جو هڪ سوٽ هو مرچومل. تنهن 15 روپين تي پاڻ وٽ نوڪري ڏنس. ڪڏهن گهٽي ته ڪانه هئي پر گهٽ ۾ گهٽ گهر جي مسواڙ 12 روپيا ان مان سولائي سان نڪري ايندي هئي. اسان جي چاچي به اسان تي وڏا وڙ ڪيا. مڪائو مان ڪجهه نه ڪجهه رقم اسان جي مدد لاءِ موڪليندو رهندو هو.

انهن ڏينهن ۾ ڪوبه ڪٽنب ستر روپيا ماهوار ۾ مناسب زندگي گهاري سگهندو هو. پر پئسي جي کوٽ پوءِ به محسوس ٿيندي هئي. ڏوڪڙن جي تنگي اجا تائين به وڌي جڏهن منهنجي ڀيڻ ستي، هاڻي گنگا چتاڻي، شادي جي ڄمار کي پهتي. مميءَ کي اچي فڪر ورتو ته جلد کان جلد ڪو مناسب گهوٽ ڳولهي نياڻيءَ کي گهر ڀيڙو ڪريان. ان ڪم ۾ گهڻي دير ڪانه لڳي. ستيءَ جي شادي ڀيلاجراءِ چتاڻيءَ سان ٿي وئي. ڀيلاجراءِ قداور ۽ سهڻو جوان هو. ويسٽ اينڊيز ۾ رهندو هو ۽ هندستان فقط شادي جي خيال سان آيو هو. ممي سنڌ مان جيڪي ڳهه ڳنا آندا هئا، سي وڪڻي تڪڙي شادي جو خرچ پورو ڪيو. شادي ته خير جي ٿي گذري. ظاهر آهي ته انهن حالتن ۾ گهر مٿان پئسي جو بوجهه وڌي ويو هوندو پر ڪا هستي اهڙي به آهي جيڪا اسان جي منزل آسان ڪرڻ لاءِ هر وقت اسان تي نظر رکي ٿي. منهنجي ڀاءُ کي هانگ ڪانگ ۾ نوڪري ملي وئي ۽ ممي جو ساهه ۾ جڻ ساهه پئجي ويو. هانگ ڪانگ ۾ آمدني سوائي هيس، پر ان هوندي به ايتري ڪين هئي جو اسان آرام سان وقت گذاري سگهون. مون کي ياد آهي ته منهنجي ماءُ پنهنجا سونا ڪڙا ۽ چوڙيون وڪڻي، آهستي آهستي پئي گهر جو خرچ هلائيندي هئي. پائي پائي اُملهه هئي ۽ هن عورت هڪ ڪوڏي به اجائي نه وڃائي. ٻه روپيا هر مهيني منهنجي اسڪول جي في ڏيندي هئي. پر اهي پئسا هر ڇهين مهيني اسڪول مان گڏجي موٽي ملندا هيس. ممي پئسا وٺڻ لاءِ چار ڪلوميٽر پنڌ ڪري اسڪول ويندي هئي. پيدل هلڻ ڪري هوءَ هڪ آنو رڪشا جو ڀاڙو بچائي وٺندي هئي. چوندي هئي ته جي هڪ پئسو بچايم ته ڄڻ پنهنجن ٻچن لاءِ هڪ پئسو ڪمايم.

مون سنڌ هندو هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. هاڻي اُن اسڪول کي شري لڏارام سنڌ هندو هاءِ اسڪول سڏيندا آهن. ان اسڪول ۾ پاڪستان مان آيل سنڌي شرنارٿين جي ٻارن کي هندي ٻولي ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. اصل ۾ اهو اسڪول گجراتي ٻارن جو هو. جڏهن گجراتي ڪلاس پورا ٿيندا هئا، تڏهن اسان جا سنڌي ڪلاس شروع ٿيندا هئا. اونهاري ۾ گرميءَ سبب گجراتي ڪلاس جلد ٿيندا هئا، ان ڪري اسان جا ڪلاس سخت اُس ۾، ٽاڪ منجهند جو لڳندا هئا. سياري ۾ وري سنڌي ٻار سخت سرديءَ ۾ سوير سيءَ ۾ ڏڪندا پڙهائي لاءِ پهچي ويندا هئا ته جيئن گجراتي ٻار ٿورو دير پرو آرام سان تيار ٿي اسڪول

پهچن. اسان پارن شرنارٿين کي پنهنجي سهوليت موجب وقت مقرر ڪرڻ جو ڪو حق نہ هو. هونءَ بہ ويچارن جي وَس ۾ هوئي ڇا؟

بڙودي جي مهاراجا اڳتي هلي اسڪول جي لاءِ زمين دان ڪئي. اهڙي ريت سنڌ هندو هاءِ اسڪول پنهنجي نئين بلڊنگ ۾ هلڻ لڳا. اسان جو پرنسيپال هو سرڳواسي لڌارام موهنداس چنديراماڻي. مهاتما گانڌي جو پڪو پوئلڳ هو ۽ حيدرآباد سنڌ جي مشهور گرداس مل هاءِ اسڪول مان تعليمي تجربي جا خزانا پاڻ سان گڏ کڻي آيو هو. تعليمي ماهر هئڻ سان گڏوگڏ هو هڪ هوشيار هوميوپيٿ پڻ هو. اسڪول پوري ٿيڻ کان پوءِ مريضن کي ڏسندو هو ۽ سندن علاج مفت ڪندو هو. ڪنهن کان ٽڪو آنو ڪونہ وٺندو هو. بعد ۾ سندس قومي توڙي تعليمي خدمتن جي عيوض اسڪول جو نالو سندس نالي پويان رکي ڇڏيائون. چنديراماڻي تمام کليئي دل ۽ دماغ ۽ گهريءَ سوچ وارو انسان هو. هن جو سچو ڌيان ٻارن جو چرتر سڌارڻ تي لڳل هوندو هو. اسڪولي ڪورس بہ هن اهڙو جوڙيو هو جنهن مان شاگردن جي شخصيت سڌري. ان ڪري، سنڌي ميڊيم اسڪول هئڻ جي باوجود ۽ پئسي ڏوڪڙ جي اڻ هوند هوندي بہ، هن اسڪول اهڙا شاگرد پيدا ڪيا، جن اڳتي هلي هر ميدان ۾ پاڻ مڃايو.

مون کي پنجين درجي ۾ داخلا ملي. خبر ناهي تہ اهو ڪيئن ٿيو. مون کي اها بہ ڄاڻ ناهي تہ اهو فيصلو ڪنهن ڪيو. گهر جو وڏو تہ لاڏاڻو ڪري ويو هو ۽ عورتون ٻارن جي تعليمي مامرن ۾ پونديون ئي ناهن. شايد آءَ ڪنڊر گارٽن انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙهيو هوس ان ڪري، يا وري ڪٽنب جي وڏڙن سوچيو هوندو تہ پلي تہ پنهنجي ڀيڻ راڌا جي ڪلاس ۾ وڃو وڃي تہ جيئن هوءَ اڪيلي نہ ٿئي. راڌا مون کان ٻہ سال وڏي هئي. مان پنهنجي عمر جي حساب کان قد ۾ ڊگهو هوس ۽ بت ۾ بہ ڀريل هوس، ان ڪري سوچيو هونداءُن تہ مان سندس حفاظت ڪري سگهندس. بهرحال، منهنجي ڊيل ڊول کي ڏسي ڪنهن کي بہ گمان نہ پيو هوندو تہ مان پنهنجي ڪلاس کان عمر ۾ ٻہ سال ننڍو آهيان.

سبب ڪهڙو بہ هجي، مان ٺي گهاٽي ۾ ويس. سنڌي لکي توڙي پڙهي ڪونہ سگهندو هوس ۽ حسابن ۾ تہ صفا چٽ هوس. ان ڪري جيڪو ڪجهہ ڪلاس ۾ پڙهايو ويندو هو اهو منهنجي مٿي مٿان لنگهي ويندو هو. مون کي تہ بلئڪ بورڊ تان ڏسي نقل ڪرڻ بہ ڪونہ ايندو هو ۽ نہ وري ششماهي امتحان ۾ هڪ لفظ بہ لکڻ آيم. مون پنهنجو جوابي پرچو ڪلاس جي هڪ ڇوڪري کي وڪڻي ڇڏيو ۽ جيڪي ڏوڪڙ مليم، انهن مان دڪان تان ڪٽمٺڙا ۽ چاڪليٽ وٺي کائي ڇڏيم.

ظاهر آهي فيل تہ ٿيڻو ئي هو. پرنسيپال ممي کي چوندو رهيو تہ مون کي ٽيوشن ڏياري، پر هن صاف انڪار ڪيو. چيائين، ڪٽنس ڀاڳ. هوندس نصيب ۾ تہ پڙهي پوندو جي فيل ٿيڻو اٿس تہ پوءِ پل فيل ٿئي، باقي مون وٽ ٽيوشن جي لاءِ پئسا ناهن.

مون کي خبر ناهي تہ اهو منهنجو ڀاڳ هو يا ماءُ جون دعائون هيون. بهرحال، مان جيئن تيئن ڪري پاس ٿي ويس. ان کان پوءِ مان ڪڏهن فيل نہ ٿيس. ها، البت چاڪاڻ تہ منهنجي پرائمري ۾ پيڙهہ مضبوط نہ هئي، خاص ڪري سنڌي ۾، ان ڪري ڏکيائي ضرور ٿيندي هيم. سنڌي جو گرامر توڙي صورتخطي جا قاعدا ڏاڍا ڏکيا آهن. جيڪڏهن توهان ننڍي وهي ۾ اهي نہ سکيا تہ پوءِ توهان جي لکڻي ۾ ڪوتاهي رهجي ويندي، اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي. باقي ڳالهائڻ ۾ مون سان ڪونہ پُڄي.

مان ڏهين درجي تائين پڙهيس. مئٽس تہ اڳ ئي ڪين ايندي هيم، مٿان وري انين ڪلاس کان آلجبرا ۽ جاميٽري بہ اچي شامل ٿيون، تن تہ هٽي لاهہ ڪڍي ڇڏيا. حالتون بہ اهڙيون اچي بڻيون جو مون کي نوڪري ڪرڻي پئجي وئي. ٽائپنگ سکڻ ضروري هو ان ڪري رلائنس ٽائپرائيٽنگ نالي هڪ ٽريننگ اسڪول ۾ وڃي داخل ٿيس. شهر جو هڪ وڪيل چمن لال شاهہ ۽ سندس پٽ ونود پائي ۽ همسڪ پائي گڏجي سڏجي اهو اسڪول هلائيندا هئا. پهريون سبق جيڪو مون حاصل ڪيو سو هيءُ تہ رفتار ايتري اهم ناهي جيتري ڪم ۾ صفائي. ان ڪري مون پهرئين ڏينهن کان ئي ان ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو تہ ڪم صحيح، صاف ۽ سٿرو هجي ۽ ڪا غلطي نہ ٿئي. رفتار جو خير آهي، پاڻهي وڌي ويندي. اها ڳالهہ مون کي پنهنجي زندگي ۾ قدم قدم تي ڪم آئي.

منهنجي پيڻ راڌا، جيڪا منهنجي هم ڪلاسي هئي، تنهن پنهنجي پڙهائي جاري رکي ۽ سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ جلد ئي سندس شادي واڌواڻي برورس سنگاپور جي چيلارام واڌواڻي سان ٿي وئي.

شاهہ ٽريننگ اسڪول اڳتي هلي بڙودا جو سڀ کان وڏو ادارو بڻيو. وڪيل هئڻ سبب سندس ڄاڻ سڃاڻ تمام گهڻي هئي. ان ڪري وٽس تمام گهڻا قانوني ڪاغذ ٽائيپ ٿيڻ لاءِ ايندا هئا. ڪم کي جلد اُڪلائڻ لاءِ ڪيس ٽائيپسٽن جي ٽيم رکڻي پئي. منهنجي ڪم مان خوش ٿي هن مون کي موقعو ڏنو تہ جيترا پنا ٽائيپ ڪندين، پئسا بہ اوترائي ملندءِ. اڳتي هلي ان اسڪول ۾ مان مفت ۾ تربيت پڻ ڏيڻ لڳس.

اها منهنجي پهرين نوڪري هئي، جنهن مان مون کي 40 روپين تائين اجورو ملي ويندو هو. هاڻ مان ڏهين ڪلاس جو شاگرد بہ هوس، اعزازي استاد بہ هوس ۽ گهر هلائڻ لاءِ ڪاڻائو پٽ پڻ هوس. جلد ئي مون کي جيوتي لميٽيڊ ۾ آفيس اسسٽنٽ ۽ ٽائپسٽ جي نوڪري ملي وئي. جيوتي لميٽيڊ هڪ انجنيئرنگ ڪمپني هئي جا امين فيملي جي ملڪيت هئي. وٽن اليمبڪ گروپ آف ڪمپنيز بہ هئي. جيتوڻيڪ منهنجي ماهوار پگهار رڳو 75 روپيا هئي، پر مان اوور ٽائيم ڪري ڪجهہ وڌيڪ بہ ڪمائي وٺندو هوس. سخت پورهيو ڪرڻ ننڍي ڄمار کان ئي منهنجي زندگي جو حصو رهيو آهي.

نوڪر ۾ اچڻ کان پوءِ مون پنهنجي رفتار توڙي ڪم جي صفائي تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. ان

هنر جو شوق ٻـ ڏاڍو هئم. وڏي ڳالهـ تـ اهو کم منهنجي دل وٽان بـ هو. آسڪروائلڊ چيو هو جيڪڏهن ٽائيپ رائٽر کي هلائڻ وقت منجهس اندر جو اجار بـ شامل ڪندو تـ پوءِ هو ايترو بيزار ڪندڙ نـ لڳندو جيترو توهان جي پيڻ يا ڪنهن مٽ مائٽ جو پيانو وڄائڻ. سچ پُڇو تـ هن ننڍڙي مشين کي مون هميشـ چاهـ ڀرين نظرن سان ڏٺو جنهن اظهار جي دنيا ۾ عجيب تبديلي آڻي ڇڏي.

مان ٽائيپ رائيٽر کي پنهنجين آڱرين جو ڦهلاءُ محسوس ڪندو آهيان. ڪنهن ماهر ٽائپسٽ کي ٽورو ڏيان سان ڪم ڪندي ڏسو. جيڪڏهن هو واقعي قابل ۽ لائق آهي تـ پوءِ سندس ڪٽ ڪٽ جو آواز توهان کي سُريلو لڳندو. لائين پوري ٿيڻ تي گهنٽي جو هلڪڙو آواز شيهي جي اکرن جو ڪاغذ تي ڪرڻ جو آواز ۽ رول ڇڪي پنهنجي جاءِ تي موٽائي آڻڻ وقت وٺندڙ سنهڙي چيخ. اهي سڀ گڏجي هڪ عجيب سنگيت پيدا ڪندا آهن. اڄڪلهـ اهي آواز ختم ٿيندا ٿا وڃن.

مون ٽائيپ رائيٽر تي پيا بـ تجربا ڪيا. ٿوري سوچ ۽ صبر کان ڪم وٺڻ سان توهان نـ رڳو ڪاغذ تي لکي سگهو ٿا. بلڪ آرٽ پڻ تخليق ڪري سگهو ٿا.

مون مهاتما گانڌي جي اها تصوير ناهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ منجهس اهي لڪيرون، گولايون ۽ گهنج شامل ڪرڻ جا جتن ڪيا، جيڪي مهاتما جي ڪردار جو حصو آهن. ڏاڍو ڪٺن ڪم هو پر پوءِ بـ مون باپوءَ جي شبيهـ جوڙي ورتي. اها تصوير اڄ بـ منهنجي لئبرريءَ ۾ موجود آهي. منهنجي هڪ ويجهي دوست ڪي. رام اسوامي (K. Ramaswamy) مون تي اهو زور ڀريو تـ مان ان کي اخبارن ۾ ڇپجڻ لاءِ ڏئي ڇڏيان. ان ڪانپوءِ مان بـ ان کي سنڌي ۾ نڪرندڙ هفتيوار اخبار کي ڏئي ڇڏيو.

هاڻي جڏهن تـ مان سڄو ڏينهن نوڪري حوالي ٿي ويس، تڏهن اسڪول لاءِ وقت ڪڍڻ مشڪل ٿي پيو. اُن ڪري فيصلو ڪيم تـ ڏهين درجي کان پوءِ پڙهائي کان بس ڪجي. مئٽرڪ جو امتحان پرائيويٽ اميدوار جي حيثيت سان ڏنم. منهنجي ڏينهن رات جي محنت کان پوءِ بـ اسان جي گهر جو خرچ ڇڪي تاڻي پورو مس ٿيندو هو. مٿان وري ممي جو تاڪيد مٿان تاڪيد تـ خرچ گهٽايو اڃا گهٽايو. هوءَ چوندي هئي، پنهنجي خرچ وڌائڻ کان اڳ پنهنجي آمدني وڌايو.

ان هوندي بـ هن اسان کي ننڍي خوشي کان ڪڏهن بـ محروم نـ رکيو. جيڪڏهن منهنجي دل فلم ڏسڻ تي هوندي هئي تـ هوءَ يڪدم پئسا ڪيڍي ترپءَ تي رکندي هيم. پنهنجي 75 روپين جي پگهار مان 70 روپيا ممي کي ڏيندو هوس. ائين ڪندي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. باقي 5 روپيا منهنجي پوري مهيني جي خرچي هوندي هئي. ٿورا گهڻا انگل آرا ممي سان هلندا هئا ۽ هوءَ ويچاري بـ ڪڏهن انڪار نـ ڪندي هئي. پر پوءِ جلد ئي خبر پيم تـ منهنجي مٿئين خرچ جي ڪري ويچاريءَ جو هٿ صفا تنگ ٿي ٿو پوي، ان ڪري ڪانئس گهرڻ ئي ڇڏي ڏنم. هڪ ڏينهن منهنجي نانيءَ مون کي پنج روپيا ڏنا ۽ وشواس

ڪيو تہ اِها منهنجي لاءِ وڏي نعمت هئي. پر مون ڪجهہ بہ اظهار نہ ڪيو. مون نانيءَ کي چيو هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان. توکان پئسا ڪونہ وٺندس. پنهنجو ڪمائي کائيندس.

منهنجي اکين ۾ گهوريندي چيائين، وٺ ٻچا وٺ ضرور، پر کپائجانءِ نہ. دل ۾ سانڍيندو وڃ. پوءِ ڏس تہ ڪيئن نہ تا وڏي سئوٽا هزاروٽا ٿين.

سال گذري ويا آهن پر نانيءَ جي ڳالهہ منهنجي دل ۾ اڄ بہ تازي آهي. منهنجي زندگي جي وڏن پڇتائن مان هڪ اهو بہ آهي تہ ناني جو ڏنل اهو نوٽ مون کان ڪٿي وڃائجي ويو آهي. ها، اهو معمولي نوٽ وڏي وڻ ٿيو. سئوٽو ٿيو هزاروٽو ٿيو. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي. اڄ مان ان نوٽ کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. اڄ ايترن ورهين کان پوءِ بہ اکين اڳيان اٿم اهو نئون نڪور، ڪڙڪيدار نوٽ. ذهن تي چيچجي ويو اٿم ۽ دل تي اُڪري ويو اٿم اهو ناني جو ڏنل نوٽ.

زندگي جون اهي ننڍڙيون پر اهم ڳالهيون آهن، جيڪي ڪڏهن وسرڻ جون ناهن. هونءَ تہ ڏسجي تہ انهن ڳالهين جي ڪا ايتري وڏي اهميت بہ ناهي، پر جڏهن انهن تي ويچار ٿو ڪجي تہ لڳي ٿو تہ اهي جهڙوڪر اڳڪٿيون هيون جيڪي وقت سچيون ڪري ڏيکاريون.

اسان مان گهڻن پئسي ڏوڪڙ کي ڪاميابيءَ جي علامت ڪري ورتو آهي ۽ پڪ ٿا ڀانيون تہ اها ڪاميابي وڏڙن جي آسيس ۽ دعائن سبب ئي ملي آهي. اڄ جڏهن ڪافي وقت گذري چڪو آهي، ساڳي آسيس ۽ دعا مان پنهنجي نوجوان پيڙهيءَ کي پڻ ڏيان ٿو چو تہ مان سمجهان ٿو تہ هو پنهنجي شڪتي ۽ قابليت کان بي خبر آهن. اسان کي وڏڙن جي انهن دعائن جو احسانمند ٿيڻ گهرجي جو اسان کي سچ پچ تہ خبر ناهي تہ انهن آسيسن جي پويان ڪيڏي نہ طاقت لڪل آهي.

مون کي ياد ناهي تہ منهنجي ماءُ مون کي ڪڏهن ڪا سزا ڏني هئي. هڪ ڀيري مون کي سگريٽ پيئندو ڏسي ورتائين. مون کي اچي پڪو ٿيو تہ اڄ هو ٿي مار ملي. پر هن صرف ڪرڙيون اکيون ڪري مون ڏانهن نهاريو. مون کي لڳو تہ سندس نهار ۾ ڪاوڙ کان وڌيڪ درد پيري التجا هئي. ڄڻ چوندي هجي: نہ پُٽ، اها ڳالهہ چڱي ناهي.

مون هڪدم محسوس ڪيو تہ مون کان غلطي ٿي وئي آهي. ان کان پوءِ مون ڪيس ڪڏهن بہ اهڙو موقعو نہ ڏنو جنهن ۾ ڪيس ڏُکُ پهچي.

جيئن جيئن وڏا ٿيندا وياسين، پنهنجي ماءِ ڏاڏيءَ کان ماضي جي نت ۽ نانگر جون ڪهاڻيون ٻڌندا ويندا هئاسين. هو اسان کي پنهنجي غربت، جدوجهد ۽ تڪليف جا قصا پڻ ٻڌائيندڙيون هيون. ويجها مٽ مائٽ بہ اهڙيون ئي آکاڻيون ٻُڌائيندا هئا. اسان جي ننڍڙي گهر ۾ جڏهن رشتيدار اڪثر ملڻ ايندا هئا، تڏهن اهي ئي ڳالهيون پيون ورجائبيون هيون. ڪين اهڙي طرح پاڻ سان گڏ ڏسي دل کي ڏاڍو آٿت

ايندو هو پنهنجائيءَ جو احساس ٿيندو هو ۽ جاڻ ۾ واڌارو ٿيندو هو.

ڏاڏيءَ ڪڏهن بہ دل سان نہ مڃيو تہ ڪيس سچي زندگي هن نئين ملڪ ۾ ۽ مسواڙي گهر ۾ گهارڻي آهي. گهڻا شرنارٿي فوجي بيرڪن مان جوڙيل وارشيا ڪالوني ۾ رهندا هئا. اسان فيصلو ڪيو تہ بڙودا جي ڪنهن هيئنئين وچولي ڪلاس واري علائقي ۾ ڪنهن بلڊنگ جو حصو مسواڙ تي وٺون. پر ڏاڏيءَ جو ساهہ اٽڪيل هو پنهنجي سنڌ ۾. چوي تہ ڇا جو ڪرايو ڇا جي ڳالهہ؟ هلو تہ پنهنجي وطن موٽي هلون. منهنجو گهر منهنجي سنڌ آهي. ويچاري مرڻ گهڙي تائين سنڌ سنڌ ڪندي وئي. 1957ع ۾ گذاري وئي، هندستان ۾ اچڻ کان پورا ڏهہ سال پوءِ.

متي ٿر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪونہ آئيو تن پنوهارن پهي،
ويڙا سي وهي، جنب گذاريُم جن سين!

ڏهہ سال پوءِ 1967ع ۾ اسان آخرڪار پنهنجو گهر جوڙايو. نالو رکيوسين: ’اميءَ جو خواب‘ ڏاڏيءَ جي دلي خواهش کي مانُ ڏيڻ جو اهو ئي مناسب طريقو هو.

اسان ننڍا هئاسين، ان ڪري نئين ملڪ ۾ رلي ملي وڃڻ ۾ ڪا تڪليف ڪونہ ٿي. بڙودا منهنجي ٻالڪپڻ جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن کي پاڻ کان ڌار ڪري نٿو سگهان. صاف سٿرو شهر، ويڪرا رستا، محلن جهڙيون عمارتون ۽ مهاراجا. مون کي اڄ بہ اُتان جو چوماسو ياد آهي، جڏهن اسان سڀ يار گڏجي ننڍين وڏن تلائن ۾ وهنجندا هئاسين، ڪيڏندا ۽ ڪل مشڪري ڪندا هئاسين.

ماضي جي ڏور ڏاڍي پڪي، پختي ۽ مضبوط ٿيندي آهي. دل اڪثر سٽون ڪائندي آهي تہ موٽي پنهنجي جڙن ڏانهن، پنهنجي ننڍپڻ جي شهر ڏانهن وڃان. جگجيت سنگهہ جو جڏهن هيءُ گونجندڙ آواز ٻُڌندو آهيان، تڏهن اها خواهش شدت سان تڙپائڻ لڳندي آهي:

يي دولت ڀي لي لو
يي شهرت ڀي لي لو
چاهي ڇين لو مجهسي ميري جواني
مگر مجهڪو لوٽادو بچپن ڪا ساون
وو ڪاغذ ڪي ڪشتي، وو بارش ڪا پاني

اهو غزل منهنجي دل ۾ دماغ ۾ تنبوري جي تارجيان پيو وڄندو آهي ۽ ماضيءَ جي مزارن تان ورهين جي دز ڌوپجي ويندي آهي.

❊

## باب ٽيون

# ٻڙودا ۾ پرورش

**جڏهن اسان ٻار هوندا آهيون تہ اسان پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ورلي ئي سوچيندا آهيون. ٻاروتڻي جي معصوم حياتي ۾ اسان خوشين لاءِ آزاد هوندا آهيون. جنهن ڏينهن اسان پنهنجي مستقبل جي باري ۾ پريشان ٿيندا آهيون. اهو ڏينهن اسان جو پنهنجي ٻاروتڻي کي الوداع ڪرڻ جو ڏينهن هوندو آهي.**

**پيٽارڪ رود فيوس**

منهنجين يادگيرين ۾ ٻڙودا جو وڏو حصو آهي. يادگيريون منهنجي جوانيءَ جون، جڏهن هر نوجوان ٻارڻ کي سپر مئن سمجهندو آهي، جنهن کي ڪوئي مات ڏئي نہ سگهي: جڏهن ساري دنيا اسان جي پناهگاهہ هوندي آهي، جڏهن قسمت هر طرف کان اسان تي مهربان ٿيندي آهي، جڏهن خوش قسمتي بار بار در کڙڪائيندي آهي، جڏهن هستي ۽ مستي وڻ گهوڙو ٻڌڻ نہ ڏيندي آهي، جڏهن اسان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ ۽ مختار هوندا آهيون، جڏهن غربت جو احساس جوش ۽ جذبي تي حاوي نہ پوندو آهي.

هي اهو وقت هو جڏهن مان ٻتي زندگي گذاري رهيو هوس: پارٽ ٽائيم شاگرد هوس ۽ فل ٽائيم ملازم. عمر ننڍي، جوابداريون وڏيون ۽ کيسي ۾ پئسو ندارد. اُن ۾ چڱايون بہ هيون، برايون بہ هيون، پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهہ تہ پڪي ئي پڪي منهنجي فائدي ۾ وئي. اها هيءَ تہ لاچار ئي سهي، پر مان پنهنجي عمر جي لحاظ سان، وقت کان اڳ ئي مچي مڙس ٿي پيس. اهي بارَ پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي کڻڻ جي لائق ٿي ويس، جيڪي منهنجي عمر جا ٻار سوچي بہ نہ ٿي سگهيا. ٻارڻ کان وڌن سان اٿڻ ويهڻ ۽ لهہ وچڙ ۾ اچڻ سبب مون کي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي ڪئوڙيون سچايون سمجهہ ۾ اچي ويون. مون کي جاڻ هئي تہ مان پنهنجن هم ڪلاسين کان گهڻو مختلف آهيان. مون تي ذميداريون هيون، پر هو پڪين جيان آزاد هئا. مون کي سياڻي جو فڪر هو هو هر ڳڻتي کان آزاد هئا. مون پنهنجي مٿان ٻارڻ ئي کي پابنديون هٽي ڇڏيون هيون، هو ڪنهن بہ پابندي جا محتاج نہ هئا.

جيتوڻيڪ مون وٽ ٻاراڻين شرارتن، مستين ۽ کيچلن لاءِ وقت گهٽ هو تڏهن بہ راند روند ۽ ڪچهري جي لاءِ ڪسي ڪوري، مڙئي ٿورو گهڻو ٽائيم ڪڍي وٺندو هوس. بهرحال، 40 ۽ 50 وارن ڏهاڪن ۾ جيڪو وقت مون ٻڙودا ۾ گذاريو سو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. ننڍپڻ کان جواني ۾ قدم

رکڻ لاءِ بڙودا کان وڌيڪ سهڻي ۽ وڻندڙ جڳهه ڪا ٻي ٿي ئي نٿي سگهي. ماڻهو سڀيتا ۽ ثقافت جي ڳالهه ڪندا آهن. مون کان پڇو بڙودا جي سڀيتا جي باري ۾. تاريخ ۽ قديمي ورثو ته خبر آهي، پر مون محسوس ڪيو ته منجهس جيئڻ جي سگهه به آهي، چاهه به آهي، گڻ به آهن. وقت سان گڏ پاڻ بدلڻ جي خوبي به آهي، ترقي جي لگن به آهي ۽ زندگي جي حرارت پڻ آهي.

مٿين حقيقت کي سمجهڻ لاءِ هن شهر جي تاريخ جو گهرو اڀياس ڪرڻو پوندو. اهو به ڏسڻو پوندو ته آخرڪار ڪهڙي ريت ۽ ڪهڙن سببن جي ڪري تعليم، ڪلچر توڙي ڪارخانن ۽ واپار ۾ ايڏي ترقي حاصل ڪري هي شهر مرڪزي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي.

جڏهن مان بڙودا شهر ۾ جوانيءَ جي حد اندر پير پائي رهيو هوس، تڏهن هي شهر هندستان جي وڏن ۽ مکيه شهرن جي قطار ۾ شامل ٿي رهيو هو. مزيدار ڳالهه اها هئي ته وڏي شهر جي سڀني خوبين سان گڏوگڏ هن پنهنجون ڀهراڙيءَ واريون روايتون پڻ قائم رکيون. ائين ڪٿي چئجي ته شهر وڏي ويو روڊ رستا، جايون جڳهيون، ڪارخانا ۽ فئڪٽريون به اچي ويون، پر شهري هوا جيڪا عام طور وڏن شهرن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي ۽ رسم رواج تي ڇانئجي ويندي آهي، تنهن کان بڙودا آجو رهيو. اهو شايد ان ڪري به ٿيو جو بڙودا سنسڪاري نگري يعني تهذيبي شهر هو.

وشوامتري ندي جي ڪناري تي آباد هن شهر جو نالو راجا چندن جي پويان چندراوتي رکيو ويو هو. اڳتي هلي چندراوتي مان ڦري ويراوتي (وير بهادرن جو شهر) سڏجڻ لڳو. پر جيڪو نالو پڪو ۽ پختو پيو ۽ جنهن نالي سان هو نئين دور ۾ داخل ٿيو ان جو تاريخ سان ڪوبه واسطو ناهي. ها، البت جاگرافي ۽ فطرت سان گهرو تعلق اٿس. وشوامِتري ندي جي ٻنهي ڪنارن تي دور دور تائين ٻڙ جي وڻن جون قطارون ٻيڻل هونديون هيون. ان ناتي سان شهر جو نالو پيو وڊپترا. وڊپترا مان آهستي آهستي ڦري بڙودا ٿي ويو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي، پر هندستان جي ٻين حصن وانگر علائقائي رنگ ڏيڻ خاطر بڙودا کي وڊپترا مان بڙودا تائين پهچڻ کان اڳ ودودڙا جي مرحلي مان به گذرڻو پيو. اهڙي ريت ودودڙا کان بڙودا تائين جو سفر سولو ٿي پيو.

جنهن شخص بڙودا کي سماجي ۽ پيداواري صلاحيتون ميسر ڪري ڪيس جديد دور ۾ آندو سو هو مهاراجا سياجيراءُ ٽيون (1875_1939ع). هو پنهنجي وقت جو بهترين انتظام سڌارڪ هو. هن جيڪي دليريءَ جا فيصلا ڪري بڙودا جي سماجي توڙي مالي حالت سڌاري، انهن جي ڪري ئي هيءُ شهر گهڻ رُخي ترقي ماڻي سگهيو. سندس نالي پٺيان قائم ڪيل ’مهاراجا سياجيراءُ يونيورسٽي‘ جي ڪري بڙودا تعليمي مرڪز بڻجي پيو. گهڻن سالن کان پوءِ مون کي اهو رتبو حاصل ٿيو ته مون اٺويهه سو اسي جي پوئين ڏهاڪي ۾، دبئي ۾ بڙودا جي مهاراجا رنجيت سنگهه گائيڪواڙ ۽ سندس موهڻي ڌرم پتني مهاراڻي

شيانگيني راجي گائيڪواڙ ۽ سندس ٻارن جي مهماني ڪرڻ جي عزت حاصل ڪئي.

مهاراجا جي ئي ڪوشش سان ٻڙودا ۾ مثالي ڪپڙي ناهڻ جون ملون ۽ ٽائيلن جا ڪارخانا لڳا. نه رڳو ايترو پر مهاراجا نجي سرمائيدارن کي پڻ همٿايو ته هو اڳتي وڌي اچن ۽ هن شهر ۾ وڏيڪ سيڙپ ڪري وڏ ۾ وڏ ڪارخانا لڳائين. سندس پاليسين جي نتيجي ۾ اڄ ٻڙودا ٽيڪسٽائيل، ڪيميڪل ۽ تيل جي ڪارخانن جو مکيه مرڪز بڻجي پيو آهي. پهرين جديد فئڪٽري جيڪا هن شهر ۾ لڳي، سا هئي اليمبڪ ڪيميڪلس ۽ سال هو 1907ع. سارا ڀائي ڪيميڪلس ۽ جيوتي لميٽيڊ جهڙيون ڪمپنيون گهٽ پوءِ 40 جي ڏهاڪي ۾ آيون. 1962ع ڌاري ڪمپنين جو انگ وڌي 288 تي ويو ۽ منجهن ڪم ڪندڙن جو تعداد هو 2751.

انڊسٽري جي اهڙي طرح ڦهلجڻ چڙ ته چقمق جهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو. شاهوڪار واپاري ۽ ڪارخانيدار نه رڳو ٻڙودا مان، پر سڄي هندستان مان ڇڪجي هن شهر ۾ سرمايو لڳائڻ لاءِ پهچي ويا. اهڙي طرح ٻڙودا ڏار ڏار سڀيتائن جو باغيچو بڻجي پيو. جنهن ۾ هر رنگ ۽ هر سڳنڌ جا گُل اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا. انهن ۾ اسان سنڌي به شامل هئاسين. سنڌي ته ٻڙودا ۾ اڳ ئي موجود هئا ۽ گهٽي تعداد ۾ هئا. مٿان جو ٿيو ورهاڱو سو ڪافي ماڻهو پنهنجن پراڻن ديس واسين جي آسري تي اچي ساڻن گڏ ٿيا.

ٻڙودا جا ڪئي رنگ ڪئي روپ هئا. ڏاڍو امن امان وارو شهر هو. ٿيڻ به گهربو هو. گجراتي ماڻهو گهڻو ٽڙ ڏنڏوڙي آهن، ان ڪري مٺ محبت ۽ صلح سانت سان رهڻ پسند ڪندا آهن. بزنيس لاءِ پڻ جيڪي گهربل حالتون آهن، انهن ۾ سڀ کان اهم آهي امن امان، سک ۽ شانتي. ان کانسواءِ ڪاروبار وڌي ۽ ويجهي، اهو ممڪن ئي ناهي.

ٻڙودا ۾ جسماني جذباتي ۽ ذهني تفريح جو پڻ گهڻو سامان موجود هو. ڪلاسيڪل سنگيت ۽ ناچ ۽ جديد ٿيئٽر کان سواءِ ٻڙودا ۾ لوڪ پسند ڪلچر جا پيا به ڪئي. ذريعا هئا. جن کي گهڻن ماڻهن جي سرپرستي حاصل هئي ۽ اڪيچار ماڻهو کين پسند ڪندا هئا.

ٻڙودا کي پنهنجي ڪرڪيٽ جا ميدان هئا، ٿيئٽر گروپ هئا، سئنيمائون هيون، گشتي سرڪس هئا ۽ موسمي رام ليلا هئي. نوراتري، ديوالي، گڻيش چترٿي، عيد، نئون سال، اُترائڻ ۽ هولي جهڙا ڏڻ ڏاڍي ڌوم ڌام سان ملهايا ويندا هئا. اهي خوشين جا تهوار شهر ۾ رهندڙ هر مذهب ۽ قوم جي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي هر ڪو هڪ ٻئي جي خوشيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندو هو.

مان انهن ڏينهن ۾ ڏاڍو مشغول هوندو هوس. نوڪري به ڪندو هوس ۽ پڙهڻ به ويندو هوس. پر جيڪو وقت ڪيڏي سگهندو هوس، ان مان گهڻي ۾ گهڻو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ويجها دوست ادبي ذوق رکندا هئا، ان ڪري منهنجو لاڙو پڻ علم ۽ ادب ڏانهن رهيو. گڏوگڏ فائين آرٽ ۾ به

دلچسپي وڌندي وئي. سچ تہ اهو اهي تہ علم ۽ ادب ۾ مان ايترو تہ گهرو هليو ويو هوس جو 1958ع ۾ بمبئي ۾ ٿيندڙ ٻئين سنڌي سميلن ۾ شامل ٿيڻ جو پڪو پهہ ڪيم.

جنهن شخص سان گڏجي سميلن ۾ نالو رجسٽر ڪرائڻ لاءِ ويس، اهو هو ڊاڪٽر ايل.ڪي.پريم ميڊيڪل ڊاڪٽر هو ۽ بڙودا ۾ تمام سٺي پريڪٽس هلندي هيس. ڊاڪٽر پريم تمام سٺو شاعر هئڻ سان گڏ ڳائيندو بہ چڱو هو. پاڻ 'سنڌو سماج' جو پريزيڊنٽ پڻ هو ۽ منهنجي ادبي سرگرمين ۾ ايتري دلچسپي ڏسي مون کي آڇ ڪيائين تہ مان سماج جو سيڪريٽري ٿيان. سنڌو سماج بڙودا جي سنڌين ۾ هڪ ادبي ۽ سماجي تنظيم جي حيثيت ۾ ڪافي مشهور هئي. ڊاڪٽر پريم جي ان آڇ کي مون پاڻ لاءِ وڏي عزت سمجهيو. خاص طور پنهنجي ننڍڙي عمر کي سامهون رکندي اهڙي عهدي جو ملڻ مون لاءِ تمام گهڻي فخر جي ڳالهہ هئي. هي اهو وقت هو جڏهن سنڌي سماج ۾ سجاڳي جي نئين لهر ڪر موڙي جاڳي اُٿي هئي ۽ هو بڙودا جي سماجي زندگي ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪرڻ لاءِ اتاولو ٿي رهيو هو.

سماج جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ منهنجون ذميواريون هيون سماجي توڙي سيپتائي پروگرامن جي رٿابندي ڪرڻ ۽ اهڙيون گڏجاڻيون ڪرائڻ جن ۾ سنڌي پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ روايتن جي واڌاري لاءِ ڪو عملي ڪم ڪري سگهن. ان ميل جول جو نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي ڏيٺ ويٺ نالي وارن ليکڪن سان ٿي.

سماج هڪ ٽماهي مخزن سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سپيتا' جي نالي سان پڻ ڇپائيندي هئي. اها مخزن پنهنجي تر ۾ ڏاڍي مشهور ٿي. ڊاڪٽر پريم جي خيال ۾ منهنجو لاڙو ادب ڏانهن گهڻو هو ۽ مون وٽ لفظن جو بہ پنڊار هو ان ڪري هن مون کي همٿائڻ شروع ڪري ڏنو تہ مان سپيتا لاءِ ضرور ڪجهہ لکان. ويچارو وڏي محنت سان منهنجي لکڻين کي نہ رڳو ويهي پڙهندو هو پر منجهن ڦير ڦار ڪري، ڇپجڻ لائق پڻ بنائيندو هو. سندس مدد سان ڇپيل منهنجي لکڻين کي سٺي موٽ ملي ۽ اهڙي ريت مون کي گهربل همت افزائي بہ ملي. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ مون وڌيڪ اُتساهہ سان لکڻ شروع ڪيو.

سماج ۾ ڪم ڪرڻ ڪري منهنجي سٺي تربيت ٿي. اتان سماجي ڪمن ۾ حاصل ڪيل تجربو مون کي بعد ۾ اڳتي هلي ڏاڍو ڪم آيو. دبئي ۾ پنهنجي ڪاروباري مشغولين باوجود مان ڪنهن نہ ڪنهن ريت سماجي ڪمن ۾ رُڌل رهيس. اهو سمورو نتيجو هو نوجواني ۾ بڙودا جي سماج ۾ ڪم ڪرڻ جو.

بڙودا ۾ رهڻ جو مون کي هڪ ٻيو بہ فائدو ٿيو مان گجراتي ٻولي سکي ويس. نہ رڳو سکي ويس، بلڪ ماهر ٿي ويس. ڪن دوستن جو خيال آهي تہ منهنجي گجراتي سنڌيءَ کان بہ وڌيڪ سٺي آهي. مون تہ مشهور گجراتي ناٽڪن ۾ مکيہ رول بہ ڪيا، جن ۾ پارڪي پاڻي ۽ شيشامان اُتاريا ڏاڍا پسند ڪيا ويا. اهي سڀ ڪم مان جيوتي لميٽيڊ جي نوڪري دوران ڪندو رهيس. ٿيئٽر ۾ منهنجي اداڪاري شايد

ايتري تہ چڱي هئي جو ڪن ٻين ڇاتل سڃاتل ٿيئٽر گروپن جي طرفان پڻ سٺيون آڇون ملڻ لڳم.

ٻڙودا جا ٿيئٽر نہ رڳو اُتان جي مقامي ماڻهن جي شوق جو نتيجو هئا. بلڪ ماڻهن جو بي انتها چاهہ ڏسي بمبئي مان بہ مشهور ڪمپنيون اسان جي شهر ۾ اچي اسٽيج ڊراما ڪنديون هيون. انهن ۾ پرٿوي راج ڪپور جي ڪمپني بہ هئي. پرٿوي راج ڪپور خاندان جو وڏو هو جنهن بمبئي جي فلمي دنيا ۾ ڏاڍو وڏو نالو ڪمايو هو. پرٿوي راج ۽ سندس پٽ اسٽيج سان ايترو تہ واڳيل هئا, جو جيتوڻيڪ بمبئي جي فلم انڊسٽري جا مضبوط ٿنڀا ليکيا ويندا هئا ۽ سندن ذهانت جي ڪري فلم انڊسٽري نئين راهہ تي هلي نڪتي هئي, پر تڏهن بہ پاڻ کي ٿيئٽر کان جدا ڪري نٿي سگهيا.

پرٿوي راج پنهنجو پاڻ کي ٿيئٽر ۾ اهڙو تہ گم ڪري ڇڏيو هو جو هو چاهيندو هو تہ جهڙي شرڌا سان ناٽڪ ۾ ڪم ڪري ٿو ڏسندڙ پڻ ساڳئي جذبي سان مگن ٿي ڪهاڻي توڙي ڪردارن ۾ سمائجي وڃن. ڪا معمولي ڀُل چُڪ, لاپرواهي يا درشڪن جي طرفان بي توجهي کيس پريشان ڪري وجهندي هئي. ڊسيپلين جو ڏاڍو پڪو هوندو هو. مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيرو ٿيئٽر جي دوران هو ضد ڪري بيهي رهيو تہ هال جا سمورا پنکا بند ڪيا وڃن, ڇو تہ هن جي خيال ۾ پنکن جو آواز ناٽڪ جي گنڀيرتا ۾ خلل وجهي رهيو هو. ظاهر آهي تہ ان زماني ۾ مائيڪرو فون استعمال ڪونہ ٿيندا هئا, ان ڪري ٿيئٽر ۾ ڪم ڪندڙن کي پنهنجي آواز جي اُتار چڙهاءَ ۽ گفتگو جي انداز وسيلي ئي پنهنجي ڪردار کي نِڪاري پيش ڪرڻو پوندو هو. ڪو بہ هلڪي ۾ هلڪو ڌاريو آواز سندن محنتن تي پاڻي ڦيرڻ لاءِ ڪافي هو. اهڙي طرح ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ پڻ پورو ڌيان ڏئي نہ سگهندا هئا.

هو اڪثر ناٽڪ شروع ٿيڻ کان اڳ اسٽيج تي وڃي ڏسندڙن کان معافي گهرندو هو تہ پنکن بند ٿيڻ ڪري کين گرمي, گهُٽ, مونجهہ ۽ پگهر ۾ شل تي ڊرامو ڏسڻو پوندو.

نوجواني ۾ جيڪڏهن مون کا هڪ شي ڪڏهن نہ گسائي, تہ اها هئي فلم. سٺي فلم منهنجي سڀ کان وڏي ڪمزوري هوندي هئي. مان هميشہ آخري شو ڏسندو هوس ۽ سو بہ هر هفتي جي آخري رات. نائين بجي شو شروع ٿيندو هو ۽ مان پنهنجي پياري ايسٽرن اسٽار نالي سائيڪل تي ٺيڪ نائين بجي سئنيما وٽ پهچي ويندو هوس. سائيڪل جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ اهو بہ ٻُڌائيندو هلان تہ اها سائيڪل نہ رڳو مون کي پياري هئي, بلڪ منهنجي ڪُل ملڪيت ۽ موڙي اها سائيڪل ئي هئي. فلم جو آخري شو ڏسڻ مان اهو فائدو هو تہ ان وقت نہ اسڪول کوتي ٿيندو هو ۽ نہ نوڪري.

اڄ بہ بالي ووڊ دنيا جي بهترين فلمون ٺاهيندڙ مرڪزن مان هڪ آهي. پر اُن زماني ۾ تمام ٿوريون فلمون رليز ٿينديون هيون. بهرحال, فلمون ئي تفريح جو اڪيلو وسيلو هونديون هيون. ٽيليوزن اڃا آيو ڪونہ هو ۽ ريڊيو ان قسم جي تفريح مهيا ڪري ڪونہ سگهندو هو.

فلمون گھڻو ڪري 50 هفتن کان به مٿي هلنديون هيون ۽ اڪثر ماڻهو ساڳي فلم بار بار ڏسندا هئا. فئملي وارا ماڻهو گھڻو ڪري ڌرمي فلمون ڏسڻ پسند ڪندا هئا. جھڙوڪ هر هر مهاديو. اها فلم پنجاهه جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري رليز ٿي هئي ۽ فلم شوقينن کي ياد هوندو ته ان فلم ۾ تر لوڪ ڪپور ۽ نروپاراءِ ڪم ڪيو هو ۽ اها فلم فل هائوس سان 100 هفتا لڳي رهي هئي. حساب ڪريو ته 100 هفتا ذري گھٽ به سال ٿين ٿا. مقبول فلمون گھڻو ڪري نوجوان يا اڌيڙ عمر جا ماڻهو ڏسڻ ويندا هئا.

اُن زماني ۾ فلمن جي جاڻ سڃاڻ ميوزڪ ڊائريڪٽرن جي حوالي سان ٿيندي هئي. سچ اهو اهي ته فلمن جو وڪرو ميوزڪ ڊائريڪٽرن جي مشهوريءَ سان لاڳاپيل هوندو هو ۽ نڪي منجهس ڪم ڪندڙ اداڪارن جي نالي سان. ها البت راجڪپور، دليپ ڪمار، مڌوبالا، نرگس، ديو آنند، نمي ۽ نوتن وغيره تمام گھڻو مشهور هئا ۽ ماڻهو کين پسند به اوترو ئي ڪندا هئا. فلم ڊائريڪٽر ويچارو ته ڪاتي ۾ ئي ڪونه هوندو هو. دو آکين بارهه هاٿ، سيما، البيلا، بوٽ پالش، اناڙي ۽ وقت جھڙيون فلمون سريلن گانن جي ڪري وڌيڪ مشهور ٿيون. اهي امر گيت اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن. پلي ته نوجوان نسل پراڻين فلمن کي اينگھيل يا سِلو چوي، پر دل ئي دل ۾ هو پراڻي سنگيت تي اڄ به واه واه ڪري ٿا اٿن.

سنگيتڪارن ۾ ڪي اهڙا ناڻءُ به آهن، جيڪي ان زماني ۾ فلم جي ڪاميابي جي گارنٽي سمجھيا ويندا هئا. مثال طور، سنڪر جئڪشن، نوشاد، سي رام چندرا، مدن موهن، سليل چوڌري، او.پي. نير ۽ روي. انهن نالن ۾ جادوءَ جو اثر هوندو هو ۽ سندن سنگيت ماڻهن کي موهت ڪري ڇڏيندو هو ۽ پلي بئڪ ڳائڻ ۾ هوندو هو امر ڳائڪ محمد رفيع ۽ ساڻس گڏ هئي اوپر جي ڪوئل لتامنگيشڪر. ٻيا به هئا، جن جي گلي ۾ وڏو ميناج هو جھڙوڪ طلعت محمود، بلوسي راڻي، سي ايچ آتما، ڪي ايل سهگل، ثريا ۽ آشا پونسلي. انهن سيني گڏجي، پنهنجي ڪلا سان پنهنجو ناڻءُ ماڻهن جي دلين تي هميشه هميشه جي لاءِ پڪو پختو لکي ڇڏيو.

موضوع کان ٿورو هٽي مان هڪ دفعو وري سائيڪلن جي ڳالهه ڪندس. جيئن مان پهريون چئي آيو آهيان، مون وٽ ايسٽرن اسٽار نالي سائيڪل هوندي هئي. اها سائيڪل مشهور سائيڪل ريلي کان ٿورو سستي هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ هڪ عدد سائيڪل جو مالڪ ٿيڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هوندي هئي. خاص ڪري شاگردن ۾ ته ڪي تمام ٿورا هوندا هئا، جن وٽ چڙهڻ لاءِ سائيڪل هوندي هئي. گھڻا تڻا شاگرد اسڪول پيدل ايندا هئا. انهن مان اڪثر ڪيترا ميل پري کان ايندا هئا. اسڪولي بسون تمام ٿوريون هونديون هيون. ان ڪري اسان شهزادا، جيڪي سائيڪلن تي سوار ٿي اسڪول ويندا هئاسين، تن کي ٻيا شاگرد ڏاڍي حسد جي نگاهه سان ڏسندا هئا. اسان کي پنهنجي اهميت جو احساس هوندو ۽ لئه ڏيکارڻ جو به موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندا هئاسين. سائيڪل وڏي ميراث هئي، ان ڪري ان جي حفاظت ۽

بچاءَ لاءِ خاص اُپاءَ وٺڻا پوندا هئا. مان پنهنجي سائيڪل کي روز ڌوئي صاف ڪندو هوس ۽ تيل ڏئي تاٽ ڪري ٻيهاريندو هوس. رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجي پياري سائيڪل کي ڪلهو ڏئي، ور وڪڙ ڏاڪڻين تان چڙهي، پنهنجي گهر پهرئين فلور تائين پهچائڻ ۽ صبح سوير وري ساڳي طرح هيٺ لاهي اچڻ منهنجي ڊيوٽي ۾ شامل هوندو هو. ڪم ڏاڍو ڏکيو هو ۽ سائيڪل هئي پاري، پر شوق جو ته ملهه ئي ڪونهي.

ان زماني ۾ تفريح جو ٻيو ذريعو هو گشتي سرڪس. جيمينائي، گريٽ ايسٽرن، رائل ۽ اُن جهڙا ٻيا نالا ٻڌندي ئي ماڻهن جي دلين ۾ هلچل مچي ويندي هئي. اهي ڪمپنيون خوشي جي تهوارن تي شهر ۾ ايندڙيون هيون ۽ پورءِ مهينن جا مهينا پيون پنهنجا شو ڪنديون هيون. انهن جي خاص نشاني هوندي هئي. هڪ تيز چمڪندڙ سرچ لائيٽ جهڙي روشني، جيڪا اونداهيءَ ڪي چيري آسمان ڏانهن ويندي ئي دور دور تائين ڏيکاربي هئي. اهڙي قسم جون روشنيون اوهان کي اڪثر فلمن ۾ نظر اينديون هونديون. نوجوانن لاءِ اهي روشنيون وڏي ڪشش رکنديون هيون.

سرڪس انهن ڏينهن ۾ اجوڪي ايم. ٽي. وي. جي حيثيت رکندي هئي نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جا منجهس هر قسم جا مسالا هوندا هئا. شينهن، چيتا، هاٿي، رڇ، باندر، پولڙا، هر قسم جا جانور اچي گڏ ٿيندا هئا. بئنڊ پئي وڄندي هئي. پهلوان پنهنجا ڪرتب ڏيکاريندا هئا. موت جي کوهه ۾ موٽر سائيڪل سوار جا ڦيرا پيا پوندا هئا. پر سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيا ويندا هئا، پينگهُن تي ڪمال ڏيکارڻ وارا بازيگر. اسان جي خوابن جون شهزاديون هونديون هيون پينگهُن تي ٽپا ڏيڻ واريون سهڻيون ڇوڪريون، جن کي سخت تنگ لباس پاتل هوندو هو. مان نٿو سمجهان ته اسان نوجوانن مان ڪو به هڪ ڇڙو انهن جوانڙين جي جادوءَ کان بچيل هوندو. رنگين روشنين ۾ پڙڪيلا لباس اوڍي، جڏهن اهي خوبصورت ڇوڪريون بهادريءَ جا ڪارناما ڏيکارينديون هيون ته مون پارن جا ته وائيسر ئي ڦري ويندا هئا. دل چوندي هئي ته جيڪر ٽپو ڏئي وڃي ساڻن گڏ ٿيان. هاڻي ڳالهيون برابر ڪل جهڙيون لڳنديون هونديون، پر انهن ڏينهن ۾ دلچسپيءَ جا ذريعا به ته گهٽ هئا ۽ ههڙا تماشا يا ته ٿيئٽر ۾ يا وري سرڪس ۾ ڏسڻ لاءِ ملندا هئا.

هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن فلمون پلجي به اخلاق ۽ شرافت جي دائري کان ٻاهر قدم نه رکنديون هيون. هيروئنون سدائين ويڙهيون سيڙهيون ستيون ساوتريون ٿي گهمنديون هيون. ان جي مقابلي ۾ سرڪس جون ڇوريون انهن بندڻ کان آزاد، وار ڇوڙي، جسم سان چهٽيل ڊريس پائي، سونهن سينگار ڪري، ناز سان ٽلنديون جڏهن تماشبينن آڏو اونڌيون ابتيون ٿينديون هيون، تڏهن ماڻهن جا ماشا ئي ڦري ويندا هئا. فلمن ۾ هيرو ۽ هيروئن جو پاڻ ۾ پاڪر پائي ملڻ اول ته سوچ کان به اتانهين ڳالهه هئي، پر جي

ڪنهن وڏي همٿ ڪري اهڙي سين ڪٽي فلمايو ﮬ. تہ ﮬ سينسر جي ڪينچيءَ کان بچي ڪين سگھندو هو. پر جي هرويرو اهڙي قسم جي سين کان سواءِ ڪم نہ هلندو هو تہ پوءِ ويچاري هيروئن پاڪر کان اڳ ئي ٻنهي ٻانهن سان ڇاتيون ڍڪي ڇڏيندي هئي تہ ڪٿي هيرو جي جسم جو ڇهاءُ نہ محسوس ٿئي. اگھاڙي ٽنگ ڏيکارڻ جو تہ ڪو سوچي ﮬ نہ سگھندو هو.

ڇوڪريون تہ خير وٽنديون ئي هيون. پر ٻئي نمبر تي مون کي سرڪس جا جوڪر ڏاڍا وڻندا هئا. مون کي هنن جي ڇيڙڇاڙ ڪوچرائي ۽ سستي قسم جي مستي ۾ مشڪري ڏاڍو مزو ڏيندي هئي. پر جيڪا ڳالھ مون کي هنن تي وڌيڪ موهت ڪندي هئي، سا هئي انهن جو کلڻ ۽ ڪلائينڊڙ ماڻهن جي مُرڪ پويان لڪل اداسي. خبر ناهي ڇو مون کي سندن ٿهڪن ۾ ڇهڪ ۾ مرڪ ۾ لڙڪ نظر ايندا هئا. سوچيندو هوس تہ هي پوڪپائي جهڙيون حرڪتون ڪري ماڻهن کي ڪلائيندڙ انسان اندران ڪيترا ڏکويل، اڪيلا ۽ اُداس هوندا. ڪين ڏسي مون کي راجڪپور جي فلم ميرا نام جوڪر ياد اچي ويندي هئي، جنهن ۾ هن زندگي کي بي بقا ۽ بي وفا سڏيو آهي، ڇو تہ ان ۾ مڪمل سچائي ناهي، اڌ حقيقت آهي ۽ اڌ افسانو آهي.

ڪهتا هي جوڪر سارا زمانا،
آڌي حقيقت، آڌا فسانا.

خوشين جا تهوار پاڻ سان گڏ خوشي ۽ ميل جول جا موقعا ڪٺي ايندا هئا. گھرياتي، خاندان وارا ۽ يار دوست پاڻ ۾ ملندا هئا. ڪچهريون ٿينديون هيون. پوڳ نڪاءَ ڪبا هئا. مون پارا نوجوان، جيڪي هونءَ تہ سارو ڏينهن پيا اسڪولن يا آفيسن ۾ ڳھندا هئا، تن کي ساهي پٽڻ جو موقعو ملي ويندو هو ۽ هو سڀ ٿڪ ۽ پريشانيون ڀُلائي ڏينهن ٻن جي لاءِ بي فڪرا ٿي ويندا هئا. انهن تهوارن ۾ هڪ ڏينهن ديواليءَ جو ﮬ هوندو هو جيڪو ننڍين ٻارن توڙي نوجوانن کي ڏاڍو وڻندو هو. اسان کي جڻ تہ آزادي جو پروانو ملي ويندو هو. گجرات ۾ تہ ديوالي وڏي ڌام ڌوم ۽ شوق سان ملهائي ويندي هئي. ننڍڙا ننڍڙا ڏيئا جلائي هر طرف روشني ڪئي ويندي هئي. گھرن تي، درن تي، ديوارن تي، ڀتين ۽ ڇتين تي، باغن ۽ باغيچن ۾، جيڏانهن ﮬ نظر ڪر، جگمگ جگمگ ديپ جلدا نظر ايندا هئا. ائين جيئڻ آسمان ۾ ٽمندڙ تارا، جيئڻ اونداهيءَ رات ۾ اڏامندڙ بي شمار جگنو. آتش بازيون ٿينديون هيون، ڦٽاڪا ڦاٽندا هئا ۽ منايون ورهائبيون هيون.

هندستان جي ٻين تهوارن وانگر ديوالي پڻ ڌار ڌار ماڻهن لاءِ جدا جدا معنيٰ ۽ اهميت رکندي هئي. اتر هندستان ۾ ديوالي کي رام جو سيتا ۽ لڪشمڻ سان گڏجي ايوڌيا ڏانهن موٽڻ ۽ راوڻ جو موت سبب خوشي جي علامت طور ملهايو ويندو هو. راوڻ هڪ راڪشش راجا هو ۽ سندس موت سچ پچ تہ خوشي

جي ڳالهہ هئي. ٻئي طرف رام جو 14 سال بنواس ڪاٽي واپس ورڻ پڻ گهڻ خوشي جي ڳالهہ نہ هئي. ايوڌيا اهڙي موقعي تي ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپي. رام جي واپسي تي هنن سڄي راڄڌاني کي ڪنوار وانگر سينگاريو هو ۽ آتشبازيون ڪيون هيون ۽ ڦٽاڪا ٻاريا هئا ۽ رام کي تاج پارائي راڄا جي سنگهاسڻ تي ويهاريو ويو هو.

موجوده دور ۾ انهن خوشين کي نئين زندگي جي شروعات جي علامت سمجهيو ويندو آهي. ديوالي سياري جي آمد جو اطلاع ۽ پوک جي مند جو اهڃاڻ پڻ آهي. گجراتين، مارواڙين ۽ ٻين واپاري قومن لاءِ ديوالي لڪشمي ديوي جي پوڄا جو موقعو آهي. نئين مالي سال جي شروعات بہ ديوالي کان ٿيندڙ آهي.

گجرات جي هر گهٽي، پاڙي ۽ علائقي ۾ الڳ الڳ جشن ملهائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو هو. گربا ناچ پوري رات جاري رهندا هئا، تان جو ٻيو ڏينهن ٿي ويندو هو. گربا لفظ گربا ديپ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مٽي جو ڏيئو. گجراتي عورتون مٽي جي برتڻ چوڌاري نرت ڪنديون هيون، جنهن کي گربو ڪوٺيو ويندو هو ۽ ان برتڻ ۾ ٻاٽي وڌو ويندو هو. اهو ناچ ديوالي، نوراتري، شردپورنيما، وسنت پنچمي، هولي ۽ اهڙن ٻين تهوارن تي ڪيو ويندو هو. هڪ سوپاري ۽ هڪ چاندي جو سڪو هڪ برتن ۾ وجهندا هئا، جنهن کي چوندا هئا ڪُنڀ، ۽ مٿان رکبو هو ناريل. هڪ ڳائڻو ڳائيندو هو ۽ ڍولڪ وارو ڏيندو هو تال. نچندڙ ٽولي تاڙيون بہ وڄائيندي هئي ۽ برتن جي چوڌاري ڦرندي ۽ ڊانس بہ ڪندي ويندي هئي.

پر ديوالي جو سڀ کان اهم اسم هو رام ليلا. ڪيترائي ٽولا هفتن تائين گهٽين ۾ رام جي دلچسپ ڪهاڻي ناٽڪي انداز ۾ ڪري ڏيکاريندا هئا. ٻڙودا جون ٻي انتها گليون رام ليلا جي سُرن، ۽ ٽلين جي آوازسان گونجي اٿنديون هيون.

اداڪار هٽ جي ناهيل اسٽيج تي رام جي حياتي جي چونڊ واقعن کي ڊرامائي شڪل ڏئي پيش ڪندا هئا. هنن جا ويس وڳا شوخ، تيز ۽ ڀڙڪيلن رنگن جا ۽ ڏاڍا سينگاريل هوندا هئا. ميڪ اپ گهاٽو ۽ گهرو هوندو هئن ۽ اداڪاري ٿيئٽر جهڙي زوردار ۽ وڏي واڪي واري هوندي هئي. عورتون ۽ ٻار حيران ٿي ڏسندا هئا ۽ وڏا چوڌاري ميڙ ناهي ٽيڪاٽپڻي ڪندا ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سيٽيون وڄائي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار پڻ ڪندا هئا. وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن راماڻين جو ٽولو جنهن ۾ هر عمر جا مرد توڙي عورتون شامل هونديون هيون، رام چترمانس منجهان ڀڄن ڳائيندا هئا. پر اهو ڪم گهڻو ڪري ناميارا گروپ ڪندا هئا، جو تہ 16 صدي جي مشهور سنت ۽ ڪوي تلسيداس جي شاعري ڳائڻ جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهہ ڪونہ هئي. مان رام ليلا ڏسڻ لاءِ رات جي ڪاڏي کان پوءِ ويندو هوس ۽ صبح تائين ويٺو مزو وٺندو هوس.

نوجواني ۾ جذباتي ٿيڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر مون کي نا انصافي کان سخت چڙ ايندي هئي. آفيس ۾ جيڪڏهن ڪنهن سان انياءُ ٿيندو ڏسندو هوس ته مون کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. ڪنهن به سبب ڪري، هڪ عام انسان سان سماجي ڏاڍائي مون کي سخت مايوس ۽ اداس ڪري ڇڏيندي هئي. اهڙي طرح ڪنهن نااهل ماڻهوءَ جي پاس خاطري يا ڪنهن سفارشي جي ڪوتاهين کي درگذر ڪرڻ واري روش به مون کي ڏاڍو ڏکوئيندي هئي. جنهن ٽائيپنگ اسڪول ۾ مون ٽريننگ ورتي ۽ پوءِ اتي ڪم ڪيم، اُتي به ڪيترائي اهڙا واقعا ٿيا جن مون کي رنج پهچايو. جيڪو ڪم مان ڪندو هوس، هوبهو اهو ساڳيون ڪم ڪندڙ ڪن ماڻهن کي مون کان وڌيڪ اجورو ڏنو ويندو هو. منهنجو پياءُ هوتو جيڪو ان وقت هانگ ڪانگ ۾ ڪم ڪندو هو ۽ منهنجو اڪيلو رازدان هو تنهن کي مون پنهنجي شڪايت لکي موڪلي. جواب ۾ هن جيڪو شعر ڏياري موڪليو سو اج به مون کي چڱي طرح سان ياد آهي.

**ڍرومت ڪِ دنيا خلاف هي،**

**راستا وو چلو**

**جو سيڌا اور صاف هي.**

مون کي صلاح ڏنائين ته جيڪو بين کي ملي ٿو تنهن جو ڏک نه ڪر. تون پنهنجي روزيءَ تي صبر ۽ شڪر ڪر.

هن جي اها صلاح منهنجي لاءِ زندگي ڀر جي نصيحت ٿي پئي. ان کانپوءِ مون پنهنجي لاءِ هڪ اصول ٺاهي ڇڏيو. اهو هيءُ ته جيڪڏهن توهان 100 روپيا ڪمائڻ ٿا چاهيو ته 125 روپين جي محنت ڪريو. نظر اوچي رکو. ان مان توهان کي نااميدي گهٽ ٿيندي. اهو اصول مون پنهنجي لاءِ اج به قائم رکيو آهي. نااميدي ضرور ٿيندي آهي، پر دشمن جي چال مون کي تڪليف پهچائي نه سگهندي آهي. ڪاميابي ۽ ناڪامي وانگر اها به هڪ وقتي ڳالهه آهي. مان اهڙين ڳالهين کي وسارڻ سکي ويو آهيان.

❊

## باب چوٿون

# تاريخي شخصيتون

**تاريخ مان به ڳالهيون اسان کي ضرور سکڻ گهرجن. هڪ اها ته اسان پنهنجي پيءُ کان ڪنهن به طرح سان مٿانهان ناهيون ۽ ٻي اها ته اسان جيڪڏهن پنهنجي پيءُ کان اڳتي وڌي نه ٿا وڃو ته پوءِ اها ڳالهه اسان لاءِ شرمناڪ ٿي هجڻ گهرجي.**

**ٿامس آرنالڊ**

ڏنڊو سنڌين جي خون ۾ شامل آهي. سندن رڳ رڳ، نس نس واپاري رمزن کان واقف آهي. اها هنن لاءِ فطري ڳالهه آهي، جو ته سندن پالنا ئي واپاري ٻولي ٻڌندي ٿيندي آهي. اٿندي ويهندي، کائيندي پيئندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي هنن جي من جو لاڙو وري به ڏنڊي ڏانهن ئي هوندو آهي. ڪنهن به غير سنڌيءَ آڏو سنڌيءَ جو لفظ اُچاريو مس ته سندس ذهن ۾ هڪدم جيڪو پهريون خيال ايندو سو هي ته هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي سخت پورهيو ڪري، ڏک سک سهي، ڏينهن رات جاڳي، ڪاروبار وسيلي ڪنهن اوچي پَد تي پهچندا آهن. ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو جيڪڏهن مان هي چوان ته سنڌي جي معنيٰ آهي واپاري، ڪاروباري، ڏنڊوڙي يا بزنيس مئن. اهي لفظ مان وڏي فخر ۽ نيڪ نيتيءَ سان ٿو چوان، شرم يا پشيماني وچان نه. جيڪڏهن ڪا قوم يا جاتي پنهنجي محنت، سمجهه ۽ تجربي سان ڪنهن هنر ۾ نالو ڪمائي پنهنجو پاڻ مڃائي ٿي ۽ ڪاميابيون ماڻي ٿي ته ان قوم کي ڪنهن پر به لڄي ٿيڻ جي گهرج ناهي. هنن جي موجودگي ئي سندن ڪاميابي جو وڏو دليل آهي.

پر صرف ڪاروبار ئي اسان جي سڃاڻ ناهي. اسان جو سنگيت، اسان جا ڪاڏا، اسان جو ساهت، اسان جي زنده قوم هئڻ جي شاهدي ڏيندا. سنڌي هٿ جا هنر هزارن سالن کان دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ جاتا سڃاتا ويندا آهن. قديم تاريخ، ادب ۽ قلمي نسخن وسيلي خبر پوي ٿي ته ٻاهرينءَ دنيا کي سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ هئي ۽ اهو به ته سنڌ جي لاڙ واري حصي جا ڪاروباري ناتا نه صرف ميسوپوٽيميا (اڄڪلهه جو عراق) بلڪ اوپر ميڊيٽرينين جي ملڪن سان پڻ قائم هئا. اهو سڀ ڪجهه گهر ويٺي ڪونه ٿيو هوندو. ظاهر آهي ته اسان جي وڏن ڪشالا ڪڍي اهي ناتا جوڙيا هوندا. سنڌ جو نالو هنڌين ماڳين ڦهلائڻ لاءِ هنن کي پنهنجي وطن سان بي انتها پيار جو ثبوت ڏيڻو پيو هوندو. پنهنجي قومي ورثي، ٻولي توڙي ٻڻ ٻٽياد تي ناز جو اظهار ڪرڻو پيو هوندو. دنيا کي اهو نياپو ڏيڻو پيو هوندو ته ڏسو اسان

سنڌواسي آهيون ۽ سنڌ فقط هڪ ديس ناهي، پيار پريو ڌرتي بہ آهي، عظيم ثقافت بہ آهي، هنرمندن جو ڏيھ بہ آهي. اسان کي پنهنجي تاريخ آهي، پنهنجو ڪلچر آهي، پنهنجي ٻولي آهي ۽ پنهنجو شاندار ماضي آهي.

سنڌي جتي بہ ويا آهن، پنهنجون ريتون رسمون ۽ روايتون بہ ساڻ کڻي ويا آهن. اهو پيار ۽ تاريخ جو بارُ هو جيڪو کين هر حال ۾ پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو هو.

سنڌي واپارين کي انگريزن جي دور ۾ توڙي ان کان اڳ 'سنڌ ورڪي' سڏيو ويندو هو. ان لفظ جي پويان ڏاڍي دلچسپ تاريخي سچائي لڪل آهي. سنڌي پنهنجي هٿ جي هنر سبب ڏاڍا مشهور هئا ۽ پرڏيهي اڪثر سنڌي ڪم (Work) جي ڳولا ۾ رهندا هئا. سنڌي ڪم ۾ واپار ڪندڙ آهستي آهستي سنڌ ورڪي تي پيو. اهڙي ريت جيڪي سنڌي واپاري سنڌ مان وکر کڻي سمنڊ پار ويندا هئا، سي پڻ سنڌ ورڪي سڏجڻ لڳا. نالو اهڙو پڪو ٿي ويو جو خود سنڌ جا سنڌي بہ کين سنڌو ورڪي ڪوٺڻ لڳا.

ڏسڻو اهو آهي تہ اها ڪهڙي خوبي آهي، جنهن اسان کي ايڏو وڏو نالو ڏنو آهي؟ دنيا چوي ٿي تہ اهو سڀ ڪجھ اسان جي خون ۾ شامل آهي. پر نہ، اهو جواب ڏاڍو سادو سودو آهي. ان ۾ اها گهرائي ناهي، اها سچائي ناهي، اهو پگهر ۽ پورهيو ناهي، جنهن سبب سنڌي دنيا ۾ عزت ۽ احترام جي نگاھ سان ڏٺا وڃن ٿا. سچ تہ اهو اهي تہ اسان نانءُ ڪمايو آهي  پنهنجي لڳاتار، اڻٿڪ محنت سان، تجربي سان، واپاري ذهنيت جي واڌ ويجھ واري عمدي روايت قائم ڪرڻ سان ۽ ڏنڌي ۾ انصاف ۽ ايمانداري جا اصول اختيار ڪرڻ سان مضبوط وڻ جي شروعات مضبوط ٻج ساڻ ٿيندي آهي. سنڌي واپاري جو پٽ، واپار جا راز ۽ رمزون جوان ٿيڻ کان اڳ ئي سکي وٺندو آهي. سمجھ ايندي ئي هو هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور جي باري ۾ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ لڳندو آهي. سنڌيءَ لاءِ انهن ٻنهي ملڪن جي ٻي ڪا معنيٰ ناهي، سواءِ واپار جي. هاڻي تہ دبئي بہ ان لسٽ ۾ شامل ٿي چڪي آهي. هڪ سنڌي کي اها پلي پت پروڙ آهي تہ سون سائوٿ آفريڪا مان ايندو آهي ۽ اسرائيل توڙي بيلجم هيرن ڪري مشهور آهن. هن کي سيلان جي چانھ جي باري ۾ پل تہ معلومات گهٽ هجي، پر سيلان جي جواهرن بابت سڄي ڄاڻ هوندس. دنيا جي نقشي تي شايد هو جپان ڳولي نہ سگهي، پر پڇڻ تي بنا هٻڪ ٻڌائي ڇڏيندو تہ جپان اليڪٽرانڪ شين جي ڪري مشهور آهي. هو انهن ملڪن جي وکر جي باري ۾ وڏي اعتماد سان ڳالهائي سگهندو، ڇو تہ هن جا چاچا ۽ ماما انهن ملڪن ۾ اڳوات ئي موجود آهن. هو اسڪول مان موٽڻ کان پوءِ بہ چار ڪلاڪ پلي تہ سنگتين ساٿين سان راند روند ڪري، پر ان کان پوءِ کيس پيءُ جي دوڪان تي بہ ٻہ ٽي ڪلاڪ ضروري ويهڻو آهي تہ جيئن سندس هٿ ونڊائي سگهي. وئڪيشن جو مطلب رڳو موڪل نہ، پر چاچي يا سوٽ سان گڏ ملڻ لاءِ هانگ ڪانگ يا ڪنٽري آئليند بہ وڃڻو آهي. هاڻي جيڪو ٻار اهڙي ماحول ۾ اک کوليندو، وڏندو

ويجھندو. وڏو ٿيندو، سو 17 ۽ 18 سالن جي ڄمار تائين پنھنجي ڪِرت ۾ پڪُو نہ ٿيندو تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟

خانداني رواج موجب سنڌي واپاري پنھنجي پُٽ کي ان ڏينھن کان وٺي ڌنڌي سان لڳائيندو آھي، جنھن ڏينھن ڇوڪر اسڪولي تعليم پوري ڪئي. ٻار لاءِ وڌيڪ تعليم يا ڊگري حاصل ڪرڻ بي سود آھي، ڇو تہ ان سان ڪاروبار کي ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. جيڪڏھن ڪا وڌيڪ تعليم ضروري آھي تہ اھا ڪيس دوڪان تي ئي ملندي. دراصل سنڌي واپاري لاءِ سڀ کان سٺي يونيورسٽي آھي سندس شھر، سندس گھر ۽ سندس دوڪان، ڇو تہ انھن جاين تي ئي ھو ڌنڌي ڌاڙي جي سڀ کان عمدي تعليم تجربي جي آڌار تي حاصل ڪري سگھي ٿو. جڏھن سندس پٽ بالغ ٿئي ٿو تہ سمجھو تہ ھو ھاڻي لائق ٿي ويو آھي تہ واپار جي منجھيل مسئلن کي پاڻ سلجھائي سگھندو ۽ اڪيلي سر واپاري معاملن کي خود مُنھن ڏئي سگھندو.

ائين بہ ناھي تہ ڪو سنڌي ڪاروباري ماڻھوءَ کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان عارُ آھي، پر ڇاڪاڻ تہ مقصد ئي ڪاروبار ڪرڻ آھي تہ پوءِ ايترو سارو قيمتي وقت وڃائڻ مان ڇا ھٿ حاصل؟ سنڌين جي ان رويي کي جارج مئٿيو ايڊمس اجھو ھنن لفظن ۾ تو بيان ڪري: ترقيءَ جي خواھش، ذھني ھوشياري، نواڻ پيدا ڪرڻ يا ذھني توڙي روحاني ترقي جي لاءِ عمر جي ڪا بہ حد مقرر ڪرڻ ضروري ناھي. پراڻي ڪھاوت آھي تہ جيڪو جوکو نہ کڻندو سو ڪجھ بہ نہ لٽندو. ظاھري طور اھا ڳالھہ درست ٿي لڳي، پر ٻئي طرف اسان جا ڪيترا ئي اھڙا ڪم جن ۾ جوکو بہ شامل آھي، فائدي بجاءِ نقصان ڏيندا آھن. پر فقط اھو خيال ئي اسان جي آٿت لاءِ ڪافي آھي تہ اسان جوکم کنيو. اھي ماڻھو جيڪي ڪجھ نٿا ڪن، چپ چاپ ويٺا آھن، يا پاسيرا بيھي تماشا ٿا ڏسن، اھي زنده تہ رھن ٿا پر اڌورا. رڳو مزي خاطر ئي سھي، مھم جوئي کي بہ مناسب ھاڪاري اھميت آھي. سِر تي جوکا کڻندا رھو توھان ڪڏھن بہ بيزار نہ ٿيندؤ.

مون کي پڪ آھي تہ جارج مئٿيو ايڊمس مٿيون سٽون سنڌين جي لاءِ چيون آھن، ڇو تہ ھن جو ھڪ ھڪ لفظ روائتي سنڌي واپاري سوچ جي ترجماني ٿو ڪري.

شروعات ۾ سنڌي واپاري ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندا ھئا. سنڌ ۾ تمام سٺو ڪپڙو تيار ٿيندو ھو ۽ ان جو ناماچار دور دور تائين پڌرو ۾ ايندو ھو. ڪپھ مان نھيل اھو ڪپڙو ڏيھہ توڙي پرڏيھہ ۾ ھٿو ھٿ کپي ويندو ھو. ان ڪري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي وڃي آباد ٿيندا ھئا، پوءِ ڪٿي اھو سينگاپور ھجي يا ھانگ ڪانگ، انڊونيشيا ھجي يا جپان يا وري دبئي ڇو نہ ھجي، منجھن ڪپڙي جا واپاري مڙئي سوايا ھوندا ھئا. اھا صورتحال اڄ سوڌو ائين ئي آھي.

جڏھن انگريز انڊيا ۾ آيا تڏھن سنڌي ڪپھ جو ڪپڙو ڏسي حيران ٿي ويا ۽ اھا واڪاڻ سڄي يورپ تائين پھچي وئي. ماڻھو دنيا جي ڪنڊڪڙڇ کان خاص طور گھي اچي سنڌي ڪورين جي ڪاريگري

ڏسندا هئا ۽ خوب ساراهيندا هئا. ڪپڙي جا ڪيئي قسم، سندن بناوت، هٿ جي صفائي، رنگن جي ملاوت ۽ ڪاريگرن جي مهارت سبب سنڌي ڪپڙو هٿو هٿ کڄڻ لڳو. رڳو ڪپهه جو ڪپڙو تہ نہ هو سنڌي ڪاريگر سلڪ ۽ بروڪيڊ بہ واهہ جو ٺاهيندا هئا. سنڌ جي روهڙي شهر ۾ ٺهندڙ سلڪ تہ ڏاڍي مشهور هئي. پرڏيهہ توڙي مقامي ماڻهو ان سلڪ لاءِ ديوانا هوندا هئا. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ ٺهندڙ چمڙي جو سامان پڻ دنيا ڀر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. مينهن جي کل مان جوڙيل سجاوتي چمڙو جنهن کي پورچوگيز سنڌي چمڙو چوندا هئا، تنهن تي ڪاريگر وڏي محنت سان ڏاڍي توڙي سلڪ جون ڀرتيون ٺاهيندا هئا ۽ مختلف رنگن سان سجائي وڪرو ڪندا هئا.

اها ڏک جهڙي ڳالهہ آهي تہ اڄڪلهہ جا سنڌي پنهنجي شاندار ورثي ۽ روايتن کان بي خبر آهن. نوجوان نسل ۾ اوهان کي ڪيترا اهڙا سڄاڻ ملندا جن کي معلوم هوندو تہ سندن وڏن دنيا جي ٻن لاجواب سڀيتائن کي ملائي پنهنجي لاءِ انهن ٻنهي جي نچوڙ مان دنيا ۾ خاص مقام حاصل ڪيو هو. اهي ٻہ سڀيتائون هيون مهراڻ جي ماتري ۽ ويدن جي زماني جون تهذيبون. ان سلسلي ۾ نئين پيڙهيءَ کي پنهنجي انمول ورثي جي باري ۾ آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ ڪوششون تہ ٿي رهيون آهن، پر اهي ڪافي ناهن.

قديم هندستاني تهذيب سنڌو ماتريءَ جي تهذيب ۽ ويدن جي سڀيتا جو سنگم هئي. ٻنهي ۾ جيڪو اهم تفاوت هو سو هيءَ تہ سنڌو ماتري جا رهواسي شو پوڄا ڪندا هئا ۽ ويدڪ سڀيتا جا ماڻهو صرف قدرت جا پوڄاري هئا. مهراڻ جي ماتري جي تهذيب 2600 ق-م کان 1900 ق-م تائين عروج تي هئي. بنيادي طور اها شهري تهذيب هئي، جنهن ۾ ماڻهن جو خاص ڌنڌو هو واپار ۽ ڪاروبار. ويدن واري تهذيب دراصل ٻهراڙي سان واسطو رکندڙ هئي، جنهن ۾ ماڻهن جي روزگار جو ذريعو هو هر ڪاهڻ ۽ فصل اُپائڻ. 1924ع واري موهن جي دڙي ۽ ساڳي طرح هڙاپا جي کوٽائي مان سنڌو ماتري جي رهاڪن جي صاف سٿري ۽ سڌريل زندگي جا ا هڃاڻ ملن ٿا. هي ماڻهو ميسوپوٽيميا (عراق) جي رهواسين وانگر لکي پڙهي ڄاڻندا هئا ۽ آرٽ توڙي هٿ جي هنر ۾ ماهر هئا. کوٽائي جي ماهرن کي سندن هٿ جا لکيل هزارين ثبوت مليا آهن. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اڄ تائين انهن لکيتن کي ڪوبہ پڙهي ڪونہ سگهيو آهي. هڙاپا جي ماڻهن وري ميسوپوٽيميا جي رهواسين وانگر لکڻ لاءِ ڪي علامتون مقرر ڪيون هيون. شايد دنيا جو پهريون لکت جو طريقو انهن ماڻهن ئي ايجاد ڪيو هو. ميسوپوٽيميا جا ماڻهو اٽڪل 2400 ڪلوميٽر اولهہ طرف رهنداهئا ۽ سندن شهر هڙاپا کان چند سؤ سال اڳ آباد ٿيا.

هڙاپا تهذيب تمام گهٽي ڦهليل هئي. اولهہ ۾ سنڌو ماتريءَ کان ٿينديءَ، اُترا فغانستان ۽ ترڪيءَ تائين، اوڀر ۾ هماليا جي دامن کان دهليءَ تائين وارا علائقا ان جي ا ثر هيٺ هئا. هڙاپا سنڌو ماتري جي تهذيب جو سڀ کان وڏو شهر هو. ٻيا مکيا شهر هئا موهن جو دڙو، چانهون جو دڙو، ڪالي بانگن ۽ لوٿل.

اهي شهر چار لک ڪلوميٽرن جي ايراضي تائين ڦهليل هئا. تازين کوٽاين مان معلوم ٿيو آهي تہ هڙاپا جي تهذيب اڳ ڪيل سيني ڪاٿن کان وڌيڪ پراڻي آهي. ماهرن وٽ ثابتيون موجود آهن تہ 32000 سال قبل مسيح (هڙاپا شهر جي آبادي کان 700 سال اڳ) بہ هڪڙو ڳوٺ ان ساڳيءَ جاءِ تي موجود هو. ياد رهي تہ هڙاپا جي پنهنجي تاريخ 2600 سال قبل مسيح جي آهي.

هڙاپا جي تهذيب جون بہ مکيہ ڏارائون هيون. هڪڙي هئي سورٺ هڙاپا ۽ ٻي هئي سنڌي هڙاپا. انهن ٻنهي ۾ سورٺ (سوراشٽرا) گهٽ ترقي يافتہ هئي، ڇو تہ منجهس مُهرون، زيور، سينگار جون شيون توڙي اعليٰ عمارتون موجود نہ هيون. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌي هڙاپا تهذيب وڌيڪ سڌريل هئي. منجهس خوبصورت عمارت سازي جا نمونا، پڪيون سِرون ۽ انهن سان جوڙيل جايون، گندي پاڻي جي نيڪال جون ناليون ۽ ٽپال جي ٽڪلي جي سائيز جيترين پٿر جون مهرون ۽ انهن تي اُڪوريل لکت توڙي شڪليون ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ موجود هو جنهن مان اتان جي ماڻهن جي سڌريل رهڻي ڪهڻي جو پتو پوي ٿو. ڪي مهرون يا سيلون اهڙيون بہ مليون آهن جن تي ديوتائن جون تصويرون اُڪريل آهن. ڪن تي وري جانورن جون شڪليون اُڪريل آهن. انهن ۾ ٿوهي وارو زيبو ڏڳو خاص طور تي قابل ذڪر آهي، ڇو تہ اهو ڏڳو اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهي. انهن مُهرن کي آليءَ مٽي جي تختين تي لڳائي پوءِ ڪين پچائي پڪو ڪيو ويندو هو. گمان آهي تہ اهڙيون تختيون مال ۽ وکر جي مالڪي ڏيکارڻ لاءِ يا ان جي سڃاڻپ لاءِ ڪتب آنديون وينديون هيون.

هڙاپا جي ابشندن جي رهڻي ڪهڻي جا راز تڏهن کليا، جڏهن هڪ دڙي ۾ موجود اسٽوپا (ٿنڀي) جي پاسن کان کوٽائي ڪئي وئي، ان کوٽائي مان ٻين ڪيترين ڳالهين کان سواءِ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهي دڙا ڪيترن ئي تهن جي مٿان ٻيٺل آهن. هڪ شهر جي تباهي کان پوءِ ايندڙ نسل ان ئي جاءِ تي ٻيو شهر آباد ڪيو. اهڙي طرح شهرن مٿان نوان شهر اڏيا ويا. عام طور چيو ويندو آهي تہ ان دڙي هيٺان گهٽ ۾ گهٽ ست تهہ موجود آهن ۽ هر تهہ جي پنهنجي جدا تاريخ آهي، پنهنجا روڊ رستا آهن، پنهنجون عمارتون آهن. انهن شهرن جا رهواسي وچولي درجي جي شهري سماج جا فرد هئا. هو مهارت سان رٿيل شهرن ۾ رهندا هئا ۽ سندن سڌريل طرز زندگي پنهنجي دور جي مڙني تهذيبن کان مٿانهين ۽ مان واري هئي، جن ۾ مصر ۽ بابل جي تهذيب بہ شامل آهي. ياد رهي تہ ٻنهي تهذيبن جي مشهوري اتان مليل خوبصورت برتنن، ٺڪر جي ٿانون، جن مان ڪي سادا آهن ۽ ڪن تي چٽسالي ٿيل آهي، ۽ سينگار جي سامان جي ڪري ٿي، جيڪو ان وقت جا شهري روزمره جي ڪم آڻيندا هئا. سنڌي هڙاپائي ننڍين ننڍين سردارين ۾ ورهايل هئا، جيڪي ٻن کان پنجن ايڪڙن جي ايراضي تي قائم هونديون هيون. سندن سماج ذات پات جي پيڊ پاوتي ٻڌل ڪونہ هو بلڪ ڪرت ۽ ڪسب جي لحاظ سان ورهايل هو. ان ڪري ماڻهو ذات،

قبيلي يا قوم جي بجاءِ پنهنجي ڌنڌي جي ناتي سان سڃاتا ويندا هئا، جهڙوڪ: مهاڻا، سونارا، هاري، واپاري وغيره.

شهرن جون گهٽيون سڌيون، پڪيون ۽ ويڪريون هيون ۽ ڪين ڳنڍڻ لاءِ ڇوٽيون گهٽيون ٺهيل هيون. گهٽيون عمارتون گهڻ ماڙيون هيون، جن ۾ رهڻ لاءِ ڪافي ڪمرا، سنان جايون ۽ گدام پڻ هئا. اڪثر گهرن جي پڌر جي چوڌاري رهائشي ڪمرا ٺهيل هئا. اج بہ ان طرز جا گهر اتر هندستان توڙي پاڪستان ۾ جام نظر ايندا. گهر هوادار هئا. هر گهر ۾ هڪ هڪ کوهہ، هڪ سنان جاءِ ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هڪ ڪسي يا نالي هئي، جيڪا گهر مان نڪري گهٽي جي ڪناري وهندڙ نالي ۾ پوندي هئي ۽ پوءِ سموريون گهٽين جون ناليون وري ڪنهن جاءِ تي هڪ وڏي نالي ۾ وڃي ڪرنديون هيون، جيڪو اندران ئي اندران ڪٿي دور وڃي ڇوڙڪندو هو. اهي سڀ ڪسيون، نااليون توڙي نالا صحت ۽ صفائي جي خيال کان هر طرح ڍڪيل هوندا هئا. شهر جي وچ ۾ هڪ ڏرمي مرڪز هوندو هو جتي ماڻهوءَ گڏ عبادت يا پوجا پاٺ ڪندا هئا. هڙاپائي پاڻيءَ جا ماهر انجنيئر هئا. اها مهارت ڪين گهڻ ماڙ عمارتن ٺاهڻ ۽ وڏا ۽ اوچا ٿلها جوڙڻ ۾ ڪم ايندي هئي. برسات ڪڏهن گهٽ ڪڏهن وڌ، ڪڏهن بنهہ ڪونہ پوندي هئي، ان ڪري هو کوهہ کوٽيندا هئا تہ جيئن جَرَ جو پاڻي حاصل ڪري سگهجي. ڪٽڪ پوکيندا هئا. جوئر، ٻاجهر ۽ جوَ بہ اُپائيندا هئا ۽ ماپ ۽ تور جو نظام پڻ ايجاد ڪيو هئائون. سون، چاندي، لوهہ ۽ ٻين ڌاتن جا ڪاريگر هئا. هيرن، جواهرن، سون ۽ چاندي منجهان سهڻا زيور ٺاهڻ ڄاڻندا هئا. چوڙيون، جهومڪ ۽ هار مختلف ڊزائينن ۾، باريڪ ڪم سان ٺاهيل زيور اڄڪلهہ جي فيشني زيورن کان گهٽ مختلف ناهن. ماڻهو ڳلي ۾ مهرون ۽ تائت هار جيان پائيندا هئا تہ جيئن ديوتا مٿن راضي رهن.

هڙاپا جا ماڻهو وڏا ڪاريگر هئا ۽ گڏوگڏ سنا واپاري پڻ هئا. هو هٿ جا ٺهيل سونا زيور، پتل جا ٻاسڻ ۽ نيم قيمتي پٿر، جهڙوڪ هلڪي يا گهري رنگ جا لاپز لازولي (لاجودر)، عاج ۽ مٽيا ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻهر عمان، گلف (نار)، ايران ۽ مغربي ملڪن ۾ وڪرو ڪندا هئا. هو لاپز لازولي افغانستان واري علائقي مان گهرائي، ان کي ڪٽي گهڙي، پالش ڪري، ان مان زيور جوڙيندا هئا. عربستاني ساموںڊي ڪناري کان وڏا، اُڀا، چلن وارا ڪوڏ گهرائي، ڪاراين سان ڪپي، چوڙيون ٺاهيندا هئا. پوري پيلي رنگ جي سخت پٿر کي گهڙي، ان مان وڏا مٽيا ٺاهيندا هئا. انهن مٽين جي اها خوبي هوندي هئي جو جيڪڏهن ڪين بٺيءَ ۾ وجهبو تہ هڪدم رنگ بدلائي نارنگي ڳاڙها تي جرڪڻ لڳندا هئا. ماهرن اهي تجلا ڏيندڙ مٽيا ميسوپوٽيميا جي مقبرن ۾ چمڪندي ڏٺا آهن.

اناج کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ هڙاپاين هڪ لاجواب گودامن جو سسٽم ٺاهيو هو. هنن هڪ وڏو گودام عام ماڻهن جي لاءِ ٺاهيو هو جيڪو بئنڪ يا خزاني طور ڪم ايندو هو. موقعي تان کوٽائي دوران حاصل

ڪيل ماڻهن جي هڏاون پڃرن مان پتو پوي ٿو ته هو ڪاڏي پيتي ۾ خوشحال هئا. جانورن جي هڏن مان پروڙ پوي ٿي ته ان دور جا ماڻهو چوپايو مال، رڍون، ٻڪريون، مينهون، ڪتا ۽ ڪڪڙ وغيره پاليندا هئا.

چڱي ريت جاچ جوچ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ ان نتيجي تي پهچجي ٿو ته ان سڀيتا جا رهواسي جنگ جدل ۽ خون خرابيءَ ڪان ناواقف هئا. جيتوڻيڪ ڪجهه هٿيار پڻ لڌا ويا آهن. پر اهي ويڙهاند جي ڏانءُ جا ناهن. شهر جي وڏندڙ واپار ۽ ماڻهن جي سُکي حياتي باوجود، شهر جي پوڏاري بچاءَ جي ديوار ۽ جنگ جي هٿيارن جو نه هئڻ اهو صاف ظاهر ٿو ڪري ته اهي ماڻهو امن پسند هئا ۽ صلح سانت سان بي خوف زندگي گذاريندا هئا. اها به ڄاڻ پوي ٿي ته اها تهذيب ڪنهن خاص حصي تائين محدود نه هئي. بلڪ منجهس ڦهلجڻ جون سڀ خوبيون موجود هيون.

سنڌي هڙاپائي طرز زندگي جو اثر گجرات، ڪڇ، پنجاب، هريانا ۽ اتر پرديش تي به پيو جنهن جا اهڃاڻ اڄ به نظر پيا اچن. تازو هماليا جي دامن ۾ مانڊا نالي قديم تهذيب جو هڪ نئون نڪاٽو ڳولي لڌو اٿن. ان جي جاچ مان خبر ٿي پيو ته هڙاپا جو هماليائي ڪاٺ جي واپار تي چڱو خاصو قبضو هو. گهبا نالي هڪ ٻي ڪوتائيءَ واري جاءِ، جيڪا هڙاپا تهذيب جو حصو هئي، سا شايد ڏاتن، معدنيات ۽ ڪاٺ جي پرڏيهه روانگي لاءِ ٽرمينل جو ڪم ڏيندي هئي. ان جاءِ تي گڏ ڪري، وڪري جون شيون افغانستان ۽ اڳوڻي روسي، وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن روانيون ڪيون وينديون هيون.

چاڪاڻ جو سنڌو ماٿري جي تهذيب ۽ ويديائي تهذيب جي ميلاپ سان سنڌي سڀيتا جڙي هئي، ان ڪري اتان جي ٻولي تي پڻ انهن تهذيبن جو گهاٽو اثر پيو. ماهرن جي نظر ۾ سنڌي ٻولي ويديائي دور کان اڳ جي ٻولين جي هڪ شاخ آهي ۽ سنسڪرت جو به متس اثر هو. ان ڪري هن دراوڙن توڙي آرين جي ٻولين جا لفظ به پاڻ ۾ جذب ڪري ورتا هئا.

سنڌين جي ٻي هڪ خاص خوبي آهي هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ لڏڻ. سنڌي وڻج واپار سانگي اڪثر ڏارين ملڪن ڏانهن لڏيندا پئي رهيا آهن. يوناني ادب ۾ سنڌين جي ان رويي جو لکت ۾ ثبوت موجود آهي. يوناني ادب جي شاهڪار ڊگهي نظم اِليڊ ۾ سِنتين (سنڌين) ماڻهن جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪي عجيب ٻولي ۾ گفتگو ڪندا هئا. اهو حوالو ولڪن نالي هڪ مڪار ڳمي جو آهي، جيڪو پنهنجي ماءُ جُنو کي پرچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. هو چوي ٿو هڪ ڀيرو اڳ به، جڏهن مون تنهنجي مدد ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، هن مون کي پير کان جهلي عرش کان فرش طرف ڪٽي اُڇليو. سڄو سارو ڏينهن، صبح کان وٺي شام تائين مٿان کان زمين ڏانهن پئي ڪريس. جڏهن سج لٿو تڏهن ليمناس جي ٻيٽ تي اچي ڦهڪو ڪيم. دم ته ذري گهٽ نڪري ويو هوم. سگهه باقي ڪانه رهي جو اُٿي سگهان. ٻي ستو پيو رهيس، تان جو سنتين (سنڌي) آيا ۽ اچي منهنجي مدد ڪيائون. (اليڊ1:594)

17 صدي عيسوي ۾ ايڊورڊ پوڪاڪ (1604_91) هڪ انگريز پادري، جيڪو مشرق (اُڀرندي) دنيا جي علم جو ماهر پڻ هو ۽ شام جي اليپو نالي شهر ۾ رهندو هو. تنهن هندستان جي يونان تي اثر بابت لکندي تفصيل سان سنڌين جي ميڊيٽرينين (يونوچ سمنڊ) ۽ اتر آفريڪا ڏانهن لڏ پلاڻ جي لهر جو ذڪر ڪيو آهي. هن لکيو آهي ته ويدن واري دور ۾ پاني نالي هڪ قوم جنهن جو تعلق ساڳئي واپاري قبيلي وانڪس (Vanikas) يا واڻيا (Vanias) يا بنيئا (Banias) سان هو سي لڏي پنهنجي وطن کان ڏور، يونان ۾ اچي آباد ٿيا. هو پنهنجو حيرت جهڙو ڪپڙو پاڻ سان گڏ نئين دنيا ۾ کنيو آيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ڪپهه پراڻي دنيا جي دور دراز حصن ۾ مشهور ٿي وئي. اهڙي طرح سنڌ جو نالو سُواسا (Suvasa) يعني سٺي ڪپڙي جو ملڪ پئجي ويو.

سنڌي شايد پنهنجي حاڪمن جي سياسي زور آورين کان تنگ ٿي، ملڪ ڇڏي، لڏي هليا ويا هجن. اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو سمنڊ رستي دور دراز ملڪن ڏانهن امن امان جي تلاش ۾ ويا هجن، هو ضرور سامونڊي ڪنارو ڏئي مڪران وٽان لنگهيا هوندا، جيڪو گلف (نار) جي ايراني طرف آهي. گلف جي مُنهن مان لنگهي هو عمان، هيدرامنت (Hadramant) ۽ يمن مان ٿيندا ڳاڙهي سمنڊ وٽ پهتا هوندا. اتان وري نيل ندي تي چڙهي ڏکڻ مصر جي نيوبيا (Nubia) بادشاهت ۾ ويا هوندا، جيڪا سوداني سرحد ۽ ايبسينيا (هاڻي ايٿوپيا) سان لڳ آهي، هو اتي به نه ترسيا هوندا. نيل ندي جي ڇيڙي وٽ ميڊيٽرينين سمنڊ وٽ پُڳا هوندا. جيڪي انهن منجهان شام ۽ لبنان ۾ لهي پيا، سي فينيشنس (Phoenicians) سڏجڻ لڳا. پالي تي پيا پانيڪاز (Panikas)، يعني پيونڪ (Punic) نسل يا فينشنس (Pheonicians). تاريخدانن هنن لڏي آيل نون ماڻهن جي يوناني تهذيب ۾ آندل واڌاري ۽ سڌاري جو ذڪر ڪيو آهي.

مغرب جا ماڻهو جڏهن هنن لڏي آيل ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ آيا ۽ سندن رهڻي ڪهڻي ڏٺائون، ۽ سندن واڌارن اوير جي واکاڻ ٻڌائون ته سندن مهم جو حاڪمن جي دل سُرڪي. هنن سوچيو ته ڇو نه اسان حملو ڪري هلي سنڌ فتح ڪريون ۽ پنهنجي اکين سان ان سکي ملڪ کي ڏسون. سنڌ هنن جي لاءِ سامونڊي توڙي خشڪي جي رستي کان پهچڻ ۾ سولي هئي. سٿين (Scythians)، پارٿين (Parthians)، ڪُشن (Kushans)، هُن (Hun)، گريڪ (Greeks) ايراني (Iranians) ۽ عرب قومن سنڌ لاءِ ايتري ته ڪشش محسوس ڪئي، جو هو وقت بوقت سنڌ تي حملي آور ٿيندا رهيا. انهن مان ڪيترائي سنڌ ۾ رهي پيا ۽ آهستي اتان جي ماڻهن سان رلي ملي هڪ ٿي ويا.

عربن 638 کان711ع تائين سنڌ تي لڳاتار ڪيئي حملا ڪيا. تاريخدانن جي چوڻ مطابق عربن سامونڊي توڙي خشڪيءَ رستي 15 حملا ڪيا. آخرڪار بغداد جي حاڪم حجاج بن يوسف جو ڀائٽيو

محمد بن قاسم، عراقي، شامي ۽ عرب سپاهين جو لشڪر ساڻ ڪري سنڌ تي ڪاهي آيو. ڊگهي ۽ چِٽي جنگ کان پوءِ 711ع ۾ هن سنڌ فتح ڪري ورتي. اهو هند توڙي سنڌ لاءِ ڏاڍو اهم واقعو ثابت ٿيو ڇو ته ان کان پوءِ عربن جي حڪمراني اٽڪل ٻه سو سالن تائين رهي.

بهرحال، حملن جي حوالي سان سڀ کان دلچسپ حملو ڪيو سڪندر اعظم. سڪندر اعظم يوناني هو ۽ سندس حملو عربن جي اچڻ کان ڪيئي صديون اڳ ٿيو جڏهن پنجاب مان اتان جي راجا پورس سان ٿيل مشهور ٽڪراءَ کان پوءِ واپس پئي ٿيو ته رستي ۾ سنڌ تي به حملو ڪيائين. دراصل هن پنهنجن طوفاني حملن دوران ايران، افغانستان ۽ اتر اولهه هندستان تي چڙهائي ڪئي هئي ۽ ڪافي دشمن پيدا ڪري ورتا هئا. موٽندي وقت هن نٿي چاهيو ته ساڳئي رستي کان واپس وڃي. ان ڪري هن ڪي سنڌ تي حملو ڪرڻو پيو. حملو اوچتو هو ان ڪري شروعات ۾ سنڌ ۽ سنڌ سان لاڳاپيل ننڍڙيون رياستون گهٻرائجي ويون. پر جلدئي هو پاڻ سنڀالي ويا ۽ گڏجي سڪندر جي فوجن تي چئني پاسن کان حملو ڪري ڏنائون. سنڌ جي حاڪم سباس سان ويڙهاند ۾ سڪندر کي ڪلهي ۾ زخم رسيو. ٽنگ ڏڪجي پيس ۽ ڇاتيءَ ۾ تير لڳس. هڪ ڀيرو ته افواهه ڦهلجي ويو ته سڪندر اعظم جنگ ۾ مارجي ويو.

دنيا جي فاتح سڪندر اعظم لاءِ اهو وڏو ڌڪ هو ڇو ته هو تازو پنجاب مان پورس جي هٿان يقيني شڪست کان بچي نڪتو هو. يوناني تاريخدان پلوٽارچ (Plutarch) چوڻ موجب، پورس جي خلاف لڙائيءَ مقدونيا جي رهواسي سڪندر جا ڇيهه چني وڌا هئا. لاچار سڪندر کي پورس سان ٺاهه ڪرڻو پيو. پلوٽارچ لکيو هو ته سڪندر نه صرف پورس کي پنهنجي رياست جي گورنري ڏني، پر ٻين آزاد قومن جن کي هن جيتيو هو تن جا علائقا پڻ کيس ڏئي ڇڏيا.

سڪندر تي سنڌ جي حڪمرانن جيڪي حملا ڪيا، تن مان نه صرف هو بچي نڪتو پر مٿن سرسي پڻ قائم ڪري ورتائين. هن برهمڻن کي خاص طور پنهنجو نشانو بنايو ڇو ته سندس خيال ۾ برهمڻ ڊرمي ۽ چاٽو هئڻ سبب سنڌ جي حاڪمن کي مقابلي ڪرڻ جون صلاحون ڏئي رهيا هئا. اُن کان پوءِ برهمڻن جي ڏيهه نيڪالي شروع ٿي وئي. بهرحال، سڪندر برهمڻن جي قابليت کان گهڻو متاثر ٿيو. ان ڪري هن ڏهه برهمڻ فلاسفر قيد ڪري پاڻ وٽ رکيا. پلوٽارچ انهن ڏهن قيدي برهمڻن ۽ سڪندر جي وچ ۾ ٿيل گفتگو اجهو هن ريت بيان ڪئي آهي.

سڪندر پهرئين برهمڻ کان پڇيو "اهو ٻڌاءِ ته سڀ کان وڌيڪ ڪير آهن: مئل يا زنده؟."

"زنده. ڇو ته جيڪي مري ويا، سي باقي نه رهيا." جواب مليو.

سڪندر اعظم اهو جواب ٻڌي خوش ٿيو. ٻئي برهمڻ کان پڇيائين، "سڀ کان وڌيڪ وڏا جانور ڪنهن پيدا ڪيا، سمنڊ يا زمين؟"

”زمين. سمنڊ تہ زمين جو حصو آهي.“

ٽئين برهمڻ کان پڇيائين, ”سڀ کان وڏيڪ مڪار جانور ڪهڙو آهي؟“

”اهو جنهن کي انسان اڃا تائين ڳولي نہ لڌو آهي.“

هُن پوءِ چوٿين برهمڻ کان پڇيو ”توهان سنڌ جي راجا سباس کي مون سان جنگ جوٽڻ لاءِ ڪهڙو دليل ڏنو؟“

”ڪوبہ نہ. سواءِ ان جي تہ هويا تہ ذلت جي زندگي جيئي, يا عزت جو موت مري.“

پنجون سوال برهمڻ جي عقل جي امتحان وٺڻ جو سڪندر اعظم پڇيو. ”ڏينهن ۽ رات ۾ ڪنهن جي ڄمار وڏي آهي؟“

قيدي جواب ڏنو ”ڏينهن. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ڄمار ۾ وڏو آهي.“

ڇهين کان سوال پڇيائين. ”انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي جو ڪيس بي انتها پيار ملي؟“

قيدي وراڻيو ”ڪيس گهرجي تہ هو پاڻ کي طاقتور ثابت ڪري, ظالم نہ.“

ستين کان سڪندر پڇيو ”ماڻهوءَ کي ديوتا بنجڻ لاءِ ڇا گهرجي؟“

ڏاهي برهمڻ جواب ڏنو ”اهو ڪجهہ ڪري ڏيکاري جيڪو ٻيو انسان نہ ڪري سگهي.“

اٺون سوال هو ”زندگي ۽ موت مان وڌيڪ زوراور ڪير آهي؟“

”زندگي موت کان وڌيڪ سگهاري آهي ڇو تہ اها تمام گهڻين مصيبتن کي سهارو ڏئي ٿي.“ ڏاهي مرڪندي چيو.

نائين کان سڪندر پڇيو ”انسان لاءِ تنهنجي راءِ ۾ فضيلت سان جيئڻ لاءِ ڪيترو عرصو درڪار آهي؟“

”اوستائين, جيستائين زندگي کان وڌ موت جي تمنا نہ ٿئي؟“

پوءِ جڏهن برهمڻن جو وارو آيو تہ هو سڪندر اعظم کي سوال پُڇن, تڏهن انهن مان هڪ, جنهن جو نالو ڪالانس هو تنهن بادشاهہ سان ڳالهائڻ کان نابري واري ڇڏي ۽ چيو تہ جيسين سڪندر پنهنجا لٽا لاهي ساڻس نياز ۽ نئڙت سان نہ ڳالهائيندو تيسين هو بہ ساڻس گفتگو نہ ڪندو.

جڏهن سڪندر اهو شرط مڃيو تڏهن ڪالانس زمين تي هڪ سڪل, سڪڙيل ۽ گُهنجن واري کل اڇلي ۽ پاڻ ان جي ڪنڍن پاسن تي چڙهي بيٺو تہ جيئن ثابت ڪري سگهي تہ ائين ڪرڻ سان کل سڌي ٿي نہ سگهندي. پوءِ پنهنجي ڏاهپ ڏيکاريندي, جڏهن کل جي وچ تي وڃي بيٺو تہ اها کل هڪدم سڌي ٿي وئي. ڏاهي, سڪندر اعظم کي جيڪو سبق ڏيڻ ٿي چاهيو سو هيءُ تہ دنيا ۾ هيڏي هوڏي پڇڻ, ڀڪڻ ۽ رلڻ مان ڪجهہ ڪونہ ورندو. نہ ڪيس فائدو پهچندو ۽ نہ سندس قوم کي. بجاءِ ان جي تہ سڪندر اعظم دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين فوجون ساڻ ڪٽي ملڪ فتح ڪندو وتي. هن لاءِ چڱو اهو

آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ رهي ماڻهن جي خدمت ڪري.

سنڌ جي برهمڻ کي ختم ڪرڻ متعلق تاريخ ۾ هڪ ٻي بہ ڪهاڻي موجود آهي.

اٺين صديءَ ۾ هڪ ٻيو حملا آور محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ هتان جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏنائين. محمد بن قاسم سياٽپ ڪري دربار جي برهمڻن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ سندن دليون جيتڻ جو فيصلو ڪيو. نتيجي طور برهمڻن محمد بن قاسم جي لاءِ جاسوسيءَ جو ڪم سرانجام ڏنو. هنن جي مدد سان ئي محمد بن قاسم راجا ڏاهر کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جيت کان پوءِ برهمڻن کي انعام اڪرام ڏيڻ بدران هو مٿن ڏمرجي پيو. هن جو چوڻ هو تہ جيڪي ماڻهو انعام جي لالچ ۾ پنهنجي ملڪ سان غداري ڪري سگهن ٿا، سي هڪ ڌارئي سان ڪهڙي وفاداري ڪندا؟ هن فيصلو ڪيو تہ جيئن تہ برهمڻ ڀروسي جي لائق ناهن ۽ پنهنجي ملڪ سان بي وفائي ڪئي اٿن، ان ڪري کين ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.

تاريخ جي انهن ڪهاڻين ۾ ڪيترو سچ آهي ۽ ڪيترو ڪوڙ آهي، اهو الڳ بحث آهي، پر هڪ ڳالهہ صاف ظاهر آهي. اها هيءَ تہ سنڌ جي آباديءَ جو تمام ٿورو حصو اٽي ۾ لوڻ جي برابر، برهمڻ جو هو. دراصل سنڌ ۾ ڪوبہ برهمڻ هو ئي نہ. ڇو تہ سنڌي سماج ۾ ذات پات جو ٻيڄ پاءُ ڪونہ هوندو هو.

ذات پات ۽ رنگ يا نسل جو مت ڀيد، جنهن کي ”ورڻ“ سسٽم چيو ويندو هو ۽ خاص ڪري اهو رواج هندن جي سماج جو اهم حصو هو سو سنڌ ۾ ڪنهن بہ طرح جڙ پڪڙي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ برهمڻ، جيڪي ”ورڻ“ سسٽم ۾ سڀ کان اوچي ذات جا سمجهيا ويندا هئا ۽ ڌرمي لحاظ کان سندن مان تمام وڏو هو پر سنڌ ۾ اهي سنڌي سماج جو هڪ جهڙو حصو ٿي رهيا. ايڇ.ٽي. لئمبرڪ، جيڪو انگريزن جي طرفان سنڌ جو ڪمشنر ٿي رهيو ۽ جنهن ”سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ“ (Sindh Before the Muslim Conquest) نالي ڪتاب لکيو. تنهن جو چوڻ آهي تہ برهمڻن جي اثر ڪري سنڌ هميشہ ڌارين جي ڪاهُن جو مقابلو ڪيو.

برهمڻ جي اُسرڻ جي مشهور ڊگهي منظوم ڪهاڻي مهاڀارت ۾ ملي ٿي. ڪورون جي ”دشالا“ جڏهن پنهنجي قوم ۾ اخلاقي ڪمزوريون ڏٺيون، تڏهن دريوڌن کي وينتي ڪيائين تہ ڪي برهمڻ ڏياري موڪل جيڪي ماڻهن کي سڌي راهہ ٻڌائن. ديوڌن عرض اگهايو ۽ ڏهہ هزار برهمڻ ڏياري موڪليائين. انهن مان ڪي جيڪي سنڌ ۾ آيا، سي ڌرمي ڪمن ۾ لڳي ويا ۽ پوڄا پاٺ ۽ ٻيون رسمون ادا ڪرڻ لڳا ۽ ڪي وري راجائن جا صلاحڪار بڻجي ويا. پر هو گهڻو تڻو شهرن ۾ رهيا.

جيڪي ٿورا برهمڻ سنڌي ڪميونٽيءَ ۾ نظر اچن ٿا، سي تازو سنڌ ۾ آيا آهن. انهن ويچارن کي تہ سنسڪرت جي بہ پوري ڄاڻ ڪانہ هئي، جتي هندستان جي ٻين حصن جا برهمڻ سنسڪرت جا وڏا

چاڙهو آهن. سنڌي برهمڻن کي ٿورا شلوڪ ياد هوندا هئا، جيڪي ڏرمي رسمن وقت اُچاريندا هئا. هنن جو ڪارج فقط اهو ئي هو ته ضرورت آهر ڪي رسمون پوريون ڪجن. پر هو سنڌ ۾ ڪڏهن به وڏي طاقت ٿي ڪونه اُڀريا.

ڏارين جي ڪاهن مان هڪڙو فائدو اهو نڪتو ته سنڌي واپارين کي مختلف قومن جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جو سنو موقعو مليو. اهڙي طرح هو پرڏيهه جو سفر به ڪرڻ لڳا، ۽ منجهائنڪي ته ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيڻ لڳا. سنڌي سوداگر نائين صدي عيسوي کان عربي نار جي ايراني پاسي آباد ٿيڻ لڳا هئا. هنن جو واپار عمان، يمن ۽ ان کان به اڳتي ڳاڙهي سمنڊ تائين ڦهليل هو.

نئين دور جي لڏ پلاڻ 15 صدي عيسوي ڌاري ٿي، جڏهن ٺٽي (لاڙ) جي سوداگرن، ڀاٽين عمان سان سڌو سنئون واپار شروع ڪري ڏنو. ان کان پوءِ سنڌ جي ٻين حصن مان پڻ واپاري عمان سان واپاري ناتن ۾ شريڪ ٿي ويا. ڪڇ جا ڀاٽيا ۽ حيدرآباد جا ڪوجا به پنتي ڪين رهيا.

سنڌي واپاري روايتي طور ساموندي رستو اختيار ڪندا هئا، پر مغلن جي دور ۾ هنن خشڪي رستي پڻ واپار جي شروعات ڪئي. 18 صدي عيسوي جي وچ ڌاري اپر سنڌ جي ننڍڙي شهر شڪارپور مان باقاعدي رٿابنديءَ هيٺ لڏ پلاڻ ٿيڻ لڳي. اٽڪل هڪ سؤ سال پوءِ حيدرآباد، جيڪو ٽالپر حاڪمن جي دور ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ هو (1843ع _1783ع)، ان به شڪارپور جي پوئواري ڪئي ۽ هتان جا ماڻهو به واپار سانگي پرڏيهه وڃڻ لڳا. اهي به صديون سنڌ جي اتهاس ۾ ڏاڍيون اهم آهن: واپاري لڏ پلاڻ جي ناتي سان ۽ واپار جي نوعيت سان به.

شڪارپوري پئسي ڏوڪڙ جي لين دين ۾ هوشيار هئا. سندن مشهوري بئنڪرن جي حيثيت سان تمام گهٽي هئي. ڏوڪڙ هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ جلد پڄائڻ لاءِ هنن ”هنڊي“ جو رواج وڌو. ان سسٽم هيٺ اعتبار تي واپاري پنهنجي رقم ڏيهه پرڏيهه ۾ جلد کان جلد موڪلي سگهندا هئا. هيءَ سسٽم ان دور ۾ وجود ۾ آيو جڏهن آمدورفت جو ٻيو ڪو خاطر خواهه وسيلو ڪونه هو سواءِ نجي ٽپالين جي. شڪارپورين جي ناڻي جي معاملن ۾ ڏاهپ ۽ رٿابنديءَ جي شهرت هنڌين ماڳين ڦهليل هئي. 18 ۽ 19 صدي عيسوي ۾ سندن مهارت کين روس جهڙي دور دراز ملڪ تائين پهچائي ڇڏيو. هنڊي رستي رقمن جي ڏي وٺ جو طريقو جيڪو هنن ٺاهڻ جوڙيو هو سو دنيا ۾ ايڏو ته مقبول ٿيو جو روسي وچ ايشيا ۾ آخرڪار هو پير پختا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

هنڊي جو سسٽم انهن واپارين، سوداگرن ۽ مسافرن لاءِ رحمت ثابت ٿيو جيڪي اٽانگن رستن ۽ خوفناڪ علائقن مان لنگهندا هئا. خاص ڪري وچ ايشيا جا علائقا، جيڪي امن جي لحاظ کان سلامتي وارا نه سمجهيا ويندا هئا. هُنڊي جي ڪري واپارين کي رقم پاڻ سان گڏ کڻي نه پوندي هئي. جيڪڏهن

ڪو ماڻهو افغانستان جي قنڌار شهر کان سينٽر (وچ) ايشيا جي ڪنهن شهر ڏانهن سفر ڪرڻ گهرندو هو ته هو هُنڊي رستي پنهنجا پئسا اڳوات قنڌار ۾ جمع ڪرائي، اُها ساڳي رقم پنهنجي منزل تي وڃي وصول ڪندو هو.

سنڌي بئنڪرن جي هاڪَ ايڏي ته ڦهلجي ويئي جو هو روسي بئنڪرن جي لاءِ "وچئين ماڻهوءَ" جو رول ادا ڪرڻ لڳا. هو بئنڪرن کان قرض وٺندا هئا ۽ ساڳي رقم ٻيهر هارين ۽ زميندارن کي قرض تي ڏيندا هئا. هو چين جي سنڪيانگ صوبي ۽ ڏکڻ ايران ۾ به ناتي سان چانيل هئا. ساڳي طرح هو 1917ع جي روسي انقلاب اچڻ تائين وچ ايشيا ۾ هڪ مضبوط طاقت بڻيا رهيا. روسي انقلاب کان پوءِ ملڪي حالتون بگڙي ويون ۽ سياسي پونچال اچي ويو. اها صورتحال ڏسي هو هندستان موٽي آيا ۽ هتي اچي ڪامياب بئنڪرن طور ٻيهر ڪم شروع ڪيائون. انڊيا ۾ شروعاتي مرحلي ۾ هنن پنهنجا مضبوط ٺڪاڻا بمبئي ۽ مدراس ۾ قائم ڪيا ۽ پوءِ جڏهن پاڙ پرا ٿيا، تڏهن پنهنجو ڪم برما ۽ سيلون تائين وڌائي ڇڏيائون. هاڻي هندستاني معيشت جي ڦهلاءَ کي نظر ۾ رکندي، هنن پنهنجي ڌنڌي کي پڻ گهڻ رخو ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙي طرح وقت جي للڪارن جو وڏي همت ۽ هوشياريءَ سان مقابلو ڪري رهيا آهن.

هڪ طرف شڪارپورين پنهنجي لاجواب بئنڪنگ واري ذهن طور نالو ڪمايو ته ٻئي طرف وري حيدرآبادي سنڌين واپار ۾ وڏو مانُ حاصل ڪيو. سندن ڪاميابيءَ جو راز اهي گُڻ هئا، جيڪي هنن پنهنجن وڏڙن جي تجربي مان سکيا هئا. سنڌ ورڪي (حيدرآباد جا واپاري) پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ به وڏي ۾ وڏو جوکو کڻڻ تي هريل هئا. انهن ڏينهن ۾ مسافري ڪرڻ وڏي جوکي جو ڪم هوندو هو. سفر ڪرڻ اٽانگو به هوندو هو. اڄڪلهه جيتريون سهوليتون به ڪونه هيون. سنڌ ورڪي انهن حالتن هيٺ پرڏيهه جا سفر ڪري ڪپڙي توڙي ٻين قيمتي شين جو واپار ڪندا هئا. هو اڪثر ٻه ٻه سال يا اڃا به وڌيڪ وقت وطن کان پري رهندا هئا. جڏهن موٽندا هئا ته ٿورا ڏينهن ٻارن ٻچن سان گذاري وري ٻيهر سفر جا سانباها ڪندا هئا. عورتون ساڻ ونئي وڃڻ اوکو ڪم هو انڪري محدود مدت لاءِ ويندا هئا ۽ پئسا ڪمائي واپس ورندا هئا ته جيئن گهر وارا سکيا ڏينهن گذاري سگهن.

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻُڌي
پاسا مَٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُت ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

هنن جي محنت ۽ مهارت جو اندازو اُن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن مصر جديد سياحت (ٽوئرزم) جو مرڪز بڻيو ۽ سڄي دنيا کان ماڻهو مصر گهمڻ ۽ اُتان جون انوکيون شيون خريد ڪرڻ اچڻ لڳا، تڏهن اسان جا سنڌ ورڪي سنڌي هٿ جا هنر ۽ ٻيون قيمتي شيون ساڻ کڻي وڃي اتي وڪڻي ايندا

هئا. هنن تڪڙ تڪڙ ۾ پاڻي جي ڪناري وارن رستن تي پنهنجا دڪان کولي ڇڏيا. جن ۾ وڻندڙ ۽ نرالو وکر سَٽي، سياحن جو رخ پاڻ ڏانهن موڙي ڇڏيائون. مارڪيٽنگ ته قدرتي ڏات هئي جا ڏٺيءَ ڪين جائي ڄم کان ڏئي ڇڏي هئي. سامان وڪرو ڪيئن ڪجي، سو ته ڪو کائڻ سکي. ڪيترا سنڌ ورڪي ڪرنسي جي مٽا سٽا وارو ڌنڌو به ڪندا هئا ۽ ان مان لکَ ميڙيائون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي لاکيڻي لال، سنڌ ورڪين ۽ سندن ڪٽنبن جي باري ۾ سر سامونڊي ۽ سر سري راڳ ۾ دل کي ڇهندڙ بيت چيا آهن. سُر سري راڳ ۾ چوي ٿو:

**ماءِ! وِلاتي موٽيا، ٽا تڙين تنوارين،**
**وايون وڻجارن جون، جيءَ کي جيارين،**
**کليو ڪيڪارين، جنين سيڻ سلامت آئيا.**

سُر سامونڊي جو بيت آهي:

**اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،**
**اٺ ئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو.**

انتظار جي ڪيفيت اجهو هيئن ٿو بيان ڪري:

**وائنٽيون ٽيون وڙڪن، اجا سِڙهه نه پڌرا،**
**سي ئي ٽيون مرڪن، جنين سندا آئيا.**

سر سامونڊي ۾ شاهه سائين انهن ونين جي ڏک، پيرا ۽ بيتابيءَ کي ڏاڍي سهڻي نموني چٽيو آهي، جن کي سندن سنڌورڪي وَرَ پنتي ڇڏي، پاڻ ڏيساور ڪمائڻ لاءِ هليا ويندا هئا.

**سي ئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،**
**روئان رهن نه سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن،**
**مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري**

انتظار ۾ اوسيئڙي جون گهڙيون ان پل کان شروع ٿينديون هيون، جڏهن پوريءَ جو پتار در جي چائنٺ ٽپي پرڏيهه اسهندو هو. ويچاري ڳٽتين ماري، دريا شاهه جي ڪپ، گيهه جا ڏيا ٻاري باسون باسيندي هئي، لڙڪ لاڙيندي هئي، ٻيهر ملڻ لاءِ واجهه وجهندي هئي ۽ دور ويل ساٿي جي سلامتي لاءِ ڏٺي در دعائون پنندي هئي.

**سَرَ نسريا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين،**
**مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سُڪائون ڪيون.**

ويچاري وياڪل عورت، اڪيلي ۽ اٻالي، دل جو درد دل ۾ سانديو، من جي مانڌاڻ شانت ڪرڻ لاءِ

لڪين جتن ڪندي هئي. پاڻ کي پاڻ آٿت ڏيندي هئي. هر هڏڪيءَ کي پرين جو سنديسو سمجهي، سوچ جي ساگر ۾ گم ٿي ويندي هئي. دل ۾ پڪو پهه ڪندي هئي ته هيڪر مون وٽ موٽي اچي ته پيهر پاڻ کان پري وڃڻ نه ڏيندي مانس. جهيڙيندي سانس، روسامو ڪنديمانس. ايلاز منٿون آزيون نيزاريون پيرن جا پلاند، پيار جو واسطو:

آيل ڍولي ساڻ، جي اچي ته جهيڙيان!
لايئه ڏينهن گهڻا، مون سين ڪيئي ٿورڙا.

ڪيس جاڻ آهي ته سندس گهوٽ جڏهن گهر ورندو ته هن لاءِ سون، چاندي ۽ هيرن جواهرن جا تحفا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون پڻ ضرور آڻيندو. پر ڪيس نه زر سان چاهه نه زيور جي تمنا آهي. ڪيس گهرجي ته فقط ۽ فقط پنهنجو پيار گهرجي. جدائي جون ڏکيون راتيون هاڻ ڪانئس اڪيلي سر گهاريون نٿيون پُڄن. اوسيئڙي جا پل مٿس وَرهيه بنجي ورن ٿا. انتظار ۾ اوجاڳا سندس جوين ۾ جوانيءَ کي جوالا جيئن جلائن ٿا. هوءَ سکين سهيلين کي صلاح ٿي ڏئي ته پلجي ٻه ڪنهن سنڌورڪي کي جيون ساٿي نه بنائجو. جيڪو لنڪا جي سون لاءِ سودائي هجي ۽ پيارل جي پريم کان اڻڄاڻ.

۽ آخرڪار جڏهن سڪ جي چڪ سڄڻ کي پيهر وطن جا وڻ ڏيکاري ٿي ۽ آسائتن جي آس پُڄي ٿي ۽ محبتي ملن ٿا، تڏهن خوشيون خوشبو بنجي هر سو ڦهلجي وڃن ٿيون ۽ ٿڪن جا تانگر ٽڙن ٿا ۽ مرڪن جون مُڪڙيون مهڪن ٿيون. پر اها خوشي، اهي ٽهڪ اها مرڪ دائمي ناهن. ڏياري گذرندي ئي وڻجارو پيهر وڃڻ جي وائي ڪري ٿو. هلڻ هارو سپرين روئڻ سان به نٿو رهي، ساموندي سڱ ئي اهڙو آهي ڪالهه ۽ اڄ ۾ فرق ئي ڪهڙو آهي. سنڌي سڄي دنيا ۾ پکڙجي چڪا آهن ۽ سندن ضرورت هر هنڌ محسوس ڪئي ٿي وڃي. دنيا جي معيشت ۾ سنڌين جو وڏو هٿ آهي. ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ ۾ اهي سنڌي ئي هئا، جن ٽيڪسٽائل جي مارڪيٽ کي هٿي ڏني ۽ سمورو ڪاروبار پنهنجي ڪلهن تي کنيو. هنن اڪيلي سر جپاني شين، خاص ڪري ڪپڙي ۽ اليڪٽرانڪس کي پوري دنيا ۾ ته واقفيت ڏياري ۽ کين وڪري ڪرڻ ۾ مدد ڏني. پر ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ اولهه آفريڪا ۾ جپاني پيداوار جي خاص طور مارڪيٽ ڪرڻ صرف سنڌين جو ئي ڪم هو.

اهڙي طرح سنڌين نه رڳو ٻي انتها ڌن ڪمايو پر گڏوگڏ ناٽي توٽي وڪري جي تجربي سان پڻ مالا مال ٿي پيا. هنن پنهنجيون روايتون ڪونه وساريون آهن. ڌنڌي توڙي اڪائونٽنگ جا طريقا ساڳيا رکيا اٿن. پر نئين زماني جي نين ضرورتن ۽ تقاضائن کي به نظر انداز نه ڪيو اٿن. وقت سان گڏ ڪلهو ڪلهي ساڻ ملائي هلڻ سنڌين جي وڏي خوبي آهي.

*

## باب پنجون

# درجي بندي

اوهين نوان ملڪ لهي نه سگهندا،
جيسين ڪناري کان دور نه ٿيندا.
اينڊري گڊ

اسان مختلف ناهيون، پر اسان مختلف آهيون ۽ ان فرق ۾ اڻ لکو فرق آهي. مان مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته گهڻن رُخن کان سنڌي هندو جدا درجي جا ماڻهو آهن، پر جدا ملڪن جا ناهن. هندو ڌرم سان واسطو ضرور اٿن، پر ذات پات جو متڀيد رکي نه ڄاڻن. ائين ٿو لڳي ڄڻ هنن هندستان جي سيني ڌرمن جون سڀ سُٺيون ڳالهيون چونڊي ڪنيون آهن ۽ ڪين ڪاڙهي، ناري، ڇاڻي، صاف ڪري، سنڌن جوهر پاڻ وٽ رکيو آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر هندوسماج جي نس نس ۾ سمايل اوچ نيچ واري درجيبندي سنڌي سماج جو حصو بڻجي ڇو نه سگهي؟ سنڌين جي اها ڪهڙي خاص سوچ آهي، جنهن ڪين هندو سماج جي ان اهم ذهنيت کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏنو آهي، جنهن جي اختيار ڪرڻ سان ننڍي ڪنڊ جي تاريخ تي ايڏا بُرا اثر پيا. ڳالهه ڏسڻ ۾ ته ننڍڙي ٿي اچي، پر ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن آئيندي جا تاريخ نويس باخبر رهن.

ڇا اها واپاري ذهنيت آهي، جنهن ۾ ڪاروبار ڪندڙ سيني کي هڪ نظر سان ڏسندو آهي ۽ ڪنهن کي ننڍي وڏي يا گهٽ وڌ جي آڌار تي نظرانداز نه ڪري سگهندو آهي؟ يا وري ڪشاده دلي آهي، جنهن سبب ذات پات جي آڌار تي ٿيندڙ ڏاڍايون ڏکوئيندڙ ٿيون لڳن ۽ ڪيترا ئي لائق ماڻهو اوتري عزت نٿا پائي سگهن، جيتري عزت هو لهڻن ٿا؟ يا اجا به اها سوچ ته اوچ نيچ جي بيڪار جهڳڙي ۾ ڪيترن ڏاتن ڏٽين جي ڏات زيان ٿي ٿي وڃي؟

سنڌي بنيادي طور اجائي زيان کي پسند ڪونه ڪندا آهن. اهو اسان جي نظر ۾ پاپ آهي. اسان پئسو پلي ميڙيون، ٻيا پلي ان کي ڏيکاءُ سمجهن، پر اسان بنا ڪنهن سبب وڃائيندا يا لٽائيندا ڪجهه به ناهيون. ان ڪري اسان پنهنجي ننڍ وڏائي پاڻ ناهي آهي.

ائين هرگز سمجهڻ نه گهرجي ته سنڌي سماج ڪو انساني انا يا خود غرضيءَ جهڙين جذبن کان مٿانهون آهي، جنهن سبب انسانن ۾ وٿيون ۽ ويريون پيدا ٿينديون آهن. ڪنهن حد تائين سنڌين ۾

سماجي درجي بندي هوندي هئي. جيتوڻيڪ اها ذاتين جي بنياد تي ڪونہ هئي، پر تڏهن بہ اهڙي سماجي اڻ برابري ضرور هئي، جيڪا ساڳي ئي قوم جي ماڻهن ۾ اڪثر ڏٺي ويندي آهي. خوشقسمتيءَ سان اها اڻ برابري ان وقت گهٽجي ياڳي ختم ٿي وئي، جڏهن ملڪ ورهائجي بہ اڌ ٿيو ۽ ماڻهو هندستان يا دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويا. جيڪڏهن لوهاڻن کي ذات ڪري مڃيو وڃي، تہ پوءِ سنڌين جي اڪثريت لوهاڻا آهن. ڀاٽيا ۽ کتري بہ واپاري ذاتيون آهن، پر اهي بہ لوهاڻن کان مختلف ناهن. دراصل گڏيل شادين ۽ مٿين مائٽين سبب قومون ۽ ذاتيون رشتيداري جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو اچي ويون آهن.

لوهاڻا ڪلئي ليکي ٻن حصن ۾ ورهايل هئا, هڪڙا عامل ۽ ٻيا ڀائبند. اها ورهاست ڪا تمام پراڻي ڪانهي. ڏنڌي يا ڌرمي اعتقاد تي ٻڌل آهي. سنڌ فقط ڪي صديون اڳ جا آهن. اورنگزيب جي دور ۾ 1670ع ڌاري ڪيترائي هندو اتر هندستان کان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. ڪڇ، ملتان ۽ گجرات مان بہ ماڻهو اچي ساڻن شامل ٿيا. ٻاهران آيل انهن ماڻهن مان ڪافي تعداد ۾ خاندان سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ خدا آباد ۾ رهي پيا ۽ واپار, هٿ جي هنر ۽ ٻين ڌنڌن ۾ سرگرم ٿي ويا. ٿوري ئي وقت اندر هنن پاڻ کي هڪ ڪامياب قوم ثابت ڪري ڏيکاريو. جڏهن مغلن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن ڪين صوبي جو وهنوار هلائڻ لاءِ پڙهيل لکيل ۽ تجربيڪار ماڻهن جي ضرورت پئي, سو هنن لڏي آيل هنرمند ۽ ڪاروباري هندن مان لائق ماڻهو چونڊي ڪين مکيہ انتظامي عهدن تي رکيو. اهڙن هندن کي چوندا هئا عملدار. اهو نالو اڳتي هلي عامل ٿي پيو. عامل لفظ عمل مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪو ڪم ڪرڻ يا حڪم مڃڻ. اهڙي طرح حاڪمن جو حڪم مڃڻ ۽ مٿس عمل ڪرڻ وارا ٿيا عامل. هاڻي سنڌي هندو اڳ ئي واپاري ناتي سان ڪافي ناڻو ۽ نالو ڪمائي چڪا هئا. مٿان ملين سرڪاري عملداري. ان تہ هيڪاري سندن اهميت مضبوط ڪري ڇڏي. مسلمان حاڪم پنهنجن عاملن کي چڱا انعام اڪرام ڏيندا هئا ۽ ايڪڙن جا ايڪڙ زمين پڻ سوکڙي طور عنايت ڪندا هئا. ان حوالي سان هُو زميندار ۽ جاگيردار بہ ٿي پيا. حاڪمن سان ويجهڙائي جي ڪري سندن عزت ۽ اهميت ۾ بہ واڌارو ٿيو. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري هو پاڻ کي مٿانهين ڪلاس ۾ شمار ڪرڻ لڳا.

مغلن ڪجهہ عرصي کان پوءِ آهستي آهستي سنڌ جو انتظام ڪلهوڙن جي حوالي ڪري ڇڏيو. شروع ۾ ڪلهوڙا مغلن جي طرفان علائقي تي گورنر جي حيثيت ۾ انتظام هلائڻ لڳا, پر پوءِ اڳتي هلي هنن مغلن سان بغاوت ڪئي ۽ پاڻ حاڪم بنجي ويهي رهيا. ڪلهوڙن پڻ عاملن کي پنهنجن عهدن تي قائم رکيو خاص ڪري ڍل ۽ محصول جي اوڳاڙڻ جو ڪم سندن حوالي ڪري ڇڏيو ڇو تہ کين اُن ڪم جو تجربو تہ هوئي، مٿان وري حساب ڪتاب جا هئا پڪا. اهڙي طرح، ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ سندن

اهميت وڌي ۽ هو سنڌي سماج تي پوريءَ ريت ڇانئجي ويا.

جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي تہ هڪ دفعو وري عاملن کي ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر جهڙن وڏن عهدن تي رکي انتظامي ڪم سندن حوالي ڪيو ويو. سبب ساڳيو ئي هو تہ هو تجربيڪار هئا ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئا.

انگريزن جي ويجهو هئڻ ڪري، منجهانئن گهڻن انگريزن جهڙي رهڻي ڪهڻي، اُٺ ويهہ، کائڻ پيئڻ ۽ هلت چلت اختيار ڪئي.

خوشحالي ڇا آئي، عامل ويا پاڻ ۾ وڌيڪ ورهائبا. سنڌ جي گادي خدا آباد جا عامل پاڻ کي ٻين عاملن کان اُتم سمجهڻ لڳا. خاص ڪري حيدرآباد ۾ اهو تفاوت کليو کلايو محسوس ٿيڻ لڳو. هڪڙو وقت اهڙو بہ آيو جو خدا آبادي عامل غير خدا آبادي عالمن منجهان شادي ڪرڻ کي بہ عيب سمجهڻ لڳا. حيدرآباد کان ٻاهر، لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪائي عامل وري پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ معتبر سمجهڻ لڳا.

19 صدي عيسوي ۾ عامل لوهاڻا قوم جو اٽڪل 15 سيڪڙو ڪن هئا. هو ايترا تہ طاقتور ٿي ويا جو پاڻ کي ڀائيبندن کان جدا هڪ الڳ قوم سمجهڻ لڳا. جيتوڻيڪ ٻئي لوهاڻن جون شاخون هيون. اها وٿي گڏيل شادين تي پڻ اثر انداز ٿيڻ لڳي. عامل مرد ڀائيبندن ۾ پرڻائڻ کان ڪترائيندا هئا. ٻيو تہ نهيو پر عامل پنهنجا جدا پاڙا ناهي، ڀائيبندن کان الڳ رهڻ لڳا. اها دوري خدا آباد جي ڦٽڻ ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچي جهڙن وڏن شهرن نهڻ کان پوءِ بہ قائم رهي.

ڀائيبند يعني ڀائرن جو ٽولو ڪاروباري ماڻهو هئا. سندن ڪرت صرف واپار ۽ ڏنڌو ڪرڻ هئي. هو وڏي همٿ وارا ماڻهو هئا، جيڪي هر قسم جو جوکو سر تي کڻي، سفر سٽي، دنيا جي دور دراز ملڪن ۾ پهچي، پنهنجو واپار ڄمائيندا هئا. پئسو ڪمائيندا هئا ۽ اهو ئي پئسو سنڌ ۾ آڻي سُکي زندگي گذاريندا هئا ۽ محلاتن جهڙن بنگلن ۾ رهندا هئا. پر پنهنجي آمدنيءَ جو ڪجهہ حصو ڌار ڪري، ڌرمائو ڪم بہ ڪندا هئا. عام ماڻهن جي سک لاءِ اسڪول، ڪاليج، اسپتالون ۽ ڌرمشالائون جوڙائيندا هئا. دان ڪرڻ ۾ مُٺ هميشہ کُلي رکندا هئا.

عاملن وانگر ڀائيبند بہ نندڍ وڏائي کان آجا ڪونہ هئا. سماج ۾ سندن رتبو بہ سندن ڌنڌي ۽ دولت جي حساب سان جُڙندو هو. جن وٽ وڏيون ڪوٺيون هونديون هيون، ٻيئل دفتر هئا يا وري جيڪي اناج، جنسن يا روزاني ڪپت جي شين جا وڏا واپاري هئا، تن کي سماج ۾ وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. ننڍڙا دوڪاندار، وياج خور ۽ ڳوٺاڻا ڀلاوٽا، جن کي هٽ واڻيا سڏبو هو سي سماج ۾ هيٺين جاءِ والاريندا هئا. سنڌ ورڪي اهي ڀائيبند هئا، جيڪي شروعات کان ئي ڪپڙي ۽ هٿ جي هنر جو واپار ڪندا هئا ۽ حيدرآباد جا رهاڪو هئا. انهن کي سٺي سماجي حيثيت حاصل هئي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌورڪين پنهنجي ڪاروبار جو چار مضبوطيءَ سان پوري دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو. وڏي هوشياري کان ڪم وٺندي هنن پنهنجن پائرن ۽ سوٽن کي ڏار ڏار ملڪن ۾ ڪوٺيون کولي ڏنيون. اهڙي ريت هو هانگ ڪانگ کان اسپين، فلپائينس کان ملائيشيا ۽ انڊونيشيا، ۽ جپان کان ويٽنام تائين پکڙجي ويا. انهن ملڪن جي وڏندڙ گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ سنڌورڪين گهرو ضرورت جي شين ۾ هٿ وڌو ۽ خوب ناڻو ڪمايو. شڪارپور جا پائيبند وري پنهنجين بئنڪنگ جي خوبين سبب هڪ ڏار مقام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

هندستان جي ورهاڱي ۽ سنڌي هندن جي پارت روانگيءَ سنڌين مان اها ٿوري گهڻي درجيبندي بہ ختم ڪري ڇڏي. عاملن جي سنڌ ۾ وڏي لئہ هئي. تعليم ۽ سرڪاري عهدن سبب هو ڪنهن تي فلڪ بہ نہ آڻيندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ نہ سندن رتبو رهيو نہ روزگار. هندستان پهتا تہ پاڻ کي رفيوجي ڪئمپن ۾ ڏٺائون. پئسو ڏوڪڙ تہ هو اڳ ئي سنڌ ۾ ڇڏي آيا هئا. ويچارن وٽ سواءِ تعليم ۽ تجربي جي ٻيو ڪو سرمايو نہ رهيو. ان حوالي سان پائيبندن کي ڪجهہ سرسي حاصل هئي، ڇو تہ هنن پنهنجن واپاري ناتن سبب سنڌ کان ٻاهر پئسو ڏوڪڙ ڪاروبار ۾ اڳوات ئي سيڙايو هو. هاڻي اها سيڙپ هن ڏکئي وقت ۾ سندن ڪم آئي ۽ هنن ان سهاري تي هندستان توڙي ٻاهرينءَ دنيا ۾ نئين زندگي جي شروعات ڪئي. شرنار تي ڪئمپن جي زندگي سيني آيلن جي لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ تجربو هئي. اهڙي تڪليف واري حياتيءَ ۾ عاملن ۽ پائيبندن جي وچ وارو سَنڌو متجي ويو. موقعي جو فائدي وٺي ڪيترن ماڻهن پاڻ کي عامل سڏائڻ شروع ڪري ڏنو ۽ پنهنجي سماجي حيثيت مٿانهين ڪري ڇڏي. سنڌ ۾ تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ذات منجهان سندس خاندان ۽ ٻُڻ بنياد جو پتو هڪدم پئجي ويندو هو پر هتي تہ قصو ئي ٻيون ٿي پيو.

ڪئمپن جي ڏکي زندگي، نئون ملڪ، پئسي پنجڙ جي تنگي، سڀ اهنج اچي هڪ ئي وقت جهوليءَ ۾ ڪريا، پر سنڌين همت نہ هاري. توڪل جو ترهو ٻڌي گهيڙ ۾ گهڙي پيا. آزمائش کي مڙس ٿي مُنهن ڏنائون. ڏکن کي سکن جو سڏ سمجهي اڳي کان اڳرا ٿي بيٺا. سندن ثابت قدميءَ کين آهستي آهستي پير کوڙڻ جي قابل بنايو. تاريخ کولي ڏسو توهان کي هر دور ۾ سنڌين جا اهي ڪارناما نظر ايندا جن ۾ هنن پنهنجي همٿ، جرئت، جوان مردي ۽ هنر ذريعي پاڻ کي ماري مجايو آهي. مرد تہ مرد آهن، سنڌي عورتن بہ اٽانگن وقتن ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ مردن کان گهٽ ويڙهاند ڪانہ ڪئي آهي. 1800ع سن کان پوءِ جا انڊين قانوني دستاويز سنڌي عورت جي اٽل ارادي ۽ اجهل جذبي تي ڪافي روشني وجهن ٿا. ڪيترين ئي اهڙين عورتون هيون، جن کي اڪيلي سر حالتن کي منهن ڏيڻو پيو ڇو تہ سندن ڪٽنب جا گهر ڀاڳي مرد پرديس ۾ روزگار سانگي هليا ويندا هئا. نوجوان ڇوڪريون پائرن جي جدائي ان ڪري

برداشت ڪنديون هيون، جو اهي پيٽ جي ڏاج لاءِ پرڏيهه وڃي قسمت آزمائيندا هئا.

اهي نوجوان عورتون، جن ۾ ڪيتريون بي اولاد هونديون هيون، اڪيليون رهنديون هيون، ڇاڪاڻ ته سندن مرد ملڪ کان ٻاهر هوندا هئا. هنن جو گذر سفر انهن پئسن تي ٿيندو هو جيڪي پرڏيهه مان سندن مرد ڪين موڪليندا رهندا هئا. اهي پئسا ڪڏهن وقت سر نه ملندا هئا. جي ملندا هئا ته ايترا نه جو گهرجو خرچ پورو ٿي سگهي. ان زماني ۾ اڄ جيان تڪڙا ذريعا به ڪونه هئا جو پئسا جلد ملي سگهن. پر پوءِ به ويچاريون جيئن تيئن ڪري گذران ڪنديون هيون.

بد نصيبيءَ سان جيڪڏهن ڪو ڪمائڻ وارو ملڪ کان ٻاهر لاڏاڻو ڪري ويندو هو ته سندس گهر واري بي سهاري رهجي ويندي هئي. وٽس ڪجهه به باقي نه رهندو هو جنهن جي آڌار تي حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذاري سگهي. مٿان وري مصيبت اها جو ڪين پنهنجن گهروارن جي پرڏيهه ۾ ڪيل سيڙپ ۽ ماڻهن ڏانهن رهيل قرض پڪا موٽائي وٺڻ ۾ ڏاڍيون دشواريون سهڻيون پونديون هيون.

اڳئين زماني جي ته ڳالهه ڇڏيو اڄ به اهڙي رقم ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين ڳالهين کان سواءِ ڪيترن ئي پيچيدن قانوني مرحلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هاڻي اُهي سڀ ڳالهيون سامهون رکي سوچيو ته اڳ جڏهن قانوني روايتون ايتريون مضبوط نه هيون ۽ لکپڙهه، ٽپال توڙي ٽيليفون وغيره جو سرشتو ايڏو ڪارگر نه هو تڏهن ويچارين انهن زائفائن کي ڪيترا نه ڏک ۽ ڏوجهرا ڏسڻا پوندا هوندا.

بهرحال، سنڌي عورتون ايتريون ڪمزور نه هيون. ظالم تقدير جي آڏو هنن جهڪڻ سکيو ئي نه هو ۽ نه ئي وري آساني سان هار مڃڻ سکي هئائون. هو پنهنجن حقن لاءِ وڙهي ڄاڻنديون هيون، پوءِ کڻي اڳيان ڪير به هجي. هڪ سؤ سال اڳ سنڌي عورتن پنهنجا حق ۽ ورهاست ۾ حصو گهرڻ لاءِ جيڪي سرڪاري ڪامورن ۽ ٻين اختيار اورن کي خط لکيا هئا، سي پڙهڻ کان پوءِ پروڙ ٿي پوي ته سنڌي عورتون ڪيتريون نه خود مختار، ڪيتريون بي ڊپيون ۽ ڪيتريون قانوني ويڙهاڪ هيون.

شريمتي ايسر ٻائيءَ جو ڪيس مثال طور ئي کڻي وٺو. عمر هيس 38 سال ۽ وڌوا هئي. سندس گهروارو نندومل، وچ ايشيا ۾ بخارا جي ڪنهن ننڍي شهر ۾ يارهن سالن کان ڪم ڪندو هو. اتفاق اهڙو ٿيو جو ويچارو نندو مل اوچتو ئي اوچتو پرديس ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. جڏهن نندومل وطن ڇڏي بخارا پئي ويو، تڏهن پويان به ننڍڙيون نياڻيون ۽ پنهنجي پتني ان آس تي ڇڏي ويو ته هو ڪين پنهنجي ڪمائي مان رقم موڪلي پيو ڏيندو ته جيئن هو آرام سان گذر بسر ڪري سگهن. شريمتي ايسر ٻائي جي آمدنيءَ جو اُن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ذريعو نه هو. ان ڪري جڏهن ڪيس نندومل جي موت جي خبر پئي تڏهن هن جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري وئي. نه گهر ۾ پئسو نه ڏوڪڙ ۽ نه وري آئندي جي آمدني جو آسرو ئي رهيس. جيڪڏهن ڪا اميد نظر آيس ته اها ته مڙس جي ڇڏيل جيڪا به رقم هجي، اها ڪنهن به ريت گهرائي

وٺان. اهو خود سندس توڙي ٻنهي ڀارڙين جي زندگي جو سوال هو.

ايسر ڀائي ٽي سال سانده انتظار ڪيو ته جيئن سندس گهرواري جي ڪمپنيءَ جا مالڪ ڪو جواب ڏين. آخرڪار جڏهن سندن جواب آيو ته ويچاري وڏوا جي اميدن تي پالي ڦري ويو. مالڪن رهت جا سمورا 3550 روپيا پورا ڪونه موڪليا هئا. ايسرڀائي سڀ ڪاغذ پٽ گڏ ڪري شڪارپور جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليا ۽ درخواست پڻ ڪئي ته منهنجو حق ڏيارڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي وڃي. اها ڳالهه 1899ع جي آهي.

مائيءَ جيڪا درخواست لکي هئي، سا پڙهڻ وٽان آهي. مقابلي جو جذبو ۽ حالتن هٿان هار نه مڃڻ جو پڪو پهه سندس درخواست جا جملا هن ريت آهن. ”توهان چڱي طرح سمجهي سگهو ٿا ته هن واقعي مون کي ڪيڏو نه صدمو پهچايو هوندو. منهنجي گهُر 3550 روپين جي هئي، پر مون کي ان جي ويهين پتي مس ڏني وئي آهي. اهڙي طرح منهنجو حق کسيو ويو آهي. جنهن ڏک ۾ پيڙا مان مان گذري آهيان، ان جو لفظن ۾ بيان ممڪن ناهي. جيڪڏهن توهان مون کي پنهنجي ملڪيت جو رهيل حصو موٽائي وٺي ڏيڻ ۾ مدد نه ڪندا ته منهنجي دل ٽٽي پوندي ۽ منهنجي توڙي منهنجي يتيم ٻارن لاءِ جيئڻ محال ٿي پوندو.“

ايسر ڀائي نيٺ پنهنجي حقي رقم حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. ٻيو مثال به هڪ وڏوا ڀاڳي ڀائيءَ جو آهي.

هوءَ به پنهنجي مڙس جي مرڻ کان پوءِ وڏين تڪليفن ۾ اچي وئي. 1909ع ۾ هن سکر جي ڪليڪٽر کي درخواست ڏني جنهن ۾ عرض ڪيائين ته سندس گهرواري جي ڇڏيل رقم ڪيس ڏيارڻ ۾ سندس مدد ڪئي وڃي. لکيائين، ”پنهنجي مڙس جي مرڻ کان پوءِ مان وڏي مالي مشڪل ۾ اچي وئي آهيان. ٻه ڏيئر ساڻ اٿم. انهن جو بار به منهنجن ڪلهن تي آهي. ڏکر ۾ ٻک مون کي ڀاڻ ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي سهائتا ڪئي وڃي.“ 1898ع جي هڪ ٻئي خط ۾ هڪ وڏوا ماءُ، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ برٽش ڪونسل کي لکيو ته سندس سرڳواسي پٽ جي رهيل رقم ڪيس ڏياري وڃي ته جيئن هوءَ سندس آخري رسمون پوريون ڪري سگهي. لکيائين، مان هڪ ڪراڙي، لاچار رن زال آهيان. مون پنهنجي پٽ جي هندو ڌرم موجب آخري رسمن تي چڱو موچارو خرچ ڪيو آهي. پئسو پنجڙ مون وٽ ڪونهي. قرض ڪڍي پورائو ڪيو اٿم. اڃا به ڪي رسمون رهيل آهن جيڪي ڪرڻ تمام ضروري آهن. منهنجي پٽ جي ملڪيت ۾ موڙي مون کي ڏياري وڃي ته جيئن مان پنهنجي پٽ ۾ خود پنهنجي آتما کي شانتي ڏياري سگهان.“

مٿي ڏنل چند مثال صاف ظاهر ڪن ٿا ته اڄ کان سؤ سال اڳ جي غريب وچولي درجي جي سنڌي

عورت ڪيتري نہ پاڻ پري، همٿ واري ۽ بي باڪ هئي. اهي عورتون جن جا حوالا مون مٿي ڏنا آهن ۽ انهن جهڙيون ٻيون ڪئين عورتون جيڪي اهڙين حالتن مان گذريو هونديون، تن پنهنجي شان مان ڪي نيچو نوائڻ کان سواءِ وڏي واڪ پنهنجا حق گهري ورتا هئا. سنڌن مالي توڙي گهرو حالتون ڪٽي ڪيڏيون بہ خراب چو نہ هجن، هنن حقن تي سودي بازي هرگز ڪانہ ڪئي.

هڪڙو تازو مثال دل تي تري آيو اٿم. ڪجهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي، هڪڙي سنڌي عورت جو گهروارو چين ۾ گذاري ويو. مرڻ وقت سندس ڪتنب بہ ساٽس گڏ چين ۾ ئي هو. وڏوا ستن ٻين گهر ڀاتين سميت هانگ ڪانگ ڪان ٿيندي هندستان لاءِ رواني ٿي. پر ويچاريءَ وٽ ايترو پئسو ڪونہ هو جو ايترن ماڻهن جو بندوبست ڪري سگهي، ان ڪري هانگ ڪانگ ۾ انڊين ائسوسيئيشن جي وڏي ڪاڪي ڪرمچند، جيڪو مشهور ڪمپني اوڪي گدومل واتومل سان لاڳاپيل هو، تنهن کي مدد جي اپيل ڪندي چيائين تہ منهنجي واهر ڪر جيئن مان ٽڪيٽون وٺي سگهان.

ڪاڪي ڪرمچند چيس تہ دلجاءِ ڪر. مان ائسوسيئيشن جي ٻين ميمبرن سان صلاح ڪري تنهنجو ڪونہ ڪو بلو ضرور ڪندس. باقي اڪيلي سر ايڏو ڏوڪڙ ڪيڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. مائي کي اها ڳالهہ ٻنهہ ڪونہ وڻي تہ سندس تڪليف جي خبر هر ڪنهن جي ڳن تي پوي، ان ڪري فيصلو ڪيائين تہ اسان سڀ هانگ ڪانگ ۾ ئي رهي ٿا پئون. گذر بسر لاءِ گهر ۾ ڪاڏو رڌي وڪڻڻ لڳي. اڄ اهو ڪتنب هانگ ڪانگ جي امير ترين ڪاڌي خوراڪ پهچائڻ واري ڪمپني جو مالڪ آهي. ان ميدان ۾ اها ڪمپني هڪ قسم جي سلطنت جي حيثيت رکي ٿي، ۽ اها سلطنت هڪ بي واهيءَ، لاچار پر همٿ واريءَ عورت جي پڪي ارادي ۽ لڳاتار محنت سبب ٻڌي. اڄ اهو هانگ ڪانگ جو مشهور جوهري لال ڪتنب آهي.

مينيو (Manu)جا وسيع لاڳاپا هئا. هن جي لاڏاڻي بعد جڏهن ايثال ثواب خاطر هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي هئي تہ ان ۾ خود دبئي جي حڪمران هز هائنيس شيخ محمد بن راشد بہ شرڪت ڪئي هئي. مان نہ ٿو سمجهان تہ دبئي ۾ ڪنهن جي لاڏاڻي جي موقعي تہ ان ۾ دبئي جي حڪمران خاندان جي ڪنهن فرد شرڪت ڪئي هجي. اهو دراصل، حڪمران خاندان جي فرد طرفان، مينيو جي قابليت ۽ ڏاهپ جي قبوليت جو هڪ اشارو هو. جيڪا هن دبئي جي ڪاروباري برادري ۾ رهي حاصل ڪئي هئي.

اهڙا ڪيترا ئي مثال موجود آهن جن ۾ وڌوائن پنهنجي گهرواري جو ڪاروبار پنهنجي سنڀال هيٺ وڏي ڪاميابي سان هلايو. گهڻو ڪري حيدرآبادي عورتن اهي ڪم اڪيلي سر ۽ آزاديءَ سان سر انجام ڏنا. شايد مردن جي وڏي ۽ ڊگهي عرصي تائين ڪانئن پري رهڻ سبب اهي عورتون پڪيون، پختيون ۽ وڌيڪ خود مختيار ٿي وينديون هيون. جڏهن منهنجي ماءُ ننڍي جمار ۾ وڌوا ٻڻجي پئي ۽ انهن ئي ڏينهن

۾ ڪيس لاچار هندستان ڏانهن لڏي اچڻو پيو ۽ پاڻ سان گڏ پنجن ٻارن جو بوجهه به سر تي سهائڻو پيو. تڏهن هن به ساڳي طرح وڏي همٿ سان حالتن جو مقابلو ڪيو ۽ عزت آبروءَ سان وقت گذاري پنهنجن ٻچن کي پالي نپائي وڏو ڪيو.

منو چاٻڙيا دبئي ۾ آباد، ڊالرن ۾ ڪروڙپتي واپاري هو. هن جي ڪمپني "جمبو اليڪٽرانڪس" جي نالي سان تمام گهڻو مشهور هئي. ڪمپني ڇا هئي، اليڪٽرانڪ سامان جي ڄڻ ته تمام وڏي سلطنت هئي. منوچاٻڙيا 2002ع سن ۾ اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو. پنيان ڪو اهڙو مرد ماڻهو ڪونه هئس، جو سندس ايڏو وڏو ڪاروبار سنڀالي سگهي. ان ڪري اچي سوال اُٿيو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ سنئون سڌو وارث موجود ڪونه هو. يا گهٽ ۾ گهٽ اهوئي ٻڌڻ ۾ پئي آيو ته سرگواسيءَ جو ڪو حقيقي وارث ڪونه هو. جن ماڻهن منوچاٻڙيا جي آخري رسمن ۾ بمبئي ۾ حصو ورتو، تن ان ڳالهه جي ساک ڏني ته منوءَ جي ڪٽنب جي عورتن تمام گهڻي صبر ۽ بردباريءَ کان ڪم ورتو. منوءَ کي ٽي ڌيئر هيون، جن مان ٻه پرڻيل هيون. سنڌي يا هندو رواج موجب، جيڪڏهن مري ويل ماڻهوءَ کي پُٽ جو اولاد نه هوندو آهي ته پوءِ ڪو ويجهي ۾ ويجهو رشتيدار فوتيءَ جون آخري رسمون پنهنجي هٿن سان ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ويجهو مائٽ نه هوندو آهي، تڏهن به ڪنهن ڌيءَ يا ٻي عورت کي اهي رسمون ڪرڻيون نه هونديون آهن.

منوءَ کي پٽ ته هو ئي ڪونه، ان ڪري ڪٽنب جي ڪنهن ٻئي مرد کي رسمن جي اڳواڻي ڪرڻي هئي. پر ڏسندڙن جي اچرج جي انتها نه رهي جڏهن هنن ڏٺو ته منوءَ جي ڪنواري ڌيءَ ڪرن پنهنجي پيءُ جي ارٿيءَ کي ڪلهو ڏئي شمشان گهاٽ پهچي ۽ آخري رسمون پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪرڻ بيهي رهي. مان ان ڇوڪريءَ جي جرئت تي حيران آهيان. هن صديون پراڻيءَ روايت کي ٽوڙي هڪ نئين روايت قائم ڪئي. هن هڪ نئين تبديلي جو بنياد وڌو هو. هن اهو ٻڌائڻ پئي گهريو ته ڌيءَ ٽيڻ ڪو ڏوهه ته ناهي؟ هن ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيڪڏهن ڪا ڌيءَ پيءُ جو ڪريا ڪرم ڪري ٿي ته ان سان ڪو فرق نٿو پوي، مئل ماڻهوءَ جي آتما کي شانتي ڌيءَ هٿان به ملي سگهي ٿي.

منوءَ جون سموريون ڪاروباري ذميداريون سندس گهرواريءَ وديا چاٻڙياخود سنڀالي ورتيون. جنهن عقل، سمجهه ۽ بهادريءَ سان وديا ڪاروبار هلائي رهي آهي، مونکي پڪ آهي ته هوءَ ان کي صحيح رُخ ۾ هلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي.

هڪ ٻيو واقعو به ياد ٿو اچيم. منهنجي دوست سرگواسي ڪنهيي ڏاتواڻي دبئي ۾ ڪافي عرصو بزنيس ڪيو ۽ آخر سٺ جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري هندستان موٽي ويو. اتي هن دهليءَ ۾ هڪ ٻي حد ڪامياب گارمينٽ فئڪٽري قائم ڪئي. جڏهن ڪجهه سال اڳ مون اها فئڪٽري وڃي ڏٺي، تڏهن سندس وڏوا وملا ڏاتواڻي پنهنجي مڙس جو ڪاروبار هلائي رهي هئي. مڙس جي ويهڻ واري ٽيبل جي

پرسان صوفا سيٽن تي پنهنجي آفيس ناهي هٿائين. جتان ويهي فئڪٽري جي ڪم ڪار جو اُڪلاءُ پئي ڪيائين. پرسان ديوار تي ڏاتواڙي جو هڪ وڏو فوٽو ٽنگيل هو. وملا کان پڇيم ته مڙس جي ٽيبل ڪرسي ڇو نٿي استعمال ڪرين؟ ڏاڍي نهنائي سان جواب ڏنائين. مان ته پرائي امانت جي رکوالي ڪري رهي آهيان. مون کي شويا نٿو ڏئي ته مان اُن ڪرسيءَ تي ويهان. جيڪا منهنجي گهرواري خالي ڪئي آهي. جڏهن به ڪا ڏکيائي يا ڪو مسئلو درپيش ايندو اٿم. تڏهن سندس تصوير کي ڏسندي آهيان. ڪانئس صلاح پُڇندي آهيان. سوال ڪندي آهيان. جواب ملندو اٿم. بس جيئن حڪم ملندو آهي، ائين ڪندي آهيان. وملا پنهنجي گهرواري جي لاڏاڻي کان پوءِ ايڏي وڏي فئڪٽري کي هلائڻ جون جوابداريون وڏي ذميداري سان نڀائي رهي آهي. اڄ هوءَ ڪامياب آهي ته فقط ان ڪري جو هن پنهنجي سوچ کي روحانيت جي فلسفي جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو آهي.

اسان ڏٺو ته سنڌين جي هڪ اهم خاصيت اها آهي ته هنن هندن جي ذات پات جي متيبد جهڙي صديون پراڻي رسم کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏنو. سنڌين جي ٻي خاصيت اها آهي ته هو ٻين جي ڌرمي اعتقادن، نظرين ۽ سوچ کي ڏاڍيءَ آسانيءَ سان نه صرف قبولي وٺندا آهن، بلڪ سندن عزت پڻ ڪندا آهن. هو ٻاهرين ڌرمي اثرن کي کليءَ دل سان پنهنجي سماج ۾ جڳهه ڏيڻ لاءِ هردم تيار هوندا آهن. جڏهن ته هندو سماج جا ٻيا طبقا ان معاملي ۾ ايترا ڪشاده دل ناهن.

سنڌي هندن جي گهڻائي نانڪ پنٿ يا سهجداري سکن جي آهي، پر هو شيوزم ۽ وشنازم سوچ وارن سان به ڪا ڏکيائي محسوس ڪونه ڪندا آهن. سنڌ ۾ شيوزم جا پوئلڳ گهڻي تعداد ۾ هوندا هئا. جڏهن پنجاب ۾ هندن ۽ سکن جي وچ ۾ ناراضگيون وڌي ويون، تڏهن سنڌين ٻنهي ڌرين سان پنهنجا پيار ۽ صلح جا رستا برقرار رکيا. اهو به ان ڪري جو سندن سوچ ۾ ڪٽرپڻو ڪڏهن به ڪونه آيو. ساڳي طرح اسلام سان پڻ سندن تعلقات ۽ واسطا سِڪ ۽ سانت جا رهيا. هندوءَ سک ڌرم اختيار ڪرڻ جي باوجود، سنڌي تصوف جي روحاني رمزن پرئي رستي تي هلندي، سنڌي اسلام جي ويجهو پڻ پهچي ويا. سنڌ جا هندو گهڻي ڀاڱي صوفي پيرن فقيرن ۽ بزرگن جا مريد هئا. هو اڳ توڙي هاڻي شاهه عبداللطيف جهڙي صوفي شاعر کي بي انتها مان ڏيندا آهن ۽ کيس سِرَ جو سائين مڃيندا آهن. هو ساڳي عزت داتا دستگير (عبدالقادر جيلاني) کي به ڏيندا آهن، جنهن کي 'پيران پير' پڻ سڏيو ويندو آهي ۽ جنهن جي مزار بغداد ۾ آهي. سنڌي هندو سنڌ ۾ محرم جي موقعي تي شيعا مسلمانن سان گڏجي امامن جي ياد ۾ ماتم به ڪندا هئا ۽ پاڻيءَ جو سبيلون پڻ لڳائيندا آهن.

❋

## باب ڇهون

# عربن سان تعلق

**ڪلچر پاڻ کي مخصوص ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري تہ اهو ڪڏهن زنده رهي نہ ٿو سگهي.**

**مهاتما گانڌي**

منهنجي وطن جو عربن سان ويجهڙو سنبنڌ آهي.

سنڌ جا لاڳاپا صدين کان وٺي ٻاهرين دنيا سان قائم آهن. خاص ڪري واپاري ناتا عرب دنيا توڙي گلف جي علائقن سان تمام پڪا ۽ پختا جڙيل آهن. هندستان جو ٻيو علائقو جنهن جا عرب دنيا سان قديمي رشتا تاريخي حيثيت رکن ٿا، سو آهي ملبار، جيڪو ڏکڻ هندستان ۾ آهي. پر ملبار ۽ سنڌ جي عرب سبنڌ ۾ ڪافي فرق آهي. عرب فاتحن جي حيثيت ۾ ملبار ڪونہ ويا هئا. اُتي هو واپارين جي صورت ۾ مصالحا ۽ ڪاٺ خريدڻ ويندا هئا، جيڪو پوءِ يورپ ڏانهن وڪري واسطي ڪٽي ويندا هئا. ملباري عربن لاءِ جهاز ۽ ٻيڙا پڻ ٺاهيندا هئا. ملبار جي حاڪمن هميشہ عربن کي مهمان سمجهيو ۽ کين آباد ٿيڻ لاءِ زمين پڻ ڏني. کين اها بہ اجازت مليل هئي تہ هو پنهنجي مذهب موجب رهن ۽ جيڪڏهن چاهين تہ پلي پنهنجي دين جو پرچار بہ ڪن. ننڍي کنڊ جي پهرين مسجد مَلِڪ بن دينار جي نالي سان ڪوڊنگلور (ڪيرالا اسٽيٽ) ۾ آهي. اها مسجد حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي زماني جي آهي، جڏهن ملبار ۾ اسلام جي پاڙ پختي ٿي.

سنڌ ڇاڪاڻ تہ عربي ڪاڙي (Arabian Gulf) جي ويجهي ۾ ويجهي ساموندي پٽيءَ تي هئي، ان ڪري عرب اتي فاتحن جي شڪل ۾ پهتا. سندن مقصد، ٻين ڳالهين کان سواءِ ڪجهہ قدر ڪاروباري بہ هو جنهن ۾ سنڌ جي دولت حاصل ڪرڻ بہ شامل هو ان ڪري هنن سوچيو تہ سنڌ کي فتح ڪرڻ سان اسان هندستان جي ٻين بندرگاهن تائين بہ رسائي حاصل ڪري سگهنداسين. عربن جو پهريون ساموندي ٻيڙو سنڌ ۾ 632ع سن ۾ پهتو. ان کان پوءِ لڳاتار ڪيترائي حملا ٿيندا رهيا. آخرڪار 711ع سن ۾ محمد بن قاسم جي ڪمان هيٺ وڏو حملو ٿيو جنهن ۾ عربن جي جيت ٿي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهو تمام اهم واقعو هو. هندي سمنڊ ذريعي واپار جي اهم ڪڙي مسلم دنيا جو حصو بنجي وئي. اهڙي طرح سنڌ نار ۽ وچ اوير جي وچ ۾ واپاري ناتا وڌيڪ مضبوط ٿي ويا. ديبل جو بندر، جيڪو عربي سمنڊ جي ڪناري

هو. تنهن کي هن دور ۾ ڏاڍي اهميت ملي، جيڪا 12 صدي عيسوي تائين قائم رهي. ديبل ان کان پوءِ پنهنجي اهميت قائم رکي نه سگهيو. جو ته ان ئي علائقي ۾ ٻه ٻيا بندر ٺٽو بندر ۽ لاهري بندر زور شور سان اُڀريا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي گوءِ کڻي ويا. جيتوڻيڪ هندو واپاري ٻه پنٽي ڪونه پيا. پر عرب واپارين وڏي زور شور سان هن علائقي ۾ پنهنجيون واپاري ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. 150 صدي عيسوي جي آخر ڌاري، هندو واپاري (ڀاٽيا) مسقط سان وڏيءَ واپاري لهه وچڙ ۾ اچي ويا ۽ ٺٽو ان واپار ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. ٺٽي جي هندو واپارين پورچوگيز کان جهاز ڀاڙي تي ورتا ته جيئن سنڌن وکر کڻي مسقط وڃن، جتي هنن پنهنجا گودام ۽ ڪوٺيون قائم ڪرڻ تي چاهيون. ان واپار جو مکيه اسم هو ڪپڙو. ان زماني ۾ ٺٽو عمدي قسم جي ڪپهه اُپائڻ سبب ڏاڍو مشهور هو. ٺٽي جي ڇيٽ، ململ، بافتوءِ سلڪ هٿو هٿ کڄي ويندو هو.

سچ چيو اٿن ته دنيا ۾ هر شيءِ هميشه هڪ جهڙي رهڻي ناهي. جلد ئي هوا جو رخ بدلجي ويو. جڏهن لاڙ وارو حصو مغل سلطنت جو حصو بڻيو، ٺٽو پنهنجي اهميت وڃائڻ لڳو. جو ته هندستان جو ٻاهرين ملڪن سان واپار مغلن جي دور ۾ ٻين بندرگاهن ۽ سرحدي چوڪين وسيلي وڏي پيماني تي اڳ ئي جاري هو. هونءَ به سنڌو ندي جي پيٽ ۾ لٽ پرجڻ سبب ٺٽو توڙي لاهري بندر 17عيسوي صدي ۾ ان قابل نه رهيا ته منجهن ڳريون ٻيڙيون ۽ جهاز لنگر هڻي سگهن.

ٺٽي واپاري لحاظ کان پنهنجي بندرگاهي حيثيت برابر وڃائي ڇڏي، پر اتان جي واپارين ۽ سوداگرن وڏي همٿ ۽ بلند ارادي سان پنهنجي ڌنڌي جي ساک برقرار رکي. هنن جي جاکوڙ ۽جدوجهد جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هنن پورچوگيز جي جهازن تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجا جهاز هٿ ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. مسقط ۾ سنڌن واپار ٻيهر پير کوڙيا، سنڌن ساک وڌي، ايتري قدر جو هنن اتان جي حاڪم کان اجازت وٺي اتي هڪ مندر پڻ جوڙائي ورتو. مسقط کان پوءِ ٺٽي جي واپارين پنهنجو ڌنڌو گلف جي ٻين ملڪن تائين وڌائي ڇڏيو. پهرين بحرين ڏانهن رخ ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن موتي ڪيڻ فائدي وارو ڪاروبار ٿيو تڏهن بحرين جي پاڻين موتين جي واپار جي واڌاري لاءِ وڏو ڪم ڪيو ۽ موتين جي واپارين کي وياج تي قرض ڏيڻ لڳا.

ضروري آهي ته هن صورتحال کي چڱيءَ طرح سمجهجي، جو ته ائين ڪرڻ سان سنڌين جي سوچ ۽ گلف ۾ سنڌن واپاري ڪارگذارين توڙي سنڌن وچ واري ماڻهوءَ جي حيثيت چٽي طرح ظاهر ٿيندي. ان مان سنڌين جي جاکوڙي روايتن، منجهن لڪل دائمي واپاري رڳ، سنڌن تهذيب، تمدن، سپيتا ۽ سياءُ ۽ سڀ کان وڌ سنڌن جڙن ۽ بنيادن جي پليءَ پٽ خبر پوندي، جو ته اهي ئي ماپا ۽ ماڻ، وٽ ۽ تارازيون آهن، جن جي آڌار تي اڄ جي دؤر ۾ سنڌين ايڏو اوج ماڻيو آهي. ماڻهن ۾ اجايو خيال ويٺل آهي ته سنڌين کي

هر شيءِ گهر ويٺي ملي آهي ۽ ڪاميابي سندن جهوليءَ ۾ پڪل ميوي جيان اچي ڪري آهي. اها سوچ حقيقت کان سوين ڪوهه ڏور آهي، ائين سوچڻ بہ سنڌين سان ڏاڍائي جي برابر ٿيندو. سنڌين پنهنجي سخت محنت، سچائي ۽ روايتن سان محبت جو ثبوت ڏيندي جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو آهي، اهو هنن جو حق آهي. اهي ئي ڳالهيون آهن جيڪي سندن وجود جي بچاءَ ۽ بقا جو ڪارڻ بڻيون آهن.

جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي تہ ڪنهن بہ قوم، نسل، قبيلي، يا عقيدي يا اڪيلي انسان لاءِ اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ هو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي، جيستائين ڪيس اها ڄاڻ ناهي تہ هو ڪٿان آيو آهي. جيڪڏهن اڄ آمريڪا توڙي ٻين اهڙين قومن ۾، جيڪي اڳ غلام ڪيل ماڻهن جي ملڪن ۾ قائم ڪيون ويون آهن ۽ اهو احساس سختي سان پکڙجي رهيو آهي تہ هو ڪير آهن. سندن اصل بنياد ڪهڙو آهي ۽ غلام ٿيڻ کان اڳ هو ڪهڙي ملڪ جا رهاڪو هئا ۽ پوءِ ڪين ڪهڙي ريت ٻين ملڪن ۾ آندو ويو آهي. تہ اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ هو انهن سڀني سوالن جا جواب حاصل ڪن ۽ جيستائين هو پنهنجي پاڻ کي پوريءَ ريت اطمينان نہ ڏياريندا، تيسين ڪين سُک نصيب نہ ٿيندو. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ ريسرچ هڪ ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ ڪم آهي ۽ ان ۾ گهڙڻ کان پوءِ ماڻهو پنهنجي اصل مقصد کان هٽي ٿو وڃي، پر منهنجي لاءِ ريسرچ تصوير ۾ وڻندڙ رنگ پري ٿي ۽ جيڪڏهن توهان صحيح نموني، مرحلي وار تحقيق ڪندا تہ بيزار ٿيڻ بجاءِ توهان ۾ نوان اُمنگ جنم وٺندا.

نيٺ ان سوال کان وڌيڪ ضروري ڪهڙو سوال ٿي سگهي ٿو تہ مان ڪير آهيان؟ مٿي جنهن زماني جو احوال ڪيو ويو آهي، تنهن جي پاڻين ڪانسواءِ وچولي سنڌ جا سنڌي پڻ واپار وڙي ۾ گهٽي پاڻي حصو وٺندا هئا. انهن مان هڪ هو پوجومل، جيڪو وچوليءَ سنڌ جي سيوهڻ پاسي جو هو. هن 1720ع ۾ هڪ تمام وڏي ڪوٺيءَ جو بنياد وڌو ۽ مسقط ۾ پنهنجا ايجنٽ مقرر ڪيائين. هن ڪراچيءَ کي سمونڊي بندرگاهہ بڻائڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪلهوڙا دراصل سيد هئا، جيڪي عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ عربستان کان لڏي سنڌ ۾ آيا هئا. ڪين زمينداريءَ جا اختيار مليل هئا. سنڌ ۾ ان وقت زميندار زمين جو مالڪ بہ هوندو هو ۽ گڏوگڏ حڪمرانن لاءِ ڍل وغيره بہ وصول ڪندو هو ۽ پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ حڪومت جي گماشتي طور ڪم ڪندو هو. اهي زميندار سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقي ۾ بولان ۽ ان جهڙن ٻين لڪن جي نگهباني بہ ڪندا هئا. ائين ڪٿي چئجي تہ هڪ حساب سان اهي حقيقي حڪمران هئا. جڏهن اورنگزيب جي مُئي کان پوءِ مغلن جي سلطنت پڄي تني پورا پورا ٿي وئي، تڏهن ڪلهوڙا خاندان جي وڏي، ميان يار محمد خان، سنڌ صوبي تي پنهنجي حڪمراني جي دعوي ڪئي. هن جي لشڪر مغلن جي سپهہ سالار کي شڪست ڏئي قتل ڪري ڇڏيو ۽ گورنر کي تڙي سنڌ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. ڪلهوڙن پهريون ڪم تہ

اهو ڪيو جو جيڪي سردار ۽ جاگيردار خودمختيار ٿي وينا هئا ۽ پاڻ ۾ جنگيون جوٽي سنڌ جو امن امان تباهه ڪري ڇڏيو هئائون. تن کي وڏي هوشياريءَ سان پاڻ سان گڏي صلح سانت جو ماحول قائم ڪيائون. ان کان پوءِ انتظامي سڌارا آڻي، سني حڪمرانيءَ جو بنياد وڌائون. جيتوڻيڪ ڏارين جي ڪاهن کين سک سُمهڻ نه ڏنو. ڪڏهن ايران جي نادر شاهه ٿي حملو ڪيو ته ڪڏهن افغان جنگجو احمد شاهه ابداليءَ ۽ مددخان پٺاڻ ٿي يلغار ڪئي ۽ خون جون نديون وهايون. پر ان هوندي به هنن چڱا سڌارا آندا. نوان ڪئنال ناهيا ويا، جن جي ڪري زرعي زمينون آباد ٿيون ۽ فصل پلا ٿيڻ لڳا. ڍلون گهٽايون ويون، جن مان ماڻهن کي آسودگي ملي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي آدمشماري وڌي ٽيهه لک ٿي وئي، جيڪو هڪ رڪارڊ هو.

هونءَ ته ٺٽي جا واپاري صدين کان عربي گلف واري علائقي ۾ پيا ڪاروبار ڪندا هئا. پر ڪلهوڙن جي دور ۾ ٺٽي کي اوير جي شاهوڪار ترين شهر جو لقب مليو ۽ اهڙي طرح سنڌ جو ناماچار هنڌين ماڳين ڦهلجي ويو. فقط ٺٽي شهر ۾ پنجاهه هزار پٿر ۽ ڀڳ سان جڙيل گهر هئا. جن ۾ آسائشي وراندا پڻ هئا. انهن منجهان ڪيترا گهر ته ٽي ۽ چار ماڙ اوچا هئا. برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني چواڻي، ٺٽو هڪ عظيم شهر هو ۽ ايڏو وڏو هو جيڏو لنڊن. منجهس چار سؤ اسڪول ۽ چار هزار ڀيڙيون هيون ۽ رنگارنگ تهذيب هئي. "برٽش تاريخدان ايچ ٽي سورلي جي لفظن ۾، "ٺٽي شهر جي گهر گهر منجهان تانپوري ۽ ڍولڪيءَ جو آواز گونجندو هو."

سنڌ کي ڪلهوڙن جي طرفان ٻي سوکڙي جيڪا ملي، سا هئي حيدرآباد جو شهر. هنن 1769ع سن ۾ نيرون ڪوٽ نالي هڪ ڳوٺڙي جي پرسان ڦليلي ڪئنال جي ڪپ تي حيدرآباد جو شهر جوڙايو. ڦليلي ڪئنال سنڌو ندي جي پوروچوٽيءَ تي وهندو هو ۽ اڄ به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. حيدرآباد جو نالو ڪلهوڙن ان ڪري پسند ڪيو جو هنن حيدرآباد دکن جي نظام کي خوش ڪرڻ ٿي چاهيو چو ته ڪلهوڙن سياسي مقصدن خاطر نظام سان خوشگوار تعلقات رکڻ ٿي گهريا. واپاري ڪئنال جي ڪڙ تي ٿهيل پنهنجين ڪوٺين تي وڏيون وڏيون دعوتون ڏيندا هئا. جن ۾ نالي واريون نچڻيون پري پري کان گهرائي مُجرا ڪرائيندا هئا. اهڙين نچڻين کي ڪل ڪجريون سڏيو ويندو هو. واپارين پاڻ ۾ چندو ڪري حيدرآباد جو مشهور قعلو پڻ جوڙايو. جيڪو فقط ٻن سالن جي ٿوري عرصي ۾ ٺهي راس ٿيو. ڪلهوڙن جو خواب هو ته هو حيدرآباد کي پنهنجي گادي جو هنڌ بڻائن. پر افسوس جو سندن اهو خواب ساپيا ٿي نه سگهيو. اهو ڪم ٽالپرن جي حصي ۾ آيو. ٽالپرن ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڪري ورتو ۽ آخرڪار حيدرآباد کي پنهنجي حڪومت جي گادي جو هنڌ بنايائون. نئون گاديءَ جو هنڌ، حيدرآباد، سپاهه توڙي سياست جو ڳڙهه. ڪاٻي هٿ تي سنڌو ندي، ساڄي پاسي ڦليلي ڪئنال، اڳتي هلي

هڪ خوبصورت ۽ اهم شهر ٿيو. بئنڪر، واپاري، سوداگر، هنرمند، مطلب تہ هر قسم جا ماڻهو نہ رڳو سنڌ منجهان، بلڪ ڪڇ، پُنج ۽ هندستان جي دور دراز علائقن مان ڇڪجي حيدرآباد ۾ اچي وسيا. اها ڪشش ان ڪري بہ هئي جو هن شهر جي جاگرافيائي بيهڪ خاص اهميت واري هئي. حيدرآباد، عمرڪوٽ ۽ اتر هندستان وچ ۾ ويندڙ روايتي قافلي واري رستي تي هو.

ٻيو قديم شهر، جنهن کي ڪلهوڙن جي دور ۾ نئين زندگي ملي. سو هو شڪارپور. هن شهر ڪيترائي ناميارا بئنڪر پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي، آزاد هندستان توڙي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بئنڪون ۽ ڪاروباري مرڪز کوليا. شڪارپور ڪلهوڙن جي هڪ شاخ دائود پوٽن 1671ع سن ۾ شڪارگاه طور آباد ڪئي. 18 صدي جي آخر تائين هيءُ شهر اتر سنڌ ۾ ناڻي، واپار ۽ بئنڪن جو مرڪز بڻجي ٻيو. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو شڪارپور ناڻي جي مناسنا ۽ پرڏيهہ ۾ پهچ جي سلسلي ۾ افغانستان، ايران ۽ وچ ايشيائي ملڪن تي حاوي رهيو. تاريخي سببن ڪري، هن شهر ڪاروباري ميدان ۾ پڻ وڏو نالو ڪمايو. 15 کان 18 صدي عيسوي جي وچ تائين اُتر هندستان ۽ وچ ايشيا وچ ۾ هلندڙ قافلن جو رستو لاڙ مان لنگهندو هو. جنهن جو واپاري مرڪز ٺٽي ۾ هوندو هو. جڏهن لاڙ جي شهرن جو زوال آيو تڏهن شڪارپور جو شهر ڪاروان رُوٽ تي اچي ويو. ان کان پوءِ شڪارپور جو عروج شروع ٿيو. دراني سلطنت ۾ هيءُ شهر ناڻي جو اهم مرڪز رهيو. شهرت ملندي ئي شڪارپور ۾ واڻين ۽ وياج خورن اچي ديرو ڄمايو. منهنجانئن ڪي تہ ملتان کان کهي اچي شڪارپور ۾ آباد ٿيا. جيئن جيئن ٻاهريان ماڻهو ايندا ويا، تيئن تيئن ناڻي ۾ بہ واڌارو ٿيندو ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن درميان لنگهندڙ قافلي واريءَ سڙڪ تي شڪارپور جو واپاري قبضو قائم ٿي ويو. شڪارپور جي واپاري بئنڪرن پنهنجي نئين ايجاد ڪيل هُنڊي سسٽم وسيلي نہ رڳو پنهنجي ملڪ اندر پر روس ۽ وچ ايشيائي ملڪن تي جهڙوڪر واپاري راڄ ڪيو. جيڪڏهن شڪارپوري واپار ۾ اڳرا هئا تہ ٻاتيا ۽ ٻيا سنڌي هندو وري نار جي شهرن ۾ اُپرندڙ ۽ اسرندڙ مارڪيٽن مٿان غلبو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هيءَ اٺيهين صدي عيسوي جي ٻچاڙيءَ جي ڳالهہ آهي.

❊

## باب ستون

# موتين جي ڳولها لاءِ غوطا

**هڪ ميڻ بتيءَ مان هزارين بتيون ٻارجن ٿيون ته به پهرينءَ ميڻ بتيءَ جي زندگي گهٽائي نه سگهبي. اهڙيءَ طرح خوشي به ورهائڻ سان ڪڏهن ڪٽندي ناهي.**

**گوتم ٻڌ**

ايراني نار ملاحن جو ڏيهه هو سِپن جو ملڪ هو ۽ موتي ميڙيندڙ ٽوٻن ۾ ڏندڪٿائي مڇيءَ ”حمور“ جو ماڳ هو. سخت جان ماڻهو سخت پورهئي جا هيراڪ هئا. سمنڊ مان حاصل ٿيندڙ نعمتون سندن گذران هيون ۽ اهي ئي سندن واپار وڙي جو مکيه وسيلو هيون.

موتين جي مند سال جي گرم ترين مهينن ۾ ايندي هئي. اهو عرصو هر تندرست شخص سمنڊ تي موتين جي تلاش ۾ گذاريندو هو. هندستان جا واپاري ان انوکيءَ مند جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ڪجهه ٻيو وکر وکرو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهندا هئا. سپون ميڙڻ جي مند، اتان جي رهاڪن کي ايترو پئسو ڏيندي هئي جو هو پنهنجي روزمره جي واپرائڻ جون شيون، جهڙوڪ چانور، ڪافي، چانهه، کنڊ، ڪپڙو لٽو ۽ ٻارڻ جون ڪاٺيون خريدي سگهن. ظاهر آهي اهو سمورو سامان يا ته هندستان منجهان ايندو هو يا وري ڪنهن ٻئي ملڪ مان.

تجارتي هوائون، وڪڻندڙ توڙي خريدار لاءِ هڪ جهڙيون سٺايون هونديون هيون. زندگيءَ جو معيار وڌائڻ يا ٻئي ڪنهن ڏنڌي ڌاڙي جو سوچڻ به ممڪن نه هو ڇو ته موتي ميڙڻ اُتان جي ماڻهن جي ذهن ۾ گهر ڪري ويو هو. هو نه ته ان ۾ ڪو سڌارو آڻڻ لاءِ تيار هئا ۽ نه وري ان ڪم جو دائرو وڌائڻ لاءِ راضي هئا. هنن جي زندگي ۾ جيڪا سادگي سمايل هئي، هو ان ۾ ايترو ته مگن ۽ مست هئا، جو اهڙي اطمينان ۽ سڪون بابت اڄ جي زماني ۾ سوچي به نٿو سگهجي. ڪاروبار، وڻج واپار ۽ پئسي جي راند ان سڪون کي ڪيترا گهاءَ ٿي رسائي، سا ڳالهه اسان کي ڏاڍي دير سان سمجهه ۾ ايندي آهي. وقت گذري ٿو وڃي، پر جنهن ذهني آسودگيءَ لاءِ دل سٽون ٿي ڪائي، سا هڪ دفعو هٿن مان وڃي ٿي ته پوءِ ٻيهر ڪٿي ٿي نصيب ٿئي؟

هن علائقي ۾ موتين جي تلاش جي تاريخ ڪيئين هزار سال پراڻي آهي. پر ان مان آرٿڪ لاڀ حاصل ڪرڻ جي تاريخ ايتري قديم ناهي. توهان کي موتين جي ڪاروبار جي اهميت جو ڪاٿو تڏهن ٿيندو جڏهن هن علائقي ۾ هلندڙ انهن ٻيڙين جي انگن اکرن تي نظر وجهبي جيڪي موتين جي لاءِ سمنڊ ۾ وينديون هيون. گذريل صدي جي پهرينءَ چوٿائيءَ تائين اٽڪل پنج هزار ٻيڙيون موتين جي واپار واسطي

ڪتب آنديون وينديون هيون. ٻيڙين جي مکيه ڪيپ Trucial States، ڪويت، بحرين ۽ قطر مان ايندي هئي. پراڻي رڪارڊ موجب، دبئي جون 335 ٻيڙيون موتين جي شڪار لاءِ صديءَ جي شروعات ۾، شارجا جون 360 ٻيڙيون، ام ال قوين جون 70، راس الخيمه جون 50 ۽ عجمان جون 40 ٻيڙيون ان مهم ۾ حصو وٺنديون هيون. پر انهن سڀني کان وڌيڪ چار سوَ ڏهه ٻيڙيون ايندون هيون ابوڌابيءَ منجهان.

انهن ڏينهن ۾ ابوڌابي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺڙو هوندو هو جنهن ۾ موتين جي موسم ۾ جڏهن جان اچي ويندي هئي. هتان ٻيڙائتن جي گهرج جو سامان، راشن، رَڇَ وغيره به ملندا هئا ۽ جڏهن موتي ميڙجي ايندا هئا ته هيءَ جڳهه خريدارن لاءِ مارڪيٽ طور به استعمال ٿيندي هئي. بهرحال، سڄي گلف لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم مرڪز هو بحرين، جتي زور شور سان موتين جو واپار ٿيندو هو. ان زماني ۾ نار جي ايراني ڪناري تي لنگيهه نالي هڪ بندر هو جيڪو موتين جي سلسلي ۾ وڌيڪ شهرت رکندو هو پر ان بندر جي زوال کان پوءِ دبئي پڻ موتين جي مرڪزن مان هڪ ڳڻجڻ لڳو. اهو واپار جدا جدا سطحن تي ٿيندو هو جنهن ۾ ڪئپٽن، ٿوڪ واپاري، وچيان ماڻهو يا دلال، وياج خور ۽ ايڪسپورٽر شامل هوندا هئا.

گلف مان خريد ڪيل موتي هندستان ۽ يورپ تائين ويندا هئا. يورپ جون شاهوڪار ۽ فئشنبل عورتون موتين جي هارن جون بي انتها شوقين هونديون هيون ۽ انهن کي خريدڻ لاءِ وڏي رقم خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هونديون هيون. اهڙيءَ ريت هن واريءَ واسي علائقي جي غريب ماڻهن کي موتين جي واپار مان چڱي چوکي آمدني ٿي ويندي هئي. ويهين عيسوي صدي جي پڄاڻي تي، گلف منجهان ساليانو ڏيڍ ملين پائونڊن جي قيمت جا موتي انڊيا ۽ يورپ کي وڪيا ويندا هئا. سِپن جي اندرئين حصي کي Mother of pearl چوندا آهن. اهو حصو هڪ سخت ۽ لسي تهه وانگر هوندو آهي ۽ ان جي اندر ئي موتي پيدا ٿيندا آهن. Mother of pearl جي به مارڪيٽ ۾ تمام گهڻي گهُر آهي، خاص طور يورپ ۾. گذريل صدي تائين مدر آف پرل منجهان اٽڪل ٽيهه هزار پائونڊ آمدني ٿيندي هئي. هن منجهان بٽڻ، واچن جا ڊائل ۽ بيوٽيڪيٽر وئي سينگار جو سامان تيار ڪيو ويندو هو.

گلابي رنگ جا موتي، جن کي Rose Pink Pearl جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، سي سڄيءَ دنيا ۾ سڀ کان سٺا ۽ قيمتي سمجهيا ويندا آهن. اهي موتي گلف ۾ جام ملندا آهن. ان ڪري موتين جي مشهور واپارين جو ڌيان گلف ڏانهن ڇڪجي ويو. سڀ کان پهرين پورچوگيز ۽ هندستاني آيا. پورچوگيز 16 عيسوي صدي ۾ آيا ۽ هندستاني، جيڪي گهڻي ڀاڱي واپاري ۽ سرمائيڪار هئا، سي لڳ ڀڳ هڪ سؤ سال پوءِ آيا. انهن ۾ وياج خور اوڌر ڏيندڙ واڻين جو طبقو به هو جيڪي 1865ع ۾ بمبئي جي برٽش ۽ هندستاني ڪمپنين جي طرفان آيا. سرڪاري طور انهن جي اچڻ جي تاريخ رڪارڊ تي موجود آهي. 1991ع ۾ ريزيڊنسي ايجنٽ جيڪا رپورٽ برٽش پوليٽيڪل ريزيڊنٽ کي پيش ڪئي، ان موجب

52 واٽيا دبئي ۾، 86 شارجا ۾، 139 ابوڌابيءَ ۾، 9 راس الخيمه ۾، 14 عجمان ۾ ۽ 3 ام القوين ۾ پهچي چڪا هئا. ڪيترن هندستانين ته ٻارن ٻچن سميت گلف جي رياستن ۾ رهائش اختيار ڪري ڇڏي هئي. انهن ۾ گهڻو ڪري سپ يا ته واپاري هئا ياسوداگر. جڏهن موتين ڪڍڻ جي موسم ايندي هئي تڏهن انهن جو تعداد ٻيڻو ٽي ويندو هو. جن مان اڪثر بمبئي مان ايندا هئا. بمبئي موتين جي واپار جو مرڪز سمجهيو ويندو هو ان ڪري موتين جي مُند کان پوءِ گلف رياستن جا عرب واپاري سپ جا سپ اچي بمبئي ۾ گڏ ٿيندا هئا. انهن مان گهڻن جون ته بمبئي ۾ پنهنجون پيڍيون پڻ هونديون هيون. آهستي آهستي عرب واپارين جي هڪ ننڍڙي پر شاهوڪار قوم، جن ۾ ڪي مشهور خاندان به شامل هئا، پاڻ کي بمبئي ۾ آباد ڪري ڇڏيو. 1900ع ڌاري محمد علي زينل نالي هڪ امير عرب پنهنجي ڪميونٽي جي سهڪار سان بمبئي ۾ هڪ عرب اسڪول جو بنياد پڻ وڌو.

موتين جو واپار برابر نفعي بخش ڪاروبار هو ۽ ان جي ڪري ماڻهن جي حالت به چڱي سڌري، روزگار به وڌيو پر اهو ڪم آسان هرگز ڪونه هو. اهو ڪم جدا جدا جڳهين تي الڳ الڳ حصن ۾ ورهايل هو. مٿينءَ سطح تي هئا واپاري، سرمايو ڏيندڙ ۽ سوداگر. ان کان پوءِ هو ٻيڙي جو ڪپتان جنهن کي ناخدا سڏيندا هئا. سپ کان هيٺينءَ سطح تي هئا مزور. مزورن ۾ وري شامل هئا ٽوبا، هاڪاري (بار ڇڪڻ وارا)، ٻيلي يا مددگار ۽ سيڪڙات پورهيت. اهي سمورا مزور ڏاڍي ڏکي زندگي گذاريندا هئا. سندن حياتي ايتري ته ڏکوئيندڙ پيڙا واري ۽ رحم جوڳي هئي، جو اڄ جي زماني ۾ ان جي باري ۾ سوچي به نٿو سگهجي. شايد دنيا ۾ ان کان وڌيڪ سخت محنت جهڙو ڪو به ٻيو پورهيو ڳوليو نه لڀي. اونهاري جي سخت گرمي ۾ سمنڊ اندر غوطا هڻي سپون ميڙي اچڻ قيامت کان گهٽ عذاب ناهي. ويچارا ٽوبا (غوطا خور)، هاڪاري (ٽوبن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ وارا) ۽ ٻيڙين جا ملاح، هڪ مسلسل پيڙا ۾ رهندا هئا. موسمي روزگار هو ان ڪري سندن ڪمائيءَ جا ڪُل پنج مهينا سال ۾ ايندا هئا. غريبن جي قسمت ۾ موسم کان پهريون به بک ۽ پوءِ به بک لکيل هوندي هئي. سرڪاري طور اها مند 15 مئي کان 15 سيپٽمبر تائين جاري رهندي هئي. ڪي ويچارا اهڙا به هئا جي لنگهڻ کان بچڻ لاءِ مهينو اڳ ڪم شروع ڪندا هئا ۽ مهينو پوءِ به جاري رکندا هئا. ان سڄي هڻ هڻان ۾ هاجاري جو مزورن کي اجورو تمام ٿورو ملندو هو. ٽوبن ۽ هاڪارن کي پگهار ڪونه ملندي هئي، کين ڪمائيءَ مان حصو ڏنو ويندو هو. اهو حصو تڏهن تي ڪونه ملندو هو پر کين اهي ڌوڪڙ مند ختم ٿيڻ کان پوءِ تڏهن ملندا هئا، جڏهن موتي واپارين يا سوداگرن کي وڪڻي ڏبا هئا ۽ اهي وري کين هندستان ايڪسپورٽ ڪندا هئا يا ڪنهن ٻئي ملڪ ڏياري موڪليندا هئا. آٽين ۽ چاڙهين واري حالت هوندي هئي. ٻه ويلا پيٽ پري ڪائڻ به هنن جي لاءِ وڏي عياشيءَ جهڙي ڳالهه هئي. سيزن کان اڳ قرض کڻندا هئا ۽ سيزن کان پوءِ قرض لاهيندا هئا. فقير جي جهولي هميشه خالي. ڪڏهن

ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو جو مُند مزو ڪونہ ڪندي هئي، موتي گهٽا ڪونہ ميڙبا هئا، ڪانہ ڪا قدرتي آفت اچي مُنهن ڪڍندي هئي، تڏهن ويچارن مزورن جا منهن لهي ويندا هئا ۽ بک جي راڪاس اڳيان بي وس ٿي ڪنڌ جهڪائي بيهي رهندا هئا. بيو ڪو روزگار جو ذريعو هوندو ئي ڪونہ هو. لاچار ماٺ ميٺ ۾ پيٽ کي پٽر پڌي، ايندڙ سال جو انتظار ڪندا هئا. قرض جي مرض ۾ اڪثر ورتل رهندا هئا، جنهن ۾ جيڪو هڪ دفعو ڦاٿو تہ پوءِ يا عمر چوٽڪارو پائي نہ سگهندو. سڄا سارا پنج ڇهہ مهينا موتين جي مند هلندي هئي ۽ اهو سمورو وقت مزور، پنهنجن ٻچن کان پري، سمنڊ تي رهندا هئا. ان ڪري گهر وارن ڏانهن کاڌخوراڪ توڙي خرچ پکي جا پئسا ڪپتان کان قرض ڪٽي موڪليندا هئا. حاڪم قرض جي اها رقم پاڻ مقرر ڪندو هو جيڪا ٿوبو پنهنجي ناخودي کان هر سال گهري سگهندو هو. غوطاخور کي سندس ڪمائي جي ٻي قسط تڏهن ملندي هئي، جڏهن هو موتين ميڙڻ جي مند پوري ڪري واپس موٽندو هو. اهو قانون ان ڪري لاڳو ڪيو ويو هو تہ جيئن غوطا خور ۽ سندس ڪٽنب جي ضرورتن جو پورائو ٿي سگهي ۽ سندن حقن جو بچاءُ بہ ڪري سگهجي. ناڪئي کي بہ هڪ قسم جي خاطري هوندي هئي تہ جنهن ماڻهوءَ کي هو ائڊوانس رقم ڏئي رهيو آهي، اهو ايندڙ مند ۾ بہ ساڻس ڪم ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندو. چالاڪ ناخودا تہ اهو ئي چاهيندا هئا تہ ٿوبا هميشہ سندن قرض ۾ جڪڙيل رهن تہ جيئن هو کين پنهنجي مرضي موجب استعمال ڪندا رهندا.

موتين جي مند ڪناري وارن علائقن ۾ وڏي اهميت رکندي هئي. ماڻهو آسائتين اکين سان هن موسم جو انتظار ڪندا هئا. ويچارا غريب غربا ان اميد تي ڏينهن ڳڻيندا هئا تہ هن مند ۾ چار ڏوڪڙ ملندا جن مان لهڻيدارن جو قرض بہ لاهبو ڪپڙو لٽو بہ وٺبو ۽ ايندڙ ڏکئي وقت لاءِ ڪو سيڌو سامان خريدي پاسيرو ڪري رکبو تہ جيئن پوءِ جي تڪليف کان بچي پئجي. جي موتي نيڪ ناڪ نڪتا ۽ آمدني مناسب ٿي تہ پوءِ ٻيڙا پار ٿي ويندا، پر جي سيزن نہ لڳي تہ پوءِ تہ اڳيون سوجهرو بہ چٽ. سندن ڏوهہ بہ پيا ڏکندا هئا. پيا دعائون گهرندا هئا تہ شل واءُ سٺائو لڳي ۽ روزي سٺي ٿئي. موسم ويجهي ايندي هئي تہ تياريون بہ زور وٺنديون هيون. ناخدا پنهنجا پنهنجا ماڻهو گڏ ڪندا هئا. مزور سڀ هڪ ئي ڳوٺ جا هوندا هئا ۽ ساڳئي ناخد اسان رهڻ پسند ڪندا هئا ڇو تہ قرضي بہ ان جا هونداهئا.

سمنڊ ۾ وڏي عرصي تائين رهڻ جون تياريون شروع ٿي وينديون هيون. مهاڻا شارڪ مڇيءَ جي تيل سان ٻيڙين جي مٿئين حصي کي مکُ ڏيندا هئا ۽ هيٺئين حصي کي رڍ جي چربي ۽ ليمي کي ملائي، ريگاڙو ناهي رنگيندا هئا تہ جيئن سپون يا ڪوڏ يا ڪي اهڙيون ٻيون شيون ساڻس چنبڙي نہ سگهن. اهي سڀ احتياطي انتظام تمام ضروري هوندا هئا، ڇو تہ ٻيڙين کي گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا تہ واهہ جا سمنڊ ۾ رهڻو هوندو هو.

موتين ميڙهڻ وارين ٻيڙين جون سائيزون هڪ جيترييون نہ هونديون هيون. ڪي ننڍيون هيون، جن ۾ مشڪل سان ڏهہ ماڻهو سمائجي سگهن، ڪي وري ايڏيون وڏيون جو پنجاهہ ماڻهو خلاصا ويهي سگهن. بهرحال، ننڍيون يا وڏيون، سڀ ٻيڙيون سمنڊ ۾ لهڻ وقت ٽمٽار ڀريل هونديون هيون. انهن ۾ سامان سڙو ۽ ڪاڏو پيتو ئي ايترو هوندو هو جو ماڻهن جي تعداد کان ٽيڻو حصو تہ اهو ئي والاري ويندو هو. ٽوين جو سامان، پاڻي جو ذخيرو ٻيڙي جي پنهنجي گهرج جو سامان، مطلب تہ سُئي سڳي سوڌو هر شيءِ سنڀالي ڪڻندا هئا تہ جيئن ايترو وقت هلي سگهي، جيستائين ڪجهہ هفتن ڪان پوءِ ڪا ٻي ٻيڙي ڪتل سامان جي پورائيءَ لاءِ وري ٻيو سامان ڪڻي پهچي.

ٻيڙيون ڪناري ڪان اٽڪل ٽيهارو ڪن ميل پري ڪنهن اهڙي مناسب جاءِ تي وڃي بيهنديون هيون جتي پاڻي وڌيڪ گهرو نہ هجي. ان جاءِ تي سوين ٻيڙيون مُچو ناهي اچي جمع ٿينديون هيون ۽ سمنڊ جي تري مان سپون ڪيڻ جا سانباها شروع ٿي ويندا هئا. انهن حشام ماڻهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو تمام اهم هوندا هئا، هڪڙا ٽويا، جيڪي سمنڊ ۾ هيٺ لهي وڃي سپون ميڙيندا هئا، ۽ ٻيا هاڪارا، جيڪي انهن ٽوين کي مناسب وقت تي اشارو ملڻ سان رسن وسيلي ڇڪي پاڻي مان ٻاهر ڪيندا هئا. ٻاهر نڪري ٽويا شڪار ڪيل سپون تہ ناڪئن جي حوالي ڪندا ئي هئا، پر ڪين ساهي پٽڻ جو وقت بہ ملي ويندو هو. ٽوين کي سمنڊ ۾ لاهڻ جو طريقو بہ ڏاڍو دلچسپ هوندو هو. ٽوبي جي چيلهہ ۾ رسو ۽ پيرن سان ڳرو پٿر ٻڌي ڇڏيندا هئا. پوءِ هو پٿر تي بيهي پاڻ کي ڇڏي ڏيندو هو. پٿر جي بار سبب هو بنا هٿ پير هڻڻ جي، سڌو وڃي ترو وٺندو هو.

پاڻي ۾ غوطو هڻڻ ڏاڍو ڏکيوڪم هوندو هو. غوطاخور صبح جو سوبل ڪم تي چڙهندا هئا ۽ سج لٿي تائين سمنڊ مان ٻيا سپون ميڙيندا هئا. ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ساهہ کڻڻ لاءِ ڪين ڇڪي ٻاهر آندو ويندو هو نہ تہ ائين سمجهبو تہ ڏينهن جا ٻارهن ڪلاڪ ڪين سمنڊ ۾ گذارڻا پوندا هئا. ان وچ ۾ هو ٿوري ڪافي يا پاڻيءَ ڇڪو پي وٺندا هئا ۽ چانور يا ڪجور جون بہ ٽي ڳڙيون ڪائي سگهندا هئا. پيٽ ڀري ڪائڻ سان ڪين ڪم ڪرڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. نڪ تي ٻڪريءَ جو سڱ يا لڪڙي جو چپٽو چاڙهي ڇڏيندا هئا تہ جيئن پاڻي نڪ ۾ هليو نہ وڃي. ڪنن ۾ ميڻ پري ڇڏيندا هئا ۽ مٿي تي چمڙي جي ٽوپي ۽ آڱرين تي بہ چمڙي جون ننڍيون ڍڪڻيون چاڙهي ڇڏيندا هئا. ڳچيءَ يا چيلهہ ۾ هڪڙي چلي ٻڌل هوندي هئي، جنهن ۾ سپون وجهندا ويندا هئا ۽ هٿ ۾ وڏو تيز چاقو ڪڻندا هئا، جنهن سان سپن کي سمنڊ جي تري مان ڪپي ڌار ڪندا هئا.

ويچارن ٽوين جي لاءِ سوين مسئلا هوندا هئا. پاڻي جي هينيان وهڪرا، شارڪ مڇين جا حملا، جيلي مڇي ۽ ڏنگيندڙ جيت،، مطلب تہ ڪين هر مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو هو. جيلي فش جو

ڏنگ سخت تڪليف ڏيندڙ آهي. ائين لڳندو آهي، جڻ ڪنهن تتل شيخ سان ڏنپ ڏنو هجي. چار پنج ڪلاڪ ته اها جاءِ پئي ڪُرندي آهي، جتي ڏنگ لڳندو آهي.

هڪ ماهر ٽوبو وڏ ۾ وڏ ٻه منٽ سمنڊ جي تري ۾ رهي سگهندو هو ۽ ان وچ ۾ جيڪڏهن هن ٻڌن ڪن سپون ميڙي ورتيون ته سمجهبو هو ته ڪم ٺاهوڪو ٿي ويو. جڏهن ٽوبو محسوس ڪندو ته هاڻي وڌيڪ دير ساهه منجهائي نٿو سگهي، تڏهن هو چيلهه سان ٻڌل رسي کي سٽ ڏئي مٿئين همراهه کي هوشيار ڪندو هو ۽ سندس ساٿي هڪدم ڇڪي کيس ٻاهر ڪڍندا هئا. ان خيال کان رسي ڇڪيندڙ همراهه (هاڪرا) تمام اهم ڪم تي ويٺل هوندا هئا. سندن ٿوري به ڪوتاهي، ويسلائي يا دير مدار ٽوبي جي زندگيءَ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهندي هئي. جي تمام تکڙو ڇڪيندا هئا ته ٽوبي جي ڪنن جا پردا ڦاٽڻ جو خطرو هوندو هو. پاڻي جي دٻاءَ مان هڪدم نڪري هوا جي دٻاءَ ۾ اچڻ سبب ڪنن جي پردن تي اوچتو فرق پوڻ سبب ڪوبه حادثو ٿي سگهيو ٿي ۽ جيڪڏهن تمام آهستي ڇڪيندا هئا ته ٽوبي جي ٻڏڻ جو انديشو هوندو هو.

پاڻي مان ٻاهر اچڻ کان پوءِ ٽوبو آرام ڪندو هو. ان وچ ۾ سندس ساٿي سِپون ڪڍي ٻيڙيءَ ۾ سٽا ڪندا ويندا هئا. منٽ ڏيڍ کان پوءِ ٽوبو وري پاڻي ۾ لهندو هو. ساڳيوئي پٿر سندس جسم سان ٻڌل هوندو هو جيڪو کيس هڪدم وڃي تري تائين پُڄائيندو هو. ڏهن ٻارهن ٽٻين کان پوءِ ويچاري غوطاخور کي چند منٽ سچ پچ آرام جا ملندا هئا. ڇئن مهينن تائين لڳاتار اهي ٽوبا هرروز اٽڪل ٻارهن ڪلاڪ پاڻي ۾ رهندا هئا. توهان پاڻ ئي حساب لڳايو ته هڪ ڏينهن ۾ سٺ دفعا سمنڊ ۾ لهي، هفتي جاسٽ ڏينهن اهو ساڳيو ڪم ڪرڻ ۽ سانده چار مهينا سخت گرميءَ ۾ پنهنجي جان سان کيڏڻ، چڱي ڀلي صحتمند ماڻهوءَ کي جهورڻ لاءِ ڪافي ناهي؟

اسان وٽ ته غوطا خورن وٽ پنهنجي بچاءَ يا آساني لاءِ ڪو ساز سامان ڪونه هوندو هو پر جپان وارا پنهنجي ڪم کي تکڙو ۽ سولو بنائڻ واسطي نيون نيون ايجاد ٿيل شيون استعمال ڪندا هئا. هڪ دفعي مون کي جپان ۾ ’مِڪي موتو پرل آئلينڊ‘ ڏسڻ جو موقعو مليو. مڪي موتو ”موتين جي پالنا“ ڪندڙ مرڪزن ۾ سڀ کان اڳرو هو. ٽوبن جو ڪم گهڻو ڪري عورتن پئي ڪيو جن کي سفيد رنگ جي ٻريس پهريل هئي. گهڻي ڀاڱي انهن ۾ رواج هو ته زال ۽ مڙس جي ٽيم گڏجي موتين جي شڪار تي نڪرندي هئي. مڙس ٻيڙيءَ ۾ ويٺو رهندو هو ۽ زال سمنڊ ۾ ٽٻي ڏئي موتي ميڙڻ لاءِ سمنڊ جي تري ڏانهن هلي ويندي هئي. ضرورت وقت مڙس رسي کي ڇڪي پنهنجيءَ زال کي ٻاهر ڪڍي وٺندو هو. سِپن کي سُئيءَ رستي سنهڙا ريتي جا داڻا سندن جسم وچ ۾ داخل ڪيا ويندا آهن. پاڻيءَ اندر ئي اهڙين سپن کي هٿيڪو رکڻ لاءِ لوهي پڃرا فٽ ڪيا ويندا آهن، جن ۾ اهي سپون اٽڪل ٽي سال کن بند رهنديون آهن. ٽن سالن کان

پوءِ جڏهن پاليل سپن کي ڪيڏي ڪوليندا آهن تہ منجهائنئن وڻندڙ رنگن جا موتي جرڪندا نڪري ايندا آهن. گلف ۾ تونبن جو ڪم سج لٿي کان پوءِ بہ ختم نہ ٿيندو هو. رات پيٽ ۾ سپن کي کولي منجهائنئن موتي ڪيڻ بہ ضروري هوندو هو. اهو ڪم سج لٿي رات جي ڪاڏي واري وچ ۾ ڪيو ويندو هو ۽ ٽوبا ان ڪم ۾ بہ هٿ ونڊائيندا هئا. وڏيءَ ٻيڙيءَ ۾ اڌ ڊزن کن ٽوبا ۽ اوترائي يا ان کان وڌيڪ ٻيا مزور هوندا هئا. اڪثر ڏهن سالن جا ڇوڪرا بہ تونبن سان اچي شامل ٿيندا هئا ۽ پنهنجي ڪٽنب کي سهارو ڏيڻ لاءِ ههڙو مشڪل ڪم پنهنجي سر تي کڻندا هئا. اهي ٻارڙا جن جي عمر اجا کيڏڻ ڪُڏڻ جي مس هوندي هئي، اهي جڏهن اهڙو جبل جيڏو ڪم ڪندا هئا، تڏهن ظاهر آهي تہ سندن صحت تي بُرو اثر پوندو هو. ڪيترن جي تہ واڌ بہ رڪجي ويندي هئي.

پنهنجي ۽ ساٿين جي لاءِ ڪاڏي جو بندوبست ڪرڻ، مڇيون مارڻ، انهن کي رڌڻ، ٻيڙيءَ کي ڌوئڻ ۽ صاف رکڻ، اهي ۽ ان قسم جا ٻيا ڪم ڪچن ۽ سيڪڙات ٻيلين جي حوالي هوندا هئا. ڪن ٻيڙين ۾ تہ نماز پڙهائڻ لاءِ پيش امام بہ ساڻ کڻندا هئا.

موتين جي شڪار ۾ موسم جو وڏو دخل هوندو هو. جنهن ڏينهن تيز هوائون هلنديون هيون، ان ڏينهن ٽوبا ڪم نہ ڪري سگهندا هئا. اهڙي ريت هڪ ڏهاڙو اجايو ويندو هو. جيڪڏهن طوفان ايندو هو تہ بہ ٻيڙائتا ٻيڙيون ڪاهي، سُڪيءَ ويجهو وڃي پناهہ وٺندا هئا. اهڙي ريت هڪ ڏهاڙو اجايو ويندو هو. هوا صفا بند هوندي هئي تہ ٽوبا پنهنجن ٻين همراهن سان گڏجي، ٻيڙيون ڪاهي، ڪنهن ٻيءَ سٽائي جڳهہ تي وڃي ديرو دمائيندا هئا، جتي کين وڌيڪ سپون ملي سگهن.

ٻين ٻيڙين جي موجودگيءَ سبب سيني ٻيڙين وارن کي هڪ تہ سنگت ساٿ وارو وايو منڊل ملي ويندو هو ۽ ٻيو وري کين اطمينان ٿي ويندو هو تہ اوکي سوکي ۾ هڪ ٻئي جي مدد لاءِ واهرو موجود آهن. ٻيڙين جي اندر تہ حالت هونءَ بہ خراب هئي. جڳهہ تنگ، ماڻهو گهڻا. نہ سمهي سگهن، نہ ويهي سگهن ۽ نہ وري سولائي سان چري پري سگهن. هاڻي جيڪڏهن اها حالت مهينن جا مهينا هجي تہ سمجهي سگهو ٿا تہ ويچارن جو ڇا حال هوندو؟ مٿان وري کاڌي پيتي جو اهو حال تہ ڏينهن ۾ هڪ ويلو کائڻ لاءِ ملي، سو بہ ٿورا ڇانور ۽ مڇي، ڪجهہ ڪافي ۽ کارڪون. تہ پوءِ ماڻهوءَ ۾ اها طاقت ۽ ڦڙتي ڪٿان ايندي، جيڪا ههڙي ڏکي ڪم لاءِ ضروري هئي؟ نہ ڀاڄي، نہ ميوو نہ کير. وٽئمن ”سي“ نہ ملڻ سبب ڪمزوري جي عام شڪايت هوندي هئي. مزورن ۽ ملاحن جي مهارن مان رت جو وهڻ ۽ جسماني ڪمزوري جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويندي هئي.

لوڻياڻو پاڻي پيئڻ ۽ هر وقت اُس ۾ رهڻ سبب تونبن کي چمڙيءَ جون بيماريون وڪوڙي وينديون هيون. ٻيڙين تي ضرورت آهر پيئڻ لاءِ تازو پاڻي ڪٿبو هو ان سان وهنجڻ يا جسماني صفائي جو بہ ڪو

سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو هو. ان ڪري ملاحن ۽ ٻين ڪارندن ڪي صاف پاڻي سان سنان ڪئي مهينا گذري ويندا هئا. جڏهن مند پوري ٿيندي هئي ۽ هو موتي پنهنجي گهر ايندا هئا تہ سندن چمڙي چيرجي چڪي هوندي هئي ۽ جسم تي هر هنڌ ڦٽ ظاهر هوندا هئن. لوڻياٺي پاڻي سبب سندن حالت ويتر خراب ٿي ويندي هئي. سالن جو پورهيو کين اپاهج بڻائي ڇڏيندو هو. ڏند پڇي پوندا هئن ۽ چمڙيءَ جي بيماري ڇٽڻ جو نالو نہ وٺندي هئي. ڪنن جا تہ پردا ڦاٽي پوندا هئا ۽ هو باقي حياتي بلڪل ٻڌي ڪونہ سگهندا هئا.

موتي وڪڻڻ ناخدا جي ذميواري هوندي هئي. هو هر ٽوپي جي روزاني شڪار جو حساب رکندو هو. ائين بہ ٿيندو هو تہ اڪثر واپاري ٻيڙين تي چڙهي ايندا هئا ۽ وچ سمنڊ ۾ خريداري ڪري هليا ويندا هئا. ڪي ناخدا ان نموني واپار نہ ڪندا هئا. هو مال گڏ ڪندا ويندا هئا ۽ ڪناري تي پهچڻ کان پوءِ جڏهن شڪار جي مند ختم ٿيندي هئي، تڏهن مال کپائيندا هئا. موتين کي پنجن درجن ۾ ورهايو ويندو هو ۽ قيمت جو ڪاٿو سائيز، وزن ۽ رنگ جي مناسبت سان لڳايو ويندو هو. عام طور وڏا موتي ڳريءَ قيمت تي وڪامندا هئا.

ڪل آمدني جو ڏهہ سيڪڙو ٻيڙيءَ جي مالڪ کي ملندو هو ۽ ويهہ سيڪڙو سپلائر ڪٽندو هو. باقي رهيل ستر سيڪڙو ڪپتان، ٽوپا ۽ حڪمران پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا هئا.ڪپتان سڀ کان وڏو حصو وٺندو هو ڇو تہ حساب ڪتاب ۾ ڪيس بہ يا ٽي پٽيون ملنديون هيون. ٽوپن ۽ مزورن کي هڪ هڪ حصو ملندو هو. حصا ڏيڻ کان اڳ کين اڳواٽ ڏنل ائڊوانس ڪٽيو ويندو هو ۽ ان سان گڏ سڙهن، رسين، ڪاڏي پيتي، پاڻيءَ ۽ ٻين شين تي آيل خرچ پڻ ڪٽي، پوءِ جيڪا پتي جنهن جي باقي بچندي هئي، سا کيس ڏني ويندي هئي. حڪمران کي هر ان ٻيڙي تي، جيڪا سندس بندر تان رواني ٿيندي هئي، هڪ ٽوپي جي حصي برابر ڏوڪڙ ملندا هئا.

انهن سڀني مشڪلاتن جي باوجود جنهن جوش خروش سان ماڻهو موتين جي مُند ۽ شڪار ۾ حصو وٺندا هئا، اهو سچ پچ تہ اچرج جهڙو هوندو هو. نامور ٽوپن جي بهادريءَ جون ڪهاڻيون نسل در نسل بيان ڪيون وينديون هيون. لوڪ داستانن ۾ اهو ٻڌايو ويندو هو تہ بارش جي موسم ۾ سپون سمنڊ جي تهہ مان اُڀري، وات ڦاڙي، مينهن جو ڦڙو جهٽڻ لاءِ انتظار ڪنديون آهن ۽ جنهن بہ سپ جي مُنهن ۾ مينهن جي ڪٽي پئي، اها اڳتي هلي موتي بڻجي ويندي هئي. هتان جي رهاڪن لاءِ موتي ميڙڻ جي مهم، ٻيڙيون هاڪارڻ، سپون ڪيڙڻ ۽ مهينن جا مهينا سمنڊ ۾ گهارڻ، هڪ روايتي جشن بہ هو تہ ان سان گڏ جيئڻ خاطر جتن بہ هو.

هتان جون مائر پنهنجن ٻارن کي اڪثر هڪڙي دلچسپ ڪهاڻي ٻڌائينديون رهنديون هيون.

هڪ لڳا بغداد ۾ هڪ حسين ۽ جميل شهزادي رهندي هئي، ڪيس سندس بادشاهه پيءُ سوکڙيءَ طور هڪ ڪارو موتي ڏنو هو جيڪو پنهنجي چمڪ ۽ وڏيءَ سائيز سبب ڏاڍو قيمتي سمجهيو ويندو هو. شهزاديءَ جي من ۾ اچي اُڻ تُڻ ٿي ته جيڪر هن موتيءَ جهڙو هوبهو ٻيو به موتي ڪٿان مليم ته ڪيڏو نه چڱو.

اهو سوچي هوءَ موتين جي مشهور سوداگرن وٽ هلي وئي ۽ ڪين پنهنجي خواهش کان آگاهه ڪيائين. شهزادي جيتوڻيڪ ويس بدلائي سخت پردي ۾ وٽن وئي، پر پوءِ به سوداگرن ڪيس سڃاڻي ورتو. مدد ته هنن ڪرڻ گهري ٿي پر مجبور هئا جو ڪارو موتي ملڻ محال نه ته مشڪل ضرور هو. شهزاديءَ همٿ نه هاري ۽ سوداگرن وٽ چڪر ڪاٽيندي رهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن سندس ياڳين ڪي متان به ڪنهن وٽان اهڙو ڪارو موتي ملي پوي.

هڪ ڏينهن شهزادي جيئن ئي هميشه جيان سوداگرن وٽان مايوس ٿي موٽي رهي هئي ته هڪ دوڪاندار دروازي وٽ ويٺل هڪ نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي چيس ته دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو تنهنجي مدد ڪري سگهي ٿو ته اهو هيءُ نوجوان ئي آهي، چوته هو بحرين جي نامياري ٽوبي جو پُٽ آهي.

نوجوان کي سڏايو ويو ۽ شهزاديءَ سان سندس واقفيت ڪرائي وئي. جيتوڻيڪ ڇوڪرو غريب هو پر شڪل صورت جو سهڻو ۽ جسم ۾ سگهارو پئي لڳو. شهزاديءَ ڪيس پنهنجو ڪارو موتي ڏيکاريو ۽ پنهنجي خواهش کان ڪيس آگاهه ڪيائين. ڇوڪري موتي ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو ته اهو ساڳيو موتي سندس پيءُ سمنڊ جي تري ۾ ڪنهن غار مان ڪڍي آيو هو. سندس پيءُ اهو غار وڏي جاکوڙ کان پوءِ ڳولي لڌو هو جنهن ۾ دنيا جون وڏي ۾ وڏيون سپون هيون، جن مان وڏا ۽ ڪارا موتي نڪرندا هئا. ان غار جي ويجهو وڃڻ به خطري کان خالي ڪونه هو. ڇو ته اتي وڏا ۽ خطرناڪ ڪوريئڙا ۽ گهڻن هٿن وارا آڪٽوپس جانور هر وقت پهرو ڏيندا رهندا هئا. بهادر کان بهادر ٽوبا به ان جاءِ تي وڃڻ کان ڪنُ هٽندا هئا. بهرحال، نوجوان جي پيءُ پڪو پهه ڪيو هو ته هو ڪيئن به ڪري هڪڙو ڪارو موتي بادشاهه سلامت کي تحفي ۾ ضرور ڏيندو. ان وقت بغداد موتين جي واپار جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. اهو سوچي، نوجوان جي پيءُ سمنڊ ۾ لهي سامونڊي بلائن سان مقابلو ڪيو ۽ آخرڪار غار تائين پهچي ويو. پر جڏهن رسي ڇڪڻ وارن ڪيس ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ته ڏٺائون ته هو مري چڪو هو. پر سندس هٿن ۾ هڪڙي تمام وڏي سپي هئي، جنهن کي کوليائون ته اندران هڪڙو وڏو ڪارو سهڻو موتي جرڪندو نظر آيو. اهو موتي هڪدم بغداد جي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو.

جڏهن نوجوان اها ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو ته شهزادي ويتر وڌيڪ جذباتي ٿي وئي ۽ ٻئي ڪاري موتي هٿ ڪرڻ لاءِ سندس دل شدت سان تڙپڻ لڳي. نوجوان شهزاديءَ جي اها حالت ڏسي ڪيس ضد تان لاهڻ لاءِ چيو ته شهزاديءَ، پهرين ته اها غار ڳولي لهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، پر جي مان ڪنهن طرح ان غار کي

ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ٻه ويس، ته ٻه ٽو واري موتي جو هوبهو جوڙ ملڻ ممڪن ناهي. شهزاديءَ تي ديوانگي سوار هئي، سو چيائين ته اي نوجوان، جي تون مون کي هن جهڙو موتي آڻي ڏيندين ته مان پنهنجي پيءُ جي راڄ ڀاڳ جو اڌ توکي آڻي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. جي اجا به ڪجھ گهرندين ته اهو به ملندءِ

شهزاديءَ جون آزيون نيازيون ٻڌي نوجوان جي دل نرم ٿي وئي. ان ڪري هو ڪجھ ساٿي ساڻ ڪري غار جي ڳولا ۾ نڪري پيو. گهڻي ڪوشش کان پوءِ آخرڪار هو اها جاءِ ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جتان سندس پيءُ کي اهو موتي هٿ لڳو هو. شهزاديءَ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڏٺيءَ جو نالو وٺي نوجوان پاڻي ۾ لهي ويو. غار جي منهن تي بيٺل ڀيانڪ جانورن سندس رستو روڪيو. پر نوجوان وڏي ويڙهاند کان پوءِ انهن کي ماري مڃائي غار ۾ اندر هليو ويو ۽ اتان هڪ وڏي سپ ڳولي ڪنيائين.

نوجوان جڏهن اک کولي ته پاڻ کي ٻيڙيءَ ۾ پيل ڏٺائين. سندس ساٿين کيس وقت سر مٿي ڇڪي ورتو ۽ اهڙي طرح سندس جان بچائي هئي. جڏهن سپ کي کوليائون ته سپني جي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن ڏٺائون ته سپ جي پيٽ ۾ هڪ چمڪندڙ ۽ خوبصورت ڪارو موتي پيو هو. جو هرطرح شهزادي جي موتي جهڙو هو.

نوجوان موتي ساڻ کڻي بغداد پهتو ۽ وڃي شهزاديءَ جي حضور ۾ حاضر ٿيو.

شهزاديءَ بيتابيءَ وچان پڇيو "منهنجي لاءِ موتي آندو اٿئي؟"

نوجوان گوڏن ڀر جهڪي بيٺو ۽ چيائين، "جي ها."

شهزادي بي حد متاثر ٿي ۽ پنهنجو پردو هٽائي نوجوان جا تمام گهڻا ٿورا مڃيائين.

شهزاديءَ جي مک تي نظر پوندي ئي نوجوان جا اوسان خطا ٿي ويا. هن اهڙي موهڻي مورت اڳ ڪڏهن ڪانه ڏٺي هئي.

شهزاديءَ چيس، "هي موتي جيڪو تو آندو آهي، سو هوبهو تو جهڙو آهي ڪارو، قيمتي، انوکو ۽ لاجواب." هاڻي انعام ڏيڻ جو وقت اچي پهتو هو.

شهزاديءَ چيو "گهر، جيڪي گهرڻو اٿئي. جو مڱيندين، سو ملندءِ."

تڏهن نوجوان آهستي چيو "شهزادي، تون هڪ بي بها ۽ بي مثل موتي آهين. ڪو ٻيو تو جهڙو ٿي نه سگهندو. منهنجي دلي خواهش آهي ته توسان شادي ڪريان. تو مون کي قيمتي ۽ لاجواب ڪارو موتي ڪونيو پر تو جهڙي سهڻي ۽ سفيد موتيءَ جو مون جهڙي مسڪين، ڪاري ۽ معمولي موتيءَ سان جوڙو ڪيئن ٺهندو؟"

ائين چئي، چيلهه سان ٻڌل مياڻ مان خنجر ڪڍيائين، جنهن سان غار جا نگهبان خطرناڪ جانور ڪنا هئائين، ۽ پوري زور سان اهو خنجر پنهنجيءَ دل ۾ ڪُپائي ڇڏيائين.

## باب اٺون

# انگريزي چاپ

**پکي انهيءَ چار جي باري ۾ سوچيندا آهن. جيڪا کين ڦاسائي وجهندي آهي ۽ ماڻهو وري هميشه انهن جي باري ۾ سوچيندا آهن. جيڪي مٿن حڪمراني ڪندا آهن.**

**چيني پهاڪو**

انگريز گلف ۾ پنهنجا اڻ مِٽ نشان ڇڏي ويا. انگريزن جو دور حاڪماڻو هو ۽ منجهانئس هميشه چڱائي به ڪانه ٿي، پر هڪ ڳالهه جا گلف جي فائدي ۾ وئي سا هيءَ ته انگريز هِت آئيندي لاءِ واپار جي پيڙهه پڪي وجهي ويا.

انگريزن جو گلف ۾ اچڻ هندو واپارين جي لاءِ ان علائقي ۾ پيرن کوڙڻ جو سبب بڻيو. انگريزن گلف ۾ ان ڪري اچي ديروڄمايو جو 1622ع سن ۾ ايران جي باشاهه شاهه عباس ايسٽ انڊيا ڪمپني کي نينڊ ڏئي گهرايو ته جيئن هو اچي حرمز منجهان پورچوگيزن جا پير ڏاهين. انگريزن جي ته جڻ الله ڪٽي ٻُڌي هو ته گهڻي وقت کان آتا هئا ته ڪو موقعو ملي ته وڃي گلف جي اوسي پاسي واپاري نڪاٽا ٺاهيون. دير ئي ڪانه ڪيائون. هڪ سال جي اندر اندر بندر عباس وٽ، ايراني سامونڊي ڪناري سان هڪڙو واپاري بندرگاهه جوڙي ورتائون. جلد ئي هنن پنهنجون واپاري ڪارروايون وڌائي ايران ۾ اصفهان ۽ شيراز تائين ۽ عراق ۾ بصري تائين ڦهلائي ڇڏيون. اها سندن هن علائقي مٿان پنهنجي اثر رسوخ ۽ دابي جي شروعات هئي. ان کان پوءِ هو 350 سالن تائين پنهنجو تسلط قائم رکيو آيا.

هيءُ علائقو گهڻو تڻو 18 صدي عيسوي جي وچ تائين ٺاپر ۾ رهيو. ان کان پوءِ ٻئنڪي دشمنيون شروع ٿي ويون. انگلنڊ ۽ فرانس هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ ۽ پنهنجي سرسي ڏيکارڻ لاءِ سياسي ميدان ۾ ڪاهي پيا. فرينچن ۽ پورچوگيزن جون ٻئنڪون ننڍي کنڊ ۾ ڏور اوير ۾ هيون. ايسٽ انڊيا ڪمپني به ننڍي کنڊ ۾ پير ڄمائڻ شروع ڪري ڏنا هئا ۽ خوب دولت ڪمائي هئي. ان ڪري انگريز پنهنجي واپار کي بچائڻ لاءِ پنهنجن بين مفادن جي حفاظت لاءِ ڏاڍا اتاولا هئا. هنن اهو پڻ چاهيو ٿي ته سندن جهازن کي هندوستان ۽ انگلنڊ وچ ۾ ڪا رڪاوٽ نه اچي. ظاهر آهي ته اهڙن ارادن سبب ٻئنڪي طاقتن جي وچ ۾ مفادن جي ويڙهه اڻ ٽر ٿي پئي ۽ ان ڏقيڙ سبب گلف جي سمنڊ ۾ کلي جنگ جاري ٿي وئي. فرينچن جي سامونڊي ٻيڙن انگريزن جي واپاري ٻئنڪ کي 1759ع سن ۾ تباهه ڪري ڇڏيو. لاچار انگريزن کي

اها جوءِ ڇڏي ٻُشائر ڏانهن هٽڻو پيو. ڇئن سالن کان پوءِ انگريزن ان علائقي جي سياسي حيثيت ۽ اهميت کي مڃيندي، اتي هڪ پوليٽيڪل ايجنسي قائم ڪري ڇڏي. اهي سياسي لاها چاڙها ايندا رهيا، پر اسان واپاري انهن ڏکن ڏولاون کي سهندا ماٺ ميٺ ۾ نيٺ وچي پار پُڳاسين. اسان جي اها همٿ تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. اسان جي زنده رهڻ ۽ حالتن پٽاندر پاڻ کي موڙڻ جي صلاحيت جو ان کان وڌو ٻيو ڪهڙو امتحان ٿي سگهي ٿو؟ اسان کي سنڌين جي ان ڳُڻ کي نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي. اهڙي لچڪ تي ٺٺولي ڪرڻ سولو ڪم آهي. ڪي ماڻهو تہ ان کي موقعي پرستي يا شڪست بہ چوندا، پر ان جي ابتڙ اهائي لچڪ اسان جي طاقت جو وسيلو آهي. اوهان ٻيڙيءَ کي ڪڏهن وچ سمنڊ ۾ ترندو ڏٺو آهي؟ لهرن سان گڏ ڪڏهن ايرندي آهي ۽ ڪڏهن هيناهين وتندي آهي. جيڪڏهن هوءَ پاڻ کي لهرن مطابق ڇڏي نہ ڏئي تہ هوند ٻُڏي وڃي.

انگريزن جي لاءِ هندستان کان انگلنڊ وڃڻ جو آسان ۽ ننيڙو واپاري رستو اهو هو جيڪو بصري جي گلف وٽان لنگهندو هو. اهو رستو ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سلامتيءَ وارو هو ڇو تہ ان رستي تي جيڪي بہ ملڪ هئا سي سڀئي توڙي اڻ سڌيءَ طرح انگريزن جي قبضي هيٺ هئا. ٻئي پاسي جيڪو روايتي رستو ڪيپ آف گڊ هوپ وٽان پئي لنگهيو سو نہ صرف ڊگهو هو بلڪ خطرناڪ بہ هو ۽ ان رستي تي ڪنهن بہ طرف کان دشمن طرفان مٿن حملو بہ ٿي پئي سگهيو.

بصري کان سامان خشڪي رستي شام يا حيفا ڏانهن موڪلي پئي سگهيا، جيڪو پوءِ ميڊيٽرينين سمنڊ کان ٿيندو انگلنڊ پهچي پئي سگهيو. ان ڪري اهو رستو انگريزن جي لاءِ تمام گهڻي اهميت وارو هو ان ڪري هو پڪو پهه ڪري ٻيٺا تہ ڪنهن بہ طرح ان راهہ تي دشمنن جي طاقت کي گهٽائڻ ضروري آهي.

مقامي حاڪم آهستي آهستي ڌارين جي طاقت واري ان ويڙهہ ۾ ويا ڪمزور ٿيندا. ان وقت ايراني ڪناري تي عرب آباد هئا، جن جا حاڪم القاسمي شيخ، راس الخيما ۾ مقيم هئا. اڄڪلهہ جنهن علائقي کي اتر امارات سڏن ٿا، سو القاسمي شيخن جي قبضي ۾ هو. اهو علائقو واپار جو ڳڙهہ سمجهيو ويندو هو ۽ سندس آسودگيءَ جو مدار پر وارن ملڪن جي ڪاروبار تي هوندو هو ڇو تہ ان سموري واپار جي آمدني توڙي روانگي ٽروشل اسٽيٽ جي جهازن رستي ٿيندي هئي. اٽڪل 63 واپاري جهاز انهن بندرن تي مال پهچائيندا هئا يا اتان کڻي ٻئي هنڌ نيندا هئا. انهن منجهان 20 جهاز دبئي جا هئا، 18 شارجا جا، 15 راس الخيما جا ۽ 10 ابوڏابي جا هئا. انهن مان ڪي جهاز تہ ايڏا وڏا هئا جو 300 ٽن مال کڻي سگهندا هئا ۽ منجهن اٽڪل 50 ماڻهو بہ سمائجي سگهندا هئا، پر گهڻي ڀاڱي جهاز ننڍا هوندا هئا، جن ۾ ويهارو کن خلاصي ڪم ڪري سگهندا هئا.

انگريزن تہ سڄو گرهہ پاڻ ڪائڻ تي چاهيو. انڪري هنن ڪان مقامي ماڻهن جو اثر رسوخ برداشت نہ ٿيو. ان ڪري جلد ئي هنن جو القاسمين سان ناراضپو شروع ٿي ويو. ان ڪاوڙ آخرڪار هٽي وڃي هنڌ ڪيو. 1819ع ۾ رائل نيوي راس الخيما تي حملو ڪري ڏنو. حملو اوچتو هو ۽ ڪنهن کي بہ اڳواٽ ان جو اطلاع نہ ڏنو ويو هو. رائل جهازن راس الخيما جي بندر تي بيٺل 300 جهاز تباهہ ڪري ڇڏيا. واپس موٽندي انگريزي ٻيڙي عجمان ۽ ام القوين جي بندرگاهن تي پڻ حملو ڪيو ۽ ڪين تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. اها عجيب ڳالهہ آهي تہ ان حملي ڪان دبئي ۽ ابوڌابي بچي ويا.

ان واقعي جو گلف جي سياست تي تمام گهرو اثر ٿيو. ان وقت تائين تہ ائين سمجهيو پئي ويو تہ انگريزن جي علائقي ۾ موجودگي رڳو سندن واپاري مفادن جي بچاءَ خاطر هئي، پر هاڻي تہ سياسي ۽ فوجي مقصد بہ ظاهر ٿي پيا.

هندستاني واپارين لاءِ اهي سخت امتحان وارا ڏينهن ثابت ٿيا، پر هو پنهنجي جاءِ تي ڄميا رهيا. عجمان ۽ ام القوين جا شيخ راس الخيما جي واليءَ جي حفاظت ۾ هوندا هئا. انگريزن وڏي چالاڪي ڪان ڪم وٺندي 1820ع ۾ انهن ٻنهي سان الڳ الڳ ناهہ ڪري ورتو. اهڙي ويساهہ گهاتي تي راس الخيما جي حاڪم کي سخت چِڙ لڳي.

جيتوڻيڪ انهن ٻنهي شيخن سان ڪيل ناهہ کي ٻاهرينءَ طرح تہ امن جو نالو ڏنو ويو هو تہ جيئن انگريزن جا هندستان مان ايندڙ مال بردار جهاز سلامتي سان گلف مان لنگهي وڃن، پر انگريزن جي دل ۾ ڪا سِٽاءُ ئي ٻي هئي، جيڪا جلد ئي سڄي گلف جي علائقي تي انگريزن جي قبضي جي صورت ۾ ظاهر ٿي.

مٿي بيان ڪيل ناهہ موجب انگريزن کي ان علائقي جي واپار تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ٿي ويو. جيڪو ميڊيٽيرينين سمنڊ تائين سندن هٿ هيٺ رهيو. 1826ع سن ۾ هنن بشائر ۾ پنهنجي پوليٽيڪل ريزيڊنٽ جي طرفان شارجا ۾ پوليٽيڪل ايجنسي قائم ڪئي، جنهن جو ڪم هو سمنڊ ۾ انگريزن جي جهازن جي نظرداري ڪرڻ.

آگبوٽن ۽ تار ۽ ٽپال جي سرشتي اچڻ ڪان پوءِ تہ ويتر هندستان ۽ يورپ جي وچ ۾ واپاري ناتا وڌي ويا. ان ڪري هن علائقي ۾ امن امان جي سخت ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي تہ جيئن انهن جهازن جي اچ وڃ ۾ ڪو رخنو نہ پوي ۽ واپاري رستا هر قسم جي بدامنيءَ ڪان آجا هجن. انگريزن جڏهن واپار ۽ ملٽري طاقت جي زور تي هن علائقي ۾ پنهنجي اهميت ڏيکاري ڇڏي، تڏهن هنن 1835ع سن ۾ هتان جي والين سان وڏيڪ جنگ نہ ڪرڻ جو هڪ عهدنامو ڪيو. اهو عهدنامو هر سال نئين سر بحال ڪيو ويندو هو پر 18 سالن ڪان پوءِ 1853ع سن ۾ ان کي پڪو ڪري هميشہ لاءِ لاڳو ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ ابوڌابي، دبئي ۽

اتر امارات جا علائقا ٽروشل اسٽيٽس سڏجڻ لڳا.

18 ۽ 19 عيسوي جي دوران هندستاني جهاز انهن ٽروشل اسٽيٽس منجهان لنگهندا هئا. پر رستي ۾ ڪين ايراني بندرگاهه "لنگهي" وٽان گذرڻو پوندو هو جيڪو راس الخيما جي القاسمي شيخن جي هٿ هيٺ هو. جيتوڻيڪ "لنگهي" عربي گلف جي ايراني ڪناري تي هو پر ان جا گهڻي ڀاڱي رهاڪو گلف جي عربي پاسي جا هئا. اهو بندر ٻين جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ سڌريل هو ان ڪري جيڪي جهاز بمبئي ۽ بصري جي وچ ۾ سفر ڪندا هئا، سي ان بندر تي ترسندا هئا. ظاهر آهي تہ جهازن جي ايتري اچ وڃ سبب بندرگاهه جو واپار وڌي ويو. هڪ ٻيو سبب بہ هو. اهو هيءُ تہ ان بندر تي آمدني ۽ روانگي واپار تي ٽئڪس ڪونہ اوڳاڙيندا هئا. ٻين لفظن ۾ اهو فري پورٽ (Free port) هو ان ڪري بہ واپاري گهڻو ڪري "لنگهي" بندر کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا. بندر تہ عربن جي هٿ هيٺ هو پر ايراني حڪومت سندس معاملن ۾ دخل ڪونہ ڏيندي هئي. بهرحال، راس الخيما جي تباهي کان پوءِ اتان جي شيخن جو لنگهي بندر تان قبضو آهستي آهستي ختم ٿي ويو. اهو حال ڏسي ايراني حڪومت کي خيال وينو تہ جيڪڏهن اسان جي ڪناري جا بندر ايڏا ڪمائتا آهن تہ پوءِ چو نہ انهن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻجي. ان ڪري 20 عيسوي صدي ڌاري ايراني حڪومت عرب گورنر جو عهدو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ايراني امپيريل ڪسٽم وارن، جهازن کان ٽئڪس وصول ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. واپارين کي اها ڳالهه ڪانہ وڻي، ان ڪري هنن ايراني حڪومت جي انهن قدمن جي مخالفت ڪئي ۽ ٽئڪس جي معاملي ۾ پڻ پنهنجي راءِ جو کلي ريت اظهار ڪيائون. نہ رڳو ايترو بلڪ حالتن کان نااميد ٿي واپاري آهستي آهستي پنهنجو ڏنڊو ڏاڙي گلف جي سامهون واري بندرگاهن دبئي، راس الخيما ۽ ابوڌابي ڏانهن ڪٽي وڃڻ لڳا. گهڻا ڪٽنب وري ان ڪري بہ لڏي ويا جو ڪين ايران جي شاهي گهراڻي طرفان ٽيندڙ اسلامي سڌارا پسند ڪونہ هئا.

"لنگهي" ۾ آباد گهڻا هندستاني واپاري موتين جي ڪاروبار ۾ سرمايو لڳائيندڙ هئا ۽ ڪاڏي جو سامان ٻاهران امپورٽ ڪندا هئا. جڏهن اهڙن واپارين لنگهي مان لڏڻ شروع ڪيو تہ مٿن دارومدار رکندڙ ٻين ماڻهن بہ سندن ساٿ ڏنو. انهن ۾ ملاح ۽ هاري ناري بہ شامل هئا.

اها ڏاڍي دلچسپ ڳالهه آهي تہ دبئي ۾ منگهہ يا بادگير بہ انهن لڏي آيل ايرانين اچي ٺهرايا.

لنگهي جلد ئي ويران ٿي ويو ۽ آهستي آهستي ماڻهن جي دلين تان ميسارجي ويو. لنگهي جي بربادي دبئي جي آباديءَ ۾ بدلجي وئي. هندستان سان هلندڙ واپار وسيلي واپارين تجربو ۽ مهارت حاصل ڪئي هئي، سي سڀ هاڻي لڏي اچي دبئي ۾ ويٺا. بس، جادوءَ جو کيل ٿي ويو. ڏسندي ئي ڏسندي دبئي ٽروشل ڪناري تي سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان اهم بندر بنجي ويو. ڪي ٻيون بہ ڳالهيون هيون جن دبئي جو شان

وڌائڻ ۾ مدد ڏني. سڀ کان پهرين ۽ ضروري ڳالهه هئي دبئي جي حڪمران جي ڪلي ۽ سلجهيل سوچ ۽ دوررانديشي. جنهن وقت ’لنگهي‘ نون قاعدن ۽ سخت قانون سبب پويان پساهه کڻي رهيو هو دبئي جي حاڪم نون ايندڙن کي مفت زمين، ٽئڪسن کان ڇوٽڪارو ۽ جان مال جي حفاظت جهڙيون سهوليتون آڇي سنڌن من موهي وڌو. هو ايراني بندرگاهه ڇڏي دبئي لڏڻ لڳا. اها سڀ انهن سهوليتن جي آڇ جو نتيجو هو جيڪي کين دبئي جي حاڪمن ڏنيون هيون.

”لنگهي“ جي تباهي کان صرف ٽي سال پوءِ 1905/6ع سن ۾ بامبي اينڊ پرشن اسٽيم نيويگيشن ڪمپني (Bombay and Persian Steam Navigation Company) جي دبئي وٽان لنگهندڙ جهازن جو عدد وڌي 34 تي ويو ۽ مٿن رکيل مال جو وزن 70132 ٽنن تائين پهچي ويو. هن کان اڳ انگريزن جا آگبوٽ بمبئي ۽ بصري واري رستي تي سال ۾ ٽن کان پنجن ڦيرن کان اڳ وڌيڪ ڪڏهن به دبئي ۾ نه ترسيا هئا. جيڪڏهن مٿين انگن جي ڀيٽ تي ڪجي ته زمين ۽ آسمان جيترو تفاوت نظر ايندو.

ان کان پوءِ دبئي ڪڏهن به مُڙي نه ڏٺو وئي اڳتي وڌندي. پنجاهه جي ڏهاڪي تائين آمدني واپار يا ٻيهر روانگي واپار وڌندو رهيو. ان کانپوءِ هيءُ علائقو تيل جو هڪ مکيه ذريعو ٿي پيو ۽ ان سبب دبئي جي واپار ۾ جا واڌ آئي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. 1958ع سن ۾ آمدني واپار جو انگ هو ٽي ملين پائونڊ. صرف ٻن سالن کان پوءِ 1960ع سن ۾ اهو انگ ٻيڻي کان به وڌي 106 ملين پائونڊ تي ويو ۽ اڃا ٽن سالن کان پوءِ 8 ملين پائونڊن تي وڃي پهتو. 1967ع ۾ 70 ملين پائونڊ کي وڃي ڏڪ هنيائين.

انڊيا مان هندستاني واپاري گهڻو ڪري اناج ۽ داليون ٽروشل اسٽيٽس جي بندرگاهن وسيلي آڻيندا هئا، جن جو ڪاٿو 205 ملين روپيا ساليانو هوندو هو. اهي جهاز جيڪي هيءُ مال کڻي ايندا هئا، سي هندستان ۽ ٽروشل ڪناري جي بندرن تائين محدود نه رهندا هئا، بلڪ ڀرپاسي وارن ملڪن ڏانهن به ويندا هئا. اهڙي ريت دبئي ۾ لاٿل مال ٻيهر دبئي کان ٻين ملڪن ڏانهن ايڪسپورٽ ٿيندو هو. اتان جا مارڪيٽ جهڙو ڪر دبئي جا مارڪيٽ بنجي پيا.

پر سڀ کان وڌيڪ فائدي ۾ ويا موتين جا واپاري، سنڌن ماڻهو ۽ ٽروشل اسٽيٽس جا ٻيا رهاڪو. شارجا، دبئي ۽ ابوڌابي مان ڪافي، کنڊ، ڪپڙو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ان قسم جون شيون، ڪنارن کان دور رهندڙ بدُو توڙي ٻين قومن جي ماڻهن ڏانهن موڪلجڻ لڳيون، جتي ڳوٺن جي دڪانن تي ان قسم جو سامان عام جام وڪامڻ لڳو. اهڙي طرح ننڍڙا ننڍڙا دڪان کلي پيا. ماڻهو پئسو ڪمائڻ لڳا ۽ واپار کي هٿي ملي. جتي اهو سيڪجهه ٿئي، اتي خوشي ۽ خوشحالي به ضرور ايندي. صدي جي پُڄاڻيءَ تي شارجا جو ساليانو محصول هو 8000 روپيا ۽ راس الخيما جو 800 روپيا، جيڪو ڪسٽم ڊيوٽيءَ جي صورت ۾

ٻاهران اينڊڙمال تي ورتو ويندو هو.

هندستاني واپاري جيڪي ٽروشل اسٽيٽس ۾ ڏيڍ سؤ سال کان اڳ آيا هئا ۽ جن ۾ وڌو تعداد ٺٽي کان آيل ماڻهن جو هو تن موتين جي ڪاروبار ۾ چڱو ڀاڱو ورتو. اهي سڀ هندو هئا. جيڪي هن علائقي ۾ آباد ٿيڻ لاءِ نه آيا هئا، بلڪ هو موتين جي مُند ۾ هرسال لڳاتار ايندا رهندا هئا. شروع شروع ۾ ته هو صرف موتين جي ايڪسپورٽ ۾ دلچسپي وٺندا هئا. آهستي آهستي هو ٻين وکرن تي به ڌيان ڏيڻ لڳا، جهڙوڪ چانور، ڪافي، کنڊ، ڪپڙو وغيره جيڪو هو اتان جي ماڻهن جي ضرورتن جي پورائي لاءِ مهيا ڪرڻ لڳا. هندستاني واٽيا ۽ بياج خورءُ ڪي ايراني واپاري دبئي ۾ آباد ٿي ويا. انهن دبئي جي ڏيتي ليتي واري مارڪيٽ ۾ ڪافي اثر رسوخ پيدا ڪري ورتو ۽ وڏي وياج تي اوڌر ڏيڻ لڳا.

دبئي جا ڪجهه مکيه موتين جا واپاري هئا: آسڪرن داس آسن مل واپي، ڏمن مل لاچند واپي، ڏمن مل ايسرداس، چيتانند لالچند، ڪيشو داس تاراچند، خوشحالداس ڪنبنداس ڀاٽيا، ڪشنداس ناٿامل ڪيساٽي، لکميداس تلسيداس ۽ سندس پائر، شمبي مل ڀاٽيا، تلسيداس فتحچند ۽ اتمچند تلسيداس.

20 صدي جي پهرئين ڏهاڪي ۾ اٽڪل 7000 ماڻهو سڌيءَ طرح موتين جي ڪاروبار سان لاڳاپيل هئا ۽ سي به فقط دبئي ۾. انهن ويچارن کي پنهنجي سخت پورهئي جي بدلي ۾ تمام معمولي اجورو ملندو هو پر تنهن هوندي به موتين جو واپار زورن تي هوندو هو. ان جو سبب صرف اهو هو ته ماڻهن جي گهٽائي کي ان ڪانسواءِ آمدني جو ڪو ٻيو وسيلو موجود ئي ڪونه هو. موتين منجهان ڪمائي ته بيشڪ گهٽ هئي، پر ٻئي وسيلي نه هئڻ سبب ان ڪاروبار جي ڪري مقامي واپار کي وڏي هٿي ملي پئي پر افسوس جو موتين جو اهو ڪاروبار گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهيو. ان زوال جا ٻه ڪارڻ هئا. هڪ اهو ته جپان موتي پالڻ جو طريقو ڳولي لڌو. هنن چا ڪيو جو سپن ۾ واري ۽ سنهڙي پٿري نقلي نموني سان وجهي، ڪين سمنڊ اندر پڃرن ۾ پالي وڏو ڪندا هئا ۽ پوءِ پنهنجي وقت تي سپون ڪڍي انهن کي کولي منجهانئن موتي حاصل ڪندا هئا. جپان جي ان ڏاهپ دبئي جي مارڪيٽ جا ترا ڪڍي ڇڏيا. ٻيو ڪارڻ هو پهرين مهاڀاري لڙائي جو يورپ جي سياسي سوچ تي اثر.دراصل موتين جي ڪاروبار جي مند 1920ع جي وچ ڌاري شروع ٿي چڪي هئي. 1929ع ڌاري دبئي جون 60 موتين جي شڪار واريون ٻيڙيون فقط ان ڪري بيڪار ٿي ڪناري پيڙيون بيهي رهيون جو هو ٽوٻن توڙي مزورن ۽ ملاحن کي ائڊوانس ڏئي نٿي سگهيون. يورپ جي مارڪيٽ ۾، خاص ڪري پئرس ۾، موتين جي نه پهچڻ سبب سرمائي جي ڪمي ٿي پئي. واپاري اچي پريشان ٿيا ته آخر ايترو پئسو ڪٿان آڻجي جو موتين جي ڪاروبار کي ٻيهر صحيح نموني جاري ڪري سگهجي. انهن منجهان وڏي پيماني تي ڪيترا ئي شاهوڪار موتين جا واپاري، جن جو مکيه ڪم ئي هوندو هو وڏي پيماني تي پئسو سيڙائڻ، سي قرضن ۾

ونڃي ويا.

موتين جا واپاري عام طور ڳرن اگهن تي قرض وٺندا هئا. اها اوڌر 36 سيڪڙو وياج تائين به ورتي ويندي هئي. اوڌر ڏيڻ وارا هوندا هئا بمبئي يا ٽروشل اسٽيٽس جا واڻيا  توڙي وياج خور. جيڪي موتين جي مند شروع ٿيڻ کان اڳ ان ڏنڌي ۾ اوڌر ڏيندا هئا. جڏهن سيزن پوري ٿيندي هئي ته اهي واپاري هندستان مان واپس موتي پنهنجي ڪمائي مان اوڌر ورتل رقم وياج سميت موٽائي، حساب ڪتاب برابر ڪري ڇڏيندا هئا. ان زماني ۾ اهو ئي رواج هوندو هو.

جڏهن مارڪيٽ ڪرندو هو ته ان جو اثر هڪ اعليٰ ماڻهوءَ تي نه. بلڪ انهن سيني تي پوندو هو. جيڪي ان سموري ڪاروبار سان ڪنهن نه ڪنهن طرح لاڳاپيل هوندا هئا. جي واپاري مارڪيٽ ۾ موتي وڪڻي نه سگهندا هئا ته ظاهر آهي ته اهي اوڌر ڪيئن لاهي سگهندا؟ ان ڪري ويچارا اوڌر ڏيڻ وارا سيڙپڪار به آزار ۾ اچي ويندا هئا.

موتين جو هڪ مشهور واپاري محمد بن بياط هو جنهن  تي ڇهه لک  روپيا قرض چڙهي ويو ۽ ڪيس ڏيوالو ڪيڍڻو پيو. ڇهه لک روپيا ان زماني  ۾ تمام وڏي رقم ليکي ويندي هئي. هڪ ٻئي واپاري محمد بن احمد بندلمڪ کي، ٻه لک روپيا هڪ واڻئي وياج خور کان اوڌر ونئي، محمد علي زنيل نالي بمبئي جي هڪ مشهور واپاري جو قرض لاهڻو پيو.

مارڪيٽ جي حالت وئي ڏينهون ڏينهن بگڙجندي. آخرڪار دبئي ۽ شارجا جي ڪيترن اوڌر ڏيندڙ سيڙپڪارن، جيڪي انگريزن جا رعايا هئا، تن وٽي برٽش پوليٽيڪل ايجنسي جو در کٽڪايو ته اسان کي موتين جي واپارين کان پنهنجا پئسا اوڳڙ ڪرائي ڏيو. آخرڪار حڪومت کي وچ ۾ پئي ڪيترا اهڙا ڪيس نبيرڻا پيا. ڏرين کي ٺاهه ڪرڻا پيا ۽ قرض جون قسطون ڪري ڊگهي عرصي تائين ٿورو ٿورو ڪري بار لاٿو ويو. ڪم گهٽجڻ ڪري سوين مزور بي روزگار ٿي پيا. اها صورتحال جڏهن ڊيگهه پڪڙي وئي ۽ سڌاري جي ڪا اميد نه رهي، ته وياج خور واڻيا به ٽپڙ ويڙهي ٽروشل اسٽيٽس ڇڏي هليا ويا.

ان وقت موتين جي واپار جي جيڪا دکدائڪ حالت هئي، ان جو اندازو توهان هن رپورٽ مان لڳائي سگهو ٿا، جيڪا 1934ع سن ۾ بشائر ۾ برٽش ريزيڊنسيءَ لنڊن جي ڊپارٽمينٽ آف اوور سيز ٽريڊ (Department of Overseas Trade in London) کي موڪلي هئي.

”ڪيترن سببن جي ڪري هيءَ انڊسٽري، ڪجهه سالن کان وٽي تي پوئتي پوندي. هاڻي ته سندس حالت بد کان بدتر ٿي وئي آهي ۽ سڌاري جو ڪوبه امڪان نظر نٿو اچي. هڪ ته آمريڪا ۽ يورپ جي مالي حالت خراب آهي، ان ڪري انهن ملڪن ۾ موتين جي گهر ڪافي گهٽجي وئي آهي ۽ يورپي خريدار هاڻي اڳي جيان هرسال بحرين ڪونه ٿا وڃن. ٻيو ته جپانين جيڪي پاليل نقلي موتي مارڪيٽ

۾ آندا آهن. انهن جي ڪري بہ اصلي موتين جي وڪري تي خراب اثر پيو آهي. تيون تہ مقامي موتين جي ڪوالٽي بہ هاڻي اها ساڳي نہ رهي آهي، ڇو تہ جن ماڳن تان موتي ملن ٿا، تن تي سالن کان پيو ٿو شڪار ٿئي ۽ هاڻي لڳي ٿو تہ سپن جو نسل گهٽجو گهٽجي ويو آهي.“

موتين جي واپارين پراڻا مارڪيٽ وساري، نون مارڪيٽن کي آزمائڻ شروع ڪيو. خاص ڪري آمريڪا ۾ گهڻي ڪوشش ڪيائون، پر جپاني نقلي موتي سستا هئڻ سبب هر هنڌ مارڪيٽ تي ڇائنبا ويا. اها بہ ڪوشش ڪئي وئي تہ پلا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڪڍي موتين کي صاف ڪري پالش وغيره ڪجي، پر اتي بہ ڪاميابي نہ ٿي، ڇو تہ هندستان ۾ موتين جي ڄاڻ رکندڙ ڪاريگرن جو تعداد گهڻو هو ۽ هو هنر توڙي صفائي ۾ اڳي ئي ماهر هئا. گلف جا نڪتل موتي سڀ هندستان موڪليا ويندا هئا، جتي انهن کي سڌاري، صاف ڪري، پالش ڪري، زيورن ۾ جڙي، اولهہ جي ملڪن يا ڏور اوڀر جي ملڪن ڏانهن وڪري لاءِ موڪليو ويندو هو. هندستاني ڪاريگرن کي پنهنجي ملڪ مان پرتي ڪري وڃان ڪنهن ٽئين ملڪ ڏانهن موڪلڻ مان فائدو ڪونہ هو ڇو تہ هندستان ۾ اهو ساڳيو ڪم سستي اگهہ ۾ ٿي ويندو هو. ڏارئي ملڪ ۾ اجورو وڌي وڃي ها.

1940ع سن ڌاري اهو چٽيءَ طرح معلوم ٿي ويو تہ هاڻي موتين جو ڪاروبار ٻيهر اهو اوج ماڻي نہ سگهندو، جيڪو اڳ ماڻيو هئائين. گلف کي هاڻي ڪو ٻيو ذريعو تلاش ڪرڻو پوندو، جيڪو سندس رهواسين کي روزگار ڏئي سگهي. هن موقعي تي وري بہ دبئي ڪم آئي. دبئيءَ هن وقت تائين پنهنجين ٻين ويجهين رياستن کان وڌيڪ تجربو حاصل ڪري ورتو هو. خاص طور آمدني مال کي ٻيهر پرڏيهہ ۾ وڪڻڻ (Re export) جي ڪم ۾ دبئي واسي هاڻي پڙ ٿي چڪا هئا، ان ڪري هنن ان ڪم جو بنياد وڌو، جيڪو اڄڪلهہ دبئي جي واپار جي سُڃاڻ آهي.

❋

## باب نائون

# نئين دور ۾ پهريون قدم

**زندگي سنگيت سمان آهي، جنهن کي ڳڻ، آتما ۽ امنگ جوڙي راس ڪندا آهن ۽ نہ قاعدا ۽ قانون. پر اُن هوندي بہ قاعدن قانونن جي ڄاڻ ضروري آهي، ڇو تہ ڀُل ڇُڪ ۾ اهي صحيح رستو ڏيکاريندا آهن، پر هميشہ نہ.**

**سموئيل بٽلر**

دبئي هاٽي پانت پانت جي ماڻهن جو شهر آهي. سندس تاريخ ۽ جاگرافيءَ ڪيس اچوڪو انوکو روپ ڏنو آهي.

ڪيترين ئي پيڙهين کان وٺي دبئي جا واپاري ۽ ملاح دنيا جي ڪندڪڙڇ کان واقف رهيا آهن. دبئي جون ٻيڙيون سدائين پر پاسي وارن بندرن ڏانهن  ويندڙيون پئي رهيون آهن. ايران، مڪران، مسقط ۽ باتينا جا ساموندي ڪنارا هنن لاءِ نوان ناهن. اهڙي ريت بحرين، بصري، بمبئي، ڳاڙهي سمنڊ، زنزيبار ۽ آفريڪا جا  ڪنارا هنن جا ڏٺل وائٺل آهن. دنيا جي ڇئني دشائن کان ماڻهو دبئي ۾ واپار جي خيال کان ايندا هئا. خاص ڪري هڪ هنڌان خريديل مال کي ٻئي ملڪ  وڪڻڻ (Re_export) جي لاءِ دبئي هڪ مثالي جڳهہ هئي. ان ڪري ٻين پروارين رياستن جي مقابلي ۾ دبئي وڌيڪ ترقي ڪئي.

مان دبئي ۾ رهندو آهيان. مون ۽ منهنجي ڪٽنب دبئي ۾ خوشي ۽ خوشحالي ماڻي. هن شهر جا اسان مٿان  تمام  گهڻا ٿورا آهن. هتي اسان کي پنهنجي سيپيتا کي زنده رکڻ جو موقعو مليو ۽ اُڏاري ورتل ورثي  سان پنهنجي حياتي کي سُکي رکڻ ۽ ڦلڻ ڦولڻ جا رستا بہ  هٿ آيا. هتي رهندڙ ماڻهن کي سمجهڻ لاءِ اوهان کي دبئي کي سمجهڻو پوندو. هن  اپرندڙ شهر جي اوسر  اچرج ۾ وجهندڙ آهي. ترقي جي رفتار تہ تيز آهي ئي، پر واپار جا نوان نوان رخ ۽ رنگ بہ پنهنجو مٿ پاڻ آهن. ڪي ماڻهو دبئي کي ”اوچتو اُپريل“ شهر سڏيندا آهن. هو غلط  ناهن. پر اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ هن“اوچتو اُپريل“ شهر جون پاڙون پراڻيون ۽ پاتال ۾ پختيون کُتل آهن ۽ هتان جي  ماڻهن جي محنت، بهادري ۽ اورچائي جي تواريخ قديمي آهي.

دبئيءَ ايندڙ هر مسافر هر بار تپرس جهڙي تبديلي ڏسندو. ڪنهن بہ پاهران ايندڙ ماڻهوءَ کان پُڇي ڏسو جواب اهو ئي ملندو ”مارا دبئي تہ بلڪل بدلجي ويو آهي.“

ويهہ سال اڳ ماڻهن  ۾ دبئي هڪ گرم، مونجهہ وارو واريا سورڻ پٽ هو. بلڪل ائين، جيئن ڊيوڊ لين

جي فلم ”لارينس آف عريبيا“ ۾ ڊيڪاريل آهي. دبئي اڄ بہ گرم آهي. اڄ بہ وارياسو آهي. پر ان کان اڳ جو توهان صحرا جي واريءَ وارين پٽن تائين پهچو دبئي هڪ جادوءَ جي نگري بنجي چڪو آهي. شهر کي ڏسي توهان جي سوچ توهان جو ساٿ ڇڏي ويندي. اعتبار نہ اچيوَ تہ اچي پنهنجين اکين سان پاڻ ڏسو محسوس ڪريو. بازارين ۾ سپر مارڪيٽ گهمي ڏسو. روڊن ۾ رستن تي سئر ڪريو. ڏينهن جي گهما گهمي ڏسو رات جون رنگينيون ڀَسو. هيءُ اهو شهر آهي جتي رونقون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿينديون آهن. روشنيون ڪڏهن بہ مرجهائبيون ناهن. زندگي ڪڏهن بہ ٿڪبي ناهي.

دبئي پڪيڙ جي خيال کان يونائيٽيڊ عرب امارات ۾ ٻئي نمبر تي وڏو شهر آهي. ڏهن لکن کان ٿورا وڌيڪ انسان هن شهر ۾ ساهہ کڻندا آهن. هڪ سؤ کان وڌيڪ قومون وڏي قرب. پيار. پنهنجائپ ۽ ڀائيچاري واري ماحول ۾ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي گڏجي رهنديون آهن. هن حقيقي اسلامي روايتن ۽ تهذيب واري سماج ۾ هر شخص ٻئي ماڻهوءَ جي ڌرم. ويچار ۽ سڀيتا کي نہ رڳو برداشت ڪندو آهي. پر ان جي دل سان عزت ڪندو آهي.

قديم ۽ جديد جو عجيب سنگم آهي دبئي. دنيا ۾ شايد ڪي ٿورا اهڙا ٻيا ملڪ ملندا جن ۾ مختلف مذهبن. روايتن. ريتن. رسمن. سڀيتائي ورثن. تاريخي سچاين کي ايڏيءَ سهپ. ايڏيءَ بردباريءَ ۽ ايڏيءَ دوراند يشي سان پريت جي نازڪ ڌاڳي ۾ پوئي. هڪ مالا جي صورت ڏئي. سڀ ڪجهہ پلائي. ايندڙ وقت جي للڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ فقط اوچي درجي جي سائنسي ٽيڪنالاجيءَ جي آڌار تي اڏول ۽ اٽل ڪري. دنيا جي نقشي تي اُڀاريو ويو آهي. دبئي جا اعليٰ رهائشي معيار. ماپا ۽ ماڻ. اڄ بہ روايتن جا محتاج آهن. نتيجي طور شهر جو جڙيل وايومنڊل نہ رڳو حقيقتي ۽ اصلي ٿو لڳي. بلڪ اُن ۾ هڪ انوکوپڻ پڻ آهي. جيڪو ڪٿي ٻئي هنڌ نہ ملندو. ڌار ڌار قومن. ذاتين. رنگن ۽ نسلن جي ماڻهن جو هيءُ عجيب سنگم. جنهن ۾ ڪو ڪنهن کان ڌار ناهي. ڌاريو ناهي. رهائش لاءِ روزگار لاءِ توڙي وڌڻ ويجهڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ مثالي ماڳ آهي.

جيڪڏهن دبئي کي سمجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ ڪنهن هڪ مناسب جذبي جو اظهار ڪرڻو پوي تہ اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ دبئي فقط ۽ فقط هڪ ڳولا جي وچن سان واڳيل آهي: خوب کان خوبتر جي ڳولا.

دبئي جي تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسندؤ تہ اوهان کي هن شهر جي ترقي ۽ عروج پويان هتان جي حڪمرانن جو وڏو هٿ نظر ايندو. امارت جي اوسر جي تاريخ 1833ع سن کان شروع ٿئي ٿي. جڏهن ’بني ياس‘ قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو ڇاڙ (Greek) جي ڪناري تي اچي آباد ٿيا. شيخ عبيد بن سعيد ۽ شيخ مڪتوم بن بب جي اڳواڻي ۾ هنن دبئي ۾ مڪتوم خاندان جي حاڪميت جو پايو وڌو.

دبئي جي حيرت ۾ وجهندڙ ترقي ۽ تازه ترين ٽيڪنالاجيءَ ۾ حاصل ڪيل مهارت مڪتوم خاندان

جي محنت ۽ ڏکي سوچ جو ئي نتيجو آهي. شيخ مڪتوم بن حشر, جنهن جو شمار 20 عيسوي صدي جي سڀ کان وڌيڪ ڏاهن ۽ ڪليل دل وارن حڪمرانن ۾ ٿئي ٿو سو پنهنجي آزاد خيالي سبب ڏيهان ڏيهه مشهور آهي. سندس پٽ شيخ سعيد بن مڪتوم المڪتوم 1912ع سن ۾ پنهنجي پيءُ جي جاءِ والاري. هن دبئي جي مالي حالت سڌارڻ ۽ ملڪ ۾ سلامتي ۽ سک آڻڻ لاءِ جيڪي چڱا ڪم ڪيا, تن ڪي دبئي کي هاڻوڪيءَ پر تائين پهچائڻ لاءِ پيڙهه جو پٿر ٿيئي سگهجي ٿو.

سندن پٽ شيخ راشد بن سعيد المڪتوم 1958ع سن ۾ دبئي جي واڳ سنڀالي. ڪيس جديد دبئي جو معمار چيو ويچي ٿو. هن جي انسان دوستيءَ دوراندشيءَ سبب اڄ دبئي ان جاءِ تي آهي, جتي پهچڻ جي هامَ ڪيترا سڌريل ملڪ به هڻي نٿا سگهن. دبئي انهن ٿورين جڳهين مان هڪ آهي, جتي مسجد ۽ مندر هڪ ٻئي کان چند قدمن جي مفاصلي تي جڙيل نظر ايندا. حاڪم جي سهپ ۽ ڪشاده دليءَ جو اُن کان وڌيڪ سٺو مثال ٻيو ڪهڙو ملندو ته مندر جوڙڻ لاءِ زمين خود واليءَ پاڻ دان ڪئي هئي.

دبئي ۾ واپار جي ريل پيل ۽ موٽ روانگي (Re_export) جي ٻي انتها ڪاميابي ڏسي, شيخ راشد دبئي چاڙ (Dubai Greek) کي اونهو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ۽ جلد ئي پوءِ 'پورٽ راشد' ٺاهڻ لاءِ به هدايتون ڏنيون. ان کان سواءِ ٻيا جيڪي ڪارناما هن جي دور ۾ ٿيا, تن مان ڪي آهن: جبل علي پورٽ, جبل علي فري زون, دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ, ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ دبئي اليومينيم ڪمپني.

هن جو وڏو پُٽُ ۽ سندس جانشين (Successor) شيخ مڪتوم بن راشد المڪتوم, جيڪو هاڻي دبئي جو حڪمران ۽ يو اي اِي جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ وزيراعظم آهي, وڏي قابليت سان پنهنجي پيءُ جي دبئي کي هڪ جديد شهر بنائڻ واري خواب کي پورو ڪندي, پنهنجي حڪمران خاندان جي ٻين مڙني ماڻهن جي سڀ طرفي مدد ڪندو رهي ٿو.

انهي روايت کي يو اي اِي جي وائيس پريذيڊنٽ ۽ دبئي جي انهي حڪمران هزهائينيس شيخ محمد بن راشد جي اصل سوچ ۽ تصور سان اڳتي وڌايو پيو وڃي. جيڪو دراصل پنهنجي نوجواني واري ڏهاڙن ۾ ئي, پنهنجي متحرڪ ڪردار ۽ شاندار تجربي سان گڏ اڪيچار ذميوارين ڪٺندي ۽ انهن کي وڏي قابليت ۽ مهارت سان توڙ تائين نڀائيندي ظاهر ٿيو. مونز آفيسرز ڪيڊٽ اسڪول جو گريجوئيٽ ۽ رائل ملٽري اڪيڊمي سينڊهرسٽ (Sandhurst)جو حصو بڻيل شيخ محمد برطانيا جي وڃڻ کانپوءِ دبئي جي دفاع واري قوت کي وڌائڻ توڙي قائم ڪرڻ ۾ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. يو اي اِي جي دفاع واري وزير جي حيثيت سان شيخ محمد ان جي فوجي سگهه ۽ طاقت کي پڻ سگهارو ۽ جديد بنائڻ ۾ وسان نه گهٽايو. هن جو وڏن منظم ادارن جهڙوڪ: دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ, امارات ايئر لائين, دبئي پيٽروليم ڪمپني وغيره کي قائم ڪرڻ وارين ڪوشش مان, سندس دوراندشاڻي ڪردار ۽ سوچ جي چڱي طرح

سان ساک ملي ٿي. دبئي جي مستقبل کي شاندار بنائڻ واري سوچ ۽ حڪمت عملي دراصل، هن جي پنهنجي ئي شاندار تجربي مان ظاهر ٿي. جيڪو تجربو هن پنهنجي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي پنهنجي عظيم پيءُ شيخ راشد جي رهنمائي ۾ حاصل ڪري ورتو هو.

هزهائينيس شيخ همدن بن راشد المڪتوم يو ايِ اي جي اڏجڻ کان وٺي صنعت ۽ فنانس واري وزير طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. 1995ع ۾ دبئي جي نائب حڪمران (Deputy Ruler) ٿيندي، شيخ همدن اڪيچار ذميواريون ڪنيون. جن جو هتي جي ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي.

دبئي جي دراصل، زندگي جي هرهڪ شيءَ لاءِ پڻ جوڙجڪ ڪئي وئي آهي. سڄي دنيا ۾ پکڙيل دبئي جو نالو شاپنگ ۽ خريدار وغيره لاءِ به هڪ متبادل شهر آهي. جتي دنيا ۽ زندگي جي هرهڪ شيءَ سولائي سان مليو سگهي ٿي ۽ هي شهر ئي انهن ڪجهه اهڙن شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. جتي اوهان کي خريداري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪار کي لاڪ ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.

سندس وڏو پٽ ۽ جانشين، هزهانيس شيخ مڪتوم بن راشدالمڪتوم. جيڪو يو. اَي. اِي جو وائيس پريذيڊنٽ ۽ پرائم منسٽر هئڻ سان گڏ دبئي جو حاڪم به آهي، تنهن پنهنجي روشن خيال پيءُ جي خوابن کي ساپيان بڻائڻ ۽ دبئي کي جديد ترين شهر ناهڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي. ان ڪم ۾ سندس شاهي خاندان پڻ ساڻس ڀرپور سهڪار ڪيو آهي.

هزهاءِ نيس شيخ حمدان بن راشدالمڪتوم، يو اي اي جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي، فائنانس منسٽر ۽ انڊسٽريز منسٽر طور ڪم ڪندو پئي رهيو آهي. 1995ع سن ۾ کيس ڊپٽي رولر طور مقرر ڪيو ويو هو ۽ پاڻ دبئي ميونسپالٽي جو چيئرمن پڻ آهي.

هزهاءِ نيس جنرل شيخ محمد بن راشدالمڪتوم 1971ع سن کان وٺي يو اَي اِي جي بچاءَ واري وزيرطورڪم ڪري رهيو آهي. کيس دبئي جو ڪرائون پرنس (جانشين شهزادو) 1995ع سن ۾ مقرر ڪيو ويو هو جڏهن ته شيخ راشد سڀ کان ننڍي پٽ هز هاءِ نيس ميجر جنرل شيخ احمد بن راشدالمڪتوم کي ڊپٽي چيئرمن آف دبئي پوليس اينڊ پبلڪ سڪيورٽي جو عهدو مليو آهي.

دبئي جي ٻي مشهوري اها به آهي ته هت زندگي جي ضرورت جون سڀ سئين شيون ملي سگهنديون آهن. ٽوئرزم (سير تفريح) ته هتان جي مشهور آهي ئي، پر ان سان گڏ ٻاهران ايندڙن کي ملندي آهي هتان جي لاجواب روايتي مهمان نوازي، عزت ۽ پيار. انگريزي ۾ دبئي کي "Seven Esses" جو شهر سڏيندا آهن: سمنڊ (Sea)، سج (Sun)، رانديون (Sport)، سلامتي (Safety)، حفاظت (Security)، اسٽائيل (Style) ۽ شاپنگ (Shopping). انهن ستن ئي خوبين جي ڪري دنيا ڀر جا ماڻهو ايندي ويندي دبئي ۾

ٿورو گهڻو ضرور ترسندا آهن.

سڄي دنيا ۾ لفظ ”دبئي“ کي شاپنگ سان لاڳاپيو ويندو آهي. سون کان وٺي اليڪٽرانڪ ۽ ٽيڪسٽائيل تائين، ۽ گهرج جي هر اها شي جيڪا دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ ملندي هجي، سا هن شهر ۾ مناسب اگهه تي ۽ ڪنهن به ملاوت کان سواءِ ملي سگهي ٿي. هيءُ دنيا جي انهن چند ملڪن مان هڪ آهي، جتي توهان پنهنجيءَ موٽرڪار کي چابي هٽي بند نه ڪريو ته به پوءِ ناهي.

جيڪڏهن دبئي ۾ ڪا ڏکيائي آهي ته صرف هڪ ڳالهه جي، هتي من پسند شي جي چونڊ ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. هڪ کان وڌيڪ هڪ شي موجود آهي. دل ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن پئي سرڪي. ڇا وٺي ڇا ونجي؟ ماڻهو صبح کان سانجهيءَ تائين وينو ڀٽڪندو ۾ ڦري ته به فيصلو ڪري نه سگهي. پلا فيصلو به ڪيئن ٿئي؟ دنيا جي هر ملڪ مان بهترين ۽ چونڊ وکر اچي ٿو هت پهچي. سپر مارڪيٽ ڪاڌي پيتي جي موهيندڙ قسمين قسمين ڪاڌن سان پريا پيا آهن. جيڪو وڻيو سو پسند ڪري کڻو. هر ديس جو سواد، هر ڏيهه جي خوشبو. آمريڪا کان ويندي يورپ، آفريڪا، هندستان، ڏور اولهه، مطلب ته جنهن ملڪ جو نالو کڻو اتان جا کاڌا موجود ملندا. آسٽريليا جي دنبن کان وٺي فرانس جي چيز (پنير)، بيلجم جي چاڪليٽ کان ويندي هندستاني چانور، انهن جا قسم ۽ جنسون هر هنڌ سامهون رکيل آهن. گهرڻ جي دير آهي، ڪو ورلي اوهان کي چوندو ته فلاڻي شيءِ ناهي.

دبئي جو فري مارڪيٽ اگهن جي ڇتاپيتي سبب ڪفائتي آهي، پر ڪنهن به قسم جي ملاوت خلاف قانون ڏاڍا سخت آهن. ٺڳي، بي ايماني ۽ ڪوڙي دعويٰ ڪندڙن کي هڪدم سزا ڏني ويندي آهي ته جيئن ٻيا سبق سکن ۽ شين جو معيار برقرار رکن. ان سلسلي ۾ ڪنهن سان به رعايت ڪانه ڪئي ويندي آهي. هر هڪ سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪرڻ سبب دبئي جي هڪ ساک ٺهي وئي آهي. ماڻهن کي پڪ آهي ته هو جيڪو ڪجهه خريد ڪن ٿا، ان ۾ ڪابه ٺڳي، واپاري چالاڪي، ملاوت يا ڪا ٻي خرابي ڪانه هوندي. مُدي خارج شيون، جن جي تاريخ گذري وئي آهي. سي هڪدم دڪانن مان هٽايون ونديون آهن. انهن سينني اپائن سبب ريزڪي مارڪيٽ ۾ خريدارن کي ڪوبه ڊپ ڊاءُ يا شڪ شبهو ڪونه ٿيندو آهي. ڇتا پيتيءَ سبب قيمتون مناسب حد وٽي نه سگهنديون آهن. ”Fly buy Dubai“ (دبئي مان لنگندي خريداري ڪريو) جو اصول خريدارن لاءِ خوشيءَ ۽ خاطريءَ جو اهڃاڻ بنجي ويو آهي. اُتان جا رهاڪو توڙي مهمان مسافر ان اصول مان لاڀ حاصل ڪن ٿا.

اڄ جي مارڪيٽ ۾ ڪنهن به شيءِ جو فقط سنو هئڻ ان جي ڪاميابي جي نشاني ناهي، ان ۾ لڳاتار سڌارو آڻڻ به تمام ضروري آهي. دبئي جا پاليسي ناهيندڙ سدائين ان ڪوشش ۾ رُڌل رهندا آهن ته ڪهڙي طرح نوان نوان طريقا سوچي پنهنجي مارڪيٽ کي پهرئين نمبر کان هيٺ ڪرڻ نه ڏيون. سندن

اها سوچ انهن ماهرن جي واپاري تجربي ۽ سوچ جي شاهدي ڏئي ٿي.

اهي سوچون، اهي تجربا، اهي محنتون، هر سال ”دبئي شاپنگ فيسٽيول“ جي شڪل ۾ ظاهر ٿينديون آهن. جڏهن سڄي دنيا جو سڀ کان انوکو خريداريءَ جو ميلو دبئي ۾ لڳندو آهي. هاڻي ته اهو جشن هڪ سهڻي روايت بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ هر ملڪ ۽ هر قوم جا ماڻهو لکن جي انگ ۾ اچي شريڪ ٿيندا آهن.

ان ساڳئي جذبي هيٺ راندين رونديون کي به همٿايو پيو وڃي. راندين جا شوقين دبئي ۾ ٿيندڙ مقابلن کي نه رڳو ڏسندا آهن، پر هر ايندڙ پروگرام جو بي چيني سان انتظار به ڪندا آهن. هيءَ قوم راندين جي باري ۾ ڏاڍي سنجيده آهي. وٽس جوش به آهي، موسم به مناسب آهي ۽ وڏي ليول تي راندين ۾ حصو وٺڻ جون سهولتون به آهن. دبئي انٽرنيشنل سطح تي پاڻ وٽ مکيه راندين جو انتظام به ڪري ڇاڏي. سرڪار هر قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ هردم تيار آهي. ضروري گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ هتان جا حڪمران پنهنجي سر وسان ڪين گهٽائيندا آهن. ان ڪري دبئي راندين جو اهڙو وڏو مرڪز بڻجي پيو آهي، جنهن کي دنيا جي ڪنهن به وڏي سينٽر سان پيٽي سگهجي ٿو.

رڳو ٿورو ويچار ڪري ڏسو ته دبئي ۾ توهان انهن جڳهين تي ڪيڏي سگهو ٿا. جتي ايويئيشن ڪلب ڪامپليڪس(Aviation Club Complex) ۾ ATP جون جڳ مشهور ٽورناميٽون ڪونايون وينديون آهن. هتي دنيا جا پهرئين جوڙ جا ڪيڏاڙي هر سال مقابلاڪرڻ ايندا آهن. ٽائيگر ووڊس ۽ ارنجي الس جا نالا ڪنهن نه ٻڌا هوندا؟ امارات جي گولف ڪلب ۽ ڪريڪ ڪلب جي ڇهچ ساون ميدانن تي اهڙن ڪيترن ئي نامور رانديگرن پنهنجي ذات جو ڏيکاءُ ڪيو آهي. راند جا ميدان هاڻي PGA جا حصا آهن ۽ مٿن هتان جا رهاڪو توڙي ٻاهريان مهمان گولف ڪيڏي سگهن ٿا. اسڪواش راند ڪيڏڻ سان ماڻهوءَ جي صحت سڌري ٿي. دبئي ۾ 150 شيشي جي ديوارن وارين اسڪواش ڪورٽون موجود آهن.

پاڻي جي راندين منجهان چونڊ ڪريو. گهري سمنڊ ۾ مڇي مارڻ ۽ ٻيڙيءَ جي ڊوڙ کان سواءِ (Windsurfing, Kiteboarding, Parasailing) جهڙيون مزيدار توڙي لڱ ڪانڊارڻ جهڙيون رانديون توهان جو انتظارڪري رهيون آهن. دبئي موٽر ٻيڙين جيڊوڙ جو گهر سمجهيو ويندو آهي. هتان جي ڪاتائو ٽيمن دنيا ۾ رڪارڊ قائم ڪيا آهن. ڪار ريلي ريس ڪريو يا پنهنجا سامان سڙا ساڻ کڻي جبلن تي چڙهي وڃو. سڀ ڪجهه توهان جي وس ۾ آهي. جي زمين تي راندين جي ڳالهه پسند نه اچي ته سامهون صحرا موجود آهي. واريءَ ۾ 4x4 گاڏين جو مقابلو ته اجا به وڌيڪ دلچسپ آهي.

گهوڙي سواري آهي، سائيڪل سواري آهي ۽ انٽرنيشنل ساليانو رسيونز ٽورناميٽ آهي. گاڏڙن جي ڊوڙ (Go_Karting) آهي، بيس بال آهي، سنوڪر، بليئرڊ به آهي ته برف تي ڦيٽن سان ترڪڻ

(Roller skating) جا صاف، شفاف ۽ شيشي جهڙا چمڪندڙ سڌا ميدان بہ آهن. ڪرڪيٽ جو چٽني پاسي کان ڏکيل ميدان هر موسم ۾ رانديگرن کي برسات، طوفان، اُس ۽ مٽيءَ کان بچائي ٿو. Bowling لاءِ گهٽيون Alleys موجود آهن. ڪا بہ هڪ چونڊيوءِ پنهنجي نشاني جو امتحان وٺو.

صحت ۽ تندرستي لاءِ دبئي جي هوٽلن ۽ ڪلبن گڏجي وڏو ڪم ڪيو آهي. منجهن ڪسرت ۽ راندين جون سڀ سهولتيون موجود ڪري ڏنيون ويندي،ون آهن. انهن جي ڪري شهر ۾ تندرستيءَ جو عجيب وايومنڊل پيدا ٿي ويو آهي. هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ تندرست رهڻ لاءِ ۽ پنهنجي جسم کي ٺيڪ رکڻ لاءِ ائروبڪس (Aerobics) کان وٺي يوگا ۽ چست رهڻ جا ڪورس مهيا ڪيا ٿا وڃن. مالش ۽ ٻين طريقن سان تن کي درست رکڻ جا ٻيا بہ ڪيترا ئي سلسلا اوهان کي نظر ايندا.

ڪرائون پرنس شيخ محمد سچ چيو آهي تہ 'جيڪي ماڻهو پنهنجو خيال رکن ٿا، سي پنهنجي شهر جو بہ خيال رکندا ۽ پنهنجي پرپاسي جي وايومنڊل جو بہ خيال رکندا'.

چيو وڃي ٿو دبئي انهن ٿورن شهرن مان هڪ آهي، جنهن جا گهڻا ماڻهو راندين سان لاڳاپيل آهن. شام ٿيندي ئي راندين جا ميدان ماڻهن سان پرجي ويندا آهن. ڪسرت گاهن تي ايتري رش هوندي آهي جو ٻاهر انتظار ۾ ويٺل ماڻهو پنهنجي واري لاءِ لسٽ ۾ نالو لکائي ڇڏيندا آهن. اها ساڳي حالت ٽينس ڪورٽن ۽ گولف ڪلبن ۾ بہ هوندي آهي. پاڻي جي راندين واريون جايون شوقينن سان سٽيون پيون هونديون آهن. انهن سڀني راندين جي سيکارڻ توڙي سار سنڀال لهڻ لاءِ تجربيڪار ۽ تربيت ورتل ماهر هر وقت موجود ۽ تيار ملندا.

عربن جو گهوڙن سان پيار تہ صدين کان مشهور آهي. نئين دور جي گهُرجن ان پيار کي نئين شڪل ڏني آهي. دبئي ۾ گهوڙن جي ڊوڙ ۽ گهوڙن تي پولو جي راند هاڻي دائمي رنگ اختيار ڪري وئي آهي. پر انهن سڀني راندين کان وڌيڪ آهي اهو عشق جنهن جو دنيا ۾ ڪو ٻيو ثاني نہ ملندو. امارات جو جنون آهي اُٺن جي ڊوڙ ۽ ٻازن وسيلي شڪار ڪرڻ

سياري جي مند آئي تہ هفتي ۾ بہ دفعا اُٺن جي ريس شروع ٿي ويندي. اهڙن موقعن تي رنگ روپ ۽ رسمن جي ڪوت نہ هوندي آهي. دبئي جا والي هن راند کي جيئرو رکڻ توڙي وڌڻ ويجهڻ لاءِ ڳرا خرچ ڪندا آهن ۽ هر ريس کي چڱي طرح گهريءَ نظر سان ڏسندا آهن ۽ خوب مزا وٺندا آهن. دراصل هيءَ ريس انهن ماڻهن کي وڌيڪ وڻندي، جيڪي راند جي باريڪين کان ذري پُرزي واقف هوندا ۽ داءَ پيچ چڱي طرح ڄاڻندا هوندا. اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ لاءِ هيءَ راند ڍري ۽ سست آهي. خاص ڪري ٽي وي تي تہ بلڪل سلو ۽ ٽڪائيندڙ لڳندي آهي. سياح مسافر يا ٻاهريان ماڻهو هن راند مان ايترو مزو ماڻي نہ سگهندا، ڇو تہ اها لوڪل (مقامي) ماڻهن جي مزاج جي راند آهي. ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت سوار پنهنجين

وھٽن کي ڊوڙائين ٿا، ڪھڙي طرح ڪين ڪنٽرول ٿا ڪن يا ڪين موڙي ٻين کان اڳتي ٿا وڌن. اھو سڀ ڪجھ وڏي ڌيان سان ڏسڻ جو ڪم آھي ۽ اھي ئي سمجھي سگھندا، جن کي ايتري ڄاڻ ھوندي.

ان تماشي کي اڃا بہ وڌيڪ مزيدار بنائڻ لاءِ 4x4 جيپون ۽ ٻاھريان اُٺ سوار، ريس وارن جي پويان گوڙ ڪندا، ڪلندا، تاڙيون وڄائيندا، ھوڪرا ڪندا، ائين ويندا جو لڳندو تہ ڄڻ ھڪ وڏو انبوھ آھي، جيڪو خوب مزا وٺندو ڊوڙندو ٿو وڃي. اھڙي موقعن تي 4x4 جيپون اڪثر واريءَ ۾ ڦاسي پونديون آھن. مٿن سوار ھيٺ لھي، ڌڪي، گاڏين کي واريءَ مان ڪڍڻ ۾ پورا ھوندا آھن ۽ ھوڏانھن اُٺ سوار ھڪلون ڪندا ڪاٺئن اڳ نڪري ويندا آھن. اھڙو مزو ڪو ٿيو؟ زور آور مشين کي بي زبان جانور مات ڏئي وڃي!

اٺ تہ ھونءَ بہ بدوئن جي زندگيءَ جو ھڪ ضروري حصو رھيو آھي. جيتوڻيڪ ھن دور ۾ اٺ جي اھا اھميت ڪانہ رھي آھي، نہ ئي وري ڪيس ھاڻي ”سُڪيءَ جو جھاز“ ئي سڏين ٿا، پر رڻ پٽ ۾ رھندڙ ماڻھن جي لاءِ اٺ اڄ بہ وڏي اھميت رکي ٿو.

ڄاڻو ماڻھوءَ لاءِ اٺن جي ڊوڙ ڳنڀير ۽ سنجيده ڳالھ آھي. سٺي نسل جي ريس واري اٺ جي قيمت ڀن ڪان چئن ملين درمن تائين ھوندي آھي. چئمپين اُٺ تہ سٺن ملين درھمن ۾ بہ مھانگو ناھي. ھا، جھڙي تھڙي چيمپئن تي برابر ايتري رقم ڪانہ ملندي، پر خفتي سٺي سودي لاءِ ڪجھ بہ ڪري سگھن ٿا. ھلندي ھلندي اھو بہ ٻڌائيندو ھلان تہ ھت چئن لينن وارن ھاءِ ويزن تي اُٺن جو بہ حق آھي ۽ اٺن جي رستي ٽپڻ لاءِ خاص جڳھ تي خاص نشانين وارا سنگل لڳايل آھن.

باز پالڻ بہ اوترو ئي پراڻو شوق آھي، جيترو صحرا ۾ رھندڙ لاڏائو ماڻھو پاڻ آھي. دبئي ايندڙ مسافرن کي يا ريسٽوران ۾ وينل ماڻھن کي اڪثر ڪي ماڻھو اھو پکي پنھنجي ھٿ تي ويھاري بيٺل يا ويندي ضرور نظر ايندا آھن. باز ڏسڻ ۾ تہ ڏاڍا خطرناڪ ھوندا آھن، پر ڪين تمام گھڻي تربيت مليل ھوندي آھي. ھيءُ شاھي پکي ڪنھن زماني ۾ شڪار جي فن ۾ تيار ڪري سيھڙ يا ڪنھن ٻئي جھنگلي پکيءَ جي پويان ڇڏيو ويندو ھو جنھن کي جھٽي ھو پنھنجي مالڪن لاءِ ڪاڏي جو انتظام ڪندو ھو.

اڄ ڪلھ باز صرف شڪار جي لاءِ پاليو ويندو آھي، پر سندس سکيا جو طريقو تمام اوکو آھي ۽ ھر ڪنھن جي وس جي ڳالھ ناھي. شڪاري باز تمام گھڻو پسند ڪيا ويندا آھن. سياري جي مند ۾ ننڍڙن بازن کي جھلي وٺندا آھن ۽ پوءِ ڪين شڪار جي سکيا ڏني ويندي آھي. ان ڪم ۾ سکيا ڏيندڙ جي قابليت تمام گھڻي اھميت رکندي آھي. ھڪ قابل سکيا ڏيندڙ جي عزت ڪئي ويندي آھي ۽ سندس اجورو بہ تمام گھڻو ھوندو آھي. اڄ جي عرب جو باز ڏاڍڻ سندس ذھني سوچ ۽ دلي لاڙي جي ڄڻ تہ ڪلي ڪلائي تصوير آھي. جيئن باز ھوائن ۾ اڏرندو شڪار ڪندو، گوھيون ۽ گھتون ھٽندو وري بہ پنھنجي ماڳ تي موٽي ايندو آھي، بلڪل تيئن ماڊرن عرب پڻ سڄي دنيا گھمي ڦري، وري بہ موٽي پنھنجي صحرا

۾ ايندو آهي. باز پالڻ عربن لاءِ هڪ بي معنيٰ پڻ رکي ٿو هو ان پکيءَ وسيلي قدرت کي ويجهو رهن ٿا. ماڻهن ۾ مشينن جي هن گوڙ ۽ شور ۾ هل هنگامي واريءَ دنيا مان، ڪجھ دير لاءِ سهي، هو چند گهڙيون بچائي پنهنجي پاڻ سان گهاري سگهن ٿا.

جيڪڏهن اوهان هن ملڪ جي راندين وارين سرگرمين کي ڏسندؤ ته اسان اهو چڱي طرح سان پروڙي وٺنداسين ته اهي راند واريون سرگرميون هن ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ جو هڪ حصو ٿي آهن. اهي سرگرميون دراصل انهن کي هڪ نال (Umbilical cord) جي ذريعي کين ماضي سان ڳنڍيون ڇڏين ٿيون. جتان کين وڏو اُتساهه ملندو رهي ٿو. اهڙي ساڳئي ڳالهه مڇي جي واپار تي به لاڳو ٿئي ٿي. جيڪو واپار، دراصل، هن ملڪ جي ساموندي علائقي جي معيشت جو اهم بنياد آهي. هتي جا ڪيترائي ماڻهو سمنڊ کان ڏور ٿي ويندا آهن ۽ بعد ۾ سيزن ڪمائي پنجن مهينن کانپوءِ واپس ايندا آهن ته سڄي علائقي جا ماڻهو سمنڊ ڪناري پهچي، کين پليڪار ڪندا آهن. اهي همراهه وري خوشيءَ وچان جمهريون هڻندا، پنهنجي ٻيڙن سان قطارن جي صورت ۾ هليا ئي ايندا آهن.

بهرحال، اهڙي قسم جون رونقون مڇي جي ڪاروبار ۾ لاٿ اچڻ سببان غائب ٿي ويون ۽ اهڙي صورتحال ان علائقي جي سموري آباديءَ کي ئي مورڳو متاثر ڪيو ٿي. بهرحال، اها ڳالهه جڏهن واضع ٿي وئي ته مڇي جو اها ڪاروباري سرگرميون وري ٻيهر اڳ واري سگهه حاصل نه ڪري سگهندو ته تڏهن آمدني جي ٻي ذريعي جي سنجيدگي سان ڳولها ڪئي وئي. ان هوندي به، دبئي لاءِ ڪا گهٽي پريشاني نه ٿي. ڇو ته ان کي واپار توڙي ڪاروبار جو سالن کان وٺي وڏو تجربو ئي رهيو آهي.

ڪاروبار کي ٻيهر برآمد (Re_Export) ڪرڻ کي لڳ ڀڳ ٽيهه سال لڳي ٿي ويا. مان سمجهان ٿو ته دبئي جو ٻاهرين دنيا سان سندس متحرڪ لاڳاپو ئي آهي ۽ هتي جي ماڻهن جي گهڻ_رنگارنگينيت آهي. جنهن سندس بين الاقوامي اميج ۽ ان جي تڪثيريت کي اُڀارڻ جي هرطرح سان مدد ڪئي آهي. تاريخي رڪارڊ به ٻڌائي ٿو ته ويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ۾ دبئي جي آبادي، شارجا جي آبادي کان وڌيڪ رنگا رنگينيت (Diversified) ۾ ورتل وڌي آبادي ئي هئي.

جڏهن اهو پليءَ پت محسوس ڪيو ويو ته هاٿي موتين جي انڊسٽري ختم ٿي چڪي آهي ۽ ان کي ٻيهر جيئارڻ جو ڪوبه وسيلو نه رهيو آهي، تڏهن دبئي ۽ پرپاسي جي ماڻهن روزگار جا ٻيا ذريعا ڳولڻ جو پڪو پهه ڪيو. دبئي اُن معاملي ۾ ڪجھ وکون اڳتي هئي، ڇاڪاڻ ته هتان جي ماڻهن کي واپار جو پهرين کان ئي ڪافي تجربو هو.

موٽ روانگي واپار (Re export) 30 جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿي ويو. منهنجي راءِ ۾ دنيا جي ملڪن سان هن طرح جي ڏيٺ ويٺ جو ئي نتيجو آهي جو دبئي کي نئون هر ملڪي رنگ مليو. تاريخي

دستاويزن مان ثابت ٿئي ٿو ته 20 صدي عيسوي جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ئي دبئي ۾ هر رنگ ۽ نسل جا ماڻهو موجود هئا. جڏهن ته سندس پاڙيسري ملڪن جهڙوڪ, شارجا, ابو ڏابي يا ان پوري علائقي ۾ اهڙي صورتحال ڪانه هئي.

سامان هڪ ملڪ کان گهرائي ٻئي ملڪ ڏانهن وڪرو ڪري روانو ڪيو ويندو هو. واپاري بصري مان کجور ۽ گهوڙا خريدي ايندا هئا. تماڪ, غاليچا, کنڊ ۽ گيهه ايران ۽ مڪران کان ايندو هو. ڪپڙو, ڪپهه, ڏاتوءَ جو سامان, اناج, چانور ۽ هلڪيون مشينون بمبئي کان ايندڙيون هيون. ڪافي يمن مان گهرائي ويندي هئي. هن قسم جي واپاري هلچل غير روايتي (non_traditional) روزگار جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ پئسي ڏوڪڙ جي ريل ڇيل جاري ٿي وئي. آمدني واپار تي ڏهه سيڪڙو ڊيوٽي لڳائي وئي, جنهن مان ملڪ کي فائدو پهتو.

آگبوٽن جي اچڻ کان اڳ ملاح چوماسي جي هوائن تي دارومدار رکندا هئا. جڏهن اها مند ايندي هئي ۽ تيز هوائون گهلنديون هيون, تڏهن ٻيڙيائتا وڪر کڻي دور دراز بندرن ڏانهن راهي ٿيندا هئا. اتر_اوير جو چوماسو ڊسمبر کان مارچ تائين هلندو هو ۽ ڪين ممباسا, زنزيبار ۽ دار السلام ڏانهن آفريڪي ڪناري طرف کڻي ويندو هو جتي هو کجور ۽ ڪپڙي جو واپار ڪندا هئا. هتان وري هو لونگ, دالچيني ۽ ٻيا مصالحا کڻي, ڏکڻ_اولهه جي هوا جو سڌائو رخ ڏسي, اپريل کان سيپٽمبر واري چوماسي ۾ دبئي موٽي ايندا هئا.

سيپٽمبر ۽ ڊسمبر جي وچ ۾ ڪوبه ڪاروبار ڪونه ٿيندو هو. واپاري هوائون نه لڳڻ ڪري چپ چپات رهندي هئي. ناڪئا ۽ ملاح گهرن ۾ آرام ڪندا هئا. ڇاڙ ۾ بندر جي ڪناري سوين ٻيڙا ۽ ٻيڙيون بيڪار بيٺيون رهنديون هيون. ماڻهو گذران لاءِ يا ته مڇي ماريندا هئا يا وري موتين جي تلاش ۾ نڪري پوندا هئا.

موٽ روانگي واپار سبب ٻيڙين ناهڻ جي ڪاروبار کي وڏي هٿي ملي. ڪم ايترو ته وڌي ويو جو هڪ ننڍي انڊسٽريءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳو. انهن شروعاتي ڏينهن ۾ ڪويت ۽ بحرين ۾ چڱيون چوکيون ٻيڙيون ناهڻ جون گوديون هونديون هيون. پر دبئي جي واپاري مرڪز هئڻ سبب ٻيڙين ناهڻ جا ڪاريگر لڏي اچي هتي وينا. ڏسندي ئي ڏسندي, دبئي جي ٻيڙين جوڙڻ واري هاڪَ هنڌين ماڳين ڦهلجي وئي ۽ ڪريڪ جي ڪناري تي ڪيترا ئي ڪارخانا اُڀري آيا. جيڪي گراهڪن کي سندن مرضي ۽ پسند جون ٻيڙيون ناهي ڏيڻ لڳا. هڪ وڏي واپاري مرڪز جي حيثيت ۾ دبئي جيڪي سهوليتون ڏئي پئي سگهي, سي ته هن ڏنيون پئي, پر جنهن شيءِ ٻيڙين جوڙيندڙن کي دبئي ڏانهن گهڻو ڇڪيو سا هئي هتان جي موسم. جيڪا هن ڪاروبار جي لاءِ بلڪل مناسب هئي. ٻيڙين ناهڻ وارو ڪاٺ خشڪ موسم ۾

جلدي سُڪندو آهي.

دبئي ۾ ٽن قسمن جون ٻيڙيون ٺهنديون هيون: بئوم، بغلا ۽ سمبڪ.

بئوم ٻيڙيون هلڻ ۾ تيز هيون. ٻه سڙهه هوندا هئا ۽ سامان رکڻ لاءِ خلاصي جڳهه هوندي هئي. ننڍين وڏين ڪيترين ئي سائيزن ۾ تيار ڪيون وينديون هيون. ڪن ۾ ته 300 ٽن سامان رکڻ جيتري جاءِ به هوندي هئي.

بغلا سنهڙي جسم وارين ڏگهين ٻيڙين کي چئبو آهي. هن قسم جون ٻيڙيون تمام گهڻو پسند ڪيون وينديون هيون. تن مان گهڻي ڀاڱي دبئي جون جوڙيل هونديون هيون. هنن جو پوئيون حصو چورس شڪل جو هوندو هو ۽ پويان دريون هونديون هئن. هن قسم جي ٻيڙين کي پري کان سڃاڻي سگهبو هو. سمبڪ خاص موتين جي شڪار جون ٻيڙيون هيون. سندن پوئيون حصو پڻ چورس شڪل جو هوندو هو ۽ سندن ترو تراڪڙو هوندو هو ان ڪري ڪين سمنڊ ۾ هلندي وقت طرف مٽائڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي ۽ پڻ ننڍي پاڻي ۾ آسانيءَ سان تري سگهنديون هيون. ان ڪري موتين جا شڪاري هنن ٻيڙين کي وڌيڪ استعمال ڪندا هئا. ڪي ماڻهو ڪين مڇي مارڻ لاءِ پڻ پسند ڪندا هئا. هي ٻيڙيون به دبئي ۾ ٺهنديون هيون.

ٻيڙين ناهڻ جي گودين جا مالڪ هتان جا رهاڪو هئا ۽ اجا به آهن. پر ڏکڻ ۽ ٻيا ڪاريگر انڊيا مان ايندا هئا. خاص طور ڪيرالا جي ٻيپور شهر منجهان. هي ڪاريگر قديم زماني کان ٻيڙيون ناهڻ جي هنر سبب ڏاڍا مشهور هوندا هئا. ٽيڪ جي لڪڙي پنهنجي مضبوطيءَ ڪري ڄاتي ويندي آهي. ٻي خاصيت اها اٿس ته هي ڪاٺ سُسندو ناهي، نه وري منجهس ڏار پوندا آهن يا ڇٻو ڏنگو ٿيندو آهي. ان ڪري مضبوط ٻيڙيون هن ڪاٺ مان ئي ٺهنديون آهن. هيءُ ڪاٺ پڻ ملبار جي ساموندي ڪناري تان گهرايو ويندو هو.

گلف جا ٻيڙي ناهيندڙ ڪاريگر اڄڪلهه جي انجينرن وانگر نقشا ڪونه ناهيندا هئا. هنن کي اهو هنر پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليو هو. البت هاڻي ڪي ڏکڻ ڊزائن ناهڻ جا نوان طريقا استعمال ڪن ٿا.

جڏهن انڊيا پنهنجن جهنگلن کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ وڻن ڪپڻ تي پابندي وڌي، تڏهن دبئي ڏانهن ڪاٺ وڃڻ بند ٿي ويو. هاڻي جيڪي ٻيڙيون ٺهن ٿيون، تن ۾ ٽيڪ جي ڪاٺ جو استعمال ڏاڍيءَ ڪفايت سان ڪيو وڃي ٿو ۽ فقط انهن حصن ۾ اهو ڪاٺ وڌو وڃي ٿو جتي تمام گهڻي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي.

هڪ ٻيڙي کي ناهي تيار ڪرڻ ۾ ڇئن کان اٺن مهينن جو عرصو درڪار آهي. جيڏي ٻيڙي وڏي هوندي، اوترو ٽائيم وڌيڪ لڳندو. ننڍي ۾ ننڍي ٻيڙي، جنهن کي ’شوتائي‘ چون ٿا، سا چار مهينا ڪائي

ويندي آهي. مٿن خرچ جو ڪاٿو 80,000 درهمن کان وٺي 120,000 درهمن تائين آهي. جيڪڏهن بيڙين جي چڱي طرح سار سنڀال لڌي وڃي ته ويهه سال خوشي سان ڪڍي ويندي ويندي. انهن کان وڏيون بيڙيون جيڪي وزن ۾ 100 ٽن يا ان کان به مٿي هجن، تن جي قيمت ملين درهم ۾ ٿئي ٿي ۽ سندن چمار به وڌيڪ هوندي آهي. بيو ڪارڻ، جنهن روزگار جي نون ذريعن ڳولڻ لاءِ همٿايو سو هو هن علائقي ۾ هوائي سفر جي شروعات. هوائي سفر جي ڪري هڪ ته وقت جي وڏي بچت ٿي پئي، جيڪو سفر هفتا ۽ مهينا وٺندو هو سو هاڻي ڪلاڪن ۾ طي ٿيڻ لڳو. ٻيو فائدو هي ٿيو ته ڏورانهان ملڪ، جن تائين پهچڻ جي باري ۾ ماڻهو سوچي به نه سگهندو هو سي هاڻي دبئي سان سنوان سڌا ڳنڍجي پيا.

گلف ۾ هوائي سفر جي شروعات 'رائل ايئرفورس' ڪئي. پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ RAF مصر ۽ ميسوپوٽيما (عراق) ۾ پنهنجا اڏا ناهي ورتا هئا. جڏهن جنگ بند ٿي ته اڏا انگلنڊ لاءِ اڏامن ۾ ڪم اچڻ لڳا. 1918ع ۾ هڪ اهڙي ئي اڏام دهلي ڏانهن ٿي، جنهن جو مکيه سبب هوا ٿي وڃي جاچ جوچ ڪرڻ ته ڪهڙي طرح انگلنڊ کان دهلي تائين شاهي هوائي جهازن رستي باقاعدي اُڏامون شروع ڪجن. اها اڏام جمعي جي ڏينهن، 13 ڊسمبر 1918ع تي انگلنڊ جي مارٽليشم هيٿ (Martlesham Heath) هوائي اڏي کان شروع ٿي ۽ آرتوار تي ڪراچي پهتي (15 ڊسمبر 1918ع). جهاز 5560 ميلن جو سفر 72 ڪلاڪن ۽ 41 منٽن ۾ طئي ڪيو. ڪيس رستي تي به ڪيترن هنڌن تي بنا اطلاع جي لهڻو پيو. ايراني ڪناري کان رستي ۾ احواز بشائر ۽ بندر عباس جا شهر پڻ آيس. RAF ان کان پوءِ ان ئي رستي سان بغداد کان بمبئي جون باقاعدي اڏامون شروع ڪيون.

1920ع ڌاري شارجا جهازن جي لهڻ لاءِ پنهنجيءَ لوٽياتي زمين تي هڪ نالي ماتر هوائي اڏو ٺهرايو. 1930ع جي شروعات تائين ان اڏي کي ڪابه وڏي اهميت ڪانه ملي. ان ئي زماني ۾ برٽش امپيريل ايئرويز (British Imperial Airways) سياسي سببن ڪري پنهنجون اڏامون ايران مٿان بند ڪري ڇڏيون ۽ ڏکڻ وارو رستو اختيار ڪيو جيڪو گلف وٽان لنگهندو هو جنهن ۾ ڪويت، بحرين ۽ شارجا به شامل هئا. اهڙي طرح هن علائقي جي هوابازيءَ جي تاريخ ۾ هڪ نئون موڙ اچي ويو. 1936ع ۾ انگريز سرڪار شارجا جي حاڪم شيخ سلطان الصقر القاسميءَ سان هڪ معاهدو ڪيو، جنهن موجب کين شارجا جو هوائي اڏو استعمال ڪرڻ جي اجازت ملي. اهو به فيصلو ڪيو ويو ته انگريز سرڪار ان اڏي کي استعمال ڪرڻ جو ماهوار ڪرايو 800 روپيا روڪ ڏيندي ۽ هر جهاز جي لهڻ جي عيوض پنج روپيا پيا به پري ڏيندي. ٻين خدمتن لاءِ ڪجهه ڏيڪ پئسا پڻ ڏنا ويندا.

ان معاهدي کان پوءِ ڪيتري وقت تائين انگريز پاڙي جي رقم چانديءَ جي سِڪن ۾ ڏيندي رهي، ڇو ته شارجا جا والي نوٽن کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندا هئا. اهو هوائي اڏو جيڪو هن علائقي جو سڀ

ڪان پهريون اڏو هو. تنهن کي هاڻي الماهتا ميوزيم ۾ تبديل ڪري سنڀال هيٺ رکيو آهي. شارجا جي هاڻي اهميت ان ڪري وڌي وئي جو هڪ ته هوائي جهازن جي ساهي پٽڻ جي جڳهه بنجي وئي ۽ ٻيو ته انگريزن جا اهي جهاز جيڪي سنڌن فوجي ڪٽي ڏور ڏکڻ طرف سينگاپور يا اهڙن ٻين ملڪن ڏانهن ويندا هئا، سي به هتي لهڻ لڳا. اهڙيون ٻيون جڳهيون جيڪي ان ساڱئي ڪم لاءِ ڪتب آنديون ويندڍيون هيون، تن ۾ ماسيرا ۽ سالالا پڻ شامل هئا. RAF جي ڪئمپ ۽ نيوي آرمي ۽ ايئرفورس جي اداري (NAAFI) هتان جي ماڻهن کي يورپي اسٽائيل جي رهڻي ڪهڻي جي پهرين جهلڪ ڏيکاري. الماهتا جي ميوزيم ۾ رکيل ڪجهه رپورٽون ان ڪئمپ جي زندگي تي روشني وجهن ٿيون. انهن رپورٽن منجهان شارجا ۽ پرپاسي جي ملڪن جي ماڻهن، سنڌن رسمن رواجن ۽ حياتي جي جهلڪ پڻ ملي ٿي. انهن ڪاغذن ۾ پيٽرهيڊ نالي هڪ شخص جا ڪجهه نوٽس به موجود آهن. پيٽرهيڊ اسڪاٽلنڊ جي شهر ايبرڊين شائر جو رهاڪو هو ۽ 1960 ۾ شارجا ۾ ٽيرهن مهينن تائين رائل ائير فورس جي نوڪري ۾ رهيو. هو چوي ٿو: ”اسان هفتي ۾ ڇهه ڏينهن لاڳيتو ڪم ڪندا هئاسين، ڇو ته هت واندڪائي جي وقت ۾ ٻيو ڪجهه ڪرڻ لاءِ آهي ئي ڪونه. گهٽ ۾ گهٽ انهن ڇهن ڏينهن جي مشغولي سبب اسان کي بور ٿيڻ لاءِ تمام گهٽ وقت بچندو هو. برٽش ٻارن جي تعليم لاءِ ڪنهن به قسم جو بندوبست ڪونه هو ان ڪري سيني جا ڪٽنب پنهنجي ملڪ ۾ ئي رهندا هئا.

ڪئمپ کان ٻاهر هڪ سئمنگ پول ۽ هڪ سئنيما هئي، جيڪا سڄو هفتو هر رات هڪ نئين فلم ڏيکاريندي هئي. ان کان سواءِ هڪ ڪلب به هو جنهن کي NAAFI سڏيندا هئا. ان ڪلب ۾ اسان کي شراب پيئڻ جي اجازت هوندي هئي. ڪلب کان ٻاهر دارون واپرائڻ تي بندش هوندي هئي، ڇو ته مسلمانن جي مذهب ۾ شراب پيئڻ حرام سمجهيو ويندو آهي.

ڪئمپ ۾ ڪافي ماڻهن کي روزگار ڏنو ويندو هو جتي هو فوجين سان گڏجي ڪم ڪندا هئا. موڪل جي ڏينهن اسان کي ڪئمپ ڇڏي شارجا جي ڳوٺ يا دبئي تائين وڃڻ جي اجازت هوندي هئي. ڪئمپ جي ٻاهرئين گيٽ تي هر وقت ٽئڪسيون بيٺيون هونديون هيون (لئنڊ رووَرءَ ڇئن وِيلن واريون گاڏيون، جيڪي فوجي نيلاميءَ رستي وڪڻندا هئا.) اسان جيڏانهن به وڃڻ چاهيندا هئاسين، ٽئڪسي وارا تمام ٿوري اجوري تي اسان کي اتي پهچائي ايندا هئا. ڪئمپ جي گيٽ کان وٺي شارجا شهر جي ٻاهرئين حصي تائين پڪو رستو نهيل هو پر ان کان پوءِ شهر ۾ ويندڙ سڀ رستا ڪچا هئا. وري شارجا کان ٻاهر نڪري دبئي ڏانهن ويندڙ روڊ پڪو نهيل هو. مان پنهنجي ٽيرهن مهينن جي عرصي ۾ فقط هڪ دفعو ان روڊ رستي دبئي ويو هوس.

شارجا جو ڳوٺ تمام وڏو ڪونه هو. منجهس صرف هڪ رستو هو جيڪو شهر جي وچ مان ٿيندو

وڃي چاڙ (ڪريڪ) تي ختم ٿيندو هو. اتي پوءِ هڪ هوٽل ٺهي، جنهن ۾ ٻاهران آيل هوائي عملو رهندو هو. ان هوٽل ۾ ايئر ڪنڊيشنر لڳل هو جنهن جي ڪري عملو رات جو آرام جي ننڊ سمهي، ڏينهن جو ٻيهر پنهنجو جهاز اڏائي اڳتي هليو ويندو هو. شهر جون باقي عمارتون يا ته ڪاٺ جون ٺهيل جايون هيون يا وري سِرن جا معمولي گهر هئا. اهي سڀ گهر هڪ ماڙ هئا. رڳو هڪ سرڪاري بلڊنگ پنج-ماڙ هئي.

ها، هڪڙو مارڪيٽ به هو جيڪو اٽڪل 100 ميٽر ڊگهو هو. موڪل وارن ڏينهن تي اسان ان مارڪيٽ ۾ وڃي وقت گذاريندا هئاسين. دڪاندارن کان سامان جي بدلي ٻيو سامان وٺندا هئاسين ۽ ڪانئن اگهه گهٽ ڪرائڻ لاءِ مٿا ڪُٽ ڪندا هئاسين. اها جدا ڳالهه آهي ته اسان ڪانئن ڪڏهن به ڪتي ڪونه سگهياسين. واپار ۾ هو ڏاڍا تيز هئا. مارڪيٽ ۾ ڪپڙا، زيور، چمڙي جو سامان ۽ ٻيو سڀڪجهه هو جيڪو هنن جي خيال ۾ اسان جي گهرج هو. 1960ع ڌاري شارجا جي جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ مشهور هئي، سا هئي اتان جو تيزابي سون، جيڪو بي حد سستو ملندو هو ۽ ماڻهو ان منجهان ڪجهه به ٺهرائي سگهندو هو جهڙوڪ ڪنگڻ، هار، منڊيون، چوڙيون، ڪف لنڪ وغيره. مون کي ياد ناهي ته مون ڪنهن دڪان تي موتي وڪامندي ڏٺا هجن. هڪ ٻي شي جيڪا سون جي تعداد ۾ وڪامندي هئي ۽ انگلنڊ کان تمام گهٽي سستي ملندي هئي، سا هئي ”سِيڪو واچ“.

1940ع ۽ 1950ع ۾ به اتان جي حالت ڪا وڌيڪ مختلف ڪانه هئي. هڪ ٻيو رنگروٽ اوڪهيم انگلنڊ مان آيو هو ۽ 1940ع جي اوائل ۾ ڪئمپ ۾ رهيو هو. تنهن پنهنجا تجربا هن ريت بيان ڪيا آهن.

”اسان جي سمهڻ وارو پلنگ ڪاٺ جي هڪ گهوڙي تي ٿي سڌا تختا رکي ٺاهيو ويندو هو. منگهڻ ڏاڍو تنگ ڪندا هئا. مڇرداني ۾ سمهندا هئاسين. گرمي اڳ ئي گهٽي، مٿان مڇرداني جو ٻوسٽ. ننڊ ڪٿان اچي؟ رڌپچاءُ ٻاهر کلي ميدان تي ڪندا هئاسين ۽ ان جي لاءِ تيل جا اسٽور هوندا هئا. جن کي هاڻي قديم زماني جا چئي سگهجي ٿو. ڊسمبر ۾ موسم هفتي ٻن جي لاءِ سخت مينهوڳيءَ جهڙي ٿي ويندي هئي. ويچارن بورچين لاءِ گرم ڪاڏو تيار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو. مينهن ڇت مان ٽمي پٽين تان وهندو اسان جي سمهڻ وارن ڪرن کي آلو ڪري ڇڏيندو هو ۽ هر شي بارش ۾ پُسي ويندي هئي.“

RAF سان ڪيل ٺاهه، جنهن موجب انگريز شارجا جو هوائي اڏو استعمال ڪري سگهيا ٿي، نه صرف هتان جي مالي حالت سڌارڻ جو ڪارڻ بڻيو بلڪ سچ پُڇو ته هتان جي ماڻهن کي بک وگهي مرڻ کان بچائڻ جو به وسيلو بڻيو. مهاڀاري لڙائي جي انهن ڏينهن ۾ کاڌي پيتي ۽ ضرورت جون ٻيون شيون صفا اٽلپ ٿي چڪيون هيون. ڇڳا پلا سڪيا ستاٻا ملڪ گوڏن پر وڃي ڪريا هئا. جڏهن ٻين جو اهڙو حال هجي ته پوءِ ويچاري شارجا ڪهڙيءَ قطار ۾ هئي؟

شيخ سلطان بن سقر ان معاهدي ۾ هڪ ٻيو بہ شرط وڌو هو تہ جيڪڏهن انگلنڊ اسان جو هوائي اڏو پنهنجي ڪم ۾ آڻيندو تہ پوءِ برٽش انڊيا اسٽيم نيويگيشن ڪمپني (British India Navigation Company) جا جهاز بہ شارجا ۽ دبئي جي بندرگاهن تي ضرور بيهندا. RAF جي هوائي جهازن لاءِ تيل جا گدام نهي ويا. تيل پرڻ لاءِ هندستان ويندڙ جهاز دبئي ۾ ترسڻ لڳا. آسودگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. ڪارن ڪڪرن جي ڪنارن تي آس ۽ اُميد جي چانديءَ جهڙي چمڪ جاڳي اُٿي. جڏهن ساري دنيا مالي مسئلن ۾ منجهيل هئي، تڏهن هي غريب ملڪ سڪ جي سيڙهيءَ تي پهريون پير رکي رهيا هئا.

رائل ايئرفورس جنگ جي دوران شارجا بيس کي وڌائي وڏو ڪيو. ان سان ٽروشل اسٽيٽس کي اجا بہ وڌيڪ فائدو مليو. انگريزن پنهنجن زيردست ۽ زير اثر ملڪن تي ڪاڏي پيتي توڙي زندگيءَ جي ٻين ضروري شين مٿان ڪنٽرول جو حڪم ڏئي ڇڏيو. لڙائي ۾ هونءَ بہ ضرورت جي شين جي تنگي ٿيندي آهي، هي تہ مهاڀاري لڙائي هئي. سڄي دنيا مهانگائي ۽ اٽاٽ جي لپيٽ ۾ اچي چڪي هئي. ان ڪري انگريزن جو هيءُ فيصلو وقتائتو ۽ مناسب هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ٽروشل اسٽيٽس کي بہ ڪوٽا جو حصو ملڻ لڳو. ضروري وکر سان ڀريل جهاز دبئي پهچڻ لڳا. شارجا جو بندر لَٽ سبب وڏا جهاز ڀاڙ وٺ ٻيهاري نٿي سگهيو. اهري ريت دبئي آهستي آهستي ورهاست جو مرڪز بنجي پيو ۽ شارجا پنهنجي سَرسي وڃائي وينو. جهازن جو رخ شارجا مان موڙي دبئي ڏانهن ڪرائڻ ۾ دبئي جي مرحوم حاڪم شيخ راشد بن سعيد المڪتوم جو وڏو هٿ هو. سندس ڪوشش سبب دبئي هوريان هوريان انگريزن جو انتظامي مرڪز بنجي پيو.

انگريزن تہ دبئي کي انساني ضرورتن جي مکيہ شين جي ورهاست جو مرڪز بنايو. پر ان سهوليت مان هڪ وڏو فائدو اهو ٿيو تہ دبئي ماڻهن جي ڏيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ موٽ روانگي واپار (Re export) ۾ چڱو موچارو واڌارو ٿي ويو. واپاري بچيل يا واڌو سامان کي ڳرن اگهن ۾ وڪڻڻ لڳا. ڪنڊ جي هڪ ٻوري جيڪا دبئي ۾ 100 درهمن ۾ آساني سان ملي سگهندي هئي، سا پروارن ملڪن، جهڙوڪ ايران ۾ 1200 درهمن ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي. نفعي ۾ ايڏو گهڻو اضافو ٿئي تہ پوءِ ڇو نہ واپاري بہ سونا ٿيندا ۽ ملڪ جي حالت بہ سڌرندي؟

ساڳي ئي وقت هڪ ٻيو تاريخي قدم پڻ کنيو ويو. اهو هو تيل جي ڳولا. جيڪڏهن 20 صدي جي پهرين اڌ ۾ دبئي جو سهارو موتين جو واپار هو تہ پوءِ ٻئي اڌ ۾ تيل ۽ ان سان لاڳاپيل. ٻيو ڪم ڪار دبئي جي سگهئي ستابي ٿيڻ جو ڪارڻ بنيو. 1937 ۽ 1939 جي وچ ۾ ڪيترين تي جڳ مشهور تيل جي ڪمپنين علائقي جي حڪمرانن سان تيل جي تلاش واسطي ڳالهيون هلايون. اهڙين ڪمپنين کي تمام گهٽيون سهوليتون ڏنيون ويون. پر چاڪاڻ تہ اهو مرحلو اجا جاچ جوچ جو هو ۽ تيل نڪرڻ يا نہ نڪرڻ

جي ڪنهن کي بہ پڪ ڪانہ هئي، ان ڪري ان ڪان پوءِ ايندڙ حالتن جو ڪنهن کي خواب خيال ئي ڪونہ هو. بهرحال، تيل جي نڪرڻ ڪري هن علائقي جي مالي حالت ۾ انقلاب اچي ويو. ٽروشل اسٽيٽس جي تاريخ ۾ هڪ نئين ۽ سونهري دور جي شروعات ٿي وئي.

دبئي ۽ شارجا تيل جي ڳولائو ڪمپنيءَ کي اجازتنامو 1937ع ۾ ۽ ابوڏابي بہ سال پوءِ 1039ع ۾ صحيح ڪري ڏنو. 1950ع ۾ پهرين کوٽائي ابوڏابيءَ کان ڪجهہ پرپرو 'راس الصدر' نالي جاءِ تي شروع ٿي ۽ ساڳي ئي وقت باب وَن، جبل علي ۾ 1953ع ۾ شروع ٿي، پر وڏي محنت ۽ سالن جي سروي ۽ ڏار ڏار هنڌن تي کوٽائي کان پوءِ، اٽڪل ڏهن سالن بعد وڃي ڪناري وارن هنڌن تان تيل نڪرڻ شروع ٿيو. 50,000 بيرل ڪروڊ آئل جي پهرين کيپ ابوڏابي کان 160 ڪلوميٽر پري، داس آئلينڊ تي بيٺل هڪ برٽش ٽئنڪر جي وسيلي موڪلي وئي. دبئي کي پنهنجي فتح آف شو فيلڊ مان تيل ڪڍڻ ۾ اجا بہ چار سال وڌيڪ لڳي ويا. شارجا جي مبارڪ فيلڊ مان ڇهہ سال پوءِ 1972ع ۾ تيل نڪتو.

ٻين جاين تي تيل جي تلاش واري ڪم ڪو خاص ٻوٽو ڪونہ ٻاريو پر 1984ع ۾ راس الخيما جي ڪناري واري فيلڊ صالح مان گئس وڏي مقدار ۾ ضرور نڪتي. 1981ع ڌاري يو.اَي.اِي 73 ملين ٽن ڪروڊ آئل ساليانو ٻاهر موڪلڻ جي قابل ٿي ويو. اهو تيل گهٽي ڀاڱي جپان، يورپ ۽ آمريڪا ڏانهن موڪليو ويندو هو. 1991ع ۾ تيل جي پيدائش مان 203 بلين آمريڪي ڊالر (4780 بلين درهم) ساليانی آمدني ٿيڻ لڳي.

1930ع ڌاري جڏهن تيل ڪڍڻ جي پهرين اجازت ڏني وئي هئي، تڏهن ڪنهن جي ڌيان ۾ بہ اها ڳالهہ ڪانہ هئي تہ هن ملڪ جون حالتون ايترو جلدي بدلجي وينديون. ها، البت اهو ضرور خيال ڪيو ويندو هو تہ پرڏيهي تيل جي ڪمپنين جي دلچسپيءَ سبب ٻاهرين سيڙپ وڌندي، ماڻهن کي روزگار ملندو ۽ ٻاهرين ماڻهن جي اچ وڃ وڌي ويندي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪا خاطري ڪنهن کي ڪانہ هئي. تيل ڪمپنين کي کوٽائي ٽوڙي ڀئي ڪم جي لاءِ ڳريون مشينون ۽ پاور پلانٽ اولهہ جي ملڪن مان گهرائڻا پيا. هنن کي پنهنجن ملازمن جي لاءِ کاڌي خوراڪ ۽ سندن استعمال جون ٻيون شيون سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گهرائڻيون پيون. دبئي جي حاڪم شيخ سعيد بن مڪتوم ۽ پوءِ سندس جانشين پٽ شيخ راشد سعيد المڪتوم جي دوراندیشي کي داد ڏجي، جن جي گهري سوچ اهي سڀ ايندڙ موقعا اڳوات تاڙي ڇڏيا ۽ جن جي ڪري اڳتي هلي دبئي ڪاروبار جو مرڪز بنجي پيو. حڪمرانن کي خبر هئي تہ ترقي جي لاءِ اندروني ڍانچو تيار هئڻ ضروري آهي. جيستائين اهي سهولتون موجود نہ هونديون، اڳتي وڌي نہ سگهبو. ان ڪري هنن دبئي ۾ اهي سڀ سهوليتون مهيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هنن کي شارجا جي بندر ۾ مٽي پرجڻ جو واقعو چڱي طرح ياد هو. کين خبر هئي تہ جيڪڏهن ڪاهليءَ کان ڪم ونبو تہ

سندن بہ اهڙوئي حال ٿي سگهي ٿو. شيخ راشد چاهيو ٿي تہ دبئي ۾ تاريخ پاڻ کي ٻيهر دهرائي. ان ڪري هن سر وليم هالڪرو ۽ سندس ساٿين کي مقرر ڪيو تہ هو ڪريڪ کي اونهو ڪرڻ لاءِ پروجيڪٽ تيار ڪن. ان زماني ۾ ڪريڪ ۾ فقط ننڍيون ٻيڙيون اندر اچي سگهنديون هيون. سو بہ تڏهن جڏهن وير چڙهيل هوندي هئي ۽ پاڻي جي ليول مٿي هوندي هئي. ڪريڪ جي منهن وٽ واريءَ جي ڍڙن سبب وڏا جهاز اندر اچي ڪونہ سگهندا هئا. ڪوٽائي جو ڪم 1958_59ع ۾ هڪ آسٽرين فرم Overseas Ast Co. Ltd هٿ ۾ ڪنيو.

جڏهن ڪوٽائي پوري ٿي ۽ واريءَ کي هٽايو ويو. تڏهن ڪريڪ ۾ 800 ٽنن تائين وزني جهازن جي اچڻ جي سهوليت پيدا ٿي پئي. ان کان وڏيڪ وزني جهاز اچا بہ ٿي ڪلوميٽر پري لنگر هٽڻ تي مجبور هئا. انهن مان سامان لاهي ٻيڙين ۾ بار ڍوئيندڙ بارجن (Barges) تي رکي، پوءِ اندر آندو ويندو هو. ڪيئن بہ هجي، ڪريڪ جي صفائيءَ ڪري جهازن جي آمدرفت ڪافي حد تائين وڌي وئي. موٽ روانگي واپار (Re export) ايران، آفريڪا ۽ ننڍي کنڊ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. دبئي هڪ ڀيرو وري بہ واپاري لحاظ کان شارجا کان گوءِ کٽي وئي. توهان کي ياد هوندو تہ 1950ع ڌاري شارجا ۾ RAF جي هوائي بينڪ قائم ٿيڻ ڪري ۽ ٽروشل عمان اسڪائوٽس (هٿياربند چوڪيدارن) جي موجودگي سبب شارجا ۾ واپاري وٽ سٽ وڌي وئي هئي.

جڏهن شيخ راشد 1958ع ۾ ملڪ جون واڳون سنڀاليون، تہ هن هڪدم ميونسپل ڪائونسل جوڙڻ جو حڪم جاري ڪيو. ان ڪائونسل جي گهٽي وقت کان ضرورت محسوس ڪئي پئي ويئي. مرحوم علي بستاني دبئي ميونسپالٽي جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. ٽن سالن اندر ميونسپالٽي جي بجيٽ ٽن لکن روپين تائين پهچي وئي، جنهن مان 260,000 روپيا ڪسٽم ڊيوٽين ۽ ٽئڪسن مان وصول ڪيا ويا. 1973ع سن تائين ڊيوٽي جو سراسري ريٽ چار ۽ 5/8 سيڪڙو رهيو جيڪو پوءِ گهٽائي ٽي سيڪڙو ڪيو ويو.

جان هارس نالي هڪ انگريزي فرم دبئي جي آئندي واڌاري کي نظر ۾ رکندي، شهر جو هڪ نقشو تيار ڪيو. هڪ ٻي رٿا بہ تيار ڪرائي وئي جنهن ۾ ال-آوير نالي شهر کان دبئي پاڻي پهچائڻ جو نقشو ڏاهيو ويو هو. هيءُ شهر دبئي کان 25 ڪلوميٽر پري آهي ۽ رٿا ۾ اتان کان پائيپن وسيلي پاڻي چڪي دبئي جي ٽئنڪن ۾ جمع ڪرڻو هو ۽ پوءِ پمپن ذريعي گهرن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪرڻو هو. انهن سڀني منصوبن ۾ زور ان ڳالهہ تي هو تہ آئيندي جو اڳواٽ انتظام ڪجي چو تہ شهر کي نيٺ تہ وڌڻو هو. هميشہ هڪ جيترو تہ رهڻو نہ هو. اها دوران‌ديشي اڄ جي دبئي کي ڏاڍو ڪم آئي آهي.

دبئي جي ڪريڪ ۽ بندرگاهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ دبئي پورٽ ڪميٽي ناهي وئي، چو تہ اهي

بندرگاهہ ٺهيا جن تي دبئي جي آئندي جو دارومدار هو. ان ڪميٽي جي سفارش هيٺ بندرن کي وڌائڻ جو فيصلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هتي ڪارخانا ۽ فئڪٽريون لڳيون.

ان سموري اندروني ڍانچي جي تياري دوران جيڪا ڳالهہ خاص طور سان پسند ڪئي وئي سا هيءَ تہ پرائيويٽ ڪمپنين دبئي جي سماجي ڪمن ۾ وڌو ساٿ ڏنو. ماڻهن جي گهرج جي سمورين رٿائن ۾ سندن سهڪار سبب دبئي ۾ هڪ وڏندڙ تبديلي اچي وئي. دبئي جي حڪمرانن پڻ اُن ڪم تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو. جنهن ڪري دبئي کي ڀين تي سرسي حاصل ٿي وئي. هڪ پرائيويٽ ڪمپني، انٽرنيشنل ايراڊيو لميٽيڊ (International Aeradio Ltd.) هوائي اڏي جو انتظام سنڀاليو. اها ڪمپني دبئي اسٽيٽ ٽيليفون ڪمپني جي ڀائيوار پڻ هئي. ڪن مقامي واپارين گڏجي، 1958ع ۾، دبئي اليڪٽرسٽي ڪمپني ناهي ورتي، جنهن جو چيئرمن حاڪم پاڻ هو. هو اهڙين ٻين ڪيترين ئي ڪمپنين جو چيئرمين پڻ هو.

اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ انهن ڏينهن ۾ دبئي وٽ ايترو پئسو ڪونہ هو جو پنهنجي ترقي ۽ واڌاري جي ڪمن تي هڙان خرچ ڪري سگهي. ان ڪري ڪيس قرض تي رقم وٺي اهي پروجيڪٽ مڪمل ڪرڻا پيا. جهڙوڪ ڪريڪ جو سڌارو، ڪريڪ مٿان المڪتوم پل جوڙائڻ، بندرگاهن کي وڌائڻ وغيرهہ. ڪويت کان 400,000 پائونڊ قرض وٺي ڪريڪ جي صفائي ڪرائي وئي ۽ 190,000 پائونڊ قطر کان اوڌر وٺي المڪتوم پل ٺهرائي وئي. ماڻهن ان ڳالهہ تي اعتراض بہ واريا تہ اجايا خرچ ڪري ملڪ تي بار وڌو پيو وڃي، پر جلد ئي سندن ڊپ ڊاءَ غلط ثابت ٿيا.

اهي منصوبا اجا اڌ پنڌ ۾ ئي هئا يا اجا پورا مس ٿيندا هئا تہ دبئي جي وسيلن تي بوجهہ وڌي ويندو هو ۽ حالتون هٿن مان نڪري ويندڙيون هيون. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿيندو هو جو پرڏيهي ڪمپنين جو انگ جيئن پوءِ تيئن وڌندو هو وڌندو سرمايو بہ ان حساب سان ملڪ ۾ ايندو ويندو هو پر ظاهر آهي تہ انهن ڪمپنين جا پرڏيهي ملازم بہ هزارن جي تعداد ۾ ڪاهيندا ايندا هئا. ايترن ماڻهن جي لاءِ بجلي، پاڻي، ٽيليفون، رستا، آمدرفت جا ذريعا وغيرهہ مُهيا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. هڪڙن جي پورت مَس ڪر تہ ٻيا مٿان بيٺا آهن. انتظامي ڍانچو ناڪافي ثابت ٿيو. هوائي اڏو تيار ٿي راس ٿيو تہ هڪدم ان کي وڌائڻو پيو. ڏهن سالن اندر المڪتوم پل ٽرئفڪ لاءِ سوڙهي ٿي پئي ۽ ٻيون پلون ناهڻيون پيون.

1972ع ۾ 8 ميلن پائونڊ جي خرچ سان شنداغا سرنگهہ ناهڻ جي شروعات ٿي، جيڪا سامونڊي سطح کان 60 فٽ هيٺ، ڪريڪ جي تري کان بہ فٽ هيٺانهين هئي. ان سرنگهہ مان بہ هڪ طرفيون لينون (رستا) ۽ پيدل هلندڙن لاءِ 12 فٽن جي ٽيوب جو بندوبست هو. پورٽ رشيد مقرر وقت کان 18 فٽن جي ٽيوب جو بندوبست هو. پورٽ رشيد مقرر وقت کان 18 مهينا اڳ تيار ٿي ويو. 1971ع ۾ مڪمل

ٽيندڙ هن بندر تي 26 ميلن پائونڊ خرچ آيو. 1973ع ۾ 100 ملين پائونڊ جي خرچ سان پوري مڊل ايسٽ جي سڀ کان وڏي خشڪ گودي (Dry dock) تيار ڪئي وئي. دبئي شهر جي اوچي ۾ اوچي بلڊنگ، ”دبئي ورلڊ ٽريڊ سينٽر“ تي 56 ملين پائونڊ خرچ آيو. تازو آيل تعميراتي تيزي دبئي ۾ اڏاوتن جي هڪ نئين لهر آڻي ڇڏي آهي. لڳي ٿو ته ”دبئي ورلڊ ٽريڊ سينٽر“ جي عروج جا ڏينهن هاڻي پورا ٿيڻ وارا آهن. ڪانئس وڏيڪ ڊگهيون بلڊنگون جاڙ آيون ڪي آيون.

❊

## باب ڏهون

# جيڪو ڏاڍو، سو گابو

**مان نـ ٿو سمجهان تـ مصيبتون ڪجهه سيکارين ٿيون. جيڪڏهن صرف مصيبتون ئي سيکاريندڙ هجن ها تـ پوءِ سڄي دنيا سڃاٽپ ۾ ڏاهپ سان ڀريل هجي ها. مصيبتن سان خوشي، سمجهه، صبر، پيار، ڪشاده دلي ۽ خواهشمندي کي بـ ضرور گڏائڻ گهرجي.**
**ايني مورو لنڊبرگ**

دبئيءَ کي شروعات ۾ گهٽين کي ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پيو. شروع ۾ وٽس عالمي سطح جي ڪاروبار ۽ سيڙپ واسطي بنهه گهٽ سهولتون هيون. پر اها بـ حقيقت آهي تـ دبئي هميشه متحرڪ ۽ قابليت سان سرشار ٿي رهيو آهي. دبئي وارو خليج ئي دبئي جو تمام وڏو اثاثو هو. اهو دراصل، شيخ راشد ئي هو. جنهن کي سڀ کان پهرين انهي ڳالهه جي اهميت جو احساس ٿيو. ان لاءِ گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ هن انهي خليج مان پاڻي جي هڪ اهڙي رستي تيار ڪرائڻ لاءِ وڏي رسڪ کنئي. جيڪا ڪهڙي بـ وقت ۾ ڪهڙي بـ هنڌ استعمال ٿي پئي سگهيو. تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تـ شيخ راشد جو اهو فيصلو بلڪل ئي درست هو.

چاڙ دبئيءَ جي دل آهي. اها ئي سندس آتما آهي. گذريل دور جيان اڄ بـ اها سندس شهه رڳ آهي.

جيڪڏهن توهان مون کان پُڇندو تـ دبئي ۾ سڀ کان انوکي شئي ڪهڙي آهي، تـ مان بنا هٻڪ چوندس: ڪريڪ. نانگ جيان ور وڪڙ کائيندڙ چانديءَ جهڙي اُجلي رنگ جي اها نهر، عربي گلف کان نڪري جڏهن سُڪي ۾ اچي سهڙي ٿي، تڏهن ان جي سونهن ڏسڻ وٽان آهي. هڪ وٽندڙ چُهندڙ چرڪائيندڙ سُونهن. مون ڪيترن ماڻهن کي ڪناري تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان نيري سائي پاڻيءَ کي بيخودي وچان گهوريندي ڏٺو آهي. ڪيترا تـ ساموندي پکين کي چوڳو ڪرائڻ لاءِ لڳاتار ايندا رهندا آهن. ۽ ٻيا لهندڙ سج جي لام هيٺان ترندڙ ٻيڙين ۾ سوار مسافرن کي ڏسڻ ايندا آهن.

ڪريڪ جا صبح کان سانجهيءَ تائين ڪيترا ئي رنگ، ڪيترا ئي روپ، ڪيترا ئي ونگ، ڪيترائي ڏنگ آهن. جهونا جوڳي چوندا آهن تـ ڪريڪ کي پنهنجي هڪڙي جدا خوشبو آهي، هڪ انوکي سڳنڌ آهي سندس پاڻي ۾ ڪئين ساروڻيون آهن سندس ساهه ۾. سالن کان، صدين کان ائين ئي وهندي، ڊهندي، ٺهندي، هن جو هڪ جدا وجود اُڀري آيو آهي هن صحرا جي سناٽي ۾.

سچڻ اوري آءُ، سُري منهنجي ساهہ ۾،
رهندو سائر ڪنڌيين، سدا تنهنجو ساءُ،
ماڻهو چاهي؟ واهُ! سڀ ڪجهہ آهہ سُڳنڌ ۾.

جيڪڏهن ڪالهہ هتي بادگير هئا، مهاڻن جون بستيون هيون ۽ پاڻي مٿان جهڪيل هيناناهان براستي گهر هئا، جن ڪريڪ کي هڪ عجيب رومانوي ڪشش ٿي بخشي، تہ اڄ ان جي جاءِ تي شيشي جي چمڪندڙ بلڊنگن جون قطارون آهن، هڪ سڙهيون ٻيڙيون آهن ۽ پاڻي ۾ ترندڙ آسائشي ننڍڙا جهاز آهن، جيڪي ڏينهن جو پوپٽ ۽ رات ۾ جگنو پاسندا آهن. پاڻي جي ڇَر تي چلڪندڙ اهي ڊونديون، ٻيڙيون، ٻتيلا ۽ ڊنگيون، اڄ جي موٽر وارين لانچن ۽ اسٽيمرن سان ملي هڪ نئون ماحول، هڪ نئون ڪلچر، هڪ نئون وايومنڊل پيدا ڪن ٿيون، جيڪو انٽرنئشنل آهي، ڪاسموپوليٽن آهي، عالمي آهي، جنهن ۾ انسانذات جا سڀ رنگ، عقيدا، ٻوليون ۽ سنگيت سمائجي هڪ ٿي ٿا وڃن: جنهن ۾ نئين ۽ پراڻي جو ڪو فرق باقي نٿو رهي، نہ گوري ۽ ڪاري جو ۽ نہ وري سنت ۽ صوفي جو. اها آهي دبئي، منهنجي دبئي، سڀ جي دبئي.

ڪِريڪ جي نيٽن هن شهر جي ميرانجهڙي ماضيءَ کي بہ ڏٺو آهي ۽ اُجلي اڄ جي عروج جا بہ ساکي آهن. هنن وقت جي هر لهندڙ ۽ چڙهندڙ وير کي گهوري ڏٺو آهي. ڪنهن زماني ۾ دبئي جو دنگ ڇاڙ جي وارياسن ڪنارن تي ئي ٿيندو هو جنهن کان اڳتي ڇا هو سو ڪنهن نٿي ڄاتو. پر سندس پاڻي ٻي ڊپن، بي خوف جوڌن، جُنگ جوانن لاءِ للڪار جي حيثيت بہ رکندو هو جيڪي اڻ ڄاتي ۾ اوهري نيون دنيائون دريافت ڪندا آهن.

1950ع واري ڪريڪ جي ڪوتائيءَ ۽ صفائيءَ تائين، ڇاڙ جو پاڻي پنهنجي وارياسي ۽ چڪائين ڪناري سان لهوارو وهندو رهندو هو. جڏهن وير لهندي هئي ۽ پاڻي هٽي ويندو هو تڏهن ماڻهو گپ ۽ چڪ ۽ پاڻي ۾ ڇاٻڙ ڇاٻڙ ڪندا وڃي ابري (ٻيڙي) ۾ چڙهندا هئا تہ جيئن ٻئي پار پهچي سگهن. مرد توڙي عورتون پنهنجا جوتا هٿن ۾ جهلي، هوريان هوريان هلندا، ڦينگن کان پاڻ بچائيندا، وڃي پريان بيٺل ابري ٻيڙا ٿيندا هئا تہ اهو کين ڪريڪ پار اُڪاري پنهنجي دڪان يا شاديءَ مراديءَ تائين پهچائي.

ڪناري لڳ سچاڻ خاطر ورهاست جون کي خاص نشانيون ڪونہ هونديون هيون. بس، کي ڪاٺ جا تختا رکي لهڻ لاءِ ٿلها جڙيل هوندا هئا، جن تي ابرا، ٻيڙيون، ٻتيلا ۽ ڊونديون اچي مسافرن کي لاهينديون هيون. پتڻ نالي ڪا بہ شي ڪانہ هوندي هئي. پر ڪريڪ شهر لاءِ محصول ڪمائيندو هو. ننڊي توڙي وڏي بندل جي آمد تي بہ آنا ڍيوٽي جا سنئين سڌي حساب سان ڏيڻا پوندا هئا. ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ اها ڍيوٽي وڌائي سامان جي مُلهہ جو ساڍا ٽي سيڪڙو ڪئي وئي.

ڪريڪ جي مهڙ وٽ چيڪ پوائنٽون ۽ گارڊ هائوس ٺهيل هئا، جيڪي اينڊڙ توڙي وينڊڙ جهازن تي نظر رکندا هئا. اڪثر پرڏيهه مان اينڊڙ جهاز چوڌيءَ تائين سامان سان ٽب هوندا هئا. جڏهن رات جو ڪا ٻيڙي يا جهاز ڪريڪ ۾ داخل ٿيندو هو ته جهاز جو ڪپتان رڙ ڪري گارڊن کي پنهنجي واقفيت ڪرائيندو هو. ڳالهه ٻولهه جو ڪو ٻيو ذريعو ڪونه هوندو هو. بئٽريءَ تي هلندڙ لائٽن جي ايجاد کان اڳ گاسليٽ جون بتيون ٻاري لنگرن تي رکي ڇڏيندا هئا ته جيئن اندر اينڊڙ جهاز ڪي رستو نظر اچي سگهي.

ڪريڪ ته برابر دبئي جي ساهه جي نالي هئي، پر قدرتي نظام ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏانوا ڏول به ڪري ڇڏيندو هو. سمنڊ جي اندر وهندڙ وهڪرا پاڻ سان گڏ واري به ڪنيو ايندا هئا ۽ اها واري ڪريڪ جي منهن وٽ گڏ ٿيندي ويندي هئي. ان ئي واريءَ ۽ مٽي تي هن علائقي ۾ پهريون انساني بستيون آباد ٿيون. انهن ۾ سيني ڪان آڳاٽي بستي هئي شنداغا. لٽ مان نقصان اهو هو ته جڏهن ڪريڪ جو منهن واريءَ سان لَتجي ويندو هو تڏهن وڏا ٻيڙا يا جهاز اندر اچي نه سگهندا هئا. ان سان واپار گهٽجي ويندو هو. واپار جي ڪري ئي ته دبئي ٻين ٽروشل اسٽيٽس جي مقابلي ۾ وڌيڪ اهم هئي. جي وٽس اهو به نه رهي ته پوءِ باقي ڇا بچيو؟

انهن حالتن کان بچڻ لاءِ دبئي جي مرحوم حڪمران هزهائنيس شيخ راشد بن سعيد المڪتوم ڏاهپ جو ثبوت ڏيندي ڪريڪ بانڊ (Creek Bond) جاري ڪيا ته جيئن گڏ ڪيل رقم مان ڪريڪ جي صفائي ڪرائي سگهجي. ان مان ٻنو فائدو ٿيو. هڪ طرف ته ڪريڪ جي لٽ ڪڍائي ڪيس اونهو ڪيو ويو جنهن دبئي جي قسمت بدلي ڇڏي. ٻئي طرف بانڊن جي پئسن مان ملڪ جي اندروني انتظامي معاملن کي سڌاريو ويو. اهڙيءَ ريت ماڻهن کي احساس ڏياريو ويو ته جيڪڏهن هو ملڪ ۾ ڪي سڌارا آڻڻ چاهن ٿا ته پوءِ ڪين هڙان ۽ وڙان اهڙن ڪمن ۾ حصو وٺڻو پوندو.

هندستانين "ڪريڪ بانڊ" جي ڪليءَ دل سان آجيان ڪئي. پر بانڊ وقت کان اڳ، اٽڪل ڏيڍ سال کان پوءِ ختم ڪيو ويو. ڇو ته ڪويتي حڪومت پنهنجي تيل جي جهجهي آمدنيءَ جي زور تي دبئي جي مدد لاءِ اڳتي وڌي آئي ۽ بانڊن جي خريدارن کي سندن رقم موٽائي ڏني.

ڪريڪ جي اونهي ٿيڻ سبب دبئي ۾ واپاري جهازن تي مال چاڙهڻ ۽ لاهڻ سولو ٿي پيو. ان ڪانسواءِ ماڻهن توڙي مال جي چرپر به سستي ٿي پئي. جيئن جيئن واپار وڌندو ويو تيئن تيئن ٽريفڪ ۾ به اضافو ٿيندو ويو. واپارين ۽ ڏنڌوڙين کي هاڻي دبئي ۾ هڪ ايئرپورٽ جي سخت ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي.

دبئي ۾ هوائي اڏو ٺاهڻ جو خيال سڀ کان پهرين 1937ع ۾ پيدا ٿيو جڏهن انگريز سرڪار جي طرفان اجازت ملي ته ڪريڪ ۾ هوائي ٻيڙيون لاٿيون وڃن. برطانيا سرڪار 'امپيريل ايئرويز' جي هوائي جهازن لاءِ اڳ ئي اهڙي قسم جي اُڏامن لاءِ حق وٺي ڇڏيا هئا. انهن حقن موجب انگلنڊ-انڊيا- آسٽريليا

جي روٽ تي هلندڙ جهاز ڪريڪ ۾ لهي پئي سگهيا. پر هوائي ڪمپنين ڪريڪ کي جنگ کان پوءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ان وچ ۾ رائل ايئرفورس شارجا ۾ ايئرپورٽ ۽ فوجي ڇانوڻي ٺاهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ان جو احوال گذريل باب ۾ ڏنل آهي. اهو قصو 1939ع جو آهي ۽ اهو اڏو امپيريل ايئرويز به استعمال ڪندي هئي ڇو ته ڪيس ڪراڊن Croudon (انگلنڊ) کان هندستان ۽ اڳتي ويندي، رستي ۾ تيل پرڻ جي ضرورت پوندي هئي. اهو به ٻڌائيندو هلان ته امپيريل ايئرويز جنهن جو ذڪر هلي رهيو آهي، جنهن کي ٽوڙڻ ۾ اکرن ۾ BOAC چوندا هئا. برٽش ايئرويز کان آڳاٽي برطانيا جي ڪمپني هئي. شارجا جو والي هوائي اڏي جو ڪرايو وٺندو هو ۽ هر اهو جهاز جيڪو ان اڏي تي لهندو هو سو پنهنجي في جدا پريندو هو جيڪا ٻين ڪمن جي عيوض پڻ ورتي ويندي هئي. جهڙوڪ تيل يا پاڻي پهچائڻ وغيره. هوائي جهازن ۾ تيل ڇئن گئلن وارن دٻن وسيلي وڌو ويندو هو. اهو تيل گلف جي سري واري ايراني بندر آبدان جي ريفائزي مان ايندو هو.

امپيريل ايئرويز انهن ڏينهن ۾ هينڊ لي پيج Handley (HP42) Page42 نالي جهاز استعمال ڪندي هئي، جن جي پرن جي ماپ 130 فٽ ۽ ڊيگهه 85 فٽ 8 انچ (26 meters) هئي. جهازن جي رفتار 130 ميل في ڪلاڪ (152 Kph) هئي ۽ منجهس ويهه مسافر ۽ چار عملي جا ماڻهو ويهي سگهندا هئا. امپريل ايئرويز کي اهڙا اٺ HP42 جهاز پنهنجي هوائي اڏي ۾ شامل هئا ۽ هر هڪ جهاز جو جدا نالو رکيو ويو هو جيڪو انگريز اکر ايچ سان شروع ٿيندو هو مثلاً Heracles, Hengist, Helena, Hanno, Hannibal, Hadrian, Horsa & Horatium. انهن مان Hanno پهريون جهاز هو جيڪو شارجا جي هوائي اڏي تي لٿو. جڏهن هوائي پيڙيون دبئي ۾ لهڻ شروع ٿيون، تڏهن انهن کي رستو ڏيکارڻ لاءِ لنگرن جو سهارو ورتو ويندو هو. جيڪي لهڻ واري جاءِ کان وٺي قطار ۾ سڌا رکيا ويندا هئا. جهازن جي لهڻ جي جاءِ تي اڄ ڪلهه مڪتوم پل ٺهيل آهي. مسافرن کي پيڙين ۾ چاڙهي ڪناري تائين پُڄايو ويندو هو ۽ اتان پوءِ ڪين حفاظت سان شارجا فورٽ هوٽل وٺي ويندا هئا. جيڪا شارجا ايئرپورٽ جي پرسان هئي. رات هوٽل ۾ گذارڻ کان پوءِ هو وري پنهنجي راهه وٺندا هئا. دبئي ۾ انهن ڏينهن ۾ نالي ڪاڻ به ڪا هوٽل ڪانه هئي. شارجا هوٽل امپيريل ائيرويز ٺهرائي هئي ۽ سندس سنڀال انٽرنيشنل ايراڊيو لميٽيڊ (IAL) جي حوالي هئي.

هوائي پيڙين 1947ع ۾ دبئي ڪريڪ جو استعمال بند ڪري ڇڏيو. نتيجي طور شارجا ايئرپورٽ جي اهميت وڌي وئي. گلف ايويئيشن جيڪا گلف ايئر کان پهرين ٺهي، سا سٽن سيٽن وارا آورو اينسنس (Avro Ansons) ۽ پندرهن سيٽن وارا ڊي هاوي لينڊ ڊووز (De Havilland Doves) جهاز هفتي ۾ ٽي گهمرا ڪويت، بحرين ۽ شارجا کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ هلائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ويهن سيٽن وارا

ڊگلس ڊي سي ٿري ڊڪوٽا ۽ وڪرز واءِ ڪائونٽ (Vickers Vicounts) جهاز پڻ استعمال ڪيا ويندا هئا. ٽپال انهن جهازن جي وسيلي بحرين کان دبئي آندي ويندي هئي. جنهن ڏينهن جهاز اچڻو هوندو هو ان ڏينهن کي پرڏيهي سفارتخانن ۾ ٽپال جو ڏينهن سڏيو ويندو هو. دبئي ۾ 1958ع تائين ڪا هڪ به پوسٽ آفيس ڪانه هئي. ٽپال جا ٿيلها بردبئي پاسي شهر جي مرڪز ۾ آندا ويندا هئا ۽ پوءِ جن جي ٽپال ايندي هئي، تن جا نالا ۽ ائڊريسون زور سان پڪاريون وينديون هيون. جيڪڏهن خط جو مالڪ اُتي موجود هوندو هو ته پنهنجو خط ڪيس اتي جو اتي ملي ويندو هو پر جي غير حاضر هوندو هو ته سندس ٽپال موٽائي ڪٽي ويندا هئا ۽ ٻئي ڀيري وري ساڻ ڪٽي ايندا هئا.

جڏهن دبئي ۾ ڀهرين پوسٽ آفيس کلي، تڏهن ٽپال گهرن ۾ پهچائڻ بجاءِ پوسٽ آفيس باڪس جي ذريعي وصول ڪئي ويندي هئي. اهو طريقو اڄ تائين جاري آهي. پوسٽ باڪس سرڪار طرفان ڏنا ويندا هئا ۽ سڀ کان پهريون دبو الغرير کي مليو جنهن جو نمبر به پهريون هو. پر ڏيهين ۾ ITL کي سڀ کان پهريون باڪس الاٽ ٿيو جنهن جو نمبر هو ڇهه سرڪار پاڻ کي وڏو نمبر ڏنو ته جيئن ماڻهن کي احساس ٿئي ته حڪومت بزنيس وارن جي دوست آهي ۽ کين پاڻ کان به وڌيڪ مان ٿي ڏئي.

جهازن ۾ جلد ئي رش وڌي وئي. جهازن ۾ جڳهه ٿوري ۽ مسافر گهڻا. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي آخرڪار تيل ڪمپنين ۽ شيخن جي رياستن لاءِ ڪوٽا مقرر ڪئي وئي. 1950ع تائين گلف جا جهاز هر وقت اڳواٽ بڪ ملندا هئا. ان جو مکيه سبب اهو هو ته واپاري ۽ ڪاروباري ماڻهو وقت بچائڻ لاءِ هوائي سفر کي اوليت ڏيڻ لڳا هئا.

1959ع ۾ برٽش پوليٽيڪل ايجنسيءَ لنڊن ۾ برٽش فارين آفيس کي هڪڙو خط لکيو جنهن مان ان وقت جي حالتن جي ڄاڻ پوي ٿي. لکيائين، ”شيخ راشد تي واپاري ڌر جو سخت دٻاءُ آهي ته هتي هڪ ايئرپورٽ نهرائڻ گهرجي. پوءِ پلي ته ان جو خرچ ونڊي ورڇي واپارين تي رکيو وڃي. شيخ راشد هڪ ڀيري خود مونکي ٻڌايو ته جڏهن هو ٻاهرين ملڪن ڏانهن سفر تي ويندو آهي ۽ ماڻهو ڪائنس پڇندا آهن ته ڇا دبئي کي پنهنجو ڪوئي هوائي اڏو به آهي، تڏهن کيس ڏاڍي پشيماني ٿيندي آهي. هن جو خيال آهي ته دبئي کي ضرور هڪ هوائي اڏو هئڻ گهرجي، ڇو ته ائين ڪرڻ سان دبئي جو مان وڌندو.“

شيخ راشد ڏاڍي هوشياريءَ سان انگريز حڪومت جي نمائندي کان دبئي ۾ ايئرپورٽ ٺاهڻ جي اجازت ورتي. سچ ته دبئي کي ان سهوليت جي ڏاڍي سخت گهرج هئي.

1959ع جي فيبروري مهيني ۾ لنڊن برٽش ايئر منسٽريءَ پنهنجو هڪ آفيسر دبئي روانو ڪيو ته جيئن هواتي وچي هوائي اڏي جي رٿ تيار ڪري. الفسيس جو علائقو ان ڪم لاءِ چونڊيو ويو ۽ شروعاتي ڪم ڪجهه مهينن اندر هٿ ۾ ڪنيو ويو. اهو سڀ ڪجهه ايترو جلد ٿيو جو ماڻهو حيران ٿي ويا.

مزور هندستان ۽ پاڪستان مان گهرائي پرتي ڪيا ويا. مقامي ماڻهو ته اڃ ئي ان ڪم ۾ رُڌل هئا. پروجيڪٽ وڏو هو پر شيخ راشد پنهنجي سر بيهي ان سموري ڪم جي نظرداري ڪئي. 19 مئي تي ڊي هائيوي ليند ڊو (De Havilland Dove) قسم جو پهريون جهاز 6000 فٽن تي ٺهيل، ڳتيل واريءَ جي هوائي اڏي تي لٿو. دبئي جي ترقي واري تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿيو.

دبئي انٽرنيشنل ايئر پورٽ جو سرڪاري مهورت 30 سيپٽمبر 1980ع تي ٿيو. ان هوائي اڏي ۾ هڪ ننڍڙي ٽرمينل ۽ هڪڙو ڪنٽرول ٽاور شامل هئا.

هوائي اڏي جي سڀ کان وڌيڪ موهيندڙ ڳالهه هئي سندس ڊيوٽي فري شاپ. حاڪم جي اها هڪ وڌيڪ سياڻپ جي سوچ هئي. سندس دوربينديشيءَ جو اهو بهترين مثال هو. ان کان سواءِ هُن ڪار پارڪ جي ٺاهڻ جو حڪم ڏنو جو پڻ سندس ڏاهپ جي ساکي آهي. ڪار پارڪ ۾ 500 گاڏيون هڪ ئي وقت بيهي سگهيون ٿي. پوري دبئي ۾ ان وقت ايتريون گاڏيون ڪونه هيون. رستن جي حالت جي ته ڳالهه ئي نه ڪريو پر ڪجهه سالن اندر جيئن ئي هوائي ٽرئفڪ وڌي ته خبر پئي ته اها ڪار پارڪ تمام ننڍي آهي ۽ ان کي وڌائڻ تمام ضروري ٿي پيو. دراصل ٽرئفڪ ايتري ته وڌي وئي جو اڳوڻو سمورو بندوبست ناڪافي ٿي پيو.

توهان کي ياد هوندو ته انهن ڏينهن ۾ گهٽيون ۽ انهن کان به ننڍڙيون گليون ائين ته ور وڪڙ کائي وچ شهر مان لنگهنديون هيون، جو انهن مان ڪنهن گاڏيءَ جو لنگهه ممڪن ئي نه هو. ماڻهو گاڏيون وٺي ڇا ڪن ها؟ مثال طور ابرا اسٽريٽ نالي بردبئي ۾ صرف هڪ ئي گهٽي هئي ۽ سندس ڊيگهه وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلوميٽر هئي. هاڻي اتي موٽر جو ڪهڙو ڪم؟ اهڙي ساڳي حالت ڪريڪ جي پريْنءَ پر ديرا ۾ پڻ هئي.

جڏهن مناسب رستا ئي ڪونه هئا ته پوءِ موٽرن جو به ڪو فائدو ڪونه هو. ٽئڪسيون گهٽو ڪري ٽرڪن، پڪ اپ ۽ جيپن جون هونديون هيون. فوجين جون بيڪار سمجهيل نيلام ڪيل اهي گاڏيون وري به چڱيءَ حالت ۾ ملي وينديون هيون. انهن ٽئڪسين ۾ ماڻهو ته چڙهندا هئا، پر اهي سامان ڍوئڻ جي ڪم به ايند يون هيون. اهي گاڏيون شارجا، ابوڌابي توڙي بين دور دراز شهرن ڏانهن ڀاڙو ڪٽي وينديون هيون. 4x4 فقط ليند روور گاڏيون هونديون هيون.

گاڏيون ايڏيون ته مهانگيون هيون جو سواءِ حڪمران ڪٽنب جي ۽ تمام گهٽي دولت وارن چند ماڻهن جي، ٻئي ڪنهن وٽ به گاڏيون ڪونه هونديون هيون. ٿورين گاڏين هئڻ ڪري سيني کي خبر هوندي هئي ته ڪهڙي گاڏي ڪنهن جي آهي. نه رجسٽري ٿيندي هئي ۽ نه وري نمبر پليٽون لڳائيون پونديون هيون. اڳتي هلي پوليس ڊپارٽمينٽ ليسن ته جاري ڪرڻ شروع ڪيا، پر ڊرائيونگ ليسن جي

پوءِ به ضرورت محسوس ڪونه ڪيائون.

مون کي ياد آهي ته منهنجو ننڍو ڀاءُ, روچي, هانگ ڪانگ ۾ ڊرائيونگ ٽيسٽ پاس ڪري ڪونه سگهيو هو ان ڪري هو مون وٽ دبئي آيو ته ڪيس هتان جو ڊرائيونگ ليسن وٺائي ڏيان. هانگ ڪانگ ۾ دبئي جيئن ته ٻئي انگريزن جو بيٺڪون هيون, ان ڪري هڪ ٻئي جا جاري ڪيل ليسن قبول ڪنديون هيون. مون ڪيس ٽيسٽ ڏيڻ بنا ئي ليسن ته نهرائي ڏنو پر پوءِ اچي ڊپ ورتم ته جيڪو هانگ ڪانگ جي ٽيسٽ ۾ فيل ٿي چڪو آهي, اهو هاڻي ساڳئي شهر ۾ گاڏي سنڀالي هلائي سگهندو به يا نه. پوءِ ته منهنجو پرارٿنا تي زور ته ڏٺي منهنجا, روچيءَ جي پارت اٿئي.

ڊرائيور يا ته بدو هئا يا هتان جا اصلوڪا رهاڪو. هتان جي صحرائي رستن ۾ ملڪي حالتن کان هو چڱي طرح واقف هئا, ان ڪري کين ڪا به تڪليف ڪانه ٿيندي هئي. گاڏيون انهن ئي نشانن جي پويان هلنديون هيون, جيڪي فوجين جي گاڏين جي لنگهڻ ڪري ٺهي پيا هئا. هونءَ ته جي موسم سٺي رهندي هئي ته اهي نشان به صاف ۽ چٽا پيا ڏيکاربا هئا, پر جي واريءَ جو طوفان ايندو هو ته پوءِ هر شئي ڍڪجي ويندي هئي. بدو رڻ پٽ جي نس نس کان واقف هئا. ڀلا ڪيئن نه هجن؟ ڄاوا نپنا ئي صحرا ۾ هئا. هنن جي لاءِ ڪنهن به ماڳ تي پهچڻ ڏاڍو سولو ڪم هو. ها, پر جڏهن واريءَ جون ٽِڪرون واچوڙن ۾ پنهنجي جاءِ ڇڏي وينديون هيون ۽ صحرا جو نقشو راتورات بدلجي ويندو هو تڏهن ويچارا بدو به مُنجهي پوندا هئا.

شارجا لاءِ ڪو به رستو ڪونه هو ان ڪري رڻ پٽ مان لنگهي شارجا پهچڻو پوندو هو. مسافرن کي دبئي کان شارجا پهچڻ ۾ چڱي ڏکيائي ٿيندي هئي. شارجا جو ڀاڙو ڏهه روپيا هوندو هو. گهڻو ڪري ٽئڪسي اوٽ موٽ ڀاڙي تي ڪئي ويندي هئي, جنهن تي لڳندا هئا ويهه روپيا. جيسين مسافر پنهنجا ڪم ڪاريون پورا ڪري واپس موٽي, تيسين ٽئڪسي وارو اوسيئڙي ۾ ويٺو هوندو هو. ٻيو ڪجهه ڪري به ڪونه سگهندو هو. مسافر هوند ائي نه هئا ته موٽندو وري ڪنهن سان؟

شارجا وڃڻ لاءِ ٻر, دبئي توڙي ديرا کان رستا ويندا هئا. پُل اڃان ڪونه ٺهي هئي, ان ڪري ڪريڪ جي مٿان ڦرڻو پوندو هو. رستو هاڻوڪي دبئي ايئرپورٽ ۽ ڪارگوليج جي وچان لنگهندو هو. انهن ڏينهن ۾ جڏهن وير چڙهندي هئي ته هي علائقو اڪثر پاڻيءَ هيٺ هوندو هو.

جيڪڏهن ڪنهن به سبب مٿئين رستي تي لنگهڻ ڏکيو هوندو هو ته پوءِ ٻيءَ صورت ۾ ڪريڪ کي آبري رستي پار ڪري, ديرا کان شارجا لاءِ وڃي ٽئڪسي وٺبي هئي, جنهن جي باري ۾ مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته ڏهه روپيا هڪ پاسي جا ۽ ويهه روپيا اوٽ موٽ جا وٺندي هئي.

ابوڌابيءَ لاءِ ٽرئفڪ صفا گهٽ هئي. مان اڪثر ابوڌابي ويندو رهندو هوس. ڇو ته منهنجيءَ ڪمپنيءَ (آئي.ٽي.ايل) هڪ دڪان, تارف ۾, ابوڌابي کان اٽڪل 100 ڪلوميٽر پري, ”خانصاحب

ڪئنٽن“ جي نالي سان ڪوليو هو. حسين خانصاحب، جيڪو اُتان جو باشندو هو، سو تيل جي هڪ ڪمپني جي ملازمن جي ديک ڀال واسطي ڪئمپ هلائيندو هو. اسان وري اُن ئي ڪئمپ ۾ سيڏي سامان ۽ ٻين ضروري شين جو دڪان کوليو هو. مان ان دڪان کي ڏسڻ وائسڻ ڪاڻ ابوڏابي ويندو هوس.

ان زماني ۾ ابوڏابي پهچڻ ۾ ڇهه ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. ڊرائيور گهڻو ڪري ڪناري وارو رستو وٺندا هئا ته جيئن ڪٿي رستو ڀلجي ڀٽڪي نه وڃن. واريءَ جو پنڌ اٽانگو هوندو هو. صحرا ۾ گاڏي هلائڻ لاءِ خاص قسم جا ٽائر لڳايا ويندا هئا. جيڪڏهن اسان ڪڏهن رستو ڀُلجي رڻ ۾ رلي ويندا هئاسين ته اتان جا بدو وڏي خوشيءَ سان اسان کي صحيح رستو ڏيکارڻ ۾ مدد ڪندا هئا. جي وچ واٽ تي گاڏي خراب ٿي پوندي هئي ته لانگهائو گاڏيون ڀهي رهنديون هيون ۽ اسان جو هٿ ونڊائينديون هيون.

هر گاڏيءَ ۾ ٻه شيون ضرور ڪٽندا هئا: هڪ بيلچو ۽ ٻيو لوهي تختو. بيلچي سان واري هٽائبي هئي ۽ لوهي تختو ٽائرن جي هيٺان ڏئي گاڏي هلائبي هئي ته ڦاٿل ٽائر ان مٿان لنگهي واريءَ مان نڪري ايندا هئا. گاڏيون اڪثر رستي ۾ خراب ٿي پونديون هيون. اسپيئر پارٽ گهٽ ملندا هئا. ڪڏهن ته بنهه ڪونه ملندا هئا. ورڪشاپ ته صفا ڪونه هوندا هئا. ان ڪري گاڏين کي ٺيڪ حالت ۾ رکڻ مشڪل ٿي پوندو هو.

ايئرڪنڊيشننگ ٻه ڪونه هوندي هئي، ان ڪري گاڏين جون دريون يا ڇت کلي رکبي هئي. هڪ واريءَ جو پنڌ، ٻيو دريون يا ڇت کليل. واري واٽ ۽ ناسن ۾ اهڙي هلي ويندي هئي جو ساهه کڻڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. صحرا ۾ رستو ڀلجڻ جو خوف ته هر وقت رهندو هو پر وڏيڪ پئُ تيندو هو جسم جو پاڻي سُڪي وڃڻ جو. گرمي، اُس، پگهر ۽ گهٽ پاڻي پيئڻ سبب سُڪو يا Dehydration عام هوندو هو.

ڏينهن جو سفر ڪرڻ تڪليف وارو ضرور هو پر ان کي ٽاري ڪونه سگهبو هو. رات جو سفر ڪرڻ مناسب نه هو. هڪ ته رات جو اونده انڌوڪار لڳو پيو هوندو هو ٻيو وري رستا ٺهيل ڪونه هوندا هئا.

پيٽرول ٻه سولائي سان ڪونه ملندو هو. بحرين، ابادان يا سينگاپور مان گهرايو ويندو هو. دبئي ۾ پيٽرول کي ٽئنڪن ۾ رکڻ جي سهوليت موجود هئي، ان ڪري پيٽرول امارات کان ٽروشل اسٽيٽس جي ٻين علائقن ۾ پهچايو ويندو هو.

انهن ڏينهن ۾ پيٽرول پمپ اڃا ڪونه آيا هئا. دڪان ۾ پيٽرول وڏن بئرلن ۾ رکيو ويندو هو ۽ گاڏين ۾ وجهڻ لاءِ هٿ سان هلندڙ پمپ استعمال ڪيا ويندا هئا. برٽش پيٽرول ۾ ”بي.پي.“ وارا، پيٽرول سپلاءِ ڪرڻ جي مکيه ڪمپني هوندا هئا ۽ دڪاندار معمولي ڪميشن عيوض سندن پيٽرول وڪڻندا هئا.

اُٺ صحرا جو ڏاج آهن، سونهن آهن ۽ ضرورت پڻ آهن. 1950ع جي ڏهاڪي جي آخر تائين ڳوٺن توڙي ملڪ جي اندرين حصن ۾ انن تي سواري ٿيندي هئي. ابوڏابي کان انن جا قافلا هلندا هئا، جي تن

ڪان چئن ڏينهن ۾ دبئي پهچندا هئا. هڪ هفتو يا ڪڏهن ڪڏهن ته ان ڪان به وڌيڪ عرصو العين ۽ ٻين پرپاسي وارين جڳهين تي پهچڻ ۾ لڳندو هو. ابوڌابي ۽ اترين علائقن ۾ ٻيڙين وسيلي سفر ڪيو ويندو هو. نوجوان نسل کي ته شايد اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچي سگهندي ته اڳ سفر ۾ ڪيتريون تڪليفون، ڪيترا خطرا، ڪيڏا انديشا هوندا هئا. واري، جي پٽن جو سفر ڪٽڻ جو نالو ئي نه وٺندو هو. انهن ڏينهن ۾ صحرا جو سفر ڪرڻ وڏي همت ۽ دليريءَ جو ڪم هوندو هو. محمد الفهيم هڪ وڏو ڪاروباري ماڻهو هو. هو ابوڌابي چيمبر آف ڪامرس جو پهريون وائيس پريزيڊنٽ پڻ ٿيو. هن پنهنجي ڪتاب From Rags to Riches (غربت کان اميريءَ تائين) ۾ هڪ نهايت ئي دکدائڪ واقعو بيان ڪيو آهي. هن واقعي جو تعلق صحرا جي خطرناڪ سفر سان آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن بيابانن ۾ دير ٿيڻ سان جيڪي ڏکوئيندڙ نتيجا نڪرندا هئا، تن سان پڻ آهي. الفهيم جي پيءُ راند ڪندي سڙي پئي هئي ۽ سندس گهروارن فيصلو ڪيو ته نينگر کي ڪنهن ويجهي اسپتال تائين پهچايو وڃي. ويجهي ۾ ويجهي اسپتال بيابان مان لنگهندڙ رستي وسيلي ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هئي.

هو لکي ٿو: "بدقسمتيءَ سان موائجي ۾ نه ڊاڪٽر هئا، نه نرسون ۽ نه ڪا ٻي دوا هئي. سڙڻ جو علاج ته پري رهيو هتي ته ڪنهن به بيماري جو علاج به ٿي نٿي سگهيو. پرسان العين جو شهر هو ۽ ان جي پر ۾ بريمي نالي ٻيو شهر هو. پر انهن مان ڪنهن به شهر ۾ نه دوائون نه ڊاڪٽر ۽ نه ڪا اسپتال. سڀ کان ويجهي اسپتال شارجا ۾ هئي ۽ ان تائين پُڄڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڏينهن جو سفر ڪرڻو پئي پيو. منهنجي ننڍي ڀيڻ سخت تڪليف ۾ هئي. گهر جا سڀ ڀاتي بي حد پريشان هئا، پر لاچار هئاسين. ڪجهه ڪري نٿي سگهياسين. شيخ زايد کي جڏهن ان ڳالهه جي خبر پئي ته ڪيس ڏاڍي ڳڻتي ٿي. منهنجي پيءُ کي پنهنجي لينڊ روور گاڏي ۽ ڊرائيور ڏنائين ته جيئن اسان بيمار کي شارجا وٺي وڃون. رائل ايئر فورس شارجا جو هوائي اڏو استعمال ڪندي هئي. ان ڪري هنن پنهنجن ماڻهن جي لاءِ هڪ ننڍڙي اسپتال جو بندوبست ڪيو هو. بس، ان سڄي علائقي ۾ صرف اها ئي هڪڙي اسپتال هئي. منهنجو پيءُ، ماءُ، مان ۽ ٻيا ٻار سڀ لينڊ روور ۾ چڙهياسين. زخمي ڀيڻ کي به ساڻ کنيوسين ۽ العين کان وچ بيابان مان ٿيندا شارجا ڏانهن روانا ٿياسين. انهن ڏينهن ۾ پڪو ته ڇڏيو ڪچو رستو به ڪونه هوندو هو. لنگهندڙ قافلن جي نشانن پويان ماڻهو هلندا هئا. اسان به ساڳي طرح پنهنجو سفر جاري رکيو. رستي ۾ ڪيترا ئي ڀيرا گاڏي واريءَ ۾ ڦاسي پئي ۽ هر دفعي اسان سيني گڏجي ڌڪا ڏئي گاڏيءَ کي واريءَ مان ٻاهر ڪڍيو.

جيڪو مفاصلو اڄ ڪلهه ٻن ڪلاڪن ۾ طئي ٿي ويندو آهي، اهو اسان ٻن ڏينهن ۾ وڏي مشڪل سان اُڪلائي سگهياسين. ان وچ ۾ ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي. منهنجي ڀيڻ زخمن جا سور سهي نه سگهي ۽ رستي ۾ ئي لاڏاڻو ڪري وئي."

نہ تڪڙي سواري هئي ۽ نہ چڱا رستا. ماڻهن جي ذاتي آزاديءَ جي راهہ ۾ سوين رڪاوٽون هيون. ڏاڍا لاچار ۽ مجبور هئا ان دور جا ماڻهو. پاڻ کي بي حد اڪيلو ۽ اُباڻڪو پائيندا هئا ان اڻ هوند ۾. قدرت جا قانون انساني حياتيءَ کي هلائيندا هئا. جن وٽ زر هو، تن وٽ زور بہ هو. هٿين خالي اُپ ڏي هٿ ڪٽي پاڏائيندا رهندا هئا. سچ چيو اٿن تہ جيڪو "ڏاڍو سو ڳابو".

*

**باب يارهون**

# جڏهن وهنوار
# ساڪ ۽ ڪارپيٽ تي هلندو هو

**اعتماد ڪرڻ کان وڌيڪ پيار ڪرڻ وارو بنجڻ وڌيڪ ساراهه جو حقدار آهي.**

**جارج ميڪڊونالڊ**

دبئيءَ جو مارڪيٽ منهنجي يونيورسٽي هو.

مون ننڍيءَ ڄمار ۾ داخلا ورتي ۽ پنهنجي ڪاروبار جو سبق اُتان ئي پرايم. ماڻهوءَ جا ماڻهوءَ سان لاڳاپا ۽ ورتاءَ ۽ انساني بدلجندڙ حالتن ۾ ان جي الڳ الڳ موٽ. ڪڏهن روح راڳن ۾ ڪڏهن بُت کان بيزار. ڪڏهن درياءُ ٽپيو وڃي ڪڏهن واهڙ تي بيهي رهي. انهن سڀني ڳالهين جو اُپياس مون مارڪيٽ ۾ ويهي ڪيو. دبئي جو مارڪيٽ بين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪليل دل وارو ۽ پانت پانت جي ماڻهن سان پريل آهي. دبئي واپار جي ڳڙهه هئڻ ڪري دنيا پر سان ناتا نيائي ٿي. هر قوم، هر رنگ، هر نسل جا ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ريت دبئي جي مارڪيٽ سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا. اهي سڀ رنگ گڏجي دبئي جي سونهن وڌائين ٿا ۽ نئين سُچاڻ ڏين ٿا.

1960ع وارا سال نئين دبئي جي واڌ ۽ ويجهه ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. تيل نڪرڻ کان گهڻو اڳ دبئي پنهنجي بنيادي جوڙجڪ کي نئون روپ ڏيڻ لاءِ گهڻو ئي پاڻ پتوڙيو. سندس گهڻو زور ان ڳالهه تي هو ته خدمتون ۽ سهولتون هڪيون تڪيون حاضر ڪري ڏجن ۽ انهن کي اندسٽريءَ جو درجو ڏيئي ناڻو ڪمائجي. جڏهن تيل نڪتو ته وارا نيارا ٿي ويا. ٻڌل پيڙو تري پيو. مونجهارا مِتجي ويا. سڄو ملڪ جهڙوڪر سون تي پيو.

تيل جا نڪتو پرڏيهي جاٽو ڪم وارن جا ڪٽڪ اچي سهڙيا. جوڙجڪ جو نئين سر اپياس ٿيو. مدايون دور ڪري چڱاين کي اوليت ڏيئي منجهن واڌارو ڪيو ويو. هوائي اڏو ناهيو ويو. ڪريڪ جي سڌاري لاءِ پروجيڪٽ جوڙيو ويو. عام پلائي ۽ سهوليت جا ڪيترا پيا ڪم هٿ ۾ ڪنيا ويا. انهن سڀني ڳالهين لاءِ ماهر ۽ جاٽو ڪاريگر توڙي گهٽ تجربيڪار مزور گهربل هئا. بس، ڪُڇڻ جي دير هئي، پرڏيهي ڪمين جي اٿل اچي وئي. ڪين رهڻ لاءِ گهر گهربا هئا. اڏاوت جي ڪم جي جڻ بنڌ ٽُٽي پئي.

جيڏانهن نهار تيڏانهن گهر پيا جڙن. امارات جي وک وک تي ڪنسٽرڪشن جو ڪم جاري ٿي ويو.

نٽدي ڪنڌ جا ماڻهو هونءَ ئي مزوريءَ جا مڙس ماڻهو آهن. اجورو بہ گهٽ وٺن. ان ڪري سندن گهرج گهٽي هئي. هونءَ بہ ويجهڙائيءَ سبب توڙي سماجي ۽ سيپيتائي هڪ جهڙائيءَ ڪري اهي وڌيڪ پسند ڪيا ٿي ويا. گهڻا مقامي شهري اردو ۽ هندي ٻولي سمجهندا بہ هئا تہ ڳالهائي بہ ويندا هئا. ڪين نٽدي ڪنڌ جي ماڻهن سان گهلي ملي وڃڻ ۾ ڪا بہ دشواري نہ هئي.

ان ڪري هنن گهڻا مزور ان ئي علائقي منجهان پرتي ڪيا. ويزا سولائيءَ سان ملي ويندي هئي. ماڻهن کي پهچڻ ۾ ڪا ڏکيائي درپيش نہ ايندي هئي. هڪ ٻئي کي ڇيو ٻئي ٽئين کي ٻڌايو ائين ميلو مچندو ويو. ڪمي ڪاسبي ايندا ويا. دبئي هر روز نئون وڳو پهرڻ لڳي. جيڪي ڪالهہ هو سو گذري ويو. جيڪي اڄ آهي، سو سڀاڻي نہ هوندو. دبئي وئي وڌندي. مالي حالت ويس ڏينهون پوءِ سڌرندي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها ٿي جو دبئي جي نئين سروپ مان ماڊرن دنيا جي جهلڪ پسجڻ لڳي. ان سڄي ردوبدل ۾ ڪاروباري ماڻهن وڏو ناماچار ڪمايو.

ان وقت جو واپاري ويڙهو اڄ کان تمام گهڻو مختلف هو. اهو تفاوت سمجهائڻ لاءِ جڏهن لفظن جي چونڊ تي سوچيان ٿو تہ مهاتما گانڌي جا شبد ٿا ياد اچنم. انهن ڏينهن ۾ جي ڊي برلا (گهنشيام داس برلا)، جنهن هندستان ۾ انڊسٽريءَ جي سلطنت قائم ڪئي ۽ انگريزن جي آخري ڏينهن ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي هندستان کي هڪ سگهارو بنياد مهيا ڪيو سو گانڌي جيءَ جو ويجهو دوست هو ۽ ڪانگريس جي هڙان وڙان سهائتا ڪندو رهندو هو. ان تي ڪيترن ئي ماڻهن، خاص ڪري ڪابيءَ ڊر جي دانشورن مُنهن گُهنجايو ڪاوڙ ڪئي، اعتراض واريا. پر گانڌي پنهنجي جاءِ تي اڏول رهيو. هن کي برلا کان ڏوڪڙ وٺڻ ۾ ڪا بہ برائي نظر نہ آئي، ڇو تہ هن جو اهو پڪو ويساهہ هو تہ اها دولت سماج جي امانت آهي.

گانڌيءَ جيءَ جي ويچارن پويان هلندي، دبئي جي واپاري ويڙهي، 1950ع ۽ 1960ع سن جي اوائل ۾، قوم جي ترقي ۾ وڏي وڏي هٿ ونڊايو. سماج بزنيس تي ياڙيندو هو ۽ بزنيس مين سماج جي سيوا لاءِ پاڻ ارپڻ جي حد تائين دل ۽ جان سان ميدان ۾ لهي پيا. ڪين خبر هئي تہ اسان جي اصل طاقت وري بہ سماج ئي آهي.

بزنيس ۾ لالچ جو ڪو دخل ڪونہ هو. سچائي ۽ خلوص جهڙوڪر اڻ لکيل قانون هئا. واپاري پنهنجي آمدني تي خوش ۽ راضي هئا. گهرج کان وڌيڪ ڏنڏو ڪرڻ سندن ڪتاب ۾ لکيل ئي نہ هو. پنهنجي سوڙ آهر پير ڊگهيريندا هئا. حيثيت موجب مال گهرائيندا هئا. اهو بہ ڌيان ۾ رکندا هئا تہ جيڪو مال وٽن موجود آهي ۽ جيڪو واٽ تي آهي، انهن جي سيڙپ لاءِ اوتري رقم بہ موجود آهي يا نہ؟ ڪڏهن

ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو تہ مال جي گهرج وڌي ويندي هئي ۽ مال اچڻ ۾ دير پئجي ويندي هئي. گدام خالي ٿي ويندا هئا ۽ مهينن جا مهينا واپاري واندا ويٺا انتظار ڪندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ واپارين ڪڏهن بہ مال ذخيرو نہ ڪيو. بس، ايترو ئي رکندا هئا، جيترو سنڀالي سگهن.

اڄ جو حال سڀني کي ساريو پيو آهي. دنيا بدلجي وئي آهي. اهي ڳُڻ ئي نہ رهيا آهن. امپورٽر ماڻهن جي گهرج کي نظر ۾ رکندي، هيچ ڪري، گهڻو مال گهرائي، گدام سَٽي ويهي ٿا رهن. جي اوچتو گهرج گهٽجي وئي ۽ مارڪيٽ ۾ مَندي اچي وئي تہ يارن جا ٽيڙ ئي ٽيشڻ ٿي. گهڻن جا تہ جهڳائي جهڻ ٿي ويا. چڱن ڀلن کي ڏينهن جو ڏيئو ٻاريندي ڏٺوسين.

اڳوڻي زماني ۾ واپاري وڏا پنهنجي پئسي ڏوڪڙ جو حساب ڪتاب گهٽي سوچ ۽ ويچار سان ڪندا هئا. ان مان کين ٿي فائدو رسندو هو. خاص ڪري جڏهن مارڪيٽ ۾ ٻاڙائي ايندي هئي، تڏهن هو پنهنجو اسٽاڪ تيستائين پاڻ وٽ رکي سگهندا هئا، جيستائين وري مارڪيٽ پاڻ پيرو نہ ٿئي. کين نقصان ۾ مال وڪڻڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي هئي. اڄ ائين ناهي. جيڪڏهن اڄڪلهہ مارڪيٽ ويهي ٿي وڃي تہ واپاري ٽوٽ ۾ مال نيڪال ڪرڻ لاءِ لاچار ٿي ٿا پون، ڇو تہ هو بئنڪن جو دٻاءُ ۽ وڌندڙ وياج جو ڌڪ سهي نٿا سگهن.

شروعاتي ڏينهن ۾ دبئي ۾ حالتون ٻيون هيون.

1950ع سن واري ڏهاڪي ۾ ۽ 1960ع جي ڪجھ عرصي دوران واپاري پنهنجي پئسي تي ڌنڌو ڪندا هئا. هو ورلي بئنڪن کان قرض وٺي ڪاروبار ۾ لڳائيندا هئا. جيڪڏهن هو چاهيندا بہ هئا تہ قرض ڪڍجي، تہ بہ بئنڪن جا قانون ايڏا تہ سخت هئا، جو کين مايوسي جو منهن ڏسڻو پوندو هو. ان وقت دبئي ۾ فقط هڪ بئنڪ هئي، جنهن جو نالو هو 'برٽش بئنڪ آف دي مڊل ايسٽ.' هيءَ ڪمزور بئنڪ صرف تڏهن ليٽر آف ڪريڊٽ (Letter of Credit) کوليندي هئي، جڏهن ان جي عيوض منجهس مناسب پئسا جمع ڪرايا ويندا هئا. اهو بلڪل ائين هو جڻ ماڻهو پنهنجي ئي پئسن سان پيو واپار ڪري. ڪيترائي ڪاروباري تہ مورڳو بئنڪ ۾ کاتو کولائڻ کان بہ پيا لهرائيندا هئا. چوندا هئا، "آخر بئنڪ ۾ پئسا رکڻ مان ڪهڙو؟ جيڪڏهن اسان پنهنجو ڌنڌو پاڻ هلائي ٿا سگهون تہ پوءِ اهو مٺي جو سور ڇو ڪڍجي؟"

ڪيترا مقامي واپاري تہ پنهنجا پئسا هندستاني بزنيس مين وٽ ڏراوت رکڻ وڌيڪ چڱو سمجهندا هئا. هو چوندا هئا تہ بئنڪ تہ ڏينهن ۾ ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ کلي ٿي، جڏهن تہ هندستاني ڌنڌوڙي چوويهہ ئي ڪلاڪ سڏ ۾ سڏ ڏيڻ لاءِ سولائي سان ملي سگهن ٿا. مقامي ماڻهو پنهنجي رکيل رقم تي وياج وٺڻ سئو نہ سمجهندا هئا، ان ڪري هنن لاءِ بئنڪ ۾ پئسا رکڻ جي ڪا گهٽي اهميت ڪانہ هئي. هنن جي راءِ

وري بہ ساڳي هئي تہ هندستاني شاهوڪار سنا بئنڪر آهن. مارڪيٽ ۾ گهٽي ياڳي لين دين ساک تي ٽيندي هئي. پئسن جو حساب ڪتاب چنچر ڏينهن چُڪتو ڪندا هئا. ان ڏينهن کي واپاري ٻولي ۾ ”شمبيدي“ چئبو هو جنهن جو مطلب هو پگهار جو ڏينهن. جيڪي ماڻهو مال خريد ڪندا هئا، سي چنچر جي ڏهاڙي پاڻ اچي مال جي ملهہ جي ڏهين پتي ڏئي ويندا هئا. اوڌر ڏهن هفتن يا ستر ڏينهن لاءِ هوندي هئي. اهو قانون سيني سان لاڳو هوندو هو ۽ سڀ جا سڀ ان اڻ لکيل قانون جي پوئواري ڪندا هئا. ڪي تمام ٿورا هوندا هئا جي وقت تي رقم پهچائي نہ سگهندا هئا. جڏهن اوڌر ڏئي پوري ڪبي هئي، تڏهن گهٽا ماڻهو تہ رسيد وٺڻ بہ ضروري نہ سمجهندا هئا.

ساک ۽ ڪاريٽ، اهي هئا بہ ٿنيا، جن تي ڪاروبار جي ڇت بيٺل هئي. واپاري، خاص ڪري ايراني، پنهنجو ليکو چوکو دماغ جي اسٽور ۾ سنڀالي رکندا هئا. مجال آهي جو ڪڏهن بہ سندن يادگيريءَ ۾ وهي کاتي ۾ ڪا ٽڪي پئسي جي گهٽ وڌائي ٿئي. جڏهن کان سخت مقابلي وارو واپار شروع ٿيو آهي، تڏهن کان اهو پراڻو وٽندڙ ۽ صحتمند وايومنڊل ڳوليو نٿو لڀي.

ساک ۽ ڪاريٽ، جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هڪدم ”حوالي“ جو نالو دل تي تري ٿو اچي، جيتوڻيڪ اهو ڪاروبار انڊيا ۾ غير قانوني هو پر هت ان تي ڪا بہ پابندي ڪانہ هئي، ڇو تہ هن ملڪ ۾ ڪرنسيءَ جي ڪاروبار تي ڪابہ جهل پل نہ هئي.

دبئي ۾ آيل ڪاروبار ۽ پئسي ڏوڪڙ جي طوفان جو فائدو وٺندي، ”حوالو“ هلائيندڙ هندستان جي سخت قانون ۽ سرڪاري ديگهہ پٽاڙ ۽ اجائي دير کان تنگ آيل وهنواري لاڏي کي سولائي سان ڪرنسي جي متاسنا جي سهوليت آڇيندي، خوب ڪمايون ڪيون. ٻاهران آيل ماڻهن کي گهر ڏانهن پئسا موڪلڻ لاءِ هنن حوالي جي صورت ۾ تڪڙو ۽ ڀروسي جهڙو طريقو ڏنو. بئنڪن جي ڀيٽ ۾ ”حوالو“ وڌيڪ ڪفايت وارو بہ هو. ماڻهن کي هيءُ ذريعو ان ڪري بہ وڌيڪ وڻيو جو ”حوالي“ وارن جون شاخون هر شهر تائين ڦهليل هيون ۽ ”حوالو“ هلائيندي پنهنجي محنت ڦڙتيءَ ۽ گهٽ اجوري سبب بئنڪن مٿان ڇانئجي ويا. ڪن حالتن ۾ تہ ”حوالي“ جو خرچ بئنڪن جي فيءَ کان اڌواڌ گهٽ تي ٿيو. ايتري ساري بچت ڀلا ڪنهن کي نہ وڻندي؟ گورنمينٽ جي غلط مالي پاليسين پڻ ”حوالي“ کي وڌي هٿي ڏني. حوالي جو اگهہ حالتن موجب گهٽبو ۽ وڌندو ٿي رهيو پر بئنڪن جا اگهہ هميشہ لاءِ هڪ جهڙا مقرر ٿيل هوندا هئا. ها، ڪرنسيءَ جي ريٽ تي جيڪڏهن ڪنهن جو ڪنٽرول هو تہ اهو هو آمريڪي ڊالر جو. منجهس لاهہ چاڙهہ ماڻهن جي موڪليل رقم تي اثر انداز ٿيندو هو ۽ بدقسمتيءَ سان دبئي جي ڪرنسي آمريڪي ڊالر سان لاڳاپيل هئي.

دبئيءَ مان هندستان يا ٻين ويجهڙن ملڪن ڏانهن اڪثر سامان موٽ روانگي (Re export)

سمجهي، ٻيڙين رستي يا مسافرن جي هٿان موڪليو ويندو هو. پر آمدنيءَ وارن ننڍي ڪنڊ جي ملڪن ۾ ان کي ”سمگلنگ“ چيو ويندو هو. اهو ٻہ سمجهيو ويندو هو تہ اهو مال Under invoicing or Over invoicing (گهٽ يا وڌ مُلهہ ڄاڻائڻ) جي قلم هيٺ ٿي آيو. جيڪا هندستان روانگي واپار (Export) جي قانون جي ڀڃڪڙي هئي. اهي سڀ ڳالهيون ”حوالي“ جا ريٽ مقرر ڪرڻ ۾ سوچيون وينديون هيون. جيڪڏهن انڊيا ۾ رقم جام گڏ ٿي ويندي هئي ۽ ان کي ملڪ کان ٻاهر موڪلڻ جي ضرورت هوندي هئي تہ ”حوالي“ جو اگهہ هڪدم چڙهي ويندو هو ۽ ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ڏانهن رقم موڪلڻ ۾ وڌو فائدو نظر ايندو هو. ”حوالي“ جا اگهہ ننڍي ڪنڊ جي سياسي حالتن سبب پڻ تيزيءَ سان گهٽبا ۽ وڌندا رهندا هئا. جيڪڏهن هندستان ۾ ڪا سياسي هلچل يا ڪو هنگامو هوندو هو تہ اهي اگهہ چوٽ چڙهي ويندا هئا. مان هميشہ سوچيندو هوس تہ جيڪڏهن انڊيا چڪ ڏني تہ نزلو زڪام دبئي کي ٿيندو هو. ٻنهي ملڪن جي هڪ ٻئي سان ايتري قدر ويجهڙائي هئي ۽ ٻئي ملڪ هڪ ٻئي تي ايترو ڀاڙيندا هئا.

جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ويندي هئي تہ سڀ کان پهرين شڪار موٽ روانگي (Re_exports) واپار ٿيندو هو. ٻنهي ملڪن جي سرحدن تي چوڪسي وڌي ويندي هئي ۽ دبئيءَ کان ايندڙ ٻيڙين کي هميشہ اهو ڀؤ رهندو هو تہ رستي ۾ ڪٿي ڪا ڏر روڪي پڪڙي نہ وجهي. هتان جا واپاري انهن ڏينهن جو انتظار ڪندا هئا، جڏهن ٻنهي ملڪن ۾ صلح سانت هجي تہ جيئن هو پنهنجو واپار بنا خوف خطري جاري رکي سگهن.

يو.اي.اي، عام طور ۽ دبئي خاص طور، گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ پنهنجي ڪرنسي جا ايڪا (Units) بدلائيندي رهي آهي. شروعات ۾ هتي هندستاني نوٽ (الڳ رنگ سان) ملندا هئا، ان کان پوءِ آيو قطر_دبئي دينار. اهو دينار فقط دبئي ۾ هلندو هو. جڏهن تہ امارات جا ٻيا ملڪ بحرين جو دينار پنهنجي ڪرنسي طور هلائيندا هئا. اڄ ڪلهہ درهم هلي رهيو آهي. مارڪيٽ ۾ اهي تبديليون بنا ڪنهن هٻڪ جي قبول ڪيون ويون، ڇو تہ ماڻهن جو پنهنجي ملڪ جي مالي حالت تي ڪو شڪ شبهو ڪونہ هو. جڏهن يو . اي . اي پنهنجي ڪرنسي آمريڪا جي مالي سرشتي سان جوڙي ڇڏي، تڏهن تہ ويتر ماڻهن ۾ سلامتيءَ ۽ ويساهہ جو احساس وڌيو.

دبئي ۾ سڀ کان پهرين اسان جي ڪمپنيءَ، آءِ.ٽي.ايل، پئسن ڀيارڻ جي عيوض رسيد ڏيڻ جو رواج وڌو. اڳتي هلي جيئن واپار وڌيو ۽ گراهڪن جو تعداد بہ گهڻو ٿيو تہ ٻين ڪمپنين بہ اسان وانگر رسيدون جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪم وڌي وڃڻ سبب پراڻو سرشتو هاڻي ڏکيرڙو ٿي پيو هو ۽ رسيد ڏيڻ تمام ضروري هئي. آءِ.ٽي.ايل. جو اهو قدم نہ رڳو ساراهيو ويو پر هن دور کي ٿا ڏسون تہ لڳي ٿو تہ ائين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو بہ ڪونہ هو.

آءِ.ٽي.ايل. دبئي ۾ 1953ع ۾ ٿي ۽ پنهنجي ساڳئي نالي واريءَ ڪمپنيءَ انٽرنيشنل ٽريڊرز (ايسٽ آفريڪا لميٽيڊ)، جيڪا ڪينيا ۾ هئي، تنهن جي برانچ طور ڪم ڪرڻ لڳي. ان وقت دبئي برانچ کولڻ جو مقصد فقط اهو هو ته ڪمپني جو جيڪو مال سينگاپور ۾ واڌو پيو هو ان جو نيڪال ڪجي. دبئي ۾ پڪي آفيس کولڻ جو ڪو به ارادو ڪونه هو. ڪمپني وٽ ٽيڪسٽائيل جو تمام گهڻو بچيل اسٽاڪ پيو هو جنهن کي وڪڻڻ لاءِ ڪمپني ڏاڍي پريشان هئي. ڪيس دبئي ان ڪم لاءِ مناسب جڳهه لڳي، ان ڪري هڪ ننڍڙي برانچ هتي کولي وئي.

هن ڪمپني جي شروعات 1875ع ۾ ٿي، جڏهن انڊونيشيا ۾ ڪي.اي.جي. چوٽرمل اينڊ ڪمپني (KAJ Chotirmall and Company) قائم ڪئي وئي، جنهن گهڻي پاڻي ٽيڪسٽائيل ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انڊونيشيا جي چونڊ ان ڪري ڪئي وئي جو سنڌ ورڪين اتي اڳ ئي ٽيڪسٽائيل جي ڪاروبار لاءِ هڪ مارڪيٽ ناهي ورتو هو.

جنهن ماڻهوءَ کي دبئي ۾ ڪمپني جو اسٽاڪ وڪڻڻ لاءِ موڪليو ويو هو، تنهن جو نالو هو سترا مداس پاڳيا. جڏهن مال وڪامي ويو تڏهن پاڳيا کي اوڳڙ ڪرڻ لاءِ هڪ پروسي جهڙي شخص جي ضرورت پئي. سندس ملاقات مورج منگهناڻي سان ٿي، جيڪو ليکراج سنز جو اڳ ئي ملازم هو ۽ ٿوري وقت لاءِ اوڳڙ تي دبئي پهتو هو. ليکراج سنز جو ڪاروبار هندستان ۾ ڳسو پئي هليو. جڏهن پاڳيا ۽ منگهناڻي پاڻ ۾ مليا، تڏهن ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. پاڳيا کي هڪ ايماندار ۽ تجربيڪار ڪارندي جي گهرج هئي ۽ منگهناڻي کي نوڪري جي تلاش هئي. ٻنهي کي ڳالهه وڻي ۽ اهڙي طرح منگهناڻي آءِ.ٽي.ايل لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو.

جڏهن آئي . ٽي . ايل جا اسٽاڪ نيڪال ٿي چڪا ۽ رقم جي اوڳڙ پوري ٿي، تڏهن انٽراچوٽرمل ڪمبائينڊ گروپ (Intra Chotimall Combined Group) جو ڊائريڪٽر خوبچند ڏاسواڻي دبئيءَ آيو ۽ حڪم ڏنائين ته هتي ڪمپني جو ڪم هاڻي بند ڪيو وڃي. ڪنهن نه ڪنهن ريت منگهناڻيءَ ڏاسواڻيءَ کي راضي ڪري ورتو ته آفيس کي هڪدم بند ڪرڻ بدران سال کن جو ٽائيم وڌيڪ ڏنو وڃي. ڏاسواڻي انڪار ڪري ڪونه سگهيو ۽ ته منگهناڻي جيڪي شرط رکيا هئا، سي ڪافي وزندار هئا. مثال طور، جيڪڏهن آفيس پنهنجو خرچ پڪو لاهڻ جيترو ڪمائي ٿي ته پوءِ ڪيس ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي، جيڪڏهن ائين نه ٿئي ته پوءِ پلي آفيس کي بند ڪيو وڃي. اهو به فيصلو ٿيو ته جيڪڏهن آفيس پنهنجو خرچ ڪڍي نه سگهي ته پوءِ منگهناڻي پنهنجي پگهار تان هٿ ڪڍندو. ان وچ ۾ ڪمپنيءَ جو ڪاروبار هلي پيو ۽ ڪيس بند ڪرڻ جو فيصلو واپس ورتو ويو. ان ڪري، 1958ع ۾، اهو طئي ٿيو ته دبئي جو ڪم جاري رکيو ويندو پر هاڻي اها آفيس برانچ جي بجاءِ خود مختيار ٿي ڪم ڪندي. ان قسم جي رٿ

مقامي انتظاميا وٽ آئي تہ آفيس خود مختيار رهندي,پر محدود ذميداري (Limited Liability) سان هوندي.

وڏيون توڙي گهڻ قوميون ڪمپنيون پنهنجي بچاءَ واسطي گهٽ ذميواري جي راهہ وٺنديون آهن. ان سان پيو فائدو اهو بہ ٿيندو آهي تہ مقامي انتظاميا ڪي ستي بازي ۾ اجايا اسٽاڪ گڏ ڪرڻ کان باز رکجي تہ جيئن گهاٽي جو ڪو امڪان نہ رهي.

دبئي ۾ ڏنڊو ڪرڻ تمام سولو هو. اتي توهان کي ڪنهن تجارتي لائسنس وٺڻ جي بہ گهرج ڪونہ هئي. بس، ڪو دڪان مسواڙتي وٺي، پنهنجيءَ پسند جو ڪو نالو چونڊي، نالي وارو بورڊ دڪان تي هڻو ۽ ڪاروبار شروع ڪري ڏيو. اتي ڪنهن "محدود ذميواري" واري ڪمپني جي خواهش ڪرڻ ڪيترن ماڻهن کي پوڳ جهڙي لڳي.

مورج منگهناڻي، جيڪو هاٽي آءِ.ٽي.ايل. دبئي جي ڪم جو وڏو هو تنهن ڪمپنيءَ جي مرضي پٽاندر عيسيٰ صالح الفرغ سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو. عيسيٰ صالح ان وقت 'برٽش بئنڪ آف دي مڊل ايسٽ' ۾ ڪم ڪندو هو ۽ سندس عهدو ڪمرشل مئنيجر جو هو. الفرغ کي اها صلاح وٺي ۽ منگهناڻي مرحوم شيخ راشد سعيد المڪتوم وٽ ويو. شيخ راشد لاءِ مشهور هو تہ هو ترقي لاءِ ڏنل نين رٿن کي ڏاڍي ڏيان سان ٻڌندو هو. شيخ راشد هڪدم اسان جي ڪمپني لاءِ حڪم جاري ڪيو. ڪمپني جا مول ۽ متا (The Memorandum and Arcticles of Association) هڪ انگريز وڪيل بحرين ۾ تيار ڪيا ۽ اهڙي ريت انٽرنيشنل ٽريڊرز (مڊل ايسٽ) لميٽيڊ سڀ کان پهرين اجازت مليل ڪمپني ٿي، جنهن دبئي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. دستاويزن تي شيخ راشد پاڻ صحيح ڪئي.

ان کان پوءِ دبئي اليڪٽرسٽي ڪمپني لميٽيڊ. نيشنل بئنڪ آف دبئي لميٽيڊ ۽ دبئي ٽيليفون ڪمپني لميٽيڊ پڻ ساڳيءَ طرح شاهي فرمان وسيلي قائم ٿيون ۽ ڪاغذن تيار ڪرڻ وقت منجهن اسان جي ڪمپني جي مول متن The Memorandum and Articles of Association جو حوالو ڏنو ويو. هڪ طرح سان "فرمان" واري ڪلچر جو سهرو عيسيٰ صالح الفرغ جي سر تي سونهين ٿو جيڪو پوءِ انگلنڊ ۾ ايلچي مقرر ٿيو ۽ ان سان گڏ دبئي جي وڏن ڪاروباري ماڻهن ۾ پڻ ڳڻجڻ لڳو.

شروع ۾ اسان جي محدود ذميواري واري ڪمپني ٺهڻ تي ماڻهن جي راءِ گڏيل سڏيل هئي. ٻاهران آيل بزنيس مين تہ ٺوڪ ۾ اسان جي ڪيل وڏن فيصلن کي محدود ذميواري وارو فيصلو چئي اسان تي کلندا هئا.

اسان جي ڪمپني ۾، هڪ سسٽم هيٺ، جڏهن مئنيجر موڪل تي ويندو هو تہ سندس جاءِ تي هڪ

عارضي مئنيجر مقرر ڪيو ويندو هو. انڪري جڏهن منگهناڻي وئڪيشن تي ويو ته سندس جاءِ تي لڇمڻداس پنجابي اچي سهڙيو. پنجابي ان کان اڳ جپان ۾ڪافي تجربو حاصل ڪري چڪو هو جتي گوئا جي ڪنهن ڪمپني طرفان هو پرچيز آفيسر طور ڪم ڪري چڪو هو. جپاني ٻولي ڏاڍي رواني سان ڳالهائيندو هو ۽ ڏاڍو پلو ماڻهو هو. مونکي هن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ مزو ته آيو پر گڏوگڏ ڪائنس گهڻوڪجهه پرائڻ جو به موقعو مليم. هن پنهنجا اختيار مونکي ورهائي ڏنا ۽ مونکي واپاري رازن ۽ رمزن سکڻ ۽ سمجهڻ جا پڻ موقعا ڏنائين. هن مونکي پيئڻ پڻ سيکاريو. بيئر پيئڻ جو آرٽ مون ڪائنس ئي سکيو. الڪوهل جي اها پهرين سرڪي هئي جا مون زندگي ۾ ان کان اڳ ڪڏهن ڪونه پري هئي.

منگهن مل اُڏارام، جنهن کي عام طور ايم اُڏارام سڏيندا هئا، سوانترا_چوٽرمل گڏيل گروپ جو چيئرمن هو. هو اُونهي سوچ رکندڙ انسان هو ۽ هن جا مون تي ذاتي طور وڏا وڙڪيل آهن. مون ٿوري گهڻي جيڪا به ترقي ڪئي آهي، ان ۾ سندس ڏنل سکيا جو وڏو هٿ آهي. انترا (Intra) جي ٿهڻ کان اڳ، هو چوٽرمل گروپ جو سربراهه هو. اهو هڪ خالص پرائيويٽ گروپ هو جنهن جو تڪاٽو انڊيا ۾ هو ۽ فئملي آرگنائيزيشن جي حيثيت رکندو هو. 1951ع ڌاري، سنڌورڪي سسٽم ۾ هڪ نئين باب جو واڌارو ٿيو. جڏهن چوٽرمل گروپ جي مالڪن کي سندن انتظامي ٽيم ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته ڪين ڪجهه وڌيڪ مالي اختيار ڏنا وڃن ته جيئن هو گروپ کي وڌيڪ ڪاروباري بنائي سگهن ۽ سندس ڪم جي دائري کي پرڏيهه تائين ڦهلائي وڃن. پنجاهه سال اڳ ان قسم جو قدم ۽ سو به ڪنهن سنڌي ڪمپنيءَ جي طرفان،ان کان اڳ نه ڪنهن ٻڌو هو نه سٽيو هو.

اها ڪوشش ڪامياب وئي ۽ نتيجي ۾ انترا چوٽرمل جوائنٽ وينچر وجود ۾ آيو. اڏارام گڏيل ڪمپني جو چيف بنيو. اڏارام کي پڪ هئي ته ائين ڪرڻ سان ڊائريڪٽرن ۾ سلامتي جو احساس پختو ٿيندو ۽ ان کان سواءِ ايماندار ملازمن کي سندن ڪم جي عيوض انعام پڻ ملندو. اهو خاص طور تي ٻڌايو ويو ته آئندي انترا (Intra) پنهنجا نوان دڪان صرف اولهه ۾ ئي کوليندو.

نئين ڪمپنيءِ جي کلڻ سان سنڌي فرمن ۾ جڻ ته هڪ نئون مثال قائم ٿي ويو.مالڪن ۽ ڊائريڪٽرن جي وچ ۾ برابري ۽هڪ جهڙائيءَ جو احساس جاڳي اُٿيو. جڏهن ڊائريڪٽرن اهو محسوس ڪيو ته هاڻي سندن ڀاڱ ڪمپني جي ڪاميابي سان واڳيل آهي، تڏهن هنن پڻ پنهنجيءَ پر ۾ڪمپني جي ڀلي خاطر هٿ پير هڻڻ شروع ڪري ڏنا. ايم اڏارام ۽ ڪي ايل ڏاسواڻيءَ کان سواءِ گوپال داس بي محبوباڻي، هاسارام بالاڻي، رام چند ايل ڏاسواڻي ۽ ٻيا ڊائريڪٽر هئا. هو نئين ڪمپني جا شيئر هولڊر پڻ هئا.

منهنجا ڀلا ڀاڳ جو مونکي اُڏارام جي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو ۽ مون ڪائنس ڪي قيمتي سبق پڻ

سڪيا. مون کي ساڻس ٿيل 1960ع واري پهرين ملاقات اڃا تائين چٽي طرح ياد آهي. مونکي چيو هئائين تہ پگهار وڌائڻ بدران نفعي ۾ ڀائيوار ٿيڻ قبول ڪريان. پهرين تہ مان ٿورو گهٻرايس. هن جي صلاح ۾ وڏو جوکو ڪٽڻو پئي پيم. پگهار ۾ تہ هر مهيني مقرر ٿيل رقم ملندي هئي، پر نفعي ۾ ڀائيواري رچ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هئي. ڇا بہ هجي، اها هڪ للڪار هئي. جيڪڏهن ڪمپني کي فائدو پئي ٿيو تہ مونکي بہ ان مان لاڀ ٿي ٿيو. وڏي ڳالهہ اها تہ اهو نفعو مون کي ڪنهن بہ سيڙپ کان سواءِ ٿي ٿيو. مونکي ڄاڻ هئي تہ ان ڪم ۾ سخت محنت درڪار هئي ۽ منهنجي پورهئي سان ڪمايل منافعي ۾ ڪمپني سان گڏ منهنجا ساٿي بہ شريڪ ٿيندا. اهوتہ ٿيو ڪهاڻيءَ جو هڪ پاسو. ٻئي طرف مان سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل هڪ نالي واريءَ ڪمپني ۾ ڀائيوار پئي ٿيس.

مون ان صلاح تي چڱو ويچار ڪيو. فائدا ۽ نقصان جاچي ڏٺم ۽ پوءِ آخرڪار اڏارام جي ڏنل رٿ منظور ڪري ڇڏيم. هاڻي جڏهن ان ڳالهہ تي سوچيان ٿو تہ لڳيم ٿو تہ اڏارام نفعي ۾ ڀائيوار بڻائڻ جي صلاح ڏيئي پنهنجي بهترين انتظامي قابليت ۽ ڏاهپ جي ثابتي ڏني هئي. ٿورڙي پگهار سان گڏ منافعي ۾ حصو ڏيڻ سان هن مقرر ٿيل خرچ هيٺينءَ حد تائين گهٽ پئي رکيا ۽ گڏوگڏ پنهنجي ڪمپني کي اجائي نقصان کان پڻ بچائڻ ٿي چاهيو.

اُڏارام اهو فيصلو بہ ڪيو تہ مکيہ ڊائريڪٽر جي ڪرسي، سندس لاڏاڻي ڪانپوءِ يا رٽائر ٿيڻ بعد، سندس ڪٽنب جي ڪنهن ڀاتيءَ يا ٻارن مان ڪنهن کي بہ ورثي ۾ نہ ملندي. صرف هڪ مرد ڀاتيءَ کي ڪمپني ۾ ملازم رکيو ويندو. ان لاءِ بہ اهوشرط هو تہ هو ننڍي پوزيشن کان ڪم شروع ڪندو ۽ آهستي آهستي مٿي چڙهندو ويندو. ائين ڪرڻ سان ڊائريڪٽرن جي ٻارن وچ ۾ ٿيندڙ جوندا پٽ کي ٻنجو ڏنو ويو.

اڏارام جي چوڻ تي مٿين خرچن کي حد اندر رکڻ لاءِ سنها سنها تفصيل گڏ ڪيا ويا. مثال طور، ڪنهن جو بہ ذاتي خط ڪمپني جي خرچ تي نٿي موڪلي سگهيا.

هڪ دفعي اڏارام گشت تي آيل هو. مونکي هڪ خط ڏنائين تہ وڃي پوسٽ آفيس ۾ ڏئي اچان. خط تہ مان پوسٽ ڪري آيس، پر مون ڪانئس ٽڪلين جا پئسا وٺڻ مناسب نہ سمجهيو. هن کي جڏهن ڳالهہ ياد آئي تہ مونکي زوريءَ پئسا ڏنائين ۽ چيائين تہ توکي پئسن ڏيڻ جا ٻہ سبب آهن: هڪ تہ اهو منهنجو ذاتي خط هو ان ڪري ڪمپني کي پئسا ڀرڻ نہ گهرجن. ۽ ٻيو تہ مان ڪانئس عمر ۾ ننڍو هوس، انڪري هن مونکي پنهنجي کيسي مان پئسا ڏيڻ نہ ڏنا.

هڪ ڀيري اسان ٻئي جپان ۾ گڏ هئاسين. ٻئي ڄڻا وار ڪٽائڻ لاءِ سئلون ۾ وياسين. مان پهرين واندو ٿيس ۽ پنهنجا توڙي اڏارام جا پئسا ڏئي ڇڏيم. جڏهن ڪيس ان ڳالهہ جي خبر پئي تڏهن سخت ڪاوڙيو

۽ مونکي ڏاڍا ڏڪا ڏنائين ۽ چيائين تہ هڪ بار وري ٿو چوانءِ تہ جڏهن پاڻ ۾ گڏ هجون تہ تون پئسا نہ ڏيندو ڪر. عهدي جي لحاظ کان هو مون کان تمام گهٽ مٿي هو پر انساني ناتي سان هو منهنجي بلڪل ويجهو هو.

1984ع ۾ آءِ. ٽي.ايل. دبئي کي هڪ انٽرنيشنل ايوارڊ مليو جنهن کي وٺڻ لاءِ مان سينگاپور ويس. اُڏارام بہ اتي پهتل هو. مون عرض ڪيو تہ اهو ايوارڊ توهان ڪمپنيءَ جي طرفان وصول ڪريو. پر هن ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ چو تہ آءِ.ٽي.ايل دبئي اهو ايوارڊ کٽيو آهي ۽ مان ايڏو دور کان ان کي وٺڻ لاءِ سينگاپور آيو آهيان، انڪري مونکي ئي ايوارڊ وٺڻ گهرجي. ڳالهہ تہ چڱي ڪيائين، پر منهنجي دل مڃي ئي نہ پئي. ان ڪري مانڙي ڪري وچي ايوارڊ ڏيندڙن کي چيم تہ جڏهن اسانجو وارو اچي تہ اڏارام جو نالو وٺي ڪيس نينڊ ڏجو تہ اچي ايوارڊ وٺي.

مهيني کن کانپوءِ هو گذاري ويو. اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ هئي تہ ايوارڊ وٺڻ وقت سندس جيڪو فوٽو ڪڍيو ويو هو سو ئي سندس آلبم ۾ سيني کان سٺو سمجهي، اخبارن ۾ سندس موت جي خبر سان گڏ ڇاپيو ويو. هو ان سال گذاري ويو جڏهن منهنجي ماءُ لاڏاڻو ڪيو. منهنجي لاءِ اهو ٻيٽو ڏک هو. اُڏارام جيڪي اصول پنهنجي جيئري جوڙيا، سي اڄ بہ ڪمپني ۾ رائج آهن. مٿين خرچن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ پائيواري سرشتي کي همٿائڻ وارا قانون ايترا تہ فائدي وارا ثابت ٿيا جو 25 کان مٿي ملازم هاڻي بہ آءِ.ٽي.ايل. دبئيءَ ۾ منافعي ۾ پائيواري واري شرط تي ڪم ڪن ٿا.

1950ع ۽ 1960ع وارن ڏهاڪن ۾ سيني کان وڌيڪ ايران جي مالي حالت سٺي هئي. ان ڪري دبئي مارڪيٽ جي لاءِ اها فطري ڳالهہ هئي تہ هو پنهنجي بنيادي سکيا ايران کان وٺي، جيڪو گلف جي ٻئي ڪناري تي هو. ڪي تاريخي سبب بہ هئا، جن جي ڪري ايراني واپارين جي دبئي مارڪيٽ مٿان سرسي هئي. 1900ع ڌاري ايراني واپارين جي هڪ وڏي تعداد کي ’لنگهي‘ مان زوريءَ ڪڍيو ويو هو. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن لنگهي بندر جي واپاري ڪارگذاري پنتي پئجي وئي هئي ۽ سندس جهاز رانيءَ توڙي سوداگريءَ کي ڪاپاري ڏڪ رسيو هو.

ايران ڏانهن وڪر ٻيڙين وسيلي نيو ويندو هو. ان ۾ کاڌ خوراڪ، ڪپڙو لتو ۽ ٻيون ضروري شيون شامل هيون. اليڪٽرانڪ شيون اڃا مارڪيٽ ۾ نہ آيون هيون. ڪپڙي جو ڪاروبار زور تي هو 1950ع جي ڏهاڪي ۾ ٽيڪسٽائيل گهڻو ڪري انڊيا يا جپان مان ايندو هو. هندستان جي ڪاٽن وائل جي تمام گهڻي گهُر هئي، خاص طور مشهور برانڊ جي ڪپڙن جي، جن ۾ ڪٽائو سريرام ملز ۽ سري نواس ملزم جا نالا مشهور هئا. ايران جي سخت گرمي واريءَ موسم ۾ ڪاٽن وائل جو ڪپڙو ڏاڍو فرحت ڏيندڙ هو ۽ ماڻهو وڏي شوق سان پائيندا هئا. ڪاٽن مل (Cotton Mill) نمبر 8181، جيڪو جپان جي نچيبو

(Nichibo) ڪمپني ٺاهيندي هئي ۽ عام ماڻهو ڪيس ساسوني سڏيندا هئا، سو پڻ ڏاڍو گهڻو وڪامندو هو.

ڪاٽن لنو وري حج جي سيزن ۾ تمام گهڻو وڪامندو هو. انهن ڏينهن ۾ حاجين ۾ اهو رواج هو تہ هو پاڻ سان گڏ ڪپڙي تڪر ساڻ کڻي ويندا هئا، جنهن کي زم زم جي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي موٽائي کڻي ايندا هئا. جڏهن بہ ڪو ڪتنب ۾ گذاري ويندو هو تہ ان ڪپڙي جو کيس ڪفن پارائيندا هئا. ڪفن جي لاءِ جيڪو ڪپڙو وڌيڪ پسند ڪيو ويندو هو سو جپان جي جاتل سجاتل مشهور ملن ۾ تيار ٿيندو هو. انهن مان هڪ مل جيڪا وڌيڪ نالي واري هئي، تنهنجو نالو هو نشينبو (Nishinbo)، ٽري پيچز نمبر 10000 ۽ ٽويوبو فلائنگ ڊريگن نمبر 16000. لٺي کي پردن وغيره جي لاءِ لائيننگ طور بہ ڪم آندو ويندو هو.

ريان پڻ ڪپڙي توڙي ڌاڳي جي صورت ۾ ايران گهڻي ويندي هئي. چوندا هئا تہ اهو ڪپڙو ڏاڍو نرم ٿئي ٿو ان ڪري ماڻهن کي وڻي ٿو. مونکي ياد آهي تہ ٽوري (Toray) ڪمپني جي ايگل بيل ململ نمبر 9 ۽ ڪانيبو (Kanebo) ڪمپني جي چيري بيل ململ نمبر 9 ڏاڍيون مقبول هيون.

ايران سان ٽئڪسٽائيل جو واپار دلال جي ذريعي ٿيندو هو جن ۾ گهڻائي ايرانين ۽ هندستانين جي هئي. اهي ٺي مارڪيٽ جي سُڌ ٻُڌ رکندا هئا ۽ اگهہ پار ٻڌائيندا هئا. ان زماني ۾ حال احوال ۽ خبر چار جا تڪڙا وسيلا اڃا ايجاد ڪونہ ٿيا هئا. نہ فون هئي، نہ روزاني اخبار ۽ نہ وري ٽيليويزن. وڏ ۾ وڏ تار وسيلي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهبو هو.

ٽئڪسٽائيل جي قيمت هڪ ڪري ڪانہ هوندي هئي. پئي لهندي چڙهندي هئي. اگهہ جو دارومدار هوندو هو فصل جي صورتحال تي. فصل پلو ٿيو يا ڍلو مارڪيٽ تيز آهي يا مندو ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا ئي اهڙا سوال ۽ انهن جا جواب ٽيڪسٽائيل جي اگهہ جو فيصلو ڪندا هئا. ان ڪري هن مارڪيٽ تي رقم لڳائڻ ستي کيڏڻ جي برابر سمجهي ويندي هئي. خاص طور تي، جڏهن هِتان جي خبر هُتي وقت سِر نہ پهچي تہ پوءِ ڏينگوئي ڏيري.

اسان کي جپان کان هر روز تار رستي اگهہ ملندا هئا. هڪ برطانيا جي ڪمپني ڪيبل ائنڊ وائرليس (Cable and Wireless) جي نالي سان هوندي هئي. جيڪا تار پهچائڻ جو ڪم ڪندي هئي.ان ڪمپني جون بہ آفيسون هيون. هڪ ديرا ۾ ۽ ٻي دبئي ۾. جيئن ئي ڪنهن جي ڪا تار يا ڪيبل ايندي هئي تہ ڪمپني جا ماڻهو اها جلد کان جلد اچي پهتي ڪري ڏئي ويندا هئا. صبح جو 8 بجي پهريون ڦيرو ڪندا هئا ۽ شام جو 5 بجي آخري.

جپان جا اگهہ دلالن کي ٻڌايا ويندا هئا ۽ اهي وري مارڪيٽ ۾ وڃي انهن اگهن جا آرڊر بُڪ ڪندا

هئا.ڪي دلال ڪنهن خاص پلاوٽي لاءِ ڪم ڪندا هئا ۽ ٻيا وري سيني جي لاءِ بزنيس هٿ ڪندا هئا. ظاهر آهي تہ جيڪا ڪمپني سٺا اگهہ آڇيندي هئي، سا ئي بزنيس حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي هئي. دلچسپ ڳالهہ اها هئي تہ مقابلو ڪندڙ ڪمپنين جي اگهن ۾ ڪو خاص تفاوت ڪونہ هوندو هو. انهن جا اگهہ 0.01 سيڪڙو کان 0.1 سيڪڙو جي وچ ۾ ئي رهندا هئا.

دلال آرڊر بڪ ڪرڻ سان گڏ سيلسمئن جيان مال وڪڻڻ ۾ مدد بہ ڪندا هئا. پلاوٽا دلاليءَ جي لاءِ 100 روپين تي پنج آنا ڏيندا هئا. جيڪو وڃي 0.3125 سيڪڙو ٻيهندو هو. مقامي مارڪيٽ ۾ مال وڪڻڻ جي دلالي بہ ساڳئي ئي هوندي هئي. پر ان ۾ مال وڪڻندڙ ۽ خرچ ڪندڙ برابر جا حصيدار هوندا هئا. ان وقت جا مشهور دلال هئا: ٻوني مل، گورڌن ادناڻي، هاسانند لکياڻي، هوندل داس ادناڻي، خوشال گانڌي، محمد احمد ڪئپيٽل، نارائڻداس لکياڻي، رئيس احمد خان، روچي رام چمناڻي، سگنومل منواڻي، تولارام ليلوا، واشديو ياٽيا ۽ واڌورام نپينداس. چيلارام سجناڻي بہ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وڃي دلال ٿيو.

سڄو ڏينهن مارڪيٽ ۾ آرڊر وٺڻ کان پوءِ دلال وڃي ڪمپني کي شام جو سڄي ڏينهن جو حال احوال ڏيندا هئا. سيني جو آرڊر ملائي جوڙ ڪري، جپان جي سپلائر کي اماڻيو ويندو هو ۽ ڪيس چٽبو هو تہ مليل آرڊر جي جوابي پڪ ڏئي. مال جي پهچڻ ۾ پنجن مهينن کان وڌيڪ وقت لڳي ويندو هو. چو تہ جپان کان دبئي تائين ڪابہ جهازران ڪمپني سڌا جهاز نہ هلائيندي هئي. مال روانو ڪندڙ ڪمپني سامان بمبئي موڪليندي هئي، جتي ان کي لاهي گدام ۾ رکي چڙهيندا هئا.جيسين وري گلف واري رستي تي هلندڙ ڪو جهاز ملي يا ان جهاز ۾ ايتري جڳهہ هجي، اهو مال مهينن جا مهينا نہ تہ بہ هفتا ضرور پيو هوندو هو. اڳتي هلي جپان کان سڌا جهاز دبئي ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. اهڙي طرح وقت جو گهڻو بچاءُ ٿي پيو.

هتي پلاوٽن (Indentors) جي ڪم جي باري ۾ ٿورو تفصيل ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. انهن ڏينهن ۾ سندن ڪم ڏاڍو اهم هوندو هو چو تہ هو خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ جي وچ ۾ پُل جو ڪم ڪندا هئا. هو خريدار جي طرفان سپلائر کي مال جو آرڊر ڏيندا هئا. تمام ٿورا خريدار سپلائر سان سنئون سڌو لهہ وچڙ ۾ ايندا هئا، نہ تہ ان قسم جو سمورو ڪم انڊينٽر ئي ڪندا هئا. ان جا بہ سبب هئا. هڪ تہ خريدار يا امپورٽر وٽ اهي سهولتون ڪونہ هونديون هيون، جيڪي اُن ڪم لاءِ ضروري هيون. ٻيو تہ خود سپلائر پڻ چاهيندا هئا تہ وچ ۾ ڪو ٽيون ماڻهو ضرور هجي. سندن خيال ۾ ائين ڪرڻ سان بچت ٿيندي هئي.

ٽيليفون ڪونہ هوندا هئا ۽ جيئن مون اڳ چيو آهي، هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جو فقط هڪ ئي ذريعو هو. اهو هو ٽيليگرام يا تار. لکاپڙهي يا ٽائيپ ڪرڻ جا ماهر بہ هروڀرو ايترا ڪونہ هئا.

ڪي واپاري جيڪي بزنيس جي دنيا ۾ اڄ ڪلهہ وڏيون هستيون ليکيا ٿا وڃن، سي ٻين وٽ ڪم ڪندڙ ٽائيپسٽن کان پاڻ وٽ پارٽ ٽائيم ڪم ڪرائيندا هئا. ڪن بئنڪن جا سينئر آفيسر، جن کي

چڱي موچاري پگھار ملندي هئي، سي به شام جو واندا ويھڻ بجاءِ ڪنھن نه ڪنھن ڪمپني ۾ پارٽ ٽائيم ٽائيپسٽ جو ڪم ڪندا هئا. اهو ڪم کين 40 روپيا ڪن ماهوار آمدني ڏياريندو هو. انھن ڏينھن ۾ 40 روپيا ڪا گھٽ رقم ڪانه هوندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن امپورٽر انڊينٽر تي ايل سي (Letter of Credit) جو فارم ڀرڻ لاءِ به پاڙيندا هئا. ڪن حالتن ۾ ته خريدار پاڻ انڊينٽنگ شيٽ کڻي بئنڪ وارن ڏانھن ويندا هئا ۽ کين وينتي ڪندا هئا ته هو کين ايل سي (Letter of Credit) ٽائيپ ڪري ڏين. امپورٽر ڇڙو فارم تي صحيح ڪري ڇڏيندا هئا، باقي ڪم وچ وارا ماڻھو ڪندا هئا.

انڊينٽر جي ڪمائي ڪميشن منجھان ٿيندي هئي. اها ڪميشن کين مال ڏاهيندڙ ڪمپنيون يا سپلائر ڏيندا هئا. شروع ۾ ڪميشن هڪ سيڪڙو هئي، جنھن مان 0.3125 سيڪڙو دلال کي ملندي هئي، جو ته دلال ئي مارڪيٽ ۾ رُلي، واپارين کي مڃائي، آرڊر وٺندا هئا.اهڙي طرح انڊينٽنگ هائوس کي 0.6875 سيڪڙو بچت ٿيندي هئي. ايندڙ سالن ۾ ڪميشن هڪ سيڪڙو مان وڌي ٽي سيڪڙو تي. هاڻي جيڪڏهن انڊينٽنگ هائوس تي نظر وجھبي ته معلوم ٿيندو ته کين نه گھڻي پئسي سيڙائڻ جي ضرورت هئي ۽ نه وري گھڻي عملي جي. کين کپندي هئي هڪ ٽيبل ۽ ڪرسي ۽ هڪڙو اهڙو ماڻھو جيڪو چڱي طرح ٽائيپ ڪري سگھي. ان لحاظ کان سندن ڪمائي انھن ڏينھن جي حوالي سان چڱي موچاري چئبي. ڪي انڊينٽنگ هائوس ته ان ڪمائي مان وڌي وڏيون واپاري ڪمپنيون بنجي پيا.

خريدارن کي انڊينٽرن جي معرفت ڪم ڪرڻ ۾ هڪ ٻيو به فائدو هو. هو پنھنجي بزنس تي وڏيڪ ڌيان ڏئي سگھندا هئا ۽ هر شي سندن پوري ڪنٽرول ۾ به رهندي هئي، جو ته سپلائر ته پرڏيهي هئا، پر انڊينٽر ته سندن پنھنجي مارڪيٽ جا ماڻھو هئا.

ڀڃ ٽٽ يا نقصان ته واپار جو حصو آهي. ان حالت ۾ خريدار پنھنجو ڪليم انڊينٽر وٽ داخل ڪندو هو ته جيئن هو ڪوٽ جو پوراءُ ڪرائي ڏين. گھڻن موقعن تي ته انڊينٽر نقصان جي رقم پنھنجي کيسي مان ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ پيا سپلائر کان ڪليم وصول ڪندا هئا. مونکي اهڙو هڪڙو واقعو ياد ٿو اچي، جنھن جو واسطو اسان جي ڪمپني سان هو. ڪجھ واپارين گڏجي جپاني رومالن جو آرڊر اسان جي ڪمپني جي معرفت بڪ ڪرايو. جڏهن مال پھتو تڏهن امپورٽر اهو ڏسي وائڙا ٿي ويا ته رومالن جي جاءِ تي سپلائر ڪپڙي جا ٽڪڙا موڪليا هئا. نه انھن جون ڪناريون سبيل هيون ۽ نه انھن جي حاشين تي ڪي لائينون يا ڊزائينون ٺھيل هيون. اسان هڪدم مال موٽائي ورتو ۽ خريدار کي سندن رقم موٽائي ڏني.

جيئن مون اڳ چيو آهي، انھن ڏينھن ۾ واپار سڄو ساک ۽ ڀروسي تي هلندو هو. ماڻھن ۾ شرم ۽ حياءُ

هو اخلاق هو ذميداري هئي. جيڪڏهن ڪنهن واپاريءَ واعدو ڪيو ته چا بہ ٿي پوي، هو پنهنجي چئي تان ڪڏهن بہ نہ ڦرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آرڊر ڏيڻ کان پوءِ قيمتون تمام گهٽيون وڌي ويندي ون هيون يا صفا گهٽجي ويندي ون هيون، پر بئي ڌريون پنهنجي ويساهہ کي ڇيهو نہ پهچائيندي ون هيون. پل ته ڪين ائين ڪرڻ سان ڪيڏو بہ گهاٽو پوي. اسان پارا پلاوٽا بہ اها ڪوشش ڪندا هئا تہ مارڪيٽ لهي يا چڙهي، پر مال ڏٽين کي وقت سِر ضرور پهچي.

هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي.اها هيءَ تہ انهن ڏينهن ۾ ماڻهو نفعو گهڻو ڪونہ ڪندا هئا. بس، رڳو پنجن کان ڏهہ سيڪڙو جي وچ ۾ منافعو رکندا هئا. واپار جو مطلب گهر گهاٽ هلائڻ هوندو هو راتو رات لکاپتي ٿيڻ نہ هوندو هو. ان کان سواءِ بزنيس کي عام ماڻهن جي شيوا بہ سمجهيو ويندو هو.

1960ع ڌاري,جڏهن دبئي جي مالي سُکيائيءَ جا ڏينهن آيا ۽ هندستان توڙي پاڪستان کان ماڻهو دبئي ڏانهن ڪاهيندا پهتا, تڏهن ٽيڪسٽائيل جي ڌنڌي کي جڻ تہ نئين زندگي ملي وئي. هيءُ اهو وقت هو جڏهن مارڪيٽ ۾ پوليسٽر ڪپڙو نئون نئون اچڻ لڳو هو.پوليسٽر سوٽن جي ڪپڙي کي آمريڪا ۾ ڊيڪران (Dacron)، انگلنڊ ۽انڊيا ۾ ٽيريلين (Terylene)، جپان ۾ ٽيٽران (Tetoron) ۽ جرمني ۾ ٽرگال (Tegral) چوندا هئا. اهو ڪپڙو دبئي ۾ ڏاڍا ڏاڍا اچڻ لڳو. جيئن جيئن مارڪيٽ وڌيو تہ مارڪيٽ جو نقشو بہ بدلجڻ لڳو. مقابلو سخت ٿيندو ويو. چٽاپيٽي زور وٺندي وئي ۽ جيئن چٽاپيٽيءَ زور ورتو. تيئن دبئي پڻ بدلجڻ لڳي.

ڪپڙي جي مارڪيٽ ۾ تبديلي آئي، سا گهڻو ڪري، مقامي زائفن جي ڪري آئي. هنن ٻاهران ايندڙ ڪپڙن مان نوان فئشن ڪڍيا. ڪا خاص ڊزائين يا ڪو خاص ڪپڙو ڪين وٺيو ٿي تہ ٻين بہ انهن جو نقل ڪندي ساڳين ڪپڙن جو آرڊر ٿي ڏنو. ائين وئي ڳالهہ وڌندي.

آزاديءَ کان پوءِ هندستان جون انڊسٽريل پاليسيون ٽڙتڪڙ ۾ ناهيون ويون هيون. اهي آڏيون اُبتيون پاليسيون ۽ ڪنٽرولڊ ايڪانامي اڳتي هلي خود هندستان لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيون. ان وچ ۾ هندستان ۾ مڊل ڪلاس ماڻهن جو انگ وڌندو رهيو. سندس گهرجون بہ ان حساب سان وڌڻ لڳيون. خاص ڪري ڪپڙي ۽ ٻين ضروري شين جي گهرج ۾ ڏاڍو واڌارو ٿيو. دبئي ان کوٽ جو پورو پورو فائدو ورتو.

هندوستان ۾ ٺهيل شين جي ڪريل معيار ۽ غلط انڊسٽريل پاليسين سبب منع ڪيل سامان لڪ چوري انڊيا ۾ سمگل ٿيڻ لڳو يا پرڏيهہ ۾ رهندڙ هندستانين جي هٿان ملڪ ۾ اچڻ لڳو. دبئي جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي هئي جو ڪتان جو بہ مال دبئي منجهان پرپاسي وارن ملڪن ۾ موڪلڻ ڏاڍو سولو هو. اُن ڪري دبئي ننڍي ڪنڊ ۾ مال موڪلڻ جو ڳڙهہ بنجي پيو. خاص ڪري ڪپڙي جي واپارين تہ وڻ وڄائي ڇڏيا. ٽيڪسٽائيل جون ڪيتريون ئي شيون يا تہ سمگل ٿيڻ لڳيون يا دبئي ۾ رهندڙ

هندستانين توڙي پاڪستانين جي هٿان انهن ملڪن ۾ پهچڻ لڳيون.

آمريڪا ۾ ٺهندڙ بمبوشارڪ اسڪن (Bamboo Sharkskin) جو ڪپڙو ڏاڍو مقبول ٿيو. هيءُ ڪپڙو ريان فيبرڪ مان ٺهندو هو. پري کان سلڪ جهڙي ڏِک ڏيندو هو. ماڻهو شادين مرادين تي گهوٽ کي شارڪ اسڪن جو سوٽ پارائيندا هئا. چين جي فيو جي سلڪ، جنهن کي عام طور ڊبل گهوڙا بوسڪي سڏيندا هئا, سا بہ ڪڙتن لاءِ ڏاڍي پسند ڪئي ويندي هئي. هيءُ ڪپڙو سؤ سيڪڙو سلڪ مان ٺهيل هوندو هو ۽ مهانگو هئڻ ڪري صرف شاهوڪار ماڻهو خريدي سگهندا هئا.

اها مڃيل ڳالهہ آهي تہ جنهن بہ ملڪ پنهنجي انڊسٽري جي بچاءُ لاءِ ٻاهريون مال ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو تہ جيئن مقابلي جو امڪان ختم ٿئي ۽ جهڙو تهڙو پنهنجو مال وڪامي, ان ملڪ اندر نقلي مال ٺهڻ ضرور شروع ٿيندو ۽ ماڻهن کي سٺدن پئسن جي بدلي ۾ هلڪو مال ملندو. سرڪار جي ان پاليسي سبب ملڪ جي انڊسٽري کي ڀوتو ڀاري سو تہ ٺهيو مورڳو پرڏيهي مال جي سمگلنگ کي هٿي ملي ويندي. ظاهر آهي تہ هندستاني ماڻهن کي گهربو هو سٺو مال, جيڪو ملڪ ۾ ٺهي ئي ڪونہ, پوءِ ٻاهريون مال ڪچوريءَ نہ ايندو تہ ڇا ٿيندو؟

انهن ڏينهن ۾ ”فارين“ لفظ لاءِ ماڻهو ايترا تہ ديوانا هئا جو ”فارين“ جو نالو ٻڌندي ئي, پئسن جي پرواهہ ڪئي بغير, ڪٽي جهول پريندا هئا. ٻيون شيون تہ ڇڏيو معمولي چمپل جيڪي پلاسٽڪ جا چمڪٽا ۽ نرم هوندا هئا ۽ وِنائل (Vinyl) جهڙي سستي مٽيريل مان ٺهيل هوندا هئا, سي فقط ان ڪري هٿو هٿ کڄي ويندا هئا جو اهي جپان مان ايندا هئا. ماڻهو مٽن مائٽن کي سوکڙي طور اهي چمپل ۽ سليپر ڏياري موڪليندا هئا. ڪي تہ وري دبئي مان ايندڙن کي خريداريءَ جون جيڪي لسٽون ڏياري موڪليندا هئا,تن ۾ سڀ کان پهرين انهن سليپرن ۽ چمپلن جو نالو هوندو هو. هندستان اهڙيون سٺيون ۽ سستيون شيون ڪهڙي سبب جي ڪري نہ پيو ٺاهي سگهي, اُن تي اڄ بہ دل کولي ڳالهائي سگهجي ٿو.

هڪ بزنيس مئن جي حيثيت ۾ مون هندستان جي مالي پاليسين کي تمام گهريءَ نظر سان ڏٺو آهي, ڇو تہ ان ۾ ڪا بہ ڦير گهير دبئي جي مارڪيٽ تي اثر ڪري سگهي ٿي. جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي تہ هندستاني پنهنجي مارڪيٽ کي بچائڻ جي پاليسيءَ (Protect Market Policy) دبئي جي مارڪيٽ کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان دبئي ۾ رهندڙ هندستانين بہ ان پاليسيءَ مان فائدو ورتو پر اسان کي اها بہ خبر هئي تہ هندستان پنهنجو وقت ۽ وقت سان گڏ سٺا موقعا پڻ وڃائي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ اسان وڌيڪ سٺي نموني سان حالتن کي ڏسي سگهياسين ٿي, ڇو تہ اسان دبئي ۾ رهي دنيا جي وڏن ملڪن جي راند کي سمجهي سگهياسين ٿي. اسان اهو بہ ڏٺو پئي تہ ڪي ننڍڙا ملڪ پنهنجين درست پاليسين سبب ڪيئن نہ ڪامياب ٿي رهيا هئا. نهروءَ جنهن

جمهوري سوشلزم (Democratic Socialism) جي زوردار وڪالت پئي ڪئي، تنهن هندستاني بزنيس مئن مان سرمائيڪاري جي آتماءَ ئي ختم ڪري ڇڏي. هن دراصل سوويت آرٿڪتا جهڙو چمتڪار انڊيا ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. سوويت نموني جي رٿابندي ۾ پيداوار جا مکيه ذريعا سرڪار جي هٿ هيٺ هئا. نهرو روس جي ان پاليسي کي دنيا جي گڏيل نگاهه سان ڏسي جذبات جي ڌارا ۾ وهي ويو. ان ڪري نهروءَ روس جي انهن اُتانهين سوچن جي پٺڀرائي ڪئي، جن جي ڪري اهو ملڪ ڪامياب ويو هو. هن جي رٿابندي ڪندڙن به ائين ئي سوچيو. پر هنن کان اها ڳالهه وسري وئي ته هن ملڪ ۾ لکين ڪروڙين عام ماڻهو رهن ٿا، جن جي جيوت سڌارڻ لاءِ ڪي ننڍڙا عملي ڪم ڪرڻ سان وڏو فرق پوندو. آزادي کان پوءِ انڊيا جيڪو ڊيموڪريٽڪ سوشلزم جو نعرو ڏنو تنهن ۾ سادين سودين، معمولي ۽ ننڍڙين انساني گهرجن جي پورائي لاءِ ڪا به گنجائش ڪانه هئي.

نهروءَ جو خيال هو ته هندستان جي گهڻن مسئلن جو توڙ پبلڪ سيڪٽر وٽ هو. انهن ۾ بي روزگاري به شامل هئي. پرائيويٽ سيڪٽر کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو. پر اڳتي هلي پبلڪ (سرڪاري) سيڪٽر سفيد هاٿي ثابت ٿيو جنهن جو گذارو وري به جنتا جي خزاني تي هو.

ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ ائين هرگز ڪونه هو. 1960ع ڌاري ڪوريا جي حڪومت پرائيويٽ سيڪٽر کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي سستا قرض جاري ڪيا. هانگ ڪانگ جهڙي ننڍڙي ملڪ جي رانديڪن ۽ ٻين معمولي روزمره جي استعمال وارين شين جي ايڪسپورٽ مان آمدني هندستان جي سموري روانگي واپار کان وڌيڪ هئي.

ان جي مقابلي ۾ هندستان جو پرائيويٽ سيڪٽر جيڪو اڳ ئي گهڻن قائدن ۽ قانونن هيٺ دٻيل هو تنهن کي ڪڏهن به وڌڻ ويجهڻ جو موقعو نه مليو. هر طرح سان ڪيس نيست ۽ نابود ڪرڻ جا انسنا ڪيا ويا. مثال طور The Industiral Licensing Act of 1951 ۽ Industrial Policy Resolution of 1956، جيڪي هندستان ۾ انڊسٽري کي وڌائڻ ۽ همٿائڻ لاءِ جاري ڪيا ويا، سي نه رڳو التوا انڊسٽري لاءِ هاڃيڪار بنيا، پر پرجا جي حياتيءَ کي پورا 35 سال عذاب ۾ مبتلا ڪندا رهيا. آخرڪار 1991ع ۾ ماڻهن تڏهن سک جو ساهه کنيو جڏهن مارڪيٽ کي کليل ڇڏيو ويو.

ريگيوليٽري سسٽم، جنهن کي ”لائسنس راج“ سڏيندا هئا، تنهن هندستان مان چتاپيتي، سرمائيڪاري ۽ واڌاري کي پاڙئون پٽي ڪييو. ان مان رشوت خوري ايتري ته وڌي جو ملڪي سياست جي جسم ۾ ڪئنسر جيان ڦهلجي وئي. انهن ڏينهن ۾ سرڪاري ڪامورا نه رڳو پيداوار جي مقدار جو فيصلو پڻ ڪندا هئا، بلڪ شين جا اگهه به پاڻ ئي مقرر ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو ڪارخانيدار پنهنجي لائسنس ۾ ڏنل انگ کان وڌيڪ اُپت ڪندو هو ته کيس سزا ملندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن کي

پنهنجي ڏنڏي وڏائڻ جي گهرج پوندي هئي، تہ بہ ڪيس سرڪاري ڪامورن کان اجازت وٺڻي پوندي هئي. ان کان وڏيڪ ڪرپشن کي وڌائڻ لاءِ ٻيو ڇا گهرجي؟ برلا جهڙو ماڻهو جنهن کي پُٽ بہ هئيءَ پڇ بہ هئي، سو بہ مايوس ٿي پيو ۽ هندستان کان ٻاهر پنهنجو ڪاروبار لڳائڻ تي لاچار ٿيو. جڏهن هن جي پنهنجي ملڪ ڪيس بزنيس وڌائڻ جي موڪل نہ ڏني، تڏهن ٿائليند، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ فلپائين جهڙن دورانديش ملڪن ڪيس ٻئي ٻانهون کولي پنهنجن ملڪن ۾ پئسو لڳائڻ لاءِ پليڪار ڇئي. سنئين سڌي ڳالهہ آهي تہ سندن فائدو ۽ هندستان جو نقصان هو.

نهروءَ ڀاري انڊسٽريءَ تي زور ڏنو پر اهو نہ سوچيائين تہ ٿوري موڙي ۽ ننڍي جوکم واريءَ ڪنهن عام ضرورت جي انڊسٽري کي همٿائجي. اهڙيءَ انڊسٽريءَ ۾ رانديڪا، ڪپڙو ۽ ريڊيو وغيره نهي سگهيا ٿي ۽ چڱو ناٽو پڻ ملي سگهيو ٿي. ان سان گڏ هزارين بي روزگارن کي روزگار سان پڻ لڳائي پيو سگهجي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ جپان يا ايشين ٽائيگرز پنهنجي ڪامياب سفر جي شروعات هاءِ-ٽيڪ شين سان نہ بلڪ سادين سودين ۽ سستين عام رواجي استعمال جي شين سان ڪئي هئي.

نهروءَ اها بہ ڀل ڪئي جو هن ايڪسپورٽ کي وڌائڻ بجاءِ امپورٽ جي بدلي ۾ ملڪ ۾ اهي سامان تيار ڪرڻ جي پاليسي جوڙي.

هندستان ۾ هر ڳالهہ جي لاءِ اجازت وٺڻ ۽ قاعدن قانونن جي پنجوڙن ۾ ماڻهن کي ڦاسائڻ سبب ڪرپشن وڌي وئي ۽ ڪن ڌرين جي هڪ هٽي ٿي وئي. ڪن سرمائيڪارن جي لاءِ تہ اهي سڀ رڪاوٽون لاڀائيتون بہ ثابت ٿيون. هيءُ اهي ماڻهو هئا، جن تي سرڪار يا سرڪاري ڪامورا مهربان هئا. انهن پنهنجي لاءِ سرڪار ۾ جڳهہ ناهي ورتي هئي، ڇو تہ هو سرڪاري پارٽين کي دل کولي رقم ڏيندا هئا. هنن جي طاقت ايتري تہ وڌي وئي جو هو حڪومت جون پاليسيون پنهنجي مرضي موجب بدلائي سگهندا هئا. سندن اثر رسوخ کين پنهنجي ڪم جي ميدان ۾ کلي ڇٽي ڏئي ڇڏي ۽ هو بي تاج بادشاهہ بنجي ويهي رهيا.

جپان کي ٿي ڪٺي ڏسو. هندستان کان فقط بہ سال اڳ، 1945ع ۾ کيس آزادي ملي. جپان جي مقابلي ۾ هندستان جتي بيٺو آهي، ان مان ئي حساب لڳايو تہ اسان جي شروعاتي نيتائن (اڳواڻن) پنهنجن غلط پاليسين سبب کيس ڪيڏو نہ وڏو هاڃو رسايو آهي.

15 آگسٽ 1945ع تي، جڏهن جپان جنگ هارائي ۽ آڻ مڃي، تڏهن ماڻهن سُک جو ساهہ کنيو ڇو تہ جنگ جي بار سندن ڇيلهہ ڇبي ڪري ڇڏي هئي ۽ سندن مالي حالت تباهہ ۽ برباد ٿي چڪي هئي. انڊسٽريءَ جي اُپت ٻڙي هئي. بي روزگاري جو ڀوت هر گهر ۾ واسو ڪري چڪو هو. ماڻهو بکن ۾ ٻاهہ ٿي ٿيا. جنگ ڇا هارايائون، ماڻهن جو پاڻ مان ويساهہ ئي نڪري ويو.

پر جپانين پنهنجيءَ هار کي جيت ۾ بدلائي ڇڏيو. هنن ويچار ڪيو تہ هاڻي اسان کي پنهنجو ملڪ ٻيهر اڏڻو آهي. ملڪ ۾ جنتاراج ۽ پنهنجي ديس واسين جي عزت بحال ڪرڻي آهي. قبضو ڪندڙ آمريڪين سان گڏجي، جپانين پنهنجي مدي خارج سماجي ڍانچي کي ٻيهر جوڙيو. پنهنجن اسڪولن جي سسٽم کي سڌارياڻون تہ جيئن نئين پيڙهي سماج ۾ اڳتي وڌي ۽ پنهنجي جاءِ پيدا ڪري. انڊيا جي ابتڙ جپان جي بيوروڪريسي هاڪاري انداز اختيار ڪيو ۽ ماڻهن کي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ صحيح رستو ڏيکاريو. هنن ماڻهن جو اعتبار هٿ ڪرڻ لاءِ ڪين گهٽايو. جهڙي ريت جرمنيءَ ۾ ٿيو هو، اهڙي طرح جپان پڻ پنهنجي آرٿڪتا کي دنيا آڏو مڃائي ڏيکاريو.

اهڙا سماجي سڌارا هندستان ۾ آيا ئي ڪونہ. ان جي ابتڙ جي سچي ڳالهہ پڇو تہ انڊيا ۾ سڌارن آڻڻ لاءِ ڪا ڪوشش ئي ڪانہ ڪئي وئي. انڊيا پنهنجي مٿان لڳل بينڪي راج جي ڇاپ لاهي ئي نہ سگهيو. اڳتي ڪٿان وڌندو؟ جنهن زماني ۾ ڏور اوير جا ملڪ پاڻ کي ”ٽائيگر“ پيا سڏائين، انڊيا هاٿيءَ جو هاٿي ئي رهيو. ڀاري ڀرڪم هاٿي، جيڪو ڊُٺ هٺي پٽ تي ليٽيو ئي رهيو. اُٿڻ کان صفا نابري واري ويهي رهيو.

دکدائڪ ڳالهہ وري اها هئي تہ نئين انڊيا جا ڪارخانيدار پڻ پنهنجي اهميت کان اڻ واقف هئا. ڪين موقعا تہ گهڻا مليا، پر هنن انهن ڏي اک کڻي نهاريو بہ ڪونہ. هاڻي اهڙن ماڻهن کي ڇا چئجي جن جي پنهنجي اڱڻ ۾ گنگا وهي ۽ ڪين سُڌ ئي نہ هجي؟ ڳالهہ اها هئي تہ هندستان جي آزادي کان اڳ ئي هنن پنهنجي من ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ اسان کي جيسين حڪومت جي طرفان پڪ پڪاڻي نہ ٿيندي تہ توهان جي رقم توڙي ڏنڊي کي سرڪاري سرڪشا نہ ملندي، تيسين اسان ڪجهہ بہ ڪونہ ڪنداسين.

هندستان جي وڏن ڪارخانيدارن جي بمبئي ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ هو اُن ڪري گڏ ٿيا تہ انڊيا جي انڊسٽري لاءِ آئندي ڪهڙا قدم کڻجن جو دنيا سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلي سگهجي. اها گڏجاڻي 1944ع ۾ ٿي، جنهن ۾ ويچار ڪيو ويو تہ آزادي کان پوءِ انڊيا جي انڊسٽري جي باري ۾ ڪهڙي پاليسي هئڻ گهرجي. ان ميٽنگ ۾ جيڪو وهيو واپريو سوقصو ڏاڍو دلچسپ آهي.

هندستان جي تمام وڏن ڪارخانيدارن، جن ۾ جي آر.ڊي. ٽاٽا، جي.ڊي.برلا، لالاشري رام، ڪستور ڀائي لال ڀائي، پرشوتمداس ناڪرداس ۽ اي.ڊي. شرف شامل هئا، تن گڏجي ”بمبئي پلان“ ٺاهيو جنهن ۾ چيو ويو تہ هندستان ۾ تڪڙي ۽ پاڻ ڀري انڊسٽرلائيزيشن ٿيڻ تمام ضروري آهي. هنن اهو بہ چيو تہ پرڏيهي قرض کڻي ۽ ٻاهرين ٽيڪنالاجي وٺي ان ڪم کي هر قيمت تي توڙ پُچائجي. پر گڏوگڏ هنن جي راءِ هئي تہ ان سموري معاملي ۾ ڪين سرڪار جي سهمتي ۽ سرڪشا بہ گهرجي ۽ سا بہ سخت نظرداريءَ هيٺ. هنن گهر ڪئي تہ ڪن ميدانن ۾ پرڏيهين کي ناڻي جي سيڙپ ڪرڻ کان بنهہ روڪيو وڃي، جهڙوڪ انشوئرنس، بئنڪنگ، پاور ۽ هوائي سفر وغيره. هنن اها بہ گهر ڪئي تہ هلندڙ پرائيويٽ

سرمائيڪاري کي ختم ڪري سرڪاري هٿ هيٺ ڏيڻ گهرجي.

مٿيان مطالبا مڃائڻ واسطي هو خود پنهنجي آزادي کي گهٽائڻ لاءِ بہ تيار ٿي بيٺا. جن ڳالهين تان هو هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿيا, تن ۾ ڪليل امپورٽ ۽ پرائيويٽ سرمائيڪاريءَ جي آزادي بہ شامل هيون. هنن اسٽيٽ ڪنٽرول هيٺ اهم ميدانن ۾ ڪم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو تہ سهي, پر اهو ڪونہ ويچارياٺون تہ اڳتي هلي ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا. اهي ڳالهيون جيڪي پوءِ سندن ڳچيءَ ۾ پيون, تن ۾ اگهہ مقرر ڪرڻ, نفعي کي گهٽائڻ, پرڏيهي واپار تي ڪنٽرول ڪرڻ, پرڏيهي ڪرنسيءَ تي سختي ڪرڻ, لائنسنس ونڻ ۾ سرڪار جو دخل ۽ عام واهپي جي شين جي ورهاست شامل هيون, هنن اهڙو وايومنڊل جوڙيو جنهن ۾ سرڪاري ڪامورن جا اختيار چئن ئي ڏسائن ۾ ڦهلجي ويا. ان جي ابتڙ, ڏور اوير جي ملڪن آئيندي جي باري ۾ وڏي سوچ ويچار کان پوءِ درست فيصلا ڪيا. اهي ئي فيصلا سندن ڪم آيا ۽ کين زمين تان کڻي آسمان تائين پهچائي آيا.

اها آهي دبئي جي ڪهاڻي. انڊيا جي پاليسين جنتا کي هر طرح سِڪائي ڇڏيو ۽ انهن ئي پاليسين دبئي کي دبئي بنائي ڇڏيو. دبئي کي اڄ گهڻا ئي رستا موجود آهن. پر 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ دبئي کي ٺاهڻ ۾ انڊيا ۽ ايران وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو. مائي ڀاڳي جي مشهور گيت ”دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري“ جي سُر تي عام ماڻهو جهونگارڻ لڳا, ”دل دبئي دبئي پئي ڪري!“ دبئي کي ٻيو ڇا گهرجي؟

❋

## باب ٻارهون

# زمانو ڪيترو به بدلجي<br>حالتون ساڳيون ٿيون رهن

**سموري خريداري عدم اطمينان جي ٿي پيداوار هجي ٿي. نهايت غور ۽ فڪر جي باوجود به، ڪنهن به وکر جي خريداري نه ٿي ڪري سگهجي. جيستائين پهرين نظر ۾ خريدار ان ڪان عدم اطمينان جو شڪار نه ٿيو هجي.**

**وليم ايم. برين گيلسن**

منهنجي هميشه ڪان اها آس هئي ته مان جيڪر بزنيس مئن ٿيان.

مون کي پنهنجي پتا کان بزنيس ورثي ۾ نه مليو. ڪو ٻيو سولو رستو به نه هئم. جنهن سان بزنيس جمائي سگهان. ان هوندي به مان بزنيس جا خواب ڏسندو رهندو هوس. انهن شروعاتي ڏينهن ۾ مونکي پليءَ پت جاڻ هئي ته ان خواب کي ساپيا ڪرڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. بزنيس جو سوداءُ ان ڪري هئم جو بزنيس منهنجي خون ۾ شامل هو. منهنجي نس نس، رڳ رڳ، ساهه پساهه ۾ بزنيس رچيل هو.

منهنجو سرڳواسي پتا، جيوترام بخشاڻيءَ جو واسطو بزنيس سان هو. اهڙي طرح منهنجي ڪٽنب جا ٻيا مرد پڻ بزنيس سان واڳيل هئا. منهنجي پتا ڪيترا سال جبرالٽر ۽ موراڪو ۾ ايم ڏيئلداس سان ڪم ڪيو. اها ڪمپني جڳ مشهور ڀائي پرتاب جي هئي، جنهن گجرات ۾ گانڌي ڌام جو ننڍڙو شهر اڏيو. گانڌي ڌام انهن ٻي گهر ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو هو جيڪي ورهاڱي وقت سرحد جي هُن پار کان آيا هئا.

انهن شروعاتي ڏينهن ۾ مونکي ائين لڳندو هو جڻ دبئي جي وايومنڊل ۾ منهنجا گونگا خواب دٻجي مري ويندا. ان هوندي به اميد جو ڪو ڪرڻو مونکي هر هر ياد ڏياريندو رهندو هو ته مارڪيٽ ۾ همٿ پرين سڄاڻ ماڻهن جي لاءِ موقعي جي ڪوٽ ناهي.

جيئن مان اڳ ۾ چئي آيو آهيان، مارڪيٽ تي وچئين ماڻهوءَ (Middleman)، جن کي دلال چيو ويندو هو جو راڄ هو. آرڊر بڪ ڪرڻ ۽ سامان وڪرو ڪرڻ ۾ هنن جو وڏو هٿ هو. واپاريءَ جو مال وڪرو ڪرڻ سان تمام معمولي واسطو هو. سندن ملازم گهڻو ڪري ڪلارڪ هوندا هئا يا آفيس جو ٻيو

ڪم ڪار ڪندا هئا. مونکي ان قسم جي ڪم ڪندي ڪڏهن به خوشي نه ٿي. مونکي هميشه ائين لڳندو هو ته منهنجي آفيس ۾ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي، جيڪو ڪيو نٿو وڃي. جيڪڏهن ڪوتاهي هئي ته رڳو دلچسپي وٺڻ جي، پهريون قدم کڻڻ جي، اڳتي وڌي ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي. دل ستون ڪائيندي هيم ته جيڪر مارڪيٽ وڃان، ماڻهن سان ملان، مال وڪرو ڪريان. ڪجهه ڪريان. ڪجهه ڪري ڏيکاريان.

منهنجو ساٿي، چيلارام سجناڻي، جيڪو اڪائونٽنٽ هو سو منهنجي اُڏمن سان سهمت نه هو. هن مونکي ڪڏهن پلجي به مارڪيٽنگ لاءِ نه همٿايو. شايد هن جو خيال هو ته مون کي اجايون سجايون ڳالهيون ڇڏي سمورو ڌيان پنهنجي ڪم تي ڏيڻ گهرجي. پر منهنجي اندر ۾ وينل جاکوڙي واپاري ڪڏهن به سک جي ننڊ نه سمهيو.

ڪمپنيءَ ڏانهن ڪيترين ئي نين شين جا سئمپل ايندا رهندا هئا، جيڪي سجناڻيءَ جي سنڀال هيٺ رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو اهي سئمپل آفيس ۾ ايندڙ گراهڪن کي ڏيکاريندو هو يا وري جڏهن ڪيس ٽائيم ملندو هو ته پاڻ سان کڻي وڃي ٻين کي ڏيکاريندو هو. مونکي ائين لڳندو هو ڄڻ هو رڳو ميار پيو لاهي. هن ۾ اهو جوش ڪونه هو جيڪو اهڙين ڳالهين لاءِ هئڻ کپي. ان ڪري مون پنهنجيءَ دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته پل ته مونکي آفيس بند ٿيڻ کان پوءِ به چار ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوي، پر مان ضرور انهن شين کي مارڪيٽ ۾ مڃائڻ جي ڪوشش ڪندس سوچي مون آفيس مان وقت ڪيدي مارڪيٽ ۾ وڃي واپارين وڏن سان ملڻ شروع ڪيو ۽ ڪين سئمپل ڏيکاري ڪانئن آرڊر وٺڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳس. ان پيچ ڊڪ ۾ آفيس جو جيڪو ٽائيم ڪوتي ٿيندو هو ان جي پورائي لاءِ يا ته صبح جو سوير ٻين کان اڳ اچي پورو ڪندو هوس، يا وري آفيس ختم ٿيڻ کان پوءِ به چار ڪلاڪ ترسي پوندو هوس. مونکي ياد آهي ته رات جو دير تائين گئس بتي (گولي) جي روشني ۾ اڪثر پنهنجو ڪم ڪندو رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ته اڌ اڌ رات کان پوءِ به ويٺو رهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ بجلي ڪانه هوندي هئي ۽ جنريٽر صرف آفيس ٽائيم تائين هلندو هو.

ان کي منهنجا ڀاڳ چئو جو مون پهرينءَ ئي ڪوشش ۾ آرڊر بڪ ڪري ورتو. مان سئمپل کڻي 'موسيٰ جي ڪريم' جي نالي هڪ سنڌي ميمڻ وٽ ويس، جيڪو ديري ۾ دڪان هلائيندو هو. چينيءَ جو هڪڙو سگريٽ سيٽ هو جنهن ۾ ايش ٽري به هئي، سگريٽ ڪيس به هو ۽ لائيٽر به هو سو ڏيکاريو مانس، سمجهايو مانس ۽ آخر ۾ پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۽ دليلن وسيلي خريد ڪرڻ تي راضي ڪيومانس. هن هڪدم 125 ڊالرن جو آرڊر بڪ ڪرايو. اهو منهنجي زندگي جو پهريون واپار هو جيڪو مون پنهنجي سِر پاڻ ڪيو. ان کان پوءِ مون ڪڏهن به واپس مُڙي نه نهاريو. منهنجي دل ايتري ته وڌي ٿي وئي

جو مون اکثر مارکيٽ جا چڪر هڻڻ شروع ڪري ڏنا. منهنجي همٿ افزائي ٿي تہ مون سينئر بزنيس مئنن سان ملاقاتون وڌائي ڇڏيون. منهنجو وڏو قدبت مونکي ڏاڍو ڪم آيو. عمر تہ منهنجي اجا ويهن سالن کان بہ گهٽ هئي، پر پنهنجي وڏي ۽ ويڪري جسم سببان ايترو ننڍو ڪونہ لڳندو هوس. سچ تہ اهو آهي تہ مان وقت کان اڳ ئي بالغ ٿي ويو هئس.

جهونن ۽ آزمودگار واپارين سان اُٿ ويهہ سبب مون ۾ ڏنڊوڙين وارا سڀ گُڻ ايندا ويا. مون غير روايتي (Non Traditional) ۽ نين شين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. اهو ان ڪري تہ مارکيٽ ۾ هر وقت هر قسم جا دلال پيا ڦرندا هئا، پر هنن جو ڌيان هوندو هو ٽيڪسٽائيل ۽ عام واهپي جي شين تي. انهن کان نہ اڳتي ڇُرندا هئا ۽ نہ پنتي هٽندا هئا. هو بہ پنهنجيءَ پر ۾ درست هئا، ڇو تہ انهن شين ۾ وڏي ڪمائي هئي. ڪين ڪهڙو لاچار پيو هو جو نهيو نڪيو مارکيٽ ڇڏي اڻ آزمايل وکر تي ويهي نئين سر محنت ڪن؟

انهن پهرين ڏينهن ۾ ئي مون هڪ سٺو سبق پرايو، جيڪو اڄ تائين منهنجي ڪم آيو آهي. اهو هيءُ هو تہ گراهڪ آڏو ڪڏهن بہ پاڻ کي وکرو ڪندڙ ظاهر نہ ڪجي. مٿس اهو اثر وهارجي تہ مان تنهنجو صلاحڪار آهيان. هن کي اها پڪ ڪرائجي تہ مان تنهنجو سجڻ آهيان. ائين ڪرڻ سان هو توهان تي ڀروسو ڪرڻ لڳندو. ڪو بہ سيلسمئن جيڪڏهن گراهڪ کي سندس خيرخواهہ مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ پوءِ اها بہ خاطري ڪري ڇڏيو تہ گراهڪ پنهنجا سڀ اُلڪا وساري مٿس پورو ڀروسو ڪرڻ لڳندو.

70 واري ڏهاڪي جي دبئي مارکيٽ ۾ اليڪٽرانڪ شين جو شوق وڌڻ لڳو هو. اليڪٽرانڪ جي اهميت ايتري تہ گهٽي ٿي وئي جو ٽيڪسٽائيل جي اوج جو زمانو ياد اچي ويو. جهڙيءَ ريت 50 ۽ 60 وارن ڏهاڪن ۾ هندستانين، خاص ڪري سنڌي پاتين ٽيڪسٽائيل جو واپار پنهنجي هٿن ۾ رکيو. ٺيڪ اهڙي طرح هاٽي وري هنن اليڪٽرانڪ شين ڏانهن لاڙو ڪيو.

ان وقت تائين اجا ٽيليويزن سيٽ ڪونہ آيا هئا. والو ريڊيا ۽ چڪريءَ وارا ٽيپ رڪارڊر ميدان ماريو بيٺا هئا. انهن ۾ بہ فلپس ڪمپني جو مال زور تي وڪامندو هو. دبئي ۾ اهو ڪاروبار ”پاتيا ريڊيو“ وارن جي هٿ ۾ هو. ان کان سواءِ فلپس جي جوڙ جو سيرا (Sierra) نالي هڪڙو بيو برانڊ هو جيڪو فلپس جيترو ئي مقبول هو. وي وي سنز وارا اڪيلي سر ان جا ايجنٽ هئا. هو 78 ۽ 33 آر پي ايم جا رڪارڊ پڻ وڪڻندا هئا. سنڌ ۾ انهن کي لاک جا رڪارڊ يا ٿالهيون سڏيندا هئا.

جرمني جو گرنڊگ (Grundig) پنهنجي ڪواليٽيءَ جي ڪري مشهور هو ۽ مارکيٽ ۾ اُن جي بہ ڏاڍي گهُر هئي. ان جا ڊيلر ديوان برادرس هئا، جيڪي پڻ پاتيا هئا. انهن سيني کان الڳ ٿلڳ هو مير محمد صالح اميري، جيڪو ايراني واپاري هو ۽ جرمني جي ٻي مشهور ڪمپني ٽيليفنڪن

(Tleefunken) جو ڊيلر هو.

انهن ڏينهن ۾ جپاني مال جو نالو نشان بہ ڪونہ هوندو هو. سڄو مارڪيٽ يورپي سامان سان سٿيو پيو هوندو هو. يورپي مال جا گراهڪ نہ رڳو دبئي ۾ هڪيا تڪيا حاضر هئا، پر ٻين ملڪن ۾ بہ جام ملندا هئا.

چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ بجلي ڪانہ هئي ۽ پائيپن رستي پاڻي بہ ڪونہ ايندو هو. تنهنڪري ريفريجريٽر، واشنگ مشين ۽ ٻين گهريلو ڪم ڪار وارين مشينن جو ڪو مارڪيٽ ڪونہ هوندو هو. جڏهن پاور آيو ۽ حالتون بدليون ۽ پاڻي توڙي بجلي شهرن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو ويو، تڏهن مارڪيٽ جو نقشو ئي اور ٿي ويو. آمريڪا جو اڪيلو ملڪ ”اڇين مشينن“ موڪلڻ وارو پهريون ملڪ هو. آمريڪا مان ايندڙ مشهور ريفريجريٽرن ۾ نورگي (Norge)، يارڪ (York)، جي.اي. (GE) فرجيڊيئر (Frigidaire)، ويسٽنگ هائوس (Westinghouse) ۽ ايڊمرل (Admiral) شامل هئا. ايئرڪنڊيشنرن ۾ جاتل سڃاتل نالا هئا، ڪئريئر (Carrier)، نورگي (Norge) يارڪ (York)، ويسٽنگ هائوس (Westinghouse) ۽ ويسٽ پوائنٽ (Westpoint).

انهن سيني سامانن دبئي ۾ تہ چڱو پاڻ ملهايو پر دبئي رستي ننڍي کنڊ ۾ پڻ پهچي ويا. يا تہ مال سمگل ٿيندو هو يا وري پرڏيهہ ۾ رهندڙ ننڍي کنڊ جا ماڻهو پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندا هئا. جلد ئي آمريڪي ۽ يورپي مال جي جاءِ تي جپان ڇانئجڻ لڳو. هيءَ 1960ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن جپان جي مال اچڻ جي شروعات ٿي.

جپانين جو مارڪيٽ ۾ اچڻ ڪو اوچتو ٽپو ڪونہ هو. هوائي توائي بہ نہ هئا. نيڪ ناڪ رٿابنديءَ سان ميدان ۾ لٿا هئا. ڪين چڱي طرح ڄاڻ هئي تہ ڪين ڇا ڪرڻو آهي، ڪيئن ڪرڻو آهي ۽ ڪڏهن ڪرڻو آهي. هڪ هڪ وک سوچي سمجهي کنيائون. مارڪيٽ کي چڱي طرح ٽوڪي وڄائي، جاچي جوچي ڏٺائون. پٽو پيين تہ هندستان ۾ چڱي طرح چنبا کوڙي سگهبا. ان پڪ پڪاٽيءَ ڪان پوءِ هو هئا ۽ هندستاني مارڪيٽ هو. ان ڪم ۾ سندن سهائتا ڪئي هندستاني بابُن جي بي پرواهيءَ واري هلت ۽ سرڪار جي پاڳلپٽي، جنهن هر شي تي ڪنٽرول مڙهي ڇڏيو هو ۽ سوشلزم جي وڏن وڏن نعرن ۽ نظرين پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا هئا. انهن سببن ڪري هندستان پنهنجيءَ ئي مارڪيٽ جو پيٽ پرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو. نئين دور جي ٽيڪنالاجي ملڪ ۾ پهچي نہ سگهي. عام واهپي جي شين جي کوٽ ماڻهن کي لاچار ڪري ڇڏيو تہ هو پرڏيهي مال جي پويان ڊوڙن. ان ڊوڙ کي وري اجا بہ تکو ڪيو اخبارن، رسالن، ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ. جتان هر پل جي پئي خبر پوي تہ دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري، ڪهڙيون نيون شيون مارڪيٽ ۾ پهتيون، ڪهڙا نوان ماڊل آيا، پراڻن ۾ ڪهڙيون خاميون هيون ۽ نون ۾ ڪهڙيون

خوبيون آهن، وغيره.

جپانين، دبئي ۾ پنهنجي مارڪيٽ جي ساٿين سان گڏجي صلاح ڪئي ته عام واهپي جو ايترو ته مال آٽي لاهجي جو هندستانين جي پرڏيهي مال واريءَ بُک کي منهن ڏئي سگهجي. ان ڪم ۾ ڪننائي اها هئي جو هڪ ته هندستاني سرڪار آمدني واپار تي ڪي رنڊڪون وڌيون هيون، ڪسٽم جا قانون سخت ڪيا هئا ۽ واپار تي به ڪرڙي نظر رکي هئي. ان ڪري قانوني ۽ جائز طريقي سان جپاني مال سرحد ٽپي ڪونه ٿي سگهيو. ان ڪري ماڻهن جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ٻيا رستا ورتا ويا. ڏسندي ئي ڏسندي سمگلنگ جي بازار گرم ٿي وئي.

جڏهن جپان هٽراڏو ڪپڙي کي دبئي تائين پهچايو ته هڪدم اهو مال لڪ چوريءَ هندستان جي چور بازار ۾ سمگل ٿي وڪامڻ لڳو. سچي ڳالهه ته اها آهي ته جپان دنيا جي مارڪيٽ ۾ آيو ئي ان سنٿيٽڪ ڪپڙي جي وسيلي. هُن انڊيا جي ٽيڪسٽائيل واپار جي تاريخ ئي بدلائي ڇڏي. هندستان اجا ڪپهه جي ڪپڙي واري دور ۾ ساهه کڻي رهيو هو. جو جپان سنٿيٽڪ ڪپڙي سان هڪ نئون انقلاب آڻي ڇڏيو. جپانين سياٽپ اها ڪئي جو هندستاني ڊزائينون کڻي وڏي پيماني تي ساڙهيون ٺاهڻ لڳا. اهي ساڙهيون پوءِ هندستاني جنتا ۾ وڪامڻ لڳيون. جتي هٿون هٿ ڪجي وينديون هيون. جپاني ڪارخانن، جن ۾ اين آر سي (NRC)، توري (Toray) ۽ تائيجن (Teijin) شامل هئا، ماڻهن جو من موهي ورتو. هر هندستاني ڳوٺ وچڙ مهل پاڻ سان گڏ ڪجهه نه ڪجهه ساڙهيون ضرور کڻي ويندو هو. ان قسم جا مسافر ٿورا ڪونه هئا. هيءُ اهو وقت هو جڏهن اڃي توڙي بلو ڪالر وارا ماڻهو سفيد پوش توڙي مزور، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، هندستان ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين ملڪن کان جهجهي تعداد ۾ دبئي پهچڻ لڳا هئا. هوائي ڪمپنيون ماڻهن جي رش کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏينهن ۾ ٽي اڏامون رڳو بمبئي کان هلائينديون هيون، جن جي ذريعي 1000 ماڻهو روز جي حساب سان دبئي پهچندا هئا. جيڪڏهن هر مسافر سراسري ٽي ساڙهيون سوکڙي ڪري پاڻ سان گڏ کڻي ويندو هجي، ته به 20000 وال ساڙهين جا رڳو هڪ شهر ڏانهن روانا ڪيا ويندا هئا. ياد رهي ته هڪ ساڙهيءَ ۾ ڇهن والن کان ڪجهه وڌيڪ ڪپڙو ڪم ايندو آهي. ان جو مطلب ٿيو ته رڳو بمبئيءَ ڏانهن هر مهيني 600000 وال ساڙهين جو ڪپڙو دبئي کان ايندو هو ۽ اهو سڀ ڪجهه سڌي سنئين رستي کان، ڪنهن به قانوني پڇڪڙي کان سواءِ ٿيندو هو.

مٿيون ته هو قانوني طريقو پر گڏوگڏ ٻيا طريقا به استعمال ڪيا پئي ويا. دبئي فري مارڪيٽ هو. جنهن ڪري ڪيترا ئي ملين وال ڪپڙو بليڪ مارڪيٽ ۾ هر سال بمبئي پهچي ويندو هو. ساڙهين جي گُهر ايتري ته وڌي وئي جو ڪارخانيدار اچي آزار ۾ پيا. گهڻا ئي زور لڳاياٿون، پر ايڏيءَ وڏيءَ گهرج کي پورو ڪرڻ سندن وس ۾ ئي نه هو.

ٽيڪسٽائيل مارڪيٽ ۾ ٻئي جنهن ڪپڙي ڄڻ ڀاري ڏنو، سو هو پوليسٽر سوٽنگ جو ڪپڙو. اهو ڪپڙو نہ رڳو بمبئي جي بازارن ۾ ئي ڪتو پر ڪراچيءَ ۾ ڍاڪا جي دڪانن تي پڻ وڪامڻ لڳو. جيئن جيئن ننڍي کنڊ جي دلچسپي وڌندي وئي، تيئن تيئن ايران جي اهميت گهٽجندي وئي. ايران ان وقت تائين ٽيڪسٽائيل جي موٽ-روانگي واپار سبب ڏاڍو اهم هو. جپان ۾ دبئي جي گڏيل سهڪار سبب ڪين جيڪو نفعو ٿيو تنهن جپان جا تہ پير پختا ڪري ڇڏيا، پر دبئي کي بہ دبئي بنائي ڇڏيو. هندستاني ڏاڍا عجيب آهن. هنن جهڙو ڪو ٻيو ڪونهي. سا اڻ ٽيٽي آهي. رهندا پرڏيهہ ۾ پر ڏنڌو ڪندا ڪنهن ٽئين ملڪ جي مال جو. دبئي ۾ پهرين چيني هوٽل ڪولي هئي ڪي ايم ياٽيا. ڏسو تہ سهي، هڪ انڊين، رهي عرب ملڪ ۾ ۽ ڪولي چيني ريسٽوران! ان جي پيٽ ۾ هڪ جپاني جتي بہ ويندو، پنهنجي ملڪ جي شئي واپرائيندو.

هندوستان اڃا ڇپ جيڏن وڏن ريڊين مان ئي جان نہ ڇڏائي هئي تہ جپان مان ننڍڙا، وڻندڙ صاف آواز وارا ٽرانزسٽر ريڊيا، جيڪي بيرڪ (Berec) يا ايوريڊي (Eveready) سيلن تي هلندا هئا، دبئيءَ جي مارڪيٽ ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ جيان ڪاهي پيا. ٽيليويزن اڃا ٻاراڻي وهيءَ ۾ هو ۽ ڪيس مارڪيٽ ۾ پهچڻ لاءِ وقت گهربو هو. اهڙي وقت ۾ عام ماڻهوءَ جي تفريح جو اڪيلو ذريعو ريڊيو ئي هو. سرڪاري ريڊيو سروس ووڏيارتيءَ تان خبرون ۽ سنگيت ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ريڊيو جو پاسو ئي ڪونہ ڇڏيندا هئا. ڪرسين ڪي ڇهتيا پيا هوندا هئا. ان ڪان وڌيڪ پسند ڪئي ويندي هئي ريڊيو سلون جي "بناڪا گيت مالا"، جنهن ۾ نون هندي گيتن جو وڪري جي آڌار تي مقابلو ٿيندو هو ۽ جنهن کي مشهور ڪمپيئر امين سياني هر هفتي پيش ڪندو هو. ماڻهو ڪم ڪار ڇڏي اهو پروگرام ٻڌندا هئا. ان ڪري اهو چوڻ ۾ وڌاءُ هرگز نہ ٿيندو تہ ننڍي کنڊ جي ٽڪل ٽٽل ۽ منورجن لاءِ اڃايل ماڻهن جي تفريح جو وسيلو فقط ۽ فقط ريڊيو هو. ان ڪري ٽرانزسٽرن جي گهرج ڪا جهڙي تهڙي ڪانہ هئي، تمام گهڻي هئي.

هندوستان ان وقت چڱا ريڊيا ڪونہ پئي ٺاهي سگهيو. ان ڪري ان کوٽ جو پوراءُ وري بہ دبئيءَ ڪيو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ٻين گهڻين شين جيان ريڊيا بہ انڊيا ۾ هزارن جي انگ ۾ غير قانوني رستي کان پهچندا هئا.

جپان ۽ سنڌس ٺاهيل ريڊيا دبئيءَ جي مارڪيٽ ۾ وڏي ڌماڪي سان آيا. جن جو پهريون آرڊر هو هٽاچي جا ٻن بينڊن وارا 100 ٽرانزسٽر ريڊيا. دراصل اها انهن ٿورين ڪمپنين مان هڪ هئي، جنهن ٽيڪسٽائيل جي ڪاروبار مان هٽي ڪري اليڪٽرانڪ ۾ گهري دلچسپي ورتي. اهو ڪم ڪمپني پنهنجي ريزڪي دڪان ڪاسموس جي حوالي ڪيو. ٻيا جيڪي اليڪٽرانڪ جي ڌنڌي ۾ گهڙيا، انهن مان گهڻا ٽيڪسٽائيل جي ميدان ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ لٿا هئا.

الفتيم. جيڪي ڪاڏي جي شين جو ڪاروبار ڪندا هئا ۽ پوءِ موٽرڪارن جي واپار ۾ لڳي ويا. انهن پڻ عمان نيشنل اليڪٽرانڪس جي ذريعي اليڪٽرانڪ جو ڌنڌو شروع ڪيو. گورڌن ڀاٽيا ”سونيءَ“ سان واقفيت ڪرائي. سونيءَ جو نالو ايترو ته مشهور ٿيو جو گورڌن ڀاٽيا سونيءَ جي نالي سان سڃا پڃڻ لڳو. ماڻهو چوندا ئي هئس گورڌن ”سوني“. بحرين جا اشرف برادرس به سوني جا ڊيلر هئا، پر پوءِ اها ڊيلرشپ 1970ع ڌاري منو چاپڙيا جي ”جمبو“ کي ملي. فلپس يورپين برانڊ هئي، پر گهٽي عرصي کان ماٺ هئي. سندس سرير ۾ ساهه ٻيهر تڏهن پيو جڏهن ڪمپني وارن پنهنجي بينڪ وچي چين ۾ ڪئي. اها برابر هاڻي الفاندي وٽ آهي. گاجريا برادرس، جن ڪڏهن به ٽيڪسٽائيل جو ڌنڌو ڪونه ڪيو سي پهريون نيشنل ۽ پوءِ جي وي سي کڻي دبئي جي مارڪيٽ ۾ پهتا. نيشنل هاڻي عمان نيشنل وٽ آهي ۽ جي وي سي آخرڪار وچي الشراوي وٽ پهتو. ”سانيو“ عاقل ارجمند ۽ اين ”اي سي.“ محمد شريف بوخاش وارن وٽ آهي.

عقيل ارجائومند (Akil Arjoumand) جي طرفان سانيو (Sanyo) جي تمام گهڻي مارڪيٽ ٿي ۽ هاڻ ان جي الفتين (Al Futtain) طرفان به مارڪيٽ ٿي آهي. توڙي جو اين اِي سي (N.E.C) هڪ مشهور وکر/برانڊ آهي. پر اهو مارڪيٽ ۾ گهڻي وقت تائين پنهنجي لاءِ ڪا جڳهه ٺاهي نه سگهيو.

برٽش مال جي دبئي ۾ موجودگي ڀاءِ ريڊيو (Pye Radio) جي ڪري هئي، جنهن جي ايجنسي جشن مل وٽ هئي ۽ ان کانسواءِ بُش (Bush U.K.) پڻ مارڪيٽ ۾ مليو پئي. پر جپان سڄي مارڪيٽ تي ڇانئجي ويو. تازو هاڻي يورپين مال ٻيهر اچڻ شروع ٿيو آهي، پر ان جو سبب وچان ڪو ٻيو آهي، ٿيو هيئن آهي ته يورپين ڪمپنين پنهنجو نڪاٽو وچي بنايو آهي ڏور-اوير جي ملڪن ڪي، جتي مزوري سستي آهي ۽ ڪم وارا ماڻهو به جام ملي ٿا وڃن. ان ڪري هاڻي سندن اگهه مقابلي جهڙو ٿي ويو آهي. ڇا به هجي، دبئي ۾ اليڪٽرانڪ مال جي ڀرمار تڏهن ٿي. جڏهن جپانين ريڊيو ڪئسيٽ پليئر مارڪيٽ ۾ آندو. نيون شيون هيون. خريدارن جا انبوهه لڳي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي ڪوڙ ماڊل اچي پهتا. ڪي هليا، ڪي پنهنجو موت مري ويا. جيڪڏهن منهنجي ياداشت صحيح آهي ته ”نئشنل“ جو هڪ ماڊل 543 آر.ڪيو. انڊيا جي ڪيرالا اسٽيٽ جي مليالي ماڻهن ۾ ايڏو ته پسند ڪيو ويو جو ان جو نالو ئي ملباري (ملبار-ڪيرالا جا رهاڪو) پئجي ويو. هرڪو مليالي وطن واپس ويندي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ته پاڻ سان ضرور کڻيو ويندو. رڳو دبئي جي مارڪيٽ ۾ ان ماڊل جا پليئر وڪهن لکن ڪان به وڌيڪ وڪاڻا. RXM 50 جا گذريل ڏهن سالن ۾ پندرهن لک داڻا وڪامي چڪا آهن.

روايتي ڏاهپ اهو ٿي ٻڌائي ته مارڪيٽ ۾ اوهان مال نٿا وڪڻو خريدارن کي راءِ يا صلاح ٿا وڪڻو. ڪين پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ پهرين ڪين ڳوليو ڦولهيو ڪوٺيو ڇاٽو ۽ سڃاڻو. سندن سوچ کي پرکيو.

توهان جي پڌايل شي لاءِ سنڌن رايو ڪهڙو آهي، ڇا ٿا چون. اهو سڀ ڪجھ ڄاڻڻ هڪ سيلز مين لاءِ تمام ضروري آهي. مارڪيٽ رڳو ڪنهن شي وڪڻڻ جو نالو ناهي. مارڪيٽنگ ۾ گراهڪ کي سهوليتون، فائدا ۽ سنڌن پئسي جو مُلھ وڪڻبو آهي. مٿيون ڳالهيون يورپ ۾ ته ڪارگر ٿي سگهن ٿيون، ڇو ته گراهڪ سڀ پڙهيل لکيل آهن. پر دبئي جهڙيءَ روائتي مارڪيٽ ۾ انهن جو هلڻ مشڪل آهي. گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي ڏينهن ۾ اهو ممڪن نه هو. منهنجي خيال ۾ مارڪيٽ جي چال جي خيال کان دبئي ۾ ڪا گهڻي ڦيرقار نه آئي آهي. اها ڳالھ مان عام ماڻهوءَ جي باري ۾ ڪري رهيو آهيان. پهرين ڏينهن ۾ گراهڪن جي گهڻائي مزور پيشي ۽ اڻ پڙهيلن جي هوندي هئي. انهن کي وکر جي باري ۾ تفصيلي معلومات ڏئي ڪين ان جون خوبيون پڌائڻ بيسود هو. وڪرو ڪندڙ کي گهڻو ڪجھ ڪرڻو ڪونه پوندو هو. ڇو ته گراهڪ دڪان تي چڙهڻ کان اڳ ئي فيصلو ڪري ايندو هو ته ڪيس ڇا وٺڻو آهي. ان ڪري دبئي جي ڪاروباري مارڪيٽ ۾ سمورو زور هوندو هو گراهڪ جي مرضي ڄاڻڻ تي ته ڪيس ڇا گهرجي. ڪمپني جي يا وکر جي واکاڻ ڪرڻ يا سامان جا گُڻ پڌائڻ يا گراهڪ کي اهو چوڻ ته تون هي نه وٺ هو وٺ، سڀ اجايو ۽ وقت جو زيان هو. جيڪڏهن گراهڪ کي مٿي ۾ اهو خيال ويهي ويو ته فلاڻي يا فلاڻي شيءِ منهنجي دوستن يا مائٽن کي ڪونه وڻندي، ته توهان پلي ته مٿو ڦاڙي ببهو هو اها شي ڪنهن به قيمت تي ڪونه وٺندو. ان ڪري اهڙي موقعي تي مانڙي ڪري گراهڪ جي ڳالھ ٻڌبي هئي، ڇو ته هن به اها ڳالھ ٻين کان ٻُڌي هوندي. هو توهان جي ڳالھ کي وزن ئي ڪونه ڏيندو.

پر هنن اڻ پڙهيل ۽ پورهيت ماڻهن کي ڏوھ ڇو ڏجي؟ ريسرچ ٻڌائي ٿي ته آمريڪا جهڙي سڌريل ملڪ ۾ به سراسري 40 سيڪڙو ماڻهو ڪا به خريداري ڪرڻ کان اڳ دوستن ۽ ڪٽنب جي ڀاتين کان راءِ ضرور وٺندا آهن. سو جهڙي طرح ڪپڙي لٽي وٺڻ وقت گراهڪ ماڻهن کان ٻڌيءَ سُڌيءَ تي خريداري ڪندا هئا، اليڪٽرانڪ مارڪيٽ ۾ به هوبهو ائين ٿيو. دبئي کان نندي ڪنڌ ڏانهن خريداري ڪري ويندڙ گهڻو ڪري سڀ ماڻهو هڪ ٻئي جي ٻُڌل ڳالهين تي لڳي مال وٺندا هئا. دبئي جي هوائي اڏي جي واڌ، هوائي اڏامن ۾ اضافو ۽ مزور طبقي جي گهڻي اچ وڃ، انهن سڀني ڳالهين گڏجي سڏجي دبئي جي تڪڙي ترقي ۾ حصو ورتو. جيئن اڳ دبئي کان ويندڙ مزور پاڻ سان گهروارن جي لاءِ ڪپڙو ضرور کڻي ويندا هئا، اهڙيءَ ريت هاڻي وري ڪانه ڪا اليڪٽرانڪ جي شيءِ وٺڻ لڳا.

دبئي جي اليڪٽرانڪ مارڪيٽ کي 1986ع ۾ ٿيندڙ ايشين گيمز به وڏي مدد ڏني. هندستان ۾ ٽي وي چئنلن رنگين پروگرامن ذريعي اهي رانديون سڌيون سَنيون ٽيليڪاسٽ ڪيون. شهرن ۾ ته ٺهيو ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ رهندڙ ماڻهن به اهي پروگرام ڏٺا. ان موقعي تي هزارين ٽيليويزن سيٽ وڪامي ويا. ڏڪيائي رڳو اها ئي ٿي ته ٽي وي ناهيندڙ ڪمپنيون هيون به يا ٽي، ۽ گهر هئي تمام گهڻي. ڪمپنين

پنهنجي پاران ڪين گهٽايو پر پوءِ بہ ان اوچتيءَ گهرج کي منهن ڏئي نہ سگهيون. سپلاءِ ٿوري، وٺ وٺان گهڻي. جن کي ٽي وي سيٽ مليا، سي ڀاڳن وارا ليکيا ويا. ٻين چڱن ڀلن معتبر ماڻهن پنهنجا نالا انتظار ڪندڙن جي لسٽ ۾ لکائي ڇڏيا. ننڍيءَ وڏيءَ سفارش ڪم نہ ڪيو تہ وزيرن پاران چٺيون چپاٽيون اچڻ لڳيون. ماڻهو اصل هٽن ڪان پٺي نڪتا. اها حالت ڏسي، ان وقت جي پرائيم منسٽر اندرا گانڌيءَ ڪلر ٽيليويزن سيٽن امپورٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهڙي طرح ”سوني“ هندستاني مارڪيٽ ۾ وڏي زور شور سان داخل ٿي ۽ ٿوري ئي وقت اندر هر گهر ۾ سوني نظر اچڻ لڳو. ”جمبو“ جي تہ سائينءَ ڪٽي سٽائي ڪئي. اڳي ڇڙو نالو ”جمبو“ هوس، هاڻي تہ سچ پچ دبئي جو جمبو ٿي پيو.

اليڪٽرانڪ مارڪيٽ ڪٽي ڪيڏو بہ وڌيو پر ٽيڪسٽائيل تي اثر ڪونہ پيو. ٽيڪسٽائيل پنهنجي جاءِ تي ڄمي رهي. اليڪٽرانڪ ۽ ٽيڪسٽائيل هڪ ٻئي سان گڏجي مارڪيٽ وڌنديندا رهيا. ٻنهي جي وڌڻ ويجهڻ لاءِ ڪافي جڳهہ موجود هئي. اليڪٽرانڪ جي سرسي 1990ع تائين قائم رهي، پر اڃ بہ توهان کي ڪيترا مسافر دبئي ايئرپورٽ تي اهڙا ملندا، جن جي هٿن ۾ ڪا نہ ڪا اليڪٽرانڪ شئي ضرور هوندي.

جڏهن هندستاني سرڪار ارٿ ويسٿا کي آزادي ڏيڻ شروع ڪئي ۽ آمدني واپاري لڳل بندشون نرم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن ان جو اثر هڪدم دبئيءَ ۾ محسوس ڪيو ويو. مشهور ڪمپني جو اچو سامان، جهڙوڪ ريفريجريٽر، مائڪرو ويو اوون، واشنگ مشينون، وي سي آر ۽ ميوزڪ سسٽم آسانيءَ سان هندستان جي وستيءَ واهڻ ۾ ملڻ لڳو. ان جي نتيجي ۾ اهڙين شين جو دبئي ۾ وڪرو پنجاهہ سيڪڙو ڪري پيو.

ڪٽي ڇا بہ ٿئي، منهنجي خيال ۾ دبئي جي اهميت گهٽبي ڪانہ. ڇو تہ دبئي جو مارڪيٽ نئين سوچ رکندڙ مارڪيٽ آهي. پلي تہ هندوستان ٻاهران اينڌڙ مال تان سموريون پابنديون لاهي ڇڏي، تڏهن بہ دبئي روزمره جي واهپي جي شين جو مرڪز رهندو ۽ پنهنجو ڪردار پنهنجي قدبت آهر ادا ڪندو رهندو. ڪنهن بہ پروڊڪٽ کي وڏي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچڻ لاءِ وقت درڪار آهي. گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ اوتري سپلاءِ جي بہ ضرورت پوندي آهي. اها ڏاڍي ڏکي صورتحال هوندي آهي، جڏهن ڪا نئين چيز مارڪيٽ ۾ اچي ۽ توهان کي ڄاڻ نہ هجي تہ هن جي آئو ٻيگٽ ڪيئن ٿيندي. ماڻهو پسند ڪندا، ناپسند ڪندا يا وچترا رهندا. اهڙي حالت ۾ ڪوبہ ڊيلر وڏو آرڊر ڏيڻ جو جوکو سر تي کڻڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ گهُر تمام گهڻي هوندي، پر نئين شي جي سپلاءِ هميشہ گهٽ ٿيندي. ان ڪري هميشہ وچ ۾ خال رهڻ جو ڊپ رهندو آهي. دبئي ڇاڪاڻ تہ هندستان کي ويجهي آهي، ان ڪري هوءَ اهڙي ڪنهن بہ خال کي پرڻ لاءِ ڪنهن بہ اوچي اليڪٽرانڪ مال جي گدام طور ڪم اچي سگهي ٿي.

ڪوٺ تي ناهي، دبئيءَ منجهان مال پهتو ناهي.

نئين ڪنڌ جي هاٽوڪيءَ مارڪيٽ جي صورتحال کي جاچيندي، دبئي مارڪيٽ هاٽي هر ڏنل وائڻل شي جي بجاءِ گهڻ روايتي ۽ نين شين تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ان تبديليءَ پاڻ سان گڏ ڪي چئلينج پڻ آندا آهن. آءِ تي. سان واهپو رڪندڙ مال اڄ ڪلهه جي ضرورت بہ آهي تہ فيشن پڻ. آءِ تي. ۾ جيڪا نواڻ اچي ٿي تنهن جو واسطو سڌو سنئون رفتار سان آهي ۽ رفتار تي ڪم ڪندڙ ڪمپنيون هر روز ڪا نہ ڪا نئين شي مارڪيٽ ۾ آڻين ٿيون. جهڙي ريت گرم گرم ڪيڪ بيڪريءَ تي تڪڙا تڪڙا وڪامندا آهن، اهڙي طرح آءِ تي. جو سامان بہ هر روز هٿون هٿ ڪڇي ٿو وڃي. اچوڪو مال سياڻي تائين پراڻو ٿي ويندو ۽ سياڻي جو مال شايد پرينهن تائين ڪم جو نہ رهي. واپارين کي ان تيز رفتاريءَ سان نباهہ ڪرڻو آهي. اهي ڏينهن ويا، جڏهن مال اڄ وڪاميو تہ سياڻي نہ، تہ پرينهن تہ ضرور وڪامبو.

ها، اهو زمانو بہ هو. هاٽي انهن ڏينهن کي صرف ياد ئي ڪري سگهجي ٿو موٽائي نٿو سگهي. 50 ۽ 60 ۽ 70 وارا ڏهاڪا هاٽي ماضي جي مٽيءَ ۾ دفن ٿي چڪا. انهن ڏينهن ۾ مارڪيٽ ڏاڍو سولو فرحت وارو ۽ دوستاڻو هو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ هئي واپارين جو پاڻ ۾ پيائپيءَ، پيار ۽ پنهنجائپ وارو رشتو.

ڏنڌي جو تائيم پورو ٿيندي ئي، جهونا واپاري ڪنهن مقرر جاءِ تي اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ گڏجي رات جي ماني تيار ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مارڪيٽ هاٽي جيان دير تائين ڪونہ کليل ڪونہ رهندو هو. سج لٿي ئي هر ڪو دڪان کي تالو هڻي وڃي گهر پيڙو ٿيندو هو.

ڳالهہ پئي ڪيم سينيئر واپارين جي، جيڪي ڪم ڪار ڪان واندا ٿي رات جو سيئي گڏجي کاڌو ٺاهيندا هئا. هر ڪم پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. ڪنهن کي بہ ڪو اڻ وٽندڙ ڪم ڪندي عار ڪونہ ٿيندو هو. جن ۾ بورچيگيري جا ڪي گڻ هئا، سي بيهندا هئا چُلهہ جي مٿان ۽ ٻيا وري سندن مدد ۾ لڳي ويندا هئا. هڪڙا پاڇيون وڍيندا هئا، ٻيا برتن ڌوئيندا هئا. مطلب تہ جنهن کي جيڪو هنر ايندو هو سو بنا شرم حجاب ڪري ڏيکاريندا هئا. گهر پاتين ڪان پري رهڻ ڪري ڪي بزنيس مين تہ ٺاهوڪا بورچي بنجي پيا هئا. ايترو ڪجهہ سکڻ لاءِ هنن جيڪي ٻين تي وئل وهايا هوندا، سا خبر تہ ڪو ئي ڪانئن پُڇي. ڪڏهن لوڻ وڌيڪ تہ ڪڏهن مرچ جياستي. يارن جو پاٽيءَ تي زورا!

شامون هونديون هيون ڪچهريءَ ۽ پوڳ نڪاءَ جي حوالي. ڏنڌي جون ڳالهيون رهيون دڪان تي. مارڪيٽ جا مقابلا مارڪيٽ ۾ ڪاڏي تي اگهہ پار ڪاروبار يا ڏنڌي ڌاڙي جي ڳالهہ نہ هلندي هئي.

هفتي جي پڇاڙيءَ تي موڪل ٿيندي هئي ۽ اسان کي ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ملندو هو. ڪي فئملين وارا ۽ سندن ويجها دوست گڏجي ڪڏهن خوانيج (دبئي) ۾ يا ظائد يا راس الخيما يا ڪڏهن ڪنهن ٻئي

هنڌ وچي ڏينهن گذاري ايندا هئا.

راس الخيما ڏانهن مڙئي سرس ماڻهو ويندا هئا، ڇو ته اتي پاڻي جام هوندو هو. دبئي ۾ پاڻيءَ جي چوپهه ئي ڪلاڪ ڪوٽ رهندي هئي. ڪن مقامي شهرين کي فارم هائوس هوندا هئا، جي اسان پارن پرڏيهين کي ڏينهن اڌ لاءِ ڏيندي ڪونه ڪيٻائيندا هئا، بلڪ دوستيءَ جو حق سمجهي خوشي سان ڏيندا هئا. فارم هائوس جا نوڪر چاڪر ۽ ٻيو عملو به مهمانن جي خدمت لاءِ سندن حوالي رهندو هو.

موڪل جا ڏينهن ڏاڍي مزي سان گذرندا هئا. آرام ڪندا هئاسين. فون ڪونه هو ان ڪري دنيا کان ڪٽيل هوندا هئاسين. اڪثر اسان جا اهي دوست جيڪي اُتان جا اصل رهاڪو هئا، اسان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا. ساڻن گڏ سمنڊ ۾ مڇيون ماريندا هئاسين. فارم هائوس جو بورچي اهي مڇيون رڌي اسان کي کارائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته مڇيون پڪڙي ٻيڙيءَ ۾ ئي پچائيندا هئاسين. ڳائي بجائي ۾ هرڪو ساٿ ڏيندو هو. مستيءَ ۾ اچي جهمر به هڻندا هئاسين. هڪڙو يار جيڪو اهڙن موقعن تي سدائين اسان سان گڏ هوندو هو ۽ پنهنجين ڳالهين، چرچن ۽ راڳ سان وندرائيندو هو. تنهن جو نالو هو سُرور. ٻيا جيڪي هتڙن موڪل جي ڏينهن کي يادگار بنائيندا هئا، تن ۾ عمران شمسي، جاسم ال مدفا، احمد ال مدفا ۽ جاسم ال ادي شامل هئا.

انهن ڏينهن ۾ واپاري طبقو گهڻو ڪونه هو. سندن گهرجون به پوريون ساريون هيون ۽ زندگي سک چين واري هئي. مارڪيٽ جي ماڻهن ۾ به انسانيت ۽ خلوص هو. جيڪڏهن ڪو گذاري ويندو هو ته هڪدم دڪان بند ٿي ويندا هئا. نه رڳو سوڳ ۾، پر ان لاءِ به ته هر ڪو وڃي ڪريا ڪرم يا ڪفن دفن جي ڪم ۾ هٿ ونڊائي. جي سرڳواسي هندو هوندو هو ته ڪميونٽيءَ جا ماڻهو انساني زنجير بنائي سمنڊ ڪناري تي ٻيهندا هئا ته جيئن سمنڊ جي پاڻي جو باسڻ وڌائي، هڪ ٻئي کي ڏيندا، شمشان تائين پهچائي سگهن. لاچاري هئي، دبئي ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڪري ائين ڪرڻو پوندو هو.

اليڪٽرانڪ جي ميدان ۾ جپان پنهنجين شين کي گهڻي قدر سڌاري ورتو. ائين ڪرڻ لاءِ هن کي ”ابتي انجنيئرنگ“ (Reverse, Engineering) جي ترڪيب استعمال ڪرڻي پئي. هنن ڇا ڪيو جو يورپ مان ايندڙ لوڪ پريه مال کي کولي، چڱي طرح ان جي ٽيڪنيڪ کي جاچي، ٻيهر جوڙڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح کين خبر پئجي وئي ته اهو مال ڪهڙي ريت ٺاهيو ويو هو ۽ اهو ڪهڙي طرح ڪم ڪندو هو. جپاني ڏاڍا محنتي ۽ هوشيار ڪاريگر آهن. يورپي سامان جي ترڪيب هڪ دفعو سمجهي ورتائون ته پوءِ کين ان کان به سٺي، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جهڙي شي ٺاهڻ ۾ ڪا به ڏکيائي ڪا نه ٿيندي هئي. کين ڪو جهلڻ پلڻ وارو به ڪونه هو. ڪو غلط ڪم به ڪونه پئي ڪيائون. انڊسٽري ۾ ”ابتي انجنيئرنگ“ جي منع ناهي. نئين سر ڪا ترڪيب ٺاهڻ يا ڪا نئين ايجاد ڪرڻ کان ته چڱو آهي ته

ٻين جي ايجاد کي نظر ۾ رکي ان جهڙي يا ان کان وڌيڪ سُڌريل شي ٺاهي ڇڏجي.

جپانين هڪ ٻيو ٻہ واڌارو ڪيو. ڪوالٽيءَ کي سڌارڻ جو بلڪل نئون طريقو ٺاهيائون. هر ڪارخانيدار پنهنجي ڪل ڪمائيءَ جو اٽڪل ست سيڪڙو پاسي ڪري رکندو هو تہ جيئن ان سموريءَ رقم کي ملائي پنهنجي انڊسٽري ۾ ٺهندڙ مال جي جاچ جوچ ۽ واڌاري (Research and Development) تي لڳائي سگهجي. جيڪڏهن مثال طور ڪا شي گراهڪ کي 1000 درهمن ۾ ڏبي هئي تہ ان منجهان 70 درهم پنهنجو پاڻ آر ۽ ڊي جي کاتي ۾ جمع ٿي ويندا هئا.

هڪ دفعو ڪا پروڊڪٽ نيڪ نموني جڙي وئي تہ پوءِ ان کي آر ۽ ڊي جي وڌيڪ گهرج نہ پوندي هئي. اها رقم پوءِ آر ۽ ڊي مان ڪڍي، پروڊڪٽ جي قيمت مان ڪٽي ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت ان شي جو اگهہ گهٽجي ويندو هو.

جپان ۾ هر ڪمپني کي هڪ ماهرن جي ڪميٽي ۽ هڪ آر ۽ ڊي کاتو ضرور هوندو آهي. ڪڏهن پاڻ کان پُڇيو اٿئون تہ ان قسم جا بندوبست هندستان يا هن علائقي جي ٻين ڪهڙين ڪمپنين وٽ آهن؟ آهي ڪا هڪ بہ اهڙي وڏي يا ننڍي ڪمپني جيڪا ملڪ ۾ يا ملڪ کان ٻاهر مال موڪليندي هجي ۽ وٽس اهڙا فنڊ موجود هجن؟

ان سچي واڌاري واري سلسلي ۾ جپاني سرڪار جو تمام وڏو هٿ هو. سرڪار پنهنجي ڪارخانيدارن کي ڪڏهن بہ سهائتا طور گهٽ اگهہ وصول ڪرڻ کي ڪونہ همٿايو. مورڳو سامان جي معيار تي سخت چوڪسي رکي ۽ هر هڪ ڪارخانيدار لاءِ لازمي ٺهرايو تہ هو پنهنجي ٺاهيل مال جو گهٽ ۾ گهٽ ويهہ سيڪڙو ايڪسپورٽ ڪري. ڪارخانيدار تہ ٺهيو هارين نارين کي بہ پئسي ڏوڪڙ جي رعايت نہ ملندي هئي ۽ نہ وري ڪين ٽئڪس ۾ ڪا ڇوٽ ڏني ويندي هئي. ها، سرڪار ايترو ضرور ڪندي هئي جو هارين کان سندن اُپايل يا ٺاهيل شين کي مناسب اگهہ تي خريدي وٺندي هئي تہ جيئن سندن همٿ افزائي ٿيندي رهي. جڏهن ڪارخانيدار کي ڪا سرڪاري رعايت نہ ملندي هئي تہ هو پنهنجو مال انٽرنيشنل اگهہ تي نيڪال ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندو هو. ائين ڪرڻ لاءِ مال جو معيار بہ انٽرنيشنل سطح جو هئڻ ضروري هو. اهو ڪارخانيدار جو ڪم هو تہ هو پنهنجي مال جي ڪوالٽي ڪِرڻ نہ ڏئي، بلڪ ان ۾ سڌارو آڻيندو رهي. وچيون ڪوئي رستو ڪونہ هو.

جيڪڏهن ڪو ڪارخانيدار انٽرنيشنل معيار ۽ اگهہ برقرار رکي نہ سگهندو هو تہ هن لاءِ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونہ بچندو هو سواءِ ان جي تہ پنهنجي ڪوٺ ٽوٽ جو بار پنهنجي ملڪ جي خريدارن تي وجهي. ڪوبہ ڪارخانيدار ان قسم جو قدم کڻڻ لاءِ ڏهہ ڀيرا سوچيندو هو ڇو تہ ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي ئي ملڪ ۾ بدنام ٿي وڃي ها.

ان ڪري ڪمپنيون پنهنجي پيداوار جو معيار سڌارڻ لاءِ مجبور هيون. سچ پچ جپاني سرڪار جي اها ڏاڍي هوشياريءَ جهڙي پاليسي هئي جنهن وسيلي هو پنهنجي انڊسٽريءَ کي صاف سترو رکي ٿي سگهي. جپاني ڪارخانيدار پنهنجي پيداوار جي قيمت وڌائي چاڙهڻ جي اٽڪل به ڄاڻندا هئا. مثال طور هو سرڪاري طور ڪنهن شي جي قيمت 200 ڊالر ٻڌائيندا هئا، پران جي سچي پچي وڪري جي قيمت 170 ڊالر هوندي هئي. انهن واڌو 30 ڊالرن جو حساب هو ڌار رکندا هئا. پر اهو هڪ الڳ داستان آهي. هاڻي مٿئين ڳالهه کي اڃو ته هندستاني مثال سان پيٽيون. انڊيا کي به پنهنجي هڪ ايڪسپورٽ پاليسي هئي، پر هندستاني سرڪار ڪارخانيدارن کي مالي مدد ڏئي سندن خرچ جو پورائو ڪندي هئي ته جيئن اهو مال مناسب اگهه تي پرڏيهه روانو ڪري سگهجي. هت اها ڳالهه ڳنڍڻ سان ٻڌڻ جهڙي آهي ته جتي سرڪاري امداد ملندي، اتي سڌارو اچڻ مشڪل آهي. اهڙيون امدادون سرڪار کي نڳڻ جو سٺو بهانو بنجي ويندديون آهن. ڪارخانيدار پنهنجين بنايل شين جي لاڳت ڄاڻي ٻجهي وڌيڪ ڄاڻائي، ايڪسپورٽ جي بهاني امداد وٺي، پنهنجو مال سمنڊ ۾ ٻوڙي، پانهن سيراندي ڪري وڃي سمهي رهندا هئا. پاهرينءَ چتاپيتيءَ واري مارڪيٽ ۾ مال وڪڻڻ کان سواءِ، مفت ۾ انعام وٺڻ انهيءَ کي چئبو آهي. حقيقت اها آهي ته سخت مقابلي ۾ لاهن چاڙهن واري مارڪيٽ ۾ جپان جي سرسي گهٽا ڏينهن جتاءُ ڪري نه سگهي. اڄ جپان هوبهو ساڳيءَ صورتحال ۾ آهي، جهڙيءَ پوزيشن ۾ ان وقت آمريڪي ۽ يورپي ڪمپنيون هيون، جڏهن جپان مارڪيٽ ۾ قدم رکڻ لاءِ پنهنجون راهون پئي جوڙيون. مقامي مزورن جا خرچ ايترا ته وڌي ويا جو جپاني پيداوار وڌيڪ مهانگي ٿي وئي هئي. پر جپاني نه ڊنا، نه گهبرايا، نه ميدان ڇڏي ويا. هنن پنهنجو دماغ تڏو رکيو. جڏهن ڏٺائون ته مارڪيٽ سندن فائدي ۾ نه رهيو آهي، تڏهن پنهنجي پيداواري ڪارخانن کي پاسن وارن ملڪن تائين ڦهلائي ڇڏيائون. اُتي ڪين ڄاڻو مزور وڏي تعداد ۾ ۽ سستا ملي ويا. اهڙي ريت سندن بنايل مال جي قيمت گهٽجي وئي. شروعات ۾ هنن ڪوريا ۽ تائيوان ۾ ڪارخانا لڳايا ۽ پوءِ ملائيشيا تائين به پُڄي ويا. هنن پنهنجي ٽيڪسٽائيل انڊسٽري کي ٿائيلنڊ ۽ انڊونيشيا تائين ڦهلائي ڇڏيو. يورپين ڪارخانيدارن ائين ڪونه ڪيو هو ان ڪري جپان هٿان ڏڪ کائي ويا. جپان وڏي ڏاهپ کان ڪم وٺي، سستي مزوريءَ وارن ملڪن ۾ پيداوار شروع ڪري، اگهن کي حد اندر رکيو ۽ مارڪيٽ کي هٿان وڃڻ نه ڏنو.

بي دلچسپ ڳالهه جيڪا ڏيان لهڻي، سا هيءَ هئي ته جن ملڪن کي جپان پنهنجيءَ اُپت لاءِ چونڊيو انهن ملڪن پيو ته ٿهيو رڳو روزگار ملڻ جي حد تائين ڪيترو فائدو ورتو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ايترا سارا ماڻهو جيڪي اڳ بي روزگاريءَ جو شڪار هئا ۽ ملڪ مٿان بار هئا، سي ڪم ڪار سان لڳي ويا. سندن ملڪن جي مالي حالت سڌري وئي ۽ ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، منجهن خوشحالي اچي وئي. پر هاڻي

انهن مان گهڻا ملڪ جپاني ڪارخانيدارن لاءِ رڳو روزگار ڏيڻ جا مرڪز وڃي رهيا آهن. جيڪڏهن اُن ڳالهه تي ٿورو ويچار ڪبو تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي تہ انهن ملڪن جي مالي حالت توڙي سموري آرٿ ويستا وڃي جپانين جي هٿ ۾ رهي آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ گهڙيءَ جپاني ڪارخانيدارن اهو فيصلو ڪيو تہ فلاڻي يا فلاڻي ملڪ ۾ مزوري وڌيڪ سستي آهي، تہ هو دير ئي نہ ڪندا، تپڙ ويڙهي اوڏانهن هليا ويندا. پوءِ هِنن ويچارن ملڪن جو ڇا ٿيندو؟ سندن تہ الهہ تلهہ ناس ٿي ويندو ۽ سندن آرٿ ويستا ۾ اهڙو ابتو ڦيرو ايندو جو دنيا ڏندين آڱريون ڏيندي.

متين چاٽايل ملڪن مان رڳو ڪوريا هئي، جنهن جپاني مال پنهنجي ملڪ ۾ پيدا ڪندي، سندن تلون ۽ اٽڪلون سکي ورتيون ۽ پنهنجي نالي سان انهن جهڙو مال بہ ناهڻ لڳا. دراصل جڏهن جپان جي عرض تي ڪوريا جي سرڪار جپاني ڪارخانيدارن کي پنهنجي ملڪ ۾ ڪارخانا لڳائڻ جي اجازت ڏني، تڏهن ڪيترين ئي ڪورين ان فيصلي جي نندا ڪئي هئي. ان جو هڪڙو سبب اهو بہ هو تہ ڪوريا ۾ جپانين کي پسند ڪونہ ڪيو ويندو هو ڇو تہ جنگ ۾ جپانين ڪوريا سان سٺو سلوڪ ڪونہ ڪيو هو. پر سياسي طور اهو فيصلو درست هو ۽ مالي طور بہ منجهس چڱائي نظر آئي. وڏي ڳالهہ اها تہ جپانين جي اچڻ ڪري ڪوريا واسين کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي تمام گهڻي ڄاڻ ملي، جيڪا شايد ٻيءَ صورت ۾ ڪين بنهہ ڪانہ ملي ها.

ڪوريا جلد ئي پنهنجا برانڊ تيار ڪري ورتا. جهڙوڪ سامسنگ، گولڊ اسٽار (ايل جي)، ڊائيوو، هنڊائي وغيره. پئسو ايندي ئي ملڪ سرهو ٿي پيو. سماجي طور بہ ڏوڪڙن ملڻ ڪان پوءِ ماڻهن جي رهڻ سهڻ ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. ان ڪري سندن مزوري بہ مهانگي ٿي وئي. پر ڪوريا وارا بہ جپانين جا سيکاريل پڙهايل هئا. هنن بہ پنهنجن استادن وانگر دير ئي نہ ڪئي. هڪدم اهڙا ملڪ ڳولي لڌائون، جتي جو مزور ڪانئن گهٽ اجوري تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي. جتي جتي پير ڦٻين، بسترو ويڙهي وڃي اتي پهتا. اڄ دنيا ۾ ڪوريا جي پل پلان آهي. سندن نالو ٿو وڪامي. هندستان ۾ بہ ڪوريا پنهنجا پيداواري يونٽ لڳايا آهن. هتي بہ سندن وڏو مارڪيٽ پيدا ٿي چڪو آهي.

ڪنهن بہ پيداواري ڪمپني لاءِ پنهنجي اُپت جي "برانڊ" کي مشهور ڪرڻ سڀ ڪان ضروري ڳالهہ آهي. برانڊ جي ساک جو ڏاڪو وڳو تہ سمجهو تہ ٻيڙا ئي پار ٿيا. گهڻيون ڪمپنيون پنهنجي برانڊ کي عام ماڻهن جي ذهن ۾ پڪو پختو اکوري ڇڏڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙينديون آهن. ڪين خبر آهي تہ عام جنتا نالي مٿان مرندي آهي. مثال طور، ٿورو اڳ مون پڙهيو هو تہ نئشنل ڪمپني فقط دبئي جي مارڪيٽ ۾ 345 ملين (پنجٽيهہ لک) ريڊيو ڪئسيٽ وڪرو ڪيا هئا. اڻ پڙهيل پرڏيهي مزورن جي لاءِ ريڊيو ڪئسيٽ جو نالو ئي "نئشنل" ٿي پيو. دوڪاندار کي ريڊيو ڪئسيٽ ڏيکارڻ بجاءِ چوندا ئي هئا تہ اسان

ڪي نئشنل ڊيڪار. اٿين ناهي تہ ان وقت نئشنل ڪان وڏيڪ سٺيون ڪا ريڊيو ڪئسيٽ مارڪيٽ ۾ ڪانہ هئي. هيون. گهٽيون هيون ۽ اڌو اڌ قيمت جيتري سستيون بہ هيون. پر ماڻهن جي مٿي ۾ جنهن برانڊ جو نالو وينو سو وينو.

اڄ بہ اها ئي حالت آهي. مارڪيٽ جو وايومنڊل ڪافي سڌري ويو آهي. پر برانڊ سان لڳاءُ اڄ بہ ساڳيو ئي آهي. خريدارن جي ذهن ۾ ڪنهن پراڊڪٽ جو برانڊ نالو سندس اصلي نالي جي بدران هميشہ لاءِ ويهي ويندو آهي. ماڻهو اڄ بہ فوٽوڪاپي ڪرائڻ ويندا آهن تہ چوندا آهن تہ زيراڪس ڪري ڏيو. ”زيراڪس“ (Zerox) فوٽو ڪاپيئر ڪمپني جو برانڊ نالو آهي. اهڙيون يا ان کان بہ سٺيون ڪمپنيون ٻيون بہ ڪيتريون ئي مارڪيٽ ۾ موجود آهن. پر زيراڪس ماڻهن جي زبان تي چڙهي ويو آهي. اهڙي طرح ”فلاسڪ“ کي ماڻهو اڄ بہ ”ٿرماس“ چوندا آهن. جيڪو برانڊ نالو آهي.

ڌار ڌار شيون جدا جدا ملڪن ۾ مشهوري ماڻينديون آهن. ڪمپنيون وري انهيءَ مشهوري جو فائدو وٺندي، پنهنجي مارڪيٽ جي رٿابندي ڪنديون آهن. مثال طور، سونيءَ ۽ هتاچيءَ جي ناهيندڙن ڪجهہ سالن کان انٽرنيشنل گارنٽيون ڏيڻ شروع ڪيون آهن تہ جيئن پرڏيهہ مان پنهنجي ملڪ موٽندڙ ماڻهن کي ويساهہ ڏيکاري سگهجي تہ سندن ٺاهيل سامان ۾ ڪا بہ خرابي ٿي تہ هو ڪٿي بہ ان کي ٺهرائي يا بدلائي سگهن ٿا. هتاچي جي گارنٽي ڪيرالا جي هندستاني مارڪيٽ لاءِ جاري ڪئي وئي، جتي گراهڪ وڪري کان پوءِ سروس جي سهوليت آساني سان حاصل ڪري سگهندا. ”برانڊ“ ڪنهن بہ پيداوار کي ٻين ڪمپنين جي ساڳئي قسم جي ٺاهيل مال کان ڌار سڃاڻپ جو ڏنل نالو آهي. اهڙي طرح کي ڪمپنيون وري ڪا علامت (Symbol) پڻ استعمال ڪنديون آهن. علامت نشاني (Symbol)، ڪوچتر (Logo)، ٽريڊ مارڪ يا انوکي ٻئنڪنگ جي شڪل ۾ بہ ٿي سگهي ٿي. برانڊ جي آئيڊيا آهي هڪ انوکو تعلق يا واسطو پيدا ڪرڻ. اهي واسطا ۽ ويجهڙايون پيدا ڪرڻ لاءِ پراڊڪٽ جون خوبيون وڌائي چڙهائي بيان ڪيون وينديون آهن. جهڙوڪ ڪوالٽي، نالو ۽ ٻيون ڳالهيون.

برانڊ جو تصور پيدا ڪرڻ جو مکيہ سبب آهي قيمت جي اهميت کي گهٽائڻ. برانڊ خريدار جو ڌيان اڳهہ تان هٽائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. خريدار جڏهن ڪنهن مشهور برانڊ کي ڏسي ٿو تہ قيمت ۾ ٿوري گهٽي گهٽ وڌائيءَ جي ڳڻتي نٿو ڪري. جيڪي ماڻهو ڪنهن خاص برانڊ جا عادي ٿي ويندا آهن، اهي هر قيمت تي اها ئي برانڊ خريد ڪندا رهندا.

سو چپان جيان ڪوريان بہ اهڙو مثال آهي، جنهن کي هندستان يا ان جهڙا ٻيا ملڪ نظر ۾ رکن تہ چڱو. جيڪڏهن ڪوريا پنهنجا برانڊ ٺاهي سگهي ٿي ۽ سڄي دنيا ۾ وڪڻي سگهي ٿي، تہ پوءِ هندستان کي ائين ڪرڻ کان ڪنهن روڪيو آهي؟ انڊيا وٽ تہ وڌيڪ تربيت ورتل، تجربيڪار ۽

ٽيڪنيڪل ماڻهو موجود آهن. جيڪڏهن انڊيا هن وقت پنهنجا برانڊ نٿي ٺاهي سگهي، ته پوءِ ڪيس به ٻين ڏور_ايشيائي ملڪن وانگر سستي روزگار جي پڙي تي رهڻو پوندو.

ائين به ناهي ته ڪو هندستاني سرمائيڪارن جپان وانگر ٻين جي پيداوار جو هوبهو نقل نه ڪيو آهي. سچ ته اهو آهي ته ٻين ملڪن جي پراڊڪٽس جي نقل سان سڄو هندستاني مارڪيٽ سٽيو پيو آهي. پر وڏو تفاوت اهو آهي ته هندستاني سامان لڳاتار گهٽ معياري ۽ اڻ وڻندڙ پئي رهيو آهي، جو ته اُتي سچي پچي آر ۽ ڊي جي کوٽ آهي، ان ڪري منجهس سڌاري جي کوٽ آهي. جپانين جنهن نموني محنت ڪري پنهنجو پاڻ مڃايو آهي، اها ڪمي انڊيا ۾ محسوس ٿيندي پئي رهي آهي. ڪا پبلڪ پاليسي اهڙي نهڻ گهرجي ها جيڪا چاڻ رکندڙ ماڻهن جي سهائتا ڪري کين همٿائي ها ته جيڪر اڄ نقشو ئي بدليل هجي ها. روزمره جي شين کي ڪٽي ڇڏيو انڊيا رڳو پنهنجي کاڌي جي انڊسٽري ڪٽي ائين سڌاري ها، جيئن آمريڪن سڌاري آهي. پيزا_هٽ ۽ ميڪڊانلڊ وانگر هت به ديسي طرز جا فاسٽ فوڊ ڏاڍا پسند ڪيا وڃن ها. هندستاني ديسي کاڌن، جهڙوڪ ”اڊلي“ ۽ ”ڊوسا“ کي سڄي دنيا ۾ ايتري ئي شهرت ملي ها، جيتري ميڪڊانلڊ ۽ ڪي ايف سي کي ملي آهي. ملڪ ۾ ترتيب ورتل ۽ تجربيڪار ماڻهو موجود آهن. انهن کي اڳيان ڪري دنيا ۾ اهي هنڌ ڳولي سگهجن ٿا. جتي اسان پنهنجي پير کوڙي سگهون.

ان سلسلي ۾ ياد رکڻ گهرجي ته جپان جڏهن پنهنجي ترقي جي راهه تي پهرين وک رکي، تڏهن سندس حال اسان کان به خراب هو. وٽس قدرتي وسيلا ته هئا ئي ڪونه. هنن جي جيڪڏهن ڪا دولت هئي ته اهي هئا سندن پڙهيل ڳڙهيل ۽ چاتو ماڻهو. هندستان ۾ انڊسٽري توڙي انساني ترقيءَ کي سياستدانن پاڻ وٽ قيد ڪري رکيو آهي. مقامي سياسي نيتائن (اڳواڻن) کي ايتري سمجهه ناهي جو پنهنجي نڪ کان اڳتي ڏسي سگهن. سندن اکين تي نفرت ۽ تعصب جا کوپا چڙهيل آهن. هو ڏسن ٿا ته صرف ۽صرف پنهنجو فائدو. ان کان وڌيڪ نه کين گهرج آهي، نه ڳڻتي. هن ملڪ سان اها ئي ويڌن آهي. اهو ئي سبب آهي جو انڊسٽري اهڙيءَ جڳهه تي لڳائي پئي وڃي، جيڪا پري هئڻ سان گڏ مهانگي به آهي ۽ اتان کان مارڪيٽنگ ڪرڻ ڏکيو ڪم به آهي.

فيڪٽري لڳائڻ لاءِ جڳهه جي چونڊ، ٽيڪنالاجي توڙي ڪارخاني جي سائيز وغيره جو فيصلو خود فيڪٽري لڳائيندڙ جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي. هت ته اهي سڀ بنيادي فيصلا، ويندي پيداوار جو اگهه مقرر ڪرڻ به اهي سياستدانن ۽ سرڪاري ڪامورا ٿا ڪن، جن کي ڪارخانا ته ڇڏيو معمولي ڏنڊو هلائڻ جي به خبر ناهي. اُن قسم جي سوچ مان اهي ئي نتيجا ٿا نڪرن، جيڪي نڪرڻ گهرجن. نڪمائي، ڳاٽي ٻڳا اگهه، مهانگي لاڳت، سرڪاري ڪامورن جي لعل قيتي واري دير. مُڊي خارج ٽيڪنالاجي جو

استعمال، هڪ طرفا فيصلا ۽ سڀ کان وڏيڪ رشوت خوري. نوڪريون نه قابليت تي ٿيون ملن ۽ نه ڄاڻ يا تجربي تي، بلڪ سياسي سفارش تي. مقامي سياسي وڏيرا پنهنجي مرضي سان ڳنڍي چوڙيءَ ۾ لڳا پيا آهن.

ڪنهن ڪارائتي ۽ لاپ واريءَ فئڪٽري کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جو بدترين مثال آهي سرڪاري ملڪيت ۾ هلندڙ ڪليٽران (Keltron) نالي هڪ پراجيڪٽ، جيڪو ڪيرالا ۾ اليڪٽرانڪ جي پيداوار کي هٿي ڏيارڻ لاءِ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ڪيو ويو هو. هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن سيني پئي چيو ته ڪليٽران ملڪ جي اليڪٽرانڪ سامان ٺاهڻ ۾ سڀ کان گوءِ کٽي ويندي. منجهس اليڪٽرانڪ شين ٺاهڻ جا ڪيترا ئي جدا جدا ڪاتا هئا. هنن دهلي ۽ بئنگلور جهڙن وڏن شهرن ۾ ٽرئفڪ سنگل وڏي ڪاميابيءَ سان لڳايا هئا. سندن ٺاهيل ٻيون اليڪٽرانڪ شيون، خاص ڪري ٽيليويزن، تمام سٺيون ۽ اوچي معيار جون هيون. جڏهن 1986ع ۾ دهلي اندر ايشين گيمز ٿيون، تڏهن هن ڪمپني جا ٽيليويزن سيٽ وٺڻ لاءِ ماڻهو چِتا تي پيا هئا. گهرج تمام گهڻي هئي ۽ پيداوار گهٽ. نتيجو اهو نڪتو جو هزارين ماڻهن جا نالا انتظار ڪندڙن جي لسٽ ۾ لکيا ويا.

پر اڄ ڪليٽران ڪنهن کي به ياد ناهي. هنن ٽيليويزن سيٽ ٺاهڻ ئي ڇڏي ڏنا، ڇو ته هو انڊيا توڙي ٻاهرين ٽيليويزن سيٽ ٺاهيندڙ ڪمپنين سان مقابلو ڪري نه سگهيا. هر سال جي گهاٽي سندن چيلهه ڀڃي ڇڏي. اُپت گهٽ ۽ اسٽاف وڏيڪ. مڙس ڏئي وٺي ويهي رهيا. نوڪريون ملنديون هيون سياسي سفارشين کي جن کي نه ملڪ جي پرواهه ۽ نه سٺيءَ شي جو قدر. هنن کي ته بس پنهنجن ووٽرن جي ٽڪن کي راضي رکڻو هو. ٻيڙي تري يا ٻُڏي، تنهن سان هنن جو ڇا؟

سيني ڳالهين جو تت هيءُ آهي ته انڊسٽريل انقلاب، جيڪو رٿابندي ڪندڙن ملڪ ۾ آڻڻ ٿي گهريو سو ڄمندي ئي مري ويو. ان رٿابندي وسيلي جيڪي سماجي سڌارا سوچيا ويا هئا، سي ساپيان ٿي نه سگهيا. نه ماڻهن کي روزگار مليو نه غريب ۽ شاهوڪار جي وچ واري وٿي گهٽ ٿي ۽ نه وري هندستاني جنتا کي آرٿڪ محرومي ۽ غربت جي گهاٽي کان ڇوٽڪارو مليو.

مون جپاني ۽ ڪورين قومن جي اورچائي، سچائي ۽ محنت تي گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ هندستاني سرڪار جي لاپرواهيءَ ۽ بي فڪريءَ جهڙي رويي سان سندن ڀيٽ به ڪئي آهي، پر مونکي جپاني توڙي ڪورين سماج جي باري ۾ ڪجهه وڏيڪ فڪر وڪوڙي ويو آهي. انهن قومن محنت به ڪئي، همت به ڪئي، ترقي به ڪئي، سڀ ڪجهه ڪيائون، آسودا به ٿيا. پر هاڻي، جڏهن هو سڪيا ستابا ٿي ويا آهن، تڏهن سندن سماجي لاڙن ۾ وڏو ڦيرو ايندو ٿو وڃي. منهنجي لاءِ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها تبديلي آهي.

جپاني ڪمپنين سان منهنجا واپاري لاڳاپا تمام پراڻا آهن، ان ڪري مان جپاني سماج جو چڱي

ريت اپياس ڪندو رهندو آهيان. هاڻي سندن نئين پيڙهيءَ ۾ جيڪا سماجي تبديلي آئي آهي، ان مون کي ڪافي پريشان ڪري وڌو آهي. انڊيا، جنهن جو مڊل ڪلاس طبقو سگهي ٿو آهي ۽ يورپ جي آدمشماريءَ جيڏو وڏو ٿو آهي، تنهن کي جپان ۾ اڀندڙ سماجي ڦيرقار ڏانهن وڏيڪ ڌيان جي ضرورت آهي.

جپان اميري، خوشحالي ۽ ماڊرن سوسائٽي جي پوکنا پوکڻ شروع ڪري ڏني آهي. سندس دولت کيس سماجي پيڙا ڏئي ڇڏي آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو سندس نئين پيڙهي پنهنجي شڪتي وڃائڻ لڳي آهي. سڪين ماڻهن جا اهي ٻار، جن جي وڏن ملڪ جي ترقيءَ ۾ وڏي مدد ڪئي، سي پڙهيل ته گهٽوئي آهن، پر منجهن پنهنجن وڏن جهڙي گنيير تا ڪانهي.

پراڻي پيڙهيءَ جيڪا ڪشمڪش ۽ هڻ هٽان ڪئي، سا فقط ان لاءِ ته هو جپان جي ڪنهن مشهور ڪمپني ۾ روزگار سان لڳي وڃن ته جيئن ڪين زندگي ڀر جي روزگار جي پڪ ملي وڃي. ان زماني ۾ ائين ئي ٿيندو هو. يونيورسٽيءَ مان نڪتل گرئجوئيٽس ڪا ڪمپني پسند ڪندا هئا ۽ رٽائر ٿيڻ تائين ان ۾ ئي ڪم ڪندا رهندا هئا. بدقسمتيءَ سان سندن سنتان ان راهه تان ٿڪندو پيو وڃي. مڊل ڪلاس جپاني زندگي جو اهو نمونو جيڪو سندن وڏن اختيار ڪيو، سو هو ڪنهن سٺي ڪمپنيءَ ۾ سلامتي وارو روزگار، شهر کان ٻاهر هڪ سهٽو گهر، هڪ پڙهيل ڳڙهيل گهرواري ۽ وڌ ۾ وڌ ٻه ٻار. ان جي ابتڙ اڄ جا جپاني نوجوان ڳولين ٿا معمولي قسم جا عارضي ڪم، جيڪي وٽيا ته واهه نه ته ٻيو در واجهائبو. انهن مان ٻه گهٽا ته پارٽ ٽائيم جاب ڳوليندي نظر ايندا. هو چون ٿا ته اڄ ته سکيو گذاريون، سڀاڻي جو ننگ سائينءَ تي. ڇا جي محنت، ڇا جي ڳڻتي؟ جتي پڪي اتي ڪاڏي. ڪنهن کي پئي آهي جو آئندي لاءِ اڄ جي قرباني ڏئي؟

هڪ سروي موجب، پنجن مان ٻن نوجوان جپانين کي ڪنهن وڏي ڪمپني ۾ پگهار تي نوڪري ڪرڻ جو شوق ناهي. سروي مان اهو به ظاهر ٿيو ته نوجوان گريجوئيٽن جي ٽين پتي پنهنجي پهرين نوڪري ٽن سالن اندر ڇڏي ٿي وڃي. اڄ کان ڏهه سال اڳ اهي ڳالهيون ڪنهن جي سوچ ۾ به نه ايندڙيون هيون.

اڄ جي جپاني سماج جي حالت تي ڪو سماجي سائنسدان ڳوڙهواپياس ڪري ته ڪافي دلچسپ معلومات حاصل ٿيندي. پر رڳو جپان تي ڏوهه ڏيڻ اجايو آهي. دنيا جي گهڻي ڀاڱي انهن ملڪن جي ساڳي حالت آهي، جن هاڻي ته سکيا ڏينهن ڏٺا آهن، پر انڊسٽرلائيزيشن کان اڳ هنن ڏينهن رات هڪ ڪري پورهيو ۽ محنت ڪئي هئي.

❋

## باب تيرهون

# پنهنجي پسند جو سوال

**جيستائين اوهان اڳواٽ ڪنهن ڳالهه جي چاڻ نه ٿا رکو. تيستائين ان کي اوهان سمجهڻ جي به سگهه نه ٿا رکي سگهون ۽ نه ڪو وري ان کي پنهنجي وس ۾ آڻي ٿا سگهون. جيڪي ماڻهو وقت کان اڳ سوچيندا آهن. اهي آخرڪار بيٺ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندا آهن.**

**ميورس سوئزر**

هڪ پرڏيهيءَجي زندگي جذباتي لاهن چاڙهن سان پرپور هوندي آهي. جوانيءَ جا جولان ٿورا ڏٺا ٿيندا آهن ته شادي جي گنڀير بنڌڻن ۾ ٻڌجڻ جي تمنا ٿيندي آهي. گهر سجائڻ ۽ ڪٽنب وڌائڻ جي چاهنا جاڳندي آهي. هر انسان جي زندگي جو اهو ئي نيم آهي. پر هڪ پرڏيهيءَ جي زندگي ۾ اها چاهنا حالتن جي اگر مگر تي آڌار رکندي آهي. جدائي جا ڏکيا عرصا پرديسيءَ جي جذبن، جولانن، اڌمن ۽ اُمنگن تي پنهنجا اڻـمٽ نشان ڇڏي ويندا آهن.

مان به بيٺ کان الڳ ڪونه هوس. مون کي اچا نار ۾ آئي ڪجهه سال مس ٿيا هئا جو هوتوءَ کي اچي هورا ڪورا لڳي ته هاڻي مون کي ڪو جيون ساٿي ڳولڻ گهرجي. هن جو خيال هو ته جيڪڏهن مون جلد شادي ڪري ورتي ته پوءِ مان وڌيڪ ذميدار ٿيندس ۽ هڪ منو ٿي پنهنجي ڪم ڪار تي وڌيڪ ڌيان ڏئي سگهندس. ائين ڪونه هو ته هو منهنجي قابليت ۽ محنت تي شڪ ڪري رهيو هو پر هن جو خيال هو ته جيڪڏهن مون کي ڪنهن ساٿيءَ جو سهڪار ملي ويندو ته مان وڌيڪ لگن سان پنهنجو بزنيس ڪئريئر ٺاهي سگهندس. هن جو اهو به خيال هو ته جيستائين ماڻهو شادي نٿو ڪري، تيسين هو اڌورو آهي. عورت ئي مرد جي زندگي ۾ پختائي، اعتماد آڻي ٿي. جيئن رائنر ماريا رلڪي (Rainer Maria Rike) چيو آهي ته، ”سٺي شادي اها آهي، جنهن ۾ ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي پنهنجي اڪيلائي جو رکوالو بڻائين ٿيون ۽ اعتماد ڏين ٿيون. اها ئي سنڌن هٿ ۾ وڏي ۾ وڏي شڪتي آهي، جا هو هڪ ٻئي کي ڏئي سگهن ٿا.“

گهروارن ڳولا شروع ڪري ڏني ۽ نيٺ پوني جي هڪ ڇوڪري پسند ڪيائون. پونو مهاراشٽرا جو هڪ سکيو ستابو انڊسٽريز جو شهر آهي. ورهاڱي کان پوءِ ڪيترا ئي سنڌي ڪٽنب پوني لڏي ويا هئا.

ڪي بزنيس ڪارڻ ۾ ڪي وري هميشھ جي لاءِ اُتان جا ٿي ويا. ان ڪري پوني شهر مان منهنجي لاءِ ڇوڪري ڳولي لهڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونھ هو. منهنجي چاچيءَ، پري سبناڻيءَ، منهنجي شادي لاءِ جوڙي ڳولڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو هو.

مون ڇوڪريءَ کي ڏٺو ۽ پنهنجي رضامندي ڏيئي ڇڏي. پر ڇوڪريءَ جي والدين کي، سندن ڪيل فيصلي کان ڪنفرم ڪرڻو هو. ان ڪري، مان ڇپان واري سفر تي هليو ويس. بڙودا (Baroda) ۾ بہ مان ان حوالي سان ڪا ڪوشش نہ ڪئي. البت ڪجهہ ڇوڪرن ۽ انهن جي والدين مون کي ڪجهہ گهٽ ٿي ٿلهو محسوس ڪيو. ان ڪري مون بہ انڪار ڪرڻ وارو حق پاڻ وٽ محفوظ ٿي رکيو.

ايئن ناهي تہ بڙودا ۾ ڪنوار ڳولڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي. ڳولا تہ وڏي ٿي، پر ڪن ڇوڪرين يا سندن مائٽن منهنجي تمام ٿلهي هجڻ ڪري صاف انڪار ڪيو ۽ ڪن ڪي وري مون پنهنجا حق استعمال ڪندي پسند ڪونہ ڪيو. منگهن مل اڏارام ان منظر کي بيان ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ جڏهن ڇوڪرو ۽ ڇوڪري شاديءَ جي سلسلي ۾ پاڻ ۾ ملندا آهن، تڏهن ڇوڪري جو سڄو ڌيان ڇوڪريءَ جي ٻاهرئين حسن تي هوندو آهي، پر ڇوڪري ڇوڪري کي ان نظر سان ڏسندي آهي تہ هيءُ آهي اهو ماڻهو جنهن سان مون کي باقي سموري زندگي گذارڻي آهي. ان ڪري عورت ۾ گنڀيرتا ۽ سوچ ويچار وڌيڪ هوندو آهي.

وهانوَ جا سارا بندوبست منهنجي غير موجودگي ۾ ڪيا ويا. اسان جهڙي تمام گهٽيءَ ويجهڙائيءَ وارن ڪٽنبن ۾ مٽ مائٽ پاڻ ۾ گڏجي شادي جون تياريون ڪندا آهن. ان ڪري جيڪڏهن مان هندستان ۾ ڪٽي هجان بہ ها، يا چاهيان بہ ها، تہ بہ ايترو ڪجهہ ڪري نہ سگهان ها. هونءَ بہ مان تہ پرديس ۾ پنهنجي نوڪري تي هئس. مان ڇپان ويل هوس جو اتي مونکي وڏي ڀاءُ جي تار ملي. لکيل هو ”تنهنجو مڱڻو ٿي ويو. واڌايون هجنئي.“

مائٽن طرفان طئہ ڪيل شادي جو خيال ئي ڪجهہ عجيب لڳندو هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن کي بي وقوفي جو بہ لڳي. خاص ڪري انهن ماڻهن کي جن جي سماج ۾ شادي کان اڳ ڇوڪري ڇوڪريءَ جو ملڻ، هڪ ٻئي کي پرکڻ ۽ پسند ڪرڻ عام ڳالهہ ليکي ويندي آهي. اهڙن ماڻهن کي گهرجي تہ ٿوري تڪليف ڪري هن رواج کي سماجي توڙي سيپتائي نظر سان بہ ڏسن. ڪين ارينجڊ مئريج هرويرو ايترا خراب نہ لڳندا. مان ان پراڻيءَ رسم جي طرفداري نٿو ڪريان. پر ان قديم رواج ۾ ڏاهپ ڳولڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.

هندستان ننڍي کنڊ بجاءِ پنهنجي سر هڪ کنڊ آهي. منجهس ڪيترين ئي ٻوليون آهن، هزارين لهجا آهن، ڪوڙ سارا ڌرم ۽ ڌرمن جا حصا آهن، ذاتيون آهن، ذاتين ۾ وري گهراڻا آهن. هر ڌڙي جي زندي

گذارڻ جو طريقو علحدو آهي، عادتون جدا جدا آهي، رسمون ۽ رواج پانت پانت جا آهن. انهن جا رنگ، قدڪاٺ، جسم هڪ جهڙا ناهن. نسل ڌار ڌار آهن. ائين ٿو لڳي ڄڻ هندستان هڪ ملڪ ناهي، سوين ملڪن جو هڪ ميڙ آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته ماڻهو سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي ته آخر هنن هيترن سارن مختلف ماڻهن ۾ اها ڪهڙي هڪ جهڙائي آهي جيڪا کين هڪ قوم جي مالا ۾ پوئي ٿي.

اهڙن چڙوچڙ ماڻهن جي هڪ وڏي انبوهه ۾ مائٽن طرفان بندوبست ڪيل شادي جي ڏاهپ سمجهه ۾ اچي ٿي. اهي شاديون قومي سڃاڻپ جي سلسلي کي جيئرو رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ٿين ٿيون. ڪنهن خاص سماجي ۽ سيپتائي ماڻهن جي گروهه ۾ پراڻن رشتن کي قائم رکڻ ۽ نوان واسطا جوڙڻ جو وسيلو بنجن ٿيون. شاديءَ جو سمورو زور هوندو آهي ڪٽنب تي، ان ڪري شاديءَ کي به هڪ فرض سمجهي نباهڻو پوندو آهي. هندستاني روايت ۾ شادي جي ڳنڍ پڌڻ فقط هڪ علامتي رسم آهي. پيار ان بنڌڻ مان پوءِ پاڻ ئي ڦٽي نڪرندو آهي.

فرد ته اهم آهي ئي، پر جيون ساٿي جي چونڊ ۾ بيون به گهڻيون ڳالهيون ڌسٽيون ٿيون پون. جهڙوڪ سماجي، سياسي ۽ مالي برابريون. چو ته زور وري به ڪٽنب تي ئي آهي. ان موقعي تي وڏڙن جي سياڻپ ۽ پروسو ڏاڍو ڪم ايندو آهي.

هن سسٽم ۾ ڪي بچاءَ جا ڳڙڪا (Safety Valves) به هوندا آهن. وڏو ڪٽنب پتي پتنيءَ جي ناراضگيءَ واري صورت ۾ سرچاءَ جو ڪم ڏيندو آهي. پار وڏي گهر ۾ رهي بين گهرياتين جي گهُرجن ۽ ضرورتن جو پوراءُ ڪرڻ سگهندا آهن. کين پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. گهر جي وڏڙن جي سمجهاڻين، نصيحتن ۽ سياڻپ وارين ڳالهين وسيلي منجهن ڪٽنب جي پيار ۽ پابوهه جهڙين روايتن جي عادت پوندي آهي. اهي ڪجهه هاڪاري پاسا آهن ان سماجي روايت جا. جيڪا هندستان ۾ قديم زماني کان هلندي اچي.

مان ائين هرگز ڪونه چوندس ته هيءَ رسم اختيار ڪرڻ سان سرڳ جا دروازا کلي پوندا. ان جي ابتڙ، ريت رسم، رواج ۽ روايت جي نالي ۾ ڪيل ڪيتريون ئي ڳالهيون غير واجبي ۽ نامناسب پڻ آهن. ڪيترائي مثال موجود آهن جن ۾ زوريءَ ڪرايل شاديون ننڍي ننڍيءَ عمر ۾ رچايل وهانوَ وڏيءَ تڪليف، پيڙا ۽ پوڳنا جو سبب بنيا آهن.

پر وري سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا پيار جو پرڻويا شادي کان اڳ ڇوڪري ڇوڪريءَ جو آزادي سان ميل ميلاپ وڌيڪ سنو حل آهي؟ يورپ ۾ جيڪو ڪجهه شادي جي پوتر بنڌڻ سان ٿي رهيو آهي ۽ ڪٽنب جي جيڪا درگت بڻي آهي، ان تي سوچ ويچار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. اهي سماجي خانداني روايتن تي زور ڏيڻ بجاءِ شخصي آزادي جي وڌيڪ حمايت ٿا ڪن. پر عام طور ائين سمجهيو ٿو وڃي ته

پيار جي شادي هجي يا شادي کان اڳ ميل ميلاپ، انهن مان ڪا به ڳالهه ڪامياب ۽ سکي زندگي جي ضمانت نٿي ڏئي. بلڪ ان جي ابتڙ جڏهن شادي کان پوءِ پيار جو پوت سر تان لهي ويندو آهي ۽ زندگي جون سچايون سامهون اينديون آهن. تڏهن ڪيترين ئي شاديون واريءَ جي محل جيان ڀُرنديون نظر اينديون آهن. اهڙين شادين کي بربادي‌ءَ کان بچائڻ لاءِ وچ ۾ خاندان يا ڪٽنب ڪونه هوندو آهي، جيڪو سندن سرچاءَ جو بار پنهنجي سِر تي ڪٽي. ان سموري گفتگو جو آخري نتيجو اهو ٿيو ته شادي چاهي ارينجڊ هجي يا پيار جي، ٻنهي حالتن ۾ ٻنهي ڌرين کي وڏيءَ محنت ۽ قربانيءَ کان ڪم وٺي پنهنجيءَ شادي کي ڪامياب بڻائڻو پوي ٿو. همدردي، سوچ-لوچ ۽ سمجهه کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. جيڪا ڳالهه يورپ وارن لاءِ چڱي آهي، سا ضروري ناهي ته اسان لاءِ به چڱي هجي. اوير ۽ اولهه اڄ به ڪيترن ئي معاملن ۾ هڪ ٻئي کان هزارين ڪوهه پري آهن.

انهن سببن ڪري انڊيا جي شهري علائقن ۾، پڙهيل لکيل ماڻهو اڄ به مائٽن يا ٻين هٿان بندوبست ڪيل شادي کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. نئين پيڙهي البت شادي جي معاملي ۾ وڌيڪ آزادي گهري ٿي. هو چاهين ٿا ته پنهنجو جيون ساٿي پنهنجي مرضيءَ سان چونڊين. مائٽ به ڪين مڱڻي کان پوءِ وڌيڪ وقت ڏين ٿا ته جيئن هو پاڻ ۾ گهلي ملي، هڪ ٻئي کي چڱي ريت جاچي ۽ پرکي ڏسن. گلف ۾ رهندڙ پرڏيهين جي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي ته وطن ۾ سندن مٽ مائٽ سندن جيون ساٿيءَ جي چونڊ ڪن. ڪنوارپ ۾ ته ڪين پنهنجي ڪميونٽي سان گهٽو واهپو نٿو رهي ۽ پرڏيهه ۾ نوڪري جي دوران ڪين ايترو وقت ڪٿي جو ڪنهن ڇوڪريءَ ساڻ روح رهاڻ ڪن؟ هونءَ به زندگي جي ساٿي ڳولڻ ۾ ته دير لڳندي ئي آهي. ان ڪري جڏهن به پرديس ۾ ڪمائڻ وارو ڪوبه ڪنوارو وئڪيشن تي وطن موٽندو آهي ته موڪلن جي ٿورن ڏينهن ۾ اهو ڏکيرڙو ڪم ڪرڻ سندس وس جي ڳالهه نه هوندي آهي. تڙ تڪڙ ۾ ڇوڪري پسند ڪرڻ، ساڻس اڪيليون ملاقاتون ڪرڻ، پسند ناپسند جو فيصلو ڪرڻ ۽ پوءِ مائٽن کي سڱ گهرڻ تي راضي ڪرڻ جهڙا اوکا ۽ وقت گهرندڙ ڪم ايتريءَ ٿوريءَ مدت ۾، ايترو جلدي اُڪلائڻ ممڪن ئي ناهي. آخرڪار ته سندس زندگي ڀر جي ساٿ جو سوال آهي.

ان ڪري اهو سڄو بار وري به مائٽن جي ڪلهن تي آهي. پرڏيهي پڪيئڙي کي سندن ئي پسند تي ڪنڌ ڌوڻڻو آهي.

اڄ ڪلهه وڏ ۾ وڏ ماڻهو شادي وهانوَ لاءِ اخباري اشتهارن تي ڀاڙڻ لڳا آهن. هندستاني اخبارون شادي جي لاءِ الڳ ڪالم ڇاپينديون آهن. جن ۾ پرڏيهين جي لاءِ ڪنوار ڳولڻ جا به چڱا موچارا اشتهار هوندا آهن. شادي جو اميدوار موڪل تي ڳوٺ موٽڻ کان مهينو کن اڳ اخبار ۾ اشتهار ڇپائي ڇڏيندو آهي ته جيئن ڪيس گهٽي جنجال کان ڇوٽڪارو ملي ۽ ڇئن پنجن چونڊ ڇوڪرين مان ڪا به هڪ پسند

ڪري وڃي مٿس هٿ رکي. هفتي کن اندر شادي جي بکيڙن مان واندو ٿي، مهينو کن نئين ڪنوار سان گڏ گذاري، موڪل ختم ٿيڻ تي گهوٽ پنهنجي نوڪري تي چڙهندو.

ان سموري ڪاج ۾ ائين جڻ گهوٽ ويچاري جي ته ڪا هلندي ئي ناهي. هر ڪم ٻين جي هٿن ۾. ڪرتا ڌرتا پيا، رڳو وني پڙ پوندي گهوٽ جي. پر وٽس ٻيو ڪو چارو به ته ناهي. هو ڪري به ڇا ٿو سگهي؟ اسان جو سماج ته زنده ئي ريتن، رسمن ۽ رواجن جي سهاري تي آهي. ڪٽنب جا ڪي فرض آهن ته وري ان جا ڪي حق به آهن. انهن فرضن ۽ حقن جي اڻ–ڏٺل ڏاڳي ۾ ٻڌل آهي سنڌي سماج جو هر فرد.

جڏهن منهنجي شاديءَ جون ڳالهيون پڪيون ٿي رهيون هيون، تڏهن مان ڪم ڪار سانگي ٻاهر ويل هوس. مونکي ڏور–اوپر ۾ بزنيس جو ڪم ڪار هو. پر مون صلاح ٻيهاري ته موٽندي انڊيا مان ٿيندو ويندس. ان ڪري پندرهن ڏينهن موڪل لاءِ درخواست ڏئي ڇڏيم. بمبئي پهچي، پنهنجي شهر ٻڙودا ڏانهن راهي ٿيس. اسان سنڌين ۾ رواج آهي ته شادي هميشه گهوٽ جي شهر ۾ ٿيندي آهي. مان جيئن ته ٻڙودا جو رهواسي هوس. ان ڪري وهانءُ به اُتي ئي ٿيڻو هو. پر مون پنهنجي طرفان اهو راضپو ڏيکاريو ته پنهنجي ٿيڻ واري ڪنوار وينا جي شهر پوني ۾ وڃي شادي ڪندس. اهو صرف سولائيءَ خاطر ڪيم. منهنجي هڪڙي چاچي پوني ۾ رهندي هئي. اسان شاديءَ جي لاءِ ڪجهه ڏينهن سندس گهر رهڻ لاءِ استعمال ڪري سگهياسين ٿي. وينا جو پتا ياڳچند ڪياڻي اتي مئنوفيڪچرنگ جي ڌنڌي ۾ هو. سندن واسطو مشهور ڄاتل–سڃاتل سنڌي خاندان نولراءِ لوهيءَ سان هو. ورهاڱي ٽاڻي هو سنڌ مان لڏي آيا هئا. اسان جي شاديءَ وقت وينا جا ٽي ڀائر ملڪ کان ٻاهر ڪم ڪندا هئا.

جيئن ته پوني ڏانهن وڃي ڄڃ وٺي وڃڻ ڏکيو ڪم هو ان ڪري اسان فيصلو ڪيو ته ڪن ٿورن ويجهن مائٽن ۽ دوستن کي شاديءَ جو سڏ ڏجي. انهن مان به ڪجهه مائٽ ڪن سببن ڪري شادي تي پهچي نه سگهيا. پائرن ۽ ڀينرن مان منهنجي وڏي ڀيڻ، ستي، جيڪا لاگوس ۾ رهندي هئي، سا اچي نه سگهي. منهنجو پاءُ روچي به هانگ ڪانگ ۾ هو اهو به شريڪ ٿي نه سگهيو. ٻي ڀيڻ راڌا انهن ڏينهن ۾ پنهنجي گهر واري ڏانهن هانگ ڪانگ پئي وئي، تنهن پوني ۾ ترسي، خاندان سان گڏجي، شادي ۾ حصو ورتو. اسانجي شادي هڪ اسڪول جي هال ۾ ٿي. اٽڪل 100 کن مهمان آيا هئا. جن شادي جون واڌايون ۽ آئيندي لاءِ آسيسون ڏنيون. انهن مهمانن ۾ جي.بي. محبوباڻي به هو جيڪو آءِ.ٽي.ايل. گروپ جو اڳوڻو چيئرمين رهي چڪو هو. شاديءَ جو بندوبست اڳ ۾ ئي رٿيل هو ان ڪري اسان ٻنهي کي ايترو وقت ئي ڪونه مليو جو هڪ ٻئي سان شادي کان اڳ کلي ملون يا حال احوال ڪريون. دراصل اسان جو مڱڻو شادي کان هڪ ڏينهن اڳ ٿيو. مڱڻي جي رسمن کان پوءِ بس ايترو وقت مليم جو وينا کي ٿوري دير لاءِ پاڻ سان ٻاهر وٺي ويس. ان ننڍڙيءَ ملاقات ۾ به سندس ڀيڻ اسان جو پيڇو نه ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ ڇوڪرين

ڪي پنهنجي ٿيندڙ گهوٽ سان ٻاهر وڃڻ جي موڪل بنهه ڪانه هوندي هئي، ان ڪري جيڪڏهن اسان پارو ڪو جوڙو ٿوري دير لاءِ به گڏ ٻو هو ته ماڻهو کين "ماڊرن" هجڻ جو مهڻو ڏيندا هئا.

شادي کان هڪ رات اڳ "گهڙي" جي رسم ٿيندي آهي، جنهن ۾ صرف تمام ويجها مائٽ شريڪ ٿيندا آهن. هڪڙي قسم جي Mother's Day (مائرن جو ڏينهن) جهڙي رسم هوندي آهي، جنهن ۾ گهوٽ ماءُ ۽ ڪنوار ماءُ تي سيني جو ڏيان هوندو آهي. ٻنهي کي هار ۽ ڪنديون پارايون وينديون آهن ۽ کين سوکڙيون پاکڙيون پڻ ڏنيون وينديون آهن.

گهڻن هندستاني شادين ۾ رواج آهي ته شادي واري ڏينهن آيل مهمانن کي ڪاڏي جي دعوت ڏني ويندي آهي، پر اسان حيدرآبادين ۾ ائين ناهي. حيدرآبادي سنڌي، شاديءَ واري ڏينهن هلڪي ڦلڪي کائڻ جي ڪا شي ۽ پيئڻ لاءِ شربت يا بوتل وغيره ورهائيندا آهن. شادي جي دعوت، جنهن کي "ستاوڙو" چئبو آهي، سا ٻئي ڏهاڙي تي رکي ويندي آهي.

ستاوڙي کان پوءِ اسان ٽرين رستي بمبئي کان ٿيندا بڙودا پهتاسين. مون کي دٻئي جلدي پهچڻو هو ان ڪري تمام ٿورو وقت وچي بچيو هئم. ڏاڍو عجيب پئي لڳو. وينا ۽ مان هاڻي گهوٽ ڪنوار هئاسين، پر پيار ۾ اجنبي پئي لڳاسين. هڪ ٻئي جي باري ۾ تمام گهٽ خبر هئي سين ۽ وڏي ڳالهه ته مان پرڏيهه پئي اُسهيس، پاڻ سان صرف شاديءَ رات گهاريل ڪجهه موهڻين گهڙين جي ياد ڪٽي.

ڪجهه نوبڪلائي مختصر هني مون تي ملي. ان تنهائي لاءِ دل پئي ماندي ٿي. پران ٿورڙي وقت ۾ اسان ڪيئن پئي هڪ ٻئي جي دل جو احوال ڏئي سگهياسين. ڏارڀائپ جو ٿورو پردو ڪجيو ڪجهه ويجهڙائي ٿي، ۽ بس. هني مون لاءِ اسان اوٽيءَ وياسين. اوٽي سائوٿ انڊيا ۾ تامل ناڊو جي هڪ خوبصورت پهاڙي جڳهه آهي، جتي انگريزن پنهنجا موهيندڙ اهڃاڻ ڇڏيا آهن. اسان ٽرين رستي بمبئي، پوني، بئنگلور ۽ مئسور کان ٿيندا، وڏو سفر ستي اچي اوٽيءَ پهتاسين. نئين نئين شادي ٿي هئي، ان ڪري لڪائي ڪانه پئي. وقت جڻ هڪ هنڌ بيهي رهيو هو. ٻن هزار روپيين ۾ وڏي ٺٺ ٺانگر سان هني مون ملهائي اچي گهر پهتاسين. ان زماني ۾ به هزار به وڏي وٿ هئي. هاڻي ته ان رقم کي ڪو چخي نٿو ڪري.

بئنگلور ۾ اسان هڪ ڪاٽيج ڪرائي تي ورتي، جيڪا ووڊليند هوٽل ۾ هئي. اها هوٽل تن ڏينهن ۾ فلمي ستارن ۽ سنگيتڪارن جي من پسند جڳهه هوندي هئي. مئسور ۾ به اسان اهڙيءَ ئي ستي هوٽل ۾ ترسياسين. گهمڻ ڦرڻ کان سواءِ جيڪڏهن ٻي ڪا تفريح هئي ته اها هئي سئنيما. مئسور ۾ اسان تازي رليز ٿيل فلم "ميرا سايا" ڏٺي، جنهن ۾ ساڌنا هيروئن هئي. فلم ۾ گانا ڏاڍا سنا هئا. هڪڙو گانو جيڪو وينا کي ڏاڍو وڻيو سو هو. تو جهان جهان رهيگا، ميرا سايا ساٿ هوگا. تون جتي جتي به وينديں، منهنجو پاڇو تو سان گڏ رهندو. وينا پڇن ڏاڍا سنا ڳائيندي آهي. آواز به منڙو اٿس. اهو گانو زبان تي اهڙو چڙهيس

جو هر پَٽي جهونگاري. جڏهن مونکي ور ور ڪري ياد پئي ڏياري تہ مان سگھو ئي پرڏيهہ وڃڻ وارو آهيان.

اڃا اسان هڪ ٻئي جي ويجهو مس ٿيا هئاسين ۽ پيار جي پهرئين ڏاڪي تي پير مس ڌريو سين جو وڃڻ جي ويل اچي واسو ڪيو. جدائي جي ويچار ئي وڏ ٿي وڌا. مٿان وري اها اڻ ٽڻ تہ هاڻي وري الائي ڪڏهن مُڪا ميلو ٿيندو. رواج موجب وينا کي مون کان پوءِ مميءَ سان رهڻو هو. بمبئي تائين مون سان گڏ هلي. وڇوڙي جي گهڙي آئي تہ پانيم، وڏيءَ مشڪل سان لڙڪ لڪائي رهي هئي.

انهن ڏينهن ۾ بمبئي جي ايئرپورٽ تي ايڏي پيڙ ڪونہ هوندي هئي. هر شئي پٽي ڏيکاربي هئي. توهان جهاز جي ڏاڪڻ تان مڙي پنهنجن دوستن يا مائٽن کي هٿ لوڏي خدا حافظ چئي سگهيا ٿي. جهاز جي در تي بيهي آخري ڀيرو هڪ نظر ڪين ڏسي سگهيا ٿي. هاڻي تہ توهان ٽرمينل ۾ گهڙڻ کان پوءِ اکين کان اوجهل ٿي ويندو.

جهاز ۾ مونکي سيٺ پگوان بابلاڻيءَ جي پٽ ۾ مليو. بابلاڻي جشن مل وٽ سينئر مئنيجر هو. هن شرارت وچان منهنجي قميص تي لڳل لپ اسٽڪ جي نشان ڏانهن اشارو ڪيو پر مونکي ڪابہ ڦڪائي ڪانہ ٿي. پنهنجي من ۾ سوچيندو رهيس، ”هائو مان پاڻ سان گڏ دبئيءَ وينا سان گهاريل ڪجهہ يادگار ڏينهن جي نشاني کڻي وڃي رهيو آهيان.“

ٽيليفون تہ هئا ڪونہ. سو هڪ ٻئي سان رابطو رکڻ جو هڪ ئي ذريعو هو اهو هو خط لکڻ. وينا هڪ خاص قسم جي ڪاغذ تي خوشبو ڇٽي، مون ڏانهن خط لکندي هئي. هفتي ۾ ٻہ خط ڪانئس ايندا هئا. خط ڇا هئا، پيار جي اُڌمن جو هڪ ساگر هو جو ڪاغذ مان ڇلڪي پوندو هو. مان ور ور ڪري پيو اهي ساڳيا خط پڙهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن تہ رات جو دير دير تائين سندس لفظ لفظ کي پيو گهوريندو هوس. اکيون ٿڪجي پونديون هيون، دل نہ پربي هئي. ايڏو سنيهہ هو سندس لڪٽين ۾. خبر ئي ڪانہ هيم تہ آخر ڪڏهن وينا کي وٺي دبئي اچي پاڻ سان گڏ رهائيندس. ڪمپني جي قاعدن موجب هر ٻئي سال پگهار ۽ خرچ پکي سميت ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ملندي هئي. منهنجي وينتيءَ تي ڪمپني وارن قرب اهو ڪيو جو هر ٻئي سال ٻہ مهينا موڪل ڏيڻ بدران هر سال هڪ مهينو موڪل ڏيڻ منظور ڪيائون. ان کان سواءِ مون ڇا ڪيو جو جڏهن بہ بزنيس سانگي ڏوراوير ملڪن ڏانهن وڃڻ ٿيندو هوم، تڏهن ٿورڙو وقت ڪڍي وينا سان ملڻ لاءِ بڙودا مان بہ چڪر هنيون ايندو هوس. اهڙي طرح مان گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ بہ ڀيرا پنهنجي ڪٽنب سان ملي ايندو هوس.

وينا بہ سال ۾ هڪ يا بہ ڀيرا دبئي جو چڪر هڻي ويندي هئي، ان ڪري سنگت ساٿ ۾ اسان جي وڏي لئہ هوندي هئي، ڇو تہ ٻيا ويچارا پنهنجي گهروارن کي پاڻ وٽ گهرائي نہ سگهندا هئا ۽ پاڻ هر ٻن سالن کان پوءِ وڃي مس مس گهران ٿي ايندا هئا. ڪمپني جا قانون سخت هئا ۽ گهڻي ڀاڱي ڪمپنيون

پنهنجن ملازمن کي ٻن سالن کان پوءِ ئي موڪل ڏينديون هيون. ڪي ويچارا تہ اها موڪل بہ ڪونہ وٺندا هئا تہ جيئن اهي چار ڏوڪڙ بہ بچائي سگهن.

اهڙين حالتن ۾ نئين شادي ڪيل جوڙي سان ڪهڙي جُٽ هوندي، سا تہ توهان پلي پت سمجهي سگهو ٿا. ٻن هفتن ۾ ڇا ٿو ٿي سگهي؟ زال سان پوري ڏيٺ ويٺ بہ نٿي ٿي سگهي. اجا مُرڪڻ جهڙا مس ٿيندا هئاسين جو ٽائيم اچي پورو ٿيندو هو. پٽي وئي کان پوءِ ڪنوار وري بہ سسُ سان گڏ گذاري. سَسُ بہ ڏاري، اهڙين ڇوڪرين جي من جي ماجرا اهي ئي سمجهي سگهندا، جيڪي ان عذاب مان گذريا هوندا.

پٽيءَ سان بہ ٻي هفتا گڏ گذارڻ کان پوءِ وڇوڙو ۽ وڇوڙي کان پوءِ ساهراڻي گهر ۾ اجنبي ٿي گذارڻ. نہ ڪو پُڇڻ وارو نہ ڳالهائڻ وارو. گهر جا ٻُڍا ۽ ٻڍيون همدردي جو اکر بہ نہ اُڪلن. سي ڇا ڄاڻندا ويچاري نئين نويل ونيءَ جي جيءَ جا جهير؟ اهڙين دکي نارين جي درد کي هاڻي انڊيا توڙي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو ۽ مٿن ڪهل ڪئي ٿي وڃي. اهڙيءَ حالت کي ”گلف جو اهڃاڻ“ (Gulf Syndrome) چوندا آهن.

شادي کان هڪدم پوءِ گهوٽ جي جدائيءَ ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين کي ذهني مريض بنائي ڇڏيو آهي. اونداهي، اڻ ڄاتي آئندي جي اُن ترڻ ۽ ساهرن سان گڏجي سڏجي رهڻ جون ڏکيائون ۽ نئين وايو منڊل جون ڪٺنايون، ڪنهن بہ ناريءَ جو جيون نرڳ بنائڻ لاءِ ڪافي آهن. 1970 ۽ 80 جي ڏهاڪن ۾ ان وشيہ تي گهڻا ڪاڳر ڪارا ڪيا ويا. ودوانن ريسرچ ڪئي ۽ هٿ ڪيل معلومات کي ڪتابي شڪل ۾ ڇاپيو ويو. اِهو اُهو وقت هو جڏهن گلف مان تيل هٿ آيو هو ۽ ماڻهن جا انبوهہ گهر گهاٽ ڇڏي نندي ڪنڊ کان نار جي طرف روزگار خاطر لڏڻ لڳا هئا.

ڪهاوت موجب، انڊلٽ جي پرينءَ پر سونو ڪٽورو حاصل ڪرڻ لاءِ، پرڏيهي، زندگي جون ڪيترين ئي خوشيون ماڻڻ کان محروم رهجي ويندا آهن. پر اُن ۾ پڻ ئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آهي. پنهنجي پسند ماڻڻ لاءِ ڪين ڪا تہ قرباني ڏيڻي آهي ۽ سندن پسند آهي دبئي پهچڻ، تہ جيئن حياتي ٻي اُلڪي گذاري سگهن.

پر، ڇا اها قيمت تمام وڏي آهي؟ پنهنجي پهرئين شوق ۽ امنگ ۾ جڏهن هو جهاز تي چڙهي وطن جا وڻ ڇڏين ٿا، تڏهن شايد ڪين اهو احساس ئي ڪونہ ٿيندو آهي تہ هو پوئتي ڇا ڇا ڇڏي ٿا وڃن. پوءِ جڏهن ڪجهہ سال گذرڻ بعد هو وهي کاتو کولي حساب ڪتاب ڪن ٿا تہ ڪين پتو پوي ٿو تہ هو حياتيءَ جا اهي حسين پل پنيان ڇڏي آيا آهن، جيڪي ڪين ٻيهر ڪڏهن بہ ملڻا ناهن.

برسات جو ٽي سوچيو. ويچار ڪريو تہ توهان دري جي اوٽ ۾ بيٺا آهيو ۽ ٻاهر بارش جو سنگيت سُرَ وکيري رهيو آهي. ڪائين مان پنيت ڪري پرندڙ اُن باهہ جي باري ۾ سوچيو جيڪا ڪنهن سياري جي صبح جو اوهان کي ان وقت گرمائش پهچائي ٿي جڏهن سرد هوا جا جهوٽا ڪٽڪ جي سون جهڙن سنگن

سان ڇيڙڇاڙ ڪندا آهن. ڳوٺ ڀاهران دور تائين ڦهليل تلاءَ متعلق سوچيو ڇهچ ساين پهاڙين ۾ ماڻرين ۾ بازارن ڪي ياد ڪريو. موسمون، ميلا ملاڪڙا، مٽن مائٽن جون گڏجاڻيون، شاديون مراديون، جنم ۾ موت، هڪ هڪ ڪري سين ڪي ساريو. ڇا، اسان مان هر هڪ، جيڪو ڏيهه ڇڏي پرڏيهه ۾ آيو آهي، خاص ڪري گلف جي صحرائي ملڪن ۾، ڪڏهن ڪڏهن انهن ننڍين خوشين ڪي ياد ڪري وياڪل نه ٿيندو هوندو؟

اهو سڀ ڪجهه ڇڏي اسان اهي وٿاڻ وسايا آهن، جتي پاڳل به پير ڏرڻ پسند نه ڪن. نوڪريءَ جا زنجير پرديسين ڪي پيار ته پري رهيو هني مون جون چند گهڙيون به سُک سان گذارڻ نٿا ڏين. نئين نويلي ڪنوار ڪي ڇڱيءَ ريت جاڻڻ سڃاڻڻ کان سواءِ ئي اڪيلو ڇڏڻ تي مجبور ٿا ڪن. سال ٻن جي جدائيءَ کان پوءِ ٻيهر موٽڻ به ڪهڙو موٽڻ ڇئبو؟ جنهن عورت کي توهان گهونگهٽ ۾ ڇڏي ويا هئا، سا هاڻي وڏيڪ اوپري ٿي چڪي هوندي.

يا جڏهن ڪو ٻار جمي ٿو تڏهن توهان سندس ٻالڪپڻي جون معصوم مُرڪون ڏسي ٿا سگهو؟ سندس ٿهڪ، هونگارون، ٻاتڙي ٻولي ۾ پهريون پنڌ. سيڪجهه ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان محروم رهجي ٿا وڃو.

جڏهن هو انهن گهڙين کي ياد ڪن ٿا، جڏهن پنهنجي پتڪڙي ٻار جو پنکڙين جهڙو ڪومل هٿ جهلي ڪيس پنڌ ڪرڻ سيکاريو هئائون، تڏهن سندن دل ۾ جڻ ڪا ڇيت ڇيپي ويندي آهي. ڪين اجا به پنهنجي ننڍڙي جي بدن جي خوشبو ايندي آهي، توڙي جو هو ڪائنڻ سوين ڪوهه پري هوندا آهن. ڪين اهي پل رکي رکي ستائيندا آهن، جيڪي هنن پنهنجن پيارن سان گذاريا هوندا.

هيءَ به ڪهڙي زندگي آهي؟ ياد ڳيرين جي سهاري جيئڻ به ڪو جيئڻ ڇئبو؟ اهي ڪن، جي سندن زندگي جي سونهن آهن ۽ جي ٻيهر موٽي نه ايندا ۽ اهي ڪن جڻ ڪو ڏاڙيل ڏاڙو هٽي ڪائنڻ هميشه جي لاءِ ڪسي رمندو رهيو.

ڪيئي سال اڳ راجڪپور هڪ انٽرويو لنڊن ۾ ڏنو هو. اهو دل تي تري آيو اٿم. هندستاني فلمن جي ديومالائي هيرو چيو: ”حياتي گذارڻ لاءِ اسان سخت پورهيو ڪريون ٿا، پئسي جي پويان ديوانن جيان ڊوڙندي زندگي فقط ان آسري تي ڳاري ٿا ڇڏيون ته هڪ نه هڪ ڏينهن اسان ان ئي پئسي جي سهاري سُکي جيوت گهاري سگهنداسين. پر جڏهن دولت اچي ٿي ۽ اسان جا خواب ساڀيان ٿيڻ جي ويجهو پهچن ٿا، تڏهن اوچتو پتو پوي ٿو ته هاڻي زندگي ۾ بچيو ئي ڇا آهي؟“

ڪيتري نه سچي ڳالهه ڪئي هئي راجڪپور! اهي ساڳيا ويچار پنڪج اُداس پنهنجي گيت ”چٺي“ ۾ ڪيڏي نه سهڻي انداز ۾ ڇيا آهن: ”توني پيسا خوب ڪمايا، اس پيسي ني ديس ڇڙايا. پنڇي پنجرا توڙ

ڪي آجا، ديس پرايا ڇوڙڪي آجا. آجا، عمر بهت ئي هئہ ڇوٽي، اپني گهر ۾ ڀي هي روٽي.“

مون بہ پنهنجي جيون جون ڪيئي سونهري گهڙيون گنوائي ڇڏيون. اهڙا موقعا بہ آيا، جڏهن منهنجي اتي موجودگي شايد اسان جي زندگي جو رخ ئي موڙي ڇڏي ها. منهنجي پهرئين ٻار جو ئي ڪٽي مثال وٺو. ڪڪو جنم کان پوءِ ڪجھ هفتا مس جالي سگهيو. مان ان وقت ٻڙودا ۾ هوس. جڏهن هو ڄائو هو. اسان جون خوشيون اڌوريون رهجي ويون. جڏهن ڳَل پئي تہ ننيڙو نيڪ ناهي. ڪيس زنده رکڻ لاءِ خاص دوائن ۽ پرگهور جي ضرورت هئي. اهڙي موقعي تي وينا کي منهنجي ويجهڙائي ۽ ساٿ ۽ سهاري جي سخت ضرورت هئي. پر مون کي ڪنهن بہ حالت ۾ ڇپان وڃڻو هو. مان چاهيندي بہ ترسي نٿي سگهيس. مان ڊيوٽي کي پٺي ڏئي نٿي سگهيس، لاچار هوس!

دل کي اهو آٿت هئم تہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ منهنجا گهروارا ضرور ڪجھ نہ ڪجھ ڪري وٺندا. ڇپان پهچي خبر پيم تہ منهنجو پٽڙو گذاري ويو. منهنجي هانوَ تي ڪات وهي ويا. روح رتوڇاڻ ٿي ويم. هر ساهہ سڏڪو بنجي ويو. چيم، ڪاش! مان اتي هجان ها! شايد مان ڀڄ ڊوڙ ڪري ڪيس بچائي وٺان ها. شايد ڪو چمتڪار ٿي پوي ها. پر پوءِ دل کي اهو چئي آٿت ڏنم تہ شايد ڌڻي جي اها ئي مرضي هئي. شايد مان بہ ڪجھ نہ ڪري سگهان ها. شايد ڪوبہ ڪجھ نہ ڪري سگهي ها. دل تي پٿر رکي چپ رهيس، ڪڇيم نہ پڇيم. پنهنجو فرض پورو ڪندو رهيس.

واپسي تي وينا کي دلاسو ڏيڻ لاءِ هندستان مان ٿيندو ويس. دک، درد ۽ پيڙا جي پولارن ۾ ڀٽڪي رهي هئي وينا. شادي جي ڇهن سالن کان پوءِ اهو اسان جو پهريون ٻار هو. سندس ڏک ڏهوٽو ٿي پئي لڳو. موت ويلي جي ان ساڻس گڏ هجان ها تہ شايد ڪجھ همت ساري سگهي ها. پر هن ڪڏهن بہ اندر جي آهہ مون تائين پهچڻ نہ ڏني. نہ وري نااميديءَ جو اظهار ڪيائين. منهنجي دل رکڻ خاطر هوءَ دل ئي دل ۾ روئندي رهي، ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍيائين.

مون موت کي جوت بنايو آ،

ڇا تڪ هُجي يا تاءِ، ميان!

جڏهن وينا ٻيهر ڳورهاري ٿي، تڏهن پنهنجي ڪاڏي پيتي جو ڏاڍو خيال رکيائين. هلڻ چلڻ ۾ بہ حد کان وڌيڪ سنڀال رکڻ لڳي. مون بہ ڏاڍي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ هڪ سٺي اسپتال جي چونڊ ڪئي. وينا ڀاڻ کي ٻڙودا جي مشهور اسپتال مهاراڻي شانتا ديوي نرسنگ هوم ۾ رجسٽر ڪرايو. ڊاڪٽر وياس مٿس وڏا وڙ ڪيا ۽ هر طرح سندس دلجوئي ڪئي. وينا زور ڀريو تہ ويم آپريشن وسيلي (Caesarean) ٿئي، ڇو تہ هن نہ پئي چاهيو تہ قدرتي ويم سان ڪٿي ٻار جي حياتي خطري ۾ نہ پئجي وڃي.

اڄ جون عورتون آپريشن (Caesarean Section) کان پوءِ ٻن ڏينهن جي اندر موٽي ويندي يون آهن،

پر انهن ڏينهن ۾ اهو تمام وڏو آپريشن ليکيو ويندو هو. خاص ڪري بڙودا جهڙي ننڍڙي شهر ۾ هرويرو ايڊيون گهڻيون سهولتون به ڪونه هيون. ماءُ کي گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه چاليهه ڏينهن بستري داخل رهڻو پوندو هو. ۽ هفتا نه غلسخاني تائين وڃڻ جي به اجازت نه هوندي هئي. گيهه يا تيل جو سٽيپ وارو کاڌو کائڻ جي سخت منع هوندي هئي. مون کي ياد آهي ته منهنجي ماءُ اسپتال پچڻ ايندڙ مائٽن توڙي دوستن کي وڏيءَ گنڀيرتا سان چوندي هئي، "وڏيءَ آپريشن سان ٻار ڄائو آهي."

اسان جو ايندڙ ٻار، گوڙي، اسان جي حساب سان اسان جي شادي جي سالگرهه جي لڳ ڀڳ ڄمڻ واري هئي. سندس جنم جي تاريخ جو فيصلو اسان جي هٿن ۾ هو. ڇو ته هوءَ آپريشن وسيلي ڄمڻ واري هئي. نئين ٻار جي اچڻ تي اسان ڏاڍا اُتاولا هئاسين. خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن اسان جو پهريون ٻار ڄمندي ئي اسان کان وڇڙي ويو هو. ڇوڪريءَ جي ڄمڻ تي مان ارهو ڪونه ٿيس. منهنجي لاءِ ان سان ڪوفرق ڪونه پئي پيو ته نئون ٻار ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري. پر اهو ٻڌائڻ به ضروري ٿو سمجهان ته انڊيا ۾ پٽ جي ڄمڻ تي گهڻيون خوشيون ڪيون وينديون آهن. هر ڪنهن جي دلي خواهش به اها هوندي آهي ته جيڪر پُٽ ڄمي. انڊيا جي سماج ۾ شروع کان ئي اهڙين ٿيندو آيو آهي ۽ ماڻهن جي سوچ مٽائڻ سولو ڪم ناهي. اها سوچ سماجي، سيپتائي ۽ مالي مجبورين سبب پيدا ٿي آهي.

جيئن ته منهنجو انڊيا وڃڻ جو ڪو خاص ٽائيم مقرر ڪونه هوندو هو جڏهن موقعو ملندو هئم، ڪجهه ڏهاڙا بڙودا ۾ گذاري ايندو هوس، ان ڪري پنهنجي ڪتنب جي رٿابندي ڪري نه سگهيس. آپريشن کان پوءِ ڊاڪٽر جهلي ڇڏيو هو ته گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن تائين ٻئي ٻار کان پرهيز ڪجو. ان ڪري خيال رکندا هئاسين. پر هر طرح جي خيال رکڻ جي باوجود، گوڙيءَ جي ڄمڻ کان اٽڪل هڪ سال پوءِ وينا وري اميد سان ٿي. انهن ڏينهن ۾ چوندا هئا ته جيڪڏهن پهريون ٻار آپريشن سان ٿئي ته پوءِ ٻيو ٻار به هر حال ۾ آپريشن ذريعي ئي ٿيڻ گهرجي. اهو به چوندا هئا ته آپريشن متان جلد ٻيو آپريشن خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. بهرحال، اسان فيصلو ڪيو ته ڇا به ٿئي، اسان کي ٻيو ٻار گهرجي.

ڊاڪٽر وياس جو چوڻ هو ته گرڀ هئڻ سبب وينا کي ٻار ڄمڻ تائين بڙودا ۾ ئي رهڻ گهرجي ته جيئن ڊاڪٽرياڻي سندس نظرداري ڪندي رهي. دراصل ڊاڪٽرياڻيءَ ٻيهر آپريشن ڪرڻ کان ڪيٻايو پئي. ان ڏاڻي منهنجو وڏو ڀاءُ به بڙودا ۾ موجود هو. هڪ ڏيءَ کان پوءِ هن جي دلي مراد هئي ته جيڪر هن پيري پُٽ ڄمي ته جيئن پيڙهي قائم رهي. حساب لڳايوسين ته ٻار جو جنم ڏينهن جنم اشٽمي تي ٿي بيٺو. جيڪو ڪرشن مهراج جو پڻ جنم ڏينهن آهي.

هوتوءَ کي پلا هجي هوراڪورا، سو وڃي پنڊت کان پڇيائين. موٽيو ته سرهو پئي لڳو. چيائين، پنڊت ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن ويم جنم اشٽمي تي ٿيندو ته ٻار پڪ ئي پڪ ڇوڪرو هوندو. منهنجو ٻيو ٻار

جنم اشٽمي جي ڏڻ تي ئي ڄائو ۽ جنم بہ بنا آپريشن جي ٿيو پر چيتنا چوڪري نڪتي! مان ائين تہ ڪونہ چوندس تہ جوتش وديا غلط آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن حساب ڪتاب ۾ ڀُل بہ ٿي ويندي آهي.

هاٽي تہ ويتر ڏکيو ٿي پيو تہ منهنجا ٻار اچي مون سان دبئي ۾ گڏ ٿين. آئيندي جي لاءِ بہ ڪي اهڙا آثار نظر نٿي آيا. ٻہ ٻار ساڻ ڪٽي وينا دبئي جو سفر سٺي، سو بہ اوکو پئي لڳو. ان ڪري وينا جڏهن بہ دبئي ايندي هئي تہ ننڍڙي ڪڪيءَ کي ڪڏهن منهنجي ماءُ پيءُ وٽ يا پنهنجيءَ پيڻ وٽ ڇڏي ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻئي ٻار هندستان ۾ ڇڏي اڪيلي سر هلي ايندي هئي. گهڻو ڪري ٻہ مهينا ڪن رهي واپس موٽي ويندي هئي.

منهنجي آمدني هاٽي ايتري ٿي وئي هئي جو مان پنهنجي ڪٽنب کي دبئي ۾ تہ گهرائي پئي سگهيس، پر سندن اچڻ ڪري منهنجي بچت گهٽي گهٽجي وڃي ها. ان ڪري مون ڪين پاڻ وٽ گهرائڻ جي باري ۾ ڪڏهن سنجيدگيءَ سان سوچيو ئي ڪونہ. وينا بہ اچڻ لاءِ زور بار ڪونہ ڪيو. ان جي ابتڙ هن انڊيا ۾ رهڻ وڌيڪ پسند پئي ڪيو. ڪيس خبر هئي تہ مون کي ڪم کان واندڪائي ملڻي ناهي. ڄڻ ڪم ڪرڻ جي بيماري اٿم. ڪيس يا ٻارن کي وقت ڪيئن ڏئي سگهندس؟ ان ڪري هن جي لاءِ جهڙي دبئي، تهڙي ٻڙودا.

وينا کي منهنجي ڪاروباري مشغولين جي تہ اڳ ئي خبر هئي. ڪيس اها بہ ڄاڻ هئي تہ مان پنهنجي ڪم ۾ هر وقت غلطان رهندو آهيان. مٿي ڪنهن جيتري بہ فرصت ڪونہ ملندي اٿم. مونکي سپلائرن ۽ گراهڪن جو خيال رکڻو پوندو آهي. ساٿن ملڻ، ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ وقت ڪڍڻو پوندو آهي. هن کي اهو بہ معلوم هو تہ منهنجي سوشل لائيف منهنجون گهڻي قدر راتيون ڳاري ڇڏيندي آهي. ٻہ ٻار ساڻ ڪٽي، بنا نوڪر چاڪر جي، دبئي اچي رهڻ جو هوءَ بہ ساهس ساري نہ پئي سگهي. انڪري هن انڊيا ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. گهٽ ۾ گهٽ اوليءَ سوليءَ ۾ ڪم اچڻ لاءِ مٽ مائٽ تہ هئس. بس ان ۾ ئي راضي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ دبئي هلي ايندي هئي.

اسان اهڙيءَ ريت 18 سال ساندهہ گهاريندا رهياسين. هاٽي جڏهن پنتي مڙي ڏسان ٿو تہ وينا جي قربانين جي واکاڻ ڪرڻ بنا رهي نٿو سگهان. هن کي جس آهي تہ ڪٽنب جي ڀلائيءَ ڪارڻ هن ايڏا اهنج ڏٺا. منهنجا گهر ڀاتي ٻڙودا مان پوني لڏي ويا هئا. جتي وينا، ٻار، منهنجي ماءُ ۽ منهنجي پياءُ جو ڪٽنب گڏ رهندا هئا. جڏهن اسان پوني ۾ گهر ورتو، منهنجي پاپي پنهنجن ٻارن سميت گهرواري سان گڏرهڻ لاءِ هانگ ڪانگ هلي وئي. ممي اسان سان گڏ رهڻ لڳي.

ٻن ڏيئن ڪان پوءِ هاٽي مون کي پُٽ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. چيتنا جو جنم بنا آپريشن جي ٿيو هو ان ڪري ٽئين ٻار جي اچڻ تي ڪا چنتا ڪانہ هيم. وينا کي ٽيون ٻار تڏهن پيٽ ۾ ٿيو جڏهن

اندرا گانڌيءَ انڊيا ۾ ايمرجنسي لڳائي هئي. جڏهن ٽين ڏيءَ جنم ورتو تڏهن به مان هندستان ۾ ڪونه هوس. ايمرجنسيءَ ۾ شهرين جا بنيادي حق روڪيا ويندا آهن. منهنجو انڊيا اچڻ ۽ واپس وڃڻ جو حق مون کان کسيو ويو. ان ڪري ڏکيائيءَ جي ان گهڙيءَ ۾ مان پنهنجي پتني جي ويجهو رهي نه سگهيس. مون کي پنهنجي ٻار جي جمڻ جي خبر چوويهن ڪلاڪن کان پوءِ پئي. هن ڀيري به مون کي ڌيءُ ڄائي هئي. اسان سندس نالو رکيو ريکا.

منهنجي شادي ٿي هئي 1966ع ۾ ۽ وينا ۽ اسان جا ٻار انڊيا ۾ رهيا 1985ع تائين. اها جدا ڳالهه آهي ته هو سڀ گڏجي يا الڳ الڳ دبئي ايندا رهندا هئا. منهنجي وڏي ڌيءَ گوري، جيڪا هاڻي ٽن ٻارن جي ماءُ آهي، تنهن مون کي مڃايو ته مون کي پنهنجي گهر ڀاتين کي دبئي گهرائڻ گهرجي. وينا جي انڊيا ۾ رهڻ جي ڪارڻ مان هڪ اهو به هو ته هن منهنجي ماءُ جي سيوا ڪرڻ پئي چاهي. ممي پوني ۾ رهندي هئي.

هوتو اسان سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن جي باري ۾ ڏاڍو جذباتي هو. دادا جي لاڏاڻي وقت هوتوءَ جي عمر 13 سال هئي. ان کان پوءِ هن سڄي گهر جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو ۽ هر طرح جون قربانيون ڏنيون. ان ڪچيءَ ڄمار کان وٺي هوتوءَ جيڪي ڏک ڏاڪڙا ۽ تڪليفون سٺيون، تنهن ڪيس گهر جي هر ٻار ٻچي سان ايڏو پيار ۾ جڪڙي ڇڏيو جو هو نه چاهيندو هو ته اسان مان ڪوبه هڪ ڪڏهن به ڪو غلط فيصلو ڪري پاڻ کي هاجو پهچائي. هن کي اسان جي ننڍي ڀاءُ روچيءَ جي وڏيڪ اڻ تڻ رهندي هئي. هڪ ته هو ننڍو هو ٻيو اسان جي پيٽ ۾ وڏيڪ پڙهيل هو. شڪل صورت ۾ به ٺاهوڪو هو ۽ هميشه ٽپ ٽاپ رهندو هو. جڏهن ڦوهه جواني کي پهتو تڏهن گهر جي مالي حالت به ڪجهه سڌري وئي هئي، اِن ڪري انجي شاديءَ لاءِ چڱن ڀلن گهرن مان سجهاوَ اچڻ لڳا.

هوتوءَ فيصلو ڪري ڇڏيو ته روچيءَ جي شادي ڪنهن نالي واري وڏي خاندان مان ڪرائيندس؛ پر روچيءَ اڳي ئي پنهنجي جيون ساٿي جي باري ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو. روچي هانگ ڪانگ جي ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. ساڻس گڏ ورجينيا نالي هڪ ڪرسچن ڇوڪري ڪم ڪندي هئي. هو ان سان نينهن جو ناتو ڳنڍي وينو ۽ ڳالهه وڃي شاديءَ تائين پهتي. هوتوءَ کي جڏهن اها خبر پئي ته ويچاري جا ڇهه ئي ڇڄي پيا. ڏک به ڏکن جهڙو ٿيس. جيڪي آشائون ۽ اميدون سالن کان دل ۾ سانڍي رکيون هئائين، سي ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي پيون. مميءَ ٻاهران ته ڪجهه ڪونه چيو اندر ۾ ضرور دکي ٿي هوندي. ويچاريءَ سڄي ڄمار ايترا ڏک ڏٺا هئا جو هاڻي جهڙي تهڙي پريشاني مٿس اثر ئي ڪونه ڪندي هئي.

هوتوءَ روچيءَ کي گهڻوئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو جو چوندا آهن ته ”لکيو منجهه نراڙ

قلم ڪيائڙيءَ نہ وهي“ سو ڪنهن جي ڪانہ هلي. شادي ٿيڻي هئي، سا ٿي گذري. 1968ع ۾ روچيءَ ورجينيا سان بئنڪاڪ ۾ شادي ڪري ڇڏي. اسان منجهان شاديءَ ۾ ڪوبہ ڪونہ ويو. ٿيو هيئن جو اسان کي ٿورن لفظن واري تار تڏهن ملي، جڏهن هو شادي جي بندڻ ۾ اڳ ئي ٻڌجي چڪا هئا. ورجينيا پنهنجو نالو بدلائي پارتي رکيو۽ هاڻي کين رميش نالي هڪ پُٽ آهي.

منهنجيءَ ماءُ 9 ڊسمبر، 1985ع تي لاڏاڻو ڪيو. ان وقت سندس عمر 72 سال هئي. سندن ديهانت کان ڪجھ ڏيهاڙا اڳ مان پوني ۾ هوس. ممي منهنجي پيڻ ستيءَ وٽ بڙودا ۾ هئي. ستي بڙودا ۾ رهندي هئي. مان ڏور اوپر کان ڪم ڪار پورا ڪري دبئي ڏانهن ويندي رستي ۾ پوني ۾ ترسي پيو هوس. مميءَ کي جو منهنجي اچڻ جي خبر پئي، سو مونکي فون ڪيائين. چيائين تہ مون کي اچي بمبئي مان پوني نہ وٺي ويندين؟ بڙودا مان تہ پاڻهي ترين تي بمبئي پهچي ويندس، پر بمبئي ۾ ترينون بدلائڻ ڏکيو ٿو لڳيم. ايندين تہ ڏاڍي سولائي ٿي پوندم.“

مون وٽ وقت صفا ڪونہ هو. چيئرمن محبوباڻي مون کان اڳ ئي دبئي پهچي چڪو هو. ”مون کي تڙ تڪڙ لڳي پئي هئي. دبئي پهچڻ ضرور هو. 9 تاريخ تي پارتي رکيل هئي ۽ منهنجي لاءِ پارتي گُسائڻ ممڪن نہ هو. ان ڪري ساري ماجرا بيان ڪري ٻڌائيم مانس. چيومانس، ”امڙ سو دفعا پرمون وٽ وقت ڪونهي جو بمبئي اچي توکي وٺي پوني پهچايان.“ ساٽس ملڻ کان سواءِ ئي دبئي هليو آيس.

ان ئي ڏينهن ستيءَ جي گهرواري پهلاج راءِ چتواڻيءَ جي فون آئي تہ منهنجي پياري ماءُ هن دنيا ۾ نہ رهي هئي. ڏاڍي ڏک منجهان آهستي سرباٽ ڪندي، مونکي منهنجي ماءُ جي موت جي خبر ٻڌايائين. چيائين، ”ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿيس. نہ ئي وري بيمار ٿي. چپ چاپ، ماٺ ميٺ ۾ سنسار ڇڏي هلي وئي.“

منهنجي پيرن هينان ڌرتي نڪري وئي. ان گهڙيءَ کي پئي پٽيم جڏهن کيس ملڻ کانسواءِ دبئي اچڻ جو فيصلو ڪيو هيم. جنهن پارتيءَ لاءِ دبئي آيو هوس، تنهن کي ڇڏي هڪدم مميءَ جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هندستان موٽي آيس. اتفاق سان 9 ڊسمبر، 1985ع تي ئي آءِ.ٽي.ايل. بورڊ مون کي پروموشن ڏئي ڊائريڪٽر بنائڻ جو فيصلو ڪيو. ماءُ جي دل ڏسو جنهن وقت سندس چتا جلي رهي هئي، ان ويل بہ سندس آسيس مون سان گڏ هئي!

مميءَ جي لاڏاڻي کان پوءِ وينا نيٺ دبئي اچڻ باسيو. تنهن هوندي بہ لڳي پيو تہ دليون پئي هنيائين. سندس چوڻ هو تہ مان آهيان سمورو وقت بزنيس جي سفر ۾، هوءَ اچي ڇا ڪندي؟ جي ڪٽي دبئي آئي بہ، تہ بہ منهنجي ٻاهر هئڻ ڪري ٻارن سوڌو اڪيلي ويٺي هوندي. پر ائين نہ ٿيو. وينا جڏهن دبئي پهتي تہ اڻ کي حالتن آڌار هيرائي ڇڏيائين. جڏهن مان ٻاهر هوندو هوس تہ هوءَ ٻارن جي سار سنڀال ۾ رڌل رهندي

هئي. آواز تہ سنو هوس، سو پنهنجو گهڻو وقت ڏرمي ڪمن ڪارين ۽ پڄن ڳائڻ ۾ گذارڻ لڳي.

هندستان جو سماج مردن جي ڏاڍ-مڙسيءَ وارو سماج آهي. اهڙي وايومنڊل ۾ ڪنهن بہ عورت لاءِ اڪيلي سر گهر هلائڻ سولو ڪم ناهي، ان هوندي بہ لکين عورتون لاچار ٿي گهر بہ هلائين ٿيون ۽ ٻار بہ نپائين ٿيون، ڇو تہ سندن مرد روزگار سانگي ڪانئن گهڻو پري اهڙي ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ رهندا آهن. مان نٿو سمجهان تہ ڪو يورپي يا آمريڪي ڪڏهن اهڙيءَ زندگيءَ جي باري ۾ سوچي بہ سگهي ٿو جتي زال ۽ مڙس پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا ئي سهاڻا سال هڪ ٻئي کان فقط انڪري پري گهارين، تہ سندن جدائي جو ڦل هڪ سکي آئيندي جي صورت ۾ ملندو.

مون کان ڪيترا ماڻهو ڏاڍا مُنجهائيندڙ سوال پڇندا آهن، ”ڇا تنهنجي گهريلو زندگي اڃا تائين ساڳي طرح برقرار آهي؟ تنهنجي پري رهڻ ڪري تنهنجي گهر ٻار تي ڪو اثر ڪونہ پيو آهي؟ تنهنجي گهر واري ۽ ٻار اڃا بہ توکي چڱو سمجهن ٿا؟ ڇا، ٻار پيءُ جي ايتري وقت دور رهڻ کان پوءِ بہ سماج ۾ اُٿن ويهن ٿا؟ ڇا، ڪٽنب جي مالي خوشحالي سماجي ۽ جذباتي سڪون کان وڌيڪ اهم آهي؟“

هڪ ٻئي کان پري رهڻ، خاص ڪري جواني جي سالن ۾، ذهني ۽ جذباتي دٻاوَ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. زندگيءَ ۾ اهڙا بہ موقعا ايندا آهن، جڏهن عورت کي مرد جي ساٿ جي سخت ضرورت محسوس ٿيندي آهي. اهڙيون حالتون بہ پيدا ٿينديون آهن، جڏهن مرد جي غير موجودگيءَ سبب گهراڻي جي آئيندي لاءِ رٿابندي تي خراب اثر پئجي ويندا آهن. پر اها قيمت تہ هر حال ۾ چڪائڻي آهي، ڇو تہ ٻيءَ حالت ۾ مالي آسودگي ڪيئن حاصل ٿيندي؟ اهي سمجهو تا تہ ڪرڻا ئي پون ٿا.

پر تيرس جهڙي ڳالهہ آهي تہ عام سوچ جي ابتڙ، ڏار رهڻ ڪري سِڪ وڌي ٿي ۽ رشتا مضبوط ٿين ٿا. خاص ڪري ننڍي ڪنڊ ۾ تہ ائين ئي ڏٺو ويو آهي. ڀَل تہ گهر جو وڏو ڪيترو بہ ڏار رهي يا دور رهي، هو پوءِ بہ پريوار جو حصو ئي رهي ٿو. هن جي صلاح کان سواءِ ڪوبہ فيصلو نہ ٿيندو آهي. سڀ گهر ڀاتي اهو ئي چاهيندا آهن تہ شل سندن آئيندو اُجرو ٿئي. ڪين ڳڏ رکڻ ۽ ڳڏ رهڻ ۽ ڳڏ سهڻ ۾ اها ئي سوچ سڀ کان اڳ ۽ سڀ کان اُتم هوندي آهي. ان ڪري، ”جيڪي چُلهہ تي، سي دل تي“ واري چوڻي هنن پرڏيهين سان لاڳو نہ ٿيندي آهي.

مون ٿورو اڳ پنڪج اُداس جي غزل جي ڳالهہ ڪئي هئي، جنهن ۾ هن پرڏيهہ ۾ رهندڙن کي چيو آهي تہ پنهنجي ماڳ موٽي اچو ڇو تہ اوهان کي روٽي ٽڪر هِت بہ ملي ويندو. مون پڻ ڪيترا ئي ڀيرا هوبهو ائين سوچيو. چيم تہ هي سمورا جهنجهٽ ڦٽا ڪري پنهنجي گهر واريءَ ۽ پنهنجن ٻارن ڏانهن موٽي وڃان. پر پوءِ پنهنجي ڪٽنب جي ذميواري منهنجي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا. قدم رڪجي ويا. ارادا بدلجي ويا. جي هڪ ماڻهوءَ جي قرباني، ٻين کي سٺي زندگي ڏئي سگهي ٿي تہ پوءِ ان کان وڌيڪ

خوشي جي ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿيندي؟

مونکي هڪ اهڙي پرڏيهي جي حيثيت ۾ اڪيلي رهڻ جو تجربو آهي، جيڪو حالتن هٿان لاچار هجي. مونکي پنهنجي پريوار سان گڏ رهڻ جو بہ تجربو آهي. مان سمجهان ٿو تہ دبئي ۾ رهندڙ مون جهڙا سوين هزارين پرڏيهي، انهن ٻنهي قسمن جي تجربن مان ضرور گذريا هوندا، جن جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جيترو تفاوت آهي: خوشي ۽ غم، ويجهڙائي ۽ دوري، ميلاپ ۽ جدائي. اها ئي ڪهاڻي آهي اسان پرڏيهہ واسين جي، ٿورن لفظن ۾: مرڪ ۽ لڙڪ، ٽهڪ ۽ ڇهڪ، آشا ۽ نراشا!

❋

## باب چوڏهون

# ڇا سنڌيت کي ڪو خطرو آهي
# يا سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي؟

**اوهان پنهنجي زندگي ۾ ايترو ئي اڳتي وڃي سگهون ٿا. جيترو اوهان جي جواني ۾ تحرڪ هوندو. اڻين جذبات، همدردي، صبر ۽ رحم وغيره سڀ اوهان جي زندگي جو حصو بڻيل ئي رهندا.**

**جارج واشنگٽن ڪارور**

سنڌي ڪنهن کي ٿا چئون؟

آهي ئي ڪل جهڙو سوال. دبئيءَ جي سنڌي ڪميونٽي ۽ انڊيا جي ممبئي، بڙودا ۽ پوني واسين کي ته چرچو ئي لڳندو. پر سنڌين جي پنهنجي ڌرتي کان ڌار ۽ ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ سبب، سنڌي سڀيتا وڃي ٿي ڏينهون ڏينهن ڪمزور پوندي. جيتوڻيڪ اسان جي سڀيتا پوريءَ ريت ختم نه ٿي آهي، پر هيڏي ساري گجگاهه ملڪ ۾ اسان ڪٽو ڪٽو ٿي ڦهلجي ويا آهيون، ان ڪري نبل ۽ نستي ضرور ٿي وئي آهي. اهو اهڙو خطرو آهي، جنهن کان اسان ڪن لاٽار ڪري نٿا سگهون. ڪرڻ به نه گهرجي. لنوائڻ سان مسئلا نبرندا ناهن، وڌيڪ گنڀير ٿيندا آهن. جيڪڏهن سنڌين پنهنجي پورهئي سان زندگي سُکي ڪري ورتي آهي ته اها سندن اورچائي چئبي. ذاتي طور پلي ڪوبه ماڻهو ڪيترو به ڏنوان ڇو نه ٿي وڃي، سڀيتائي ڪنگالپڻو ڪٿي ڪميونٽيءَ کي ٿي ميساري نه ڇڏي: ان ڳالهه کي وسارڻو ناهي، بچاءَ جا اُپاءَ ڳولڻا آهن.

سنڌيت جو هڪ حصو آهي اسان جي بزنيس واري روايت. ان کي ته ڪو پوئپولو ناهي، پر بزنيس جي وهڪري ۾ وهي ڪٿي اسان پنهنجي تهذيب ۽ لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون ۽ سنگيت جو املهه ورثو نه وڃائي ويهون. اهو ڊپ هر وقت جيءَ کي جهوريندو ٿو رهي.

منهنجي هڪڙي دوست، جيڪو سنڌي ناهي، تنهن هڪ لڳا چيو، "توکي خبر آهي ته توهان سنڌي ايترو ڌن ڪيئن ٿا ڪمايو؟"

وري پاڻ ئي وراڻيائين، "ان ڪري جو توهان کي ڪامياب ٿيڻ جو ڏانءُ آهي."

ٿي سگهي ٿو ته منهنجو دوست يوڳ ڪندو هجي، پر غلط ڳالهه هن به ڪانه ڪئي. سنڌي برابر بزنيس ڪري ڄاڻن. هنن ۾ حالتن سان سرچاءُ ڪرڻ جي وڏي شڪتي آهي. هنن ۾ هڪ ٻي خوبي اها به

آهي تہ هو ڪوبہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندا آهن. نفعي ۽ نقصان جو ڪاٿو ڪري، هڪدم درست فيصلو ڪرڻ جي ساڃهہ رکندا آهن. منجهن حيرت جهڙي هڪڙي خاصيت اها بہ آهي تہ ڪِرڻ کان پوءِ همٿ ڪري هڪدم اُٿي نئين سر وري اڳتي وڌڻ جي ڪندا آهن. متي ڪي هٿ ڏئي ڳٽتيءَ ۽ ڳاراٽي ۾ وقت نہ وڃائيندا آهن. تنهن هوندي بہ سنڌين جي باري ۾ ڌارين جي عام راءِ ۽ عام سنڌي ماڻهوءَ جي حقيقي خوشحاليءَ جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جيڏو فرق آهي.

دبئي ۾ انڊين ڪونسل جنرل، ڊاڪٽر جارج جوزف جي گهرواري، رانيءَ، هڪ ڀيري مون کان پڇيو تہ 'ڪو اهڙو سنڌي سُجهيئي، جيڪو غريب هجي؟'

چيومانس تہ جيڪڏهن بمبئي جي ٻاهران الهاسنگر وڃڻ ٿئيئي، يا اجمير، جئپور يا جوڌپور وڃي ڏسندينءَ تہ توکي سنڌين جي حالت ڏسي حيرت ٿيندي. اهي ماڻهو ورهاڱي کان وٺي جيئري رهڻ لاءِ جاکوڙيندا پئي رهيا آهن. منجهانئن ڪي تہ دان تي گذارو ڪن ٿا، پر سنڌي پنندا ناهن. گهٽ ڪري اُن قسم جون ڳالهيون ٻُڌڻ ۾ نہ ايندیون آهن. چو تہ اڪثر دولتمند سنڌي پنهنجن غريب ڀائرن جي هڙان ۽ وڙان مدد ڪندا آهن. ڪميونٽي بہ پنهنجي طرفان ڪونہ ڪو رستو ڳولي سندن سار سنڀال لهندي آهي.

مان بہ ڪيترن ئي اهڙين ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پنهنجي ليکي حصو وٺندو رهندو آهيان. جڏهن بہ ڪنهن غريب ڏانهن مدد جو هٿ وڌائيندو آهيان، تڏهن مون کي منهنجي ماءُ ياد ايندي آهي، جنهن تمام ڏکيا ڏينهن ڏسي، سخت جاکوڙ ڪري اسان کي پاليو.

مونکي ياد آهي تہ هڪ موقعي تي هوءَ پنهنجي شاهوڪار سوٽ وٽ بہ هزار روپيا اوڌر وٺڻ لاءِ لنگهي وئي، چو تہ کيس منهنجيءَ وڏي ڀيڻ ستيءَ جي شادي لاءِ پئسن جي ضرورت هئي. سوٽ سندس مدد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. اُن کان پوءِ منهنجي ماءُ جڏهن بہ اها ڳالهہ دهرائيندي هئي تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا هئا. مميءَ جي ان تجربي جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو. جڏهن بہ ڪو شريف ماڻهو مون کان مدد گهرندو آهي، تڏهن مون کي ماءُ جي ياد ايندي آهي ۽ احساس ٿيندو اٿم تہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ وقت اڳلي جي دل تي ڇا ڇا نہ گذرندو هوندو.

ڀيرين جڏهن ڪو مدد گهرندو هو، تڏهن مان هن جي باري ۾ ڀيرين تفصيل سان جاچ ڪندو هوس. پوءِ مون محسوس ڪيو تہ ائين ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ڪيترن موقعن تي تہ ڳالهين مان ئي پتو پئجي ويندو آهي تہ سوالي سچو آهي يا ڪوڙو. ساڌو واسواڻي سخاوت ۾ ڏاڍو مشهور هوندو هو. سندس در تان ڪوبہ سوالي خالي نہ موٽندو هو.

هڪ ڀيري ڪنهن پڇيس، "ماڻهن کي ڏوڪڙ ڏيڻ کان اڳ سندن جاچ ڇو نہ ڪندو آهين؟" چيائين، "ڀڳوان جڏهن مون سان ايڏيون ڀلايون ڪيون، تڏهن منهنجي ڪهڙي جاچ ڪيائين؟"

سنڌين جي وڏي تعداد ۾ ڪاميابين جون ڪهاڻيون اُتساهه ڏياريندڙ آهن. Lonis D Brandies جا چيل لفظ ياد ٿا اچنم. چوي ٿو ”بزنيس ۾ نفعو ڪمائڻ ڪاميابي جي اتفاقي ماڳ کان به ڪا اڳيري شي آهي. اهو (نفعو ڪمائڻ) ڪاميابي جي شرطن مان هڪ اهم شرط آهي، جو ته لڳاتار گهاٽي ۾ رهڻ پنهنجي سر ناڪامي جو اهڃاڻ آهي. پر جڏهن نقصان ناڪامي ظاهر ڪري ٿو تڏهن ضروري ناهي ته فائدي ۾ رهڻ کي هر وقت ڪاميابي سمجهيو وڃي. بزنيس ۾ ڪاميابي لاءِ ڪوشش ته هر دم ڪندو رهڻ گهرجي، پر ان سان گڏ بهترين نتيجن تي به زور ڏجي.“

بزنيس ۾ بهترين ڪار ڪردگي پنهنجو پاڻ مڃائيندي آهي. ان لاءِ هيٺين ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي: ڪم ڪرڻ جا سڌريل طريقا ۽ ذريعا. پيداوار ۾ بهترين. سٺي ڪمپني ۾، اچائي زيان ۽ نااتفاقي کان پاسو. ملازمن جي حالت سڌارڻ. سندن قابليت ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ سندن خوشين ۾ اضافو ڪرڻ. ۽ گراهڪن توڙي ڪميونٽي سان سٺا واسطا ۽ تعلقات ۽ لاڳاپا رکڻ.“

سنڌ ورڪين جي سڄي دنيا ۾ ڪاروباري سوبَ جا سبب مٿي ڄاڻايل ڳالهيون آهن. نفعو ڪمائڻ ڪاميابيءَ جو سڀ کان اهم مول ۽ متو هوندو آهي، پر سنڌين منافعي ڪمائڻ جا پنهنجا مول ۽ متا جوڙيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌي ماڻهو لاچاريءَ کان گهٽين ۾ گهورڙيا ٿي مال وڪڻندا هئا، تڏهن هنن سختيءَ سان پنهنجن ناهيل اصولن تي عمل ڪيو: گهٽ فائدو ۽ گهڻو وڪرو.

جيڪڏهن سنڌي ڪمپنين تي نظر وجهندؤ ته اوهان ڏسندو ته هو پنهنجن گراهڪن توڙي ڪميونٽي سان سٺا لاڳاپا رکڻ ۾ مشهور آهن. پنهنجين سنڌي روايتن کان ته هنن ڪڏهن به منهن نه موڙيو آهي. مٿن سختي سان قائم آهن. اها انتهائي خوشي جهري ڳالهه آهي ته سنڌين پل ته ڪاميابيون ماڻيون هجن يا ڌن ۽ دولت جا انبار ڪمايا هجن، پر هنن ڪڏهن به سنڌين جي روايتن کي پٺي ناهي ڏني. هو پنهنجن وڏن جو مانُ رکن ٿا. جيئن مئٿيو ائڊمس (Mathew Adams) چيو آهي، ”ڪو چوي ته مون پنهنجي زندگي پاڻ جوڙي آهي، ته اهو صحيح ناهي. اسان هزارين ماڻهن جي زندگين مان جڙيل آهيون. ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جنهن ڪڏهن اسان سان پيار وچان ڳالهايو هجي، يا اسان سان ڪو پلائيءَ جو ڪم ڪيو هجي يا ڪڏهن همٿايو هجي ته اهو به اسان جي ڪاميابي، اسان جي چرتر، اسان جي سوچ يا اسان جي زندگي کي ناهڻ ۾ پاڱي پائيوار آهي.“

سنڌين وڏا ڪشالا ڪڍي پنهنجي خاندان ۽ سندن عقيدن جي حفاظت ڪئي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ساري دنيا ۾ ڦهليل هئڻ جي باوجود ۽ آزاد سوچ رکڻ کان پوءِ به هنن پنهنجن وڏن جي ڇڏيل پراڻين ريتن ۽ رسمن کي زنده رکيو آهي. انهن سڀني ڳالهين سنڌي ڪميونٽيءَ کي مضبوط ڪيو آهي. اسان جي ڪميونٽي بهادري، همٿ ۽ اٽل ارادي تي بڻل آهي.

۽ جيئن مون اڳ چيو آهي، ان لاءِ وڏي شاباس سنڌي عورتن کي ملڻ گهرجي، جن پنهنجن مردن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ سندن صلاحڪار، اڳواڻ، رهنما، مائرون، ڀينرون ۽ ڏيئرون بنجي ڪم ڪيو. مان هاڻي پاڻ کي عمر ۾ ڪجهه وڏڙو ٿو سمجهان. ان ڪري سنڌي ٻارن جي ڪميونٽي لاءِ ڪيل شيوا کي پڻ ڪليءَ دل سان مڃڻ ٿو چاهيان. اسان جي ٻارن به مشڪل حالتن سان مقابلا ڪندي، پنهنجي وڏن جي ڪاميابين کي اڳتي هلائڻ، وڌائڻ، جاري رکڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي. هنن ان سموري پيار ۽ پروسي جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو اسان مٿن نڇاور ڪيو. اسان جي ٻارن ٽيڪنيڪل انقلاب مان پورو فائدو ورتو آهي. ان سلسلي ۾ هو ڀنتي مور ناهن. هن تيز رفتار زماني ۾ ۽ بدلجندڙ وايومنڊل ۾ به هنن پنهنجي وڏن جي سڀيتا کي سيني سان لڳائي رکيو آهي. هاڻي جڏهن اسان جي پيڙهي ٻرندڙ مشعل سندن هٿ ۾ ڏئي ڇڏي آهي، تڏهن اهو آٿت اٿئون ته هنن پنهنجو سبق چڱي طرح ياد ڪيو آهي ۽ هو پنهنجي ڪميونٽيءَ جو ڌن دولت، مان شان اجا به وڌائيندا.

ڪي ڳالهيون سنڌي ڪميونٽي جي آئيندي جي باري ۾ بهرحال ڳڻتيءَ جوڳيون آهن. اسان جي ڪميونٽي جي ايندڙ شڪل شبيهه ڪهڙي ٿيندي؟ ڇا اسان جي ڪميونٽي تمام گهڻو تمام جلد ۽ تمام پري تائين ڦهلجندي ۽ نتيجي طور گهٽبي ۽ نبل ٿيندي ٿي وڃي؟ ڇا اسان جا ٻار لاچار يا حالتن جو شڪار ٿي، ايندڙ گلوبلائيزيشن ۾ پنهنجو ايڪو وڃائي، سنڌيت تان هٿ کڻي ويندا؟ ڇا سندن اولاد اڃا به گڏيل ڪٽنب جون خوشيون پنهنجن چاچن، چاچين، نانن، ڏاڏن ۽ سؤٽن سان رلي ملي اسان جيان ماڻي سگهندا؟

ٻولي پڻ سنڌين کي پاڻ ۾ ويجهو آڻڻ جو هڪ وسيلو هئي. سنڌي ٻولي پراڻي تهذيب کي سڀيتائي سڃاڻپ ڏني. اها ٻولي ٿي هئي، جنهن اسان کي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻ نه ڏنو. پري هئڻ جي باوجود اسان پري نه هئاسين. ٻولي اسان جي طاقت هئي، زور هئي، ڀرم هئي، ڀرجهلو هئي، اسان جي وجود جو هڪ اهم حصو هئي. پر هاڻي اسان جي ٻوليءَ سان جيڪي ڪلور ٿي رهيا آهن، سي سيني جي اکين اڳيان آهن. ڇا اسان جا ٻار پنهنجي ٻولي سولائي سان ڳالهائي سگهن ٿا؟ ڇا، اولهه جون طاقتون ۽ اثر انهن سيني جُزن جي پاڙپٽي ڇڏيندا، جن جي آڌار تي اسان پنهنجيءَ ڌار سڃاڻپ زنده رکي هئي؟

اها جدا ڳالهه آهي ته اسان جو نئون نسل پنهنجي پيڙهه ۽ بنيادن (Roots) ۾ هاڻي گهڻي دلچسپي وٺڻ لڳو آهي، پر مون کي ڊپ آهي ته اسان هڪ ڪميونٽي جي حيثيت سان پنهنجي ٻولي جي بچاءَ ۽ ان جي اصلي روپ کي بچائڻ لاءِ ايترو ڪجهه نه ڪري رهيا آهيون، جيترو اسان کي ڪرڻ جُڳائي. اها مڃڻ جهري ڳالهه آهي ته ڪا به ٻولي اڪيلي سر ۽ پاڻ مرادو زنده رهي نٿي سگهي. ٻولي کي وڌڻ ويجهڻ لاءِ نواڻ جي ضرورت هوندي آهي. ان واسطي نئين زماني جي نون لفظن کي پنهنجي ٻولي ۾ شامل ڪرڻو

پوندو ڪي بنيادي اصول ڦيهر جوڙڻا پوندا. زماني سان گڏ هلڻو پوندو. جيڪي رُڪيا، سي رهجي ويندا.

هندستان جي ڪجهه ٻولين جي صورتخطيءَ (Script) کي فقط ان ڪري سُڌاريو ويو ته جيئن اهي ڪمپيوٽر جي Key Board تي آسانيءَ سان اکر ڇاپي سگهن. ڪن ٻولين ۾ ايتري ته ردوبدل ڪئي وئي جو پراڻي پيڙهي لاءِ انهن کي لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ مشڪل ٿي پيو. ساڳي طرح سنڌي ٻوليءَ کي پڻ اهڙي قسم جي تبديليءَ مان گذرڻو پوندو.

پر منهنجو سوال اجا به پيو آهي. منهنجو سوال آهي ته ڇا سنڌي ٻولي، سنڌي ڪميونٽي جي بدلجندڙ طريقي زندگي (Life Style) واري سخت حملي جو مقابلو ڪري سگهندي؟

سنڌي هاڻي رڳو سنڌ يا هند ۾ نٿا رهن. اڳ به سنڌي پرڏيهه ڪمائڻ لاءِ سنڌ وَرڪي ٿي ٻاهر رهندا هئا، پر ورهاڱي کان پوءِ هڪ ته هو پارت جهڙي وڏي ملڪ ۾ ٻين گهڻين قومن سان رلي ملي ويا آهن ۽ پيو ته سندن انگ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به وڏي ويو آهي، جنهن ڪري هو جهڙوڪر سمورن ملڪن ۽ سمورين قومن جو حصو بنجي پيا آهن. اهڙي طرح خود سنڌين ۾ به ٻيون قومون، ٻيا مذهب، ٻيون ٻوليون، ٻيون سڀيتائون شامل ٿي ويون آهن. ڪي اهڙا ڪٽنب به آهن، جن ۾ وڻ وڻ ڪاني اچي گڏ ٿي آهي. اهڙن خاندانن ۾ سنڌي جي نئين پيڙهي هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ انگريزي ٻولي کي وڌيڪ سولو ٿي سمجهي. انڊيا ۾ نوجوان يا ته هندي يا وري جنهن رياست ۾ هو رهن ٿا، اتان جي مقامي ٻولي ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏکيائي محسوس نٿا ڪن. سنڌي ڪميونٽي جتي به رهي ٿي، اتان جي سڀيتا ۽ ٻولي کي جلد ئي پنهنجائي ٿي ڇڏي. اها چڱي ڳالهه به آهي، پر سنڌي ٻولي جي آئيندي لاءِ خطري جي گهنٽي به ٿي سگهي ٿي. ڪن حالتن ۾ ته سنڌي ٻولي ڪميونٽي جي حد تائين ۽ اجا به ٻين حالتن ۾ گهرجي ڇانئڻ تائين نظربند ٿي رهجي وئي آهي. ٻاهرين ملڪن ۾، خاص ڪري يورپ ۾ جيڪا سنڌيءَ اسان جو نوجوان نسل ڳالهائي ٿو سا نج سنڌي ته پري رهي، نالي ماتر سنڌي به نه رهي آهي. اها مقامي ٻولين، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جي ڪچڙي بنجي وئي آهي.

ٻي اُلڪي جي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان وٽ مضبوط، ٺوس ۽ جاندار ادب توڙي ميڊيا جي اڻهوند آهي. اهي ٻئي ڳالهيون ٻولي جي واڌاري ۾ ڏاڍيون مددگار ثابت ٿينديون آهن. سنڌي ميڊيا، جنهن ۾ فلم، ٽي.وي. ۽ ڇاپو اچي وڃن ٿا، سا پڻ ڪمزور آهي، ڇو ته اسان سنڌين جي ڪميونٽي ٿوري آهي. هندستان جي سرڪاري ٻولي هندي آهي، پر ان کي به سخت مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو. وري به ٿورا ميجن هندي فلمن ۽ هندي ٽي.وي. چئنلن جا، جن ڪيس ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نه رڳو پهچايو پر لوڪ–پريه پڻ بڻايو. ذڪر هندستان جي تامل ناڊو اسٽيٽ سڀ کان اڳتي وڌي هندي ٻولي جو وروڌ ڪيو ۽ کلم کلا چيو ته هندي کي سرڪاري ٻولي نه بڻايو وڃي، تنهن پڻ هندي فلمون ئاهي هندي ٻولي کي لوڪ–پسند بنائڻ ۾

وڏي مدد ڪئي. سيني کي خبر آهي تہ هندستان ۾ فلم تمام وڏي انڊسٽري آهي. هاڻي تامل ناڊو ۾ هندي چڱي طرح ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي.

سنڌي فلمن توڙي ٽي.وي. جي کوٽ ان ڪري بہ آهي جو اسان جو مارڪيٽ ٻين جي ڀيٽ ۾ تمام ننڍو آهي، ان ڪري اهي جڙ پڪڙي نٿيون سگهن. هاڻي وري مان پنهنجو ساڳيو سوال دهرايان ٿو: جڏهن اسان جي سڃاڻپ، ورهاڱي سبب يا سنڌي ڪميونٽي جي دنيا ڀر ۾ ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ ڪارڻ، وڃي ٿي جهڪي پوندي، ۽ ان ۾ شامل ڪريو سنڌين جو ٻين قومن ۽ ڪميونٽين ۾ ملي جلي سمائجي وڃڻ، تڏهن ڇا اسان جي ٻولي اڪيلي سر زنده رهي سگهندي؟ مون وٽ پنهنجي پڇيل سوال جو ڪو بہ جواب ناهي. پر اهي سڀ ڳالهيون گڏجي سنڌين جي جهونن جوڳيئڙن لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻجڻ گهرجن، ڇو تہ هنن جو سمورو ٻل، طاقت ۽ وشواس پنهنجي ڪميونٽي جي سڃاڻپ مان ئي نسريو اُسريو ۽ اُپريو هو. مونکي اها بہ پروڙ ناهي تہ ڇا پراڻي پيڙهي سچ پچ پنهنجيءَ نئين ٽهيءَ کي اهي روايتون ۽ قدر ورثي ۾ ورهائي ڏنا آهن، جن جي ڪري اسان جي ڪميونٽي ۾ شڪتي ۽ وروڌ جنم ورتو هو. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ سنڌي ڪميونٽي بي شمار طوفانن جو آمهون سامهون ٿي مقابلو فقط ان ڪري ڪيو هو جو ان وقت اسان ۾ مضبوط ڪٽنبي سنبنڌ هئا، وڏڙن جي لاءِ شرڌا هئي، ڌرم ۾ ڀروسو هو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي گڻ موجود هئا.

سنڌي ماڻهن ڏنڌي روزگار توڙي ڌن دولت ۽ دنيا جي آسائشن حاصل ڪرڻ جي ڪشمڪش ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي شڪتيءَ جي اصل وسيلي کي نہ وساريو آهي. اهو آهي پرماتما ۾ سندن پورن وشواس. اهو ضروري آهي تہ نئينءَ پيڙهي کي روحانيت جي راهہ ڏيکارجي، ڇو تہ رڳو دنيا ئي شيون سيکجهہ ناهن. ٻاهريون ٺٺ ٺانگر، آرام ۽ آسائش بہ برابر گهرجي، پر اصل خوشي ڪن ٻين ڳالهين سان ملندي آهي.

اسان جو نئون نسل جڏهن سنڌين جي سڀيتا کي سڃاڻندو ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي روايتن کان واقف ٿيندو ۽ سنڌيت جي روح کي پرکيندو، تڏهن کيس خبر پوندي تہ سنڌ سهپ، برداشت، پيار ۽ پنهنجائپ جو ڀنڊار آهي. هر متڀيد کان دور آهي. سنڌي ڪلچر ۾ نهٺائي، نماڻائي، عاجزي، ڏاهپ ۽ گڏجي گهارڻ ۽ پيار ونڊڻ ۽ هر ماڻهوءَ کي پرينءَ جو پاڇو سمجهڻ جو سبق ماءُ لوليءَ ۾ ڏيندي آهي. سنڌين وٽ اڄ جو ڪجهہ آهي، اهو انهن اڻ لکيل اصولن جي ڪارڻ ئي آهي. اهي واتون، اهي ويساهہ، اهي وشواس اسان کي پنهنجن صوفين، ساڌن ۽ سنتن ۽ درويشن کان ورثي ۾ مليا آهن. انهن کان سواءِ اوهان ڪک بہ نہ آهيو. لکپتي ٿيئو تہ ڇا ٿيو؟ جيڪڏهن اسان پنهنجن ٻچن کي پرڏيهہ پڙهڻ لاءِ يا ڌنڌي ڌاڙيءَ لاءِ موڪليون ٿا، تہ ڇا اتان جون ريتون رسمون ۽ رواج کين پنهنجي مارڳ کان مُنهن متارائي سگهنديون؟ ڇا، هو پنهنجي ڪميونٽي کان ڌار ٿي ويندا؟ ڇا، هو سنڌيت جي راهہ تان هٽي ويندا؟ ۽ ڇا، ڌارين قومن ۾ شادي ڪرڻ ۽ پرڏيهي جيون ساٿي آڻڻ کان پوءِ هو پنهنجي سنڌي سڃاڻپ تان هٿ کڻي ويندا؟ ڇا، اهو

سپنو جيڪو سنڌ ڇڏڻ وقت سيني ۾ سانديي نڪتا هئاسين، ۽ جنهن کي ساهه پساهه کان وڌيڪ املهه جاڻي اڌ صدي تائين ابهم ٻار جيان تاتيوسين، نپايوسين، وڏو ڪيوسين، تنهن کي وساري ويهنداسين يا جهڪو ٿيڻ ڏينداسين، يا مورڳو اُجهائي ڇڏينداسين؟ ڇا، نئين دور جون نيون گهرجون ڌاڙو هڻي اسان کان سنڌيت جو جذبو کسي وٺنديون؟ اسان جو جيئڻ مرڻ، اسانجي جاڻ سڃاڻ، اسان جو واهپو ۽ ونهوار ته سنڌيت سان آهي. اها وئي ته پوءِ اسان وٽ ڇا بچندو؟ اسان جا ٻار يا انهن جا ٻار پنهنجي ڪميونٽي کان هٽي پري ٿي ويا، ته پوءِ ڪميونٽي ڪنهن جي سهاري جالي سگهندي؟ مان نٿو چاهيان ته ماڻهو مونکي پراڻن خيالن جو سڏين، پر اهي سوال منهنجي ذهن کي ولوڙيندا رهندا آهن.

پوپٽي هيراننداڻي پنهنجي ڪتاب، Sindhis: The Scattered Treasure ۾ نئين نسل جي بدلجندڙ روين بابت لکيو آهي، ”مون ڪناري آئليندس ۾ سنڌي ٻارن کي اسپيني ٻولي پڙهندي ڏٺو آهي. گهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندي، هنديءَ ۾ ڳجن ڳائيندي ۽ پارٽين ۾ اردو غزلن جا مقابلا ڪندي ڏٺو آهي. مون ماڻهن جا عجيب نالا به ٻڌا آهن. جهڙوڪ هانگ ڪانگ ۾ مس گريس واسواڻي ۽ پيٽر ٻيڙيچنداڻي، اسپين ۾ مس ماريا ٿڌاڻي، البرٽو پيڊواڻي ۽ واشنگٽن ۾ مس سياتي ڏاسواڻي.“

اها قدرتي ڳالهه آهي ته ٻار جنهن ڪلچر ۾ رهن ٿا، ان ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. اها به درست ڳالهه آهي ته اسان جيڪڏهن چاهيون ته اهي ٻار پنهنجن پيئرن ۽ ڇاڇن واري هلت هلن، ته اها اسان جي ٻاراڻي ڇڱبي. پر اهو به صحيح آهي ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ايندڙ نسلن جو خيال نه رکيو ته پوءَ اسان جي لاپرواهي ڇڱبي. منهنجي راءِ ۾ سنڌي پنهنجي سڃاڻپ ڏاڍي تيزيءَ سان وڃائي رهيا آهن. مثال طور پنهنجا نالا.

توهان پُڇندا ته نالي ۾ ڇا رکيو آهي؟ منهنجو جواب آهي ته نالي ۾ گهڻو ڪجهه آهي. اسان جا نالا تاريخ ۾ سنڌي سڃاڻپ جو اهم اهڃاڻ پئي رهيا آهن. اها جدا ڳالهه آهي ته نئين پيڙهيءَ کي انهن جي اهميت جو گهٽ احساس آهي ڪميونٽي ۾ ايندڙ تبديلي ضرور اسان تي به اثر وجهندي ۽ اسان کي هاڻي کان ئي ان تبديلي جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. شل Lewis Mumfordجي هي چوڻي اسان لاءِ به سچ ثابت ٿئي: ”هر پيڙهي پنهنجي پيءُ جي پيڙهيءَ خلاف انقلاب آڻيندي آهي ۽ پنهنجي ڏاڏنگ سان سرچاءُ ڪندي آهي.“

ان ڪري اسان جي ڪميونٽي جو وڏو مسئلو اهو آهي ته پنهنجي جدا سڃاڻپ ڪيئن بچايون؟ منهنجي راءِ آهي ته سنڌي ڪميونٽي ان مامري ڏانهن سنجيدگي سان ڪونه ٿي سوچي. اسان پنهنجي مالي ۽ آرٿڪ خوشحالي لاءِ محنت ۾ ايترا ته مگن آهيون، جو اسان پنهنجي ادبي ۽ سڀيتائي ورثي کي ڇڻ ته وساري ويٺا آهيون.

مالي ۽ آرٿڪ آسودگي تہ هڪ فطري ڳالهہ آهي. پنهنجي وطن کان وڇڙڻ بعد اسان جي مکيہ ڳڻتي اها ئي رهي آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح پيهر ڪٿي پير کوڙيون. ڌارين ملڪن ۾ رهڻ ڪري پيو سڀ ڪجهہ نہ تہ بہ مالي آسودگي تہ تمام ضروري آهي. وطن بہ نہ هجي، پئسو بہ نہ جُڙي، تہ پوءِ بچاءُ ڪير ڪندو؟

ورهاڱي کان پوءِ ۽ خود هندستان ۾ رهندي، اسان پنهنجي وجود جي بچاءَ واريءَ جنگ ۾ تمام گهڻو جاکوڙيندا پئي رهيا آهيون. اسان جو سمورو زور اُن ڳالهہ تي رهيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح انديا ۾ پين سان گڏ رلي ملي هڪ ٿي وڃون. اسان کي وقت ئي نہ مليو تہ پنهنجي ورثي جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ ڪا سوچ ويچار بہ ڪريون. جيڪڏهن ٿورو گهڻو ڪجهہ ڪيوسين بہ، تہ اهو صرف ساروڻين جي ڪري، تاريخي اڻ تڻ سبب نہ.

سنڌين پنهنجون روايتون ايتريون تہ پلائي ڇڏيون آهن جو غير سنڌين کي سندن لوڪ-ورثي جي رتيءَ برابر بہ ڄاڻ ناهي. غير سنڌي اسان سنڌين کي فقط هڪ ڪاروباري ڪميونٽي  طور سڃاڻن ۽ ان کان وڌيڪ ڪين اسان جي ڪا بہ خبر ناهي. اهو ساڳيو حال اسان جي نوجوان ٽهيءَ جو آهي، جيڪا ملڪ کان ٻاهر رهي ٿي. اسان وٽ تمام ٿورا ڪلاڪار وڃي بچيا آهن. جيڪي نوجوانن کي لوڪ-ڪلا ۾ تربيت ڏئي سگهن. اسان جون خاميون، ڪوتاهيون۽ لاپرواهيون ايتريون تہ گهڻيون، ايتريون تہ وڏيون ۽ ايتريون تہ کليل ۽ ظاهر آهن جو لڪائي بہ لڪي نٿيون سگهن. جڏهن انديا جي قومي ڏينهن تي ٿيندڙ ڪلچر پروگرام ڏسندا آهيون، تڏهن سنڌيءَ جي ڪمي بري طرح محسوس ٿيندي آهي. ڇو سنڌي فلوٽ (float) يا ٽيبلو (Tableau) يا راڳ يا ناچ نظر نٿو اچي؟ سڄي قوم اهي پروگرام ڏسي ٿي، سڀ حصو وٺن ٿا، فقط سنڌين جو ڪلچر نظر نٿو اچي. ڇا، اسان ڌاريا آهيون؟

گذريل ڪجهہ سالن ۾ مشڪل سان ڪا اهڙي سنڌي فلم نهي هوندي، جنهن جي ٿوري گهڻي واکاڻ ڪري سگهجي. اسان جو ٿيئٽر، جو ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي عام ڪرڻ جو ذريعو آهي، سو غائب ٿي ويو آهي. اسان دان ڪرڻ ۾ تہ سخي آهيون، پر پنهنجي سڀيتا ۽ ڪلا ۽ ادب جي لاءِ ٽڪو بہ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

روايتي سنڌي لباس ۾ گذريل پنجاهہ سالن دوران تبديليون آيون آهن تہ جيئن ان کي ماڊرن فئشن سان جوڙي سگهجي. ڪنهن بہ غير سنڌي کان پُڇو تہ توڪڏهن روايتي سنڌي ڊريس ڏٺي آهي تہ جواب گهڻو ڪري نهڪر ۾ ملندو. ڪڏهن ڪڏهن اسٽيج تي اصلي سنڌي لباس نظر ايندو آهي، پر اسان جا سنڌي پنهنجي قومي لباس کي عام ماڻهن اڳيان يا شادي مرادي ۾ يا ڪنهن سڀيتائي موقعي تي پائڻ کان لهرائيندا آهن.

ڇا، اسان کي پنهنجو قومي لباس پائيندي لڄ ٿي اچي؟ جيڪڏهن گجراتي گربا ڊريس تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ گذريل ڪيتري عرصي کان ان ۾ تمام گهڻي ردوبدل ٿي آهي، پر ان جي باوجود اهو لباس نہ فقط گجراتيءَ ۾، بلڪ غير گجراتيءَ ۾ پڻ بي حد پسند ڪيو ٿو وڃي. پنجابي ڊريس ۾ پڻ انقلابي تبديليون آيون آهن. بدقسمتي وري اها آهي تہ وڏن وڏن فئشن ڊزائينرن بہ سنڌي پوشاڪ کي صفا نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. سون تي سهاڳو وري اهو آهي تہ منجهانئن گهڻائي وري بہ سنڌين جي آهي. جيڪڏهن ڪو ڊزائينر همت ڪري سنڌي ڪپڙن ۾ بہ نواڻ آڻي ها تہ اسان جو ڪڙتو ۽ سٿڻ ايترو تہ مشهور ٿئي ها جو فئشنبل گهراڻن جي هر وارڊروب ۾ اوهان کي ضرور ملي ها.

مان سمجهان ٿو تہ اسان پنهنجن ٻارن کي ڌرم بابت بہ ڪا مناسب سکيا ڪونہ ٿا ڏيون. وٽ وٺان جي هن دور ۾، جڏهن ماڻهو ڪمائي جي پويان ڇتا ٿي پيا آهن، تڏهن مائرن توڙي پيئرن کي ايترو ٽائيم ڪٿي جو ويهي پنهنجن ٻارن سان اهڙين ڳالهين تي مٿي ماري ڪن؟ سچ پُڇو تہ هو تمام وڏي ڀُل ڪري رهيا آهن. وشواس کان سواءِ ڪوبہ انسان همٿ پريو ۽ دلير ٿي نہ سگهندو. پنهنجي پاڻ ۾ ۽ جيون ۾ وشواس جي کوٽ اوهان کي دنيا جي سچاين کان دور ڪري ڇڏيندي.

اوهان کي اهو ئي پلئہ پوندو، جيڪو توهان گهرو ٿا. وڌيڪ ڪجهہ نہ ملندو. اهو ڏاڍو سادو سودو پر سچو ڪرو ۽ اونهو قانون آهي قدرت جو. بزنيس مئن جي لاءِ بهادري ۽ وشواس، دنيائي توڙي روحاني خوشيون ۽ انعام آڻيندا آهن. اڄڪلهہ جي نئين سوچ وارن مائٽن کي اها سچائي مڃڻ گهرجي. ان هوندي بہ غمگين ۽ اُداس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. اڃا سڀ ڪجهہ هٿان نہ ويو آهي. شام ضرور ٿي آهي، پر اوندهہ اڃا پري آهي. يو.اي.اي ۾، خاص ڪري دبئي ۾، اسان جي ڪميونٽيءَ ڏوڪڙن ڪمائڻ ۾ مشغول رهڻ جي باوجود ڪي چڱا ڪم بہ ڪيا آهن. هنن پنهنجي ڌرم، وشواس ۽ سڀيتا سان ڳانڍاپو قائم رکڻ تي ڪافي زور ڏنو آهي. ان ڪم ۾ سنڌي عورتن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هر سال هزارين سنڌي، پري پري کان ڪهي، يو.اي.اي ۾ گڏجي ”چيٽي چنڊ“ (سنڌي نئون سال) ملهائيندا آهن. ان موقعي تي ڪلاڪار خاص طور سان انڊيا مان گهرايا ويندا آهن.

”سُکي سميلن“ نالي سنڌي عورتن جي جماعت 1970ع ۽ 1980ع ڌاري ڪيترائي ڪميونٽي فنڪشن ڪرايا. پهرئين سنڌي اسٽيج ڊرامي، ”ڌس پئسي جا رنگ“، ڪرائڻ جون ڪيرون پڻ ان ئي همٿ پرئي گروپ لهٽيون.

”سُکي سميلن“ کان اڳ، ناميارن سنڌين، جهزوڪ مورج منگهناڻي، گورڌن ادناڻي، لاکو لولا ۽ رامچند ساولاڻي سنڌي ڪلاڪارن کي دبئيءَ گهرايو تہ جيئن اسان جي ڪميونٽي پنهنجي ڪلچر کان واقف ٿئي. انهن ڪلاڪارن ۾ سترام روهڙا، ڀڳونتي ناواڻي، وشنو ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي ۽ سرڳواسي

دادا رام پنجواڻي شامل هئا. ڪجهه سالن کان، دادا رام پنجواڻي کان متاثر ٿي، مون سنڌي سڀيتا جي هلچل پنهنجن هٿن ۾ کنئي آهي. مون کي پاڻ جهڙن ٻين سڄڻن جو بہ سهڪار حاصل آهي. انهن ۾ نارائڻ ساولاڻي ۽ موهن گيهاڻي جهڙا والنٽيئر موجود آهن. اڄ تائين اٽڪل ٽيهہ سنڌي ناٽڪ اسٽيج تي ڪيا ويا آهن. اڳواٽي ايس پي مينگهناڻيءَ ۽ رميش چاچاڻيءَ جي هوندي آهي. مونکي خوشي آهي تہ ان ”ڊنر ٿيئٽر“ کي ڪميونٽي طرفان ڀرپور موٽ ملي آهي ناٽڪ واري ڏينهن کان ڪيترائي ڏينهن اڳ ”هائوس فل“ جو بورڊ لڳائڻ مان اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ دبئي جا سنڌي ڪيتري نہ سڪ ۽ پيار سان پنهنجي ٻولي جي ناٽڪن جو سواڳت ڪندا آهن.

سنڌي ڪلچر کي دبئيءَ ۾ زنده رکڻ لاءِ جنهن ٻئي جانب وڏي جاکوڙ ڪئي آهي سو آهي ڊاڪٽر موتي پرڪاش. پاڻ ڄاتل سڃاتل ڊراماتست آهن ۽ انڊين هاءِ اسڪول دبئيءَ جا اڳوٽا ڊائريڪٽر پڻ آهن. انيلا سندر پڻ تمام مشهور ڪلاڪار آهي، جنهن پنهنجيءَ ڪلا جو جادو جاڳائي دبئي جي سنڌين ۾ پنهنجو نالو ڪمايو آهي. انڊيا جي آزادي جي گولڊن جُبلي ملهائڻ لاءِ هندستان جي دبئي ۾ ڪانسليٽ جنرل، انيلا سندر جو مشهور ناچ ”سنڌ منهنجي امان“ ڪرايو هو. ڇا تہ لاجواب پروگرام ٿيو هو! سنڌين کان سواءِ ٻين ڪميونٽين جي ماڻهن بہ انيلا جي فن کي ڏٺو ۽ ساراهيو.

ٻاهران اينڊڙ ڪلاڪارن سان ڏيٺ ويٺ ٿيڻ ۽ لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري دبئي ۾ رهندڙ سنڌي فنڪارن جي پڻ همت افزائي ٿي آهي. انهن ۾ ايشور ادناڻي ۽ ڪوشي لالواڻي بہ شامل آهن، جن پري پري تائين وڃي سنڌي سڀيتا جو ڏاڪو ڄمايو آهي. دبئيءَ ٻيا بہ سنا ڪلاڪار پيدا ڪيا آهن، جهڙوڪ ورشا ڪتواڻي، ورشا پاڳراڻي، وشنوگر، رميش پاتيا ۽ مسز چوڌري. انهن سڀني گڏجي سنڌي ٿيئٽر کي سينگاريو آهي. ڪن ڪن موقعن تي مون بہ اسٽيج تي ننڍڙا ننڍڙا رول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسٽيج پويان ٻيهي جن ساٿين محنت ڪئي آهي، انهن ۾ موهن گيهاڻي جو مٽ ڳولڻ مشڪل آهي. هن کي انتظام سنڀالڻ جي وڏي ڏات مليل آهي.

توهان کي راندين جي ميدان تي گهٽا سنڌي ڪونہ ملندا، پر ڪميونٽي کي راندين روندين جون سهوليتون پيدا ڪري ڏيڻ ۾ ڪيترن ئي سنڌين پاڻ ملهايو آهي. اڳوٽي انڊين اسپورٽس ڪلب، جنهن کي هاڻي انڊيا ڪلب چوندا آهن، تنهن ۾ راندين توڙي واند ڪائي جي وندر جو وڏو بندوبست آهي. ان ڪلب کي ماڻهو ”فائيواسٽار لگزري“ بہ سڏيندا آهن ۽ هڪ ’بورڊ آف ٽرسٽيز‘ ان کي هلائيندو آهي، جنهن ۾ وڏو انگ سنڌين جو آهي. سنڌين ئي ان ڪلب جو پايو وڌو ۽ هڙئون ۽ وڙئون مدد ڪري، وقت سيڙائي، تمام سني نموني ان کي هلائيندا اچن.

دان پج جي ڪمن ۾ بہ سنڌي سڀ کان اڳرا آهن. دبئي انڊين هاءِ اسڪول هڪ بنا نفعي جي هلندر

بهترين تعليمي ادارو آهي، جنهن کي هڪ گروپ آف ٽرسٽيز هلائيندو آهي. ان گروپ ۾ گهڻو ڪري سڀ سنڌي آهن. هن اسڪول ۾ 13000 شاگرد بنا ڪنهن ڀيد ڀاؤ جي پڙهندا آهن. هن اسڪول جي لاءِ اها عزت جهڙي ڳالهه آهي ته ان جو پهريون چيئرمين منگهن مل پنچوليا هو. ڪائنس پوءِ مورج منگهناڻي، ڪيمچند اين ڪيارا، ڀڳوان جيٺواڻي، واسو شروف ۽ نول ويد به چيئرمين بڻيا. اڄڪلهه مون لاءِ اهو اعزاز آهي ته مان ان جو چيئرمين آهيان. ڊاڪٽر موتي پرڪاش عرصي تائين هن اسڪول جي سر براهي ڪئي. موتي يو.اي.اي ۾ سڀ کان وڏيڪ چاتل سڃاتل سنڌين مان هڪ آهي. هونءَ به هڪ ليکڪ جي ناتي سنڌس توڙي سنڌس پٽني ڪلاپرڪاش جي هاڪ هندستان ۾ ڦهليل آهي.

سيپيتائي طور سنڌي ڪميونٽي اڄ ڪلهه ڏاڍي مشڪل مرحلي مان گذري رهي آهي. اسان سڀ هڪ هوندي به هڪ ناهيون. سنڌي ڪميونٽي ۾ ڪيترا اهڙا ٽولا پيدا ٿي پيا آهن، جيڪي پنهنجي مطلب ڪاڻ سنڌيت جي نالي ۾ پنهنجي ڏانءَ جي ”سنڌيت“ جي پرچار ڪندا ٿا وتن. اسان جي اصلي ۽ سچي ڪميونٽي ته ڪافي سرگرم آهي، پر ”سنڌيت“ جو نالو نشان ڳوليو نٿو لڀي. سنڌيت ته سنڌي زندگي جو هڪ حصو آهي، پوءِ ان کي پنهنجي زندگي کان ٻاهر ڪيئن ٿا ڳوليون؟ ڪنهن کي سنڌي سڏجي؟ ڪير آهي سنڌي؟ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اهي سوال ور ور ڪري پڇيا ويندا. مون کي مشهور سنڌي شاعر ڪرشن راهيءَ جو هڪ بيت هنيانءَ تي ٿو هُري:

**جيڪي هتي ڄمندا، سي پڻ سنڌي سڏبا،**
**سنڌي ٿي به، سنڌ کي، ڏسڻ ڪئون سگهندا،**
**ڏارين وانگر جڏهن، سنڌ وڃي ڏسندا،**
**ماڻهون ائين چوندا، سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ.**

جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو الميو ئي آهي. پر پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت به آهي. جڏهن مان ان جي باري ۾ سوچ ويچار ڪريان ٿو ته مان بنهه حيران ٿيان ٿو ته اسان جي جاتي کي هي ڇا ٿي ويو آهي، جو اسان جاڪيچار اڳواڻ ورهاڱي وارن ڏينهن ۾ پنهنجي سياست چمڪائي رهيا هئا. جيڪڏهن اهي پنهنجي جاتي جي ڀلائي لاءِ فڪر مند هجن ها ته اهي سنڌي جي زمين جي ٽڪري لاءِ ضررو ڪجهه ڪن ها. جنهن ٽڪري کي سنڌين جي پنهنجي ڌرتي ڪوٺي سگهجي پيو.

*

## باب پندرهون

# تبديليءَ جي ڪا منزل ناهي

**شيون تبديل ٿين ٿيون. سوال اهو آهي تہ جڏهن شيون ايترو جلدي سان متجنديون رهن ٿيون تہ پوءِ سماج ۾ ماڻهن جون عادتون ايترو جلدي تبديل ڇو نہ ٿيون ٿين؟**

**آئزڪ ايسيموف**

تبديلي اٽل آهي،
تبديلي اڻ ٽر آهي،
تبديلي ڪائنات جو قانون آهي،

زندگي ۾ جيڪڏهن ڪا هڪ شيءِ دائمي آهي تہ اها آهي تبديلي.ان ڪان سواءِ اسان هوند سينوارجي وڃون. تبديلي جا گهڻا رنگ، گهڻا روپ آهن. ويس بدلائي ايندي آهي. ڪڏهن اوچتو اُڇل ڏئي ايندي آهي ۽ ڪڏهن پير پير ۾ پائي، چپ چاپ اڳڻ اورانگهي هلي ايندي آهي. ڪڏهن ڪڙو ڪڙڪائي، ڪڏهن اڻ ڪوٺيو مهمان ٿي، ڪڏهن ظاهري، ڪڏهن باطني. ڪڏهن ٻاهرين، ڪڏهن اندروني، پر ايندي ضرور آهي. عمر سان گڏ طبيعت ۾ جا نرمي، نهر ۽ پختائي انسان ۾ اچي ٿي، سا نوجوانيءَ ۾ نٿي اچي. زندگيءَ جي جام مان توهان مختلف قسمن جي رس جيڪا فقط هڪ دفعو پيئو ٿا، ان مان ئي اڳتي هلي توهان کي اصلي ۽ نقلي، سچي ۽ ڪوڙي، کري ۽ کوٽي جي وچ ۾ فرق پڌائڻو آهي. جيڪڏهن اسان صرف اڄ لاءِ جيئون ٿا ۽ اهڙي ريت جيئون ٿا جڻ سڀاڻي ٿيڻي ئي ناهي، ۽ سؤ سيڪڙو ڌيان پنهنجي ڪم تي ڏيون ٿا ۽ لوڙ ڦيري نہ ساڄي نہ کاٻي، نہ اڳيان نہ پٺيان، نہ مٿي نہ هيٺ نهاريون ٿا، تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ توهان جو جيون ئي توهان جي ماڳ ۽ ٻاڳ جي رکوالي ڪندو. ان مان ڀلائي ڪري اهو مطلب نہ ڪيجو تہ جيڪي ٿيڻو آهي سو اوس ٿيندو ۽ اسان کي آئيندي جي ڪا بہ رٿابندي ڪرڻي ناهي. Yogi Berra چيو هو ”جيڪڏهن توهان کي خبر ناهي تہ توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي، تہ پوءِ ساوڌان ٿيو ڇو تہ پوءِ توهان اُتي رسي نہ سگهندو.“

منزل ۽ ماڳ ضرور آهن. پر ان ڪان وڌيڪ اهم آهن اهي ننڍڙا ڏاڪا، جيڪي اوستائين پهچائين ٿا.

مان جڏهن بہ پنهنجي ماضي جي جهونجهڪڙي ۾ جُوهہ وجهي ڏسندو آهيان، تڏهن پنهنجي پالڻهار جا اپار احسان مڃيندو آهيان. هن مونکي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. ان ڪان بہ گهڻو جنهن جو مان حقدار

آهيان.مون پينار جو پانڌ هن اڻ مين خوشين سان پري ڇڏيو آهي. ڏک سُک تہ حياتيءَ ۾ ايندا ئي رهندا آهن. پر سيڪجهہ ڳڻڻ کان پوءِ بہ هن جيڪي پال پلايا آهن، تن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ڪا حد. ڪو حساب ناهي.

**تون سپڙ آئون سيڪڙوتون ڏاتر آئون ڏوهہ**
**تون پارس آئون لوهہ جي سڃين تہ سون ٿيان!**

جيئن جيئن ڏينهن لنگهندا ٿا وڃن، تيئن تيئن آنند جو احساس وڌندو ٿو وڃي. مان پاڻ کي حقيقي ”سچ“ جي ويجهو پوندو محسوس ٿو ڪريان. جڏهن انسان ٻاهرين خوشين جي لاءِ وٺ سٽ ڇڏي ٿو ڏئي، تڏهن هڪ نئينءَ سچائيءَ جو سورج سندس اندر ۾ اُڀري ٿو ۽ پوءِ هو پنهنجي زندگي کي ۽ زندگي جي چوڏاري مڙيل ماڻهن کي هڪ نئين ۽ انوکيءَ سوچ سان ڏسي ٿو. ڪيس حياتي جي اصل مُلهہ جي ڄاڻ پوي ٿي. مان دبئي جو ٿورائتو آهيان، جنهن مونکي اڻ-ميا موقعا ڏنا. رڳو پنهنجي حياتي سنوارڻ ۽ ڏن ميڙڻ جا نہ، پر روحاني رازن ۽ رمزن کي پروڙڻ ۽ پائڻ جا پڻ. مون سان اها بہ ڀلائي ٿي، جو مون کي دبئي ۾، انڊيا توڙي ٻين ملڪن جي نيتائن ۽ ناميارن ڪاروباري ماڻهن سان گڏ اٿڻ ويهڻ ۽ سندن سات جو سڳنڌ ماڻڻ جا بہ موقعا مليا. مان انڊيا جي مهان روحاني پيشوائن سان بہ مليس. مهاڳُرن جا پير پڻ ڇهيم. انهن ۾ سوامي چنميانندا، سوامي سچيدانندا، دادا جي پي واسواڻي، پوڄيہ نارائڻ بابا، دادي هري ديوي واسواڻي ۽ دادا رتن چند چتلاڻي جهڙا مهاپرش بہ شامل آهن، جن سان رتيءَ جي رهاڻ منهنجي ڪايا پلٽي ڇڏي.

**ڪوڙين ڪنوڻ جا، پينر پانئيان پال**
**سامين جيءَ سنپال، منهنجو چِت چڱو ڪيو.**

سوامي سچيدانندا جو ڪتاب The Golden Present مون ساهہ سان سانڍي رکيو آهي ۽ بار بار پڙهيو آهي. 7-سيپٽمبر مان هيءَ ٽڪرو پڙهي ڏسو:

”وڏو ملهہ ڏيڻ وارا ٿورا ماڻهو تمام ٿورا ماڻهو آهن، جي دليئون ڪنهن اوچائيءَ تي پهچڻ جي آس رکندا هوندا، ۽ ان جو مُلهہ ڏيڻ لاءِ بہ تيار هوندا. اهو مهانگو مُلهہ آهي جيون ۾ ڊسيپلين ڌارڻ.“

هڪ ماڻهوءَ کي چند تائين پهچائڻ لاءِ ڪيترو ڊسيپلين درڪار آهي؟ اولمپڪ چئمپئن ٿيڻ لاءِ ڪيترو ڊسيپلين گهرجي؟ رانديگرن کي سگريٽ پيئڻ جي جهل آهي. متن ڪاڏي پيتي جون ڪي شيون واپرائڻ تي بہ سختي آهي. جلدي سمهڻ جو بہ قانون آهي. ڪين هر روز پرئڪٽس بہ ڪرڻي آهي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ ان لاءِ تہ ڪن تہ جيئن سون جو هڪڙو ننڍڙو ٽڪر کٽي سگهن.

هڪ ننڍڙي جبل تي چڙهڻ لاءِ ڪيترو ڊسيپلين گهرجي؟ ڀلا ايوريسٽ جي چوٽي تي پهچڻ لاءِ ڪيترو وڏو ڊسيپلين کپي؟ ياد رهي تہ هت اسان دنيا جي سڀ کان وڏي جبل Everest (دائمي آرام) جي

باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون. مڙني ساڌن ۽ سنتن چيو "ڊسيپلين تمام ضروري آهي. پاڻ تي ڊسيپلين رکو. پنهنجن حواسن تي ڪنٽرول ڪيو." هو نادان نه هئا. گياني هئا.

اسان کي اهي جايون گهرجن، جتي ڊسيپلين سکي سگهون. پنهنجي بل ۽ شڪتي کي لغام ڏينداسين ته خود اسان جو ئي فائدو ٿيندو. مثال طور، هائبرواليڪٽرڪ انرجيءَ کي ئي ڪٽي ڏسو. ڪٿان ملندي آهي؟ ڪيئن ملندي آهي؟ هڪ آزاد، چيڪ ۽ چڙواڳ درياءَ تي پهريون بنڌ ٻڌبو آهي. پوءِ پاڻي کي هڪ وڏي ۽ ويڪري پائيپ مان لنگهائڻو پوندو آهي. پاڻي پکن لڳل مشين (turbine) مان گذرندو آهي. اهڙي طرح جڏهن بجلي پيدا ٿيندي آهي، تڏهن ان کي ننڍن ٽرانسفارمرن جي وسيلي توهان جي گهر تائين پُڄائبو آهي. جيڪڏهن توهان جي گهر ۾ ڪا هڪ تار به چڱل آهي يا ڪليل آهي ته اها اوهان کي جهٽڪو ڏئي سگهي ٿي يا گهر کي باهه ڏئي ساڙي سگهي ٿي.

جيڪڏهن توهان ڪو جانور ڏاريو آهي ۽ ان کي چئو ٿا "ويهه" ۽ هو ويهي ٿو رهي، ته توهان کي خوشي به ٿئي ٿي ۽ فخر به ٿئي ٿو. ياد ڪريو توهان کي ڪيترا اهڙا مالڪ سُڄهن جيڪي جڳ کي ڏيکاريندا وتندا آهن ته ڏسو اسان جو پالتو جانور ڪيڏو نه چئيوان آهي. سرڪس ۾ اوهان ڇا ڏسندا آهيو؟ سپ شينهن، چيتا، هاٿي ۽ گهوڙا ڊسيپلين ۾ هوندا آهن. ان ڪري ڪڏهن به نه ڀُلايو ته دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا هڙ حاصل ٿي اَتَوَ ته اها ضرور ڊسيپلين جي ڪري ئي ٿي هوندي."

هن قسم جي ڪتابن مان تمام وڏي سکيا ملي ٿي. دادا جي پي واسواڻي ۽ نارائڻ بابا جا اهڙائي ڪجهه بيا ڪتاب منهنجي پوڄا جي ڪمري ۾ موجود رهندا آهن ۽ جڏهن به من مُنجهيل هوندو آهي، تڏهن دل کي ڏاڍو ڏڍ ڏيندا آهن. مان سمجهان ٿو ته انسان جي زندگي ۾ گرو ان وقت ايندو آهي، جڏهن هو سندس آڏرياءُ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. اُن تياري جو مطلب آهي انسان جو روحانيت ڏانهن لاڙو. اهڙو لاڙو ماڻهوءَ کي آلي اتي وانگر ڳوهي، نئين شڪل نئين شبيهه ڏيندو آهي ۽ ان سموريءَ تبديلي جي پويان ايشور جي اِڇا ۽ آسيس هوندي آهي. گروءَ جي شڪشا جو پالن ڪرڻ سان هو هردم توهان سان ساڻ رهندو ۽ سندس ٻڌايل ڳالهين کي دل سان هنڊائڻ کان پوءِ هو اوهان جي من ۾ ديرو دمائي ويهندو.

دبئي ۾ رهندڙ هندستانين (NRI) جي آرگنائيزيشنن سان ويجهڙائيءَ سبب مونکي سياسي ليڊرن سان ملڻ جا به موقعا مليا. انهن ۾ اندرا گانڌي، راجيوگانڌي، نرسمها رائو، چندر شيکر، وي.پي. سنگهه، اٽل بهاري واجپائي ۽ ايل.ڪي. آڏواڻي شامل آهن.

هڪ ڳالهه جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو سا هئي سندن روزمره جي سرڪاري معاملن کي مُنهن ڏيڻ جي قابليت. مان سمجهانٿو ته هو هڪ پل کان بيو پل ڏار ڪري ٿا جيئن. هنن لاءِ هر گهڙي نئين للڪاريندو ڪٽي ايندي آهي، ۽ هو وڏي همت ۽ صبر سان پنهنجي خوشي توڙي غم، ڪاوڙ توڙي ڪروڌ

کي منهن ڏين ٿا. پر ٻاهر ذري برابر به ان جي ڏِک نٿا ڏين. هر قسم جي ماڻهن سان ملڻ ۽ سندن ڪٿيون مٿيون ڳالهيون ٻڌڻ ڪري هو پاڻ تي ضبط ڪرڻ سکي ويا آهن. ظاهر آهي ته هو سياسي ليڊر آهن ۽ ان ڪري ڪنهن به ماڻهوءَ کي ناراض ڪرڻ يا ڏکوئڻ جو ته هو سوچيندا به نه هوندا.

سياست جي ڳالهه ڪندي هڪڙو خيال اوچتو منهنجي ذهن ۾ آيو آهي ۽ اهو هي ته سنڌين جي سياست ۾ ڪا به دلچسپي ناهي. سواءِ ڪن ٿورن جي. جيڪي ڪنهن نه ڪنهن سياسي سوچ سان سلهاڙيل آهن. باقي سنڌي سياست جي نالي کان به ونءُ ٿا وڃن. مان سوچيان ٿو ته جيڪڏهن اسان جي اها حالت رهي ته پوءِ سنڌين جي سياسي ميدان ۾ ڪهڙي حيثيت رهندي؟

جيڪڏهن اسان وٽ ڪي قابل قدر اڳواڻ هجن ها. جيڪي پنهنجي جاتيءَ جي چڱڀلائي ۾ دلچسپي رکن ها ته اڄ ورهاڱي واري ڪهاڻي ڪجهه مختلف ئي هجي ها.

سنڌي بزنيس ليڊرن ۾، منهنجي راءِ ۾، سريچند هندوجا سڀن کان مٿانهون آهي. هر ڀيري جڏهن به مان ساڻس ڳالهائيندو آهيان، ڪانئس ڪجهه نه ڪجهه نئون سکندو آهيان. مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي مون کيس صلح ۽ امن جي دعا ڏني هئي. هن وراڻيءَ ۾ چيو هو ”مونکي جدوجهد جي دعا ڏئي. امن ته تڏهن ملندو جڏهن ڏينهن پورا ٿيندا.“

کيس ويجهو کان ڄاڻڻ سڃاڻڻ جو موقعو مليو اٿم. 1992ع يا 1993ع جي ڳالهه آهي. پنهنجي جُميراهه واري ولا جي لان تي ويٺو صبح جي چانهه مان مزا وٺي رهيو هوس جو سندس فون آيو. هن مون سان ڪا بئنڪ قائم ڪرڻ جي باري ۾ صلاح ڪرڻ تي گهري. ڏاڍي نماڻي سان تي ڳالهايائين. پر سندس گفتگو ۾ تمام گهڻا جذبا، جوش ۽ اميد پئي جهلڪي. ڪلاڪ کان به وڌيڪ دير تائين ڳالهائيندو رهيو.

مون کي خبر هئي ته ٿورو ئي وقت اڳ هن جو پٽ دکدائڪ حالتن ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو پر مون سندس آواز ۾ دک جو ڪو به اهڃاڻ نه ڏٺو. هن پنهنجي بدنصيبيءَ کي قبول ڪري ورتو هو. ”کيل هلندو رهي“ جي چواڻي، هن پڻ ڪٿي رڪجي ويهي رهڻ نٿي چاهيو.

هڪ دفعي مونکي چيائين، ”جيڪڏهن مون کي دک پهچڻو آهي،جيڪڏهن اهو ئي منهنجي ڀاڳ ۾ لکيل آهي، ته پوءِ دنيا جي ڪا به طاقت ان کي ٽاري نه سگهندي. ڏور ڪنهن زبريءَ، زورآور ۽ اَبدي طاقت جي هٿ ۾ آهي. هو منهنجي لاءِ جو سوچيندو مون کي ڪنڌ جهڪائي مِٺو پوندو.“

پهرينءَ ئي گفتگوءَ ۾ مونکي ڄاڻ پئجي وئي ته سنڌين جي ڇڙوڇڙ ڪميونٽي کي جنهن ڪپتان يا ناکئي جي گهرج هئي،سو هندوجا جي صورت ۾ موجود آهي. ان باري ۾ مون هڪ سنڌي گڏجاڻي ۾ چيو هو:

**ڪشتي سڀ ڪي ڪناري لڳ جاتي هي**
**جس ڪا ناخودا نهين هوتا**
**اس ڪا خدا هوتا هئي.**

هندوجا سنڌين ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ وڏي ڪامياب جاڪوڙ ڪئي. هن نيشنلائيزيشن ڪان پوءِ واري دور جي پهرين پرائيويٽ بئنڪ ناهڻ تي چاهي. ان سلسلي ۾ هن سڄيءَ دنيا جي سنڌين جا وڏا وڏا نالا ڪٺي هڪ هنڌ ڪنا ڪيا. هٿري ليلا ۽ ڪي. سيتل هانگ ڪانگ مان, واشي پرسواڻي بيئنڪاڪ مان, ٽيڪمداس مولاڻي سينگاپور مان, ناري پوهاڻي آمريڪا مان, لال تولاڻي, داسي ٻڌراڻي ۽ سندر ڏالامل انگلنڊ مان ۽ مان دبئيءَ مان. انڊيا مان نرنجن هيراننداڻي, نانڪ روپاڻي, امر دولتاڻي, ناري گرسهاڻي ۽ ڊي ايم هريش پڻ سيڙپ ڪرڻ لاءِ تيار تي ويا. فقط 67 ڏينهن اندر هندوجا پنهنجو 100 ڪروڙ (هڪ بلين) روپين جو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. بئنڪ ٺهي وئي.

مٿي ڄاڻايل ميمبرن مان ڪيترا انڊيا آيا. جدا جدا سياسي پارٽين جي نيتائن سان مليا. بئنڪ جي باري ۾ کين آگاهي ڏنائون. چيائون پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستانيءَ جي طرفان هي پنهنجي ملڪ لاءِ سوکڙي آهي. ٿوريون گهٽيون اهنجايون ٿيون, پر جلد ئي دور ڪيون ويون. اهڙيءَ ريت انڊس انڊ بئنڪ لميٽيڊ (IndusInd. Bank Ltd.) جو جنم ٿيو. اهو نالو اصل ۾ انڊس ويلي سولائيزيشن اينڊ انڊيا (Indus Valley Civilization and Inia) کي چوٽو ڪري بنايو ويو هو. ان بئنڪ پنهنجن حصيدارن کي پهرئين سال کان ئي منافعو ڏيڻ شروع ڪيو جيڪو اڄ تائين ڏيندي پئي اچي. ٽن سالن تائين لاڳيتو اها بئنڪ سيني بئنڪن جي لسٽ ۾ پهريون نمبر رهي. هڪ بلين روپين جو مُور ذاتي طور تي گڏ ڪيو ويو.ان تي رواجي طرح 15 سيڪڙو واڌو خرچ ايندو آهي, جيڪو بچايو ويو. سيئي ميمبر توڙي رقم جمع ڪرڻ لاءِ جاڪوڙيندڙ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري, دهليءَ توڙي ٻين شهرن ۾ پهتا. بئنڪ جي اڳوات خرچن واري مَدَ مان پائي ڪونه ورتائون. ايس پي هندوجا جي اڳواڻي جو جادو انهيءَ کي چوندا آهن.

سنڌي ڪميونٽي هيل تائين بنا ڪپتان ڪم پئي ٽپايو. هاڻي کين هندوجا جي روپ ۾ سچ پچ هڪ ڄاڻو ڪپتان مليو آهي.

دبئي ۾ منهنجا ڪيترا ئي دوست آهن, پر ٻه نالا سيني کان متاثهان آهن. منو چاٻڙيا ۽ هيرو جشن مل. ٻئي ڄڻا هاڻ اسان ۾ نه رهيا آهن. منوءَ جمبو اليڪٽرانڪس جي وسيلي جڻ ته سلطنت جوڙي ورتي. وڏو دلير شخص هو. اٿل,اڄهل ۽ آڻ نه مڃڻ وارو. اهڙا ماڻهو روز روز نه ڄمندا آهن. مونکي چڱي طرح ياد آهي جڏهن مون هن جي ڪوٽ جي ڪالر تي ”لائنس ڪلب“ جو بلو هنيو هو. اها 1970ع جي شروعات جي ڳالهه آهي ۽ ان وقت مان دبئي ۾ ڪلب جو پريزيڊنٽ هئس. هو ڇاتي تاڻي منهنجي سامهون بيٺو هو ۽

مات ڏينڊڙ مرڪ سندس چپن کي چمي رهي هئي. اُن کان پوءِ اسان تمام ويجها دوست بڻجي وياسين ۽ اڪثر لنچ تي گڏجي ويهي هڪ ٻئي جا ذاتي مسئلا ٻڌندا هئاسين.

هيري جشن مل جهڙا املهه موتي به ڪن قسمت وارن کي ملندا آهن. ڏاڍو چرچائي ۽ بي حد ذهين هو. 1950ع ۽ 1960ع واري ڏهاڪي ۾ اسٽيج تي به وڏا ڪم ڏيکاريائين. انڊيا جي ريپبلڪ ڊي واري جشن توڙي اهڙين موقعن تي به سدائين ڀرپور ونندو هو. نه ته پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڏاڍو مانيٽو هوندو هو. جڏهن مان انڊيا اسپورٽس ڪلب (هاٽي انڊيا ڪلب) جو چيئرمن هوندو هئس، تڏهن هو مئنيجنگ ڪميٽي جو ميمبر هو. جيتوڻيڪ ميٽنگن ۽ فنڪشنن ۾ ميمبر هئڻ جي ناتي، اڳين سيٽن تي ويهڻ هن جو حق هوندو هو پر هو جاٽي واٽي پوين سيٽن تي وڃي ويهندو هو.

1960ع جي اوائل ۾ جشن مل جو دڪان ڊيرا شهر جي آخري چيڙي تي هوندو هو. ڊيرا وڃڻ لاءِ بر دبئي کان ابريءَ تي چڙهڻو پوندو هو چو ته انهن ڏينهن ۾ ڪريڪ جي مٿان اجا پل ڪونه ٺهي هئي، جيڪا چاڙ جي ٻنهي ڪنارن کي ملائي. هڪ ڀيري مون کي سيٽن جو سئمپل ڪٽان پاهران کان مليو سو سوچيم ته هيري کي وڃي ڏيکاريان، چو ته جشن مل کان سواءِ ٻيو اهڙو ڪوبه ڪونه ٿي سمجهيم جيڪو اهڙين شين ۾ دلچسپي وٺي. ڪريڪ ٽپي، سخت گرمي ۾ پنڌ ئي پنڌ، سئمپلن سميت وڃي جشن مل جي دڪان تي پهتس. منهنجي عمر ان وقت ويهه سال مس هئي. نئون نئون بزنيس ۾ پير پاتو هئم. پوءَ به پيو ٿئيم. ڊڄندي ڊڄندي وڃي سئمپل سندس سامهون رکيم. ڳالهه وٽيس يا نه، سا ته مونکي ڪل ڪانه پئي، باقي اهو چوڻ کان رهي نه سگهيو ته ڪيس منهنجي اهڙيءَ نٽهڻ اُس ۾ ايڏو پري کان پيدل اچي سئمپل ڏيکارڻ تي ڏاڍو اچرج ٿيو آهي. هن هڪدم مونکي آرڊر بڪ ڪرايو. ان کان پوءِ هن جو ساٿ ۽ سهارو هميشه مون سان گڏ رهيو ۽ منهنجي ترقي ۽ واڌاري ۾ مدد ڪندو رهيو. مون کي اها به خوشي آهي ته هو مونکي ڏاڍو پسند ڪندو هو. منهنجي وڏي ڪڪيءَ گوريءَ کي به ڏاڍو چاهيندو هو.

جشن مل وارن جي فئملي شايد سڄي مڊل ايسٽ ۾ اڪيلي سنڌي فئملي آهي، جنهن جون پاڙون عراق ۾ ڪتل آهن. اهو ڪٽنب ورهاڱي کان اڳ، گذريل صدي ۾ لڏي وڃي بصري ۾ آباد ٿيو. اتي ئي هنن پنهنجو بزنيس شروع ڪيو. ان کان پوءِ هنن پنهنجو ڪاروبار وڌائي ڪويت، بحرين ۽ ٻين جي سي سي ملڪن تائين ڦهلائي ڇڏيو. هنن جلد ئي پنهنجو نانءُ سٺي وکر رکڻ وارن طور مشهور ڪري ورتو ۽ اهڙو سامان رکندا هئا، جيڪو ٻين وٽان ڪونه ملندو هو. ان ڪري هنن جي گراهڪن جو هڪ خاص ڪلاس پيدا ٿي پيو. مون کي ياد آهي ته Gray Mackenzie وارن جي هڪ بالا عملدار Mr. Padiyath سان هڪ ڀيري منهنجي ملاقات ٿي. ڳالهين مان ڳالهيون نڪتيون ته جشن ۾ جو ذڪر ٿيو. هن چيو ته هو هميشه جشن مل تان خريداري ڪندو آهي ۽ چيائين ته هڪ جوڙي جورابن جي ڏهه سال اڳ جشن مل

تان ورتي هيم، جيڪا اڄ بہ صفا نئين ٿي لڳي.

1960ع جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ منهنجي ملاقات نارائڻ جشن مل سان ٿي. هو ڪويت ۾ ڪمپني جو ڪم ڪار سنڀاليندو هو. هن مون کي هڪ ڏاڍو سٺو سبق ڏنو. چيائين، ”هڪ ريزڪي دڪان ۾ ضروري آهي تہ جڏهن صبح جو در کلي تہ دڪان جو مالڪ موجود هجي ۽ وري جڏهن شام جو دڪان بند ٿئي، تڏهن بہ مالڪ موجود هجي.“

گنگو ٻترا، جيڪو اڄڪلهہ جشن مل جو چيف ايگزيڪيوٽو آهي، سو ان وقت ڪويت ۾ هوندو هو ۽ مان ڪين جپاني ساڙهين جو ڪپڙو وڪڻندو هوس. ڪيترائي ماڻهو ڪم ڪار پورو ٿيڻ کان پوءِ شام جو هيري جي گهر وچي گڏ ٿيندا هئا. هيرو ۽ سنس گهرواري، گل، وڏي خوشي سان سندن آءُ ڀڳت ڪندا هئا. هو اتي ئي رهندا هئا، جنهن بلڊنگ ۾ جشن مل جو دڪان هوندو هو. ڪيس پنهنجو جنريٽر ۽ پنهنجي بجلي هوندي هئي. هيري جي گهر پرسان دبئي جي اڪيلي سئنيما هوندي هئي. جنهن کي ڇت ڪانہ هوندي هئي. هيري ۽ سئنيما جي وچ ۾ هڪ ننڍي پٽ هئي، انڪري جيڪي بہ دوست هيري سان ملڻ ويندا هئا، سي سندس گهر جي مٿئين حصي تي ويهي مفت ۾ فلم بہ ڏسي سگهندا هئا. انهن گرمي جي راتين ۾، جڏهن سڄي ڏينهن جي هڻ هٺان کان پوءِ ٿڪجي هيري جي گهر ۾ ٿڌو بيئر جو گلاس هٿ ۾ جهلي فلم ڏسندا هئاسين، تہ آنند اچي ويندا هئا. سئنيما ۾ رڳو لوهي ڪرسيون هونديون هيون، ان ڪري جنهن کي وڌيڪ آرام گهربو هو سو پنهنجي گهران فولڊنگ ڪرسيون پاڻ سان گڏ کڻائي ايندو هو.

ٻي سئنيما جميره ۾ هئي، جنهن جو مالڪ ڪڇ جو سنڌي حاجي هارون هوندو هو. ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو. هر ڪنهن جي مدد لاءِ آتو هوندو هو، ان ڪري عام ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول هو. ڌنڌو بہ تمام سٺو هلندو هوس. گهٽو ڪري ننڍي ڪنڊ سان واپاري لاڳاپا هئس. هڪ دفعي برٽش پوليٽيڪل ايجنٽ جي ڊنر تي حاجي هارون جي واقفيت هن طرح ڪرائي وئي: ”دبئي جي ڪاميابي جي ڪهاڻي هيءُ شخص آهي.“

سيني سئنيما گهرن ۾ هندي فلمون هلنديون هيون. حاجي هارون ڪجهہ عرصي کان پوءِ ديرا ۾ هڪ کليل ڇت واري سئنيما کولي، جيڪا اڄ بہ موجود آهي. فرق صرف ايترو آهي جو اڄ ڪلهہ ان سئنيما ۾ نئين زماني جون سڀ سهوليتون موجود آهن.

ان کان پوءِ ڪڇ جي هڪ ٻئي سنڌي حاجي مامو ”دبئي سئنيما“ کولي، جيڪا پڻ کليل ڇت واري هئي.

تلسيداس تلريجا، جنهن امر ٽريڊرس جو پايو وڌو، سو دبئي جو جاتل سڃاتل فلم ڊسٽريبيوٽر هو. امر ٽريڊرس، هندوجا گروپ جي هڪ شاخ هئي، جنهن دبئي ۾ ڪم شروع ڪيو. تلريجا ٻين ڪمن سان گڏ

ٽيڪسٽائيل جو واپاري پڻ هو. ان زماني ۾ ڊسٽريبيوٽر پنهنجي في فلم جي ڏهاڙي ڪمائيءَ جي حساب سان وٺندا هئا. تلريجا پاڻ هر سئنيما ۾ وڃي حساب ڪتاب ڏسندو هو ۽ پنهنجي في اُگاڙيندو هو. منهنجي ۽ تلريجا جي عمر ۾ وڏو فرق هو ان هوندي به اسان جي ڏاڍي پڪي ياري ٿي وئي. ان کان سواءِ هو اسان جي ڪمپني جو سٺو گراهڪ پڻ هو. جڏهن مون کي واندڪائي هوندي هئي، تڏهن مان ساڱس گڏجي سئنيمائن جي چڪر تي ويندو هوس. فلم شروع ٿيندي هئي نائين بجي، ان ڪري اسان کي ايترو ٽائيم ملي ويندو هو جو روٽي ۽ دال سان گڏ هڪ ٻه گلاس بيئر جا پي ٺاهوڪي ڊنر ڪري وٺندا هئاسين. اسان ٻنهي جو اهو سلسلو سالن تائين جاري رهيو. تلريجا کي ٽي پٽ هئا: پرڪاش، گرڌاري ۽ سريش. هاڻي تلريجا ٽوڙي سندس گهرواري هن دنيا ۾ نه رهيا آهن. گرڌاري جو موت اوچتو ۽ ڳُمهلو ٿيو. پرڪاش اڄا دبئي ۾ رهندو آهي ۽ سريش انڊيا هليو ويو.

جڏهن به مان انڊيا اسپورٽس ڪلب جي چونڊ لڙندو هوس، تڏهن مون کي پڪ هوندي هئي ته هيرو بنا چوڻ جي منهنجي مدد ضرور ڪندو. اهي اليڪشنون ٿينديون ته صاف سٿريون هيون. پر مقابلا ايڏا سخت ٿيندا هئا جڻ انڊيا جي چونڊ پئي لڙجي. وڏي ورڪ هلندي هئي، ماڻهو ميڙڻا پوندا هئا ۽ رُنن کي پرچائڻو پوندو هو. مان 1991ع ۾ ڪلب جو چيئرمين چونڊجي ويو هئس.

انهن ڏينهن ۾ ڪلب هڪ اڻ وڻندڙ جڳهه ۾ هوندي هئي. جيتوڻيڪ ڪلب جا بئنڪ ۾ سٺ لک درهم رکيا هئا. پوءِ به ڪلب جو ههڙو هيٺو حال ڏسي حيرت ٿيندي هئي. ڪو به ماڻهو اها رقم خرچ ڪري ڪو چڱو ڪم ڪرڻ نه چاهيندو هو. اسان جي ڪمپنيءَ ڪجهه پئسا ڪڍي هڪ نئينءَ بلڊنگ ۾ سيڙپ ڪرڻ چاهي، پر اهو گلف واريءَ جنگ جو زمانو هو ۽ اهڙي ڪا به سيڙپ فائدي بدران مورڳو نقصان ڏئي ها. ماڻهن ۾ ڊپ ۽ خوف ۽ هراس ڦهليل هو. هو ملڪ ڇڏي ڀڄي رهيا هئا. ماڻهن آڱريون کڻڻ شروع ڪيون.

ڪن الزام هنيا، ڪن ته مورڳو دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون ڪيون، پر اسان پنهنجي فيصلي تي قائم رهياسين. منهنجو چوڻ هو ته پئسو ڪميونٽي جو آهي ۽ خرچ به ڪميونٽي تي ٿيڻ گهرجي. جنگ سبب مارڪيٽ ڪريل آهي ۽ ڪريڪ مارڪيٽ ۾ سيڙپ ڪرڻ سان اڳتي هلي ضرور فائدو ٿيندو. منهنجي راءِ هئي ته هڪ وڏي بلڊنگ ٺهرائجي ۽ ڪلب کي وڏو ڪجي ته جيئن اسان هن شهر جا ٿورا لاهي سگهون، جنهن اسان کي ايڏو پيار ۽ پنهنجائپ ۽ سک ڏنو آهي. اها بلڊنگ دبئي وارن کي هميشه ياد ڏياريندي رهندي ته اسان سندس ڪيترا نه شڪر گذار هئاسين. جنگ سبب ڪنسٽرڪشن جو ڪم به گهٽي قدر گهٽجي ويو هو ان ڪري اسانکي سولائي اها ٿي جو اسان ٺيڪيدارن کي گهٽ ڏوڪڙن تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. هر ماڻهوءَ ساٿ ڏنو. نقشن ناهڻ وارن کان وٺندي ميمبرن تائين، هر

شخص هڙان وڙان مدد ڪئي ۽ اهڙي طرح سڄي امارات ۾ سڀ کان سٺي ڪلب ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. جيڪڏهن شاهجهان پنيان خزانو ڇڏي وڃي ها ته ڪوبه سندس واڪاڻ ڪونه ڪري ها. پر جڏهن ان ئي خزاني مان هن تاج محل ٺهرايو ته اڄ به دنيا ڏنڊين آڱريون ٿي ڏئي ۽ شاهجهان کي سهڻن لفظن ۾ ياد ٿو ڪري.

مونکي ياد آهي ته ڪلب جو جنرل سيڪريٽري، ڪي ڪمار رات جو دير سان مون وٽ ايندو هو. ويچارو سڄي ڏينهن جي پورٽ آفيس ۾ هڻ هٽان ڪانپوءِ ٿڪو ٿڪو اچا مون وٽ پهچندو مس هو ته مان ڪيس وٺي دبئي کان ٻاهر سنگ مرمر جي فئڪٽريءَ ويندو هوس، جتي اسان ڪلب جي لاءِ سامان جي چونڊ ڪندا هئاسين ۽ ڪم جي رفتار جو جائزو وٺندا هئاسين. ڪي ايم ڀاٽيا منهنجي چيئرمنيءَ واري زماني ۾ وائيس چيئرمين هو. هن پڻ ڪلب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو. ڀهرام ڪپاپا ڪلب کي هڪ بهترين بورچيخانو ٺاهي ڏنو جنهن کي دنيا جي ڪنهن به بورچيخاني (Kitchen) سان ڀيٽي سگهجي ٿو.

What's On نالي مئگزين ته ان حد تائين وئي جو ڪلب لاءِ لکيائين ته هيءَ ڪلب ته ناهي، فائيو اسٽار عياشي آهي. ڪلب جي بلڊنگ ۽ منجهس پيل سامان کي ISO سرٽيفڪيٽ پڻ مليو. هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن موهن ولراڻي چيئرمين ٿيو.

مون اڳيان ڪٿي لکيو آهي ته دبئي مارڪيٽ منهنجي لاءِ يونيورسٽيءَ جو درجو رکي ٿو. دبئي مارڪيٽ ۾ بزنيس جي ڳوڙهين ڳالهين، رازن ۽ رمزن ۽ انساني روين، واٽن، واسطن ۽ رشتن کان مونکي جيڪا واقفيت ملي، سا نه ته ڪنهن درسي ڪتاب ۾ لکيل آهي ۽ نه وري ڪنهن اسڪول جي ڪلاس ۾ پڙهائي وڃي ٿي. جيڪي واقعا اڪين سان ڏٺم ۽ جن ماڻهن سان مليس، انهن مونکي ماڻهوءَ ۾ لڪل ڪيترن ئي ڳُڻن پاسن، انساني ڪلچر ۽ بدلجندڙ حالتن هيٺ ماڻهن جي بدلجندڙ سوچ جا عجيب سبق سيکاريا. ان سڀ ڪجهه هوندي به هڪ ڳالهه اڃا به وڌيڪ پڪ پيم، اها هئي انسانذات جي هڪ جهڙائي. رنگ، نسل، ڌرم، قوم، ٻولي ڪهڙي به هجي، ماڻهو آخرڪار ماڻهو آهي. ڳالهه نڪتي آهي. ته يادن جو جڻ بند ڀڄي پيو آهي. انهن مان هڪ آهي موت جي باري ۾ ۽ ڪنهن ڏکوئيندڙ واقعي تي انساني موت جي باري ۾.

ڪيئي سال اڳ جي ڳالهه آهي جو مسٽر منابي اسان وٽ مهمان ٿي آيو. منابي جپاني هو ۽ Chori Co Ltd. جو سينيئر عملدار هو. انهن ڏينهن ۾ دبئي ۾ مهمانن جي آءُ ڀڳت ڪرڻ ۽ کين تفريح ڪرائڻ جي ڪا جاءِ ڪانه هئي. رڳو راس الخيما ۾ هڪ ڪاسينو هوندو هو سو اسان کيس اتي وٺي وياسين. جيئن دنيا ۾ ٻين هنڌن تي ڪاسينو هوندو آهي، هيءُ به اهڙو ئي هڪ تفريح جو ماڳ هو. جنهن ۾

رانديون ۽ ٻيا تماشا ٿيندا هئا. اسان عام طور مهمانن کي دبئي ۾ يا شارجا ۾ ڊنر ڪرائيندا هئاسين. ڪاڏي ۾ احمد علي ڪبابيءَ جو دڪان مشهور هو ان ڪري گهڻي ڀاڱي اتي ئي ويندا هئاسين. ۽ پوءِ ڪين ڳاڏين ۾ چاڙهي راس الخيما وٺي ويندا هئاسين. ڪاسينو ته سڄي رات کليل هوندو هو. اسر ڏاري بند ڪندا هئا. ان ڪري اسان ڏاڍي مزي سان ڊنر ڪري، ڪچهريون ڪندا، دير پرو وڃي ڪاسينو پيڙا ٿيندا هئاسين ته پل ته مهمان باقي رات موج مستيون ڪن.

بدبختي اها ٿي ته جنهن ڳاڏيءَ ۾ منابي سفر ڪري رهيو هو تنهن جو رستي تي حادثو ٿي پيو ۽ منابي سخت گهايل ٿيو. ويچارو ڏکن جا سور نه سهي سگهيو ۽ گذاري ويو. اسان سندس مڙهه جپان موڪلڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي.

مهينو کن گذريو مس ته اسان کي جپاني ڪمپني طرفان خط مليو ته منابي جو پيءُ پنهنجي پوٽي سان گڏجي دبئي اچڻ تو گهري، ڇو ته هو اسان جي مهرباني مڃڻ تو چاهي، جو اسان سندس پٽ جي اسپتال ۾ سار سنڀال لڌي هئي ۽ مرڻ کان پوءِ سندس لاش جپان ڏياري موڪليو هئوسين. مونکي تپرس وٺي ويو. جيڪڏهن ان جاءِ تي ڪو هندستاني هجي ها ته لک ڳار ڳڻي ان جاءِ کي ڏئي ها. مٿان وري ڏهه الزام انهن ماڻهن تي به ڏري ها. جيڪي ان وقت ساڻس گڏ هئا. پر جپاني پيءُ جي دل ڏسو. ايڏو پري کان دبئي فقط ان ڪري پئي آيو ته اسان کي شڪر گذاري جا ڪجهه لفظ روبرو اچي چئي، جو اسان سندس پٽ جو مرڻ کان اڳ توڙي مرڻ کان پوءِ خيال رکيو هو.

جڏهن اهو ڪراڙو آيو ۽ اسان سان مليو ته وايومنڊل ڏاڍو جذباتي ٿي ويو. اڪيلو آيو هو. پوٽي کي ان ڪري نه وٺي آيو جو ننڍڙو بار ايڏي وڏي مسافريءَ جو ٿڪ سهي نه سگهي ها. پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي ڪٽنب جي طرفان اسان جا ٿورا مڃڻ کان پوءِ چيائين ته مونکي هلي اهو هنڌ ڏيکاريو جتي حادثو ٿيو هو. اسان کيس در گهٽنا واريءَ جاءِ تي وٺي وياسين. هو ڪجهه دير چپ چاپ بيٺو رهيو ۽ پوءِ زمين تان مُٺ واريءَ جي پري ڪنيائين ۽ چيائين، ”مان هيءَ واري گهر کنيو ٿو وڃان ۽ اتي ان کي سنڀالي رکندس. جڏهن منهنجو پوٽو وڏو ٿيندو، تڏهن کيس ڏيندس ته پنهنجي پتا جي يادگيريءَ طور پاڻ وٽ رکي.“

سيني جون اکيون آليون ٿي ويون. ڪجهه مهينا پوءِ، جڏهن مان جپان ويس ته منابي جي ڪٽنب مون سان ملڻ لاءِ ٽائيم رکيو. مونکي ساڻس ملڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو. اسان سنڌي ماڻهو اڳ ئي دل جا ڪچا، مٿان وري هيءَ ڏکوئيل فئملي. سچ پڇيو ته مان سندن ڏک ڏسڻ جي سگهه ساري نٿي سگهيس. پر جڏهن هو مون سان ملڻ آيا، تڏهن منهنجيءَ گهرواريءَ لاءِ هڪ قيمتي ڪِمونو (جپاني عورتن جو ڊگهو لباس) سوکڙيءَ طور وٺي آيا. اهو هنن جي احسانمندي جي اظهار جو طريقو هو. هنن جنهن نموني زندگي جي سچاين جو مقابلو پئي ڪيو ان مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. اهڙيون خوبيون مون بين جپانين ۾ به ڏٺيون آهن.

جپانين جي چال چلت، عادتون، روايتون، رواج ۽ رَوَيا پنهنجي جاگيرداراڻي ماضيءَ سان اڄ به مضبوط جڙيل آهن. ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڳري اجوڪي جپان ۾ پڻ اوهان کي اڳوڻي زمينداري ۽ سرداري جپان جا اهڃاڻ نظر ايندا.هو اڄ به پنهنجي شهنشاهه تي ساهه ڏيندا آهن. ماڻهن سان ڏي وٺ وڏي خبرداريءَ سان ڪندا آهن. پرڏيهين سان ته وڌيڪ چڱو سلوڪ ڪندا آهن. ٻئي جي دل رکڻ ڪاڻ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪندا، جيڪا اڳلي کي ڏک رسائي. ماڻهن جي دل آزاري ڪرڻ سکيا ئي ناهن. جيڪڏهن سمجهندا ته سچ چوڻ ڪنهن کي ڪڙو لڳندو ته ڏاڍي نماڻائي سان ڳالهه بدلائي ويندا. ڪڏهن ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه چوڻي به هوندن ته وڏيءَ بردباريءَ سان، عزت واري نموني سان چوندا. ڳالهه ڪندا ته شروعات هميشه سٺي انداز ۾ ڪندا. اهي ئي ڳالهيون ڪندا جيڪي وڻندڙ۽ مناسب هونديون. جيئن جيئن گفتگو اڳتي وڌندي ته ڪنهن چڱي گهڙيءَ جو انتظار ڪندا ته جيئن صحيح موقعي تي سخت سچ چئي سگهن. هو هندستانين جيان هٿن، اکين ۽ جسم جي اشارن سان سٺي نموني پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. يورپي قومون، جيڪي ان قسم جي ڳالهين تي هريل ناهن، سي، جپانين توڙي اوير وارن ملڪن جي ڪلچر کان ناواقف هئڻ ڪري، اهڙين ڳالهين کي يا ته چالاڪي ۽ مڪاري سمجهنديون آهن، يا وري به چاپڙائي ۽ ڀهروپيائي چونديون آهن. منهنجي خيال ۾ اها انهن جي ڏاڍائي آهي، جيڪا اوير جي سڀيتا کان اڻ ڄاڻائيءَ ڪري هنن جي دماغ ۾ ويٺي آهي. هو جپانين کي ڳجها ۽ اندر جا اونها به ان ڪري ئي سمجهندا آهن.

جپاني ڪنهن کي به عام رواجي ماڻهو نه سمجهندا آهن. خاص ڪري بزنيس جي معاملي ۾ پرڏيهين سان ڳالهائڻ وقت اکيون، ڪن ۽ دماغ بلڪل کليل رکندا آهن. هو پاڻ کي وڌيڪ سياڻو يا ٻئي کي اياڻو ڪونه سمجهندا آهن. هنن سان واپار ڪرڻ ائين لڳندو آهي، ڄڻ ته سومو (Sumo) پهلوان ميدان ۾ لٿل هجن. سومو ملهه جپان ۾ بي حد پسند ڪئي ويندي آهي. اوهان به فلم ۾ يا ٽي وي تي ضرور ڏٺي هوندي. ٻه وڏا پهاڙ جيڏا پهلوان ميدان ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيندا آهن. وزن گهٽ ۾ گهٽ 300 ڪن پائونڊ هوندن. جسم جي هر حصي مان گوشت جا چڪا پيا لڙڪندن. جسم اگهاڙو. چيلهه وٽ هڪ معمولي چوٽو ٻڌل. هڪ ٻئي کي ٻکين پئي ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل، پيا داءَ پيچ هٽندا. ڪٿندو اهو جيڪو پنهنجي مقابلي واري جي بچاءَ وارين ڪوشش کي ناڪام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. ائين ڪرڻ لاءِ هڪ ته هن کي صبر ڪان ڪم وٺڻو پوندو آهي، ۽ ٻيو ته ڪيس هر گهڙيءَ هوشيار رهڻو پوندو آهي. بس، جنهن پل اڳلو ٿورو به ويسلو ٿيو ان دم هو ميدان مان ڌڪي ٻاهر ڪيدي ڇڏيندس.

ان سڄي رٿابنديءَ جو تت آهي هر دم هوشيار رهڻ ۽ صبر ڪان ڪم وٺڻ: موقعو ملندي ئي دشمن تي وار ڪري ڏيو.

جپاني بزنيس ٽيمون جڏهن ڪاروباري ڳالهيون هلائڻ اينديون آهن، تڏهن مون منجهن اهو ساڳيو سُومو وارو گُڻ ڏٺو آهي. ملاقات ۾ سلام دعا کان پوءِ هو چپ ڪري انتظار ڪندا آهن ته پيل ته ٻي ڌر پنهنجا رايا ڏئي. ماٺ ڪيو ويٺا چانهه پيئندا. پر ڏيان سمورو ڳالهائيندڙ ۾ هوندن. اها اٽڪل ڪين سامهون واري پارٽي جي پاڻيءَ ڪڇڻ ۾ ڏاڍي مدد ڏيندي آهي. جڏهن اڳلن جي اندر جو اوڳر ڪڍي بيهندا، تڏهن وڏي هوشياري سان هر هڪ سوال جو جواب ڏيندا. پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ دليل ڏيندا ۽ جتي مناسب سمجهندا، اتي ڪُسُ ڪسر ڪائڻ کان به نه ڪيٻائيندا. ائين ڪرڻ سان به پنهنجو نقصان ٿيڻ هر گز نه ڏيندا.

جپانين جي روايت آهي ته اڪيلو ماڻهو نه، بلڪ سڄي ٽيم ڳالهين ۾ حصو وٺندي آهي. جوابداري به سيني جي گڏيل هوندي آهي، اڪيلي سر جي نه. اهو مثال ائين ڪٽي ڏجي ته جيئن هڪ ڏوهاريءَ کي بندوق باز گڏجي گوليون هڻي ماريندا آهن. هڪ ڇٽو گولي هڻندو ته پاڻ کي ڏوهاري پائيندو. ان ڪري جي سڀ هڪ ئي وقت فائر ڪندا ته ڪو به ائين نه چوندو ته جوابدار کي ڪنهن جي گوليءَ ماريو. گڏيل جوابداري هڪ طرف ته اڪيلي سر ڏوهه پاڻ تي کڻڻ کان بچائي ٿي، ٻئي طرف ڪاميابي جي صورت ۾ ڪو به ماڻهو پنهنجيءَ سورهيائي جي ٻٽاڪ هڻي نه سگهندو.

جپاني پنهنجي رُتبي، درجي يا ڪلاس جي باري ۾ به ڏاڍا ڏکيا ٿيندا آهن. سندن اها روش بلڪل هندستانين جهڙي آهي، جن کي پڻ پنهنجي ذميداري، سرداري يا چوڌراهٽ تي وڏو ناز هوندو آهي. جپاني ته هندستانين کان به ٻه هٿ اڳتي آهن. هنن کي پليءَ پت جاڻ آهي ته هو ملڪي نظام ۾ ڪهڙو درجو رکن ٿا. ڪانئن مٿي ڪير آهن ۽ هيٺ ڪير. هنن کي ڪچيءَ ڪان ئي تربيت مليل هوندي آهي ته پنهنجي سماجي پوزيشن ڪهڙي نموني برقرار رکجي. اها ئي تربيت ڪين پنهنجا ادارا، ڪاروبار ۽ ڪمپنيون هلائڻ لاءِ گهربل ڊسيپلين هڪيو تڪيو حاضر ڪري ڏيندي آهي. مٿئين ماڻهوءَ جو حڪم هڪدم مڃڻو آهي، بنا چون چرا جي مڃڻو آهي ۽ وڏيءَ قابليت ۽ هوشياريءَ سان ان حڪم جي بجا آوري ڪرڻي آهي. اهو جپانين جو اصول آهي.

جپانين جي اها عادت مونکي هميشه تڏهن ياد ايندي آهي، جڏهن مان ڪا انڊين فلم ڏسندو آهيان يا ڪنهن هندستاني جو لکيل ناول پڙهندو آهيان، جنهن ۾ هيرو سماج جي خلاف بغاوت ڪندو آهي ۽ رسمن رواجن کي للڪاريندو آهي ته ڏسندڙ يا پڙهندڙ واهه واهه ڪري اٿندا آهن. اولهه جا ملڪ ته ويتر اهڙن ڪردارن کي وڏيڪ مانُ ڏيندا آهن. اتان جي ماڻهن کي پنهنجن سماجي حقن جو ايترو ته فڪر هوندو اهي جو هو نند۔ وڏائيءَ کي ڏسندا آهن.ان ڪري اولهه جي ملڪن ۾ ڪو حڪم ڏنو ويندو آهي ته ان جي پوئواري تي گهڻو زور ڏنو ويندو آهي. ان جي ابتڙ جپان ۾ حڪم عام رواجي سادي سودي نموني

ڏنو ويندو آهي، جو تہ سيني کي ڄاڻ آهي تہ ان جي پوئواري هر حال ۾ ٿيندي، ڄپانين جي گفتگو مان بہ توهان سندن سماجي رتبي جو پتو لڳائي سگهو ٿا. ڪنهن ڪمپنيءَ جو مالڪ پنهنجي سائينءَ سان يا پاڻ کان وڏيڪ درجي وارن سان جنهن انداز لهجي يا لفظن ۾ ڳالهائيندو، اهڙي طرح پنهنجن زيردستن سان بلڪل ڪونہ ڳالهائيندو. هن جي گفتگو ٻڌڻ سان ئي توهان کي پتو پئجي ويندو تہ هو ڪهڙن سان ٿو ڳالهائي يا پاڻ کان وڏن سان يا ننڍين سان. ننڍي ڪنڊ ۾ بہ ساڳي حالت آهي. ڄپاني پنهنجن اصولن يا نيمن کان ڪونہ ڦرندا آهن. مون کي ٽوڪيو جي هڪ هوٽل جو واقعو ٿو ياد اچي ڄپان ۾ هوٽلن وارا جيڪو کاڌو گراهڪن کي آڇيندا آهن، اهو شيشي جي شوڪيسن ۾ عام پبلڪ جي ڏسڻ لاءِ پڻ رکي ڇڏيندا آهن. دراصل اهو اصلي کاڌو ڪونہ هوندو آهي، پر پلاسٽڪ منجهان ٺهيل ماڊل هوندا آهن، جيڪي هوبهو اصل جهڙا ڏيکاربا آهن. انهن تي وزن توڙي قيمت بہ لکيل هوندي آهي. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن کاني ۾ ٽماٽو ساس بہ شامل آهي تہ ماڊل ۾ رکيل پليٽ جي ان پاسي ٽماٽو ساس رکيل نظر ايندو جيئن اوهان کي سچو پچو هوٽل ۾ اندر ملندو.

انهن ڏينهن ۾ ڄپان اندر انگريزي ٻولي ايڏي عام ڪونہ هئي. ماڻهو تمام گهٽ انگريزي سمجهندا توڙي ڳالهائي سگهندا هئا. ان ڪري ماڊل ٺاهي رکڻ وارو رواج ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي لاءِ سهوليت هئي. هو ڏسي سگهندا هئا تہ فلاڻيءَ ڊش ۾ ڇا ڇا ملندو ۽ ڪيتري ۾ ملندو. وڌيڪ ڊيگهہ پتاڙ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿيندي هئي.

مون کي سلاد جي پليٽ گهرائڻي هئي، پر ماڊل ۾ ڏيکاريل سلاد جي مٿان ٽماٽا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇٽيل هئا.مونکي منهنجي ڊاڪٽر ٽماٽا کائڻ کان جهليو هو. ان ڪري مون چاهيو پئي تہ ٻيو تہ سڀ ڪجهہ ساڳيو هجي، رڳو ٽماٽا نہ هجن. ويٽر ڇوڪري کي سڏ ڪري چيم تہ ”او هوءَ پليٽ جيڪا سامهون شوڪيس ۾ پئي آهي، سا ڪپيم. ٽماٽا نہ کپن.“

هن کي ڏاڍو عجب لڳو. چيائين، ”Ah! Sodiska? Chutmate kudasai“ يعني، ”اڇا، اها ڳالهہ آهي؟ ٿورو ترسو.“

هوءَ بورچيخاني ڏانهن ويئي ۽ ڪجهہ دير ڪانپوءِ مرڪندي آئي، چيائين، ”هائو چون ٿا اهو ممڪن آهي.“

مون سلاد کاڌي، پر سوچيندو رهيس تہ آخر هوءَ بورچيخاني ڏانهن ڇو وئي هئي؟ جڏهن بل آيو تڏهن وڃي ڳالهہ سمجهہ ۾ آيم. ڏٺم تہ جيڪو اگهہ شوڪيس ۾ پيل ماڊل تي هو، تنهن کان بل ۾ وڌيڪ هو. پڇيم، ”ايڏو بل ڇا جي لاءِ؟“

هن آرام سان جواب ڏنو ”توهان جي خاص آرڊر تي ڊش تيار ڪرائي وئي هئي.“

مون ٻئي هٿ ڪٽي پنهنجن ڪرمن تي هنيا. دل ۾ چيم تہ جي اهڙو ئي اچو مُنهن ڪرڻو هئم تہ ڪٽي هٿ سان تماتا ڪيڏي پري ڪري رکان ها! پر ويتر چوڪريءَ جو ڏوهہ ڪونہ هو. هوءَ ويچاري تہ پنهنجي سسٽم جي هٿان لاچار هئي.ڪيس پنهنجي سماج توڙي قانون جا اصول ميٽا هئا. مون ڪي هڪ سچائيءَ جي تہ گهٽ ۾ گهٽ خبر پئجي وئي.اها هيءَ تہ جيڪڏهن جپاني ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندا آهن، پر پوءِ ڪڏهن ڪڏهن سچ ڳالهائڻ کان پاسو ضرور ڪندا آهن.

ٻيو ميدان، جنهن ۾ انديا جهڙا گهٽ ترقي ڪيل ملڪ جپان کان سبق سکي سگهن ٿا، سو آهي تعليم. جنگ کان پوءِ جيڪي سڏارا جپان تعليم جي سلسلي ۾ پنهنجي ملڪ ۾ آندا آهن، انهن ڪي ڏسي اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڪوبہ ملڪ هن قسم جي رٿابندي ڪري، ٿوري ۾ ٿوري وقت اندر پنهنجي ماڻهن جي قسمت بدلائي سگهي ٿو. اهي اهڙا سڏارا آهن، جن جي وسيلي جپاني ماڻهن جا حوصلا وڌيا ۽ سندن لڙائيءَ ۾ ڪاڏل هار جا گهاءَ پرجي پيا.جنگ کان پوءِ جپان هڪدم تاڙي ورتو تہ تعليم ئي اڪيلو رستو آهي، جنهن وسيلي هو ٻين قومن سان برابري بہ ڪري سگهندا ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا بہ حاصل ڪري سگهندا. هنن اهو پڻ محسوس ڪيو تہ تعليم ئي سماجي ترقي لاءِ ڏاڪڻ جو ڪم ڏيندي. تعليم جي ئي آڌار تي هو جپان ڪي سرداري ۽ زميدداري چار مان ڪيڏي، هر ماڻهوءَ جو مانُ متانهون ڪري سگهندا.

اهي سڀ ڳالهيون سوچي، جپانين پنهنجي وڏي سيڙپ ڪئي تعليم ۽ صحت ۾. ائين ڪرڻ سان هنن ننڍ_وڏائيءَ جا سڀ ٻنڌڻ توڙي ڇڏيا. گڏوگڏ هنن انڊسٽري ۾ پڻ گهڻو ٻهرو وٺڻ شروع ڪيو. ائين ڪرڻ سان هنن دنيا آڏو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ تعليمي سڏارا نہ رڳو تڪڙي ترقي جي راهہ هموار ٿا ڪن، پر غربت ڪي پڻ ٻُنجو ٿا ڏين. هنن دنيا ڪي اهو بہ ڪري ڏيکاريو تہ پرائمري تعليم ۽ پرائمري صحت عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ايترو تہ گهڻو ڪم ڪري ٿيون سگهن، جيترو شايد گهٽ اگهہ تي ملندڙ سرڪاري ڪاڌو ۽ غريبن ڪي ملندڙ خيرات يا دان بہ نہ ڪري سگهي.

اها ڳالهہ سمجهڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. جيڪڏهن غريب پڙهيل لکيل آهي تہ پوءِ هو انڊسٽري توڙي مالي ترقيءَ مان ڀرپور فائدو وٺندي، سٺو روزگار حاصل ڪري سگهي ٿو.جپانين غريبن ڪي تعليم ڏياري ڪين ترقي ڪرڻ ۽ سُکي زندگي گذارڻ جا دروازا کولي ڏنا. هنن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سڀ کان سٺي سيڙپ اها آهي، جيڪا انسان جي چڱاين ڪي اُڀارڻ ۾ مدد ڪري.اها ئي اڪيلي سيڙپ آهي، جيڪا مهانگائيءَ جي هن زماني ۾ عام ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار اوچو ڪري سگهي ٿي ۽ هر شخص خوشحال زندگي گذاري سگهي ٿو.

هندستان ۾ بہ سماجي انقلاب آڻڻ ۾ تعليم جو وڏو هٿ آهي. ٻين سڀني ڳالهين ڪي پاسيرو رکو رڳو

تعليم ڪي ئي ڏسو تہ گهٽ ذات وارن ڪي ٻين جي برابر آڻڻ ۽ زندگيءَ ۾ اُڀرڻ ۽ اُسرڻ ۾ تعليم سندن ڪيڏي نہ سهائتا ڪئي آهي. پر پريشاني جي ڳالهہ اها آهي تہ انڊيا تعليم ڪي سڄي ملڪ ۾ هڪ آدرشي پاوَ سان ڦهلائڻ ۾ بري طرح ناڪام وئي آهي. اها انڊيا جي وڏي هار آهي. خاص طور پرائمري تعليم ڪي هندي ٻوليءَ جي ڳڙهہ ۾ بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏڻ.

جپان جي تعليمي تاريخ جنگ کان گهڻو پراڻي آهي. 1868ع واري Meiji Restoratic کان بہ اڳ واري جاگيرداراڻي دور ۾، ان جي شروعات ٿي چڪي هئي.

انهن اوائلي ڏينهن ۾ بہ اسڪول هوندا هئا، جيڪي سماج جي جدا جدا طبقن ڪي تعليم ڏيندا هئا. سمورائي، جيڪي جنگجو ۽ ويڙهاڪ هوندا هئا،تن جا پنهنجي اسڪول هئا.اهڙيءَ طرح واپارين توڙي ٻنيون ٻارو ڪندڙن جا الڳ الڳ اسڪول هئا. عام ماڻهن جي اسڪولن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ کان سواءِ حساب ڪتاب ۽ ليکو چوکو پڻ سيکاريووينيدو هو.

نئين دور جي تعليم جپان ۾ 1876ع کان رائج ٿي. ان سال سرڪار سڄي ملڪ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول کوليا. هر ٻار جي لاءِ ضروري هو تہ هو پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول ضرور وڃي. نئين صدي جي شروعات کان پرائمري تعليم مفت ڪئي وئي ۽ 1908ع کان ڇهين درجي تائين مفت تعليم جو دائرو وڌايو ويو.

لڙائيءَ کان اڳ جپان ۾ تعليم جو طريقو يورپي سسٽم تي ٻڌل هو. لڙائي ختم ٿيڻ شرط، آمريڪي تعليمي ماهرن جي مدد سان،ان سسٽم کي بدليو ويو ۽ آمريڪي سسٽم جو رواج وڌو ويو. ان طريقي موجب پرائمري تعليم جا ڇهہ سالِ ۽ جونيئر هاءِ اسڪول جا ٽي سال هر ٻار لاءِ ضروري ۽ مفت ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح، نوَ سال پرائمري ۽ جونيئر هاءِ اسڪول جا پورا ڪرڻ کان پوءِ، ڪو بہ شاگرد ٽي سال سينيئر هاءِ اسڪول ۽ يونيورسٽيءَ جا پڙهڻ لاءِ وڃي سگهي ٿو جنهن تي گهٽو ڪري چار سال لڳي ويندا آهن.

جپان ۾ اڄ بہ ٻن قانونن تي ٻڌل اصولي ۽ بنيادي تعليمي عمارت بيٺل آهي: پهريون آهي تعليم جو بنيادي قانون، (The Fundamental Law of Education) ۽ ٻيو آهي اسڪولي تعليم جو قانون (The School Education Law) اهي ٻئي قانون 1947ع ۾ لاڳو ڪيا ويا. بنيادي قانون ۾ هر ٻار کي هڪ جهڙي تعليمي سهوليت جي خاطري ڪرايل آهي. ان قانون ۾ نسل، خاندان، جنس، سماجي رتبي، اميري-غريبي يا ڪنهن اهڙي ٻئي متڀيد کي سختيءَ سان رد ڪيو ويو آهي. تعليم جو خاص زور آهي سياسي جاڻ ۽ ڌرمي سهپ تي.پر اُن هوندي بہ، ڪنهن بہ سياسي لاڳاپي يا ڌرمي ڪٽرپڻي تي بندش پيل آهي.

شروع ۾ هر ماڻهوءَ يا اداري (Institution) جي مرضي تي ڇڏيل هوندو هو تہ هو ڪو بہ تعليمي

اسڪول کولي سگهندا هئا، پر ڪين تعليم کاتي جي وزارت کان موڪل وٺڻي پوندي هئي ۽ اهو بہ ڄاڻائڻو پوندو هو تہ هو مقرر ڪيل قانون جي هر حال ۾ پوئواري ضرور ڪندا. سرڪار پنهنجي طرفان هر علائقي ۾ هڪ يونيورسٽي کولڻ لاءِ پڌل هوندي هئي. لڙائي ۾ شرمناڪ شڪست کان پوءِ، ٽن سالن اندر جپان ۾ سرڪاري يونيورسٽين جو انگ 19 مان وڌي 70 تائين وڃي پهتو.انهن ئي ساڳين ٽن سالن ۾ پرائيويٽ يونيورسٽيون 25 مان وڌي 105 تي ويون.

جيئن جيئن جپان جي مالي حالت سڌرندي وئي، تعليمي ادارا پڻ وڌندا ويا. ان ڪان ايندڙ 30 سالن ۾ يونيورسٽين جو ڪل تعداد 553 تي ويو جن مان 92 سرڪاري خرچ تي هلندڙ هيون. هتي هڪ ضروري ڳالھ اها ٻڌائڻي آهي تہ جپان ۾ هائر تعليم ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ورتي ويندي آهي. ماسٽرس ڊگري لاءِ ڪاليج گريجوئيٽن جا فقط پنج سيڪڙو شاگرد ويندا آهن ۽ پي ايچ ڊي لاءِ رڳو 1.5 سيڪڙو. ان هوندي بہ نوڪريءَ جي لاءِ اپر سيڪنڊري تعليم (Upper Secondary Education) تمام ضروري آهي.

هنري اسڪول بہ ڏاڍا پسند ڪيا ويندا آهن. سبب اهو آهي تہ چڱي ڊگري روزگار جي ضمانت نٿي ڏئي سگهي. ڊگري وارن کي ڪو هٿ جو پورهيو، سيلسمئن جو ڪم يا ڪنهن خدمت جي انڊسٽري ۾ ورڪر جو روزگار ئي ملي سگهي ٿو. ها، البت نامور ڪمپنيون تازيون ڊگريون ورتل نوجوانن کي روزگار ڏين ٿيون، پر شرط اهو آهي تہ اهي ڊگريون ڪنهن مڃيل يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيل هجن.مڃيل يونيورسٽين ۾ داخلا وٺڻ لاءِ وري ڪنهن تمام سٺي اسڪول يا ڪاليج مان تعليم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪري فقط اهي وديارٿي (شاگرد) ڪاليجن ۾ داخلا وٺندا آهن، جن کي تمام وڏيون نوڪريون گهرجن يا وري جن کي وڌيڪ پڙهڻ جو شوق هجي. مڃيل يونيورسٽيءَ ۾ داخلاوٺڻ لاءِ وري ڪنهن تمام سٺي اسڪول يا ڪاليج مان تعليم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪري مٿين تعليمي ادارن، جهڙوڪ ڪاليج يا يونيورسٽيءَ تي بار ڪافي گهٽجي ٿو وڃي.

اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي تہ يو اي اِي هاڻي تعليم جي ميدان ۾ بہ وڏي ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هاڻ هتي سرڪار سطح جي تعليمي ادارن جهڙوڪ: يو اي اِي يونيورسٽي ال زين زيد يونيورسٽي ۽ ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل هاير ڪاليجن جي پيٽ ۾ ٻين خانگي ڪاليجن توڙي يونيورسٽين جو جهجهو انگ پيدا ٿيندو پيو وڃي.انهن اعليٰ تعلمي ادران ۾ سڄي قوم جي لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو شاگردن کي 2020ع واري قومي پروگرام مطابق داخل ڪرڻ جا انومان آهن.

ان سلسلي ۾ جيڪڏهن يو اَي اِي تي نظر وجهي تہ خوشي ٿيندي تہ هت پڻ تعليم تي گهڻو ڌيان ڏنو پيو وڃي. يو.اي.اي ۾ هن وقت 33 پرائيويٽ ڪاليج ۽يونيورسٽيون آهن. سرڪاري يونيورسٽين ۽

ڪاليج انهن کان سواءِ آهن، جن ۾ يو.اي.اي. يونيورسٽي، العين زايد يونيورسٽي فار وومين ۽ هائر ڪاليج آف ٽيڪنالاجي شامل آهن. هر سال 30000 کان مٿي شاگرد جدا جدا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا وٺندا آهن.

نيشنل ايڊميشنس اينڊ پليسمينٽ آفيس (National Admission and Placement Office) جيڪا منسٽري آف ايڊوڪيشن اينڊ سائينٽفڪ ريسرچ (Ministry of Higher Education and Scientific Research) جو هڪ کاتو آهي، تنهن تازو هڪ رپورٽ ڇپائي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مٿانهينءَ تعليم لاءِ شاگردن جي رجسٽريشن ۾ واڌارو ٿي ويو آهي، جن مان 65 سيڪڙو اميدوار ڇوڪريون آهن.

ان ساڳيءَ منسٽري آف هائر ايڊيوڪيشن (Ministry of Higher Education) قائم ڪئي آهي، جنهن جو ڪم آهي پرائيويٽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي ڪم ڪار تي نظر رکڻ ۽ ڪين قاعدي قانون موجب هلائڻ. مطلب وري به اهو ئي آهي ته تعليم جو معيار قائم رکجي ۽ سٺي تعليم تي ڌيان ڏجي. يو.اي.اي. دنيا ڀر جي مشهور سروسز پرووائيڊ ڪمپنين جي نگاهن جو مرڪز بنجي چڪي آهي.اهي ڪمپنيون دبئيءَ ڏانهن ڇڪجي اچي رهيون آهن.انهن ڪمپنين جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ دبئي ٻاهرينءَ جوڙجڪ جو جوڳو بندوبست ڪيو آهي، خاص ڪري تعليم جي ميدان ۾.

مون کي پڪ آهي ته دبئي پنهنجن شهرين توڙي پرڏيهين جي لاءِ بهترين تعليم جو انتظام ڪرڻ ۾ وس آهر سڀ ڪجهه ڪندي. هن ملڪ جي نيتائن، (اڳواڻن) فيڊريشن جي ٺهڻ کان پوءِ، تعليم جي اهميت کي سڃاتو آهي ۽ ڪين ان ڳالهه تي وشواس آهي ته تعليم انسان جي اندر ۾ لڪل خوبين کي ٻاهر آڻي ڪين سماجي تبديليءَ ۾ پاڪي پائيوار بنائي ٿي.

هندستان جهڙن ملڪن کي به گهرجي ته هو هاڻي ان ڳالهه کي چڱي ريت سمجهن ته مٿاهين تعليم هاڻي ضرورت آهر سڄيءَ دنيا ۾ بدلجي رهي آهي. هي زمانو سڄي دنيا کي ويجهو آڻڻ، آزادي ڏيارڻ ۽ پرائيويٽ سيڙپڪاريءَ جو زمانو آهي. ان دور ۾ تعليم جي عيبن ثوابن تي پردو رکڻ يا ڪيس ايندڙ وڏي تبديلي کان بچائڻ هاجيڪار ٿيندو.اهو اصول دنيا جي هر ملڪ سان لاڳو آهي. سرڪار جو ڪم آهي هر ٻچي ٻار کي پڙهائڻ، پر بهتر، سٺي ۽ ڪم جهڙي تعليم ڏيڻ لاءِ اسان کي دنيا جي مڃيل ۽ مشهور تعليمي ماهرن کان مدد وٺڻي پوندي.

اهو سچ آهي ته انڊيا جي گهڻي پاڱي يونيورسٽين وٽ ڪم ڪا هلائڻ لاءِ پئسي ڏوڪڙ جي ڪوٽ آهي. پورائي ڪرڻ لاءِ هو وڌيڪ شاگردن کي داخلا ڏين ٿا، پر انهن جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ سندن وس ۾ ناهي. بلڊنگون کونهن. جي آهن ته ڏسڻ ۾ موچاريون ڪونهن. سڌريل ملڪن ۾ اسڪولن،

ڪاليجن يا يونيورسٽين جي اندرئين توڙي ٻارهينءَ ڏيکاءَ، سونهن ۽ شان تي وڏيڪ ڌيان ڏنو پيو وڃي.اهو بہ سٺي تعليم ڏيڻ جو هڪ اهم حصو آهي. اُستادن کي پگهارون بہ سٺيون ملڻ گهرجن. لائق شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وڃي تہ جيئن هو پنهنجيءَ پسند جو ڪورس يا ڪاليج چونڊي ڪٿن. هندستان ۾ ريسرچ، ڪتابن ۽ ٻئي ضروري سامان جي کوٽ آهي. اسٽيٽ گورنمينٽ توڙي فيڊرل سرڪار تعليمي ادارن کي سٺدن روزمره جو خرچ ڏئي نٿي سگهي.

اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هندستان ۾ تعليم عام ڪرڻ واري رٿ هاڻي ڪافي ڪامياب ٿي چڪي آهي. ان هوندي بہ، اسان کي تعليم جي لاءِ هڪ مثالي وايومنڊل ۽ سازوسامان گهرجي، جيڪو دنيا جي ٻين ملڪن سان ڪلهو هڻي سگهي.

ان ڪم ۾ اين. آر. آءِ. (پرڏيهہ ۾ رهندڙ هندستاني) گهڻي سهائتا ڪري سگهن ٿا. هندستاني سرڪار کي جڳائي تہ هو اين. آر. آئي کي همٿائي تہ جيئن هو پنهنجي ملڪ ۾ اوچي تعليم جي لاءِ چڱي موچاري سيڙپ ڪن.اهڙن ماڻهن جي ڪولا ڪجي، جيڪي اڳ ئي اُن ميدان ۾ لڳل آهن.مثال طور سني ورڪر کي ئي ڪٽي ڏسو. سني ورڪي ”ورڪي“، گروپ جو چيئرمين آهي ۽ يو.اي.اي. توڙي گلف جي ٻين ملڪن ۾ هن جون تعليم لاءِ ڪيل خدمتون جسَ لهڻن. اهو گروپ 21 اسڪولن جو يا تہ مالڪ آهي يا انهن مان ڪن جي سار سنڀال لهندو آهي ۽ انتظام سنڀاليندو آهي. انهن مان گهڻا اسڪول يو.اي.اي. ۾ آهن. هن گروپ جي مکيہ ڳالهہ اها آهي تہ هو سماج جي الڳ الڳ طبقن لاءِ ۽ سٺدن گهرجن آهر، جدا جدا قسم جي تعليم جو بندوبست ڪندو آهي. پرڏيهي سندس خاص ڌيان لهڻندا آهن. انديا اهڙن ماڻهن کي ملڪ ۾ گهرائي، ڪانئن تعليمي ضرورتن جي سروي ڪرائي تہ پتو پئجي ويندو تہ ملڪ ۾ تعليمي مارڪيٽ ڪيترو نہ وڏو آهي.

جپانين ۾ هڪ ٻي خوبي بہ آهي، جيڪا مونکي وڻندي آهي. هو ڳالهيون ڪرڻ کان وڌيڪ سچي پچي ڪم ڪري ڏيکاريندا آهن ۽ منجهن نين شين ناهڻ جو وڏو ڏانءُ آهي. سٺدن موٽر ڪارون ناهيندڙ ڪمپنين جو ئي ڪٽي مثال وٺو. دنيا جي وڏين ڪمپنين سان ڪلهي گس ٿا ڪن. هنن موقعي جو فائدو وٺندي اڏوراڻين (Second_hand) گاڏين جو مارڪيٽ پوريءَ دنيا اندر پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو آهي. اڄ اسان جپان کان بهترين ٻيهر جوڙيل (Re_conditioned) موٽر ڪارون نہ رڳو دبئي ۾، بلڪ پوري دنيا جي رستن تي ڊوڙنديون ڏسون ٿا. دبئي ۽ ٻين امارات ۾ اڏوراڻين گاڏين جو هڪ تمام وڏو ڪمائتو ۽ رٿابنديءَ وارو مارڪيٽ اُڀري رهيو آهي. پر بدنصيبي سان اها ساڳي حالت نہ ٽيڪسٽائيل ۾ نظر ٿي اچي، نہ اليڪٽرانڪ شين ۾ ۽ نہ وري روز مره جي ٻين ڪيترن ئي وکرن ۾. سيڪنڊ هئنڊ سامان جو مارڪيٽ ڪنهن بہ ملڪ جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ بي حد ضروري آهي، ڇو تہ ان منجهان ئي نئينءَ

شيءِ جي گهرج پيدا ٿئي ٿي. اڻ سڌي طرح اهو مارڪيٽ عام ماڻهن جي رهڻيءَ ڪرڻي کي سڌارڻ ۾ به مدد ڪري ٿو.

اڄ ڪلهه يورپ جا سڌريل ملڪ به پراڻين شين کي ٻيهر سڌاري (Recycle) استعمال ڪري رهيا آهن. هو ته ايترو اڳتي وڌي ويا آهن جو انساني ڪرفتيءَ کي به Recycle ڪري منجهائنس پاڻ ناهي پيا وڪڻن. پر هنن کي به هندستاني ڪمند جي رس وڪڻندڙن کان سبق سکڻو پوندو. توهان ڏٺو هوندو ته هندستان جي بازارن ۾ ڳني منجهان رس ڪيندڙ ڪيئن نه چيچڙي ۾ ڪمند کي تيستائين پيا نپوڙيندا آهن، جيستائين منجهائنس آخري ڦڙو به ڪڍي نه وٺندا. اتي به سُڪ نه ايندن. نپوڙيل ڪمند وري جانورن جي چاري لاءِ به استعمال ڪندا. ذري به زيان ٿيڻ نه ڏيندا. سچ پُڇو ته هندستانين بار بار شين کي واپرائڻ جا گُر سکي ورتا آهن ۽ ان ڪم ۾ ڪلاڪاريءَ جي حد تائين ڪمال ڪري ڏيکاريندا آهن. گهر جا پراڻا ڪپڙا ۽ جوتا ڏئي انهن جي بدران نوان باسڻ وٺڻ کي توهان ڀلا ڀيو ڪهڙو نالو ڏيندا؟ پراڻين شين کي وري وري ڪم ۾ آڻڻ سان واپومنڊل صاف سٿرو رهي ٿو ماڻهن کي روزگار ملي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته گندگي گهٽجي ٿي.

بدقسمتيءَ سان,سڌريل ملڪن Re_cycling تي گنڀيرتا سان ڌيان ڪونه ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو اڏوراڻين شين جي لاءِ ڪو مناسب مارڪيٽ ناهي نه سگهيا آهن. ان جو ڪارڻ سندن خوشحالي آهي. هو سُکيا آهن. پئسو جام اٿن. ان ڪري هنن جو ڌيان ٻئي طرف وڃي ئي نٿو. ڪنهن به سماج ۾ عام طور تي طبقا ٿيندا آهن. شاهوڪار، وچولو ۽ غريب طبقو. يو.اي.اي ۾ ڏسبو ته عملي طرح غريب ڪلاس آهي ئي ڪونه. جن جي آمدني گهٽ آهي، سي به ٻين کان وڌيڪ سکيا آهن. انهن ملڪن ۾ ماڻهو پراڻي سراڻي ڪپڙي لٽي يا اهڙي ٻيءَ ڪنهن شي کي اڇلائي ڇڏيندا آهن. اسان وانگر ان کي ٻيهر ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڪارج ۾ ڪونه آڻيندا آهن.

اسان جهڙن پرڏيهين ۾ اوهان کي اهي ٽئي ڪلاس نظر ايندا. آخري يعني غريب ڪلاس ته سيني کان وڌو ڏيکاربو. انهن جي لاءِ جيڪڏهن ڪو پراڻين يا اڏوراڻين شين جو مارڪيٽ ناهجي ته جيڪر ڪين ان مان وڏو فائدو رسي. اهڙي ئي قسم جو ڪو باقاعدي جوڙيل مارڪيٽ اليڪٽرانڪ يا ٻين شين جو هجي ته هوند اسان جا پرڏيهي ڀائر چڱي موچاري رقم بچائي سگهن. سيڪنڊ هئنڊ سامان ۾ ڪين نئين ماڊل جهڙو سامان ملي سگهندو ۽ قيمت به گهٽ ڏيڻي پوندي. اهڙي طرح سندن لاڙو نون ماڊلن جي سامان خريد ڪرڻ طرف وڌيڪ ٿيندو. ملڪي مالي حالت به سڌري پوندي، ڇو ته هر ڪلاس جي ماڻهن کي سندن آمدنيءَ موجب جڏهن گهرج جون شيون ملڻ لڳنديون ته هو به خرچ ڪرڻ کان ڪونه ڪيٻائيندا.

واپار جو هڪڙو اصول، جيڪو مونکي ڏاڍو ڪم آيو آهي، اهو اوهانکي ٻڌائڻ ٿو چاهيان. پراڻي زماني ۾ سماج ۾ اڻ–برابري هوندي هئي. ننڍ–وڏائي هئي. اجان بہ آهي، پر ايتري گهٽي نہ. جيتري اڳ هئي.ان اڻ–برابريءَ ۾ سماجي ننڍ وڏائيءَ جي سبب ئي واپاري وايومنڊل ۾ تيزي ۽ هلچل هوندي هئي، جيڪا اسان اڄ بہ ڏسي سگهون ٿا. اهو سسٽم، جنهن جي مان ڳالهہ ٻڌائڻ گهران ٿو سو هن طرح ڪم ڪندو آهي: مٿئين ۽ وچولي ڪلاس جا ماڻهو پنهنجي روزمره جي استعمال جو سامان ٿورو پراڻو ٿيڻ تي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪندا، جيڪڏهن کين اها پڪ ٿي وڃي تہ اهو سامان چڱي اگهہ تي وڪامي ويندو. جيڪڏهن کين مناسب ڏوڪڙ ملي ويا تہ هو ٻيهر ساڳيو ئي سامان نئين ماڊل جو خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا، ڇو تہ هو هاڻي مٿان ٿورڙا پئسا وجهي نئين شي جا مالڪ ٿي ويندا. اهڙيءَ ريت، هو ٿوري ٿوري عرصي کان پوءِ پراڻي شيءِ وڪڻي، نئينءَ جو شوق پيا پورو ڪندا. نئين ماڊل جي موٽر ڪارن جي شوقينن کي اوهان گهڻو ڪري ائين ڪندي ڏٺو هوندو.

ڪوبہ ماڻهو پلي ڪٽي هو ڪيترو بہ ڏنوان ڇو نہ هجي، گهٽ مُلهہ تي پنهنجي نئين شيءِ ڪونہ وڪڻندو. مثال طور، مون وٽ هڪ ٽي.وي. سيٽ آهي، جيڪو پنج سال پراڻو آهي. ان ٽي.وي. سيٽ کان مونکي ڪا بہ شڪايت ناهي. آواز بہ صاف، تصوير بہ چٽي. ڪڏهن خراب ڪونہ ٿيو. انهن پنجن سالن وچ ۾ ٽي.ويءَ جا ڪيترائي نوان، سهڻا ۽ سنا ماڊل مارڪيٽ ۾ آيا، پر مان پنهنجي ٽي.وي. سيٽ کي ان ڪري وڪڻڻ نٿو گهران جو منجهس ڪا بہ خرابي ناهي. جيتوڻيڪ نوان ماڊل ڏسي گهڻا ڀيرا دل بہ سرڪندي اٿم. وات ۾ پاڻي بہ ايندو آهي، پر ڇا ڪريان ٽي.وي ۾ ڪا ڏنگائي هجي تہ وڪڻانس، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کي منهنجي ٽي.ويءَ جي سٺي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار ٿئي تہ مان جيڪر ان کي وڪڻي ٿورو گهڻو مٿيون خرچ ڪري وڃي نئون ٽي.وي سيٽ وٺي اچان.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ دبئي ۾ جتي ڪيترائي پرڏيهي ڪم ڪن ٿا، اتي اهڙين اڌوراڻين شين جو مارڪيٽ ڇو نٿو کلي؟ هڪ سبب تہ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ دبئي جا واپاري اهڙي مارڪيٽ ۾ پئسو سيڙائڻ نٿا چاهين، جنهن مان کين گهٽ آمدني جو پڪُ هجي. ان ڪم لاءِ ٻيهرين تہ ميدان ناهجي، پوءِ ڏوڪڙ سيڙائجن.وڏو خرچ تہ انهن ٻن اسمن تي ئي اچي ويندو. مزور ۽ ريئل اسٽيٽ.

سيڪنڊ هئنڊڪار مارڪيٽ وارن کي اهو فائدو آهي تہ جيڪي نين گاڏين جا ڊسٽريبيوٽر آهن،اهي ئي پراڻين گاڏين جو نيڪال ڪن ٿا. کين نہ تہ ڪا نين جڳهہ کپي، نہ ان مٿان ڪو مزور مَڙي جو خرچ اچي ۽ نہ وري ڪا نئين سيڙپ ڪرڻي پوي، هر شيءِ وٽن اڳ ئي موجود آهي. نيون گاڏيون بہ اُتي ئي وڪڻندا، جتي پراڻيون وڪڻندا. بغير محنت ۽ گهٽ سيڙپ سان هو آرام سان نين توڙي پراڻين گاڏين جو وينا واپار ڪن. اهو ئي مکيہ ڪارڻ آهي جو پراڻين گاڏين جو ڏنڌو ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو وڌندي.

پراڻين گاڏين جي گھٽي ڪپت جي ڪري فالتو پرزن _Spare Parts) جو ڌنڌو پڻ وڏي ٿو. جيئن تہ ڊسٽريبيوٽر اهي پرزا وڪڻندا آهن. انڪري اهو نفعو پڻ هو پاڻ ڪمائيندا آهن. گاڏين ڪي ٻيهر جوڙڻ (Re_conditioned) جو ڪم بہ هو ئي ڪندا آهن. اڃا بہ اڳتي، اهي نئين سر جوڙيل (Re_ conditioned) گاڏيون هو پيروارن ملڪن ۾ وڪڻندا آهن. جتي وڏي انگ ۾ پرڏيهي رهندا آهن. جڏهن اهو سڀ ڪجھ هڪ ئي ڏر ڪندي هجي، تہ پوءِ ڪھڙي اچرج جي ڳالھ تي. العوير جو شهر هر روز وجي ٿو ڦهلجندو،چو تہ اتي ئي سيڪنڊ هئنڊ موٽرن جو وڏو مارڪيٽ آهي.

جهڙيءَ طرح موٽرن جو مارڪيٽ آهي، اهڙي نموني سيڪنڊ اليڪٽرانڪ سامان جو پڻ مارڪيٽ هئڻ گھرجي. پر ان ڪم لاءِ وڏي تياري ۽ ٻين ضروري ڳالهين جي گھرج پوندي، جيڪي هن وقت موجود ناهن. ٿي سگھي ٿو تہ ڪو خاص علائقو جيڪو شهر کان ٻاهر هجي ۽ جتي زمين توڙي جائداد جي قيمت گھٽ هجي، اتي نئون بنيادي ڍانچو ناهي، اهڙي قسم جو مارڪيٽ قائم ڪري سگھجي. ان سڄي مامري جو مطلب رڳو اڌوراڻو سامان وڪڻڻ ناهي، پر اهڙو مارڪيٽ ناهڻو آهي، جتي سيڪنڊ هئنڊ شين کي کپائي سگھجي ۽ نين شين جي لاءِ راھ جوڙي سگھجي.

ان ڳالھ تي ياد آيو تہ پراڻن ڪپڙن جي لاءِ پڻ مارڪيٽ موجود آهي. سيڙپ ڪندڙن کي هن واپار ڏانهن آڻي سگھجي ٿو پر شرط اهو آهي تہ ڪين سستا پورهيت هٿ ڪري ڏجن. اهو ڪم اخبار وڪڻندڙ هاڪرن واري نموني تي ٿي سگھي ٿو. اخبارون وڪڻندڙن کي نوڪري تہ مالڪ ڏيندا آهن. پر هو پنهنجي ڪمائي ڪميشن مان ڪندا آهن. جيتريون گھٽيون اخبارون وڪڻندا، اوتري گھٽي ڪميشن ڪمائيندا. اهڙي طرح هڪ مارڪيٽ ڊڪڻن جو ۽ درزين جو بہ ٺهي سگھي ٿو. جن جو اجورو ڪميشن جي شڪل ۾ کين ڏئي سگھجي ٿو.

جيڪڏهن ڪنهن کي بہ اڌوراڻين شين جي مارڪيٽ جي باري ۾ ڪو شڪ شبهو آهي تہ اهي مهرباني ڪري اخبارن ۾ اشتهار جا پنا پڙهن. خاص ڪري انگريزي اخبارون تہ اهڙن اشتهارن سان پريون پيون آهن، چو تہ انهن کي گھڻو ڪري پرڏيهي پڙهندا آهن.

زندگيءَ ۾ تبديلي اڻ_ٽر آهي. ساڳيءَ طرح بزنيس ۾ بہ تبديلي اڻ_ٽر آهي. دبئي ۾ هاڻي تمام گھڻا نوان چئلينج آهن. دبئي جي ڪيترن ئي مارڪيٽن کي هاڻي پنهنجيون پيداواري فئڪٽريون آهن، ان ڪري بزنيس مين جو ڪم تمام گھڻو گھٽجي ويو آهي. فري زون جي اچڻ ڪري واپارين کي اڃا بہ وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي، چو تہ هاڻي ڪارخانيدار ٻاهران اچي خود دبئي جي اندر شين کي تيار ٿا ڪن. ڊسٽريبيوٽر جو حال ويتر خراب آهي. هو هاڻي وچيان ماڻهو يا دلال ٿي ويا آهن.

اسانکي هاڻي اڳين روش ڇڏي اينڊڙ وقتن جي للڪارن کي منهن ڏيڻ جي تياري ڪرڻي پوندي.

منهنجي خيال ۾ سنڌي جاتيءَ کي جلد ئي روايتي بزنيس جي راهه ڇڏي، پاڻ کي نون لاڙن ۽ نين راهن لاءِ واجهائڻ گهرجي. اسان جي نوجوان نسل بي انتها دولت جي ماحول ۾ اکيون کوليون آهن ۽ سندن پالنا به پئسي ڏوڪڙ جي ريل ڇيل ۾ ٿي آهي. ان ڪانسواءِ هنن کي هميشه وڏڙن جي طرفان سُک، پيار، سلامتيءَ ۽ چانوَ واري زندگي ملي آهي. ڪوسو واءُ ڪونه لڳو اٿن. دولت ۾ دادلا ٿي پليا آهن. پر هاڻي جڏهن حالتون بدلجي رهيون آهن، تڏهن هنن کي هڪ دفعو ٻيهر انهن واچوڙن سان وڙهڻو پوندو، جن سان سندن ابن ڏاڏن مهاڏو اٽڪايو هو ۽ طوفانن مان ٻيڙي پار اُڪاري ڪناري پيڙي ڪئي هئي.

منهنجي سدائين اها ڪوشش رهي آهي ته شل سنڌين جي ايندڙ نسل کي ٻيهر ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون. اسان جيڪي پوڳيو سو پوڳيو. اسان جي ٻارڙن تي ڳَکُ به نه ڪِري. منهنجي اها به ڪوشش رهي آهي ته بزنيس هجي يا سماجي ڪارج، شل پت سان رهجي اچي. بزنيس ۾ ماڻهو نفعو ڪمائڻ لاءِ ئي ته رت ولوڙي ٿو. پر ڏسڻو اهو اهي ته اهو نفعو ڪهڙي ريت ٿو ڪمائجي. مون هميشه اهو ئي چاهيو آهي ته پنهنجو حساب ڪتاب صاف رکان. ڪنهن کي به واپاري ليڻ ڏيڻ ۾ شڪايت جو موقعو نه ڏيان. ظاهر آهي، ڏنڌي ۾ جيڪڏهن مون ڪنهن تي سرسي حاصل ڪئي هوندي ته ڪنهن وري مونکي به مات ڏني هوندي. ڏسڻو اهو آهي ته ڪٽڻ توڙي هارائڻ وارا مونکي ڪهڙي نظر سان ٿا ڏسن. دل ۾ اها ئي آس اٿم ته شل مون کي عزت سان ياد ڪيو وڃي ۽ مون پُڄاڻان منهنجي ساک زنده رهي.

اڄڪلهه ”عزت“ جي لفظ کي به ماڻهو پنهنجي مطلب ڪيڻ لاءِ ڪم ٿا آڻين. ڪن کي مهلت گهرجي يا ڪن کي ايترو وقت کپي جو هو ڪو جوڳو بندوبست ڪري وٺن. اهڙن موقعن تي هو اڪثر پنهنجي نام ناموس ۽ عزت ۽ مان کي وچ ۾ آڻيندا آهن. اسانجي وقت ۾ جي واعدو ڪبو هو ته پاڙبو ضرور هو. ڪٽي جان ڇو نه هلي وڃي، پر ڏنل زبان تان قرڻ جو مهڻو سهڻ لاءِ ڪو به تيار نه ٿيندو هو. اڄ جا نوجوان انهن ڳالهين کي اسانجي چريائپ سمجهندا هوندا. ڪي ته کلندا به هوندا. دولتمند گهراڻن جا شاهوڪار ڇوڪرا، جيڪي نوان نوان بزنيس ۾ پير پائن ٿا، سي اسان جي ڳالهين کي يا ته اسان جي ڪمزوري سمجهندا يا وري چوندا ته ان ڪان ته آپگهاتي ياونا وڌيڪ چڱي ڇئبي. گهٽ ۾ گهٽ مان ڪنهن به اهڙي آپگهاتي ياونا جي حق ۾ ناهيان.

اسان جا اهي ئي نيم اسان کي ان وحشي پٽي کان پري رکن ٿا، جيڪو ايڪيهينءَ صدي جي هن دور ۾ به تهذيب جي سنهيءَ کل هيٺان لڪل آهي. اسان جي روايتن لاءِ اهو ئي سڀ کان وڏو خطرو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي عزت ۽ مان جي حفاظت نه ڪئي، ته پوءِ اسان جو ڪو آئيندو به نه هوندو.

❊

## باب سورهون

# لاوارث پرواسي

**گھر ھڪ اھڙي جاءِ آھي. جتي جڏھن اوھان وڃو ٿا تہ اھو سڀ ڪجھ اوھان کي آڇي ڇڏي ٿو.**

**رابرٽ فراسٽ**

مون جڏھن ھندستان ڇڏيو تڏھن مان ھندستاني ھوس. ان کان پوءِ مون کي نئون لقب, نئون نالو ڏنو ويو. پرڏيھ ۾ رھندڙ ھندستاني (NRI). جڏھن مونکي ھندستان ۾ NRI سڏيندا آھن, تڏھن مون کي ڏاڍو عجيب لڳندو آھي. لڳندو اٿم, مان پنھنجي ئي ديس ۾ ڪو اجنبي, ڪو ڌاريو ڪو پرڏيھي آھيان.اھي NRI ڪير آھي؟

ڌار ڌار ماڻھن لاءِ سندن جدا جدا حيثيت آھي. سرڪار لاءِ ھو پرڏيھي ناڻي ڪمائڻ جو سٺو وسيلو آھن. ڪسٽم وارن جي لاءِ ھو سمگلر آھن. مائٽن جي لاءِ حسد ۽ ساڙ جو سبب آھن. جيترا وات, اوتريون ڳالھيون. ھر ماڻھو پنھنجيءَ سوچ آھر کين معنيٰ ۽ مطلب ڏئي ٿو.

منھنجي خيال ۾, جيڪي ماڻھو ھندستان مان لڏي ڪنھن ڌارئي ديس ۾ ھميشہ جي لاءِ وڃي ٿا اتان جا وڻ وسائين ۽ ٻيا اھي, جيڪي روزگار جي ڳولا ۾ پرڏيھ ٿا اُسھن, تن جي باري ۾ عام ماڻھن جي ذھن ۾ تمام گھڻيون غلط فھميون ويٺل آھن.اھو تہ سچ آھي تہ ٻئي چڱي آئيندي جي تلاش ۾ وطن ڇڏين ٿا, پر روزگار لاءِ ماڻھو آخرڪار پنھنجو مدو پورو ڪري ٻيھر موٽي ماڳن تي ايندا آھن. اڄ, سيان يا پرينھن, نيٺ انھن کي موٽڻو آھي. انھن جي ڪمايل موڙي وري بہ پنھنجي ملڪ ۾ ايندي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي اھا رقم سيڙپ طور ڪم ايندي. اھو پئسو ملڪي دولت جو حصو ٿي ويندو.

منھنجي خيال ۾ مٿين ٻنھي لاڏائو ڌارائن کي ٻن الڳ الڳ سوچن سان چڱيءَ طرح جاچي جوچي ۽ پرکي ڏسجي.

ويجھي تاريخ ۾ ھندستانين جي ٻاھرين ملڪن ڏانھن ڪاھ انگريزن جي راڄ ۾ شروع ٿي. انگريزن نيڪي تي مزورن کي چراگاھن, ٻنين ۽ باغن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سيلون (سري لنڪا), برما (ميانمار), ملايا (ملائيشيا), ڏکڻ آفريڪا, اوڀر آفريڪا, ڪئريبين ٻيٽن ۽ ٻين اھڙن ملڪن ڏانھن موڪليو جيڪي

سندن اثر هيٺ هئا. ان ڪان پوءِ واپارين جي لڏپلاڻ شروع ٿي، جيڪا گهڻي ڀاڱي ڏکڻ ايشيا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، ڏور اوڀر، آفريڪا، اولهه ايشيا ۽ مغربي ملڪن ڏانهن هئي. انهن لڏي ويندڙماڻهن جا پونيئر هاڻي اُنهن ملڪن جا شهري بڻجي چڪا آهن، پر انهن مان گهڻن جو هندستان سان اڃا بہ روح جو رشتو ۽ من جو ڳانڍاپو جڙيل آهي. منجهانئن ڪي تہ پنهنجي وطن سان عملي طور اڄ بہ لاڳاپيل آهن. هندستاني نسل جي ان ٽولي جو انگ 17 ملين ڪان بہ مٿي ٿيندو.

ٻيو گروپ اهو آهي، جيڪو هندستان کان ٻاهر مزوري ڪمائي، سڪيو ستابو ٿيڻ ويو. اهي ماڻهو روزگار جي تلاش ۾ نڪتا هئا، پر هنن جو پرڏيهہ ۾ آباد ٿيڻ جو ڪو بہ ارادو نہ هو. بهرحال، هر ملڪ جا قانون هڪ جهڙا ناهن. گهڻن ملڪن، پنهنجن قانونن پٽاندر ڪين پنهنجيءَ زمين تي هميشہ لاءِ آباد ٿيڻ جو حق نہ ڏنو.

پنجاهہ واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري، گلف ۽ مڊل ايسٽ جي ڪجهہ ٻين ملڪن مزورن جي لاءِ پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا ۽ روزگار سانگي انهن ملڪن ۾ ايندڙ ماڻهن جي پيهہ اڃا بہ وڌي وئي، جڏهن 70 واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري تيل جو روانگي واپار شروع ٿيو. اڄ هن پوري علائقي ۾ اٽڪل ساڍا ٽي ملين هندستاني رهن ٿا.

گذريل صديءَ ٻہ مهاڀاري لڙايون ڏٺيون. انگريزن جي سلطنت انهن جنگين جي مالي بار سبب پيچڻ ۽ پُرڻ لڳي. برٽش ڪالونين جا ماڻهو لاچار ٿي روزگار ڪمائڻ لاءِ ٻين ملڪن ڏانهن وڃڻ لڳا. اهو پهريون ڀيرو هو جو هندستان جي ماڻهن، ايڏي وڏي تعداد ۾ ملڪ ڇڏي، سڄي دنيا ۾ پکڙجي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ڏينهن ۾ نيڪي تي مزوري ڪندڙ هندستاني هڪ طرف تہ ويسٽ انڊيز تائين وڃي پهتا ۽ ٻئي طرف آفريڪا جي ڏاکڻي ڪناري تي وڃي ساهي پٽيائون. واپارين ڪي بہ واءُ سٺائو لڳو. ملبار جي ڪناري کان گلف جي ملڪن تائين ڦهلجي ويا. اهڙيءَ ريت، هندستاني مزورن توڙي واپارين، گڏجي سڏجي، پوري دنيا ۾ پاڻ کي آباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

اڳتي هلي، ويهين صديءَ ۾ هندستاني ماڻهو دنيا جي وڏي ۾ وڏي لاڏائو قوم بڻجي پيا. چين جي باري ۾ عام طور چيو ويندو هو تہ چيني ماڻهو دنيا جي هر ملڪ ۾ ڦهليل آهن۽ ٻي ڪا بہ اهڙي قوم ناهي جيڪا پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ايڏي وڏي تعداد ۾ آباد هجي، پر هندستانين ان سلسلي ۾ چينين کي بہ مات ڏئي ڇڏي. هو نہ رڳو دور دراز ملڪن تائين پهتا، پر پنهنجي هُنر، محنت۽ سچائيءَ ڪارڻ وڏو نالوبہ ڪمايائون.

خود انگلنڊ ۾، جنهن کي سلطنت جو پايو وجهندڙ سڏيو ويندو هو، هندستاني ٻين سيني قومن کان تعداد ۾ گوءِ ڪٽي ويا، پر مٿن پرڏيهي هندستانين (NRI) جو لقب اڃا بہ نہ مڙهيو ويو هو. ان جي ابتڙ انهن

شروعاتي ڏينهن ۾، سندن خلاف ماٿيلي ماءُ وارو ورتاءُ تہ پري رهيو، سندن همٿ ڪي چڱي نظر سان ڏٺو ويندو هو.

تاريخ ۾ هندستانين جي سفر يا ياترا جي باري ۾ رويو هميشہ مختلف رهيو آهي. هو يا تہ روزگار جي تلاش ۾ سفر ڪندا آهن، يا وري ڪتنب ۾ ڪنهن خاص واقعي ڪارڻ ٻاهر نڪرندا آهن. جهڙوڪ ٻار جو جنم، شادي وهانءُ يا موت وغيره، يا وري ڪنهن ڌرمي فرض جي پورائي لاءِ.

ڏکيءَ اٽانگيءَ ۽ اڻ وڻندڙ مسافريءَ ۾ خوشي جي جهلڪ بہ نہ هوندي هئي ۽ هندستاني مسافر ڪي تہ مورڳو جدائي ۽ موڪلاڻيءَ جون گهڙيون موت سمان لڳنديون هيون. اڪثر ماڻهن جي لاءِ تہ اهي سفر هڪ طرفا ثابت ٿيندا هئا، ساموندي سيلانين ۽ واپارين ۽ سوداگرن، سڄيءَ دنيا ۾ سفر جو سوداءُ اهڙو تہ ڦهلائي ڇڏيو هو جنهن جهڙو لقاءُ شايد وري ڪڏهن بہ نظر نہ اچي، جو لڳندو هو تہ اهي ماڻهو ڪنهن جوکي جهڙي مسافري بجاءِ ڪن ڌرمي فرضن نباهڻ لاءِ ايڏا ڪشالا ڪيندا هئا. هندي ٻولي (۽ سنڌي ۾ پڻ) ان لاءِ هڪڙو تمام مناسب لفظ آهي، جنهن جو انگريزي ۾ هوبهو معنيٰ ڏيندڙ لفظ مونکي نٿو سُجهي.

اڄ بہ وطن جي ياد ڪي جيئڻ جو تيئن تازو رکڻ جي چاهنا دلين ۾ موجود آهي. سفر جون اهنجايون ۽ اوکائيون هميشہ کان ئي اسان جي روايتن جو حصو رهيون آهن. هندستان جي لوڪ-ڪهاڻين ۾ اوهان کي تمام گهڻا قصا ملندا، جن ۾ مسافرن جو مال ۽ مڏي کسڻ لاءِ هر موڙ تي چور، ڌاڙيل، نڳ ۽ ڦورو تاڙ ۾ ويٺل نظر ايندا.

هندستانين جي سوچ ۾ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جو خيال ئي وڏي شرم جي ڳالهہ ليکي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پرديس وڃڻ جا سانباها ڪندو تہ ٽوليون ڪندڙ ڪيس ملڪ ۾ ناڪاميءَ جا طعنا ڏيندا. اسان جي سماج ۾ ان بهادر جي لاءِ بہ ڪو ماڻُ ڪونهي، جيڪو ملڪ مٿان ملڪ فتح ڪندو وڏي شان سان پنهنجيءَ جيت جا جهنڊا کوڙيندو ويندو آهي. اسانوٽ مارڪوپولو جهڙا سيلاني بہ ڪونهن ۽ نہ ئي وري آئندي جي لاءِ ڪا اهڙي اميد ئي ٿي نظر اچي. ان جي ابتڙ اسان جي ڪهاڻين ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي پرڏيهي راڪاس جي آڏو ٻليدان ڪيو ويو تہ اُن کي ئي ڏوهاري جاڻائيندي چوندا تہ منجهس ضرور ڪا وِڏ هوندي يا سندس جسم يا آتما جي پوترتا ۾ ڪو شڪ هوندو.

هندستانين جي سوچ ۾ ڇپيل سفر خلاف اهڙن شڪن، شبهن، ڀؤ ۽ گهبراهٽ جي باوجود، هنن هر هنڌ وڃي ماڻهن کي پنهنجي وجود جو احساس ڏياريو آهي.

هندستانين جي دلين ۾ پرڏيهين لاءِ روايتي شڪ ۽ شبها اڄ بہ اهڙي طرح قائم آهي ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ هندستاني اڄ بہ ان جي قيمت چڪائي رهيا آهن. پرڏيهہ ۾ رهندڙ هندستانين (NRI) جي حالت پادريءَ جي ٻيدي جهڙي آهي- اڌ سنو اڌ خراب.

اها حالت ان ڪري ٿي آهي جو هنن جي پنهنجين ذاتي گهرجن ۽ سندن ملڪ جي ضرورتن ۾ زمين ۽ آسمان جو تفاوت آهي. اها وڇوٽي وڃي ٿي هر روز وڌندي. هنن جون پنهنجو گهرجون ته جي آهن سي آهن. البت سندن وطن جون ضرورتون ۽ اوليتون ملڪي حالتن موجب بدلجنديون رهن ٿيون. گهران ايندڙ فرمائشون پڻ نت نوان مسئلا ڪڙا ڪنديون رهن ٿيون.

ميڊيا (پريس، ريڊيو ۽ ٽيليويزن) پڻ NRI کي خود غرض، لاچار ڪنجوس ۽ وطن دشمن وغيره ثابت ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو آهي. سندن تصوير اهڙي طرح چٽي پئي وڃي، جنهن مان عام ماڻهن کي اهو ٿو لڳي، جڻ NRI ڇڙو پنهنجي جهول ڀرڻ واريءَ هبڇ ۾ پورا آهن ۽ ملڪي ڀلائي جو ڪين تڪي جو به خيال ناهي.

هندستان ۾ وري ويچارن NRI کي هر نموني پرڏيهي سمجهيو وڃي ٿو. انڊيا جا ڪيترا ڪاليج توڙي يونيورسٽيون NRI جي ٻارن کي جدا ڪاتي ۾ وجهن ٿا ۽ عام رواجي هندستاني ٻارن جي ڀيٽ ۾ ڪائڻن وڌيون فيون گهرن ٿا. ڪن ٽيڪنيڪل ۽ پروفيشنل ڪاليجن ۾ ته NRI جي ٻارن کان اهي فيون ورتيون ٿيون وڃن، جيڪي هوند هو يورپ جي ڪاليجن ۾ ڀرين. ٻيو ته ٺهيو هاسٽلن ۾ رهڻ جي في به ڪين وڌيڪ ڏيڻي پوندي آهي. هوڏانهن وري آمريڪا ۾ يونيورسٽيون اسان ٻارن پرڏيهين جي ڏار ڪل لاهينديون آهن. خير. اها ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته ڏيهي ماڻهو پرڏيهين کان هر هنڌ وڌيڪ رقم گهرندا آهن. پر مونکي پڪ آهي ته آمريڪي پنهنجن شهرين کان فقط ان ڪري وڌيڪ ڏوڪڙ نه گهرندا هوندا ته سندن گهر وارا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نوڪري چاڪري يا ڌنڌو ڌاڙي نه ڪندا آهن. هندستاني يونيورسٽين کي اها وڏي غلط فهمي آهي ته NRI شاهوڪار آهن. ٺهنڪري ڳريون فيون ڀري سگهن ٿا. سچ اهو اهي ته گلف ۾ ڪم ڪندڙ هندستاني پرڏيهين جي گهڻائي انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي ڏکيائي سان پنهنجو گذران ڪري سگهن ٿا. مزورن جي مارڪيٽ ۾ ايتري ته چٽاڀيٽي آهي جو هندستانين کي انهن ماڻهن سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو جيڪي انهن ملڪن مان اچن ٿا، جن جو ڪم ئي آهي مزورن کي ڪمائڻ لاءِ پرڏيهه موڪلڻ. ظاهر آهي، اهڙا ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ اجوري تي به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. ان ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ اهڙن گهٽ ڪمائي وارن ماڻهن کي شاهوڪار سمجهي، ڪائڻن وڌيڪ پئسي جي گهر ڪرڻ سچ پچ ته ڏاڍائي چئبي. ان سلسلي ۾ سرڪاري ڪارندن جي ارهه زورائي به ڏسڻ وٽان آهي. ڪين اهو وهم وينل آهي ته جيڪي ماڻهو ٻاهر رهن ٿا، سي سون ۽ روپي ۾ ٿا ٽُرن. هو اهو به سمجهن ٿا ته پرڏيهه ۾ ڪمائيندڙ پنهنجي ديس واسين کان وڌيڪ آمدنيءَ وارا آهن. انهن مڙني ڳالهين NRI جي حياتي حرام ڪري ڇڏي آهي.

ساڙ ۽ حسد واري جذبي وري، سرڪاري ڪارندن جي ملي ڀڳت سان، وک وک تي NRI جي لاءِ نوا

نوان مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. پنهنجي ديس ۾ قدم رکندي ئي جڏهن ڪين ڏکيائين سان منهن ڏيڻو پوي ٿو تڏهن سندن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ويتر ڳالهه مان ڳالهوڙو پيدا ڪريو ڇڏي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو جيڪو ڪم ڏينهڪ ٿئي، تنهن کي هفتا لڳيو وڃن. ماڻهو ته اڳ ئي حسد ۾ پيا ٻرن.سي وڃيو لڪن ”پاليسي“ جي اوٽ ۾. چون ٿا ته پاليسي ئي اهڙي آهي، اسان ڇا ڪريون؟ جڏهن مٿان کان پاليسي ۾ ڦير ڦار ٿيندي، تڏهن توهان جو ڪم ڇپڻي وڃائيندي ٿي ويندو.

جيڪڏهن سڀ ڳالهيون ٿيون ڳڇن ته هروڀرو سڄو ڏوهه لوڪل ماڻهن جو به ناهي. پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستانين ڪڏهن به ايڪو ڪري، مڙي مُٺ ٿي، پنهنجي ملڪ جي سرڪار آڏو پنهنجي صحيح صورتحال سامهون ڪانه رکي آهي. ان جي بلڪل ابتڙ هنن پنهنجي غفلت، سبب يا ائين ڪٽي ڇڄي ته گڏيل ڪارج نه هئڻ ڪارڻ، ماڻهن ۾ اڳئي موجود ويساهه کي وڌيڪ پڪو ڪري ڇڏيو آهي ته NRI رڳوانڪري ٿا اچن ته جيئن موٽندي وقت پاڻ سان آچار چٽڻي، پاپڙ مصالحا ۽ جي موقعو ملي ته هڪ جوءِ به ساڻ کنيو وڃن. هي اهي ماڻهو آهن، جن تي وطن ۾ ٺوڪون ٿين ٿيون. پر پرديس ۾ رهي هو پنهنجين روايتن کي قائم رکن ٿا. ان ڳالهه تي مٿن نڪتي چيني به ٿئي ٿي ته هي ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پرديس ۾ رهي به اتان جي ماڻهن سان ميل جول رکڻ پسند نٿا ڪن. بلڪ ان جي ابتڙ پنهنجو اڪيلو ڪُنو الڳ چاڙهي وينا آهن. ٺوڪون به صحيح، نڪتي چيني به اکين تي، پر ان ڳالهه کان ڪير انڪار ڪندو ته ديس کان دور، پنهنجن کان پري، وطن کان وڇڙيل هي ماڻهو پنهنجي رسمن ۽ رواجن کي به نٿا ڏسن. ڏکيا سُکيا ڏينهن گذارين ٿا، پر پوءِ به سوڀارا ٿين ٿا ۽ ڪامياببون ماڻين ٿا.

بدقسمتيءَ سان غيررهائشي هندستانين (NRIs) جيڪي سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. وٽ بارگينگ پاور نه هجڻ سببان اهي پاڻ کي هڪ منظم گروپ ۾ آڻي نه سگهيا آهن. اهي نه ڪو هندستاني سياستدانن جي نظر ۾ ڪا وڏي قوت رکن ٿا ۽ نه ڪو وري اهي ڪا هڪ طاقت بڻجي سگهن ٿا. سبب اهو آهي ته اهي غيرمنظم ۽ ٽڙيل پکڙيل ئي آهن. هو اتي جيڪا زندگي گذارين ٿا. اها اتي جي نموني واري آهي. خليج ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي ملڪ ۾ رهندڙ پنهنجي پائرن واري زندگي به گذاري سگهن ٿا. وطن جي حُب خليج ۾ رهندڙ هندستانين لاءِ وڏو فائدو آهي. جيڪڏهن اهي چاهين ته هڪ سال جي اندر هندستان ڏانهن ڪيترائي ڀيرا اچي ۽ وڃي سگهن ٿا. جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن ۾ حصن ۾ رهندڙ غيررهائشي هندستاني، مالي ڏکيائي يا وري جغرافيائي وڇيءَ جي ڪري، ائين پنهنجي ملڪ ڏانهن اچي يا وڃي نه ٿا سگهن. جيڪي هندستاني آمريڪا يا وري يورپ ۾ رهن ٿا. اهي ان ڳالهه کي وڏي ناسٽيلجيا سان قبول ڪن ٿا. البت ان مان جان ڇڏائڻ لاءِ، اهي پنهنجي عقيدي، قدرن ۽ رواج توڙي ڪلچر کي برقرار رکڻ جي ڪوشش به ڪن ٿا. بهرحال، وقت سان گڏ، اهي ڪمزور ئي ٿيو پون ٿا.

مادر وطن ٿي، تارڪ وطن جي هندستانيت کي محفوظ ڪري سگهي ٿي.

60 ۽ 70 جي ڏهاڪن ۾ جڏهن هندستان مان پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ٻڏي اگهه سان ملڪ ڇڏي ٻاهرين ملڪن ڏانهن سٺن اجورن تي هليا ويا ۽ هڪ طاقتور وچولو ڪلاس نهي پيو تڏهن ٻن يا ٽن پيڙهين کان پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستاني، جن وٽ اجا به پنهنجي ملڪ جو پاسپورٽ هو تن محسوس ڪيو ته نهروءَ ۽ گانڌيءَ جي ديسي انڊسٽري کي بچائڻ ۽ ڪيس سهارو ڏيڻ واري پاليسيءَ سبب، هنن جي هندستان ۾ واپسيءَ کي مناسب آڌر ڀاءُ نه ملندو. هنن اهو به محسوس ڪيو ته سندن خلاف مخالفت هٿ سان پيدا ڪئي ويئي آهي. ان هوندي به پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستانين انهن ڳالهين جي ڳڻتي نه ڪئي. هنن پنهنجي وطن لاءِ نه پيار ۾ ڪمي آندي ۽ نه شردا ۾. انڊيا لاءِ سندن محنت سياسي سمجهوتن کان بلڪل مٿانهين هئي. پر وقت سان گڏوگڏ سندن وڍن ۾ وِهه پرجندو رهيو ۽ آخرڪار رشتن ۾ ڏار پئجي ويا. NRI جو اصلي مطلب وساري، ماڻهن NRI کي هڪ نئين معنيٰ ڏني. هاڻي هو Not Required Indians ٿي پيا. ڳالهه ته ڪل جهڙي هئي، پر منجهس ڏڪوئيندڙ سچ به شامل هو جنهن غلط فهمين جا پهاڙ کڙا ڪري ڇڏيا.

ٻنهي طرفن کان ڪي سمجهو ۽ سياڻا ماڻهو به هئا، جن عقل کان ڪم وٺي انهن دورين کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو پر افسوس جو سندن ڳالهه تي ڪنهن به ڌيان نه ڏريو ۽ سندن آواز انبوهه جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو. ميڊيا جي ته موج ٿي پئي. پريس پرڏيهه ۾ رهندڙن کي ڏوهاري نهرايو. قاعدا، قانون ۽ سسٽم وچ ۾ ڪاهي پيا ۽ ائين لڳو ڄڻ ملڪ سان ڪا وڏي ويساهه گهاتي ٿي رهي آهي. انڊيا اندر لاڏ جي ڇتيءَ هيٺان پلجندڙ واپار ۽ انڊسٽريءَ، هڪ اڻ لکيل ٺهراءَ هيٺ، نيتائن ۽ ڪامورن سان ملي، NRI کي بدنام ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. ساڳئي وقت، هندستان ۾ جاري ڪيل اسڪيمن، جهڙوڪ Sons of the Soil ۽ Be Indian, Buy Indian پاڻ ماڻهن جون دليون وڏيڪ ڪتيون ڪيون. اهڙين حالتن ۾ ديس موٽڻ وڏيڪ تڪليف ۽ جوکم جو ڪم ٿي پيو.

اسان، جن تي NRI جو ٺپو لڳي ويو هو سي ان ناليِ کان پريشان ته ٿيندا هئاسين،پر پوءِ جي حالتن اسان کي مُنجهائي وڌو. جي دکي نه ٿياسين، ته به حيران ضرور ٿياسين. اسان جي سيڙپ وارين ڪوشش کي رد ڪيو ويو. ڪاغذي ڪارروائين ۽ سرڪاري ڪامورن جي ڏيگهه ويتر رشتن ۾ گهاري وجهي ڇڏي. ڳالهيون ويون تيزيءَ سان خراب ٿينديون۽ نوبت اتي اچي پهتي جو پاڻ کي ڏوهاري سمجهڻ لڳا ۽ معاملو وڃي معافي تلافي تائين پهتو.

70 واري ڏهاڪي ۾ به حالتون ڪونه بدليون. ساڳيا لاتون، ساڳيا چڳهه. اهي ڏهه ئي سال نمائندن پويان نمائندا انڊيا ويندا رهيا. ڳالهيون ٿينديون رهيون. نتيجو اهو ئي ٻُڙي. جيڪڏهن ڪو NRI هو ته

هو ڏڪار جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. ڪيس قطار ۾ بيهڻ جو به حق ڪونه هوندو هو. تاريخ ۾ اهو 60 ۽ 90 جي ڏهاڪن جو وچ وارو عرصو ڪيئن گذريو چو گذريو. تنهنجو جواب ڪنهن وٽ ناهي.

نيتا چوندا هئا, "پنهنجا ڊالر ڪٺي اچو پر جواب ۾ اسان کان شڪر گذاريءَ جي اُميد نه رکجو. ديس ۾ توهان جو سواگت نه ٿيندو. توهان اسان منجهان ناهيو. ڏاريا آهيو. اسان کي توهان جي ڪا گهرج ناهي."

جيڪو چوندا هئا, تنهن جو مطلب پاڻ به نه سمجهندا هئا. بس, دل ڏکوئڻ خاطر زباني همدردي ڪري ڇڏيندا هئا.

پرڏيهه ۾ وسندڙ ڏيهين جي نمائندن سان ملندا هئا. رسمي فوٽو ڪڍائيندا هئا.ان کان وڌيڪ ڪو به عملي ڪم ڪونه ڪندا هئا. هوريان هوريان, ذري گهٽ بي ڌيانيءَ ۾ NRI ڏک جي ڇيت ڇيندي محسوس ڪرڻ لڳا.

"هي ڇا ٿي رهيو آهي؟" هو پاڻ کان پڇندا هئا.

نيوڪليئر خاندان جي نڪتي چيني کان دوستن جي نڪتي چينيءَ تائين, ۽ ڪامورن جي نڪتي چيني کان نيتائن جي نڪتي چينيءَ تائين, ائين لڳندو هو ڄڻ هندستانين ديس جا وڻ ڇڏي ڪو وڏو گناهه ڪيو هو. پرڏيهه ۾ وسندڙ به هزار هندستاني سيڙپڪارن ان عرصي ۾ انڊيا ۾ سيڙپ ڪرڻ لاءِ درخواستون ڏنيون. موٽ ۾ ڇا ملين؟ هن در کان هُن در تائين, هن دفتر کان هُن دفتر تائين, هن آفيسر کان هُن آفيسر تائين, ڌڪا ۽ ٿاٻا. ڪڏهن لائيسن لاءِ منٿون, ڪڏهن نو آبجيڪشن سرٽيفيڪيٽ لاءِ ايلاز. 1980ع کان 2000ع تائين 46 سيمينار سرڪار ۽ انجي چونڊيل نمائندن جي آشيرواد سان ٿي گذريا, جن ۾ پرڏيهه ۾ وسندڙ هندستانين جي سيوا ۽ خدمتن کي ساراهيو ويو.پر انهن مان هر هڪ ڪوڙ ڪپٽ ۽ بهروپ تي ٻڌل هو.

"اسان هندستاني آهيون. اسان ماڻ گهرون ٿا." اهو هو 23 ملين هندستانين جو آواز جيڪي دنيا پر ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا.

"نه, توهان هندستاني ناهيون," دهليءَ رڙ ڪري وراڻيو "توهان NRI آهيو. توهان اسان مان ناهيو."

ان موقعي تي NRIs حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ ۽ برابري جو حق گهرڻ لاءِ, خود پنهنجي پاڻ سان ڪا پلائي نه ڪئي. هنن پنهنجن لاءِ سرڪار کان ڪي وڌيڪ سهوليتون گهري ورتيون. اهڙيءَ گهر مان ائين پئي لڳو ڄڻ هو پاڻ کي ٻين کان الڳ ۽ اوچو سمجهندا هجن. بس, سندن ان پُل ماٺهو مچرائي ڇڏيا. پنهنجي پاڻ کي چڱو مڙس سمجهڻ وارن NRI ليڊرن اهڙي نه ڏک ڏني, جو لڳي پيو ته مار هي ته ڪي پرڏيهي هندستانين جا چونڊيل نمائندا آهن. مثان جو هنن پريس جي آڏو ويهي پنهنجي لئه ڏيکاري, تنهن ته هٽي ڪم خراب ڪري وڌو. اهي اچي رڙيون, واڪا ۽ ٻوڪڙ ڪيائون ۽ اهڙي ته زوردار نموني

پنهنجيون گهرجون بيان ڪيائون. جو سڄي ديس ڪي پڪ ٿي وئي ته هي همراهه پئسي وارا ته ضرور آهن، پر پئسي جي زور تي ڪري خراب ٿيل به آهن ۽ ان ڪري ڪنهن به قسم جي همدرديءَ جي لائق ناهن.

اهي گهرجون. جيڪي NRI ليڊرن وڏي زور شور سان اُچاريون، تن ڪي جنتا توڙي سرڪار غلط رنگ ۾ ڏٺو ۽ سمجهيائون ته هي پرڏيهه ۾ ڪمائيندڙ شاهوڪار هاڻي اسان کان اجايا سجايا فائدا به ٿا گهرن. انهن ڳالهين سبب NRI ڪي وڏو هاڃو پهتو. سچائي ته اها آهي ته 1990ع واري ڏهاڪي ۾ حالتون ايتريون ته بگڙي ويون جو لڳي پيو. جڻ بنهي ڌرين ۾ ڇتي لڙائي ڇڙي پئي آهي. عام ماڻهن ڪي NRI کان چڙ وٺي وئي. سندس نيتن تي شڪ ٿيڻ لڳا.

مون کي ياد ٿو اچي ته ان وقت هندستان ۾ جائداد تي ظالماڻي ڊيوٽي لڳائي وئي هئي، جيڪا 80 واري ڏهاڪي جي اڌ تائين جاري رهي. اهو پرڏيهي هندستانين، خاص ڪري دبئي وارن جو ڪارنامو هو جو ان ڊيوٽي کي بلڪل ختم ڪرايو ويو. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي ٽئڪس دنيا جي سڌريل ملڪن، جهڙوڪ آمريڪا ۽ انگلنڊ ۾ به ورتي ويندي آهي.

ان ٽئڪس کي عام طور رشوت_ٽئڪس سڏيو ويندو هو. جن سڄاڻن ان کي بند ڪرائڻ ۾ ساٿ ڏنو. جاکوڙ ڪئي ۽ هر ايندڙ فنانس منسٽر سان ملاقاتون ڪيون، تن جي سٽ ۾ مان به شامل هوس. ٻيا دوست هئا: روسي پٽيل، جي وي ايشور، پرافل پٽيل، هسمک شاهه ۽ نشت ڊيسائي. جن وزيرن سان ملياسين، تن ۾ شامل هئا پر تاب ڪمار مکرجي ۽ وي. پي. سنگهه. اسان وڏيءَ محنت سان کين دليل ڏئي سمجهايو ۽ آخر ۾ مڃايو ته هيءَ زور آوري ٽئڪس ختم ٿيڻ گهرجي.

اها ڊيوٽي هن ريت هئي: جيڪڏهن ڪو ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويندو هو ته سرڪار ان جي جائداد تي 95 سيڪڙو تائين ٽئڪس لڳائيندي هئي، جيڪا سندس وارثن کي ڀرڻي پوندي هئي. ان ٽئڪس جو تخمينو جائداد جي ان وقت واريءَ مارڪيٽ جي قيمت تي ڪٿيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي وراثت ۾ 2 لکن جي ملڪيت ملي، پر ان وقت مارڪيٽ ۾ ان جو ملهه 20 لک روپيا هو ته پوءِ سرڪاري ڊيوٽي ويهن لکن تي لڳائي ويندي هئي ۽ آمدني جي رقم ان اسٽيٽ جي خزاني ۾ جمع ٿي ويندي هئي، جنهن اسٽيٽ جو مرڻ وارو شخص رهاڪو هوندو هو.

هندستان ۾ جائداد ٽئڪس کان جان ڇڏائڻ لاءِ يا ته ماڻهو حساب ڪتاب سان هٿ چراند ڪندا هئا يا وري جائداد جو ملهه گهٽائي لکڻ لاءِ سرڪاري عملدارن جي مُٺ گرم ڪندا هئا. اسان حساب لڳايو ته هندستان سرڪار کي ان قسم جي ٽئڪس مان ساليانو 200 ملين جي لڳ ڀڳ آمدني ٿيندي هئي، پر ان رقم کي جمع ڪرڻ لاءِ جيڪو خرچ ٿيندو هو سو ان کان به وڌيڪ هوندو هو.

پرڏيهي هندستاني، ٻاهرين ملڪن ۾ رهڻ ڪري، سڌن سادن ۽ شفاف ٽئڪس جي قانونن ۾ وشواس

رکندا هئا. هو پنهنجي موڙي هندستاني بئنڪن ۾ رکندا هئا ۽ جيئن ئي ڪو منجهانئن گذري ويندو هو تہ ناٽڪ هڪدم شروع ٿي ويندو هو. NRI جي صورت ۾ هندستاني ائمبيسي تيستائين نہ ڪنهن دستاويز تي صحيح ڪندي هئي ۽ نہ وري ڪنهن سرٽيفڪيٽ کي سچو ڇاٽائيندي هئي، جيستائين اڳوات ٽئڪس نہ ڀياري وڃي ۽ ان جي ثابتي نہ ڏيکاري وڃي.

اڃا بہ ہہ هٿ اڳتي، هڪ ٻيو مونجهارو پيدا ٿي پيو.اهو تہ جيڪي هندستاني ملڪ کان ٻاهر لاڏاڻو ڪري ويا، اُنهن جي جائداد جي ٽئڪس ڪهڙي کاتي ۾ وڃي؟ قانون اهو هو تہ پئسا ان اسٽيٽ جي سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿيندا، جتان جو مرڻ وارو رهواسي هوندو. پر ٿيو ايئن تہ پرڏيهہ ۾ گذاري ويندڙ جي رقم سينٽرل گورنمينٽ جي خزاني ۾ پئي جمع ٿي، جنهن جي اڪائونٽ جي ڪنهن کي بہ ڄاڻ ڪانہ هئي. شڪر آهي جو اها هچا ٽري وئي ۽ اها زوريءَ جي ٽئڪس بند ٿي وئي. هاڻي ڪو بہ هندستاني سُک سان لاڏاڻو ڪري سگهي ٿو! سندس آتما کي هاڻي اها چنتا ڪانہ ٿيندي تہ مُئي کان پوءِ سندس مال ملهالا ڪائي ويندا!

1987ع ۾ ابوڌابي جي انڊين انويسٽمينٽ سينٽر (جيڪو انڊين سرڪار طرفان کوليو ويو هو) جي بالا عملدار هڪ رٿ ڏني تہ هند سرڪار ۽ NRI جي وچ ۾ سنا لاڳاپا قائم ٿيڻ گهرجن. ان لاءِ هڪ اوورسيز انڊين اڪانامڪ فورم او.آءِ.اي (Overseas Indians Economic Forum_UAE) جوڙيو وڃي. مان ان فورم جو پهريون چيئرمين ٿيس ۽ ان وقت جو هندستاني ائمبيسيڊر اندر جيت سنگهہ رانوڙ سرپرست (Patron) بڻيو. دبئي ۾ انڊين ڪانسل جنرل ارون ڪمار آبزرورن مان هڪ هو. ارون، روسي پٽيل ۽ جي پنداريءَ ان آرگنائيزيشن ناهڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪئي.

جان مئٿيو (John Mathew) جيڪو ان وقت شارجا جي انڊين ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ هو سو فورم جو وائس چيئرمين ٿيو مهيندر اشر سيڪريٽري ۽ ايس آر ڪرشنامورتي خزانچي بڻيو. ميمبرن ۾ هئا پرت پائي شاهہ مهابير سنگهل، لچوياڻيا ۽ سرگواسي ٽي.ايم نائر ۽ ڪيمچند ڪيارا (چاچا).

1985ع ۾ مون هندستاني سرڪار کي صلاح ڏني تہ جيئن هانگ ڪانگ هڪ فري پورٽ آهي ۽ چين جي لاءِ مارڪيٽنگ جي شوڪيس جو ڪم ڏئي ٿو اهڙي طرح انڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽن کي بہ فري پورٽ بنايو وڃي. اها رٿ سرڪار توڙي جنتا کي ڏاڍي وڻي. نتيجي ۾، جڏهن سبرامنيم سوامي وزير هو تڏهن ڪامرس منسٽريءَ رونق سنگهہ جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي ان ڪم جي لاءِ ناهي. مون کان سواءِ ان ڪميٽي ۾ ڪي روينڊران، ڪي. آر موتي لال، وي ايس ونڪٽ رامن، ڊاڪٽر جيني راءِ گيري، اين هري ليلا، گيان ٽي وڇاڻي، جان مئٿيو ايم جي ڦيرواڻي، شيامل گپتا ۽ جي ايس گل ميمبر هئا. ڪافي سفر سَٽڻ ۽ محنت کان پوءِ ڪميٽي اُن نتيجي تي پهتي تہ اهي ٻيٽ ان ڪم لاءِ مناسب نہ هئا. سبب اهو

هو تہ مکيہ شهرن کان ڏاڍا پري هئا. ڪي بيا شهر بہ ويچار هيٺ آيا، جن ۾ ڪڇ (گجرات)، پانديچري، گوئا، ٽوٽي ڪورين (تامل ناڊو) بہ شامل هئا،پر ڪميٽيءَ آخرڪار فيصلو ڪيو تہ گوئا ۽ ٻئي نمبر تي ٽوٽي ڪورين کي زون بنايووڃي.

گوئا، جيڪا هندستان جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ بہ پورچوگيزن جي هٿ هيٺ رهي هئي، سا هر طرح کان بهترين چونڊ ثابت ٿي. سيلانين جي لاءِ هت هر قسم جي سهوليت آهي، چڪ آهي، موھ آهي. هتان جا رهاڪو رلٽا ملٽا آهن. زمين بہ گهٽي آهي، جنهن تي ٻاهران ايندڙ سيڙپڪار پنهنجا ڪارخانا لڳائي سگهن ۽ پنهنجو مال ٻاهر موڪلي سگهن. ملائيشيا ۾ بہ ائين ئي ٿيو هو. گوئا فري زون ٿيڻ ڪري پر پاسي وارين رياستن کي پڻ روزگار ڏيئي پئي سگهيو. مهاراشٽرا ۽ ڪرناٽڪ جا ماڻهو نہ رڳو ڏنڌي سان لڳي پئي سگهيا، بلڪ پرڏيهي ناڻو بہ ڪمائي ٿي سگهيا. فري زون سامان سڙو رکڻ لاءِ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي بہ ڪم اچي سگهيو ٿي ۽ هندستانين جي لاءِ شاپنگ جو سرڳ بہ ثابت ٿي ٿي سگهيو. رونق سنگهہ جي موڪليل سفارش تي، ڪئبينيٽ ۾ بحث مباحثو ٿيو پر حڪومتون بدليون تہ سمورا معاملا ٺپ ٿي ويا. سموري ڪئي ڪرتي تي پاڻي ڦري ويو. پرڏيھ ۾ رهندڙ هندستاني پنهنجن ٻارن جي تعليم لاءِ بہ پريشان آهن. ٽيرس جهڙي ڳالھ آهي تہ انڊيا ۾ هوندي تمام گهڻن ميدانن ۾ آزادي ڏني وئي آهي، پر تعليم جي معاملي ۾ ايتري سخاوت ڪانہ ڏيکاري وئي آهي. مون، چيئرمين اورسيز انڊين اڪانامڪ فورم جي حيثيت ۾ ۽ پنهنجيءَ ذاتي حيثيت ۾ پڻ، ڪيترا ئي ڀيرا سرڪار کي لکيو آهي تہ تعليم کي آزاد ڪريو ۽ پڙهائيءَ کي انڊسٽري ڪري مڃو. ائين ڪرڻ سان سُکيا ماڻهو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پئسو سيڙائيندي ڪونہ گهبرائيندا ۽ ٻئي پاسي ديسواسين توڙي پرڏيھ ۾ رهندڙن جي سيوا پڻ ڪري سگهندا.

هندستاني شاگرد پڙهائي جي سلسلي ۾ فقط آمريڪا ۾ ڪيئي بلين ڊالر خرچ ڪن ٿا. اُتي فيڪلٽي (پڙهائيندڙ) بہ هندستاني آهي. پئسو بہ هندستان جو پڙهندڙ بہ هندستاني ۽ پڙهائيندڙ بہ هندستاني. فقط ديس ڌاريو آهي. هندستان پنهنجي زمين ڏئي. اهي سڀ آسانيون پنهنجن ديس واسين کي ڇو نٿو ڏئي، سا ڳالھ سمجھ کان ٻاهر آهي.

ڪجھ سال اڳ، جڏهن گلف مان NRIs جو هڪ ٽولو هندستان جي ان وقت جي پرائيم منسٽر، نرسمها راؤ سان ملڻ ويو. تڏهن عام خيال اهو هو تہ NRIs کي ضرور ڪانہ ڪا نمائندگي ضرور ملندي، جنهن کي NRI سيل جو نالو ڏنو اٿن ۽ جيڪو ڪنهن ڪم ڪار جو ڪونهي، تنهن کي مانائتو ڪرڻ ۽ ڪنهن ڪار جوڳو بڻائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا. اجا بہ اهو چيو پئي ويو تہ جيڪر هڪ جدا منسٽري ناهي وڃي، جيڪا 20 ملين هندستانين پرڏيهين جي سڏ ۾ سڏ ڏئي ۽ وقت پئي تہ سندن سهائتا ڪري. هي

اهي ماڻهو آهن. جن جي ديش ڀڳتي مڃيل آهي ۽ سندن پنهنجي وطن سان پيار بي مثال آهي ۽ جيڪي هر سال 50 بلين ڊالرن کان وڌيڪ رقم پنهنجي ملڪ ڏانهن موڪلين ٿا. پر ائين نه ٿيو.

اهو سڀ معتبر هندستاني ماڻهن جي اڻ_کٽ (Relentless) ڪوشش جي ڪري ئي ٿيو جو هندستان جي حڪومت سمنڊ پار رهندڙ اڻ_ڳهربل هندستانين جي مسئلن جي حل واسطي هڪ ڌار وزارت قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سمنڊ پار هندستانين جو اها وزارت 2004ع ۾ سمنڊ پار هندستانين جي سهائتا ڪرڻ واسطي سرگرم ٿي. ان جو بنيادي مقصد هو تارڪ وطن ماڻهن جو پنهنجي ملڪ ۽ ڌرتي سان ڳانڍاپو جوڙڻ ۽ انهن کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ واسطي ڳهربل مدد فراهم ڪرڻ ۽ اهو ڪم انهن تارڪ وطن ماڻهن کي ٻن واضع گروپن ۾ هڪ "هندستان جا اصلي ماڻهو" (Persons of Indian orgin) ۽ هندستان جا غير رهائشي ماڻهو (Non_Resident Indians) ورهائندي ڪرڻو هو.

جڏهن ته اها به سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته هندستان جي پارليامينٽ ۾ اجا تائين غيررهائشي هندستانين (NRIs) جي ڪا به نمائندگي ڪانهي. جيتوڻيڪ حڪومت وٽ ڪجهه مقرر ڪيل ميمبر ته آهن. پربهرحال، سمنڊ پار هندستانين جي پيٽ ۾ نمائندگي جو تعداد بنهه گهٽ ئي آهي ۽ اها ڳالهه انهن سان روا رکيل تعصب کي ئي ظاهر ڪري ٿي.

هاڻي غيررهائشي هندستانين کي به ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل آهي. جيتوڻيڪ اهو سندن آئيني حق آهي. پر بهرحال، اهو حق صرف انديا وڃي ئي ادا ڪري سگهجي ٿو. (ميزبان ملڪ ۾ ويهي اهو حق ادا نه ٿو ڪري سگهجي.) جنهن مطابق هڪ سمنڊ پار غيررهائشي هندستاني کي ووٽ ڏيڻ لاءِ انديا اچڻو پوي ٿو. پنهنجو نالو ۽ ووٽ داخل ڪرائڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه بهتر ۽ آئيني طريقي واري آهي. پر سوال آهي ته ائين ووٽ ڏيڻ لاءِ هڪ ئي وقت ڪيترن هندستاني ماڻهن جو اچڻ ممڪن ٿيندو؟ صرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترن جيترن ماڻهن جو ووٽ خاطر هتي اچڻ ممڪن ٿيندو.

هندستان جي اليڪشن ڪميشن کي سمنڊ پار رهندڙ غيررهائشي، هندستانين کي سندن ميزبان ملڪ ۾ ويٺي پنهنجي ووٽ جي حق ادائي جي باري ۾ ضرور سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي. آمريڪا، روس ۽ بين سڌريل ملڪن ۾ ائين سولائي سان ڪيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ انهن ملڪن ۽ قومن جي ابتڙ سمنڊ پار رهندڙ هندستانين جو وڏو تعداد آهي. انهن جي انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. پر بهرحال، مسئلي کي ڳهربل سطح تي حل ڪرڻ جوارادو هجي ته پوءِ گهڻو ڪجهه ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. انٽرنيٽ واري سهولت جي ذريعي اهو مسئلو پڻ حل ڪري سگهجي ٿو. البت، حقيقيت اها آهي ته اسان وٽ مسئلي کي حل ڪرڻ جو ڪو به سنجيده ارادو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

اسان جي سياسي ليڊرشپ انڊيا کان ٻاهر رهندڙ هندستانين کي ٻٽي شهريت (Dual Citizenship) واري رعايت ڏيئي سگهي پئي. پر جڏهن به ٻٽي شهريت وارو اهو سوال اٿندو آهي ته اهي هندستاني شهريت واري قانون جي ڳالهه ڪريو ڇڏيندا آهن. جيڪو ٻٽي شهريت جي ڪنهن به طرح سان اجازت نه ٿو ڏئي. جيتوڻيڪ اسان جي حڪومت مختلف وقت تي اڪيچار پيرا آئين ۾ ترميمون آنديون آهن ۽ گڏوگڏ سمنڊ پار هندستانين جي ڪيترن مسئلن جي حل واسطي ڪافي قدم کڻي پئي سگهي. پر ائين ڪرڻ بدران، حڪومت جي فنانس واري وزارت سمنڊ پار هندستانين کان ٽيڪس ۽ ٻيا ضروري ڏوڪڙ آساني سان وصول ڪرڻ واري مقصد خاطر مٿن "اڻ_گهربل هندستانين" (Non_Required Indian) جو ٺپو هڻيو ڇڏي. ايئن اهي سمنڊ پار هندستاني پنهنجي قوم ۽ پنهنجي عملي مقصدن خاطر اڻ_گهربل هندستاني بڻجي ٿي ويا. هاڻي هن ملڪ جي پُٽن کي پنهنجي ملڪ اچڻ ۽ گهمڻ لاءِ ويزا ئي وٺڻي پوي ٿي. هو پاڻ کي پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ اجنبي محسوس ڪن ٿا. جڏهن جيل ۾ پيل قيدي، بارڊر تي رهندڙ سپاهي ۽ سمنڊ پار رهندڙ سفارتڪار به ملڪ ڏانهن اچي ووٽ ڏئي سگهن ٿا ته پوءِ اسان لاءِ اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي ته اڻ_گهربل هندستانين ووٽ ڏيڻ لاءِ ملندڙ سهولت ۾ اوڻائي ڇو ٿي ڳولهي وڃي.

بهرحال، اهو بي دليءَ سان ئي، اڻ_گهربل هندستانين کي ووٽ ڏيڻ واري حق وارو اهو قانون پاس ڪيو ويو. پر ان هوندي به، ان کي ملڪ جي مخصوص تڪ (جتي جا هو رهندڙ هجن ٿا) ڏانهن اچي ووٽ ڏيڻ واري مقصد لاءِ ئي ويزا ڏني وڃي ٿي. ڇا اها ڳالهه عملي هجي ٿي؟ آمريڪا، برطانيا، فرانس ۽ روس وغيره جا شهري پنهنجي ميزبان ملڪ ۾ رهندي ئي ووٽ ڏيڻ وارو حق ادا ڪري سگهن ٿا. جيتوڻيڪ هندستان پي آءِ او ۽ او سي آءِ (Oversease citizenship of India) واري حيثيت کي متعارف ڪرائيندي، سمنڊ پار هندستان کي واپس ملڪ ورڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پر بهرحال، اهڙا قدم ٻين ملڪن جي رواج ۾ آيل ٻٽي شهريت واري سسٽم کان گهٽ ئي پري آهن. ائين ڇئي سگهجي ٿو ته هندستان پنهنجي اولاد کي اڪيلو ۽ يتيم ئي ڪري ڇڏيو آهي.

20 ملين NRI جي، گڏيل حيثيت ۾ هندستاني پارليامينٽ اندر ڪا به نمائندگي ناهي. جيتوڻيڪ ان متئين انگ کان گهٽو گهٽ انگ وارن مئنارٽي گروپن لاءِ به ميمبر ٿاڦيا ويندا آهن. هڪ طرف اهي آهن جيڪي ٻاهر رهي ديس جي لاءِ ايترو گهڻو پرڏيهي ناڻو ڪمائي گهر موڪلين ٿا. پر پوءِ به پارليامينٽ ۾ سندن ڪو آواز ناهي، ۽ ٻي پاسي اهڙا ننڍا ننڍا ٽولا به آهن جن جو ديس جي ڀلائي ۾ ايترو ته ڇا، ان جي ڪنهن پتيءَ جيترو به حصو ناهي، پر پوءِ به هنن منجهان پارليامينٽ ۾ ميمبر مقرر ڪيا وڃن ٿا. اڄ تائين ان طرف ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي. ڇيو وڃي ٿو ته جيستائين NRIs کي ووٽ جو

حق نہ ڏنو ويندو. تيستائين سنڌن ووٽ بئنڪ نہ ٿيندي ۽ جيستائين سياستدانن کي سنڌن ووٽ بئنڪ جي اهميت جي ڄاڻ نہ پوندي، تيستائين ڪوبہ نيتا منجهن دلچسپي نہ وٺندو. اها ڳالهہ درست بہ ٿي سگهي ٿي، پر هن وقت تائين ان سلسلي ۾ جيڪي بہ ڪوششون ڪيون ويون آهن، تن ڪوبہ ڦل ڪونہ ڏنو آهي. هاڻي جڏهن ڪمپيوٽر جو زمانو آهي ۽ خبرن توڙي اطلاعن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچڻ ۾ ويرم ئي نٿي لڳي، ۽ هندستان تہ هونءَ بہ ان ميدان ۾ اڳين ڪان اڳرو آهي، تڏهن اهو بهانو بڻائڻ تہ هندستانين جا ووٽ ٻاهرين ملڪن مان ڪنا ڪرڻ ڪنن ڪم آهي، دل سان نٿو لڳي. انٽرنيٽ وسيلي ووٽ وٺڻ ڪو اهڙو مشڪل ڪم بہ ناهي. رڳو ٿوري گهڻي خبرداريءَ جي ضرورت پوندي. پر ڇا ڪجي، نيت کوٽي، عذر گهڻا. NRI بہ پنهنجي طرفان سالن کان وٺي ڪو اهڙو خاص زور نہ پريو آهي تہ کين بہ ووٽ جو حق ڏنو وڃي، نہ تہ ديس جي قانون موجود کين ايترائي حق آهن، جيترا ٻين کي. هنن وٽ انڊيا جو پاسپورٽ آهي ۽ هو هر طرح هندستان جي قاعدن جي پيروي ڪرڻ جا پابند آهن. ان ڪم جي لاءِ هندستان جون ائمبيسيون ۽ ڪانسليٽس موجود آهن. جڏهن اهو سڀ ڪجهہ آهي تہ پوءِ کين فقط ووٽ کان پري رکڻ ساڻن ڏاڍائي ناهي تہ ڇاهي؟

ٻيو بهانو جيڪو هر اينڊڙ سرڪار ڏيندي آهي، سو هيءُ تہ جيڪڏهن پرڏيهہ ۾ رهندڙ ٻن نمائندن جي چونڊ ڪرڻي پوي تہ 20 ملين NRIs، جيڪي سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن، تن مان ڪيئن ڪجي؟ ايترين تہ ڍرين اميدوار يا اميدوارن جون حمايتي ٽي ٻيهنديون ٿي ٻيهنديون جو ڳالهيون سلجهڻ بجاءِ وڌيڪ اُلجهي وينديون. جيتوڻيڪ هن سلسلي ۾ ٿوري گهڻي ڄاڻ بہ ڪني ڪئي وئي آهي، پر پوءِ بہ مايوس ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي. دنيا کي پيلي تہ ڪيترين ئي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ هر حصي کي پنهنجو پنهنجو نمائندو چونڊڻ ڏيو جيڪو اڳتي هلي NRI جي آخري ٻن نمائندن جي چونڊ لاءِ هڪ پرڏيهي Electoral College جو ميمبر ٿيندو. اهو Electoral College وري هر پنجن سالن کان پوءِ، هڪ ڪنوينشن جي شڪل ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿي، پاڻ مان بہ ڄڻا چونڊي لوڪ سڀا ۾ موڪلي ڏيندو. اهي بہ نمائندا پنهنجن پرڏيهي ڀائرن جا مسئلا پارليامينٽ ۾ کڻي ويندا ۽ سنڌن ۽ ملڪي نيتائن جي وچ ۾ جيڪو وڏو خال نظر پيو اچي، ان کي بہ پري ڇڏيندا. ملڪي قانون جي پوئواري ڪندي، انهن ٻن ڄڻن کي سرڪاري طور تاڻڻ جي رسمي ڪارروائي بہ ضرور ٿيڻ گهرجي تہ جيئن وڏان (آئين) (Constitution) جي ڀيڪڙي نہ ٿئي.

مٿينءَ رٿ ۾ گهڻو وزن آهي، ڇو تہ هن وقت جڳهہ جڳهہ تي NRIs جي نالي ۾ ٽولا ٺهي ويا آهن، جيڪي پنهنجون پنهنجون ڪانفرنسون ۽ ڪنوينشون ڏار ڏار هنڌن تي ڪندا ٿا وتن ۽ پاڻ کي هرويرو NRIs جو نمائندو ٻڌائيندا وتن ٿا پنهنجا ڪم سولا ڪندا. ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ هو پنهنجا سرٽيفڪيٽ ڇپائي، ٽرافيون ۽ اوارڊ ٺهرائي، ڪن مُڏي خارج نيتائن کي گهرائي، هڪ اڌ ڀاشڻ ڏياري، پاڻ چڱا مڙس

ٿي، منچ تي ويهي وينا مُچون مروٽين. اهي سڀ پئسن ڪمائڻ جا نات آهن. جن کي ٽرافي ملندي، يا سرٽيفڪيٽ ملندو سي ضرور چار پئسا به خرچ ڪندا. آخرڪار هيڏي وڏي مانَ جي ڪا قيمت به ته چڪائڻي پوندي يا نه؟

NRIs کي بدنام ڪرڻ ۾ اهڙين گهٽيا بازيگرن جو وڏو هٿ آهي. ٻئي طرف ڪي سنجيده ۽ گنڀير ڪانفرنسون سرڪار جي طرفان به ڪوٺايون ويون آهن. اهي ڪانفرنسون ننڍيءَ توڙي وڏيءَ ليول تي صرف ان لاءِ ڪوٺايون وڃن ته جيئن سرڪار ۽ NRIs هڪ ٻئي جي دل جو حال چڱي طرح سمجهي سگهن.

جيڪڏهن سرڪار ۽ NRIs جي رشتن وچ ۾ ڪا سچي پچي گهٽتائي يا ڪمي به آهي ته ان جو ذميوار خود پرڏيهي هندستاني آهي. هن پنهنجي نمائندگيءَ جا حق، پنهنجن پرڏيهي اڳواڻن جي ذريعي، وڏي ڪمزوريءَ ۽ ڪم همتيءَ سان، ماٺ ميٺ ۾، بنا ڪڇڻ پڇڻ جي، ٻين جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن. ناميارن ۽ زورآور ماڻهن جي ته جڻ ٻيگهي مچي وئي آهي. هنن کي ميدان ڪليو ملي ويو آهي. ڪنهن سان مقابلو ڪونه ٿو ڪرڻو پوين. اڪيلي سر پيا ٿا فائدا حاصل ڪن. NRI به سندن محتاج ٿي پيا آهن. گهڻين حالتن ۾ ته NRI پنهنجو ڪم ٽپائڻ لاءِ انهن ناميارن ۽ طاقتور ماڻهن جي اڳيان پنهنجن ئي ساٿين جي گلا ۽ غيبت ڪندا آهن. بجاءِ ان جي ته هو پنهنجا حق گهُرن، هو مورڳو پاڻ ۾ ڪتا منا ٿيو پون. هاڻي جتي اهڙي حالت هوندي، اُتي ڪٿي ٿي پاڻ ۾ ٻڌي ٿئي؟

انهن افعالن جي ڪري گرو گنجو NRI تي آڪڙيو بيٺو آهي. مٿان وري ميڊيا جي باهه پٽي ٻري ۽ ساڙ ۽ حسد جا ڀنبٽ جدا پيا پڙڪن.ماڻهن جي نظرن ۾ پرڏيهي هندستاني ديس دروهي، بکيا، لالچي ۽ هٻڇي وڃي رهيا آهن. هرڪو کين ويجهو وڃڻ بجاءِ پيو ڪائنئن ٿهي ۽ پري ڀڄي. اها ڀيانڪ شڪل انهن ماڻهن جي چٽي وئي آهي، جيڪي ديس جي لاءِ دلداري جو ڪارڻ آهن، ملڪ جو مانُ آهن، رشتن جو شانُ آهن.

واجپائي جي سرڪار به رشتن کي جوڙڻ لاءِ ڪو ٻوٽو ڪونه ٻاريو آهي. جيتوڻيڪ بي جي پي جي ساٿارين گهٽائي پيرا وات تڪاٽي ڪندي ورجايو آهي ته پرڏيهي هندستانين ۽ ڏيهين جي وچ ۾ پيار جا پيچ پوڻ گهرجن ته جيئن ديس جي چڱيءَ پر شيوا ٿي سگهي، پر چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيون! پرڏيهي هندستانين کان جيڪڏهن ديس ۾ سيڙپ ڪرائڻي آهي ته کين ڪوٺ ڏيڻ کان اڳ تمام ضروري سهوليتن جو بندوبست لازمي آهي. خالي پوني تي ته ڪوئي اچي پنهنجي پونجي ڪونه لُٽائيندو؟ پر اهو سڀ ڪجهه تيسين ڪونه ٿيندو جيسين ماڻهن جي دلين ۾ پيدا ڪيل گمان دور نه ڪيا ويندا ۽ اهو نه ٻڌايو ويندو ته NRIs به ديس سان وفادار ۽ سچا آهن ۽ هو به اسان جا آهن ۽ اسان منجهان

آهن.

نئين صدي شروع ٿيڻ کان پوءِ نيٺ سائينءَ در عرض اگهاڻو. اسان جو نبل ۽ نماڻو آواز آخرڪار وڃي دهليءَ وارن جي ڪن تي پيو. سالن جي هڻ هٽان، وٺ پڪڙ ۽ آزي نيزاريءَ کان پوءِ ۽ ايندڙ سرڪار آڏو عرض گذارشون ڪرڻ بعد واجپائي سرڪار کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته ٻيلي هنن فقيرن کي ٻٽي شهريت ملڻ کپي. هاڻي ٻئي ڪنهن ملڪ جو پاسپورٽ وٺڻ جو مطلب اهو ناهي رهيو ته ڪو اسان گهٽ درجي جا هندستاني آهيون يا وري مورڳو NRI هندستاني هجڻ تان ئي هٿ کڻي ويا آهيون.

هاڻي جيڪا رٿ سامهون آهي، ان جي معنيٰ فقط اها هئي ته NRI کي پنهنجي هندستاني هجڻ جي سڃاڻپ ملي. ڪين سياست ۾ حصو وٺڻ جو پوءِ به ڪو حق ڪونه هوندو. جيڪي ماڻهو پنهنجي پسند جي ديس جي شهريت به رکڻ چاهيندا ۽ ان سان گڏ انڊيا جا به شهري چوائيندا، سي نه ته اليڪشن لڙي سگهندا ۽ نه وري انهن اليڪشنن ۾ ووٽ ڏئي سگهندا.

ٻٽي شهريت انهن کي آڇي وئي آهي، جيڪي آمريڪا، انگلنڊ، ڪئناڊا، يورپي ملڪن، آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ سينگاپور ۾ آباد آهن. اهو ان ڪري آهي جو اهي ملڪ ٻٽي شهريت ڏين ٿا ۽ سندن اهو سسٽم اڳ ئي هلندڙ آهي. جيڪي هندستاني سري لنڪا، ماريشس ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن NRI ۾ رهن ٿا، انهن کي صرف اهو سرٽيفڪيٽ ملندو جنهن ۾ لکيل هوندو ته هي ماڻهو اصل هندستاني نسل جو آهي. انگريزي ۾ انکي "Person of Indian Origin" يعني PIO چوندا آهن.

سيپٽمبر 2000ع ۾ جيڪا پنجن ميمبرن جي ڪميٽي منسٽري آف ايڪسٽرنل افيئرس ناهي هئي، تنهن سفارش ڪئي هئي ته ٻٽي شهريت جو قانون تڏهن لاڳو ٿيندو جڏهن سٽيزن شپ ائڪٽ 1955ع ۾ تبديلي آندي ويندي. ٻٽي شهريت جو مرتبو ملڻ کان پوءِ پرڏيهي هندستانين ۾ ساههُ پوندو ۽ هو هندستان جي مالي معاملن ۾ پاڻ کي به ڀائيوار سمجهندا ۽ سيڙپ پڻ ڪري سگهندا.

ٻٽي شهريت مان هڪ ٻيو فائدو به ٿيندو. هندستانين کي جذباتي آٿت پڻ ملندو. هو پاڻ کي هندستان جي صديون پراڻي سڀيتا سان ڪلي طرح پاڻ کي لاڳاپي سگهندا. پر ان قدم سان پنجتيهه لکن (365 ملين) NRIs جيڪي مدل ايسٽ ۽ گلف ۾ رهن ٿا، تن کي ڪو به فائدو ڪونه پهچندو چو ته انهن ملڪن ۾ ٻٽي شهريت نالي ڪا به شي ڪانهي.

1990ع ڌاري جڏهن راءِ سنگهه جو جوڙو سرڪار ۾ آيو تڏهن بدلاءَ جا وڏا وڏا وعدا ڪيا ويا. نيتا NRIs کي پڪ ڏيارينديءَ ٿڪبا ئي ڪونه هئا ته اجهو هاڻي ٿو توهان سان انصاف ٿئي. توهان کي پيار ملندو، پنهنجائپ ملندي، توهان جي سار سنڀال لڌي ويندي. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪجهه آٿت مليو. اوچتو ظالماڻا قانون به ختم ٿيا. مدي خارج ڏال به هٽي وئي. NRIs ڪميونٽيءَ جا پيرَ به ڪجهه ڏرا ٿيا. پر چا،

اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ کان پوءِ به پرڏيهي هندستاني ويندا؟ اهو تمام اهم سوال آهي.

ڪجهه وقت اڳ تائين ماڻهو چوندا هئا ته رقم هندستان ان ڪري ڪونه ٿا موڪلين جو اتي سرڪار ڪامورن رڳو ڀاري ڏنو آهي ۽ ڪم ڪار ۾ به سَوَرخنا وڌا ٿيا وڃن. اهي ڏوهه ثواب ڳڻائي، NRIs ڪمايل ناڻو پنهنجي ديس موڪلڻ بجاءِ ڪنهن ٻئي حفاظت واري ملڪ ۾ رکي ڇڏيندا هئا. مزيدار ڳالهه اها هئي ته هڪ طرف ته اسان جا پنهنجا پرڏيهه ۾ رهندڙ ساٿي پنهنجي ڪمائي ڌارين ديسن ۾ پاڇي ڪري رکندا وتندا هئا ۽ ٻئي پاسي هندستاني سرڪار وڏي وياج تي رقمون اولهه جي ملڪن کان وٺي پئي ملڪ جو ڪم ڪار هلائيندي هئي.

هاڻي جڏهن هندستان وٽ پرڏيهي ناڻو جام اچي ڪٺو ٿيو آهي، مارڪيٽ کلي ويا آهن ۽ انڊسٽري توڙي سيڙپ جي سرڪاري ڍال واري پاليسي پڻ نه رهي آهي، تڏهن NRIs کي محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته هو به هندستان جا شهري آهن. پر جڏهن کان BJP سرڪار ۾ آئي آهي، تڏهن کان اوليتون بدلجي ويون آهن. سرڪار ضرور ڪمين پيشين ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي. جيڪي ڳالهيون اڳ ممڪن نظر نه ايندڙيون هيون، سي ٿيڻ لڳيون آهن. جادوءَ جو کيل ته نه ٿيو آهي، پر چمتڪار جون جهلڪيون ضرور پيا ڏسون. هاڻي سوال رڳو اهو آهي ته هن کان پوءِ گڏجي سڏجي، پنهنجا ذاتي فائدا ڀُلائي، ديس جي ڀلائي لاءِ سرڪار جي وڏايل سهڪاري هٿ کي ساڳي موٽ ڏيندا يا نه؟

ڀلائي، نيڪي ۽ سخاوت هاڻي ماڻهن مان موڪلائيندي ٿي وڃي. اڳ، هندستاني پرڏيهي اسڪولن، اسپتالن، يتيم خانن ۽ ٻين اهڙن چڱائي جي ڪمن ۾ دل کولي چندو ڏيندا هئا. ڌرمي ڪاريه ۾ پڻ ڏوڪڙ پئسو ڏيندي سندن هٿ نه ٿڪبو هو. هاڻي اسان جا يار زمين خريدي، متس گهر نهرائي، اگهه ڦتائي، پاڻ کي اڻ وٽندڙ ڀاڙيسري ثابت ڪرڻ ۾ پورا آهن. ٿيڻ ته ائين گهرجي ته ٻنهي ڳالهين تان هٿ نه کڄجي. دنيا کي به منهن ڏجي، ڌرم کي به نه وسارجي.

NRIs جي مسئلن لاءِ مٿينءَ ليول تي هڪ وزارت جو هجڻ هاڻي حق بجانب آهي. اها ڏاڍي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته هڪ پاسي جنتا جو NRIs ڏانهن رويو اجا به ڍرو آهي، پر ٻئي پاسي گجرات، آنڌرا ۽ مهاراشٽرا جهڙين رياستن NRIs ڏانهن هاڻي پنهنجيءَ سوچ ۾ تبديلي آڻي ڇڏي آهي ۽ ساڻن گڏجي وڏا وڏا پراجيڪٽ هٿ ۾ ڪنيا آهن. منهنجي خيال ۾ ائين ٿيڻ گهرجي.

25 ملين هندستان پاسپورٽ رکندڙن کي هاڻي هڪ وڏي "ووٽ بئنڪ" مڃڻ گهرجي ۽ کين نمائندگي ڏيڻ گهرجي. اصولي طور، گهٽ ۾ گهٽ سندن به NRIs پارليامينٽ ۾ ضرور هئڻ گهرجن. ان سلسلي ۾ NRIs جي سَچن ۽ مکيه اڳواڻن ۽ سرڪاري ڪارندن ۽ انڊسٽري ڪپتانن جي وچ ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين کي هاڻي تيز ٿيڻ گهرجي. ميڊيا هن وقت تائين ڪو چڱو ڪردار ڪونه پئي ادا ڪيو آهي.

هاڻي ان کي تيار ڪجي ته ديس جي ڀلائيءَ خاطر، ماضيءَ کي وساري، هاڪاري رويو اختيار ڪري. ان مان منهنجو اهو مطلب هرگز ناهي ته ميڊيا NRIs جي ڪن ناميارن ماڻهن تي ڌيان ڏئي ۽ کين پڙڏائي آسمان تائين پهچائي، پر 120 ملڪن ۾ رهندڙ 25 ملين پرڏيهي هندستانين کي هڪ ايڪائي سمجهي، سندن ڳڻن ۽ ڀڳتي جو صحيح چتر چٽي ۽ کين هندستان جا شهري هئڻ ناتي، ديس جي مالا ۾ پويل موتين منجهان هڪ اهم موتي ڄاڻائي.

وطن دوستي ۽ واپار ٻه جدا شيون آهن. انهن کي ڌار ئي رهڻ ڏنو وڃي ته چڱو. منجهانئن هڪ کي ٻئي جي خاطر ڇڏڻ لاءِ زور ڀرڻ نانصافي ٿيندي. جيڪڏهن انڊيا سرڪار چٽاپيتي وارو وايومنڊل اگهه توڙي معيار (Quality) جي لحاظ کان ٻين جي ڀيٽ ۾ چڱو آهي، ته پوءِ ماضيءَ جا اڻ وڻندڙ تجربا وساري، هڪ لاڳيتي پاليسي جوڙي، اجائي دفتري ڊيگهه پتاڙ ختم ڪري، NOC جي چڪر مان نڪري، گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

اسان اهو چو وساري ٿا ويهون ته NRIs ڏاڍا جذباتي ماڻهو ٿيندا آهن. هو اڪثر هندستان ۾ وسندڙ هندستانين کان وڌيڪ هندستاني هوندا آهن. اڄ ڪلهه جي بدلجندڙ دنيا ۾ اسان کي پنهنجي ديس ۽ پنهنجي ورثي جي وڌيڪ ويجهو رهڻ جي ضرورت آهي. اهو ٻه ضروري آهي ته اسان جي ٻارن کي پنهنجي ٻُڻ بنياد جي ڄاڻ ڏني وڃي. اسان ڪٽي پنهنجي ڏيهه کان هزارين ميل دور هجون، پر هاڻي اها ڏوري گهڻي دوري نه رهي آهي، دُنيا سُسندي، ننڍڙي ٿيندي ٿي وڃي. ويجهڙائي هر پل وڌيڪ ويجهي ٿيندي پئي وڃي. اهڙين حالتن ۾ ڏيهين توڙي پرڏيهين جي لاڳاپن کي نظرانداز ڪرڻ ڏاڍي شرم جي ڳالهه ٿيندي. ان جي ابتڙ اهو سمجهه ۽ سياڻپ وارو قدم ٿيندو، جيڪڏهن اسان ايڪتا تي وڌيڪ زور ڏيون ۽ NRIs کي ملڪ ۽ ماڻهن جي لاءِ سرمايو سمجهون.

جڏهن ٻيو سڀ ڪجهه وسري ويندو، تڏهن هميشه اهو ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن انڊيا جي نيڻن نير هوندو، تڏهن اسان جي اک ٻه آلي هوندي.

❋

## باب سترهون

# نئين پيڙهي، نئين اميد

**هرهڪ ماڻهو پنهنجي پيءُ کان اڳتي نڪرڻ لاءِ سوچيندو آهي. هر هڪ ماڻهو پاڻ کي پنهنجي پيدا ٿيڻ کانپوءِ بهتر کان بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هرهڪ نسل پنهنجو اثر رکڻ لاءِ ماضي واري نسل کان اڳتي وڌي وڃي ٿو.**

**وليم ايلين وائيٽ**

ڪڏهن ڪڏهن صبح جي مانار ۾ من ڏاڍو مونجهو ٿيندو آهي. اها مونجهه هارَ جو احساس آهي ان ڳالهه جو تہ وقت ٿورو وڃي رهيو آهي ۽ ڪم گهڻو ڪرڻو آهي. شاعر رابرٽ فراسٽ جي حوالي سان جواهر لال نهروءَ چيو هو "مون کي سمهڻ کان اڳ اڃا ڪوهين پنڌ هلڻو آهي." منهنجي بہ ساڳي حالت آهي.

حال سارو ڏنل وچن سڀ پاڙيا اٿم. پر پوءِ بہ اڪيچار اُلڪا اندر ۾ آنڌ مانڌ لايو بيٺا آهن. گهڻو ڪم رهيل آهي، ڪرڻ چاهيان ٿو شل ايتري مُهلت مليم!

ڪڏهن ڪڏهن صبح جو ماڪَ کي گاهه تي سُڪندو ڏسندو آهيان تہ پانئيندو آهيان، شايد سورج سان سينو ساهڻ جي سزا پوڳي رهي آهي. اسان جو جيون بہ ائين ئي آهي. جوانيءَ جي هستي، مستي ۽ تازگي پل ڪن ۾ ائين وينديءِ رهي جو ڪل ئي ڪانہ پئي.

سورج کي اُيرندو ڏسندو آهيان تہ سوچيندو آهيان، پوئين لاءِ ڪهڙو ورثو ڇڏيو پيو وڃان؟ ڇا، مون ڪين هن دورنگي دنيا ۾ عزت سان رهڻ جو ڊينگ سيکاريو آهي؟ ائين تہ ناهي تہ منهنجي لاڏ ۽ پيار ۽ پناهہ ڪين ايترو لڪائي، ڇُپائي ۽ ڍڪي رکيو آهي جو مون پُڇاڻان هو سور جي سٽ بہ سهي نہ سگهندا.

تڏهن مون کي وينا جو خيال ايندو آهي. هن ۽ مون گڏجي ٽن ٻارن کي سٺي تربيت ڏئي، گهڙي، ناهي، سٺو شهري بنايو آهي. اهي ٻار، جيڪي بدلجندڙ سيپتائن ۾اڻ ڏٺل ۽ اڻ ڄاتل ماڳن تي اٿاهہ، عميق، اونهي ساگر ۾ ڇُلندا رهيا آهن. جو ڪين اسان جي آگيا جو پالن ڪرڻو هو ۽ پوءِ هنن ان اڻ ڪت سمونڊ ۾ ننڍڙا ۽ نبل هٽڙا هٽي ترڻ ۽ تڙڳڻ سکيو. ڪجهه پئہ، ڪي ڪٽڪا، ڪا آشا، ڪا نراشا پر پوءِ، اوچتو ئي اوچتو هو دنيا جي ٻارن سان ملي هڪ ٿي ويا. ڌرتيءَ جايا، ڌرتيءَ نپايا، هن ساري سموريءَ وشال ڌرتي جا پنهنجا، هزارين لکين، ڪروڙين، گورن، ڪارن ۽ پيلن ٻارن جهڙا ٻار. زمين جي هر ڪنڊ، هر ڪڙڇ،

هر گهٽي، هر گهيڙ، هر وستي، هر واهڻ سندن وطن هو.

ڇا هو بہ اهو ئي سوچين ٿا، جيڪو مان سوچيان ٿو؟ اهو ئي سمجهن ٿا، جيڪو مان سمجهان ٿو؟ اهو ئي ڄاڻن ٿا، جيڪو مان ڄاڻان ٿو؟ مون ۾ ايتري همٿ ڪٿي جو مان کانئن پُڇي سگهان؟ هو مونکي رستي تي لڳل دشائن جا نشان ڏيکاري سگهن ٿا، جيڪي مون کي گهٽوا اڳ ڏسڻ گهرجن ها، پر مون نہ ڏٺا. اهي ٽرئفڪ سنگل، جتان مونکي ساڄي پاسي ڦرڻو هو پر مان ڦري نہ سگهيس، ۽ هاڻي واپس ورڻ جي ڪا واهہ نہ رهي اٿم.

ڇا، مان پاڻ تي ٿيل ڏٺيءَ جون پلايون ياد رکندو آهيان؟

ها، مون هڪ هڪ ڇڱائي، هڪ هڪ پلائي، هڪ هڪ قرب سيني ۾ سانڍي رکيو آهي. ڇا، مان هر صبح جو اک کولڻ سان سندس ديا، سندس دان سندس درياهہ دلي ساراهيندو آهيان؟ ها، مان سندس اپار احسان ڳائيندو آهيان، ورجائيندو آهيان، ور ور ڪري پاڻ کي، پنهنجن پريوار وارن کي ۽ هر آئي وئي کي ٻڌائيندو آهيان.

ڇا، مان نوڙت، نياز ۽ نماڻائيءَ سان سندس آڏو سيس نوائيندو آهيان؟

ها، مان عاجزي ۽ نيازيءَ سان، جيڪي ڪجهہ هن مونکي ڏنو آهي، تنهن جو ورنن ڪندو آهيان تہ هو ڪٿي مون ڪميٽي تان پنهنجيءَ پناهہ جو پاند نہ لاهي.

ڇا مان ڪٽر ڌرمي آهيان يا تعصبي آهيان؟ ڇا، مان ماڻهن ۾ نفاق جو ٻج ڇٽيندو آهيان؟ ڇا، مان انهن پراڻن خيالن جو پانڌيئڙو آهيان، جن موجب ڀانت ڀانت جا ڪلچر ملن تہ سهي، پر هڪ ٻئي سان ملي جُلي هڪ نہ ٿي وڃن؟

اسان جيئن آهيون، جتي آهيون، جهڙا آهيون، اهڙائي رهنداسين. بدلجي نہ سگهنداسين. دوستي، ويجهڙائپ ۽ ڀائپي حياتي لاءِ ضروري آهي. پر اسان جي سڀيتا، اسان جو ورثو اسان جو ٻُڻ ٻڌياد اسانکي ٻين کان الڳ الڳ ۽ ڌار ڪري ٿا ٻيهارين. جي ائين نہ هجي تہ پوءِ مامرو ئي ڪهڙو؟ جيڪڏهن اسان سڀ، يا اسان مان ڪو بہ هڪ، پنهنجي الڳ رنگ ۾ رنگيل نہ هجي ها تہ پوءِ زندگي جو ڪهڙي قدر، ڪهڙي قيمت، ڪهڙو ماپو، ڪهڙو ماڻ هجي ها؟ ۽ اسان پنهنجي اها الڳ حيثيت ۽ هستي هٽ وٽي وڃائي رهيا آهيون. فقط ان لاءِ تہ اڄ ڪلهہ جي فئشن موجب پاڻ کي دنيا جي انبوهہ ۾ شامل ڪري، ڪوڙي ايڪتا جي مالا جپيون ۽ اباڻن جي جوڙيل سرحدن جا ليڪا مِٽايون ۽ اهو وساري ويهون تہ اسان ڪير آهيون، ڪٿان آيا آهيون ۽ اسان جو خمير ڪهڙيءَ مٽيءَ منجهان جُڙيل آهي؟

هي ايڪيهين صدي آهي ۽ منهنجون ڳالهيون ٻڌي شايد ڪو ائين بہ چئي ڏئي تہ مان ماضي جي اونهن تهن ۾ اُترندو ٿو وڃان ۽ قديم ۽ صوبائي سڀيتا جي موهہ ۾ نئين دور جي، تقاضائن کان اکيون ڦيري،

گھٽوا ڳ گذريل گھڙين جا ڳُڻ ڳائڻ لڳو آھيان.

دولت ميڙڻ جي جا ٻوڙاج ڪلھ جاري آھي، اھا ھاٺي سڀ حدون اورانگھي، ڪل جھڙي ڪاھين طرف وڌي رھي آھي. اجھو چاڻ اھو وقت آيو جڏھن ان ٻوڙ جي نتيجي ۾ ھڪ پوائنٽي ھڪ جھڙائي جنم وٺندي. ٻوڙ ختم ٿي ويندي. دولت جا ميڙي وئي آھي. ڏن جو چپايو ويو آھي. موتي ۽ مٽيا. جن جي تجلن ڪي قيد ڪيو ويو آھي. تن جي ڪا بہ حيثيت، ڪا بہ حقيقت، ڪو بہ قدر، ڪو بہ مُلھ باقي نہ رھندو ۽ ماڻھو چاہيءَ تي ھلندڙ روبات بنجي ويندا.

اھا ڏکوئيندڙ ڳالھ آھي تہ منھنجي سمجھ سچائي ۽ پرپور آواز گوڙ ۽ شور ۽ ھنگامي ۾ اھڙي ريت دٻجي، گم ٿي ٿو وڃي جو منجھس ڪو بہ مطلب، ڪا بہ معنيٰ باقي نٿي رھي. ان لاءِ نہ تہ اھو گوڙ ۽ شور ڇاٽي واٽي ائين ڪرڻ ٿو گھري، پر ان لاءِ جو اسان جيڪي سرحدون جوڙيون آھن، سي ڪوڙيون ۽ ڪچيون آھن. صاف ۽ شفاف ۽ اڻ ڇُھيل، خالص سپيتا، جنھن جي مان ڳالھ ڪيان ٿو سا ھٽلر جي برتريءَ واريءَ سوچ جيان ناھي. اھا نسل جي تعصب تي بہ ٻڌل ناھي، جنھن ۾ اسان گڏ ڪائي نہ سگھون يا سماجي برابري نہ ڪري سگھون. اھا آفريڪا ۾ جاري اڳوٽي پيد ياءَ واري Apartheid بہ ناھي يا ھندستان جي اڇوت يا سائوٿ آمريڪا جي بيڪار گدلائي يا قبائلي مذھبي دشمني يا وري اھڙي نفرت ۽ ڪراھت جيڪا ھئي ڪي پاڻ جھڙو نہ سمجھي.

اسان، تو ۽ مون، اھڙا سَنڌا ۽ سرحدون ناھي ڇڏيون آھن، جن جو سپيتا جي ميلاپ سان ڪو بہ واسطو ناھي. جڏھن آرٿر ھيلي (Arther Hailey) پنھنجا بنياد (Roots) پئي ڳوليا، تڏھن ھن جڻ پنھنجي اندر ۾ لڪل اُڏمن جو اظھار ٿي ڪيو تہ آخر اسين ڪير آھيون.

اھو اسان جو فرض آھي تہ اسان پنھنجن رسمن، رواجن ۽ روايتن جو بچاءُ ڪريون. نئون نسل اھڙين ڳالھين کي لاپرواھيءَ سان نظر انداز ٿو ڪري ڇڏي. منھنجي لاءِ اھا وڏي چنتا جھڙي ڳالھ آھي تہ اسان جي نئين پيڙھي ڪيچ اپ ۽ چپس جي ڪلچر ۾ اھڙي اُلجھي وئي آھي جو ڪين پٺ ورائي اباڻي ورثي ڏانھن ھڪ نظر ڏسڻ لاءِ بہ وقت ناھي.

ڪڏھن ڪڏھن تہ مونکي پنھنجا پُور بہ پراوا لڳندا آھن. اُداس ٿي ويندو آھيان. پاڻ کي اوپرو لڳندو آھيان. مان تہ فقط اھو ٿو چاھيان تہ اھم ڳالھين کي اوليت ڏيو. منھنجي لاءِ سنڌي سپيتا ڪان وڌيڪ اھم بي ڪا بہ شي ناھي. ماڻھو مونکي غلط سمجھن تہ بہ دکي مان ئي ٿيندس. پلا ان ۾ ڪھڙو ڏوھ آھي، جيڪڏھن ڪنھن ٻئي کي تڪليف ڏيڻ ڪان سواءِ پنھنجي ورثي جي رکوالي بہ ڪريون ۽ ٻين کي پيار بہ ڏيون، ساڻن نيازمندي بہ ڪريون ۽ سندن عزت ڪرڻ ۾ بہ ڪا ڪمي نہ آڻيون؟ ڏکيو ڪم ضرور آھي. پنھنجيءَ سپيتا کي ايڏو مانُ ڏيڻ، جو ٻين سپيتائن وارا ان کي تھذيبي ميل جول جي ورڻ سمجھڻ لڳن،

سچ پچ تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. مون کي ٻئي ڪنهن کان نہ، پنهنجي پيءُ کان پيءُ ٿو ٿئي. مون کي ڏاڍو ڌڪ ٿو ٿئي تہ منهنجن ٻارن جا ٻار جڏهن سمجهہ پريا ٿيندا، تڏهن ڪين اها ڄاڻ نہ هوندي تہ هو ڪير آهن ۽ سنڌ سان سندن ناتو ڪهڙو آهي؟ اڄ جي زماني ۾ ڪلچر وڃي ڪافيءَ جي ڪوپ تي دنگ ڪيو آهي. اسان جي روزاني زندگي ۾ سنڌس اهميت ڪا خاص نہ رهي آهي.

اسان منجهان اهي، جيڪي سيپيتا جون سرحدي ليڪون پار ڪرڻ ۾ ڪو عارُ محسوس نٿا ڪن، سي واقعي وڏيءَ دل جا ڏٺي ڇٽبا. پر هنن جي ٻين سيپيتائن سان ايڪي لاءِ اُڀرائي، پنهنجي ڪلچر جو گلو گهٽڻ جي برابر آهي. اهو ڪلچر ئي آهي جيڪو هن دنيا کي رنگين بنائي ٿو. وٽندڙ موهيندڙ ۽ پيارو ڪري ٿو.

اولهہ اولهہ آهي، اوڀر اوڀر آهي. گڏجي سڏجي رهن ٿا، پر پوءِ بہ پنهنجي الڳ سڃاڻ قائم رکن ٿا. دنيا جي هر سٺي شيءِ اسانجي تهوارن ۽ روايتن مان جنم وٺي ٿي. اسانکي گهرجي تہ ڪين اوجهل ٿيڻ نہ ڏيون. اسان کي پنهنجي ڏار سڃاڻپ وڌيڪ مانوارو بنائي ٿي. اسان ٻين کان نرالا آهيون. الڳ ٿلڳ آهيون. اسان جهڙو ٻيو ڪو ئي ناهي. مون پنهنجن ٽن ڏيئن کي دنياداريءَ جي سکيا ڏني آهي. ڪين هر قسم جي ڪلچر ۾ جذب ٿيڻ جي تربيت ڏني آهي. پر آهستي آهستي، ڏاڍي پريم ۽ پاٻوهہ سان. پنهنجي سيپيتا جي سُڃاڻ بہ ڏني آهي. بيشڪ مونکي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ روايتن سان ڏاڍو پيار آهي. جڏهن مان ڪين پنهنجي اندر جو احوال ٻڌائيندو آهيان، تڏهن لڳندو اٿم تہ هو بيزاري وچان چوندا هجن، ”هي تہ ڪراڙن ماڻهن جهڙيون ڳالهيون پيو ڪري، جيڪي اڄ ڪلهہ جي زماني ۾ وقت جو زيان آهي.“

شايد_ شايد_ شايد_ هو صحيح سوچيندا هجن، پر منهنجي راءِ پلي غلط ئي چو نہ هجي، مون کي پنهنجي اندر جي اُڌمن جو کلي طرح اظهار ڪرڻ تہ ڏيو. منهنجو چوڻ فقط ايترو آهي تہ توهان پلي هر ڪنهن سان گهلي ملي وڃو، کلو ڳالهايو هر انسان کي قيمتي انسان سمجهي، سندن مانُ ڪيو ساڻس پيار سان پيش اچو سندس دل نہ دکايو پر پنهنجي الڳ سڃاڻپ بہ قائم رکو اُن کي نہ وڃايو.

مان رهان نہ رهان، پر پڪ اٿم تہ وقت ضرور ايندو ۽ جلدي ايندو جڏهن اسان جون جڙون سايون ٿينديون، ماضيءَ جي طاقت موٽي ايندي ۽ اسان پنهنجي ڪلچر جي ڇهچ ساون ٻيلن جي ٿڏڙي ڇانوَ ۾ هڪ دفعو وري سک جو ساهہُ کڻي سگهنداسين. جيئن جانور ۽ گل هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن ۽ سندن گهُرجون بہ ڌار ڌار آهن، اسان بہ اهڙين ئي آهيون. اسان جي ذهني توڙي روحاني خوشحالي اسان جي جاتيءَ جي جيون سان لاڳاپيل آهي. جاتي زنده آهي تہ اسان سُکي آهيون. ٻين سان ملي ٻين جهڙو ٿي وڃڻ، منهنجي نظر ۾ ڦرُ ۽ ڌاڙي جي برابر آهي. ڪڏهن نوبڪلاتي ۾ ٿاٿيڪا ويهي، منهنجيءَ ان ڳالهہ تي ويچار ضرور ڪجو.

ان پسمنظر ۾، مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي باري ۾ سوچيندو آهيان تہ مون ڇا ڪيو؟ ڪهڙي ريت مون اهي ڪم ڪيا. جيڪي منهنجي ويچارن جي ورڌ هئا. جو چيم، سو نہ ڪيم. پر ائين ڪرڻ ۾ بہ منهنجي ڪا بد نيتي ڪانہ هئي. جو ڪيم ستن ارادن سان ڪيم.

اسان سنڌي آهيون. فطري طور بزنيس مين آهيون. ڪن جو تہ چوڻ آهي تہ بزنيس اسان جي رت ۾ شامل آهي. ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌي جاتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي ۽ اهڙي طرح اسان هڪ سُکي ڪميونٽي آهيون. اسان کي ان ڳالهہ تي ناز آهي ۽ اهو بہ ناز اٿئون تہ ماڻهو اسانکي ”قاتل ڇهين حُس جا مالڪ“ سڏيندا آهن. اسان مٿان اهو ليبل هو ڪو سِڪ وچان ڪو نہ لڳائيندا آهن، پر تڏهن بہ هو غلط ڪونہ چوندا آهن.

جيڪڏهن توهان بزنيس ۾ آهيو تہ آهيو. بزنيس ۾ ماڻهو نفعو ڪمائڻ لاءِ ويندو آهي ۽ جيڪڏهن توهان اهو نفعو قانون جي اندر رهي، چڱي نموني سان ڪمايو ٿا تہ اها توهان جي بنيادي ”ڇهين حس“ آهي، ”قاتل ڇهين حس“ ناهي.

مونکي هت ٿورو جوکو کڻي ڪجهہ چوڻ ڏيو. جيڪڏهن اسان صدين جي تجربي مان بزنيس جو آرٽ سکيو آهي ۽ نسل در نسل هڪ کان ٻئي تائين پهچايو آهي تہ ان ڪري جو واپار اسان جي روايت بنجي چڪو آهي. جيڪڏهن اسان جي اها ”خوبي“، دنيا جي ٻين قومن ۽ جاتين سان ملڻ جلڻ سبب ختم ٿي وڃي ها، تہ پوءِ اسان جي اها ”مهارت“ بہ سُکي، سڙي، رک ٿي وڃي ها. مان بار بار اها ئي ڳالهہ ثابت ڪرڻ ٿو چاهيان تہ اسان جيڪي ڪجهہ بہ آهيون، سو پنهنجي ماحول جي ڪري ۽ پنهنجيءَ اڏَ (Genetic Mak_up) جي ڪري آهيون. اسان کي گهرجي تہ انهن ٻنهي ڳالهين کي سنڀالي رکون. ان ٻيلي مان ڪهڙو لاڀ، جنهن ۾ رهندڙ سڀ جانور زيبرا هجن؟ توهان مونکي اُن سوال جو جواب ڏيو.

مون کي وڏي اٿل پٿل پئي نظر اچي. دنيا تيرس ۾ وجهندڙ رفتار سان ڊوڙندي پئي وڃي.جيڪا مسافري اڳ ڏينهن وٺندي هئي، سا هاڻي چند ڪلاڪن ۾ پوري ٿي ٿي وڃي. جيڪڏهن انسان آواز جي اسپيڊ سان سفر ڪندو تہ ان لاءِ ٻيلو بہ ٻرانگون. موڪلاٽيون هاڻي ڊگهيون ٿين ئي ڪونہ. اسان جي زماني ۾ شاديءَ وهانءَ تي هفتن جا هفتا خوشيون ملهائبيون هيون. هاڻي خاندان وارا شاديءَ تي هڪ رات لاءِ مليا تہ بہ وڏي ڳالهہ ليکبي. واندڪائي نالي لاءِ ڪانهي. جيڪڏهن ڪنهن کي سچ پچ فرصت آهي تہ هن کان وڏيڪ ياڳوان پلا ٻيو ڪير هوندو؟ وڏن ڪٽنبن جي جاءِ تي ننڍا ننڍا خاندان وڃي رهيا آهن. تڏهن تہ چون ٿا تہ وڏن خاندانن کي نيوڪليئر خاندان ماري مات ڪيو آهي.

ان هوندي بہ اسان پنهنجي پاڻ کي پتڪائي وڌو آهي. شاديون ائين ٿيون ٽٽن، جيئن سُڪل پن واءُ ۾ ڇڻندا آهن. شادي جي پهرئين چشڪي کان پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ اها ويجهڙائي ڪا نہ ٿي رهي، جيڪا ڪين

ان پوتر پنڌڻ ۾ سوگھو ٻڌي رکي. منهنجيون اهي ڳالهيون گھڻن کي پراڻن خيالن جھڙيون لڳنديون. پر ائين بہ نہ ٿئي تہ اسان ٿُهن سان گڏ ساريون بہ ٻهاري ڇڏيون. ترقي پسند آزاد خيال ٿيڻ جو اهو مطلب تہ ناهي تہ اوهان جي اندر ۾ جو ٻل آهي، ان کان پڇي پاسو ڪريون ۽ ٿوري خوشيءَ يا عياشي خاطر ڪمزورين جي هنج ۾ وڃي ڪريو. اڄ جا نوجوان پنهنجي پاڻ کي ڳولڻ ۾ رُڌل آهن. ان جو مطلب اهو ئي ٿيو تہ هو وڃائجي ويا آهن. اها ڳالهہ مان نٿو چوان. هو پاڻ چون ٿا ۽ چوندي نٿا ٿڪجن. سندن مايوسي وڃي ٿي ڏينهان پوءِ وڌندي. سچ ٻڌندو ٿو وڃي. رات پنهنجا ڪارا پر ڦهلائيندي پئي اچي ۽ اها مايوسي، جنهن جي مون ڳالهہ پئي ڪئي، سا ڪڙڪات ڪندي ڪاهيندي پئي اچي.

مان هميشہ چوندو آهيان تہ درياءَ جي ميٺي سمنڊ ۾ گھاري نہ سگھندي. ساڳيءَ طرح سامونڊي ميٺي نديءَ ۾ بہ جالي نہ سگھندي. قدرت جي سونهن ۾ واڌارو اهي ئي ننڍڙيون ننڍڙيون ڏارائون ڪن ٿيون.

پتا پنهنجي ٻارن کي ڪيئن ويهي سبق پڙهائيندو آهي ۽ هو ڪيئن مانڙي ڪري ڪيس ٻڌندا رهندا آهن؟ ماءُ ڪيئن پنهنجن ٻچن تي پرن جي ڇانوَ ڪري ويهندي آهي. جڏهن ساري دنيا کين ڪانئس ڏار ڪرڻ لاءِ حيلا هلائيندي آهي؟ ڪڏهن انهن مامرن تي بہ ڌيان ڌريو اٿوَ؟ اسان ڇئو ڏڳيءَ تي ڪونہ ويٺا آهيون. ائين سوچڻ جو مطلب ٿيندو تہ اسان هاٿي هيٺا تي ٿڪجي پيا آهيون. مون کي لڳندو آهي تہ دنيا هڪ نديءَ مثال آهي، جيڪا نهايت تيز رفتار سان سمنڊ ۾ ڪرڻ لاءِ وڌي رهي آهي ۽ جڏهن ندي سمنڊ سان ٽڪرائبي تڏهن وڏو ڌوڌو ايندو. ڌماڪو ٿيندو پاڻي ڇاڏيءَ ۾ پيل ڌڏ وانگر ولوڙبو ۽ لهرون اُٿنديون. اهو سڀ ڪجھہ جلد ٿيڻ وارو آهي ۽ ان گھڙيءَ اسان مان گھٽا گھائبا. اهو سوچي، منهنجو روح ٿو ڪنبي، ڇو تہ انهيءَ اوچتي وارَ لاءِ اسان جي پيڙهي هرگز تيار ناهي.

هن عمر ۾ اسان ڪٿي وڃي آٿت ڳوليون؟ ڪنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي روئون؟ ڪنهن کي من جي ماجرا ٻڌائون؟ بس، اها ڪل اٿئون تہ اسان وڏي جاکوڙ ڪئي، ويڙهاند ڪئيءِ ڪوشش ڪري صحيح رخ ۾ وک وڌائي.

جڏهن منهنجيءَ ماءُ جو ديهانت ٿيو تڏهن اسان پنهنجين ننهي ڪکين کي دٻئي وٺي آياسين. وطن کان سندن اها پهرين جدائي هئي. ننڍيون هيون، ايڏي سمجھہ ڪا نہ هُين، ان ڪري گھٽي ڏکيائي ڪانہ ٿي. جلد ئي هري مري ويون.

هو جيئن جيئن وڏيون ٿيون، پنهنجي هم عمر ٻارن کي اولهہ طرف تڪيندي ڏٺائون. ۽ جتي جتي مان ويس، اتي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي باري ۾ ماڻهن کي چوندو ٻڌم تہ اولهہ مان پڙهي ڳڙهي، وڏي شان مانَ ۽ اعتماد سان ڀرپور ٿي موٽيا آهن. جڏهن کين جاچي ڏٺم تہ منجهن داڻا ڪونہ هئا. رڳو رستن جا راجا. ڪپڙو لٽو ناهہ نوهہ ۽ ٻاهريون ڏيکاءُ. وڏو ماڻهو سڏائڻ جو نسخو يا منتر پئي لڳو اولهہ جي

تعليم. مان سوچيندو هوس تہ ڪيڏي نہ شرم جي ڳالھہ آهي تہ اسان اوير جا ماڻهو جن جي قديم تهذيب ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي، سي هاڻي اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ اولهہ جا محتاج ٿيا آهيون ۽ اسان ۾ ايتري اهليت ناهي جو پنهنجن ٻارن کي پنهنجي ورثي کان آگاهہ ڪري سگهون. ڇا، مان سودائي ٿيندو ٿو وڃان؟ ڇا، مان ننڍڙين ڳالهين کي وڏو سمجهڻ لڳو آهيان؟ ڇا، مان وڌيڪ ڏکڙو ٿيندو وڃان؟ ٿي سگهي ٿو تہ ائين هجي. پر ان جو تہ ڪوئي جواب ڏئي تہ اسان پنهنجي دنيا کي ٻين جي پيٽ ۾ ايترو گهٽ ڇو ٿا سمجهون؟

ان جو مون کي ڪو بہ مناسب جواب نہ مليو آهي. هڪ اهڙي قوم، جنهن والميڪيءَ ۽ تانسين، تلسيداس ۽ ٽئگور، چاڻڪيہ ۽ دادا واسواڻيءَ جهڙا اوچا ۽ اڏول ٻڌيمان ۽ مهان پرش پيدا ڪيا، جن پنهنجي وديا، جي جوت سان ڪروڙين انسانن جي جيوت سنواري، سا قوم ۽ سي ماڻهو خود اعتماديءَ ۾ ٻين کان گهٽ ڇا ۾ آهن؟

وقت گذرندو ويو. منهنجين نظرن کان نظرون بچائي، لڪي ڇپي، پاڇي جيان وقت گذرندو ويو. تڏهن اوچتو پنهنجي ڏاڏيءَ جي لاڏلي، منهنجي پياري ڌيءَ گوري، ڪاليج تائين پهچي وئي. منجهس ننڍي وهي، کان وٺي ئي اڳواٽي ڪرڻ جا گُڻ موجود هئا. هوءَ ڪنهن بہ ڪاريہ لاءِ سڀ کان اڳ اُٿي کڙي ٿيندي هئي ۽ منجهس ٻين کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ ڪائنڻ ڪم وٺڻ جون خوبيون سوايون هيون. ڇيتنا ۽ ريکا جي راءِ کي درست رکڻ ۾ بہ سندس وڏو هٿ هو ۽ اهي ٻئي جٽيون سندس ڳالھہ ٻڌنديون ۽ مڃينديون هيون. منهنجي پٽني ڪيس سڏيندي ئي هئي ٻي ماءُ.

دراصل اسان جي گهر ۾ انگريزي ٻوليءَ جو واهپو شروع ئي گوريءَ جي ڪوشش سان ٿيو. ان کان اڳ اها ٻولي گهر جي ڪنڊ پاسي ۾ پاسيري پئي پنهنجو وقت گذاريندي هئي. سندس ڪو خاص ڪارج گهٽ ۾ گهٽ اسان وٽ ڪونہ هوندو هو. گوري پنهنجن خيالن ۾ گم سم رهندي هئي. گهٽ ڳالهائيندي هئي ۽ ٻاڻ کان وڏيءَ ڄمار وارن جي ساٿ ۾ وڌيڪ خوش نظر ايندي هئي. ان ڳالھہ تي جيئن ٻين پيئرن کي ڳڻتي ٿيڻ گهرجي، مونکي پڻ فڪر ٿيڻ لڳو.

سندس آواز ۾ ماڪيءَ کان وڌ ميناج هو. هوءَ ٻاڻ کان وڏن متن مائٽن کي ويهي پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائي ٻڌائيندي هئي ۽ هو پڻ خوشي سان سندس منڙي آواز مان آنند ماڻيندا هئا. سُر ۽ سنگيت جي اها ڏات کيس ماءُ کان ورثي ۾ ملي هئي. گهر ۾ سڀ ياتي گڏ هئاسين. زندگي مثالي هئي.سيني کي ويجهو ۽ گڏ ڏسي منهنجي من ۾ پڻ پيار جون پاونائون جاڳنديون هيون. ان هوندي بہ بدلاءُ جون هوائون ڪنهن نہ ڪنهن ڳليءَ مان اندر پهچي ويندريون هيون. ڇوندا آهن تہ تبديليءَ جهڙي دائمي شيءِ ٻي آهي ئي ڪانہ.

هڪ ڏينهن، جڏهن صبح جو ماڻهو پنهنجي روزمره جي ڪرت ڏانهن وڃي رهيا هئا، 92 ايف.ايم

ريڊيو تي رچرڊ ڪورام جو آواز سڄي گهر ۾ گونجي ويو. آواز ڄا هو ڄڻ ڪا ڪٽار هٿي جا منهنجي دل ۾ لهي وئي. خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته گوريءَ جو ڪاليج ڪلڻ وارو آهي.

اسان جي شانت زندگي ۾ ڄڻ ڪو ڀونچال اچي ويو. جيڪڏهن گوري پڙهائيءَ لاءِ انڊيا پئي وئي ته سندس ماءُ کي ٻه سالس گڏ وڃڻو تي پيو ۽ پويان ٻن ڏيئرن جي سار سنڀال مون جهڙي نالائق پيءُ کي ڪرڻي تي پئي.

پاڻ کان پڇيم، "مونکي؟"

پاڻ جواب ڏنم، "هرگز نه."

مان انڪار ڪري ويهي رهيس.

ڪو ته اُپاءُ ڪرڻو هو. ان زماني ۾ NRIs ايڏو گهڻو پسند به ڪونه ڪيا ويندا هئا. سندن ٻارن کي ڪاليج ۾ سيٽ ملڻ ڏاڍي مشڪل هوندي هئي. اسان ٻن ڀاهين جي وچ ۾ اچي ڦاٿاسين. وڏي هڻ هٽان کان پوءِ مس وڃي ڪا صلاح ويٺي. منهنجي وڏي ساليءَ ايشوري پنهنجي طرفان بمبئي ۾ منهنجي سالي نردوش جي گهر ۾ رهڻ جي هام هنئي. نردوش هانگ ڪانگ ۾ رهندو هو ان ڪري سندس گهر خالي پيو هو. سڀ ڪجهه ٺيڪ پر دل ۾ ڪنڊو چڀيل ئي رهيو. گوري بمبئيءَ هلي وئي ۽ وڃي لڪا پڙهيءَ وسيلي بيچلر آف ڪامرس جي ڊگري ورتائين. جنهن سهڻي نموني سان هن پنهنجي پڙهائي ڪئي ۽ پاس ٿي، ان مان سندس همٿ ۽ ارادي جي پڪائيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي. مونکي پنهنجي ڌيءَ سان پيار ته اڳ ئي هو هاڻ ته مٿس ناز به ٿيڻ لڳم.

منهنجي هڪ ٻن ويجهن دوست ۽ تعليم ماهر ماڌيو بلواڻي ۽ بمبئي يونيورسٽي جي اڳواٽي وائيس چانسلر ايس. ڊي ڪارنڪ منهنجي ڌيءُ گوري جي سندس پڙهائي ۾ دلچسپي وڌائڻ ۾ سندس تمام گهي مدد ڪئي. انهن ٻنهي همراهن ان وقت گوري جي اسٽوڊنٽ لائيف ۾ سندس تعليم ۽ پڙهائي ۾ دلچسپي وڌائڻ ۾ وڏي سهائتا ۽ مدد ڪئي. جڏهن گوري اوپري ماحول ۾ ونجي وئي هئي.

مون کي چوڻ ڏيو ته هندستان تعليم جي سڌاري لاءِ اهو ڪجهه نٿو ڪري، جيڪو ڪيس ڪرڻ گهرجي. انڊيا اڪانميءَ کي ته آزاد ڪرڻ جا ارادا رکي ٿو پر تعليم کي آزادي ڏيڻ جو وٽس ڪو به پروگرام ناهي. اسان اهو چوٽا وساريون ته هڪ مضبوط اڪانامي جو سمورو دارومدار تعليم تي آهي. اسان کي اهڙي تعليم جي گهرج ناهي، جيڪا اڌ ڪچي اڌ پڪي هجي. ان مان ڪاوڙ ڪروڌ، مايوسيون ۽ حسد پيدا ٿو ٿئي ۽ شاگرد سمجهن ٿا ته ساٽن ٺڳي تي وئي آهي. هونئن تعليم ته دان آهي، خيرات آهي. جيڪو مليو تنهن تي راضي رهو وڌيڪ نه گهرو. نه منجهس گهرائي آهي، نه اڳتي جي سوچ. فقط جاگرافي جي حدن ۾ قيد. ڪتابي پڙهائيءَ سان شروع ٿئي ٿي، ڪتابن تي ئي پوري ٿئي ٿي. ميڪاوليءَ

جي نظرئي موجب پئي هلي. مدي خارج ۽ ڪاغذي ڊوڙ ۾ ئي پوري، پر گوَري جي گريجوئيٽ ٿيڻ تي گهٽ ۾ گهٽ گهر ۾ هڪ گريجوئيٽ ته آيو ۽ ظاهر آهي، پيءُ جي خوشيءَ جو ڪو نڪاٽو ڪونه هو. اها خوشي، اهو ناز ان ڪري به وڌيڪ پئي ٿيو جو منهنجي پنهنجي تعليم تمام ٿوري هئي ۽ جيڪي ڪجهه مون سکيو سو دنيا جا ڌڪا ٿاپا کائي سکيو. جتي مليو جيڪي مليو سو ميڙي سهيڙي پئي پانڌ ۾ وڌم.

انهن ڏينهن ۾ هڪڙي صلاح جُڙي آيم. هونءَ ته منهنجي هر سوچ هر لوچ هندستاني آهي، پر خيال آيم ته گوَريءَ کي ڇو نه جنيوا ۾ داخلا ڏياريان. اها رٿ اوچتي هئي. مون جهڙي ماڻهوءَ جي مزاج جي بلڪل ابتڙ هئي، پر پوءِ به مون سوچيو ته گوَريءَ جي زندگي کي هڪ نئين موڙ جي ضرورت آهي. ان ڪري، اسان هن کي مانتريوڪس ۾ واقع اسڪول انسٽيٽيوٽ ويلا پئاريفيو (Institue Villa Pierrefeu) ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. اسڪول جي پرنسپال ميڊم وائيواني نيري (Madam Viviane Neri) سٺي ساک رکندڙ آهي ۽ گوري اتان ئي سکيا وٺي ٻاهر نڪتي. توهان جيڪڏهن مون کان پُڇندؤ ته آخر اها ڪهڙي لاچاري هئي ته ايتري ساري رقم خرچ ڪري، رڳو ان لاءِ پار کي ٻاهر موڪلجي ته هوءَ اتي وڃي ڪيلا چلڻ ۽ هٽ ۾ ڪانٽو ۽ ڇُري جهلڻ جا هنر سکي، ته مان جواب ڏئي نه سگهندس. پر گوَري جي شخصيت ناهڻ ۾ ان اسڪول چڱي مدد ڏني. اوير ۽ اولهه جي ڪلچر جي ميلاپ ۽ انهن ٻنهي مان لاپ پائي گوَريءَ گهڻو ڪجهه پرايو. اسان جا دوست ڪمل ۽ پرڪاش هندوجا جنيوا ۾ رهندا آهن ۽ انهن واعدو ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي مدد جي ضرورت پئي ته هو ضرور ڪندا.

سئٽزرليند ۾ ٻيا سنڌي به رهندا هئا. سينٽ مارٽين جون ٻه جاڙيون ڀينر، شانو ۽ شالني ته سنڌس پڪيون ساهيڙيون ٿي ويون ۽ اڳتي هلي صلاح ٻيهاريائون ته گوَري سندن ڀاءُ اجئه جي لاءِ مثالي جيون ساٿي ٿيندي.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. ڳالهه منجهان ڳالهه نهندي رهي، ۽ پوءِ هڪ ڏينهن وينا ۽ مان جهاز ۾ چڙهي ڪئريبين ڏانهن راهي ٿي وياسين.

اجئه ۽ گوَريءَ جي شادي ٿي وئي آهي. گوَريءَ جو نئون نالو آهي هنيشا. ٻي پٽ اٿس: نيليش، امر ۽ هريتڪ. شاديءَ جي هر ڳالهه ڏاڍي آرام سان ائين ٿي گذري جو پتو ئي نه پيو. لڪيا ائين ئي ٿيندا آهن.

منهنجيءَ هن ڌيءَ ۾ مريادا ۽ مٽيا جي کوٽ ناهي. هڪ ڀيري منهنجي جهوني دوست، سرڳواسي منوچاٻڙيا، مونکي ٻڌايو ته جڏهن هو ۽ سندس گهرواري وديا سينٽ مارٽين گهمڻ ويا ته گوريءَ ۾ بزنيس ڪرڻ جا گُڻ ڏسي دنگ رهجي ويا. منجهس ماڻهوءَ کي موهڻ جي جيڪا ڏات مليل آهي، سا ورلي ڪنهن ٻئي ۾ هوندي. منوءَ سٺ هزارن ڊالرن جا زيور خريد ڪيا ۽ جڏهن بل ڏيڻ جي لاءِ ڪيسي مان ڪريڊٽ ڪارڊ ڪڍيائين ته گوَريءَ چيس "پرواهه ناهي توهان جويلري گهر ڪٽي وڃو. جيڪا توهان کي وٽي سا

رکوءِ باقي رقم سميت موٽائي ڏجو.“

منوءَ چيس، ”مون تي ايترو ويساهه اٿئي؟“

”جيڪڏهن مان توهان تي ڀروسو نه ڪنديس، انڪل.“ گوُريءَ وراڻيو ”ته پوءِ ٻيو ڪنهن تي ڪنديس؟“ جڏهن هو موٽي دبئي آيو تڏهن مون کي چيائين، ”رام، توتي سچ پچ ايشور جي وڏي ڪرپا آهي؟“ مون وراڻيو ”مون کي ڄاڻ آهي.“ اهي ڳالهيون مونکي پاڻ تي ناز ڪرڻ سان گڏوگڏ نماڻو پڻ ڪنديون آهن. هتي مون کي هڪ ننڍڙو واقعو ته ياد اچي. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن گوُري سينٽ مارٽين ۾ وچي گهر وسايو هو. هيءَ اها ڇوڪري هئي، جنهن ڪڏهن به پنهنجي تن تي هڪ زيور به نه پاتو هو پر هاڻي هوءَ جويلريءَ جي ننڍڙي سلطنت جي مالڪ هئي. هن کي ته تور ماپ جي به خبر ڪانه هئي. رتيون، تولا، ماسا، گرام سندس سمجهه کان ٻاهر هئا. پر هاڻي اوچتو ئي اوچتو پاڻ کي هيرن جي سمنڊ ۾ ترندي ڏٺائين. ايتري ساري دولت، موتي، مڻيا، هيرا ۽ جواهر ڏسي به هن جي طبيعت ۾ ڪو ڦيرو نه آيو. ها، ايترو سو ٿيو جو ڪيس قيمتي پٿر وڻڻ لڳا. جيتوڻيڪ هوءَ آهستي آهستي بزنيس جا گُر سکندي وئي، پر ان هوندي به هوءَ سنڌي ڏڻن وارن ملهائڻ ۾ سڀ کان اڳري رهڻ لڳي هئي. خاص طور سنڌي سال جو پهريون ڏينهن ”چيٽي چنڊ“ هن جي ئي ڪوشش سان پهريون ڀيرو ڪئريبين ٻيٽن تي ملهايو ويو. ٻيٽ تي سڀ کان ننڍي چمار واري ڇوڪري هئڻ ڪري، ايڏو وڏو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ ڏاڍو ڏکيو هو پر پنهنجي گهرواري، اجئه ۽ سس ۽ سهري، ورڪا ۽ ديالداس، جي پوري پوري سهائتا سان هن اهي ڪمال ڪري ڏيکاريا جو ڳڻن جو من موهي وڌائين. اڄ ڪئريبين ۾ ڪو به فنڪشن گوُريءَ جي صلاح کان سواءِ اڻ پورو ليکيو ويندو آهي. ڀلي ته اهو ڪنهن جو جنم ڏينهن هجي يا سالگرهه يا وري جاتيءَ جو ڪو فنڪشن سمورو ڪم گوريءَ جي حوالي ڪيو ويندو آهي.

مون کي هڪ ڀيري ڏاڍي خوشي گاڏڙ حيرت ٿي، جڏهن گوُري کي رام بخشاڻيءَ جي ڌيءَ بدران مونکي هنيشا جي پتا طور سڃاڻپ ڪرائي وئي. ان ڏينهن مونکي پڪ ٿي وئي ته اسان جا لايا سجايا ٿيا آهن. جنهن سمجهداري سان هوءَ ماڻهن جي خطن يا فون جا موٽائي جواب ڏئي ٿي يا ڪنهن کي سندس معمولي چڱائي جي بدلي مهرباني چوي ٿي، يا ٻين سان همدرد ۽ هڏ ڏوکي ٿئي ٿي، ته انهن سڀني ڳالهين جي ڪري ڪيس ڏاڍو پسند ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪو به تهوار، ڏڻ، موقعو يا فنڪشن گوُريءَ کان سواءِ ٿئي، سو سوچي به نٿو سگهجي. ڪنهن به پيءُ جو جيڪڏهن هڪ ٻار سُکي آهي، پنهنجي گهر ۾ آسودو آهي، ته پيءُ پاڻ کي ڀاڳوان سمجهندو آهي. جن جا به ٻار خوش هجن، سي پاڻ تي ايشور جي ديا سمجهن. پر جڏهن تن جا ٽيئي ٻار هر فڪر کان آجا، هر چنتا کان دور ۽ سکيا سهنجا هجن، ته پوءِ سواءِ ان جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي ته آسمان ڏانهن منهن ڦيري، آهستي سان چئجي، ”ڌنيوادا!“

چوندا آهن تہ تاريخ پاڻ کي دهرائيندي آهي. اوچتو چيتنا بہ پاڻ کي پنهنجيءَ وڏي ڀيڻ واريءَ جاءِ تي بيٺل ڏٺو. چيتنا ڏاڍي شرميلي، خاموش، اڪيلي چوڪري هئي. تمام گهٽ گهرندي هئي، ان ڪري اڪثر ڪيس نظر انداز ڪيو ويندو هو. پر پوءِ جڏهن وقت اچي پهتو تڏهن سندس اندر ۾ ويٺل هڪ بهادر ناري جاڳي اُٿي.

مان هميشہ ان خيال جو رهيو آهيان تہ مائٽ پنهنجي اولاد کي تعليم کان وڌ ٻي ڪا سوکڙي ڏئي نٿا سگهن. مائٽ امير هجن يا غريب، پر پنهنجي حال ۽ حيثيت آهر کين ٻارن کي تعليم ضرور ڏيڻ گهرجي. لفظ تعليم رڳو پڙهڻ کي چوڻ وڏي ڀُل ٿيندي. ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي اوچي ۽ اونهي انداز ۾ وٺڻ گهرجي. عورتون پڻ تمام وڏيون دانشور ٿي سگهن ٿيون. کين پنهنجي مقرر ڪيل ماڳ کان هٽائڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. اهو ئي سبب آهي جو عورتون اُن سماج ۾ وڌيڪ ڪامياب آهن، جتي ڪليءَ دل سان کين تعليم ڏني ويندي آهي. يو.اي.اي. جو مثال ئي ڪٿي وٺو. هت عورتن جي نہ رڳو اهميت آهي، بلڪ ان اهميت کي ذهن ۾ رکندي هو نہ رڳو نتيجا ٿيون ڏين، بلڪ سٺا نتيجا ٿيون ڏين. يو.اي.اي. اهو ملڪ آهي، جنهن عورتن کي تعليم ڏيڻ جي ضرورت کان گهڻو اڳتي وڃي کين اها تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سهوليتون پڻ حاضر ڪري ڏنيون آهن. ان ڪري شاديءَ ۽ تعليم جي اڻ–برابريءَ واري مقابلي ۾ اڪثر شاديءَ جي ڀيٽ ۾ تعليم گوءِ کٽي ويندي آهي.

هن ڀيري پڻ اسان ممبئيءَ جي باري ۾ سوچيو پر لڳو تہ هاڻي حالتون ساڳيون نہ رهيون آهن. پهريون تہ ايشوري پنهنجين مجبورين جي ڪري ايڏو گهڻو وقت ممبئي ۾ رهڻ کان لاچاري ڏيکاري. ڪتنب کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ ۽ وينا کي ممبئي موڪلڻ جي ڳالهہ مونکي ٻنهہ نہ وڻي. اين.آر.آءِ جو پراڻو معاملو ٻيهر جاڳي اُٿيو هو ۽ هنن جي حقن لاءِ اسان هڪ دفعو وري پهاڙ سان مٿو ٽڪرائي رهيا هئاسين. اڳيان ڪو ٻڌڻ وارو ڪونہ هو. 25 ملين هندستاني ملڪ کان ٻاهر رهي هاءِ گهوڙا ڪري رهيا هئا. پر اڳيان بہ رڌن اڳيان رباب وڄائنا هئا. ڪا بہ شنوائي ڪانہ ٿي ٿي. حاسد ۽ ساڙولا ماڻهو کين ڪا بہ رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نٿي ٿيا.

ڪرڻي اها ٿي جو هڪ رات منهنجي ملاقات پنهنجي دوست ڪشن جيتواڻيءَ سان ڪنهن ڊنر تي ٿي وئي. هن سان گڏ سندس ڌيءَ پريا بہ هئي، جنهن اڃا تازو رچمنڊ (لنڊن) ۾ ڪاليج جي تعليم پوري ڪئي هئي. مونکي پريا جي هوشياري، سمجهہ ۽ ڄاڻ موهي وڌو. ڪشن چيو تہ هو پريا جي پڙهائيءَ کان ڏاڍو خوش آهي. هن ان ڪاليج جي ڪلي دل سان نہ رڳو واکاڻ ڪئي، پر زوردار سفارش بہ ڪئي. بس، مونکي جيڪڏهن ڪا چنتا هئي تہ اها تہ منهنجي ڌي ايڪانت پسند هئي ۽ اسان کي ڇڏي لنڊن پڙهائڻ لاءِ وڃڻ تي شايد راضي نہ ٿئي. اهو منهنجو خيال هو. مون ساڻس ڳالهہ چوري مس تہ هوءَ هڪدم تيار ٿي

وئي. پيئر ويچارا پنهنجن ٻارن جي اندر جي اونهائيءَ ڪان هميشہ اڻ ڄاڻ رهندا آهن. منهنجي خيال ۾ اسان پنهنجن ٻارن جي معاملي ۾ پاڻ ايترا تہ فڪرمند هوندا آهيون. جو ڪين سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪندا آهيون.

جلد ئي هوءَ تيار ٿي پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ لنڊن رواني ٿي وئي. جيئن چارلس لئمب چيو آهي تہ "علم جي گهارين" مان گذرڻ لاءِ تياري گهرجي. تيئن سندس محنتي طبيعت بہ ڪيس علم جي گهارين مان پار اُڪاري وئي. هوءَ جڏهن موٽي آئي, تڏهن وڏي شان سان "آنرز" ڪري موٽي. اسان ڪي لڳو تہ اسان سندس نالو "چيتنا" هروبرو ڪونہ رکيو هو. هوءَ پنهنجي نالي جو ڀرم رکي آئي. وينا جي سوٽ وشي ڀارواڻي ۽ سندس گهر واريءَ پريا سندس لنڊن ۾ ڏاڍي مدد ڪئي.

جڏهن واپس آئي, تڏهن مون ڏٺو تہ هاڻي هوءَ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو فيصلو ڪري آئي آهي ۽ اهو فيصلو هو پنهنجي جاتيءَ جي سيوا ڪرڻ جو. مون تہ ائين پئي سمجهيو تہ منهنجي ڌيءَ ۾ ٿوري ٿوري بغاوت جي جهلڪ بہ پئي نظر آئي, پر اها بغاوت نہ, سندس اعتماد ۽ پڪو پهہ هو. هن ڪي پنهنجين جڙن ۽ بنياد ۽ سڃاڻپ جي احساس پهاڙ جيان پختو ۽ اڏول بنائي ڇڏيو هو. هوءَ هاڻي تہ پنهنجي آدرشن لاءِ بحث ڪرڻ ڪان بہ ڪونہ پئي ڪيٻائي.

مون ڪي سندس اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي. هوءَ ٻين ڪان مختلف ضرور هئي, پر هئي ساڳئي خيال رکڻ واري, پرگهور لهڻ واري ۽ پاڻ تي ڀرسو ڪرڻ واري. منهنجي سينيئر ساٿيءَ, دادا رام پنجواڻيءَ, جيڪو سنڌي جاتيءَ جو سپيتائي سفير سڏيو ويندو هو تنهن هڪ لڳا چيو هو تہ اسان سنڌين جي جسم جي بہ هڪ ٻولي ٿيندي آهي, جيڪا ڳالهائڻ ڪان سواءِ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندي آهي. اسان جي اها جسماني ٻولي (Body Language) ئي اسان ڪي هڪ ڌار حيثيت ڏئي ٿي. اسان جي ڳالهائڻ واري لهجي ۽ اشارن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ سمايل آهي, جيڪا فقط ٻيو سنڌي ئي سمجهي سگهي ٿو. پنهنجائپ جو اهو احساس, دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ هجون, اسان ڪي آٽي هڪ ٻئي جي ويجهو ٻيهاريندو.

چيتنا ڪي هميشہ ٻارن سان پيار هوندو هو. هر عمر جا ٻار ڪيس چاهيندا هئا ۽ هوءَ بہ مٿن اول گهول پئي ويندي هئي. ان ڪري هن وڏي شوق سان مانٽيسوري ڪورس ڪنيو. ڪورس پورو ڪرڻ ڪان پوءِ وچي هڪ مانٽيسوري اسڪول ۾ نوڪري ڪيائين. پئسن ڪاڻ نہ, پر رڳو پنهنجي دلي لڳاءَ ۽ سڪون خاطر. ننڍڙن ٻارڙن سان پنهنجي تجربي ڪي ونڊڻ جو ان ڪان وڌيڪ سٺو موقعو ڪيس ٻيو نہ ملي ها. جواب ۾ ڪيس مليو صبر, همٿ ۽ ٻارن ڪي سمجهڻ ۽ سندن گهرجن جي پرائي ڪرڻ وارو ڏانءُ. مان ٻي خوف ٿي چئي سگهان ٿو تہ هن نہ رڳو ٻارن سان پنهنجي ٽريننگ دوران پيار ۽ هڪ جهڙائيءَ جو ناتو جوڙي ورتو, پر پاڻ ڪي بہ هڪ ماءُ ٿيڻ لاءِ تربيت ڏئي ڇڏيائين.

اڄ چيتنا, بنتيءَ جي جيون ساٿي آهي. بنتي دبئي ۾ لوهہ جو ڪاروبار ڪندو آهي. ڪين هڪ ڏاڍي پياري ڌيءَ جانوي آهي. جنهن نموني سان سندس پالنا ٿي رهي آهي, ان کي ڏسي ڪو بہ چئي سگهندو تہ هوءَ سمجهوءِ سلڇڻي ٿيندي. مون کي پنهنجي ڌيءَ چيتنا کي ڏسي بي انتها خوشي ٿي. اُن ڪري جو هن پنهنجي نندپڻ جي خاموشي ۽ شرميلي پڻ کي ٽوڙي, پاڻ کي بلڪل هڪ نئون انسان بنائي ڇڏيو آهي. مون بہ دفعا حالتن کي قسمت جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ جيئن ڪيس وٽي تيئن منهنجي تقدير لکي ۽ قسمت ٻئي دفعا مون تي مهربان ٿي آهي.

مون گهڻا ئي حيلا هلايا تہ منهنجا ٻار هندستان جي وايومنڊل ۾ ئي رهن ۽ پنهنجي رهڻي ڪهڻي, ريت رسم کان پاسو نہ ڪن, پر وري بہ قسمت منهنجي غلط فهمي کي دور ڪرڻ لاءِ مون کي سبق سيکارڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي. پل تہ تازي هوا گهلي. ڇو تہ جي ٻار اٽل ارادي وارا هوندا, سگهارا هوندا ۽ سندن پالنا سٺي ماحول ۾ ٿي آهي, تہ پوءِ هو سَرَ جي ان ڪاني جيان ٿيندا, جيڪو تيز هوائن ۾ جهڪي تہ ويندو پر ٽٽي نہ سگهندو آهي. پل تہ طوفان اچن, هن تي ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيندو. منهنجي لاءِ اهي ويچار پلائي جو ڪارڻ بنيا آهن تہ منهنجو تاريخ, سيپتا ۽ ورثي ۾ پڪو پروسو آهي. منهنجون ڪيون منهنجي ويچارن جي پاڇي ۾ پليون آهن. جيئن جيئن وڏيون ٿيون آهن, تيئن تيئن هنن ڪجهہ ڪجهہ پنهنجيءَ گلوبل شخصيت جو رنگ بہ منهنجي ڏنل تربيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي هو گهڻ-پاسائين شخصيت جون مالڪ آهن.

ناني جو ڪردار نڀاهيندي, مونکي ڏاڍو مزو ايندو آهي. لڳندو بہ سچو پچو نانو آهيان. مون وٽ ايندي ٻارڙي ڏاڍيون ريهون ڪندي آهي, پر ڪيس ٿورو سمجهہ پريو ٿيڻ ڏيو. مون کان سواءِ ڪيس ٻيو ڪو ئي ڪونہ وڻندو.

هاڻي اچون ٿا ريڪا تي. منهنجي سڀ کان ننڍي ڌيءَ, سڀن جي لاڏلي. ٿوري ڪيچلي. ٿوري چلولي, ننڍڙي هجڻ جو واهہ جو فائدو ورتائين. شروع کان ئي پنهنجي هر ڳالهہ مڃائڻ جو هنر سکي وئي. وڻندڙ هئي. موهيندڙ ادائن سان دل جيتڻ تہ ڪو ڪانئس سکي. اسان مان ڪنهن کي بہ ڪيس انڪار ڪرڻ جي مجال ئي نہ ٿيندي هئي. توهان سمجهندا هوندؤ تہ اهڙين حالتن ۾ هوءَ هڪ اٽانگو ٻار ئي ٿي هوندي. ائين ناهي. بلڪل ان جي ابتڙ هوءَ هڪ پيارو ٻار ثابت ٿي. ڏاڍي هوشيار هئي. ننڍي هوندي کان هڪ ئي ڌُن سندس سر تي سوار هوندي هئي: وڪيل ٿيڻ جي. جهڙو تهڙو وڪيل بہ نہ, فوجداري وڪيل (Criminal Lawyer) ۽ هن ۾ اهي سڀ گُڻ موجود هئا.

اسان پڇندا هئاسونس, "وڪيل ٿيڻ چو ٿي چاهين؟"

ڏاڍي آرام سان وراڻيندي هئي, "انسانن جي سيوا ڪرڻ ٿي چاهيان."

پيو ڪو اهو جواب ڏئي ها تہ جيڪر ٻاراڻي يا بيوقوفي جي ڳالھ سمجھي لنوائي ڇڏجي ها. پر هوءَ ايتريءَ تہ ٺهر ۽ اعتماد ۽ ڀروسي سان جواب ڏيندي هئي جو اسان جا ڪيترائي دوست سندس ايمانداري ۽ سچائي ڏسي چپ ٿي ويندا هئا.

اها ڏاڍي عجيب ڳالھ هئي جو ٽيون دفعو مون کي ساڳئي تجربي مان گذرڻو ٿي پيو ۽ اها ڳالھ مون کي ڪانہ ٿي وڻي. ممبئي وڃڻ هڪ دفعو وري پهاڙ جيڏو مشڪل ڪم ٿي پيو. وڏ ۾ وڏ اسان پوني تائين وڃي سگھياسين، پر ان مان ڪم نہ ٿيو.

منهنجي حالت جو اندازو اُهي مائٽ چڱيءَ طرح لڳائي سگھندا، جن کي خبر هوندي تہ سندن ٻار هوشيار ۽ لائق آهي ۽ ڪيس اهو ڪجھ ملڻ گھرجي، جنهن جي هو چاهنا ڪري ٿو. پر هو اهو پائي ان ڪري نٿو سگھي جو سندس اميد ۽ ماڳ جي وچ ۾ سسٽم جي ديوار اُڀي آهي. جيڪا هر آس تي نراشا جو پاڻي ڦيري ڇڏيندي آهي. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ چا چا نہ ڪيم، پر پاڻ کي دکي ڪرڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ بہ ڪري نہ سگھيس.

خوشقسمتيءَ سان هاڻي دبئي ۽ شارجا ۾ بہ ڪافي ڪاليج کلي ويا هئا. تعليم حاصل ڪرڻ هاڻي ڪو وڏو مسئلو ڪونہ رهيو هو پر جنهن ڳالھ ماريو ٿي، سا هيءَ تہ قانون پڙهائڻ جو ڪو جوڳو بندوبست ڪونہ هو. هندستان ۾ تہ ڪو ڪلياڻ ڪونہ ٿيو البت دبئي جي بدليل حالتن وري بہ ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏنو.

سو ريڪا 'امريڪن يونيورسٽي آف دبئي' ۾ داخلا ورتي ۽ بزنيس ائڊمنسٽريشن پڙهڻ لڳي. پيسي ڏوڪڙ جي تہ گھرج ڪانہ هئس، پر اندر ۾ اُمنگ هيس تہ ڪنهن نموني جنتا جي ڀلائيءَ جو ڪو ڪم ڪريان. پنهنجا ڪافي ڪريڊٽ ٽرانسفر ڪرائي ڪنيڪٽيڪٽ اسٽيٽ يونيورسٽي ۾ موڪليائين ۽ سندن ٻن سالن جو ڪورس چائلڊ سائڪالاجيءَ ۾ ڪيائين. سڄي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آئي. وڏي شان مان سان گرئجوئيشن ڪيائين ۽ پوءِ سفوڪ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ وئي.

روائتي تعليم سان سرشار، هن شاندر ٻار وري ٻيهر دبئي ڏانهن قدم رکيا. جڏهن دنيا هن لاءِ صرف لفظي طاقت کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ هئي. ان ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي ڪم ۾ غلطان (Immersed) ٿي وئي ۽ پنهنجي زندگي جي روز مره جي چيلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪيائين. هوءِ پنهنجي زندگي ڏانهن موٽي آئي ۽ حوصلا افزائي سان اهڙو ڪم ڪيائين، اهو ڪو وڏو ڏکيو ڪم تہ نہ هو. هن دبئي واري شارجا شهر جي هڪ خانگي اسڪول جي ڪائونسلر واري نوڪري حاصل ڪري ورتي.

ان ڪانپوءِ هوءِ آمريڪا ۽برطانيا جهڙن ملڪن سميت وڏين تعليم فرمن سان ڪم ڪندڙ دبئي جي هڪ ٻي تعليمي اداري جيمز گروپ(Gems Group) جي ڪائونسلر بڻي. تنهن ڪانسواءِ هڪ اڪيچار

پيرا ريڊيو ۽ ٽي وي شوز ۾ مختلف موضوعن خاص طور ٽي والدين جي موضوع تي ٽينڊز پروگرامن ۾ به مدعو ڪئي وئي. جتي هن بهتر انداز ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.

هن هاڻي، هڪ آمريڪي معاشي ماهر ، رميش ميرپوري سان شادي ڪري ورتي آهي. جنهن جو خانداني ڪاروبار ورهين کان آمريڪا جي گرينڊ ڪيمن جزيري جي پاسي کان هلندڙ آهي.

اهو 2006ع وارو سال ٿي هو. جڏهن اسان رميش سان مليا هئاسين. وينا ۽ مان ، گوري ۽ ريڪا رائل ڪيريبين جي سفر تي نڪتا هئاسين. اسڪيج وي ڪال جو هڪ بندرگاهه آهي. جتي اسان جو رميش سان ملڻ جو اتفاق ٿيو. جيڪو تن ڏينهن پنهنجي خاندان جي ڪاروبار ۾ مصروف هو. ريڪا ۽ هن سال جي پڄاڙي ۾ شادي ڪري ورتي. گوري ۽ اجي وري، هندستاني روايت مطابق، ريڪا جي ماءُ ۽ پيءُ جو ڪردار ادا ڪندي، ڪنيادان (Kanyadan)ڪيو.

ريڪا، بطور هڪ گهريلو گهرواري ۽ جي ، پنهنجي خوبصورت ننيڙي گڏي ڌيءُ دِويا (Divyanas) ۽ پُٽُ ڌهر(Dhir) سان گڏ خوش گذاري رهي آهي. جڏهن ته هن پنهنجي ڊاڪٽوريل واري تعليم کي جاري رکڻ جو پڻ پروگرام جوڙي ورتو آهي. اسان کي اميد آهي ته هن جو مڙس هن جي زال، ماءُ ۽ نوڪري ڪندڙ عورت واري ڪردار کي مثبت انداز سان قبول ڪندو. اسان پلي پاڳ وارا ٿي آهيون، جو رميش منهنجي ڌيءُ جي هر ڪم جي هرطرح سان حمايت ٿي ڪري ٿو.

وينا ۽ مان اڄين به محسوس ڪريون ٿا ته اسان ٻنهي والدين طور پنهنجون سموريون ذميواريون سُٺي طريقي سان سرانجام ڏنيون آهن. منهنجون ٻئي ڌيئرون پنهنجي اصل زندگي جون مالڪ بڻجي ويون آهن ۽ اسان خدا جو شڪر گذار آهيون، سندس اهڙي مهرباني جا. هڪڙو ماڻهو ان کان وڌيڪ ڀيو چا گهري سگهي ٿو ته هن کي هڪ پيءُ ۽ مڙس طور ثواب جو اجورو ملي ٿي سگهي.

آخر ۾ مان پانيان ٿو ته مون کي هاڻي هن باب کي ختم ڪرڻ کي گهرجي. مان چانهه پيان ٿو ۽ ان جي ڀرپور مزو وٺي رهيو آهيان. سچ جا ڪرٽا به اڄين تڪي رهيا آهن. جڙڪ اهي منهنجي خيالن ۾ مون سان شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجن.

*

## باب ارڙهون

# ڪراڙو ۽ وڏيڪ ڏاهو

**ماڻهو جي زندگي کي سمجهڻ لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري ناهي ته هو ڪري ڇا ٿو پر ضروري اهو آهي ته هو ڪهڙو ڪم ارادتن اڻ_ڪيل حالت ۾ ڇڏي ويو.**

**جان هال گلڊاسٽون**

ڪجهه سال اڳ، جڏهن مون ويشنو ٿيڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن منهنجي دوستن کي ڏاڍو عجب لڳو. ڪين خبر هئي ته دبئي اهو شهر آهي، جتي دنيا جي هر ملڪ جو کاڌو ملي سگهندو آهي. منهنجي جواب کين وڏيڪ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هوندو.

چيم، ”ڪو خاص سبب ڪونهي. بس، ائين ئي. فقط سولائيءَ خاطر.“

پنهنجي روحاني گهرجن جي پورائي لاءِ مون ڪڏهن به پنهنجون کائڻ جون عادتون نه مٽايون. مونکي ڪڏهن ان قسم جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي. گوشت واپرائڻ سان روحانيت جي راهه ۾ ڪا رڪاوٽ پيدا ٿيندي، اهو ته مون ڪڏهن سوچيو به نه هو. مونکي ته اها به خبر ناهي ته ڌرمي ڪتابن ۾ گوشت واپرائڻ جي خلاف ڪجهه لکيل به آهي يا نه. پر اها پڪ اٿم ته اسان جيڪو ڪجهه کائون ٿا، ان جو اسان جي چال چلت ۽ چرتر تي وڏو اثر پوي ٿو. کاڌي جي عادتن کي پختو ڪرڻ ۾ ماحول ۽ وايومنڊل جو به وڏو دخل ٿئي ٿو. مثال طور، ايسڪيمو ٽنڊرا ۾ ۽ بدو صحرا ۾ گوشت کائڻ کان سواءِ جالي نه سگهندا.

منهنجي ويشنو ٿيڻ ۾ نه ڌرم جو دخل هو ۽ نه وري ڊاڪٽرن جي صلاح شامل هئي. منهنجي کائڻ جي عادتن ناهڻ ۾ ڊاهڻ ۾ به واقعا اهڙا ٿي گذريا، جن منهنجي دنيا ئي بدلي ڇڏي. پهريون واقعو تڏهن پيش آيو جڏهن مان بزنيس سانگي تائيوان ويس. منهنجي ميزبان منهنجي مان ۾ ڊنر جو بندوبست ڪيو. هن اهڙي سوپ جو آرڊر ڏنو جيڪو اتي جي کاڌن ۾ خاص اهميت رکندو هو ۽ ان کي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مهارت ڪپندي هئي. انگريز اهڙي کاڌي کي Delicacy چوندا آهن. جڏهن اهو سوپ منهنجي ٽيبل تي آندائون، تڏهن منهنجو چرڪ نڪري ويو. اهو نانگ جو سوپ هو. منهنجي دل ايڏي ته خراب ٿي جو هٿ پير ٺري ويم. مون ڏاڍي عاجزيءَ سان اهو سوپ پيئڻ کان لاچاري ڏيکاري. منهنجو ميزبان ته صفا وائڙو ٿي ويو. هن ويچاري ته مونکي خوش ڪرڻ لاءِ ڳري اگهه تي اهو سوپ آرڊر ڪيو هو. اج به جڏهن اها ڳالهه ياد

ايندي اٿم ته بدن مان ڏرڙيون نڪري ويندڀون اٿم.

پيو واقعو به تائيوان ۾ ئي ٿيو. مان پنهنجي هڪ دوست جي ننڍي ڌيءُ جي برٿ ڊي پارٽي ۾ ويل هوس. جڏهن مان هال ۾ اندر ويس ته ڏٺم هڪڙو باندر زنجيرن سان هڪ ڪرسي سان ٻڌو پيو هو. باندر کي اهڙو ته سوگهو ٻڌو هئائون جو ويچارو جسم جو ڪوبه حصو چوري نٿي سگهيو. جڏهن سڀ مهمان گڏ ٿي ويا، تڏهن باندر جي مٿي جو مٿيون حصو ڪات سان ڪپي، ان مان ميڄالو ڪڍي ٻاهر ڪيائون. باندر جو ميڄالو Delicacy سمجهيو ويندو آهي! منهنجا ته ماشا ئي گم ٿي ويا. اهو ڏيک اڄ به جڏهن ياد ايندو اٿم ته منهنجا وار ڪڙا ٿي ويندا آهن.

اهي ٻئي واقعا مونکي ننڊ ۾ به رڙيون ڪرائيندا آهن. مون سوچيو ته جيڪڏهن مان دنيا کي بدلائي نٿو سگهان ته گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي ته بدلائي سگهان ٿو. پنهنجي کاڌي پيتي جي عادتن کي بدلائي سگهان ٿو. اهي ته منهنجي پنهنجي وس ۾ آهن. اهڙيءَ طرح، مون ماس کائڻ ڇڏي ڏنو ۽ ويشنو ٿي پيس.

اڃا به هڪ ٻيو واقعو اهڙو ٿيو جنهن مونکي پنهنجي کاڌي جي باري ۾ نئين سر سوچڻ تي مجبور ڪيو. اها 70 جي ڏهاڪي جي آخر جي ڳالهه آهي. مان جپان کان دبئي پئي آيس. رستي ۾ جهاز ٿوري دير لاءِ سينگاپور ۾ ترسڻو هو. اتفاق سان مان سينگاپور ۾ بيمار ٿي پيس. ان ڪري اڳتي جي مسافريءَ ۾ ٻن ڏينهن جي دير ٿي وئي. سينگاپور ۾ سخت گرمي ٿيندي آهي ۽ مون وٽ گرم موسم جا لٽا ڪونه هئا. جپان لاءِ جيڪي اوني ڪپڙا ڪٽي ويو هوس، سي ئي ساڻ هئم. ان ڪري چيم ته چو نه وڃي بازار مان هڪ ٽي شرٽ ۽ هڪ پتلون وٺي اچان. هاڻي انهن ڏينهن ۾ منهنجو وزن هو 130 ڪلوگرام ۽ ڪالر جي سائيز هوندي هيم ساڍا سترهن انچ. سون تي سهاڳو اهو جو منهنجي چيلهه جي ماپ هئي 46 انچ. اهڙن ماڻهن جي سائيز کي عام طور XXL سائيز (ايڪسترا ايڪسترا لارج) سائيز چوندا آهن. هڪ دڪان کان ٻئي تي، ٻئي کان ٽئين تي، وتان ڳوليندو پر منهنجي ماپ جا ڪپڙا اچن ڪٿان؟ سينگاپور جا ماڻهو جسم ۾ هلڪا آهن، سو وتن وڏي ۾ وڏي سائيز به هئي لارج سائيز. مان هئس ڊبل لارج. هاڻي ڇا ڪريان؟ اچي آزار ۾ پيس. لاچار کان اهي ئي اوني ڪپڙا جيڪي ساڻ هئا سي ئي ڪٽي پاتم. جهاز ۾ وينس ته ويٽر پنهنجيءَ ٿولهه جي احساس ماري وڌم. منهنجو پيٽ پيو اڳينءَ سيٽ سان رهڙجي ۽ پر ۾ ويٺل همراهن جي هنج ۾ ڪري. ڏاڍو شرم آيم. دبئيءَ اچي ڊاڪٽر سان صلاح ڪيم. هن چيو ته وزن گهٽائي 90 ڪلوگرام تائين آڻ. وزن گهٽائڻ لاءِ گهٽي پروٽين وارا کاڌا بند ڪرڻا پيا. پنجن ڇهن مهينن ۾ مون 40 ڪلوگرام وزن گهٽائي آڻي 90 ڪلوگرام تي پُڄايو.

منهنجي ٿولهه گهٽجڻ جو ماڻهن تي ڏاڍو سٺو اثر ٿيو. مون کي ياد آهي ته هڪڙي پارٽيءَ ۾ ويس. اتي دبئي جو مشهور بزنيسمين الفردان به آيل هو. مون کي ڏسي خالص اردوءَ ۾ چيائين، "تمهارا باب ڪيسا

ھي؟“

گھڻيءَ دير ڪان پوءِ ڳالھ سمجھ ۾ آيم تہ الفردان منھنجي پيءُ جي لاءِ نہ، خود منھنجي باري ۾ پُڇي رھيو ھو. جڏھن ٻڌايو مانس تہ تون رام بخشاڻي سان ٿو ڳالھائين، سندس پٽ سان نہ، تڏھن ڏاڍو کليو.

منھنجي وزن گھٽائڻ تي ’معروف خواجا‘ گلف نيوز جي اڳوڻي ھفتيوار مئگزين ”الجمع“ جنوري 1981ع ۾ ھڪ رپورٽ ڇاپي ھئي، جيڪا ھن ريت ھئي:

”ڪاسموس ۾ آءِ ٽي ايل جي جنرل مئنيجر رام بخشاڻيءَ پنھنجي 90 ڏينھن واري ”پاھر نڪتل پيٽ واري لڙائي“ ڪان پوءِ پنھنجون ٽوٽ برش جھڙيون مڇيون ڪوڙائي ڇڏيون آھن. دوستن ۽ مخالفن، جن جو خيال آھي تہ مُڇن ڪي ڇٽ ڪرائڻ پڻ بخشاڻي جي ان سخت پرھيز جو ھڪ حصو آھي، جنھن ۾ ڳول مٿول رام ھاٿي سوپارو ٿيو آھي ۽ سنھڙو سيڪڙو ماڻھو ٿي پيو آھي. تن جو چوڻ آھي تہ جڏھن رام جي چربي ختم ٿي وئي آھي، تڏھن ھن پنھنجو سڄو ڌيان پنھنجي مٿئين چپ تي ڏئي ڇڏيو آھي، جنھن منجھان پڻ گھاٽن ڪارن وارن جي ھڪ گرام جي ڌھينءَ پتي جيتري وزن جون مڇون ڇٽي اچي پٽ پيون آھن. رام جي گم ٿيل مُڇن جو ھڪ تڪڙو نتيجو تہ اھو نڪتو جو بخشاڻي جھڙو ماڻھو جيڪو پنھنجي 44 انچن جي پيٽ واري چربيءَ، ڏيڍ ڳچيءَ ۽ ٽيٽين ڇاتين جي ڪري پري ڪان سڃاتو ويندو ھو ھاڻي دبئيءَ جي رات وارين محفلن ۾ بلڪل اجنبي ٿو لڳي. مشھور چوڻيءَ جيان اُٺ جي مٿان آخري ڪک تڏھن پيو جڏھن رام جھڙو ڄاتل سڃاتل ۽ اڻ وسرندڙ ماڻھو جيڪو پنھنجو سنھڙو ھٿ ورائي، وڏن ڏندن جو نماءُ ڪندي، مرڪي ماڻھن سان ملندو ھو تنھن کي پنھنجن دوستن، يارن ۽ واقفڪارن بہ سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪن تہ چيو تہ ھيءُ اھو بخشاڻي آھي ئي ڪونہ. جنھن کي گذريل سال مان سنگھ پھلوان سان گڏ رنگ ۾ ڏسي ماڻھن سمجھيو ھو تہ اجھو ٿي ٻنھي جي وچ ۾ ڪشتي ٿئي.

مڇون تہ ٻن ھفتن ۾ ٻيھر اُڀري پنھنجي جوبن تي پھچي ويون. پر انھن جي ڪري سندس عمر وري بہ ڏھ سال وڏيڪ ڏيکارجڻ لڳي. ويچاري وڏيءَ محنت سان مڇون ڪوڙائي، پيٽ گھٽائي، پنھنجي عمر بہ ڏھ سال پوئتي ڪري ڇڏي ھئي. ھا، اھو ياد رکجو تہ مڇن ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونہ وڃايو اٿس.

رام بخشاڻي جي وزن گھٽائڻ ۾ نہ تہ ڪسرت جو ھٿ آھي، نہ ڏنڊ ڪڍڻ، نہ پڃري ڪٽڻ، نہ سنھي ٿيڻ جي گورين جو ڪمال. بس، فقط ھڪ ھٿيار اٿس، جيڪو پڻ اڪين ڪان اوجھل آھي. توھان ۽ اسان ان کي سندس پڪو ارادو (Will power) سڏيندا سين. پر ڊاڪٽر ڊينگ، جنھن اھو سڄو تماشو پري ڪان ٻيٺي ڏسو سوان کي نالو ئي پيو ٿو ڏئي. ھو چوي ٿو تہ رام جي سنھي ٿيڻ پويان ”جيئري رھڻ جي تمنا“ وارو راز آھي. ماڻھو اھو نسخو تڏھن واپرائيندا آھن، جڏھن کين ھاءِ بلڊپريشر، شگر ۽ دل جون بيماريون وکوڙي وينديون آھن.

رام چواڻيءَ، اهو مسئلو وات بند ڪري بکون ڪاٽڻ يا رنڌڻي کي تالو لڳائڻ، يا جوڳي ٿي ڌوڻي دمائڻ جو ناهي. مون وٽ جيڪا فارمولا آهي، ان ۾ سماجي پڪشو ٿيڻ جو نالو نشان بہ ڪونهي. ڪائو جيترو اوهان جي دل چاهي، پر اهو نہ جيڪو اوهان جي دل چاهي.

نتيجو اهو آهي تہ اوهين اهي شيون نہ کائو جنهن ۾ نشاستو کنڊ ۽ چربي هجي، ڇو تہ چربي اڳ ئي اوهان جي پيٽ ۾ ڍڳن وٽ جام پريل آهي.

نشاستو نہ هجڻ جو مطلب آهي تہ نہ پٽاٽو کائو نہ روٽي، نہ چانور يا اناج مان ٺهيل کاڌا. ڪن دالين ۾ بہ نشاستو ٿيندو آهي، مثال طور اڙد جي دال. ان دال ۾ ايترو تہ ڪلف هوندو آهي جو رام چواڻيءَ، ڪنهن زماني ۾ ماڻهو گهرن ٺهرائڻ وقت پٿرن کي جوڙڻ لاءِ سيمينٽ جي جاءِ تي اُڙد جي دال استعمال ڪندا هئا. توهان کي اها خبر آهي تہ قطب مناري جا گرينائيٽ پٿر اڙد جي دال مان ٺهيل، سيمينٽ کان بہ پڪيءَ لئيءَ سان ڳنڍيل آهن؟ جيتوڻيڪ سڀني اناجن ۾ نشاستو ڪونہ ٿيندو آهي، پر رام جو چوڻ آهي تہ ڪجهہ وقت لاءِ سڀني اناجن کان پاسو ڪجي تہ چڱو. ڪڻڪ تي پيل بندش، جنهن اسان کي جنت مان نيڪالي ڏياري، سا ان مان ڪڍيل عرق تي پڻ پيل آهي. ان ڪري ان بوتل کي بہ ڇڏڻ گهرجي جيڪا ڪڻڪ مان ڪڍيل عرق سان پريل هجي، جيڪو پهريون تہ پاڻياٺ آهي، پر اڳتي هلي سخت چربيءَ جي شڪل ۾ بدلجي وڃي ٿو. جيڪڏهن توهان مناڻ کائڻ جا شوقين آهيو تہ انگريزي ۾ چئبو تہ اوهان کي مٺو ڏند آهي (Sweet Tooth).ان ڪري چڱو تہ ائين ٿيندو تہ اوهان اهو ڏند ئي ڪيرائي ڇڏيو يا وري ڪنهن بہ مٺيءَ شيءِ جي ويجهو نہ وڃو چاهي اها پاڻياٺ هجي يا سخت. ها، محبوب جي چپن لاءِ هيءُ نسخو ڪارگر ناهي! چانهہ جي ڪوپ پنيان ڪوپ پيئڻ وارا ڏينهن هاڻي گذري ويا. ڊاڪٽر ڊينگ تہ نقلي مناڻ کان بہ جهليو آهي. چانهہ ۾ وجهي پيئڻ واريون اهي گوريون هونديون تہ برابر مٺيون آهن، پر سندن پڇاڙي ڏاڍي ڪوڙي ٿيندي آهي. صبح جو پهريون چانهہ جو ڪوپ چربي گهٽائڻ لاءِ فائدي وارو آهي. پر رام چواڻيءَ، منجهس ليمون نپوڙي وجهڻ سان پيٽ جي اندرين پٽين جي چربي بہ ڳري ويندي آهي. ٿورن لفظن ۾، هر شيءِ کائو ۽ خوب کائو ۽ کائيندا رهو جيستائين اها تيل يا ڀاڄين يا جانورن جي چربي مان تيار ٿيل ناهي. ڪنهن جي بہ ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪريو تہ ڪي تيل اهڙا بہ آهن جن ۾ چربي نہ ٿيندي آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو اهڙو تيل آهي جيڪو ٿلهو نٿو ڪري، تہ اهو آهي موبل آئل ۽ موبل آئل پيٽ بجاءِ گاڏيءَ ۾ وڌو ويندو آهي. ان ڪري هر شيءِ کائو. ڪچي هجي، اڌ پڪي هجي، پڪي هجي، ڀاڄيل هجي يا اڱرن تي سيڪيل هجي يا ساڙيل هجي.

رام 90 ڏينهن بک ۾ ڏک ۾ ڪاٽيا. صبر ۽ شڪر ڪيائين. نتيجو هيءُ نڪتو: وزن 107 ڪلو کان ڪري اچي 70 ڪلو تي بيٺو چيلهہ 44 انچن مان گهٽجي 33 انچ تي وئي، ڇاتي 40 مان 38 ۽ ڪالر

جي سائيز ساڍي سترهن مان اسڪولي ٻار جي ساڍي چوڏهن سائيز ٿي وئي. ٻين انگن آڪرن ۾ وري گهٽتائي جي جاءِ تي واڌارو نظر ٿو اچي. ننڍ ڇهن ڪلاڪن جي پاسا بدلائڻ، ڦٽڪڻ ۽ تڙپڻ مان وڌي اٺن ڪلاڪن جي بي خوف ۽ گهري. ڪم ڪرڻ جي سگهه 6 ڪلاڪن مان وڌي 16 ڪلاڪ، (بئٽري ٻيهر به چارج ڪري سگهجي ٿي.)

ڪن ڳالهين جي نئين معلومات به ٿي: بنا ڪِرڻ جي تنگ مٿان تنگ رکڻ ۾ ڪهڙو مزو آهي. ٻار کي جهوليءَ ۾ ويهارڻ جي خوشي ڇا ٿيندي آهي. ياد رهي ته جهولي ٽنگن ۽ پيٽ جي وچ واري حصي کي چئبو آهي. ڇهه مهينا اڳ رام جي ٻارن کي پتو ئي نه پوندو هو ته هيءَ دادا جي گود آهي يا ڀُني آهي. هڪ ڇتاءُ به ڏيندو هلان. هن نسخي آزمائڻ سان ڪي گهاتا اهڙا به پئجي سگهن ٿا، جن جي ڇنهنڊي اهڙي جاءِ تي لڳندي آهي، جتي گهٽي ۾ گهٽو سور ٿئي. منهنجو مطلب ٻتونءَ سان آهي، ٻيءَ ڪنهن جاءِ سان نه.مثال طور، سنهي ٿيڻ کان پوءِ رام بخشاڻي کي پنهنجي سيني پراڻن ڪپڙن تان هٿ ڪڍڻو پيو. ڏزن کان مٿي سوٽ ته ٻارهن ڏزن قميصون ۽ پتلونون. بزنيس ۾ڪامياب ٿيڻ به ڊائٽنگ ۾ سوپارو ٿيڻ جي برابر آهي.

تازا چربي کان آجا ٿيل ماڻهو هميشه محاوري واري ڊيموڪليس جي تلوار هيٺان جيئندا آهن. ڪين هميشه اهو خطرو هوندو آهي ته ٿولهه ٻيهر نه اُٿلي پوي. ان ڪري جن ماڻهن تازو وزن گهٽايو آهي، سي پنهنجي ڪاميابي تي گهڻو ناز نه ڪن. رام کي هاڻي پڪ ٿي وئي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن چپاتي يا اڌ پليٽ چانورن جي کائي ويندو ته ڪيس ڪجهه نه ٿيندو. هن ڪجهه ڏينهن اڳ "توسٽ" به پيتو. کاڌي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي عادت، کائڻ جي شين ۾ خودبخود برابري پيدا ڪري ٿي. رام کي جاڻ آهي ته ڪٿي ۽ ڪڏهن بس ڪجي- مُڇون هڻڻ يا نه هڻڻ سان ڪو به فرق نٿو پوي. سوال رڳو اهو آهي ته ڇا توهان کي اها ڄاڻ آهي ته ڪڏهن شروع ڪجي؟"

کائڻ کان پوءِ منهنجي پيئڻ جو به ساڳيو حال ٿيو. مان ڪڏهن به عادي پياڪ ناهيان رهيو پر مون 20 سالن جي عمر جي لڳ ڀڳ پيئڻ شروع ڪيو. شروع شروع ۾ مان دوستن جي ڪچهريءَ ۾ پيئندو هوس. سڄي هفتي جي محنت کان پوءِ ظاهر آهي ته هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجن دوستن سان ويهي پيئڻ تي دل ٿيندي آهي. ائين ڪرڻ سان خوشي به ٿيندي هئي ۽ اڪيلائيءَ، اٻاڻڪائيءَ، ڳڻتين ۽ واپاري ڇتاپيتي کان به نجات ملندي هئي. پراڻي چوڻي آهي ته "جڏهن ڪڪڙ نشي ۾ هوندو آهي ته ٻاز جي ڳڻتي لهي ويندي اٿس."

هڪ سٺي ويڪ اينڊ (Weekend) اينڊز هفتي جي مارڪيٽ جي مقابلن کي مُنهن ڏيڻ جي طاقت ڏيندي آهي. اڳتي هلي شراب پيئڻ منهنجي بزنيس جو حصو بنجي پيو. سماجي گڏجاڻين ۾ به پيئڻو

پوندو هو. پر مون هميشه پيئڻ کي هڪ حد اندر رکيو. جيئن ونسٽن چرچل چيو هو ته ”الڪوهل جيترو مون کان ورتو آهي، مون الڪوهل کان ان کان به وڌيڪ ورتو آهي.“

پر جيئن جيئن پارٽيون وڌنديون ويون، منهنجي صبح جي ٿڪاوٽ وڌندي وئي. منهنجي خيال ۾ ان جو ڪارڻ هو مختلف شراب جو گڏيل واهپو. ان معاملي ۾ توهان جو ڪو به وس نه هلندو، ڇو ته توهان کي هڪ پارٽي مان اُٿي وري ٻي ۾ به وڃڻو لازمي آهي. هڪ ئي رات اهڙيون ڪيئي پارٽيون به ٿي سگهن ٿيون.

ان ڪري نوَ سال کن ٿيندا جو مون شراب پيئڻ بند ڪري ڇڏيو. نه صحت جي ڪري ۽ نه وري ڌرم جي ڪري مون اهو قدم کنيو. بس، مون فيصلو ڪري ڇڏيو ته هاڻي گهڻو ٿيو. هاڻي بس ڪرڻ گهرجي.

منهنجي دوستن کي اعتبار ئي نه آيو. مون پنهنجيءَ ڄمار جو وڏو حصو شراب پيئڻ ۾ گذاريو هو. ان ڪري هنن کي پڪ ئي نه پئي بيهي ته ڪو مان شراب ڇڏي ڏيندس ۽ منهنجي تندرستيءَ تي ڪو برو اثر نه پوندو. ڪن ته ائين به چيو ته سماج ۾ اڪيلو رهجي ويندين. يار دوستار ڇڏي ويندءِ. چيائون، ”سماجي توڙي واپاري گڏجاڻين ۾ سافٽ ڊرنڪ تي ڪيتري دير هلي سگهندين؟“

پر مون کي پاڻ تي پروسو هو. هنيانءَ جو ڏڍ هئم. پنهنجي ڪيل فيصلي تان نه هٽيس. سڀ کان وڏي ڳالهه ته مون کي خبر هئي ته مان پنهنجن دوستن يا گراهڪن سان پاڻيءَ جي گلاس تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪري پئي سگهيس.

مون دوستن کي اهو به چئي ڇڏيو ته جي منهنجيءَ دل پيهر پيئڻ لاءِ چيو ته پوءِ مونکي پيئڻ کان ڪو به روڪي نه سگهندو. ان ڳالهه تي هڪ تازو واقعو دل تي تري آيو اٿم. ٽوڪيو ۾ هوس. شارپ ڪارپوريشن جي پريزيڊنٽ کي مڃيدا منهنجي مانَ ۾ ڊنر ڪئي هئي. هن مون کان پڇيو ته مان شراب صحت جي خيال کان پيئندو آهيان يا ڪا ڌرمي جهل اٿم. جڏهن ٻنهي ڳالهين جو جواب نڪار ۾ ڏنم، تڏهن چيائين، ”ته پوءِ Kampai (چيئرس) لاءِ ئي ڪٽي هڪ سُرڪ پر.“

مون سندس ڳالهه مڃي ورتي. پيهر به ائين ڪندي مونکي ڪا هبڪ ڪانه ٿيندي.

هڪڙو پراڻو پر ڏاڍو وڻندڙ گيت آهي، ”اسان ڪراڙا ٿياسين ۽ ڏاها ٿياسين. پر اسان جا خواب اهي ئي ساڳيا رهيا.“

انهن مان ڪي خواب پڄي پيري، پرزا پرزا ٿي پوندا آهن. ڇو ته اسان انهن خوابن کي مذهب، ڌرم، اصول يا نظرين جي نالي ۾ پنهنجي لاءِ رُڃ بنائي ڇڏيندا آهيون ۽ زندگي پر اُن رُڃ جي پاڇي پويان ڀٽڪندا رهندا آهيون ۽ پوءِ جڏهن اسان جا پنهنجا پيارا خواب اسان جي اکين آڏو ڦٽڪي ڦٽڪي، تڙپي تڙپي، دم ڏيندا آهن، تڏهن اسان کي سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته اسان ڪٿي ڀُل ڪئي؟ ڪٿي ڀٽڪياسين؟

ڪٿي مات کاڌيسين؟ ضرور اسان کا غلط چونڊ ڪئي هوندي. ڪنهن ماڻهوءَ جي، ڪنهن رشتي جي، ڪنهن دوستيءَ جي، ڪنهن پاڙي جي، ڪنهن ساٿيءَ جي، ڪنهن دشمن جي يا ڪنهن اداري جي.

اُتي اسان جي انا ۽ غرور ۽ اعتماد کي چوٽ تي پهچي ۽ پوءِ اسان ڪنهن نه ڪنهن تي ڏوهه مڙهڻ لاءِ اتاولا ٿا ٿيون.

ڏوهه بئي ڪنهن جو ناهي، خود اسان جو ئي آهي. اسان پنهنجا اصول ۽ مول ۽ متا غلط بنياد تي جوڙيا. جيڪڏهن اسان پنهنجي پُل مجي وٺون ۽ پاڻ کي ذميوار ۽ ڏوهاري سمجهون ته پوءِ هڪ قسم جو سڪون، شانتي، آرام اچي ويندو من کي. اسان جي ساڃن، سنتن ۽ گروئن بين تي ڏوهه نه ڏيڻ جو آرٽ سکي ورتو هو. ان مان هنن کي سچي شڪتي ملي هئي،جيڪا اصل شيءِ آهي.

سو حالتون ڪڏهن به ساڳيون نه رهنديون آهن. ڪا به شيءِ جهڙي جا تهڙي نه رهندي آهي. ان هوندي به جيتريون شيون بدلبيون، اوترو ساڳيون رهنديون. اها ئي زندگيءَجي ڳجهارت آهي. اها ئي حياتيءَ جي وڏي ۾ وڏي پرولي آهي. ڇُرندڙ جي ورڌ بيئل. هڪ ازلي شطرنج جي راند آهي، جنهن جي هڪ ئي پڇاڙي آهي- نرواڻ.

اسان جي زندگي جي حالت، سٺي يا خراب، وقت سان گڏ هلندي رهي ٿي. اسان ته فقط منچ تي آيل ڪلاڪار آهيون. جيڪي پنهنجا پنهنجا ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون. پر اسان جي ڪهاڻيءَ هن دنيا کان ٻاهر، ڪنهن ٻي هستيءَ لکي آهي. ها، اسان پنهنجي ڪلا، ڪرتوبه ۽ ڪوشش سان ان ڪهاڻي ۾ سهڻا رنگ ۽ موهيندڙ چٽ چٽي سگهون ٿا. پر ان لاءِ ساڌوءَ جو سنياس، ڪويءَ جي ڪوڪ ۽ آدرشي انسان جي گهرج پوندي. اسان جو جيون تڏهن سقل ٿيندو جڏهن اسان جي جاڻ جرڪندي ۽ اندر ۾ اُهاءُ ٿيندو.

اسان جي حياتي اجا به آسان ٿيندي، جڏهن اسان پاڻ تي ٿيل ڏٺي جون پلايون ياد ڪنداسين. سُور کان ڪوئي بچي نه سگهيو آهي. پيڙا کان بچي سگهجي ٿو. دکي ٿيڻ يا نه ٿيڻ اسان جي پنهنجي وس ۾ آهي. فيصلو به اسان کي ئي ڪرڻو آهي. پر انسان پنهنجي بدنصيبي تي ماتم ڪندو آهي. اها هُن جي فطرت آهي. پنهنجي بدنصيبي تي ماتم ڪندو آهي. اها هُن جي فطرت آهي. پنهنجي بدنصيبي تي ويڻ ڏيڻ کان اڳ اسان کي گهرجي ته ڪجهه دير انهن خوشنصيبين کي به ياد ڪريون. اهي گهڙيون به ساريون، جن ۾ اسان خوشيون ڏٺيون، آنند ماڻيا ۽ ڪلياسين، ملياسين ۽ گڏجي تلياسين. اُتي هڪ سٺي چوٽي ذهن ۾ آئي اتم جيڪا هن گفتگو سان ٺهڪي اچي ٿي، ”جيڪڏهن توهان جو خيال آهي ته توهان ننڍا آهيو ته پوءِ ياد رکو ته پڪي اُڏامي سگهندا آهن، هاٿي اڏري نه سگهندا آهن.“

جيئن روڊ جي پاسي سان ميلن جا پٿر لڳل هوندا آهن، نيڪ اهڙي ريت اسان جي زندگي جي راهه تي

بہ ڪي ميلن جا پٿر لڳل هوندا آهن. جيڪي ٻڌائيندا رهندا آهن تہ اسان پنهنجي آخري منزل کي ڪيترو ويجهو پهچندا ٿا وڃون. پر اسان انهن پٿرن تي لکيل انگن پڙهڻ ڪان سواءِ وڏي تيزيءَ سان انهن جي پر مان لنگهندا ٿا وڃون. اسان مان ڪي ٿورا هوندا جن کي انهن پٿرن جي اهميت جي ڄاڻ هوندي ۽ سمجهندا هوندا تہ سندن نجي زندگي سان انهن جو ڪهڙو سنبنڌ آهي. فقط ايترو ئي نہ، بلڪ اهو بہ تہ اسان جيڪي فيصلا ڪريون ٿا، انهن فيصلن تي انهن پٿرن جو ڪيترو اثر آهي. ڇا، اهي وقتائتا فيصلا آهن؟ ڇا، جنهن گهڙيءَ اسان ڪنهن خاص جڳهہ تان لنگهي رهيا هئاسين، ان وقت اسان کي ائين ئي ڪرڻ گهربو هو جيئن اسان ڪيو؟ ڇا، ڪي فيصلا جيڪي اسان کي سفر شروع ڪرڻ وقت گهربا هئا، سي ڪٿي سفر جي پُڇاڙيءَ وقت تہ نہ ڪيا اٿئون؟

ٿي سگهي ٿو تہ ڪو ڪتاب پڙهڻ سان، يا ڪا فلم ڏسڻ سان، يا ڪو واقعو ٿيڻ سان، يا ڪو تجربو ڪرڻ سان، يا انهن سڀني يا انهن مان ڪن ٻن ٽن ڳالهين جي گڏجي ٿيڻ سان، اسان ڪنهن نتيجي تي پهچون ۽ ڪا نئين راهہ وٺون. ڪڏهن ڪڏهن تہ روڊ پري پري تائين صاف نظر ايندو آهي، ڪڏهن ڏنڏلو ۽ اڻ ڇٽو هوندو آهي. ان حالت ۾ اسان مُنجهي پوندا آهيون تہ اڳتي وڌڻ جو جيڪو فيصلو اسان ڪيو آهي، اهو الائي درست بہ هو يا نہ؟ ان مونجهاري ۽ اُڻ تُڻ هوندي بہ اسان ڪا گهڙي ٻيهي ٻيهر ويچار نہ ڪندا آهيون. ڊوڪيندا اڳتي وڌندا ويندا آهيون.

جيڪڏهن اهي ڏاهپ جا اکر هنئين سان هنڊايون ۽ انهن منجهان روشني حاصل ڪريون ۽ ان روشني ۾ پنهنجا روزمره جا معاملا نبيريون تہ پوءِ خبر پوندي تہ هاڻي اسان جيڪي بہ ڪو ڪم ڪريون ٿا، اهي ان سياڻپ جي سوجهري ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ڌار ناهن. ڇڙوڇڙ. واٽڙا ۽ ويسلا ناهن. انهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪا ڪاما، ڪوا ڏ دم تہ اچي سگهي ٿو پر ڪٿي بہ دم (Ful Stop) ڪونہ ايندو. دير مدار يا هلڪي ساهي تہ ممڪن آهي، پر هٿ ڇنڊبي، آس لاهي، مايوس ٿي ويهي رهڻ جو ڪو امڪان ڪونهي. اسان کي گهر ۾ توڙي پنهنجي روزگار ۾ اها راهہ اختيار ڪرڻ گهرجي. پنهنجا دڙ دريون ۽ روشندان بند نہ ڪريو. هميشہ هڪ دري کليل رکو ۽ اهو بہ خيال رکو تہ پنهنجن خيالن توڙي ڪم ڪار ۾ سدائين تسلسل (Continuity) قائم رکو.

توهان کي اها ڄاڻ ناهي تہ ڪنهن کي توهان جي ضرورت پوندي يا ڪنهن جي توهان کي گهرج پوندي يا توهان جي زندگي جي سفر ۾ ڪير، ڪٿي، ڪهڙين حالتن ۾ توهان سان همسفر ٿيندو. ان ڪري اهو دروازو ڪڏهن بہ بند نہ ڪريو جيڪو توهان ٻيهر کولي نہ سگهو.

توهان کي اها ڄاڻ ناهي تہ ڪنهن کي توهان جي ضرورت پوندي يا ڪنهن جي توهان کي گهرج پوندي يا توهان جي زندگي جي سفر ۾ ڪير، ڪٿي، ڪهڙين حالتن ۾ توهان سان همسفر ٿيندو. ان

ڪري اهو دروازو ڪڏهن به بند نه ڪريو. جيڪو توهان پيهر کولي نه سگهيو.

جڏهن مان پنهنجي گذريل حياتيءَ تي نظر وجهندو آهيان ۽ ماضيءَ جي اونداهين مزارن ۾ جهاتي پائيندو آهيان، تڏهن مونکي بي انتها حيرت ٿيندي آهي ته مٿي چيل ڳالهين منهنجي زندگي کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ ڪيڏي نه مدد ڪئي! بزنيس جي آرٽ ۽ سائنس ۾ منهنجي ٿوري گهڻي جيڪا به ڪاميابي ٿي آهي، ان جو راز فقط اهو آهي ته مون ڪڏهن به رشتن، واسطن، تعلقن يا گفتگو جا دروازا بند نه ڪيا. ڪين هميشه کليل ڇڏيم. پسند يا ناپسند ڪڏهن گهٽ ڪڏهن وڌ ته ٿي، پر فيصلن ڪرڻ وقت مون ڪڏهن به، ڪٿي به فل اسٽاپ نه ڏنو آهي.

منهنجا ٻار پيچري مان آزاد ٿي اُڏامي ويا آهن. هاڻي وچي پنهنجا جدا آکيرا جوڙيا اٿن. ماءُ پيءُ جي روزمره جي واهپي ۾ ضرورت گهٽبي ٿي وڃي. اها قدرتي ڳالهه آهي. پر هڪ ٻئي لاءِ سِڪ، پريت ۽ پيار ته گهٽ ٿيڻو ناهي. اسان هڪ ٻئي جا آهيون، هڪ ٻئي لاءِ آهيون، ان ڪري سندن جدائي کي وڏيڪ محسوس ٿا ڪريون. جدائي جي ان ڏکوئيندڙ دور کان پوءِ وري هڪڙو ٻيو دور شروع ٿيندو آهي: ماضي ۾ نهارڻ جو دور. گذرئي وقت کي ياد ڪرڻ جو دور. هڪ هڪ ڳالهه، هڪ هڪ واقعي، هڪ هڪ مُرڪ، هڪ هڪ ٺهڪ جي ياد ڳولي ڦولي، چُندي ڦوڪي، ٺاهي جوڙي رکڻ جو دور. اهي يادون جيئريون جاڳنديون لڳنديون آهن. ائين جيئن اڄهو اڄهو ڪو هاڻي ئي هتان اُٿي ويو هجي ۽ سندس جسم جي گرمي اڃا سرد ٿي نه هجي ۽ ٺهڪن جي گونجار اڃا باقي هجي ۽ ساهن جي سڳنڌ ڪمري ۾ ڦهليل هجي. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته بي خيالي ۾ اوچتو ٽيبل تي سندن جاءِ خالي ڏسي کين سڏ ڪرڻ لاءِ چپ چورجن ٿي مس ته ياد ڇي وڃي ته هو هتي ناهن. اهي يادون مفاصلا وڌائڻ بجاءِ گهٽتائي ڇڏينديون آهن ۽ هو دور هوندي به دور نه هوندا آهن. دل ۾ وسندا آهن، دل ئي ۾ رهندا آهن: کلندا آهن، ڳالهائيندا آهن، سرباٽ ڪندا آهن، آٿت ڏيندا آهن.

اڪيلائيءَ ۾ وڏيڪ جاڳڻ جي چاهنا زور وٺندي آهي. سڄو ڏينهن هجڻ جي بجاءِ دل ٿيندي آهي ته ڪٿي ڪن پل ٻيهي گل جو واس وٺجي. عمر سان گڏ جاڻ جي جاڳرتا تيز ٿي وڃي ٿي ۽ ڪنهن به ڳالهه کي جيئڻ جو تيئن مڃڻ کان منُ انڪار ڪري ٿو. زندگي آنند جو مارڳ ماڻي ٿي. وقت وڏيڪ پيارو لڳي ٿو ۽ ڪوبه اُن کي اجايو وڃائڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي.

ڪي ڳالهيون جي زندگي جو حصو بنجي چڪيون هيون، هاڻي انهن کان لنوائڻ لڳو آهيان. ڪي ماڻهو جن کي ڏسڻ بنا رهي نه سگهبو هو، تن کان به ڇڄو ٿيندو ٿو وڃان. گوڙ ۽ شور ۽ ماڻهن جي پيهه کان دل گهٻرائي ٿي ۽ تنهائي وڻڻ لڳي آهي، اڪيلائي نه. مان ڪڏهن به اڪيلو نه هوندو آهيان. تنهائيءَ ۾ مان پنهنجي وجود کي يادن جي وادين ۾ ڇڏي ڏيندو آهيان. ماضي جون يادون، ننڍپڻ جون يادون، گهر

جون يادون، ڪتنب جون يادون، ڪاميابين ۽ ناڪامين جون يادون.

اهو سڀ ڪجهه رات جي پيٽ ۾ نہ ٿيو آهي. ائين ناهي تہ مون ڪنهن جوڳيءَ يا سنت يا ڀڳت جو چولو پائي پهاڙن ۾ وڃي مُڪتي پراپت ڪئي آهي يا وئراڳي ٿي سنسار تياڳي ڇڏيو آهي. مان تہ اڃا چانئنٺ تي بيهي اندر جهاتي پائي رهيو آهيان. ائين ڪرڻ سان مون کي آنند ملي ٿو. منهنجي آس آهي تہ جن نوجوانن جي زندگي کي مون ڪنهن پَرَ ڇهيو آهي، اهي پڻ ساڳيءَ راهہ تي هلي پون. منهنجو تجربو مون کي ٻُڌائي ٿو تہ منجهن گهڻا گُڻ آهن.

اسان مان گهڻا، جوانيءَ جي هوڏ ۽ هستي ۽ مستي ۾ سوچيندا آهن تہ هو لاڳاپا لاهي لاتعلق ٿي وڃن. اهو سندن حق آهي، پر منهنجي صلاح اٿن تہ مفاصلو ضرور رکو پر لاڳاپي جي سنهڙيءَ تند کي نہ ٽوڙيو. توهان ڏنڏوڙي هجو يا بزنيس مين، توهان مان ڪنهن کي بہ ڄاڻ ناهي تہ ايندڙ وقت جي جهوليءَ ۾ اوهان لاءِ ڇا پيل آهي.

۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حياتي جي گذريل واقعن کي پنهنجي هاٺوڪين حالتن سان ضرور ڀيٽجو. ماضي بہ توهان جي ئي وجود جو هڪ حصو آهي.

ان کان اڳ جو مان قلم رکي ڇڏيان، دل ٿي چوي تہ پڇاڙي ۾ پنهنجي منڙيءَ ٻوليءَ ۾ بہ اکر چوان. منهنجو هڪ سنڌي شعر ۾ آهي:

زندگي ۾ سين کي ايترو پرچايم
جو سڀ
رسڻ جا عادي بڻجي پيا
۽ مون کي تہ رُسڻ جو
ڄڻ حق ئي ڪونہ هو.
گجها گوڙها ڳاڙيم
ايترا جو
روئي روئي اکڙين جي آلاڻ
گم ٿي وئي!
فقط تڏهن
جڏهن جاڳين ٿو
ڄاڻين ٿو
تہ تون ننڊ ۾ هئين.

# پڇاڙي

جڏهن مان هي ڪتاب پھريون ڀيرو لکي رهيو هوس. تڏهن دراصل دبئي پنهنجي ترقيءَ جي واري رستي تي گامزن هو. ان ڪانپوءِ واري دبئي جي ترقي توڙي خوشحالي جا اسان سڀ شاهد آهيون. البت اها خوشحالي ۽ عروج (Ecastasy) ڊگهي وقت تائين نہ هلي سگهيو. دبئي جي معاملي ۾ تہ اهو صرف ڇهن سالن تي عرصي تائين ئي رهيو.

عالمي ڪساد بازاريءَ دبئي کي ناهي ڇڏيو. گھڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ دبئي انهيءَ عالمي ڪساد بازاريءَ کان محفوظ رهجي ويندو. هو چون ٿا تہ دبئي، جنهن وڏي سخت محنت سان دنيا جي معاشي ميدان ۾ پنهنجي حيثيت ٺاهي آهي.ان کي هن خطي ۾ موجود ٻين ملڪن سان پيٽڻ هرگز نہ گهرجي.

بهرحال، مون کي اڃا تائين ورلڊ بئنڪ جي اڳوڻي صدر جيمس وولف جو اهو رد عمل ياد آهي. جيڪو هن هڪ مقامي انگريزي ۾ هڪ استوري پڙهي ڪيو هو. جنهن ۾ عالمي ڪساد بازاريءَ جي دور ۾ دبئي جي گلابي قسم جي تصوير چٽي وئي هئي. تن ڏينهن وولف سن دبئي ۾ ٿيندڙ هڪ وڏي سربراهي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ آيل هو. جيڪا ان وقت جي عالمي معاشي صورتحال تي گهربل غور ويچار لاءِ رٿي وئي هئي. بهرحال، ڪانفرنس ۾ هن جيڪا تقرير ڪئي. ان ۾ هن جو چوڻ هو تہ مان ڏاڍو خوش آهيان، جو هتي جا ماڻهو اُميد پرست آهن. البت منهنجو عالمي مالياتي ادارن توڙي مارڪيٽ وارو تجربو ڪجھ ٻي ڪهاڻي ئي ٻڌائي ٿو. دراصل دنيا جو ڪو بہ ملڪ هاڻي اڪيلو ۽ ٻين ملڪن کان ڪٽجي ڌار ٿي رهي نہ ٿو سگهي.۽ نہ ڪو وري دنيا ۾ عالمي سطح، خاص طور ان جي معاشي ميدان ۾ ايندڙ اوپارين لهوارين کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي ٿو سگهي. سبب اهو آهي تہ دنيا جا ملڪ هاڻي اڻ لکي طريقي سان پاڻ ۾ اهڙا ڳنڍجي ويا آهن.جو اڳ ۾ هو ايئن هيو ئي نہ، ايئن دبئي بہ ٻين ملڪن کان ڌار ۽ اڪيلو ناهي. ۽ ائين چوڻ ۾ بلڪل حق بجانب بہ هو.

دراصل دبئي سيني لاءِ هڪ ڪليل ملڪ آهي. تيل جون قيمتون جنهن ڊرامائي انداز ۾ ڪري پيون. ان ڳالھ تيل برآمد ڪندڙ ملڪن جي پيداوار کي وڏي خساري ۾ آڻي ڇڏيو ۽ دبئي لاءِ تہ تيل سيڙپ جو هڪ موثر ذريعو رهيو آهي. جيڪو خساري جي ور چڙهي ويو. اهو ئي سبب هو جو ڪيترن ئي هلندڙ توڙي اعلانيل مشهور پروجيڪٽس کي يا تہ بند ڪيو ويو يا وري اڌ ۾ ڇڏيو ويو. جنهن سببان اڪيچار ساک وارين ڪمپنين جو زوال شروع ٿي ويو. ڪيترا ئي ورڪر فارغ ٿيا ۽ اهي پنهنجي پنهنجي ملڪن ڏانهن راهي ٿيا. نقادن بہ پنهنجي آڱريون ۽ ٻانهون اُڀيون ڪيون ۽ جيڪي ڪجھ دبئي حاصل ڪيو ان

۾ نقص ڳولهڻ تي لڳا.

مان حيران نہ هوس. مان هن ملڪ ۾ لڳ ڀڳ پنجن ڏهاڪن کان مٿي وقت گذاريو آهي. ۽ اُن جون ڪيترين ئي اوپارين لهوارين پنهنجي اکين سان ڏٺيون آهن. مون هميشہ اهو بہ ڏٺو آهي تہ دبئي هميشہ ڏکين گهڙين ۾ بہ اُپرنڊڙ طاقت وانگر رهيو آهي. دبئيءَ جا حڪمران بہ هميشہ مشڪل مان نڪرڻ ۾ سرگردان رهيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ دبئي جا حڪمران هميشہ پنهنجي وقت کان اڳتي ئي رهيا آهن. اچرج آهي، جو نقاد ان ڳالهہ کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان قاصر ئي آهن.

دبئي جي هڪ اڳوڻي حڪمران مرحوم شيخ راشد بن سيد المڪتوم جڏهن دبئي ۾ شهر کان ٿورو پري هڪ وڏو واپاري مرڪز جوڙائڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪو مرڪز ۽ ان جي عمارت هن خطي ۾ سيني کان وڏي ۾ وڏي عمارت سمجهي ويندي آهي. تڏهن ڪيترن ئي ماڻهن اها تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي تہ اها عمارت شهر جي مرڪز کان ٻنهہ پري هجڻ ڪري صرف فضوليات ۽ پئسي وڃائڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. بهرحال اها عمارت جڏهن نهي جڙي راس ٿي تہ اها هن ملڪ جي هڪ وڏي شاندار تاريخي ڳالهہ بڻجي وئي. بهرحال، هاڻ اهو شيخ زيد روڊ جو حصو بڻيل واپاري مرڪز وار ي عمارت دنيا جي سڀ کان وڏي عمارت برج خليفا سميت وڏي عمارت هجڻ جو اعزاز رکي ٿي ۽ انهي علائقي کي دبئي جو مين هٽن(Dubai Manhattan) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

ائين ئي ٻيهر جڏهن شيخ راشد جبل علي ۾ هڪ ٻيو ڪنٽينر ٽرمينل جوڙائڻ جو فيصلو ڪيو تہ وري ساڳئي طرح سان انهي فيصلي تي تنقيد ٿيڻ شروع ٿي. اڄ جبل علي، جيڪو خلا ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. دنيا ۾ سڀ کان وڏو واپاري پورٽ بڻجي ويو آهي. هتي مان جنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو. اها هيءَ آهي تہ دبئي ۾ جيڪي بہ وڏا فيصلا يا ڪم ٿيا آهن تہ انهن جي شروعات توڙي عمل درآمد واري وقت ۾ ناقدين، پوءِ اها ميڊيا هجي يا ڪي ٻيا ادارا هجن، طرفان بيڪار ۽ فضوليات وارو رويو ظاهر ٿيو آهي. جيئن وولف سن چيو تہ دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو دبئي بہ ان کان ڪنهن طرح سان محفوظ يا غيرمتاثر ملڪ طور رهي نہ ٿو سگهي. ڪٿي جو اها ڳالهہ درست آهي. پر مان سمجهان ٿوتہ دبئي ۾ ڪنهن بہ امڪاني ڏکي وقت ۾ بہ پاڻ کي بچائي وڃڻ جي تمام گهٽي سگهہ ۽ قوت موجود آهي.

جڏهن اولهائين دنيا ويهين صديءَ ڏانهن روان دوان هئي. تڏهن دبئي دراصل، اٺويهين صدي ۾ داخل ٿيڻ جون ڪوششون پئي ڪيون. پر ان کانپوءِ ٿوري وقت اندر اسان سيني ڏٺوسين تہ دبئي ڪيئن هڪ وڏو ڇلانگ پري مضبوطي سان ويهين صدي جي ڪيترن ئي ترقي يافتہ ملڪن کان اڳتي نڪري ويو. هاڻ دبئي، نہ رڳو پنهنجي بنيادي معاشي ڍانچي ۽ نالي واري جديد سهولتن جي لحاظ کان، ڪيترن ئي نام نهاد (So_called)ترقي يافتا ملڪن ۽ قومن سان ڪلهو ڪلهي سان ملايو بيٺل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر

هن خطي جي اڪيچار ملڪن ۽ قومن لاءِ گهربل ترقيءَ واسطي ترقي جو هڪ ماڊل واري حيثيت بہ ماڻي ورتي آهي.

مون پنهنجي ڪتاب ۾ دراصل دبئي ملڪ جي لڪل اندروني سگهہ ۽ طاقت کي ڏيکارڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ دبئي ۾ اهي ڪهڙيون اندروني قابليت, سگهہ ۽ صلاحيتون لڪل رهيون آهن. جن جي ڪري, اڄ دبئي سيني کان اڳتي آهي. اهڙي سمجهہ دراصل مون ۾ پنهنجي ذاتي عملي تجربي (جيڪو اعتمادن ۽ گڏيل افهام تفهيم جي ذريعي پروان چڙهيو ۽ وڌيو هو)سببان پيدا ٿي ۽ اهو عملي تجربو وري دبئي جي مارڪيٽ سان سڌي ڪاروباري لهہ وچڙ ۾ اچڻ سببان پيدا ٿيو ۽ اهو دور دبئي جي اُڀار جو هڪ انتهائي اهم دور هو. اُن ڪري مان اهو چئي سگهان ٿو تہ جيئن تہ مان پاڻ دبئي سان گڏ اُڀريو آهيان, ان ڪري مان دبئي جي انهي اُڀار واري دور جي ڏکيائين کي بہ ان جي اصل پسمنظر ۾ سمجهي سگهان ٿو.

اِها دراصل اُها سمجهہ هئي. جنهن مون کي اهو حوصلو ڏنو تہ مان دبئي جي انتظامي نظام ۽ ان جي طريقي ڪار کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان. سوال آهي تہ دبئي جو فيصلا سازي وارو عمل ڇو ايترو اثرائتو ۽ منظم آهي؟ ڇو دبئي جي بيوروڪريسي ايتري عمدگي سان ڪم پئي ڪري؟ ڪهڙي ڳالهہ دبئي کي ايتري ترقي, جدت ۽ خوشحالي بخشي آهي؟دراصل انهن سمورن سوالن ۽ ڳالهين ۽ اُن سڄي معاملي کي اصل بنيادن کان سمجهڻ جو اُتساهہ پيدا ڪيو.

انهيءَ بصيرت مون کي اهو تحرڪ ڏنو تہ ان موضوع تي مان هڪ تقابلي مطالعو ڪريان. ائين مان واشنگٽن انٽرنيشنل يونيورسٽي جي چونڊ ڪئي. جنهن مون کي پنهنجي چاليهن سالن جي عملي تجربي جي بنياد تي اسي ڪريڊٽ(Eighty credits) ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو. مون رهيل چاليهہ ڪريڊٽ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

ائين ڪرڻ واسطي مان هن ملڪ ۽ ان جي ڪاروباري طريقن جي تاريخ جي حوالي سان موجود سمورو رڪارڊ ۽ ٻيو ضروري مواد هٿ ڪري ورتو. جيتوڻيڪ وقت وڏو محرڪ هجي ٿو. جنهن کي واپس ورائڻ لاءِ وڏو وقت کپي ٿو.پر تنهن هوندي بہ دبئي جي نالي واري ايوارڊ يافتا سينيئر صحافي اين. وجي موهن (N. Vijay Mohan) جي صلاحن وڏو فائدو ڏنو. خاص ”دبئي جي طرز حڪمراني“ ۽ ”قبائلي روايتن جي اثر“ جهڙن موضوعن تي لکڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. دراصل انهيءَ پس منظر کان مان دبئي جي ڪارڪردگي ۽ ڪاميابي کي ظاهر ڪرڻ پئي چاهيو. مون کي پنهنجي انهي ٿيسز تي ڪم ڪرڻ ۾ هڪ پورو سال لڳي ويو. اها منهنجي سيڪريٽري جوز ميٿيو هئي. جنهن فون ڪري ٻڌايو جڏهن مان ماريس (Mauritius) هوس, ۽ يونيورسٽي طرفان منهنجي ڊاڪٽريٽ جي ڪم کي قبول ڪرڻ واري

فيصلي جي خبر مون کي ٻُڌائي. هن پنهنجي خاص انداز سان اها خبر هيئن ٻڌائي ته ” سائين هاڻي مان ڊاڪٽر بخشاڻي کي فون ڪريان ٿي.“

اها گهڙي سچ پچ مون لاءِ خوشيءَ جي گهڙي هئي. جنهن مون کي مڪملتا جو احساس ڏياريو. مان وڏي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، دراصل پنهنجي معاشي ۽ گهرو صورتحال جي ڪري، ڪا گهڻي ڪوشش نه ڪري سگهيو هوس. جنهن جو مان اڳواٽ ئي هن ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪري آيو آهيان. مان دبئي ۾ هڪ ڪمپني جي ملازم طورارڙهن سالن جي عمر ۾ آيو هوس. جنهن جو هاڻ مان خود مالڪ بڻجي ويو آهيان. اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي باوجود ، منهنجي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ واري خواهش اڻپوري ئي رهي. دبئي مون کي پنهنجي انهي خواهش کي پوري ڪرڻ جو هڪ موقعو ڏنو. مون کي ائين چوڻ گهرجي ته دبئي ۾ مان وڃايل موقعو ٻيهر حاصل ڪيو.

دبئي هاڻ وڏي حد تائين تبديل ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهه اٽتر هو. پر پراڻا ماڻهو دبئيءَ کي اڃا به پراڻين يادن جي نظر سان ڏسن ٿا. جيتوڻيڪ رفتار سست آهن. پر زندگي سان ڀرپور آهن. هر ماڻهو هرهڪ جي باري ۾ چڱي طرح سان ڄاڻي ٿو. هي روح پرور شهر آهي. هرڪو هتان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو. هاڻي اهو ممڪن ناهي رهيو. ڇاڪاڻ ته دبئي هاڻي وڏي گهماگهمي ۽ هلچل وارو شهر بڻجي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مان محسوس ڪريان ٿو ته هن شهر ۾ اجنبي بڻجي ويو آهيان. جتي مون پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو گذاري ڇڏيو آهي. بهرحال، جيئن مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته هن شهر جي اها ترقي ۽ اپار اٽتر ئي آهي.

دبئي شهر لاءِ ته ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو شهر هڪ متحرڪ حياتي (Living Organism)مثل ئي آهي. اهو به پنهنجي زندگي جي اڪيچار دورن مان گذريو آهي. جڏهن مان هتي پنهنجي جوانيءَ وارن ڏهاڙن ۾ آيو هوس. تڏهن دبئي پنهنجي ٻاروتڻي ۾ هو. هاڻ هو پنهنجي زندگي جي جواني ۽ جوين واري دور ۾ داخل ٿي ويو آهي. مهان ڪوي ’پبلو پڪاسو‘ چيو آهي ته ”جوان بنجڻ ۾ ڊگهو وقت ڪپي ٿو.“ جيئن دبئي جو مثال اسان کي ڏيکاري ٿو ته اهو ڊگهو وقت يا انتظار قابل قدر ئي هجي ٿو. دراصل جواني ڏاهپ ۽ تخلقيت سان ڀريل چشمي وانگر ئي هجي ٿي.

مان ائين محسوس ڪريان ٿو ته مان هڪ اهڙي پائلٽ وانگر آهيان. جيڪو وڏي اُوچائي تي اڏام ڪندو هجي. جتي وڏيڪ مٿي وڃڻ جي ڪوشش تباهي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي. مون لاءِ ۽ مون سان گڏ موجود ماڻهن مڙني ماڻهن لاءِ بهـ ان ڪري، جڻ ته مان آٽو پائلٽ ٿي سمندري سفر پيو ڪريان. مان پنهنجي چوُطرف اڏامندڙ ٻين جهازن کي به، مٿي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي ڏسي سگهان ٿو. ڪيترا مون کان به وڏيڪ مٿي اُڏامي ويا آهن. ڪيترا وري منهنجي اڏام کان ٿورو هيٺ به آهن. جو ڪجهه به ٿئي پيو.

مان ڪو بہ مقابلو نہ پيو ڏسان. مان  صرف اهو ڏسان پيو تہ ماڻهو صرف اُڏامي رهيا آهن. منهنجو سڄو ڌيان انهي اڏام واري سفر مان مزو وٺڻ ڏانهن ئي آهي.

هڪ ڳالهہ جي ڪري مان ائين بہ چوان ٿو تہ جڏهن مان هتي نوجواني واري عمر ۾ آيو هوس. تڏهن مان هڪ متلاشي ذهنيت  وارو هوس. وقت جي وچوٽيءَ هاڻي تلاش ۾ دريافت واري فرق کي گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. اهو فطرتي عمل هجي ٿو.  بهرحال، سمجهہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سندس قوت ۾ حدن جي چڱي طرح سان پروڙ بہ بخشي ڇڏي ٿي. مان سڄي حياتي هن جڳهہ کي ڳولهيندو ئي رهيس ۾ نيٺ مون اُن کي ڳولهي ئي ورتو. جيڪا بلڪل ئي هڪ درست ۾  مانائتي جاءِ ئي آهي. سچ پچ دبئي مون کي زندگيءَ جو هڪ نئون رستو ڏيکاريو ۽ ان لاءِ مان دبئي جو ٿورائتو آهيان.

# شڪرگذاريءَ جا لفظ

هن ڪتاب لکڻ جو خيال تڏهن آيو هو. جڏهن منهنجي زندگي سادي ۽ دبئي ڪجهه ننيڙو ئي هو. هي انهن ئي مضمونن تي مبني آهي. جيڪي خاص طور تي هڪ اخبار ’گلف ٽو ڊي‘ جي هڪ خاص پروجيڪٽ تحت لکيا ويا هئا. جن جو مقصد دبئي شهر جي ترقي ۽ اپار جي پسمنظر ۾ هڪ باقائده سيريز وار آرٽيڪل لکڻا هئا. مضمون ڇپيا ۽ گهڻي موٽ حاصل ڪئي ۽ دراصل انهيءَ موٽ وڌيڪ مضمون لکڻ لاءِ تحرڪ ڏنو.

ننيڙين ڳالهيون وڏين منصوبن کي اُپاريندڙيون آهن. اِئين ئي مون سان به ٿيو. جنهن جو اوهان سوچي نه ٿا سگهون. هڪ ڏينهن هڪ پارٽي ۾ منهنجي پنڪي ڊنئل (Pinky Daniel)سان ملاقات ٿي. جيڪا منهنجي وڏي وقت کان دوست هجڻ سان گڏ هڪ سٺي پاٽنر به رهي آهي. هن ئي دراصل، مون کي صلاح ڏني ته مان انهن مضمونن کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ظاهر ڪريان. هن، پنهنجي هڪ پراڻي دوست پبلشر موٽيويٽ پبلشنگ هائوس جي مالڪ کي ڇپرائڻ لاءِ به چيو. اِئين آئين فيئرسروس (Ian Fairservice) جنهن ترت ئي حامي ڀري ورتي. ان ڪري، مان انهن ٻنهي ماڻهن پنڪي ڊيئنل ۽ آئين فيئرسروس جو شڪرگذار آهيان جن جي ڀرپور ساٿ ۽ سهڪار سان مان هي هيڏو ڪم ڪري سگهيس.

مان پنهنجي هڪ ٻي دوست عبدالرحمان جي. المتاوي (Abdul Rahman G. Al Mtaiwee)جو به خاص طور تي ٿورائتو آهيان. جيڪو دبئي جي ڪامرس چيمبرس ۽ انڊسٽري جو ڊائريڪٽر جنرل آهي.

بهرحال، جڏهن مان هن ڪتاب تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته مون کي اهو پتو ئي نه هو ته اهو سڄو ڪيترو ڪنن تي پئي سگهيو. مضمون هڪ الڳ ڳالهه هجن ٿا ۽ وري انهن کي هڪ مربوط ڪتاب جي صورت ڏيڻ وارو پنهنجي جاءِ تي اوکو ڊيچارينڊز به هجي ٿو. بهرحال، هن ڪتاب لاءِ مون کي ٻين ڪيترن ئي ڪتاب کي پڙهڻ پڙهڻو پيو ته جيئن تاريخي ڳالهين ۽ واقعن بابت صحيح انگ اکر پيش ڪري سگهان. ان لاءِ مون کي پنهنجي ڪيترن ئي پراڻن دوستن کان به مدد وٺڻي ٿي پئي.

اها به حقيقت آهي ته هڪ ڪتاب لکڻ ۾ هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جو ڪردار هجي ٿو. مان پنهنجي گهرواري وينا جو ٿورائتو آهيان. جنهن جو اهو ويساهه هو ته مان اهو ڪم ڪري ويندس ۽ ان ڪم دوران

اهو وقت به ڪتاب تي صرف ڪري ويس. جيڪو حقيقت ۾ مون کي پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن کي ڏيڻ کپندو هو. منهنجون تي ڏيئرون گائري، چتنا ۽ ريڪا منهنجو اُتساهه آهن. هي ڪتاب انهن کي ئي ارپيان ٿو.

ايم. ميٿوز، جيڪو آءِ تي ايل وارن سان گذريل ٽيهن سالن کان واڳيل آهي ۽ منهنجي ڪاروباري زندگي ۾ آيل سمورن اوپارين لهوارين جو اکين ڏٺو شاهد آهي، تنهن جي هن ڪتاب جي انگ اکرن جي حوالي سان ڪيل مدد هميشه ياد رهندي. جڏهن ته مان جوز ميٿيو جو به مدد جو به ٿورائتو آهيان. جيڪو مون سان گذريل ويهين سالن کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ گڏوگڏ ٻين مڙني ماڻهن جو به ٿورائتو آهيان. جن سڌي توڙي اڻ سڌي طرح هن ڪم ۾ منهنجي گهربل سهائتا ڪئي.

هن ڪم کي انجام تي پهچائڻ واسطي مون کي پنهنجي آفيس مان وقت ڪڍي پاڻ کي ڪنداٿتو ڪرٽون پيو ته جيئن پنهنجي خيالن کي لفظن جو روپ ڏئي سگهان. ان حوالي سان، مان اين. وجي موهن ۽ بڪرم ووهرا (جيڪي انگريزي صحافت جا به وڏا نالا آهن)جي اخلاقي صلاحن توڙي مدد جو اعتراف ٿو ڪريان ۽ پڻ ڊوائيڊ اسٽيل جو. هنن ٽنهي همراهن جي مدد کانسواءِ شايد هي ڪتاب ڪڏهن منظرعام اچي نه سگهي ها.

مان موٽيويٽ (Motivate Publishing) پبلشر ڪمپني وارن جي سڄي ٽيم جو به ٿورائتو آهيان. جن پنهنجي پروفيشنل مهارت ۽ قابليت سان هن ڪتاب کي هرطرح سان بهترين بنائڻ ۾ وسان ناهي گهٽايو.

آخر ۾ مان پنهنجي سمورن دوستن ۽ خيرخواهن لاءِ ائين ئي چوندس ته جيڪڏهن اوهان ڪتاب لکڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اهو ڪم اوهان جي پنهنجي زندگي تخليق ڪرڻ وارو ئي ڪم آهي.

# مختلف رايا

دبئي جو ڄاتي سڃاتل  هندستاني واپاري سٺ ورهين جو رام بخشاڻي پنهنجي سوانح حيات Taking the High road ۾ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جا زبردست تجربا ونديا آهن. جيتوڻيڪ انهن تجربن کي ونڊڻ جي حوالي سان ڪتاب هڪ ننڍڙي شئي آهي. پر ڪاميابي کي ڪيئن مادي معيار سان ماپ ڪجي. ان جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ئي آهي. ڪتاب جو گرم جوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ٿيو آهي، دبئي ۾ به ته وري دبئي کان ٻاهر به. جنهن ۾ سندس زندگي جي سٺ ورهين جو خاڪو  توڙي اهو ماحول چڱي طرح سان بيان ڪيو ويو. جنهن هن جي اُڀار ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

**سچيترا باجپائي**

Not the end of the road

Friday, Gulf News,2004

سوانح حيات لکڻ وارو عمل دراصل پاڻ کي هرطرح سان ظاهر ڪري ڇڏڻ آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهوءَ جي زندگي جا اڪيچار ڳجها پاسا به منظرعام تي اچي ويندا آهن. پر ان سان گڏ سوانح حيات لکڻ سان اهو به فائدو رسي ٿو جو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وڏي حد تائين نئين سر دريافت به ڪري وٺي ٿو ۽ پنهنجي نئين سمجهاڻي به پيش ڪرڻ جو ڪيس وجهه مليو پوي ٿو. جيتوڻيڪ  هن پنهنجو تجزيو ڪرڻ لاءِ هن سوانح حيات جي ذريعي ڏکيو رستو ورتو آهي. پر ان ڏکيي رستي ۾ هن جهڙي نموني پاڻ کي ۽ پنهنجي ماضيءَ جي تشريح ڪئي آهي ۽ جيڪا سچي پنهنجي ڄاتي جي تاريخ بيان ڪئي آهي. جيڪا سنڌو تهذيب جي سنڌي ڄاتي جي تاريخ رهي آهي. ان سچي وارتا کي بيان ڪرڻ لاءِ  ليکڪ جيڪو رستو ورتو. اهو واکاڻ جوڳو آهي.

**پراتيپا اوما شنڪر**

“A road less travelled on”

Weekend, Khaleej Times, 2003

رام بخشاڻي جي سوانح حيات  Taking the High road اسان سڀني کي زندگيءَ جي ڏکي ۽ ڪامياب رستي کان روشناس ڪرايو آهي. جيتوڻيڪ هن سوانح حيات ۾ رام بخشاڻي پنهنجي زندگي

ڪي مڪمل طور تي ظاهر ناهي ڪيو. پر ان هوندي به، پڙهندڙن ڪي مختلف آزمائشن ۽ تڪليفن مان اُيري آيل هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي باري ۾ چڱي ڄاڻ ملي ٿي. جنهن سچ پچ وڏي خواب ڏسڻ جي جرئت ڪئي هجي ۽ ان لاءِ وري هن وڏي سخت محنت، پورهئي ۽ گهربل قابليت سان جدوجهد ڪئي هجي.

**نينا شرما**

On his own terms”,”

Panorama, The Gulf Today, 2003

رام بخشاڻي جي ڪهاڻي ٽن مختلف ثقافتن هندستاني، عرب ۽ جپاني ثقافتن جي شروعات توڙي ترقي، اُيار ۽ معاشي خوشحاليءَ جي باري ۾ ڄاڻ آڇيندڙ آهي. منهنجو خيال آهي ته هن سوانح حيات Taking the High road کي دبئي جي اسڪولن جي انگريزي نصاب جي ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي.

“_Patronizing the Fraterning Along the High road

People of India Origin, 2005

# پڙهندڙن جا خط

* رام بخشاڻي مان سمجهان ٿو تہ جيتوڻيڪ دبئي تنهنجي ڪرم ڀومي ٿي وئي آهي. پر تون هندستان جي باري ۾ هميشہ جنم ڀومي وانگر ئي سوچين ٿو. مان تنهنجي هندستان ۽ دبئي جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش جي واکاڻ ڪريان ٿو. اوهان سچ پچ پنهنجي جيون ڪٿا جي ذريعي سنڌين جي قابليت ۽ مهم جوئي جي روح کي متعارف ڪرايو آهي.

**سري چند پي. هندوجا**

* هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي زندگي جو متاثر ڪندڙ خاڪو پيش ٿيو آهي. جيڪو پنهنجي جاتي توري جڳ جهان جي ڀلائي واري مقصد ڏانهن وقف ٿيل آهي. هي سوانح حيات ادب جي ميدان ۾ هڪ اهم ڪنٽريبيوشن آهي. جنهن تي اسان جي نسل کي فخر ئي ٿيندو.

**ڪي. سيتل. هانگ ڪانگ**

* رام بخشاڻي جي هن ڪهاڻي ۾ صرف رام بخشاڻي جي ڪهاڻي ناهي. پر ان سان گڏ ان ۾ دبئي توڙي جپان جي معاشي اُڀار جي باري ۾ جاڻ ڏيڻ سان گڏ سنڌي جاتي کي پيش آيل شروعاتي ڏکيائين توڙي ان جي تجارتي ڪاميابين جي جاڻ پڻ ملي ٿي.

**هيري اين. هيرلال_هانگ ڪانگ**

* مان هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهہ رڪارڊ تي آڻڻ چاهيندس تہ هيءَ ڪتاب انهن ماڻهن ۽ اسڪالرن لاءِ رستو ڳولهي ڏيندڙ ڪتاب آهي. جيڪي خليج ۾ هندستاني جي اچڻ واري لقاءَ کي سمجهڻ ۾ دلچسپي رکن ٿاءِ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي انهن ماڻهن لاءِ هڪ ڪارائتي گائيڊ لائين پڻ آهي. جيڪي متحده عرب امارات ۾، خاص طور تي دبئي ۾ ڪاروباري ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهن ٿا.

**اي پي. سري واستو نئين دهلي**

* اوهان جي ڪتاب سنڌي جاتيءَ جي باري ۾ منهنجي جاڻ ۾ اضافو آندو آهي. مان ايترن سارن ملڪن جي ڏکهي تاريخ ۽ انهن جي لاهن چاڙهن جي جاڻ کان اڻ واقف ئي هوس. منهنجي خواهش آهي تہ ڪاش سنڌي ليکڪ سنڌي ادب ۽ شاعري جي هيرن جي اڏاوت لاءِ بہ اسان جهڙن ماڻهن جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪن.

**واءِ. يونس، ابو دبئي**

# جستجو جو روح ۽ روايتن کي فتح ڪندڙ: رام بخشاڻي

## ايلين جيڪوب

رام بخشاڻيءَ جي جيڪا خاص ڳالهه آهي. اها هيءَ ته هو نه ڪو روايتي سطح جي معاملن جي پابندي ڪندو آهي ۽ نه ڪو وري اسٽيٽسڪو کي قبول ڪري ٿو. هتي هي ساراهه يا تعريف جي به ڳالهه ڪانهي. البت بخشاڻي جي سوانح حيات واري ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڙهي، هڪ اهڙي هندستاني واپاري جي پراڻي دنيا ڏانهن ڌيان ڇڪجيو وڃي ٿو. جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي شاهراهه جو وڏو رستو وٺندي، بلندي ڏانهن سفر ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ليڪ پنهنجي هن ڪتا ۾ اهڙيون ئي ڳالهيون ڪيون آهن. جن مان ايئن محسوس نه ٿو ٿئي ته ڪو هن ڊاڙ وغيره هڻئي آهي. البت اهي ڳالهيون اهڙيون ضرور آهن. جيڪي سندس دوست توڙي دشمن کي حسد جو شڪار بڻائي سگهن ٿيون. ان هوندي به هن ۾ واپار واري زندگي جي اعتماد ۽ اخلاقي قدر گڏوچڙ ٿيو وڃن ۽ اُن سان سلهاڙيل اڪيچار ڳالهين کي ايترو ته سادگي سان بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ ڪٿي ڪٿي بيزار به ٿي پيا هوندا.

رام بخشاڻي پنهنجي جاءِ تي هڪ قابل فخر ماڻهو آهي ۽ هجڻ به گهرجي، جو ڪاروبار ۾ جستجو جي بنجر ڌرتي هن ئي ماڻهو پنهنجي اڻٿڪ انفرادي ڪوشش سان، سيراب ڪرڻ ۾ گهربل فتح ۽ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. دبئي وارو سندس خواب هاڻ ساپيان ٿي چڪو آهي. اها دراصل، هن جي جواني واري عمر ٿي هئي. جنهن ۾ ڪا به ڳالهه، شيءِ يا معاملو ناممڪن نه هو. بخشاڻي پنهنجي زندگي جو ڏکهو سفر طئي ڪندي، پنهنجي لازوال محنت ۽ ڪردار سببان عرب امارات ۾ هڪ وڏي ڪمپني آءِ ٽي ايل ڪوسموس گروپ (I T L Cosmos Group) جي نالي سان قائم ڪري ورتي آهي. جڏهن هاڻي هو مڪمل طور ان جي بنيادن کي مضبوطيءَ سان اڏي به چڪو آهي ۽ ان جو گڏيل مالڪ بنجڻ ۾ گهربل ڪاميابي به حاصل ڪري ورتي آهي.

هڪ هندستان جي ٻڙودا شهر جو رهواسي نوجوان (Lad) پنهنجي محنت سببان اميرائپ ڪي پوئتي ڇڏي، تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي ۽ ايئن گهڻ ماڻهن ئي ڪيو آهي. هو اڪثر انهن ڏينهن جي باري ۾ اعتماد سان ئي ڳالهائي ٿو. جڏهن ڪاروبار ذاتي لاڳاپن جي ذريعي پروان چڙهي رهيو هو. جڏهن ماڻهن سنگت ۾ يقين رکيو ٿي. بلڪل ائين ئي، جيئن هن پنهنجي زندگي جي پنجاهه سالن ۾ سنگت تي يقين رکيو ٿي.

رام بخشاڻي جڏهن ارڙهين ورهين جي عمر ۾ پهريون پيرو دبئي، پنج ڏينهن ساموندي سفر جا طئي ڪري پهتو هو ته هن کي ٿانيڪو ٿيڻ لاءِ سخت محنت، پورهيو ۽ صبر ڪرڻو پيو. دراصل هي ماڻهو جاتو ئي ڪاروبار لاءِ هو. جيئن عام سنڌي چون ٿا، پنهنجي جاتي مان هي ماڻهو اڳتي آيو ۽ ڪاروباري موقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي سمجهه اختيار ڪئي. اها هن جي روايتي تعريف ئي آهي. پر ان ڳالهه کي ان ڪري به نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌي واپارين جي برادري سڄي دنيا ۾ پنهنجي اثر رسوخ سميت پکڙيل پئي آهي.

بخشاڻي دبئي آيو. ڏنائين ۽ ترت ڪيترائي ذاتي توڙي ڪاروباري دوست به ناهڻ وارو هنر حاصل ڪري ورتائين. خاص طور تي هن پنهنجي انهن واسطن ۽ تعلقاتن کي فروغ ڏنو. جيڪا ڳالهه بين ڪيترن ئي هندستانين لاءِ ڪارگر ثابت ٿي. سواءِ سڄي برادري جي. هي پنهنجي ادارن Jashanmals ۽ Honchos جي باري ۾ وڏي شوق سان ڳالهائي ٿو. جن هاڻي يو اي اِي کي پنهنجو مرڪز بنائي ورتو آهي. دبئي جو شهر هن جي يونيورسٽي آهي. اها ڳالهه هڪ اهڙو ماڻهو ڪري ٿو. جيڪو ڪڏهن به ڪاليج ناهي ويو. البت ان جي دبئي، هندستان جي هاءِ اسڪول توڙي هندستاني ڪلب وغيره سان ڏگهو واسطو ضرور رهيو آهي. بخشاڻي جو هي ڪتاب پنهنجي جاءِ تي تحقيق جي زمري ۾ پڻ اچي ٿو. جنهن ۾ دبئي جي ڪاروباري ڪهاڻيءَ کي پڙهندڙن لاءِ بنهه دلچسپ بڻائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. بخشاڻي تڏهن پنهنجي جوهر ۾ اچي وڃي ٿو. جڏهن هو دبئي جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ۽ اهو ته ڪيئن ان مان گهربل فائدو حاصل ڪجي. هي سڄو احوال دراصل هن جي جواني ۽ ڪاروبار جو احوال ئي آهي. زندگي خليج (Creek) سان گڏ سفر ڪري ٿي. جيڪو بعد ۾ گهرو ٿيندو ان ڳالهه جي موڪل ڏيو ڇڏي ٿو ته زندگي جي سفر جو جهاز وڃي ڪناري سان ڳنڍجي. زندگي جي ان ئي سفر ۾ دبئي جو اڳوڻو حڪمران مرحوم شيخ راشد خليج جي اوير ۽ اولهه جي وچ ۾ پُل اڏڻ واسطي امارات ۾ وڏي سگهه ۽ قوت ڏسي ٿو. اهو ئي سبب آهي،جو ان جي مستقبل جي ترقي ۽ اُڀار واسطي سڄو فريم ورڪ به تيار ڪرائي وٺي ٿو.

دبئي جو پنجاھہ واري ڏهاڪي ۾ وڏو اُپار آيو ۽ اهو ساڳيو ئي دور هو. جڏهن بخشاڻي عرب امارات ڪي پنهنجي ٻيو گهر بڻايو. تن ڏينهن راس الخيمہ هڪ واپاري مرڪز طور پوئتي وڃي رهيو هو. جڏهن تہ دبئي هڪ وڏي واپاري قوت بنجڻ واري موقعي مان ڀرپور طور لاڀ حاصل پئي ڪيو. تيل جي پيداوار ۾ اُپار آيو. جنهن ڳالھہ بعد ۾ حڪومت توڙي ملڪ جي سماجي، معاشي ڍانچي کي وڏي سگھہ بخشي. ائين دبئي تمام گھڻو اڳتي نڪري ويو ۽ پوئتي نهار بہ نہ ڪيائين. ايستائين جو 1990ع ۽ 2008ع واري معاشي لاٽ بہ ان جو ڪجھہ بگاڙي نہ سگهي.

ليکڪ هن ڪتاب ۾ پنهنجي ملڪ جي طرفان 1991ع ڌاري ڪيل مارڪيٽ پاليسي جي سڌاري واري فيصلي تي بہ تنقيد جو حق پاڻ وٽ محفوظ رکي ٿو. جڏهن هن اها ڳالھہ بہ واضع ڪئي آهي تہ هو نهروءَ واري سوشلزم جي پاليسيءَ کي ڪنهن بہ طرح سان بهتر نہ ٿو سمجهي. جنهن پاليسي کي آزادي کانپوءِ هن جي ملڪ ڪجھہ وقت تائين هلايو. جنهن سان لکين ماڻهن کي نقصان ئي پهتو.

جڏهن تہ معاشي سڌارن ۽ پنهنجي معيشت کي مارڪيٽ ۾ کولي ڇڏڻ واري ڳالھہ وڏي حد تائين انڊيا کي ٻي سڄي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. البت بخشاڻي اهو بہ واضع طرح سان ٻڌائي ٿو تہ انڊيا جي تارڪ وطن ماڻهن جي هندستان جي سياست توڙي پاليسي معاملن ۾ نہ هجڻ جي برابر ئي ڪردار آهي. ان حوالي سان هي صلاح ڏئي ٿو تہ ملڪ کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن جي موڪليل ناڻي واري لقاءُ کي هرطرح سان اهميت ڏيڻ گهرجي.

ان جي باوجود هي ڪتاب رڳو انڊيا جي اڻپوري ڪهاڻي ناهي. پر ڪتاب جي سڄي ڪهاڻي دبئي / عرب امارات جي جستجو جي باري ۾ ئي آهي. جيڪا هن ملڪ جي دور انديش حڪمرانن پنهنجي حڪومتي دور دوران ڪئي ٿي. ان ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو تہ زندگي جو ڏکهو رستو وٺڻ واري رام بخشاڻيءَ جي هيءَ ڪهاڻي جستجو جو روح ، روايتن جي فتح ۽ ڪاروبار جي قدرن جي ڪهاڻي آهي. جيڪي قدر اڄ بہ وڏي ساک رکن ٿا.

*allan@khaleejtimes.com*

# هڪ ڪامياب سنڌيءَ جي ڪٿا

## يوسف سنڌي

لي آيوڪوڪا (Lea Iacoca) آمريڪي واپاري دنيا ۾ هڪ افسانوي شخصيت (Legend) جي حيثيت رکي ٿو. هو 15 آڪٽوبر 1924ع تي آمريڪا ۾ ڄائو. هن واپاري ميدان ۾ غير معمولي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي، جيڪا ساڍن ٽن سئو صفحن تي مشتمل آهي ۽ نيويارڪ مان ڇپي آهي، انهيءَ جو نالو آهي.

IACOCA: AN AUTO BIOGRAPHY: 1984

هن لکيو آهي ته ’مون پنهنجي زندگيءَ مان اهو سکيو آهي ته ماڻهو هلندو رهي، ايتريقدر جو خراب حالتن ۾ به هلندو رهي ۽ مايوس نه ٿئي.ايستائين جو سندس دنيا ڍهندي هجي. مون سخت محنت جي اهميت کي ڄاتو آهي ته آخرڪار اوهان کي مفيد بنجڻ کپي‘. پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ کانپوءِ آخر ۾ هو لکي ٿو ’ماڻهو مون کان پُڇن ٿا ته زبردست ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي آهي، اوهين هن مقام تي ڪيئن پهتا آهيو. آئون اهو ئي جواب ڏيان ٿو جيڪو منهنجي والدين مون کي پڙهايو هو. ’پنهنجو پاڻ کي استعمال ڪريو‘.

آتم ڪهاڻيون هونئن به زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙ هونديون آهن ۽ پنهنجي جيوني لکندڙ جي اها خواهش هوندي آهي ته سندس ملڪ، جاتي ۽ ٻيا ماڻهو سندس حياتي جي ڪاميابين مان سبق پرائين ۽ ناڪامين تي سوچين ۽ ائين هو جيڪڏهن پنهنجي لاءِ ڪو رستو ڪڍي سگهن ته هنن جڻ هڪ وڏيڪ ڪاميابي ماڻي، اسان ’لي آيو ڪوڪا‘ جي جيوني جي متئين سبق جي آڌار تي، سنڌ جائي، هاڻ دبئي ۾ رهائش رکندڙ سنڌي واپاري، سماجي ڪارڪن ۽ ادب دوست شخصيت شري رام بخشاڻي جي آتم ڪهاڻي ”آڪيرا آڪاس ۾“ پڙهنداسين ته ان ۾ اسان جي لاءِ ڪيترائي ئي سبق سمايل آهن. شري رام بخشاڻي اڄ کان لڳ ڀڳ اڌ صدي اڳ ممبئي جي هڪ سنڌي اخبار ۾ دبئي ۾ نوڪري لاءِ خالي جڳهه جي خبر پڙهي قسمت آزمائڻ لاءِ درخواست فارم ڀري موڪلي ڏنائين. ان وقت سندس عمر ارڙهن سال هئي. جنهن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته ”منهنجي عمر اُن نوڪري جي لاءِ مناسب هئي. ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ مان بزنس جي مقابلي واري دنيا ۾ پنهنجي جڳهه پيدا ڪرڻ لاءِ بلڪل مناسب هوس.“

سندس ان پاڻ پروسي ۽ مقابلي واري لگن، مستقل ۾ ڪيس پنهنجي ڪيتر ۾ ڪاميابين مٿان ڪاميابيون عطا ڪيون ۽ ڪيس نہ رڳو دبئي، پر هندستان ۾ پڻ عزت پريو مقام عطا ڪيو. هن وري ڪڏهن بہ پوئتي مُڙي نہ ڏٺو پر هن دنيا ۾ گهڻو ڪجهہ ڏٺو.

شري رام بخشاڻي جڏهن پرڏيهہ اُسيو تہ دبئي هڪ ننڍو شهر هو جيڪو ماضيءَ ۾ موتين جي موسم ۾ جڻ جيءَ اٿندو هو پر پوءِ وقت گذرڻ سان دبئي نہ رڳو گلف جو اهم بندرگاهہ بنجي ويو پر حڪمرانن جي پاليسين سبب اڄ دبئي دنيا ۾ نهايت اهم ۽ پرڪشش هنڌ آهي. دبئي اها ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي، رام بخشاڻي لکي ٿو، "دبئي جي حاڪمن نون ايندڙ کي مفت زمين، ٽئڪس کان ڇوٽڪارو ۽ جان ۽ مال جي حفاظت جهڙيون سهولتون آڇي سندن من موهي وڌو. هو ايراني بندرگاهہ ڇڏي دبئي لڏڻ لڳا. اها سڀ انهن سهوليتن جي آڇ جو نتيجو هو جيڪي ڪين دبئي جي حاڪمن ڏنيون هيون." دبئي جي ان ترقي جو سچو نقشو ۽ احوال شري رام بخشاڻي هن ڪتاب ۾ اهڙي تہ سهڻي ۽ پيرائتي نموني چٽيو آهي، جو ان مان نہ رڳو جاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو پر اُتساهہ پڻ ملي ٿو تہ جيڪڏهن امن امان ۽ گڊ گورننس هجي تہ پوءِ ڪابہ شيءِ اوهان جي ملڪ جي ترقي ۾ رنڊڪ وجهي نٿي سگهي. دبئي قديم ۽ جديد جو عجيب سنگم آهي. رام بخشاڻي چواڻي "دبئي پکيڙ جي لحاظ کان يونائيٽيڊ عرب امارات ۾ ٻئي نمبر تي وڏو شهر آهي. هن شهر ۾ هڪ سئو کان بہ وڌيڪ قومون وڏي قرب، پيار، پنهنجائپ ۽ ڀائيچاري واري ماحول ۾ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي گڏجي رهنديون آهن. هن حقيقي اسلامي روايتن ۽ تهذيبن واري سماج ۾ هر شخص ٻئي ماڻهو جي ڌرم ويچار ۽ سڀيتا کي نہ رڳو برداشت ڪندو آهي، پر اُن جي دل سان عزت ڪندو آهي. دبئي جي تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسندؤ تہ اوهان کي هن شهر جي ترقي ۽ عروج جي پويان هتان جي حڪمرانن جو وڏو هٿ نظر ايندو. انهن جي دوranديشي ۽ انسان دوستيءَ سبب اڄ دبئي ان جاءِ تي آهي، جتي پهچڻ جي هامَ ڪيترا سڌريل ملڪ بہ هڻي نٿا سگهن. دبئي انهن ٿورين جڳهين مان هڪ آهي، جتي مسجد ۽ مندر هڪٻئي کان چند قدمن جي مفاصلي تي جڙيل نظر ايندا."

رام بخشاڻي پنهنجي هيءَ آتم ڪهاڻي روايتي انداز کان هٽي ڪري لکي آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ پنهنجي زندگي جي واقعن کي ٻڌائڻ بدران پنهنجي تجربن بيان ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي ۽ انهن تجربن ٻڌائڻ جي پويان اها نيڪ نيتي شامل آهي تہ پڙهندڙ سندن تجربن جي آڌار تي پنهنجي مستقبل جي رٿا بندي ڪن. ائين 'آڪيرا آڪاس ۾' هڪ گائيڊ بوڪ طور رهبري ڪندو بہ نظر اچي ٿو.

شري رام بخشاڻي هن ڪتاب ۾ سندس جن قومن سان واپاري لڳ لاڳاپو ۽ واسطو پيو، انهن جي طور طريقن ۽ عادتن بابت پڻ جامع جاڻ ڏني آهي ۽ هنن جي واپاري احوالن تي راءِ ڏيئي ساڻن پنهنجا تجربا بيان ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ هن جپانين جي محنت، مارڪيٽ جانچڻ جي انداز ۽ اُٿي ويهڻ بابت

نهايت اهم ڳالهيون بيان ڪيون آهن. هو ٻڌائي ٿو تہ جپاني ڪڏهن بہ اڪيلي سر ڪنهن ڪم ۾ هٿ نہ وجهندا آهن، هو نهايت سخت ڊسيپلين ۾ رهندڙ تيز ذهن رکندڙ ۽ اڳلي ڌر جي پڇ تي وجي ڪيڏڻ وارا آهن. هو هر شيءِ ڪاميابي توڙي ناڪامي جي جوابداري گڏيل طور تي کڻندا آهن. ٻي جنگ عظيم ۾ تباهي ڪانپوءِ جپان پنهنجون نيون پاليسيون جوڙيون ۽ انهن پاليسين تي عمل ڪري، ٿوري ئي عرصي ۾ اها تباهہ حال قوم اهڙي تہ اُڀري آئي، جو اڄ ساڻس ڪلهو هڻڻ بہ ڏکيو بنجي ويو آهي. رام بخشاڻي پنهنجي تجربي جي آڌار تي ٻڌائي ٿو تہ جپانين جي ترقي جو راز تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ سيڙپ ۾ آهي. ليکڪ جپانين کان ايترو تہ متاثر آهي جو لکي ٿو ’جپان ۽ جپانين منهنجي زندگي تي اونهون اثر ڇڏيو آهي‘.

’آکيرا آڪاس ۾‘ ارڙهن بابن تي ٻڌل 394 صفحن تي ٻڌل ڪتاب آهي، ’بابن جا عنوان ڏاڍا دلچسپ، معنيٰ خيز ۽ با مقصد آهن. جهڙوڪ ’نئون ڏينهن، نئين شروعات‘، ’موتين جي ڳولها لاءِ غوطا‘، ’جيڪو ڏاڍو سو ڳابو‘، ’زمانو ڪيترو بہ بدلجي، حالتون ساڳيون ٿيون رهن، ’پنهنجي پسند جو سوال‘، ’تبديلي جي ڪا منزل ناهي‘، ’نئين پيڙهي نئين اميد‘، ’ڪراڙو ۽ وڏيڪ ڏاهو‘.

رام بخشاڻي رڳو روايتي واپاري ڪونهي، پر هو پنهنجي جاتي ۽ پنهنجي قوم ڏانهن بہ پنهنجي پاڻ کي ٻڌل ٿو سمجهي. ڪتاب جي چوڏهين باب ’ڇا سنڌيت کي ڪو خطرو آهي يا سڀ ٺيڪ آهي؟‘ ۾ پاڻ سنڌين جي محنت ۽ سندن اڳتي وڌڻ جي جستجو تي ڳالهائي ٿو. هن پاڻ بہ سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلچر کي زنده رکڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، پر سنڌي ٿيئٽر ۽ ناٽڪ جي حوالي سان پڻ سندس خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن. اسٽيج تي پيش ٿيندڙ ناٽڪن ۾ ڪن موقعن تي پاڻ ڪردار پڻ ڪيا اٿائين. جيڪو خود عملي طور تي هڪ اُتساهيندڙ عمل آهي. جيتوڻيڪ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جو آئيندو ڪو سنو نظر نٿو اچي، پر پوءِ بہ اُميد جو دامن هٿان ڇڏڻ نہ گهرجي، ٻولي جي زنده رهڻ جي حوالي سان پاڻ لکي ٿو ”ڪا بہ ٻولي اڪيلي سر پاڻ مرادو زنده رهي نٿي سگهي، ٻوليءَ جي وڌڻ ويجهڻ لاءِ نواڻ جي گهرج هوندي آهي. ان واسطي نئين زماني جي نون لفظن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ شامل ڪرڻو پوندو. ڪي بنيادي اصول ڦيرو ڦار جوڙڻا پوندا. زماني سان گڏ هلڻو پوندو، جيڪي رُڪيا سي رهجي ويندا.“

ڪتاب جو آخري باب ليکڪ جي ڪٽنب، ٻارن جي پالنا ۽ انهن کي پنهنجي ڏڳ لڳائڻ جي باري ۾ آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ جيئن ليکڪ واپاري دنيا ۾ ڪاميابي ماڻي، تيئن سندس تربيت ۽ پالنا، سندس ننهي نياڻين کي پنهنجي پنهنجي منزل جي چونڊ ۾ بااختيار ڇڏڻ ۽ سندن گهربل رهنمائي ڪري، مٿن پنهنجي مرضي نہ مڙهڻ سان کين اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن ٿا، ان حوالي سان بہ رام بخشاڻي

هڪ ڪامياب انسان چئبو.

زندگيءَ ۾ تبديلي تمام ضروري آهي، جن قومن، ملڪن يا فردن پاڻ ڪي تبديل نہ ڪيو سي وقت گذرڻ سان گڏ فنا ٿي ويا. تنهنڪري تبديل ٿيڻ وقت جي گهرج هوندي آهي، رام بخشاڻي چواڻي، ”تبديلي ڪائنات جو قانون آهي، زندگي ۾ ڪا هڪ شيءِ دائمي آهي تہ اها آهي تبديلي“. پر اسان تبديلي جي ڳالهہ تہ ڪندا آهيون، پر چاهيندا آهيون تہ ٻيا تبديل ٿين، پر رام بخشاڻي چوي ٿو ”جيڪڏهن مان دنيا کي بدلائي نٿو سگهان تہ گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي تہ بدلائي سگهان ٿو“. هنن لفظن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي تہ جيڪڏهن ٻين کي تبديل ڪرڻ جي خواهش رکڻ بدران هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري تہ سڀ ڪجهہ بدلجي ويجي. رام بخشاڻي جو هي ڪتاب ’آڪيرا آڪاس ۾‘ پڙهي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ هڪ اُتساهہ ٿو محسوس ڪري.دل ۾ هڪ نئين امنگ، جذبوءِ ولولو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان سنڌين کي ڪاميابي لاءِ هر ميدان ۾ اڳتي وڌڻ گهرجي. ’لي آيو ڪوڪا‘ جي لفظن ۾، هلندو رهجي. هلندو رهجي. پوءِ پلي وقتي ناڪاميابيون بہ پلئہ پون، پر رام بخشاڻي جي لفظن ۾ ’سنڌين ۾ حالتن سان سرچاءُ ڪرڻ جي وڏي شڪتي آهي. هنن ۾ هڪ ٻي خوبي اها بہ آهي تہ ڪِرڻ کانپوءِ همت ڪري، هڪدم اُٿي نئين سر وري اڳتي وڌڻ جي ڪندا آهن. مٿي ٿي هٿ ڏئي ڳڻتي ۽ ڳاراٽي ۾ وقت نہ وڃائيندا آهن.‘

جيئن مون مٿي ’لي آيو ڪوڪا‘ جو مثال ڏنو تہ هن پنهنجو پاڻ کي يعني پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪري ڪاميابي ماڻي، تيئن شري رام بخشاڻيءَ بہ پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪيو ۽ اعليٰ پد تي پهچي نہ رڳو اسان سنڌين لاءِ، پر دنيا لاءِ مثالي شخصيت بنجي ويو آهي.

رام بخشاڻي جي هيءَ آتم ڪهاڻي پهريون ڀيرو انگريزي ۾ Taking the High Road جي نالي سان ڇپي. جيڪا پوءِ 2004ع ۾ محترم قمر شهباز سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي ۽ سنڌي اڪادمي دهلي پاران 2005ع ۾ ڇپي. ڪتاب جو مهاڳ دادا جي پي واسواڻي لکيو آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو ’رام بخشاڻي جي آتم ڪٿا سنڌي جاتيءَ جي اڻٿڪ محنت، لگن ۽ اورچائي جو انوکو داستان آهي.‘

(روزاني سنڌ ايڪسپريس. 30 ڊسمبر 2013ع)

*

# سهڪاري ڪتاب

هن ڪتاب- جي لکڻ ۾ هيٺين ڪتابن مان قيمتي حوالا ورتا ويا آهن:

Sindhis through the aes- vol. 1 and 2 by Prakash Bharadwaj the Sindh story by K.R. Malkani, a saga of trials and triumphs of Sindhis by Mira Govind Advani, Sindhi ain Sindhyat by Ram Panjwani, Sindhis the scattered treasure by Popati Hiranandani. Stories about partition of India edited by alok Bhalla Mapping memories edited by Sukrita Paul, The other side of silence, voices from the partition of India by Urvashi Butalia, Father of Dubai: Sheikh Rashid bin Saeed al Maktoum by Graeme Wilson, The Japnese Conspiracy, a strunning analysis of the international trade war by Marvin J Wolf, the development of Japanese Business by Hirschmeir and T Yui.

From trucial state to united Arab Emirates by Frauke Heardbey, from rages to riches, a story of Abu Dhabi by Muhammad Al Fahim Oil and Politics in the Gulf: Rules and Merchants in Kuwait and Qatar by jill grystal, A short History of Arab peoples by Sir John Gulf. Arabian Sands by Wilfred Thesiger, International Migration and Development in the Arab Region by JS Birks and CA Sinclair, The Global World of Indian Merchats (1750-1747) by Claude Markovits, India Unbound by Gurcharan Das, the times guide to the middle east edited by Peter Sluglett and Marion Farouk- Sluglett, the wells of memory by Easa Saleh al Gurg and the Arab world by Alan M Findlay.

❊